سوچ جو سفر

دنيا جي عظيم انسانن جو شعور، فڪر ۽ فن
جي پسمنظر ۾ مطالعو

انعام شيخ

Sindhica
سنڌيڪا

سوچ جو سفر

سنڌيڪار ۽ سهيڙيندڙ

انعام شيخ

Sindhica
سنڌيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كتاب نمبر

51

حق ۽ واسطا محفوظ

كتاب جو نالو: سوچ جو سفر

سهيڑيندڙ ۽ سنڌيڪار: انعام شيخ

پهريون چاپو: 1996ع

چپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي

چپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڈمي ڪراچي

ملهه: 150 رپيا

"Soach jo Safar"

(Journey of Thought - in the background of the memorable works of world Giants)

Compiled & Translated by: Inam Shaikh

Published by: Sindhica Academy, Karachi-74400

Ph: 7737290

Printed at Azad Communications Karachi- 74400

Price: Rs. 150

لکڻهه ۽ وي پي ۽ ذريعي گهرائڻ لاءِ

سنڌيڪا اڪيڈمي

B-24 نيشنل آٽو پلازه، مارسٽن روڊ

پوسٽ باڪس نمبر: 7363، ڪراچي 74400

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سِٹاءُ

پبلشر پاران		5
پہ اکر	سراج	7
.... تہ پٹ زاحت رِنّ ہِ	سنڈیکار	13
جون آف آرک		21
مارٹن لُوٹر		37
سرفرانسس نکولس بئکن		45
رین دیکارت		55
اسپنوزا بارُک بینڈکٹ		75
لیبنز گوٹفرید ولھلم وون		97
جان لاک		121
بشپ جارج برکلي		137
فرانسئا ماري ارائوٹ والٹیئر		159
جین جیکس روسو		177
پرسي بشي شیلي		197
لارڈ گوردن نوئل بائرن		215
استنڈال		227

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آرٿرشو پنهار 235
گُستاف فلابيئر 247
فيو دور ميخائيلو وچ دوستووسڪي 261
ڪارل مارڪس هينرخ 275
رچرڊ فرانسس برٽن 285
فريڊ رڪ نٽشي 297
انٽون پاولو وچ چيخوف 309
ايڊٿ لوئيزا ڪاويل 337
رچرڊ واگنر 349
لينن ولاديميئر ايلييچ اوليانوف 355
فرانز ڪافڪا 367
ولاديمير مايا ڪووسڪي 375
ليون ٽراٽسڪي 395
البرٽ آئنسٽائن 409
وليم سمرسٽ ماهم 419
چي گويرا 431
سارترجين پال 445
گئبريل گارشيا مارڪئيز 451

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پبلشر نوٽ

"سوچ جو سفر" سنڌيڪا اڪيڈميءَ جو ايڪونجاهون ڪتاب آهي، جيڪو مغرب جي ڏاهن، سورمن ۽ ڪلاڪارن جي ڏاهپ سورهيائي ۽ ڪلا جي روشني ۾ انهن جي سوانحي خاڪن تي مشتمل آهي. مغرب ۾ فڪر ۽ ڏاهپ جي اوسر ۾ جن وڏين شخصيتن جو حصو آهي. انهن مان اڪثر جو تذڪرو هن ڪتاب ۾ شامل آهي. اها اوسر ڪهڙين حالتن ۽ ڪهڙين پسمنظر ۾ ٿي ان جو احوال به موجود آهي، جنهن کي پڙهي آفاقي ڏاهپ جي ان حصي جي تسمن سان اسان جو شعوري تعلق ڳنڍجي وڃي ٿو.

موجوده حالتن ۾ اسان جو الميو هي آهي ته هتي فڪر ۽ ڏاهپ جي اوسر بلڪل رڪجي ويل آهي ۽ هينئر چڙواڳي بيگانگي ۽ بي مقصديت جي شاهراه تي تيزيءَ سان روان دوان آهيون. ان جو هڪ سبب هيءُ به آهي ته هتي اسان جي پڙهيل ڪڙهيل اڪثر ماڻهن پنهنجو پاڻ کي عقلِ ڪل سمجهڻ شروع ڪيو آهي ۽ پوئين شعوري ورثي سان اسان بلڪل لاتعلق رهجي ويا آهيون. اسان وٽ فڪر ۽ ڏاهپ جو مشرق مان اسريل وڏڙ، جهڙي پرپور جوين ۾ موجود آهي، اسان ان سان به پنهنجو شعوري لاڳاپو قائم نه رکي سگهيا آهيون ۽ ائين جيئن پوءِ تيئن اسان جي پنڪڻ جو عمل به تيز ٿيندو پيو وڃي.

هن ڪتاب جي تسلسل ۾ حضرت محمدصہ کان وٺي موهن گانڌي تائين، شاهه لطيف کان وٺي ڊاڪٽر شريعتي تائين، عبيدالله سنڌي کان وٺي سياش چندر بوس تائين، اهڙين شخصيتن جي فڪر،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاهپ ۽ سورهيائيءَ ڪان اسان جي نوجوانن کي آگاهه ڪرڻ جي ۾ سخت ضرورت آهي.

اسان جي موجوده ٽهيءَ ۾ محترم انعام شيخ جيئن ته فڪر ۽ ڏاهپ جي ڪيتر ۾ لکڻ جي حوالي سان پاڻ موکيندي سڀ کان اڳرو رهيو آهي ان ڪري هو مشرق مان اسريل فڪر ۽ ڏاهپ تي ۾ بخوبي ڪم ڪري سگهي ٿو. اهڙي ٽمنا اسان سنڌ جي ٻين ليکڪن کان ۾ رکون ٿا ۽ سنڌيڪا اڪيڈمي اهڙي قسم جي ڪوششن کي پڏرو ڪرڻ پنهنجي لاءِ اعزاز سجهندي.

نوراحمد ميمڻ

چيئرمين

سنڌيڪا اڪيڈمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَ اکر

انساني فکر جي، جن عظيم انسانن آبياري ڪئي آهي، تن جي زندگيءَ بابت ڄاڻ ۽ سندن تجربن بابت واقفيت، هڪ ٻي وقت، ۾ حاصلاتون عطا ڪري ٿي. پهرين حاصلات ته اها آهي، ته انساني فکر لاءِ، هڪ چاهه پيدا ٿئي ٿو، ۽ پڙهندڙ ان جو همسفر ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جڏهن اها ساڃهه پيدا ٿئي ٿي، تڏهن ان منجهان، هڪ ڳولا ۽ هڪ تجسس ۾ پيدا ٿئي ٿو- ته انهن عظيم انسانن، پنهنجي زندگي، ڪهڙي ماحول ۽ ڪهڙن حوالن سان گذاري آهي. ٻي حاصلات اها آهي، ته مختلف شخصيتن بابت، اُنَ ڄاڻ منجهان، انهن لاڙن ۽ رجحانن جي خبر پوي ٿي، جن انساني فکر کي، معاشرتي اوسر جي حوالي سان، موجوده سطح تي پهچايو آهي. انعام شيخ، جن عظيم انسانن کي، هن ڳُٽڪي ۾ شامل ڪيو آهي، سي مغرب جي فڪري اوسر جا، مهندار آهن، ۽ مغربي فڪر، ڪنهن نه ڪنهن طرح سان، ٿورو ڪي گهٽو، اسان تائين ۾ پهتو آهي. ان کي پهچائڻ ۾، سُڄاڻ اديبن ۽ شاعرن، وڏو ڪم ڪيو آهي. انهن سڄاڻ اديبن ۽ شاعرن ۾، گهٽا اُهي آهن، جن کي، انگريزي زبان تي، دسترس حاصل آهي. انعام شيخ ۾ هنن منجهان آهي.

ترجمو هڪ ڏُکيو فن آهي، ۽ جڏهن ڪو مترجم، فلسفي ۽ معاشرتي علم جي، ڏُکين موضوعن کي، سنڌيءَ ۾ منتقل ٿو ڪري، تڏهن ضروري آهي، ته هُن کي، انهن موضوعن جي، بنيادي ڄاڻ ۾ هجي. انعام شيخ، اهڙو تُر ۽ ديانت ۽ريو ترجمو، ان لاءِ ڪري سگهيو آهي، جو هُن وٽ، فلسفي ۽ ادب جي، 'بنيادي ڄاڻ' ۾ آهي. هُن جيڪي ۾ ترجما ڪيا آهن، تن جي اڳيان ڏنل مختصر مهاڳن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منجهان ٿي، هن جي ان لياقت ۽ صلاحيت جو اندازو ٿي وڃي ٿو. سارتر جي وجوديت کان وٺي، ڇي گويرا جي انقلاب تائين، هن اهڙا مضمون ترجمي لاءِ چونڊيا آهن، جيڪي عام سوانحي خاڪن کان هٽيل ۽ منفرد آهن. روسو، والٽير، لاڪ، اسپنوزا، ديڪارت، بيڪن، شوپنهار، مارڪس، فلابيئر، نٽشي، ڪافڪا، سارتر- اهڙا نالا آهن، جيڪي مغربي فڪر جا روشن مينار آهن، جن کي تفصيل سان پڙهڻ لاءِ، هڪ عمر گهرجي. ان ڪري، جيڪڏهن ڪن مختصر مضمونن ۾، سندن شخصيت ۽ فڪر جي ترورن جو، نظارو ڪري سگهجي، تہ اها وڏي ڳالهہ آهي. پر ان کان سواءِ، اها ڳالهہ بہ اهم آهي، تہ انهن سمورن کي، هڪ ئي وقت پڙهڻ سان، فلسفي جو هڪ، رنگبرنگي منظر (PANORAMA) سامهون اچي ٿو وڃي. پاڻ اهو ٿو ٿئي، تہ هونئن جيڪي گوشا، ايترا پڌرا ڪونهن، سي بہ تقابلي مطالعي جي ڪري، روشن ٿيڻ لڳن ٿا. سارتر ۽ ڪافڪا کي گڏ پڙهڻ جو، لطف ئي اوڙ آهي. وجوديت جا اسرار، هتن جي بہ شخصي پس منظر ۾، واشگاف ٿيڻ لڳن ٿا.

ساڳيو لطف، انقلاب جي بہ داعين ۽ مهندارن، تراتسڪي ۽ چي گويرا جي شخصيتن جي، تقابلي جائزي منجهان حاصل ٿئي ٿو. هڪڙو پنهنجن هٿان ماريو ويو ۽ بئي کي انقلاب دشمنن، چيچلائي ماري چڏيو، جيتوڻيڪ بنهي جو پنڊ ۽ پيچرو ساڳيو هئو.

اهائي ساڳي ڳالهہ، مغربي ادب جي، ڪن وڏن نالن سان بہ ٺهڪي اچي ٿي. سمرسيٽ ماهم کان مارڪيز تائين، ڪهاڻي، (FICTION) هڪ وڏو سفر طئي ڪيو آهي، ۽ ان سفر ۾، جيڪي سنگ ميل آيا، سي هنن جي شخصي زندگيءَ جي لاهن چاڑهن ۽ زندگيءَ ڏانهن سندن رويي جي تفاوت، جي عينڪ سان، ڏسي سگهجن ٿا. چيخوف ۽ دوستو وسڪيءَ جي پيٽ، روسي ادب جي ماضيءَ کي، هڪ روشن باب وانگر، سامهون ٿي آڻي. شيلي ۽ بائرن جا خاڪا پڙهي ڏسو ۽ پوءِ مائڪو وسڪيءَ تي، سندس محبوبا جو خاڪو سامهون رکو، تہ انگريز ۽ روسي ادراڪ (SENSIBILITY) جو تفاوت، اکين ۾ گهورڻ ٿو لڳي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انگريزيءَ ۾، اهڙا سوين ڪتاب ڇپجندا رهن ٿا، جيڪي انساني تاريخ جي، وڏن نالن جي خاڪن تي مشتمل آهن. "سؤ وڏا ماڻهو" (HUNDRED GREAT MEN) ۽ "سؤ وڏا شاعر" (HUNDRED GREAT POETS) جهڙا سلسلا، انگريزي پڙهندڙن کي، مختصراً هڪ نئين دنيا جو سير ڪرائيندا رهيا آهن. سنڌي ادب ۾، ان قسم جو سلسلو شروع ڪري، انعام شيخ ۽ هن ڪتاب جي پبلشرن، هڪ نهايت اهم ۽ سٺي روايت قائم ڪئي آهي.

هڪ ڳالهه ڏانهن، البت، ڌيان ڇڪائڻ ضروري ٿو سمجهان. سا اها آهي، ته مصنفن، فيلسوفن ۽ سندن تخليقن يا فڪر جا، جتي به نالا آيا آهن، انهن کي انگريزيءَ ۾ به ڏيڻ گهربو هئو. هڪڙو ته ان منجهان، پڙهندڙن جي ڄاڻ ۾ اضافو ٿئي ها، ۽ ٻيو ته ڪي نالا يا لفظ، جيڪي ٻين زبانن جا آهن، تن جا صحيح اُچار به پڙهندڙ پاڻ سوچي سگهن ها. هتي ڪجهه مثال ڏيان، ته شايد منهنجي ڳالهه واضح ٿي پوندي. مثلاً سارتر واري مضمون ۾، هڪڙي ٻئي ادیب کي "گينيٽ" سڏيو ويو آهي. فرانسي ادب ۾ (GENET) يعني "ٻيني" هڪ وڏو نالو آهي. هن کي "گينيٽ" سڏڻ سان، مغالطي ٿيڻ جو جوکم آهي. ساڳي طرح مشهور مصور (PAUL GAUGUIN) کي، "پال گاگن" لکيو ويو آهي، جڏهن ته صحيح نالو، "پال گوگئن" آهي (جنهن ۾ نون غُنويا ساڪن آهي). هي مون ٿورا مثال، رڳو ان ڪري ڏنا آهن، ته جيئن پڙهندڙن کي، اسين جيڪي به نالا پڙهڻ لاءِ ڏيون، انهن جي صحيح اُچارن کان به، هنن کي واقف ڪندا هلون. نه ته ڪنهن ادبي محفل ۾، جيڪڏهن ڪو پڙهندڙ، غلط تلفظ سان ڪنهن وڏي مفڪر، ادیب، ڪتاب يا شهر جو نالو ڪڍندو، ته ڪيس نامناسب صورتحال ڏسڻي پوندي.


ان اعتراض کي پاسيرو رکندي، آئون اهو وري به چوندس، ته انعام شيخ، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ، هيءُ وڏو ۽ بيش- بها خزانو پيش ڪيو آهي، جنهن لاءِ هو جَسُ لهڻي.

24- آڪٽوبر 1996ع
ڪراچي

سراج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڻپنا

پنهنجن اُنهن وڏڙن جي نالي
جن هڪ صدي اڳ
پنهنجو ويساهُ مَٽائي
ساهه کي سنڌ جي سرزمين سان
سلهاڙي رکيو

مون کي
پارت جي شرنارٿي ڪئمپ جو واسي ٻُڌڻ کان
بچائي ورتو.

"شبِ خيالت در برمن بود همدم تاسحر"
(ڪاڪا رات ڀِرهه ڪنيءَ تائين، آئون لاڳاتار توهان بابت سوچيندو رهيس).
'مير صوبدار خان'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

... قہ پڻ راحت رڻ ۾

سنڌ جي ۽ ادبي ۽ علمي حلقن ۾، هميشہ طبعزاد تخليق ۽ ترجمي جي هڪ-ڪري رُتبي بابت، مختلف اعتراض پئي رهيا آهن. مان انهيءَ بحث کي،هتي ورجائڻ بدران، رڳو اهو عرض ڪرڻ ٿو گهران، تہ عام طور تي، اسان وٽ اديبُ، ڪلاڪارُ، يا ساهتڪارُ، اُنهيءَ سرجٹهار کي مڃيو ويندو آهي، جيڪو ڪهاڻي، شاعريءَ يا مضمون وغيره جي صورت ۾، پنهنجي تخليقي سُڃاڻپ ڪرائي وڃي. انهيءَ سان گڏ،مترجم کي، اسان وٽ نقال يا هڪ قلمي پورهيت کان وڌيڪ حيثيت،ڪونہ ملي سگهي آهي. شايد اهوئي بُنيادي ڪارڻ آهي، جنهن ڪري،سنڌ جو وڏي تعداد ۾، نہ رڳو دُنيا جي علمن ۽ تخليقن سان تعارف نہ ٿي سگهيو آهي، بلڪ پاڻ کي،جهجهي انگ ۾ لائق ۽ معياري مُترجم ب ملي نہ سگهيا آهن.

ظاهر آهي،تہ ڪنهن ب رُخ ۾،ترقيءَ جي مُناسب حاصلات لاءِ، سڀ کان پهريون شرط، مختلف حلقن طرفان،مناسب دلچسپيءَ جو هُجڻ آهي. جڏهن ڪنهن ب قوم جو وڏو حصو، پنهنجي سوجهيءَ جو بُنياد، غير ضروري قسم جي پرستاريت، تعصب يا اڻ ڏٺڙ خواهشن جي بُنياد تي رکي ٿو، تہ پوءِ اُن جي قيمت ب ڪيس ادا ڪرڻي پوي ٿي! مُنهنجي ذاتي راءِ آهي،تہ علم، فن، هُنر توڙي ساڃاهہ جي حصول جي سلسلي ۾، مستقل طور تي روايت ۽ رومانويت جو شڪار هُجڻ ڪري، اسين سنڌي ماڻهو،دُنيا تہ ڇا، پر پنهنجي علاقي (Region) جي ترقيءَ جي رفتار کان ب،ڪافي پُنتي آهيون. انهيءَ رفتار ۾ تڪَ آڻڻ لاءِ، پاڻ کي،فقط هڪ واٽ ئي سُجهي ٿي، سا اها تہ هنگامي بُنيادن تي، دُنيا جي علم، ادب ۽ تحقيق سان، پنهنجو ناتو جوڙي، ٻين جي تجربن ۽ ترقيءَ مُنجهان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سبق پرائجي. اهو ته هاڻي بلڪل ڇڙو ٿي ڇڪو آهي، ته انهيءَ سلسلي ۾، ترجمي جو فن، اسان لاءِ هڪ مددگار راهه بڻجي سگهي ٿو.

هيءَ صلاح،ڪا نئين رِٽ ناهي، پر پُراڻي جُڳ کان ولي، جن به تهذيبن/ قومن،ڪنهن به قسم جي داخليت جو شڪار بڻجڻ بدران، پين جي تجربن منجهان پرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تن کي،تنقيد جو اعليٰ شعور حاصل ٿيو آهي- ۽ انهيءَ شعور جي مُهابي، اُنهن قومن،پنهنجي اصل ڪَتَ ڪندي، گهڻي وقت تائين، دُنيا جي گولي تي،عزت ۽ مهانتا ماڻي آهي. قديم يورپ ۾ چانيل وحشيپڻي جي خاتمي جو هڪ سبب، قديم ۽ جديد عهدنامي جو،لاطيني زبان ۾ ترجمو ٿيڻ ۽ يوناني ڏاهپ جو،باقي يورپ تائين پهچڻ آهي. بلڪ جديد يورپ جي به اڃوڪي ترقي ۽ خوشحاليءَ منجهه، اِبن رُشد، اِبن سينا، جابر بن حيان، خوار زمي، رازي، البيروني، اِبن خلدون ۽ ابن بطوطا سميت، بيشمار مسلمان ۽ عرب فيلسوفن، دانشورن ۽ سائنسدانن جو سڌو ڪردار آهي. جن جو علم ۽ ڪاوشون، جڏهن لاطيني، فرانسي ۽ اسپينيءَ وغيره ۾ ترجمو ٿي وڃن پهتيون، ته سندن شعور جو ڳڙڪيون،وڌيڪ ڪُلنديون ويون. بعد ۾ اهو سُجهندو ٿي، سندن نئين رُخ ۾ راهبري ڪندو رهيو.

علم، ڏاهپ ۽ تخليق جي لاءِ اهو مرتبو، جڏهن عربن هند ۽ سنڌ جي لاءِ اختيار ڪيو، ايران، بابل، مصر، چين، وچ ايشيا، آفريقا ۽ لاطيني آمريڪا، هڪٻئي جي صلاحيتن جو احترام ڪرڻ شروع ڪيو، ته دُنيا ڏانو، ته ڳوهون ڪائيندڙ عرب، دُنيا جي اِصلاح جا داعي بڻجي پيا، فارس ۽ عراق جي تهذيبن، عظمتن جا نوان معيار پڌا ڪيا. ساڳي طرح مختلف علاقن، اهوئي رستو اُڪري، پاڻ کي غيرمعمولي منزلن تي پهچايو.

نواڻ ۽ لياقتن لاءِ احترام بابت،اها پراڻي ريت اختيار ڪندي، جاپان، چين ۽ جرمنيءَ سميت ڪيترين ٿي قومن، اهڙا ته جديد سرشتا جوڙي ڇڏيا آهن، جو ڪاڏ ڪارائتي ڳالهه، دُنيا جي ڪنهن به ڪُنڊ ۾ ٿئي ٿي، ته اُها هڪدم سندن ٻوليءَ جو حصو بڻجي، اُنهن جي علم جو اڻ ٽُٽ حصو ٿئي ٿي. اهڙي طرح،هو سڄي دُنيا جي علميءَ ۽ تخليقي آئيني ۾،پنهنجو چهرو پَسندا، اڳتي وڌندا ٿا وڃن.

اهڙي صورتحال جي مختصر جهلڪ پسڻ کان پوءِ، اسان آڏو اهو واضح ٿي پوي ٿو، ته ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جي راهه، لڪير جي فقير ٿي ويهڻ ۽ منفيَ قسم جي روايت پسنديءَ ۾ نه، پر وسيع خياليءَ، حقيقت پسنديءَ ۽ گهڻ پاسائين علم/ شعور جي مُهابي ٿي ملي ٿي. ۽ انهن سيني خوبين جي حاصلات،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُنر ۽ صنعت کان وڌي، فکر ۽ سوچ جي ايوانن تائين هُجڻ کپي. تنهن ڪري ڪائناتي جاڻ منجهه، جيڪڏهن ترجمي نگاريءَ سميت، ڪنهن به رُخ ۾، ڪوبه انسان يا خِطو پاڳي پائيواري ڪري ٿو، تہ اهو نہ رڳو پنهنجو قومي/ علائقي جي خدمت ڪري ٿو؛ پر اصل ۾ هُو جڏ تہ سڄي انسانذات جي بقا لاءِ به جاکوڙي ٿو. اهو ويچار ذهن ۾ رکندي، جيڪڏهن اسين شين جي وجود بدران، اُنهن جي بُنيادي ڪارج کي پنهنجي دلچسپيءَ جو مرڪز بڻائينداسين، تہ اسان لاءِ واضح ٿي پوندو، تہ طبعزاد تخليق يا ترجمو ٿي فقط اهم شئي ناهي، ۽ نہ وري منجهائن ڪنهن به شئي جي 'وڌيڪ اهميت' ثابت ڪرڻ ڪو وڏو مسئلو آهي! اصل ۾ 'لاڳو سماجي حالتن تي،هاڪاري انداز ۾ اثر انداز ٿيڻ' ئي هڪ اهڙو ماپو آهي، جيڪو ڪنهن به قسم جي 'ڪم جي اهميت' کي نروار ڪري ٿو. تنهن ڪري سنڌ جي حوالي سان،ابوالحسن کان وڌي،مولانا تاج محمد امروٽيءَ تائين ۽ ديوان ڪوڙي مل کان،بيدل مسرور تائين، جن به مترجمن سنڌي ٻوليءَ جي گهٽگهرن، ٻين ٻولين جي خزانن کي،سنڌي ٻوليءَ جي ملڪيت ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تن جي پورهيي کي،ڪنهن به حيثيت ۾،ثانوي سطح تائين آڻڻ، شديد ناانصافي چئبي. ڇو تہ سنڌن محنتن ۾ فن ۽ محنت جي،اها لالچ کان وانجهيل سيڙپ موجود آهي، جيڪا ڪنهن به تخليق ڪار جي روح جو آواز هُجي ٿي. اهائي خاصيت آهي، جنهن جي واکاڻ ڪندي،ٽي- ايس ايليٽ پنهنجي مضمون "تنقيد جو منصب" ۾ چيو آهي: "آئون انهيءَ ڳالهه جو انڪاري ڪونہ آهيان، تہ فن،پاڻ کان سواءِ،ڪجهه ٻين مقصدن جي طلب ڪري سگهي ٿو، پر فن جي پنهنجي لاءِ،اُنهن مقصدن کان واقف هُجڻ،لازمي ڪونہ آهي. حقيقت ۾ تہ،فن پنهنجو مرتبو (اهو ڪهڙو به هُجي)، قدرن جي مختلف نظرين موجب، وڌيڪ بهتر نموني،تڏهن ٿي ماڻي سگهي ٿو، جڏهن اهو،پنهنجن ڪن خاص مقصدن جي،تڪميل ڪرڻ ڇڏي ٿو ڏئي."

جيتريقدر ترجمي جي صورت جو تعلق آهي، تہ عام طور تي،اُن جا ٻہ قسم هُجن ٿا. 1- علمي يا تدريسي، 2- خالص ادبي.

هنن منجهان،پهريون قسم،اسان کي تُز معلومات يا جاڻ ڏئي ٿو ۽ شعوري ڪوششن ذريعي، پنهنجي رَسائي مُمڪن ٿو ڪري. جڏهن تہ ٻيو قسم، پهرين جا سڀ لوازمات پاڻ سان سلهاڙيندي ٻہ، هڪ احساساتي قسم جو ربط پيدا ڪندي، لاشعوري طور تي،شخصيت ۽ بعد ۾ ماحول ۾،تبديليءَ جا اثر منعڪس ڪري ٿو. هڪ سُٹي مترجم لاءِ ضروري آهي، تہ هُو نہ رڳو ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻ ٻي ٻوليءَ جي علم ۽ ڏاهپ جي جوهر کي بيان ڪرڻ جي صلاحيت رکي، پر پنهنجي ٻوليءَ جون سڀ نفاستون ۽ خوبيون ٻ،اُن سان اهڙي طرح سلهاڙي هلي، جو پڙهندڙ پنهنجي دلچسپي مسلسل برقرار رکي سگهي. ڪيس نہ رڳو اصل ۽ ترجمي واري ٻوليءَ جي مختلف صوتياتي تاثرن، صرف ۽ نحوجي ترڪيبن، لهجن ۽ محاورن جي جاڻ هُجڻ ضروري آهي، پر هڪ ٻوليءَ جي ليکڪ ۽ ٻي ٻوليءَ جي پڙهندڙ جي وچ ۾، نفسياتي ڪيفيتن جي جيڪا ڪارگذاري هجي ٿي، تنهن کي ب ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي. هُن کي نہ رڳو اصل جي تخيل ۽ تصور جي نفاست کي برقرار رکڻو آهي، پر ترجمي جي سلوٽائپ ۽ روانيءَ کي ذهن ۾ رکي قلم کڻڻو آهي. ٽورڙن لفظن ۾ چٽجي، تہ ڪيس ڏاريئي لکندڙ جي ڳالهه، پنهنجي پڙهندڙ تائين، اهڙي ٿي وٽندڙ ۽ مُناسب صورت ۾ پيش ڪرڻي آهي، جيئن اصل ليکڪ پنهنجي پڙهندڙ تائين پهچائڻ پٽي گُهري.

پر اهو سڀ ڪُجه هوندي ب، ذهن ۾ رکڻ گُهرجي، تہ فقط رواني ۽ آساني ٿي ڪنهن ب چگي ترجمي جا معيار ناهن. ڪٽي ڪٽي،جڏهن اعليٰ قسم جي تدبر، فڪر ۽ گهري فيلسوفاٽي سوچ سان لاڳاپيل وکر ترجمو ٿين ٿا، تہ ظاهر آهي تہ، اُهي عام پڙهندڙ جي سمجه جي ابتدائي سطح سان، ميلُ کائيندي نظر نہ ايندا ۽ نہ وري آسانيءَ سان سمجهي سگهبا. چاڪاڻ تہ اُنهن کي سمجهڻ لاءِ، بين ابتدائي اصولن يا قائدن کي سمجهڻ لازمي هوندو آهي. بلڪ ڪن هنڌن تي ته،هڪ-جهڙا موضوع ب،قومن/ ٻولين جي مزاج جي مختلف هُجڻ ڪري، بلڪل تُز انداز ۾ ترجمو نہ ٿي سگهندا آهن. اهڙي موقعي تي، مُترجم کي نوان لفظ گهڙڻا ٿا پون، نون محاورن تي پاڙڻو ٿو پوي. نہ رڳو ايترو، پر قريب تر معنيٰ يا احساس کي واضح ڪندي، اصل ٻوليءَ جو لفظ ب ڏيڻو ٿو پوي.

ترجمو ڪندي، مترجم کي پنهنجي ٻوليءَ جي مختلف لفظن ۽ اُنهن جي تاثرن جو،گهرو جائزو وٺڻو ٿو پوي. ڪٽي پير پير ۾ ڏيئي، اوچتو وڃي لاشعور ۾ لڪل، ڪنهن متروڪ لفظ کي،ايئن ٿو وڃي جهڙپ ڏيئي پڪڙجي، جيئن ڪو چالاڪ شڪاري، انتهائي هوشياريءَ سان وڃي، ڪنهن ٽهندڙ پکيءَ کي پکڙيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڏينهن جا ڏينهن، اهڙي لفظ جو انتظار ڪرڻو ٿو پوي، جيڪو احساساتي ڪشمڪش کي، مُناسب معنيٰ ڏيئي سگهي. هڪ محاوري کي سمجهڻ لاءِ دوستن، اُستادن ۽ ماهرن کان مشورا گهرڻ، لغتون ڏسڻ ۽ ڪمپيوٽر کان مدد وٺڻ تائين، بيشمار جُهد ڪرڻا ٿا پون، تہ ٻين ٻولين کان اوڌر ب وٺڻي ٿي پوي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڑيون ۽ ٻيون سڀ مُشڪلاتون ڏسڻ کان پوءِ، جڏهن ڪو مضمون ترجمو ٿئي ٿو، تہ اهو بار بار تصحيح منجهان گذرندي، ايترو ڏيان، محنت ۽ توانائي خرچ ٿئي ٿو، جو تخليقي وڪرُ ترجمي جي ٻيٽ ۾، نهايت آسان ٿو لڳي. ايڏي جُهد ۽ ڪشالي کان پوءِ، درحقيقت ڪوبہ مترجم، ايترو حق ضرور ٿو لهڻي، تہ ڪيس تخليق-ڪار جيتري ئي ميحتا ۽ مانُ ملي. مان سمجهان ٿو، تہ جڏهن اسان وٽ اهڑي قسم جي سوچ سِنجرندي، تہ نہ رڳو ترجمي نويس جهجهي تعداد ۾ پئدا ٿيندا، بلڪ ٻوليءَ جي خزاني ۽ قومي شعور منجهہ ب واڌارو ۽ اضافو اينڊو.

مون کي اهو احساس آهي، تہ بُنيادي طور تي، آئون پنهنجي فطرت ۾، هڪ اديب يا شاعر ڪوڻ آهيان. سماج ڏانهن مُنهنجو مهڑيون تعارف، هڪ قومي/ سياسي ڪارڪُن وارو رهيو آهي. البت غير نصابي ڪتابن ڏانهن غير معمولي دلچسپي، ننڍپڻ کان ئي برقرار رهي آهي. شايد اها مطالعي واري دلچسپي ئي آهي، جنهن سياست منجهان عدم دلچسپيءَ جو سدباب ڪندي، مون کي هڪ نثر نويس ۽ سنڌيڪار ٻُجڻ ڏانهن اُتساهہ ڏياريو. اُن هوندي ب، مان ڪڏهن ب اها دعويٰ نٿو ڪري سگهان، تہ منهنجو قلمي پورهيو، مختلف قسم جي اوٽاين کان واڌيڪ آهي. حقيقت ۾ پنهنجي هر تحرير جي ڇپجڻ کان پوءِ، مان پاڻ ئي اُن جو سخت نقاد ٿي پوندو آهيان. پر جيئن تہ اهڑين ڪچائين جي دُرستگيءَ لاءِ، اسان وٽ ادارا، شخصيتون، نقاد ۽ حلقا تقريبن موجود ڪوڻ آهن، تنهن ڪري هن دؤر ۾، گهٽي قدر پنهنجي تحريرن جي اصلاح پاڻ ڪرڻ، يا تجربن ۽ مطالعي جي روشنيءَ ۾، تبديلين آڻڻ کان سواءِ ٻيو چارو ئي ڪونهي. ڪيڏي نہ وڏي بدنصيبي آهي جو، سنڌ جي ٽي ڪروڙ آبادیءَ ۾، هڪ ب اهڑو ادارو موجود ڪوڻ آهي، جيڪو منظم طريقي سان تصنيف، تاليف ۽ ترجمي جو ڪم ڪندي، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي مالا مال ڪري سگهي!

بهرحال، جيستائين اهڑي گڏيل سوچ جنم ونڊي، تيستائين سماج/ قوم ڏانهن ذميوار فرد، هتُ هتَ تي رکي تہ ويهي ڪوڻ ٿا سگهن. "حال پريان نال" واري ڳالهہ تي عمل ڪندي، سنڌ جي اندر ڪيترائي ديس ۽ ٻوليءَ جا پرييي، ڪنهن نہ ڪنهن رُخ کان، پنهنجو يوگدان جاري رکندا پيا اچن. مُنهنجي هيءَ اَسڻل ڪوشش پڻ، علمي ۽ عقلي ڪاوش کان وڌيڪ، پنهنجي ٻوليءَ ۽ وطن سان قُرب جي ناتي واري حساب سان، "رنڊاروڙڻ" جهڑي رسم ادا ڪرڻ جي برابر آهي. انهيءَ ڪري، ٻوليءَ جو ماهر نہ هُجڻ ۽ غير معمولي مشاهداتي ۽ مطالعاتي پس منظر نہ هُجڻ ڪري، اهي امڪان آهن، تہ مضمونن جي چونڊ، ترتيب، توڙي فني ۽ فڪري معيار جي خيال کان، ڪو ربط نظر نہ ب اچي، پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ ڳالهه ۾ ڪو شڪ ڪونهي، ته مون هيءَ هڻُ وَٺُ، سؤ فيصد دل جي سچائيءَ ۽ انتهائي خلوص وچان ڪئي آهي. مانُ ڪنهن بہ طرف کان اُٽندڙ اعتراض، تنقيد يا ڪٽي الزام ڪي سهڻ لاءِ، اخلاقي طور تي ذميوار هوندس. دِل کي خوشي ٿيندي، جيڪڏهن دوست ۽ نقاد، هاڪاري انداز ۾، مون کي صلاحون ڏيندا۽ مُنهنجي هن ڪوشش جو، علمي طريقي سان جائزو ولندا.

هن مجموعي ۾ چونڊيل مضمون، اڪثر ڪري، سنڌي بوليءَ جي مختلف رسالن ۾ ڇپجي چُڪا آهن، پر ڪي اَڻ-ڇپيل بہ آهن. انهيءَ ڪري، جيڪڏهن مضمونن جي بوليءَ، لفظن ۽ لهجن جو فرق نظر اچي، ته انهيءَ جو بنيادي سبب، ترجمن جي وچ ۾، وقت جي تفاوت جو هُجڻ آهي. هونئن بہ وقت جي تبديلي، ترجمي جي سموري فن تي اثرانداز ٿيندي رهندي آهي. هي 31 شخصيتن تي مبني ترجما، جيئن ته مون مختلف ڪيفيتن، مختلف موقعن تي ۽ ڏار ڏار ترجيحن سان ترجمو ڪيا آهن، تنهن ڪري، فڪري لحاظ کان ڪنهن خاص رُخ ۾ هلڻ، منهنجو مقصد هرگز بہ ڪونهي. مون ڪن شخصيتن کي ذاتي پسند ۽ ڪن کي اسان جي سماجي پسند، ته ڪن کي مورڳو تعارفي لحاظ کان بہ ترجمو ڪري پيش ڪيو آهي. البت هنن مڙني مُتشن جي، اتهاس جي ڪاڳرن تي، غير معمولي حيثيت، تسليم ڪيل ضرور آهي. منجهانئن ڪُجه فيلسوف، دانشور، اديب، شاعر ۽ نظريہ دان آهن، ته ڪي حڪمت عمليءَ جا ماهر، لطيف فن جا اُستاد، غير معمولي سياستدان، جنگي سورما، سائنسدان، مُهم- جُو ۽ سماجي خدمتگار وغيره پڻ. انهيءَ ڪري ڪي ترجما سؤلا، وٽندڙ ۽ 'يان-ءِ پوندڙ' آهن، ته ڪي ڏُکيرڙا، توجہ طلب ۽ ضمني مطالعي جي ڳُهر ڪندڙ بہ آهن. امڪان اهي بہ آهن، ته ڪي ڪي مضمون، پڙهندڙن جي هڪ حلقي لاءِ دلچسپيءَ جو ڪارڻ هوندا، ته بين لاءِ ساڻيا اڻ وٽندڙ، خُشڪ ۽ شايد بور ڪندڙ پڻ. تنهن-ڪري، هيءُ ڪتاب پڙهي بور ٿيندڙ دوستن آڏو، لطيف کي وچ ۾ آڻي، ائين ئي چئي سگهندس:

"مٺيون وجهان مَچ ۾، هائيءَ هٽان هارُ
پري جي پتارُ، ته ميرياڻي مانُ لهان."

جيڪڏهن هيءُ ڪتاب، مُنهنجي مرضيءَ مطابق اچي ها، ته پوءِ شايد اڄا ڳچ عرصو لڳي وڃي ها. پر ياڻ انعام عباسيءَ، ڇپرائڻ لاءِ، بن سالن کان، ايترو ته زور ڀريو، جو آخرڪار سندس زور آڏو، زاري ڪرڻي پئي. جڏهن اَهَر زَهر ڪري، ڪتاب ڇپائڻ جو ڳو ٿيو، ته لائق دوستُ، ڪن ذاتي مجبورين سبب، ساڻُ آڇي نہ سگهيو. انهيءَ وچ ۾، ڪتاب تي ايتري محنت ڪئي هُئم، جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جي نہ ڇپجڻ جي،مون کي ۽ حسرت رهي ها. پر ايا انهيءَ ڇپائڻ، نہ ڇپائڻ جي ٻڏ تَر ۾ هُيم، جو سنڌيڪا اڪيڈميءَ جي چيئرمين، ياءُ نور احمد ميمڻ پنهنجي سهڪار جي آڇ ڪئي- ۽ اهڙي طرح سان، هُن ڪتاب کي،سوچ منجهان عمل جي شڪل ڏيڻ ۾، مُک ڪردار ادا ڪيو. ذاتي طور تي مان سندس ٿورائتو آهيان.

ترجمي جي دُرستگيءَ ۽ صلاحن جي سلسلي ۾، جناب عليَ احمد بروهي، مٽيم مهتاب راشدي، مٽيم فهميده حُسين، منظور بلوچ، ۽ مُنهنجا پيارا دوست هدايت بلوچ، تاجل بيوس، آفتاب ابڙو، رزاق سهتو ۽ عبدالغفار تبسم خاص طور تي مهربان رهيا. جڏهن ته آزاد ڪميونيڪيشنز جي،ڪمپيوٽر سيڪشن جي آپريٽرن، نياز حسين گبول ۽ ممتاز علي گبول جي صبر ۽ تعاون جو،خاص طور تي ذڪر ڪرڻ ٿو سمجهان. تڏهن ۽،خاص الخاص مهربانيون سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي نامياري شخصيت ۽ غيرمعمولي صلاحيتن جي صاحب، جناب سراج الحق ميمڻ صاحب جون، جن ٿورڙي وقت اندر، مُنهنجي ڪَچي ڦِڪي ڪوشش کي مانُ ڏيندي، قرب ڪري،مهاڳ جي صورت ۾، هِن موچاري محنت تي پنهنجي راءِ ظاهر ڪئي.

مٽيان سڀ مهربان ۽ مُحسن ته ڪٿ جوڳا آهن ئي سهي، پر جيڪڏهن پنهنجي مُرشد جا ٿورا ۽ احسان نہ مڃان، ته بيشڪ پنهنجي ضمير ۽ شعور سان انصاف نہ ڪري سگهندس. اهو، مهان مُنش،جنهن مايوسين مهل،مُنهنجي اندر، اُميد جو ڏيئرُو ٻاريو ۽ جنهن هن ديس ۽ ٻوليءَ سان پاڻ سلهاڙڻ جي لاءِ، بار بار مون کي سمجهائيندي چيو:


"هَلُ ته هيڪاندي ٽِڻين، ويهي وِڃُ مَ ويرُ
دل ۾ آڻ مَ دور ٿُون، ڦرڻ سندو ڦيرُ
توڻي لهين نہ پيرُ، ته پڻ راحت رڻ ۾."

17- آڪٽوبر 1996ع
ڪراچي

انعام شيخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



جون آف آرڪ

جم: 1412ع
لاڏاڻو: 30 جون 1432ع

بنو اُميه جي عظيم دماغ، عبدالرحمان "الداخل" جي سوچ کان باغي اسپين، جڏهن عربن جي اٺ سؤ سالن جي اقتدار کي پاڙئون پٽي رهيو هئو، تڏهن ان "زوالي دؤر" جي هڪ مهان عرب شاعر، صالح بن شريف جي زبان مان بي اختيار نڪتو هئو:

"يمزق الدهر حتما كل سيف حده
ان كان ذي يزن الغمد غمدان."

(زمانو هر تلوار جي لوهه کي ٽڪرا ڪري ڇڏي ٿو. چاهي اها تلوار "يزن" جي ٺهيل چو نه هجي ۽ پلي ته ان جي ميان، مضبوطي ۾ "غمدان" جي هجي.)

بيشڪ، فطرت جون طوفاني لهرون وقت گذرڻ سان گڏ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اميدن جي بيشمار غورابن کي، غرق ڪري ڇڏين ٿيون. "زماني" جو ظالم قانون، هر "مڪان" توڙي امڪان کي، ماضيءَ جو پاڇو بڻائي ٿو ڇڏي، ۽ وقت جي سدا ورندڙ ويڑ، علم، ساڃاھ، منطق، دليل ۽ ثبوت جي هر جلوي تي، ماضيءَ جي مهر ثبت ڪري ڇڏي ٿي.

پر پوءِ به ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾، احساس پنهنجي امرتا کي قائم رکندا ٿا اچن، ڇاڪاڻ جو احساسن جي دنيا، صدين جي سفر ۽ زمانن جي زورائتي اثر کان محفوظ دنيا آهي. هيءُ هڪ اڻڄاتل اجهل من اڇل جو لازوال سلسلو آهي، جيڪو هڪ دور کان ٻئي دور، هڪ سيني کان ٻئي سيني، ۽ هڪ شخص کان ٻئي شخص تائين، ڪنهن سداحيات شعلي وانگر ٻرندو ٿو رهي. ايتريقدر جو اردوءَ جو ڪو شاعر ته چئي ويٺو:

"هر ذره چمڪتا هئي، انوارِ الاهي سيٰ،
هر سانس يه ڪهتي هي، همه هين تو خدا يي هي."

احساسن جي انهيءَ اڻ کٽ زندگيءَ ۾، آزادي ۽ مڪتيءَ جو ڇهاءُ ته وري ڪو ايڏو گهرو، تر ۽ تاثر پريو آهي، جو هڪ وار ڪنهن انهيءَ ڇهاءَ کي محسوس ڪيو، ته باقي سڄي عمر انهيءَ نشي ۾ گذاري سيسيفس، پروميٿيوس، برونو، ڪاسٽيلو، سقراط، ٽامس مور، منصور ۽ مخدوم بلاول ٽي "يار جي در تي سر فدا" ته ڪندو، پر پوئتي نه هٽندو. ڪنهن ڪيترو اهڙي سچ چيو آهي ته، آزاديءَ ۾ ماڻهن جون مرڪون ۽ ماڻهن جا چهرائي تبديل ٿي ويندا آهن. چهري جو ذڪر ڪندي شايد حضرت "جامي" پڙ چيو هئو:

"تکرو تا به مستواري ندازد،
جو در بندي سراز روزن برآرد"

(سندر چهرو لکائي نٿو سگهجي. جيڪڏهن مٽائيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دروازو بند ڪندين، نہ هو پاڻ کي دريءَ منجهان پسائيندو).

اهڙن ئي عظيم احساسن جي امين، ٻهراڙي جي هڪ عام رواجي فرانسي چوڪريءَ، آزاديءَ جي عشق ۾، قرباني‌ءَ ذريعي جيڪا امرتا ماڻي آهي، اها دنيا ۾ تمام ٿورڙن ماڻهن جي ياڳ ۾ آئي هوندي. "دو مريمي" نالي هڪ ننڍڙي ڳوٺڑي جي نوجوان نينگري، جنهن کي دنيا "جون دي آرڪ" جي نالي سان سڃاڻي ٿي، تنهن پنهنجي ضمير جي آواز ۾ ديس جي آزاديءَ لاءِ چند ورهين جي اندر شاندار ۽ گهڻ رخي جدوجهد ڪري، مرڪندي موت جو آدر پاءُ ڪيو، سو دليريءَ جي جذبن سان پريل ڪائناتي سونهن جو هڪ اعليٰ ۽ اتم مثال آهي.

"جون" جو جنم "لورين" صوبي جي هڪ شخص "جيڪئا دي آرڪ" جي گهر، عين ان وقت ٿيو جڏهن انگريزن ۽ فرانسين جي وچ ۾ سؤ سالن واري جنگ جي نتيجي ۾، سندس ماتر پيوميءَ جو هڪ وڏو حصو غاصب انگريزن جي قبضي هيٺ هئو. جڏهن ته باقي ملڪ تي بادشاهه، جاگيردار، مذهبي اڳواڻ ۽ ٻيا مراعت يافته ماڻهو ايئن وڙهي رهيا هئا، جيئن ديوندي تي ڳجهون وڙهندیون آهن. سشيلتا ۽ سندرتا جو مرڪز پئرس، ڏارين قابضن ۽ سندن مقامي چاڙڻن "برگنڊين" جي قبضي هيٺ هئو، جڏهن ته گهرو جنگهڙن جو شڪار ٿيل ننڍي عمر وارو فرانس جو نالو ماتر بادشاهه (Duphin) "اورليئن" جي شهر تائين محدود، پنهنجي اتحادين "Amagacans" سان گڏجي نالي ماتر ملڪ تي حڪومت ڪري رهيو هئو.

ملڪ ۾ عدم سلامتي ۽ بدحاليءَ جي اها حالت هئي، جو ماڻهن هڪ ٻئي کي ڪُهي پئي کاڌو ۽ غارن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چُرن ۾ ٿي وڃي رهيا، بلڪ ڪنهن ڪڪڙ جي هانگ به ٻڌڻ ۾ نه پئي آئي. بقول هڪ تواريخدان، ته گرجا جا گهنڊ ٻڌڻ کان پوءِ، جانور به ڏوڙي وڃي پناه ونندا هٿا. ڏارين جي دلالي ڪرڻ، ڇڻ ته ڪنهن قسم جي وڏي سورهيائپ هئي، ۽ ملڪ کي ٽڪر ٽڪر ڪري ورهائي رکڻ کي فرانسسي جاگيردارن ثواب جو ڪم سمجهي، وڏي چاهه سان سرانجام ٿي ڏنو.

اهڙين اگرين گهڙين ۾، سترنهن سالن جي "جون آف آرڪ" نه رڳو انهيءَ دور جي چالو رواجن تي ملامت ڪئي، پر انهن جي خلاف عملي قدم کڻندي، فرانس جي آزاديءَ جو قسم کڻي، بغاوت جو جهنڊو جهولائيندي، جنگ جو اعلان ڪيو. انهيءَ سلسلي ۾ جوڳي مدد لاءِ جڏهن هوءَ بادشاهه وٽ حيلن بهانن سان پهتي، ته نه رڳو سندس حوصلي شڪني ڪئي ويئي، پر مذهبي ٽيڪيدارن وٽان "شرافت جو سرٽيفڪيٽ" ملڻ جي باوجود، شاهي محل ۾ اگهاڙو ڪري، سندس ڪنواري هجڻ جي تصديق به ڪئي ويئي. انهيءَ امتحان مان لنگهندي، هوءَ زندگيءَ ۾ پهريون پيرو ڏاڍو رني، پر جيئن ته هن لاءِ معاملو:

"واءُ وڃي وائنٽ، هينئڙا ماڳ پرين جو،
چميو چمر چائنٽ، هوءَ جا سندي سڃڻين."

هٿو تنهن ڪري هن مڙني مرحلن مان پار ٿي، جب الوطنيءَ جو گونجندڙ نعرو ٻڌجي: "فرانس وارؤ، او چڙوچڙ فرانسيو! هڪ ٻئي کي سچي دل سان معاف ڪريو." جي اپيل ڪندي، "ايمنڊ پوئنڪيئر" چوائي: "يورپ ۾ سڀ کان پهرين، جب الوطنيءَ جو تصور ايجاد ڪيو، ۽ دراصل هن جي روشن ڪيل شمع جي نتيجي ۾ ئي، فرانس آزادي ماڻي."

"جون" پنهنجي ديس جي هڪ عام عاشق ڏيءَ نه، پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنگي لحاظ کان به هڪ قابل جرنيل، بهادر سورمي ۽ دلير دشمن هئي. اهو ئي سبب آهي جو انگريزن کي "روئن" ۾ شڪست ڏيڻ کان پوءِ، سندس ساٿين کان انگريز غاصبن کي مارڻ گهريو، تہ هن وراٹيو: "اسان جي جنگ وطن جي آزاديءَ، حق جي حصول ۽ وجود جي بچاءَ جي لاءِ آهي. اسين کنهن جي به ناحق زندگي ختم نہ ڪنداسين." انهيءَ ڪُشاده دليءَ جو اصل سبب اهو هئو جو، هن ۾ ڪاوڙيل ۽ متي ڦريل سالار جو روح نہ، پر پندرهين صديءَ جي انسان دوست انقلابيءَ جي آتما سمايل هئي. جيتري قدر تدبر جو سوال آهي تہ، جيڪڏهن نپولين يورپ کي قومي رياست جي نئين تصور کان آشنا ڪرائي، جاگيرداري ۽ مذهبي فرقي پرستيءَ کي دفن ڪرڻ ۾ مک ڪردار ادا ڪيو، تہ "جون" فرانس جي وجود لئہ جنگ کي، سڄي يورپ واسطي وطن ۽ حق پرستيءَ جي لاءِ جدوجهد جو، لافاني مثال بڻائي ڇڏيو. انهيءَ سلسلي ۾ نپولين به سندس مهانتا تسليم ڪندي چيو: "جون جي حياتي ثابت ڪيو تہ، جڏهن قومي وجود خطري ۾ هجي، تہ دنيا ۾ اهڙو ڪوبہ معجزو موجود ڪونهي، جنهن کي فرانسي ڏاهپ سرانجام ڏيئي نہ سگهي." نپولين جي انهيءَ واکاڻ جو اندازو، انهيءَ مان به ٿي سگهي ٿو تہ، فوجي ڪاميابيون حاصل ڪندي، "جون" نہ رڳو "اورليئس" جهڙي اهم فوجي چوڪي بچائي ورتي، پر "ريمس" جي شهر پهچي، فرانس جي بادشاه کي گهرائي، سندس تاجپوشي ڪرائي. ۽ انهيءَ موقعي تي چيو: "جيتوڻيڪ منهنجي مرتبي جهڙي عورت کي هي سڀ ڪجهہ نٹا سونهن، پر حق ۽ سچ جي سوپ لاءِ، پنهنجي ڌرتي ماتا جو پاسو ضرور ونڊيس، ڇاڪاڻ جو انهيءَ ۾ رب جي رضا شامل آهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر جڏهن سندس خراب ڏينهن شروع ٿيا، ۽ هو ملڪ جي تختگاهه (پئرس) کي حاصل ڪرڻ جي جوش ۾، دشمن جي ور چڙهي، ته نارگو سندس ملڪ جي بادشاهه سلامت سندس کا واهر ڪونه ڪئي، پر پنهنجن ديس واسين فرانسين ٿي کيس پڪڙي، 10 هزارن سونن 'فرانڪس' جي عيوض، دشمن جي حوالي ڪيو. جتي هن 75 ڄجن جي سامهون بيهي، نه رڳو پنهنجو کيس لڙيو، پر شديد ذهني ۽ جسماني عذابن سان به بهادرن وانگر منهن ڏنو. انهيءَ هوندي به دنيا جي هن بدترين عدالتي قتل ۾، ويهن سالن جي ننڍڙي وهيءَ ۾، جون آف آرڪ کي زنجيرن ۾ جڪڙي، زنده جلائڻ لاءِ ٽلهي تي آڻي، سندس مٿي تي پاتل ٽوپيءَ تي "ازلي ڪافر جيڪا آخرڪار مرتد ٻڌجي ويئي." جا اکر اُڪاري، بيشمار عقوبتون ڏيئي کيس جيئرڻي جلايو ويو. تڏهن به هن کوبه ٻاڙو نه ٻوليو، ۽ هڪ اڏول سورميءَ وانگر تاڻيل ڪنڊ سان موت جو سواڳ ڪيو، ۽ پاڻ کي ديس جي مٽيءَ سان ملائي واهه جو ملهايو! شايد انهيءَ ڪري برناردشا جهڙي انگريز ساهتڪار به پنهنجي ناٽڪ "Saint Joan" ۾ چيو: "جهڙي طرح چريا ڏوهاري عجيب اسرار پسندا آهن، ۽ پوءِ انهن تي پنهنجن طريقن سان عمل ڪندا آهن، تيئن سقراط، لوٿر، سويلن برگ، بلئنڪ، سينٽ فرانسس ۽ جون ڪيو. اهڙي طرح جيڪڏهن "جون" مستاني يا چري هئي ته پوءِ اهو مڃڻو پوندو، ته وچين دور (Mideavel period) جا هڙئي ڪرستان چريا هئا."

منهنجو خيال آهي ته جون آف آرڪ ۽ دنيا جي ٻين امر هستين کي پڙهڻ انهيءَ ڪري به لازمي آهي ته جيئن اسين پنهنجن سورمن جي لاءِ به کي اعليٰ معيار، غير معمولي لياقتون ۽ بي مثال جرئتون ڪسوٽيءَ طور تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقرر ڪري سگھون. ڇاڪاڻ ته قومن جا سورما قومن جا آدرشي ڪردار، ڪڙي وقت ۾ روشنيءَ جا ڪرڻا ۽ اونداهن ماڳن ۾ چارا ڏيکارينڊڙ ستارا هوندا آهن. قومي سورما نہ رڳو قومن جي [illegible] ۾ باعزت سچاڻپ جو اهڃاڻ هوندا آهن، پر اهي مجموعي قومي ڪردار جي تشڪيل ۾ به اهم ڪردار ادا ڪندا آهن. جيئن جون آف آرڪ آهي، جنهن جي زندگيءَ بابت پهرين فلم ٺاهيندڙ رابرٽ برسن سندس مرتبي جو ذڪر ڪندي چيو هئو: "جين تي فلم ٺاهيندي، ماٺهوءَ کان عظمتن جون معنائون وسري ٽيون وڃن. سندس ڪردار ادا ڪندڙ فنڪار ته فقط هڪ معمولي ڪوشش ڪري سگھي ٿو، سندس عظمت کي ڇهڻ جي."

جون جي ڪردار بابت انهيءَ وضاحت کان پوءِ مان سمجهان ٿو ته اسان کي صالح بن شريف جو شعر نہ رڳو ٻيهر پڙهڻ گهرجي، پر "جون" جهڙن ڪردارن کي نظر ۾ رکندي، انهن شعرن ۾ ڪنهن هلڪي ترميم بابت ٻه سوچجي ته بهتر ٿيندو.

ـ سنڌيڪار

پندرهين صديءَ جي پهرين چوٿائيءَ ۾، شاهي حڪمرانيءَ جي دوران، پريل پُريل گهرن تي مشتمل "وائيني" درياهه جي ڪنارن تي، "شنان" جي ڪوٽ ۽ شهر جو هڪ منظر آهي. رياستي آفيسر ڪٽل ڪپڙن ۽ جهريل جاين ۾ رهندي ٻه، هلندي آهر رعب تاب رکيون ٻيٺا آهن. انهن گهرن جو اڪثر فرنيچر جيڪو ملڪ وٽ گروي رکيل آهي، سا نهايت ڪني، ڪٽڙيل ۽ ڦٽل ڪپڙا پهريل آهي، ۽ بي فائدي در وٽان قرضين جو انتظار ڪندي، بک ۾ پاهه ٽيڻ کان بچڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. چالاڪ درباري، جن کي هڪ ٻئي جي خلاف سازشون ڪرڻ کان سواءِ ڪجهه نٿي آيو، تن ڪُرڪندي ڪسڪندي، رڳو ڪنهن بهتر نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ جتن ڪيا. بلڪ انهيءَ المياتي انتظاميا کان سواءِ هڪ ٻي هچا پڻ موجود آهي، ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سو آهي لفڙو، ڊڄڻو، فضول ۽ هڪ ٻيوڪ شخص، يعني ايجا تائين تاج کان محروم، پر فرانس جي اقتدار جو وارث "چارلس ستون." جنهن تي هر ڪو ڦٽڪار ڪندي، مٽس ٽوڪون ٽو ڪري، ۽ سندس حلال زادگيءَ بابت سوال ٽو اٽاري. ڪيس هر وقت پئ آهي تہ درياهه جي پرينءَ پر بيئل خوفناڪ فوجي، ڪنهن بہ وقت هن کي "شنان" واري سندس شانائتي گهر مان لوڏي ۽ هڪالي ڪڍي سگهن ٿا.

فرانس جي سڄي تواريخ ۾، ڪنهن بہ بادشاهه سان اهڙي جُٽ ڪانہ ٿي هوندي. هينري پنجين جي سوين، انگريزن کي اڳ ۾ ئي قبضي ۾ آيل بيٺڪن کان سواءِ، فرانس جي "لوئير" نالي علاقي جي اتر تائين، هر شئي جو والي وارث بڻائي ڇڏيو آهي. جيتوٽيڪ انهيءَ مهل فاتح هينري مري چڪو هئو ۽ سندس معصوم پٽ، جنهن کي ايجا تائين "سينٽ ريني" واري پاڪ تيل جو مڪ ئي نہ ڏنو ويو آهي، (جنهن کان پوءِ هو اصولي طور تي فرانس جو بادشاهه ٻڌجي سگهي ٿو) تنهن کي بهرحال اعلانيہ بادشاهه ظاهر ڪيو ويو آهي. هوڏانهن وقت جي ڪيترن ئي بادشاهن کان وڌيڪ امير، سگهارو ۽ زور آور نواب، يعني "ڊيوڪ آف برگنڊي" پڻ حملي آورن سان پٽ بيٺو آهي، انهيءَ کان سواءِ چارلس جي تخت جي دعويدار سندس سڳي جرمن ماءُ ۽ ڪل ٽڙيل چارلس ڇهين جي بيواهه "ازابيو" پڻ انگريزن جي مدد ڪندي، ڪليو ڪلايو چئي رهي آهي تہ، سندس پٽ جي جسم ۾، شاهي رت جو هڪ ڦڙو بہ موجود ڪونهي. ۽ سندس انهيءَ دعويٰ لاءِ هن جي ڪردار کان واقفيت رکندڙ، اعتبار ڪرڻ ۾ ڪابہ هيڪ محسوس نٿا ڪن.

انهيءَ دور ۾ جڏهن بظاهر ايئن پئي محسوس ٿيو، تہ سڄو فرانس تباهہ ۽ برباد ٿي چڪو آهي. اوچتو هڪ معجزو ٿي پوي ٿو. عين ان وقت جڏهن فرانس ۽ انگلينڊ وچ ۾ سؤ سالہ جنگ جي تباهہ ڪارين جي نتيجي ۾، فرانس جي مٿان انگريز راڄ واضح نظر پئي آيو ۽ فرانسي شاهي ڪٽنب "ڪئپٽين" جي سلطنت آخري پساهن ۾ هئي، تہ ملڪ ۽ بادشاهيءَ کي هڪ ٻهراڙيءَ جي هاريائي نينگريءَ بچائي ورتو.

هن نينگريءَ جو نالو "جون آف آرڪ" هئو، جيڪا 1412ع ۾ هڪ وچولي آباد گار ۽ "ميوز" جي علاقي ۾ 'ڊومرمي' نالي ڳوٺ جي ڇڳي مڙس جي گهر پيدا ٿي. جيتوٽيڪ هوءَ هڪ اٽپڙهيل نينگري هئي، پر تڏهن بہ ديندار هجڻ سان گڏ، ڏڙڪڻ ۾ هوشيار ۽ والد کي ڪمڻ ۽ ردن جي سنيال ۾ هٿ وندائيندي هئي. سندس گهر "برگنڊي" ۽ فرانس ۾، اڌ سرحد جي هڪ پاسي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڌ ٻڌي پاسي هئو، تنهن ڪري هوءَ ننڍپڻ ۾ ئي ماتر پيوميءَ مٿان آيل اڳرين گهڙين کان پليءَ پت واقف هئي.

جڏهن "جون" ايڏا ٻارنهن ورهين جي مس هئي، تڏهن هن واضح ڪيو هئو ته ڪيس خداوند جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو آهي. تنهن ڪري هن پڪو پهه ڪيو، ته هوءَ سڄي عمر ڪنواري ئي رهندي ۽ پوتر زندگي گذاريندي. بهرحال بعد ۾ ٻه ڪٿين سال هوءَ، اهي ڳجها آواز ٻڌندي ۽ ڪي جلوا پسندي رهي. جن سندس انهيءَ ويساه کي پختو ڪيو، ته هن جي زندگيءَ جو اصل مقصد، ديس جي آزادي وٺڻ ۽ "ريمس" جي تواريخي ديول ۾، حقدار بادشاه جي تاجپوشي ڪرائڻ هئو. پر "جون" جون اهي ڳالهيون سندس سائين، توڙي والدين کي فضول ۽ عجيب لڳنديون هيون اهي ڳالهيون ٻڌندي سندس والد، جيڪو ڳوٺ جو ڏنگو مڙس ۽ عقل مند شخص سمجهيو ويندو هئو، تنهن جو چوڻ هئو ته هو پنهنجي ڌيءَ کي اهڙن جڏپائين ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ بدران، پاڻيءَ ۾ ٻوڙي ماريندو. ٻئي طرف "جون" ٻه پنهنجي ارادي تي پختي بيٺي هئي، ۽ ڪابه شيءِ ڪيس روڪي نه سگهي. 1428ع ۾ جڏهن "جون" جي عمر سورنهن سال ٿي، ته هوءَ "رابرٽ ڊي باردِ ريڪورٽ" وٽ پهتي، ۽ فرانسي بادشاهت جي وليعهد (Dauphin) طرفان "واڪوليوئرس" شهر تي حڪومت ڪندڙ، انهيءَ حاڪم کان "شنان" جي لاءِ هڪ فوجي جٿي جي طلب ڪئي. اهو ٻڌي رابرٽ حيران ٿي ويو. ڇاڪاڻ ته هو هڪ عام رواجي ۽ سادو سپاهي هئو، ۽ جيڪو انهيءَ قصي کان ڪڏهن ٻه متاثر ٿيل نه هئو ته، فرانس جي هن نينگريءَ کي سينٽ مائيڪل، سينٽ ڪٿرين ۽ سينٽ مارگريٽ جهڙين پوتر هستين جو درشن حاصل ٿيو آهي، جن انهيءَ نينگريءَ تي فرانس کي ڏاڍين جي قبضي کان آزاد ڪرائڻ جي ذميواري رکي آهي. مطلب ته هن اهڙي ڇسپائيءَ کان روڪيندي، ڪيس واپس گهر موڪلي ڇڏيو.

ٻئي طرف "جون" پنهنجن احساس جي سچي هئڻ واري دعويٰ تي، بلڪل پختي يقين هئي، تنهن ڪري ابتدائي ناڪاميءَ کان پوءِ به، هن دل نه لاٿي. هن هڪ دفعو ٻيهر رابرٽ ٽائين رسائي حاصل ڪئي، ۽ نيٺ سندس ڪجهه سائين کي قائل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي. جنهن جي نتيجي ۾ ڪنجهندي ڪُرڪندي هن ڪيس سندس مرضيءَ مطابق، مقصد جي تڪميل لاءِ هڪ جٿو فراهم ڪيو. سو 1429ع تي مرداڻو لباس اوڍي، پنهنجن ڇهن معتقدن کي ساڻ ڪري، هيءَ ڪنيا "شنان" ڏانهن رواني ٿي.

هن نينگر جون مشڪلاتون تڏهن ٻه ڪجهه وقت لاءِ حل ٿيندي نظر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيون، جڏهن شديد مايوسيءَ ۾ ويڙهيل بادشاهه چارلس جيڪو ڪنهن ڏنڊلي اميد جي سهاري ۽ ڪو قاهو ڦڪڻ لاءِ تيار هئو، تنهن سندس شاندار آڏر ياءُ ڪيو، ۽ ساٿس هڪ خانگي ملاقات ۾ "جون" ڪيس تخت جي حقداريءَ جي پڪ ڏياريٿ سان گڏوگڏ، هن کي پنهنجي الهامي مقصد کان ۽ آگاهه ڪيو، جنهن کي هيستائين هوءَ لڪايون پئي آئي. سو چارلس انگريزن جي گهيري هيٺ آيل فرانسي علاقي "اورليئنس" جي ڪمان، پنهنجي ٻناڪي فضول جنرل "لاتريمولي" جي جڳهه تي "جون" کي سونپڻ جي هڪ شرط تي آڇ ڪئي، ته پهريائين هوءَ "پوئيٽرس" جي پوتر جڳهه تي، مذهبي اڳواڻن آڏو پنهنجو پاڻ کي پيش ڪري، سندن اعتراضن جون وضاحتون ڏئي ۽ پوءِ "اورليئنس" وڃي. چاڪاڻ جو انگريز فوج اتان کان گهيرو توڙي، "لوئر" جي ڏاکڻي علاقي تائين پهچڻ ٿي گهريو.

اهو ٻڌي هوءَ سڌو "پوئيٽيئرس" پهتي، جتي مذهبي اڳواڻن کي مطمئن ڪيائين. جنهن کان پوءِ چارلس ۽ پنهنجو انجام پورو ڪيو. آخرڪار 28- اپريل تي اچي زوه مٿان پنج صليب پائي (جن لاءِ هن اڳڪٿي ڪئي هئي ته اهي "سينٽ ڪٿرين دي فربائيس" جي ديول ۾ ملندا، ۽ اها دعويٰ درست ۽ ثابت ٿي) "الينڪون" جي نواب کي ساڻ ڪري، ۽ پادرين جي جلوس جي پٺيان چار هزار جنگي جوڌن جي سرواٽي ڪندي، 'اورليئنس' جي قلعي جي دفاعي لشڪر جي مهندار "ڪائونٽ آف ڊيونوئس" سان اچي ملي.

انهيءَ پيش قدميءَ جو جيڪو نتيجو سامهون آيو، سو دنيا جي مڙني جنگي داستانن ۾ عجب جوڳو مثال آهي. فرانسي فوج، جيڪا انگريزن جي مسلسل سوپ جي ڪري هيسبي پئي رهي، ۽ منجهائنس ويڙهه جو جذبو ختم ٿي چڪو هئو- ايتريقدر جو انگريزن جي ٻن سؤ سپاهين جي پيش قدميءَ ۽ هزارين فرانسي سپاهين جي دل ۾ ڦرڪٽي وجهي ٿي ڇڏي. سا صورتحال هن نينگريءَ جي اچڻ کان پوءِ بلڪل تبديلي ٿي ويئي. هن پنهنجي متاثر ڪندڙ شخصيت، قائدانه صلاحيتن ۽ مقدس مقدر ۾ مڪمل ويساه سان، منجهن اهڙو ته اتساه پريو، جو هو ڏنل ردن مان ڦري مڙس ماٺهو ٿي پيا. هو شهر مان ٻاهر نڪري اوچتو وڃي دشمن تي پئي ڪڙڪيا، ۽ پوءِ هڪ هفتي تائين مسلسل فتحون ڪندا، اڳتي وڌندا رهيا. ۽ آخرڪار انگريزن جي قبضي هيٺ آيل "توريليس" ندي‌ءَ جي پرين‌ءَ پڪ قائم ڪيل برج تي، فرانسي جهنڊو ڦرڪائي وڃي دنگ ڪيائون. اها هئي "جون" جي پهرين اهم جنگي ڪارستاني. انهيءَ صورتحال ڪان اڳ ۾ "توريلس" مڪمل طور تي اجيت چونڪي سمجهي ويندي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن کي قبضي هيٺ آڻي، هن جڙ تہ اميدن جي بلنديءَ تي پهرين ڏاکڻ رکڻ جو ڪم ڪيو. پوءِ تہ هن حملن مٿان حملا شروع ڪري ڏنا، ۽ پنهنجن جوانن منجهہ بهادريءَ جو اهڙو روح ڦوڪيو، جنهن بابت ڇڙا ڏهہ ڏينهن اڳ تصور ڪرڻ بہ ناممڪن هئو. ها فقط هڪ پيرو هوءَ حملي جي هر اول دستي تان پوئتي هٽي، جڏهن دشمنن طرفان هلايل تير سندس ڪلهي ۾ اچي لڳو. پر سو بہ نهايت مختصر وقت لاءِ، يعني جيستائين سندس زخم جي ملهم پٽي ٿي سگهي. جيئن ئي سندس پٽي ٿي، تہ هوءَ پنهنجي جاءِ تي وري اچي واپس جمي بيٺي. ۽ عين ان وقت جڏهن فرانسي جنرل "ديوليس" کي انهيءَ ڏينهن "ٽوريلس" تي قبضو ناممڪن پٽي لڳو ۽ هو ايئن سمجهندي فوج کي پوئتي هٽائڻ وارو هئو، تہ "جون" سندس انهيءَ خواهش کي رد ڪرڻ لاءِ، ڪيس وڌيڪ جوش ڏيارين ۽ همٿ ڏني. نتيجي ۾ ڪين ڪاميابي حاصل ٿي. جڏهن فرانسي فوجون "ٽوريلس" ۾ داخل ٿيون، تہ هن جنگي سورميءَ جو جهنڊو، سيني کان وڌيڪ اونچو نظر آيو. هن جنگ ۾ انگريز سالار "گلئز ڊئل" پنهنجن همراهن سميت بُرج جي اوريان، جنگ جي طوفان هيٺ آيل پل جي جهرڪ ڪري، وچ درياهہ ۾ ٻڌي مئو، پر جون سيني کان جدا ٿي، سندن روحن لاءِ پڻ رحم جي دعا گهري. بهرحال اهڙي طرح جي بي پناهہ همت سان "اورلئينس" کي انگريزن جي قبضي کان بچايو ويو. هن لڙائيءَ جا نتيجا فرانس جي حق ۾ نهايت ئي شاندار نڪتا، ڇو تہ انهيءَ فتح کان پوءِ تہ چڪر ئي ڦري چڪو هئو. هاڻي فتحمند "جون" جي دليريءَ ۽ بي جگريءَ ڪري، انگريز سپاهين جو هينئون هارجي چڪو هئو. ستت ئي "جارجيو" ۽ "بيوگينس" جا شهر بہ "جون" جي فوجن جي قبضي ۾ اچي ويا، انگريز جنگي سالار سر جان "فاسٽولفي" کي "پيٽي" جي محاذ تي هار نصيب ٿي، ۽ فرانس جي وليعهد شڪر گذاريءَ ۽ سرهائيءَ سان، هن سورميءَ جو "لائنس" جي شهر ۾ آڏر پاءُ ڪيو.

انهيءَ کان پوءِ جون محسوس ڪيو، تہ هاڻي وقت اچي چڪو آهي تہ هوءَ، بادشاهہ چارلس کي ساڻ ڪري، "ريمس" شهر وٺ پهچي، ۽ نون سؤ سالن جي پراڻي روايت مطابق، سندس تاجپوشي ڪري. تنهن کان پوءِ خاص تيل مکي (Anointed) بادشاهہ سندس مدد سان، پنهنجي راڄڌانيءَ جو قبضو وٺي، ۽ پوءِ انگريزن کي فرانس جي سموري سرزمين تان لوڏي ڪيڇي.

"برگنڊي" جي بهراڙين کان "ريمس" تائين، "جون" جي فوج جي پيش قدمي هڪ جس جوڳي سوپ هئي. انهيءَ وچ ۾ 'باگزيري' وارن بنا مقابلي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڻ ميي. جڏهن ته "تراءِ" وارن طرفان، ٿوري ٿڪي مقابلي کان پوءِ هٿيار ڦٽا ڪيا ويا. نيٺ 14- جولاءِ تي شاهي سوارن جو جٿو پنهنجي منزل کي پهتو. بن ڏينهن کان پوءِ تاجپوشيءَ جي موقعي تي، ڏند ڪٿائي شهنشاهه "فئرامونڊ" جي دؤر کان، روايتي طور تي بادشاهن جي چهري تي مهنجندڙ پوتر تيل بادشاهه چارلس کي مکيو ويو، ۽ ان کان پوءِ تاج پوشي جي رسم جي بجا آوريءَ لاءِ، گهنڊن ۽ توتارن جي گونج ۾، مڪ پادري "رينالڊ دي چٽرس" ۽ فرانس جي مها پادريءَ، جڏهن چارلس جي مٿي تي تاج رکيو ته "جون" سندس پر ۾ بيٺي رهي.

انهيءَ تقريب جي پُڇاڻيءَ کان پوءِ، "جون" رڙ ڪندي بادشاه سان مخاطب ٿي ۽ چيو: "اي اسان جا معزز بادشاه، هاڻي خدا جي رضا پوري ٿي، جنهن جو ارادو هئو، ته آئون "اورليئنس" تان دشمن جو گهيرو ٽوڙايان، ۽ اوهان کي سلامتيءَ سان "ريمس" جي شهر پهچايان- ته جيئن اوهان جي سر تي فرانس جو تاج سونهي. هاڻي انهيءَ رب سائينءَ ڏيکاريو آهي، ته اوهان ئي فرانس جا اصل والي آهيو ۽ فرانس جي راڄڌاني فقط اوهان جي ملڪ آهي."

انهيءَ سان گڏئي "جون" جي ڪمر جي پڇاڻي ٿي، ۽ ڪيس انتها درجي جو مان ۽ مرتبو حاصل ٿيو. انهيءَ سوپ کان وٺي سندس اندر جي روشني سدائين منور رهي. پر هاڻي ڪيس ڪن ٻين ماڻهن جي ڪڏن ڪرتوتن جي ڪري، ناڪاميون ۽ نصيب ٽيٽيون هيون. بادشاه چارلس، جيڪو هڪ ڳوڻاڻي نينگريءَ جي جرئت جي نتيجي ۾، سُستيءَ جي نياڳي نند مان اٿي، اتساه ۾ آيو هئو، سو تخت ملڻ کان پوءِ، ٻيهر روايتي عياشيءَ تي لهندي دل من هٽڻ لڳو، ۽ فيصلي جي قوت کان محروم ٿي ٻيو. "جون" جو خيال هئو، ته هاڻي بنا ڪنهن دير جي پئرس تي حملو ڪيو وڃي، پر ٻئي طرف بادشاه "فلپي آف برگنڈي" سان بي مقصد ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيون، ته جيئن ڪيس انگريزن جي مقصدن جي پورائي کان پري رکي سگهجي. انهيءَ وچ ۾ "ڪميني" "ٽيلنس" ۽ "بيوواياز" جا شهر چارلس جي فوج جي قبضي هيٺ آيا، ۽ "بيوواياز" منجهان "پائري ڪاشون" نالي ان پادريءَ کي تڙيو ويو، جنهن اڳتي هلي "جون آف آرڪ" واري تواريخي مقدمي ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪيو.

بادشاه آڏو وڏي جدوجهد کان پوءِ، آخرڪار "جون" کي من جي مراد پوري ٿيندي نظر آئي، ۽ ڪيس پئرس تي حملو ڪرڻ جي اجازت ملي ويئي. پر ڪن سببن ڪري اهو حملو بري طرح سان ناڪام ٿيو. دراصل هن مهم ۾ 'جون' جي پويان، چارلس پنهنجي منهن وٺي منصوبه بندي ڪئي. هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"برگنڊي" جي فوج تي حملو ڪرڻ کان لنوائي رهيو هئو، ۽ گڏوگڏ 'جون' کي فوج پڻ ناڪافي مهيا ڪئي هئائين. جيتوڻيڪ پوءِ به 'جون' جي همٿ ۽ قيادت هميشہ جيان عظمتن جا آڪاس ٽي ڇهيا، پر افسوس جو هوءَ اڪيلي رهجي وئي. ڪائنس سواءِ هر ڪنهن جي دل ڀڄي پئي هئي. بهرحال انهيءَ جنگ دوران هوءَ وڙهندي گهائجي پئي. نتيجي ۾ "پورٽ سينٽ هونوري" تي ڪيل حملو، بري طرح سان ناڪام ويو، ۽ فرانسي فوج کي ناهوڪي سيکت ملي.

انهيءَ کان پوءِ 'چارلس' 'جون' ۽ سندس ڪٽنب جو مان رکندي، سندس ڳوٺ کي محصول کان ته آجو ڪري ڇڏيو، پر هن "جون" جي طلب پوري نه ڪئي- جيڪا هئي ته ڪيس فوج ڏني وڃي، ته جيئن هوءَ فرانس کي ڏارين جي قبضي کان پاڪ ڪري سگهي. بهرحال هوءَ پنهنجي نڪمٽائپ تي ڪامڻ ۽ پڇرڻ کان سواءِ ڪجھ به نٽي ڪري سگهي. پر جڏهن ڪيس سڌ پئي ته انگريز ۽ برگنڊيءَ وارا گڏجي، سندن پڪن اتحادين يعني "ڪمپيني" وارن ڏانهن وري رهيا آهن، ته هوءَ بنا دير جي گهوڙي تي سوار ٽي، سندن مدد لاءِ شهر کان نڪري پئي. پر شهر جي ٻاهران، هڪ اوچتي راتاهي ذريعي، هوءَ "جان آف لڪسمبرگ" هٿان پڪڙجي پئي، ۽ بدنام زمانہ "بيوواياز" جي لوڏيل پادري، 'ڪائو شان' جي برغلائڻ ڪري، (جيڪو 'جون' هٿان ٽيل بي عزتي جي باھ ۾ پڇري رهيو هئو) ڪيس انگريزن وٽ وڪيو ويو. جيڪي ڪيس ڏاڍو سمجهندا هئا. هنن جو خيال هئو، ته ڪيس فرانسيءَ پادرين جي گهٽائيءَ سان ٺهيل هڪ ديني عدالت ۾ پيش ڪري، مٿس مقدمو هلايو وڃي. انهيءَ خواهش مان اصل مقصد اهو هئو، ته جيڪڏهن اها "الهامي ۽ ديني عدالت" ڪيس قصور وار ٺهرائي ٽي، ته پوءِ انگريزن جي سوچ مطابق، هوءَ انهن ماڻهن جي نظر ۾ ڪري پوندي، جيڪي ڪيس "الله واري" ٿا سمجهن. جنهن ڪري هوءَ وڌيڪ ماڻهن جي دلين تي راڄ نه ڪري سگهندي.

چون ٿا ته مٿس مقدمو هلائڻ لاءِ، چالیهن چونڊ مذهبي عالمن تي ٻڌل تربيونل قائم ڪئي ويئي، جنهن جو سربراھ سندس شديد دشمن "ڪئوشان" کي مقرر ڪيو ويو. جڏهن ته ڏوھ جي پڇا لاءِ سؤنجهٽو (Inquisitor) 'جين لميسٽر' بٽيو. هن عدالت ۾ 'جون' مٿان جادوگري ڪرڻ، ۽ ڏاڻٽ پٽي سان گڏوگڏ، مروج مذهبي قدرن خلاف بغاوت ڪرڻ جو الزام مڑهيو ويو. سندس پڪڑجڻ ۽ مارجڻ جي وچ ۾ سڄو سارو سال گذري ويو، پر انهيءَ سڄي عرصي ۾ بادشاھ چارلس کيس بچائڻ لاءِ ڪڪ به ٻيٽو نه ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن مقدمي بابت وڌيڪ تفصيل ڏيڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي، چاڪاڻ ته هيءَ سڄي ڪار گذاري، عدالتي دنيا ۾ هڪ هيبتناڪ مذاق جهڙي حيثيت ٽي رکي. ڪئين هفتن گذرڻ کان پوءِ، پهريائين سڄي خلق آڏو، ۽ بعد ۾ جيل ۾، (جتي لوٽيي قسم جا سپاهي سندس محافظ هٿا) ڪائنس ڪٿورتا ۽ريل پيچا ڳاڇا ڪرڻ سان گڏوگڏ، مٿس بيشمار حقير ۽ بداراٿا الزام مڙهيا ويا. 'جون' تي مڪيہ ٻارنهن آروپ لڳايا ويا. جن مان سڀ کان اهم هٿا، ته سندس خيال شيطاني هٿا، ۽ هن جون اڳ ڪٿيون ڪوڙيون هيون. هن ٻرداٿو لباس اوڍي، عورتاڻي ست جي عزت خاڪ ۾ ملائي ڇڏي هئي. ۽ اهو به ته هن جي دعويٰ آهي، ته هوءَ ڪليسا جي صاحبن جي خلاف، خدا تعاليٰ وٽ دانهي ٽي آهي.

"ڪائوشان" جو مقصد فقط اهو هئو، ته هو "جون" کان ڏوهه جو اقرار ڪرائي. انهيءَ دؤران هڪ منصف جڏهن ڪيس جي ڪارروائيءَ کي غير قانوني قرار ڏنو، ته ڪيس مورگو پنهنجي ذميوريءَ کان ٽي آجو ڪيو ويو. سڀ کان وڏي ڳالهه ته "جون" طرفان، پوپ کي استدعا ڪرڻ جو حق به کائنس ڦريو ويو.

بهرحال هن سڄي ڪڏائڪ ڏؤنشي دوران "جون" ڏيرج جو دامن نه ڇڏيو، ۽ سندس ڳوڻائي حاضر جوابيءَ معزز جج صاحبان کي، بار بار آپي مان ٻاهر ڪڍي پٽي ڇڏيو. ڪارروائيءَ دوران "بيپوڙي" تالي هڪ جج، جڏهن کائنس پڇيو: ته ڇا سندس آواز سان گڏ خدائي روشني به شامل آهي؟ ته هن ورائيو: "توکي ياد رکڻ کپي، ته روشني رڳو تو مٿان ٽي نٿي پوي." ٻئي موقعي تي، جڏهن هڪ پيچا ڳاڇا ڪندڙ کائنس پڇيو: ته "سينٽ مارگريٽ" ساٿس هم ڪلام ٿيندي ساٿس ڪهڙي ٻولي ٽي ڳالهائي؟ ته "جون" جواب ڏنس: "هن مون سان فرانسي ٻولي ۾ پٽي ڳالهايو ۽ سندس ٻولي تنهنجي زبان کان گهٽي بهتر هئي." جڏهن بار بار مرداٿي ويس پائڻ واري 'بي حيائي ۽ نافرمانيءَ' بابت کائنس سوال ڪيا ويا، ته هن سادگيءَ ۽ريل عقلمنديءَ سان، صاف صاف واضح ڪيو، ته جيئن ته هو هڪ اهڙي قيدياٿي هئي، جنهن جي زندگي فاحش انگريز سپاهين جي وس هئي، ته ان مان ٽي حياداريءَ جي جهلڪ پسڻ ڪافي هئو.

ان هوندي ٻ هر شئي جي سهڻ جي هڪ حد ٿيندي آهي. "جون" ٻ آخرڪار انسان هئي، هن جي برداشت ٻ هڪڙي ڏينهن جواب ڏيئي ٻيهي رهي، سندس همٽ ٽٽي پٽي ۽ هن خاموشيءَ سان ڪيل سيني. "گناهن" جي اقرار نامي تي پنهنجي صحيح وجهي ڇڏي. دراصل "ڪٿوشان" جي لاءِ اهو ڏهاڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيد جو ڏينهن ثابت ٿيو. نتيجي ۾ "جون" کي جنم ٽيپ جي سزا ملي، پر انهيءَ "معمولي سزا" انگريز ليبر "ارل آف وارو وک" کي چيڑائي وڌو، هو 'ڪٹوشان' تي ناراض ٿيو، ته هن جونجهڑي ڏوهارڻ کي زنده چو چڏيو؟ پر ڪٹوشان جي ڪميٽائپ جي حد ٻ اچا ختم نٿي هئي! هن انگريز صاحب کي پڪ ڏياري ته: توهان ترسو، اسان 'جون' کي ٻيهر ٻ سزا ڏينداسون. واه واه! هڪ غير جانبدار مڪ منصف جا چا ته لفظ هٹا؟!

بهرحال واعدي جي پڪي "ڪٹوشان"، پنهنجو انجام پاڙيو ۽ انهيءَ سورهيائپ لاءِ، هن هڪ وڏو ناٽڪ رچايو. ناٽڪ اهو هئو ته، پهريائين ته، 'جون' مٹان عدالت طرفان مرداٹو ويس اوڍڻ جي بندش وڌي ويئي، پر سندس پڪڑيندڙن طرفان کيس پائڻ لاءِ ٻيا ڪي ٻ ڪپڑا مهيا نه ڪيا ويا، نتيجي ۾ اوگهڙ لڪائڻ لاءِ کيس مرداٹا ڪپڑا پهرٹا پيا. بس انهيءَ ڳالهه جي دير هئي! مٹس "ڪيل گناهه" کي ورجائڻ لاءِ، هن غير معمولي شاهدي/ ثبوت جو سهارو، ونندي کيس "ڪفر کي ورجائڻ" جو مجرم ڄاٹايو ويو، ۽ ايڏي "زبردست ڏوهه" جي پاداش ۾، هن کي موت جي سزا ٻڌائي وئي.

30 مئي 1431ع تي، "روئن" شهر جي مارڪيٽ واري چوسول تي، هن "انصاف پرين ناٽڪ" جي پڄاڻي "غير متعصب" اختيارن کي، اعليٰ عدالت طرفان، "جون" جي زندگيءَ جي خاتمي جي حڪمنامي ملڻ جي صورت ۾ ٿيئي ٿي. جنهن خواهش تي عمل ڪندي هن کي ابدي نند ڏني ويئي. مرڻ کان پهرين "جون" پنهنجن قاتلن کان هڪ صليب جي گهر ڪئي، جنهن گهر کي پورو ڪندي، هڪ سپاهيءَ هڪ ٻئي سان ٻڌل ٻه ڪائين جا ٽڪرا کيس ڏنا، ۽ ان کان پوءِ مرڻ وقت پر واري گرجا گهر مان، صليب کي سندس اکين آڏو آندو ويو. کيس زنده جلائڻ لاءِ جڏهن هن جي چوڌاري باهه جا ٻيڑ ٻڙڪي اٹيا، ۽ کيس پٹ چوڌاري وکوڙي ويا، ته هن صليب کي پنهنجن هٹن ۾ ونيو، فقط "مسيح!" جو لفظ اچاريو، ۽ پوءِ وڌيڪ هڪ حرف ٻ نه ڪڍيو.

البت چڪيا تي چڙهي رک ٿيڻ کانپوءِ ٻ، سندس دل ثابت سلامت رهي جڏهن ته سندس خاڪ کي روئن، شهر جي پل تان ٻيهي، "سين" درياهه ۾ اڇلايو ويو.

'جون' جي شهادت کان پنجويهه سال پوءِ، عوام جي دلين ۾ هن جي ياد ٻيهر ڪر موڙي اٹي، ۽ چارلس ستين جي حڪم هيٺ، سندس مقدمي کي ٻيهر اٹلايو ويو. جنهن ۾ "ڪٹوشان" جي ڏنل فيصلي کي رد ڪيو ويو. جڏهن ته لڳ ڀڳ پنج سئو سالن کان پوءِ، 1919ع ۾ "پوپ بينيڊڪٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڏهين "ڊومريمي" جي هن ٻهراڙيءَ جي نينگري کي، ڪئٿولڪ ڪليسا جي خدائي سنتن (Saints) جي مهانتا سان پيڻيو. البت پوين نسلن منجهه "جون" بابت بيان جي ٻن تاثرن کي، هيئين ٻن حوالن سان ڏيندي پورو ڪجي ٿو. جن مان پهريون فرانس جي عظيم شاعر "لئمرتين" جو آهي. جنهن چيو: "جون آف آرڪ" فرانسي حب الوطني جي پيغامبر، سورمي ۽ سادّ هئي. هوءَ پنهنجي وطن جو شان، موڪ يا چوڻڪارو ته هئي، پر ساڳئي وقت حياءُ ٻ هئي..... معصوم ڪنيا ۽ جوڌي "جون"، ڪنهن ٻ محب وطن سپاهيءَ جي جهنبي جو سونهندڙ اهجاڻ ٻڌجي چڪي آهي."

ٻئي طرف ايماندار ليکڪ، ۽ غير ضروري رومان پسنديءَ کان ڏور رهندڙ مهان ڪلاڪار، برناردشا طرفان، سندس پرشسنا يا ساراهه ٻ ڪا گهٽ ڪونهي. هن لکيو: "اسين 'جون' کي هڪ اهڙي سمجهدار ۽ ذهين ڳوناڻي نينگريءَ جي حيثيت ۾ قبول ٿا ڪيون، جنهن جو ذهن غير معمولي حد تائين سگهارو ۽ جسم جرئت ۽ همٽ جو اعليٰ مثال هئو. هن جيڪو ٻ قدم کنيو، سو مڪمل طور تي ڳڻي ڳوتي کنيو، انهيءَ جي باوجود جو سڄو طريقئه ڪار ايترو ته تکڙو هئو، جنهن جي ڪيس شايد ئي اهڙي نتيجي جي سڌ هجي. ۽ ممڪن آهي ته انهيءَ ڪري ئي، هن مڙئي مدايون پنهنجي مٿان کنيون. پر ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ڪونهي، ته هوءَ انڌي من اچل جي گهيري ۾ آيل جذباتي عورت نه، پر هڪ بهتر نيتي رکندڙ سورمي هئي."

(جان ڪئننگ جي ڪتاب "100 Great Personalities of the Wrold" تان ورتل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مارٽن لوٿر

جم: 10 نومبر، 1483ع
لاڏاٽو: 18 فيبروري، 1546ع

فرض ڪيو تہ ڪُهڪَ اونداھ سان ڀرڻ رات جو وڄڻو آھي. چؤڏاري ولھ پئي پوي، روح جي رڳ رڳ درد ۽ ايذاءَ ۾ رنڌيل، اندر خوف ۽ وسوسن جي واڇوڙي ۾ ورتل آھي. آسپاس جي اجنبي ماحول جي دھشت ۽ ھيبت ھنيانءَ تي ڇانيل ۽ چؤڏاري اڏ جي پوڄاري، ماٺھن جون ڪوڙڪيون وڇايل آھن- جن جي ڦندي ۾ ڦاسڻ، معنيٰ سر تان آھو ڪٽڻ، وارو قصو لڳو پيو آھي. اھڙي ماحول ۾، جيڪڏھن ڪا دلڙي جُرئت ڪري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راهِ اجل تي نڪري پوي، تہ ان کي رت پوڻءِ جي جُڙيل دل نہ، پر رُڪ جو ٽهيل ڪو راندیڪو چئبو. بيشڪ ڪجهہ ماڻهو انسانذات جي تواريخ ۾ اهڙا ٻہ ٽي گذريا آهن. اهڙن مڙسن مٽيرن جو جڏهن ٻہ ذڪر نڪرندو، تہ انهن ۾ مارٽن لُوٿر جو نالو ضرور ايندو. جيتوٿيڪ هو هيو تہ مذهبي مُنش، پر مذهب جي نالي ۾ ٽيندڙ ڪارين ۽ بدمعاشين کان سخت منڪر ۽ درحقيقت انڊپٽي جي خلاف ڪزبردست احتجاج هيو. مارٽن لوٿر جو سڀ کان اهم ڪارنامو ڪنڊُپٽي ۽ دقيانوسي خيالن کي للڪار آهي، جنهن للڪار ئي اڳتي هلي يورپ جي مٽان،هزار سالن جي ٻاٽ اونده کي ختم ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو.

مارٽن لُوٿر ڪاٺ مزدور جو پُٽ هُئو، ۽ وڃُ ڪرڻ دوران معجزاتي طور تي بچي ويو. هُن راهب ٽيڻ کي زندگيءَ جو مقصد بڻايو ۽ انهيءَ سلسلي ۾، روم جو چڪر ٻہ هنيائين. روم ۾ هُن مذهب جي نالي ۾ ٽيندڙ بدڪرداريءَ جو سخت نوٽيس ونندي، ڪليسا کي براين ڪان پاڪ ڪرڻ جو عزم ڪيو. پروٽيسٽنٽ تحريڪ ذريعي هُن عيسائيت ۾ زبردست انقلاب آندو ۽ انهيءَ حيثيت سان سڄي دُنيا ۾ سُجاتو ويو.

'زاڪ نوئل پيرس' جنهن مارٽن لوٿر بابت هيءُ ننڍڙو مضمون لکيو آهي، سو فرانس جو هڪ قابل عيسائي عالم ۽ 'لوٿر چرچ آف فرانس' جو پادري آهي. انهيءَ کان سواءِ پئرس ۾ قائم ٽيل لوٿري تحقيقي مرڪز ۾ "چرچ ۽ يهودين جي بقا جي تحريڪ" نالي اداري جي ترجمان سان گڏوگڏ، ڪيٿولڪ انسٽيٽيوٽ ۾ پڙهائيندو ٻہ آهي.

ـ سنڌيڪار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيتوٿيڪ هن سال سڄي دنيا ۾ پروٽسٽنٽ فرقي وارا مارٽن لوٿر جي 500 هين سالگره ملهائي رهيا آهن، پر اها تقريب هن فرقي جي پائي وڃهندڙ تائين محدود ڪونهي، ڇو ته ماٺهن وٽ ويساه جو مرڪز رڳو انجيل مقدس ئي آهي. ان هوندي ۽ اسين جڏهن سندس جيون بابت، ڳالهائينداسين، ته ڇڙو هن جي ڏرمي معاملن، ايمان ۽ مقصدن تي ئي نه، پر زندگيءَ جي ٻين مختلف پهلوئن تي ۽ روشني وجهنداسون.

هونئن ته لوٿر جي سڌارڪ تحريڪ جو اصل مقصد عيسائيت کي ٻاهرين اثرن کان پاڪ ڪرڻ ئي هيو، پر ان کان سواءِ هڪ ٻيو مطلب اهو ۽ هيو، ته ڪرستانن تي زور ڏجي، ته پنهنجي ڏرمي جماعت ۽ سماج، جنهن جو هو هڪ حصو آهن، تنهن طرفان جيڪي حق ۽ فرض مٿن لاڳو ٿين ٿا، تن کي مالڪ جي مرضيءَ مطابق پورو ڪن.

لوٿر وارو زمانو ڏاڍو شاندار دؤر هيو، جنهن ۾ اِراسمس، ازابيلي، البريخت، ديورر، مائيڪل اينجلو، ڪاپرنيڪس، پيرا ڪيلسس، ميڪيا ويلي، اگنيشئس، لايولا ۽ ماجيلان کان سواءِ، ٻين اهڙين اڻ ڳڻ هستين جو نانءُ جرڪي رهيو هيو، جن سائنس، ادب ۽ هٿ جي هنر کي عظمتون بخشيون. اهي شخص هر قسم جي ڏاهپ ۽ عقل سان هٿيار بند هيا، تنهن ڪري ئي انهيءَ دور کي "علم جي نئين جنم" وارو مدو ليکيو وڃي ٿو.

ذهن ۾ رهي ته انهيءَ وقت جي پيدائش، گوئٽي جو شاهڪار فائوسٽ هيو، ته بينڪر خاندان "فگر" جو ۽ دؤر ساڳيو هيو، جنهن ۾ دولت کي هر ضرورت جي پورائي، جو درجو ڏنو ٿي ويو. جڏهن اڳتي هلي وٽج واپار ۽ دولت ۾ واڌارو آيو، ته سورهين صديءَ ۽ ان کان پوءِ ماٺهو هڪ اهڙي موڙ تي پهتا، جتي هو دنيا کي هڪ نئين رخ کان ڏسڻ لڳا، ۽ علم جي لاءِ هڪ نئين جوش جنم ورتو. هن مضمون ۾، اسين تعليم جي باري ۾ لوٿر جي فڪر تي روشني وجهنداسون، ڇو جو ان جو نه رڳو انهيءَ دؤر جي ثقافت، بلڪ اسان جي پنهنجي دؤر سان ۽ گهاڻو واسطو آهي.

مارٽن لوٿر 10- نومبر 1483ع ۾ "آئزلين سيڪسني" ۾ ڄائو. سندس ابي جو نانءُ "هانس لوٿر" ۽ امڙ جو "مارگريٽ زيگلر" هيو. سندس پنهنجي چوڻ موجب هن جا ابا ڏاڏا هارپو ڪندا هيا. جيتوٿيڪ اها ڳالهه درست آهي، پر انهيءَ ڳالهه جا ۽ پڪا ثبوت آهن، ته انهن مان ڪي مينسفيلڊ جي علائقي ۾ ٽامي جي کاڻين تي ۽ پاڻ آزمائيندا هئا. سندس والد 1484ع ۾ هميشه لاءِ مينسفيلڊ ۾ لڏي اچي ويٺو، جتي ٿورڙي وقت کان پوءِ ئي، اتان جي ڪڏيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٺنچائت جو ميمبر چونڊيو ويو.

لوٿر جي پالنا ڏاڍي سخت ماحول ۾ ٿي. پنهنجي مشهور ڪتاب "ٽيبل ٽاڪ" ۾ هن هڪ هنڌ انهيءَ ڳالهه جو ذڪر ڪندي لکيو آهي: "منهنجو ابو امان ڏاڍا سخت هيا، جنهن ڪري ئي آئون شرميلو رهندو هيس. مون کي ياد آهي ته هڪ دفعي،ڪنهن ڳالهه تان منهنجي امان،مون کي ايڏي ته زور سان چهبڪ هنيو هيو، جو منهنجي جسم جي هڪ حصي مان رت ٽينديون ڪري وهي هليو. جيتوڻيڪ اندر ۾ هو منهنجو پلو چاهيندا هيا، پر حقيقت اها آهي ته کين ٻارن سان مناسب ورتاءُ هلڻ جي ڪا سڌ ڪانه هئي، تنهن ڪري ئي مون سان ڏاڍي بيڙي حالت ڪندا هئا." اهي وارتائون جڏهن هن اڳتي هلي تعليم بابت غور ۽ فڪر ڪرڻ شروع ڪيو، ته ۽ سندس ذهن ۾ پيڇو ڪنديون رهيون.

لوٿر جي ابتدائي تعليم،پهريان مينسفيلڊ جي هڪ لاطيني ٻوليءَ جي اُستاد وٽ ٿي، جتي هن انجيل جو جرمن ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو. انهيءَ قدم سان ئي درحقيقت جرمنيءَ جي ترقيءَ جي شروعات ٿئي ٿي (هيءُ ترجمو 1534ع ۾ پورو ٿيو هو). انهيءَ وچ ۾ 24_1525ع ۾ هارين جي مشهور اسڪول، ۽ بعد ۾ "ماگڊيبرگ" جي اداري "برادرز آف ڪامن لائيف" ۾ سندس تربيت ٿي. جتان ڪان پوءِ هو "ايزباخ" جي پيرش اسڪول مان فارغ ٿي، ارفورٽ يونيورسٽي پهتو، ۽ پهريان بي اي ۽ پوءِ ايم اي جون سندون حاصل ڪيائين. جيتوڻيڪ سندس سڄي تعليم جو مقصد وڪالت ڪرڻ هيو، پر پنهنجي پيءُ جي خواهش جي برخلاف، ارفورٽ جي "آگستيني" راهب جي خانقاه ۾ شامل ٿي ويو. 1507ع ۾ پادري ٻڌڻ کان پوءِ هو ڏرمي مطالعي ڪرڻ ۾ جنبي ويو، جنهن ڪري 1512ع ۾ ڪيس دينيات ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ملي. انهيءَ کان پوءِ يڪو هن "وٽنبرگ" يونيورسٽيءَ ۾ توريت ۽ انجيل جا درس ڏيڻ شروع ڪيا.

انهيءَ درس تدريس ۾ مسلسل محو رهڻ ڪري، سندس ذهن ۾ سماج کي سڌارڻ جو خيال پڌا ٿيو. انهيءَ سلسلي ۾ 31 آڪٽوبر 1517ع ۾ هن پنهنجا مشهور 95 نقطا پيش ڪيا، ۽ انهيءَ قدم کان ئي،سندس جڳ مشهور "سماج سڌارڪ" تحريڪ شروع ٿئي ٿي. 1520ع ۾ سندس عظيم اصلاحي لکڻيون ڇپيون، جن مان "جرمن قومن جي عيسائي معززن کي خطاب، بابل جي بند جا ڌهاڙا، ۽ ڪرستان جي آزاديءَ جي نانءِ" جهڙا رسالا ب شامل آهن. ساڻئي سال پئي طرف روم کان پوپ، مارٽن لوٿر کي عيسائي برادريءَ مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خارج ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

1521ع ۾ مٿس پابندي وجهڻ کان پوءِ 1522ع ڌاري، ڪيس وٽنبرگ جي قلعي ۾ باندي ٻڌايو ويو، ستت ئي سندس قيادت ۾، ڪليسا جي خلاف بغاوت ٿي ۽ 1525ع ۾ سندس اِراسمس سان اختيار ۽ جبر جي مضمون تي جڳ مشهور بحث ٿيا. انهيءَ سال هن جي 'ڪيٽرينا‌وان بورا' سان شادي ٿي. 1529ع ۾ پنهنجي تدريسي صلاحيتن جو مظاهرو ڪندي، هن پنهنجا مختصر ۽ دگها عقيدا چپرايا.

1530ع ۾ پروٽسٽنٽ فرقي جي عيسائي عالمن 'آگسبرگ' جي هنڌ پنهنجي بنيادي اصولن جو اعلان ڪيو، جنهن کي اڄ "لوٿرانيت جو چارٽر" سڏيو وڃي ٿو. پنهنجي سڄي عمر تبليغ ۾ گذارڻ کان پوءِ، 1546ع ۾ مارٽن لوٿر هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. جيتوڻيڪ سندس مڪمل تصنيفن جي سُڌ ڪونهي، پر پوءِ ۽ سؤ جلدن تي ٻڌل سندس ويچار اڄ ۽ موجود آهن.

يورپ جي اونداهي دؤر واري عرصي ۾ تعليم جو بنيادي مقصد، خدا جو خوف پيدا ڪرڻ ٿي هوندو هئو. عام ماڻهوءَ وٽ خدا جو تصور قهار وارو ٿي وڃي بچيو هيو، پر ان جي ابتڙ لوٿر خدا جي رحمان ۽ رحيم وارن تصورن کي اجاگر ڪيو، ۽ درحقيقت اهو تصور ئي تعليم بابت نئين خيال جو بنياد بڻيو. تنهن ڪري اها ڳالهه پڌري آهي، ته جڏهن کان هن "جرمن قوم جي عيسائيت جي چڱن مڙسن کي خطاب" نالي ڪتاب لکيو، هو لڳاتار تعليمي مسئلن تي ڪم ڪندو رهيو. هو ٻين عالمن وانگر، چَرچ ڪوريءَ واري ڏيگهه ۽ ڳالهه ته ڳالهه تي اڙي هٽي بيهڻ جي سخت خلاف هيو. سندس خيال اهو هيو، ته علم جي حاصلات ان جي اصل پڌارٿ يا جوهر مان هجڻ کپي. تنهن ڪري ٿي هن لاطيني ٻوليءَ کي سکڻ جي صلاح ڏني، ته جيئن انجيل کي وڌيڪ چڱي نموني سمجهي سگهجي. هن هڪ هنڌ لکيو آهي: "اڄون انهيءَ مسئلي تي راضي آهيان ته منطق، علم بيان ۽ ارسطو جي ويچارن کي بنا تشريح پڙهائي ۽ سمجهي سگهجي ٿو، ۽ کين مختصر ڪري ايئن پڙهايو وڃي، جيئن "سسرو" جي علم بيان جي تعليم ڏني ٿي وڃي. هاڻي حالت اها آهي، ته ارسطو جي منطق مان پرچارڪ ۽ مقرر، ڪو به فائدو حاصل نٿا ڪري سگهن. ٻيو ته ڇڏيو پر اسان کي لاطيني، يوناني ۽ عبراني ٻوليون، علم رياضي ۽ تواريخ ۽ پڙهائڻ کپي ۽ ماڻهن کي علم جي چوند ۾ پٽ آزاد ڪيو وڃي. انهيءَ رُخ ۾ جيڪڏهن سنجيدگيءَ سان اصلاح شروع ڪئي وڃي، ته ڏاڍا سٺا نتيجا ملي سگهن ٿا."

لوٿر نه رڳو يونيورسٽيءَ جي تعليم ۾ دلچسپي ورتي، پر ٻهراڙيءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سطح تائين ۾ زائفن ۽ مردن جا اسڪول کولڻ جي صلاح ڏني. جن کي روزانو هڪ ڪلاڪ انجيل جي تعليم ڏني وڃي. ڪجھ سالن کان پوءِ 1524ع ۾ "عيسائي اسڪول پاران ميٿرن ڏانھن ھڪ خط" نالي ھڪ تحرير ۾، ھُن جيڪي تجويزون رکيون، سي اڄ ۾ نيون نڪوريون ٽيون لڳن. ھن چيو آھي: "مانوارؤ! جيڪڏھن امن آشتيءَ لاءِ ھر سال ھٽيارن، ٽٽنڪن ۽ پُلين وغيره تي بيشمار پئسا خرچ ڪري سگھجن ٿا، تہ پارڙن جي تعليم تي ۾ ڪجھ پئسو خرچ ڪرڻ ۾ ڪھڙو حرج آھي؟"

لوٿر جي دل ۾ استادي پيشي جي لاءِ ڏاڍو مانُ ھيو. پارڙن کي اسڪول موڪلڻ واري تحرير،جي سلسلي ۾ لکيل ھڪ ڪتابڑي ۾، (جيڪو 1530ع ۾ ڇپيو) ھن ايتري قدر ۾ لکيو تہ: جيڪڏھن آڻن مذھبي عالم نہ ھجان ھا، تہ جيڪر ڪنھن اسڪول جو استاد ٽيڻ گھران ھا. انھيءَ ڪري ئي ھن گھرائيءَ سان تعليمي ماھرن جي مسئلن ۽ مشڪلن جو ۾ جائزو ورتو.

لوٿر درس تدريس جي معاملي ۾ رڳو حوالي ئي نہ ھيو. ھن انھيءَ ڳالھ تي زور ڏنو تہ پڙھڻ وارو (ڪتابي) علم ئي اسان جو مقصد ڪونھي ۽نہ وري ان مان علمي زندگيءَ جون گھرجون پوريون ٿي سگھن ٽيون. ڪتابي علم سان گڏوگڏ پارڙن کي،ھنرمنديءَ ڏانھن ۾ لاڙڻ گھرجي. جيئن ھن لکيو آھي: "پارڙن کي ڪجھ ڪلاڪ اسڪول ۾لي موڪليو، پر کين گھر ۾ اھي سڀ ڪم ۾ سيکارڻ ضروري آھن، جن جي عملي زندگيءَ ۾ اھميت آھي."

مارٽن لوٿر نہ رڳو چوڪرن پر نينگرين جي تعليم جو ۾ زبردست حامي ھئو. سندس تعليمي سوچ ۾ ۾ ڳالھيون ڏاڍيون اھم آھن. جن مان پھرين پارڙن جي تعليمي، ڪتابي ۽ ھُنري تربيت ۽ گھر جي سڀني ياتين، يعني نوڪرن سميت سڀني ماڻھن کي تعليم ڏيارڻ جي ضرورت. ۽ ٻي ڳالھ تہ ان سڄي طريقہ ڪار ۾ گھر جا وڏا مڪمل دلچسپي ظاھر ڪن. پنھنجي مختصر تعليم وارن خيالن تحت، ھن مڪالمي بازي، يعني سوال ۽ جواب جي شڪل ۾ علم ڏيڻ جو خاڪو ڏنو آھي، جيڪو اڄ ۾ اڪثر گرجا گھرن ۾ اختيار ڪيل آھي. سندس خيال ھيو تہ پارڙن کي علم سان سرفراز ڪرڻ مان مطلب اھو ڪونھي، تہ کين آلتو فالتو شيون بي سبب رٽائيون وڃن،پر انھيءَ جي ابتڙ علم کي ھڪ زنده سڃائي ۽ علمي تجربي تحت پاڙھيو وڃي.

لوٿر کان پوءِ ملانشتن کي تدريسي ماھر ميجيو ويو، ايتري قدر جو کال-ون سميت،ٻيا ڪيترائي مذھبي رھنما سندن پوئواري ڪندا رھيا. ممڪن آھي تہ سندن طريقہ ڪار ۾ ڪا ڦير گھير ھجي، پر ھن جو مقصد ھڪڙو ئي ھيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعني اهو تہ هنن گڏجي هڪ اهڙو ثقافتي انداز اختيار ڪيو، جنهن ۾ دين ۽ دنيا سميت زندگيءَ جا سڀ رُخ جاچڻ ۽ پرک ۾ اچڻ لڳا. سندن اصل مطلب مولوي موراٽا پٽدا ڪرڻ بدران، باعمل زائفون ۽ مڙسالو پٽدا ڪرڻ هيو،تہ جيئن هو فضيلت پري زندگي گهاري سگهن. ٻين لفظن ۾ لوٽر گناهه جي عذاب واري پوَ کي، پالٿهار جي محبت ۽ چوٽڪاري لاءِ،سندس ٻاجهه جي آس ۾ تبديل ڪري چڏيو. انهيءَ ڪري لوٽر ٻجا ويچاري،اڄ ب جهالت لاءِ هڪ زبردست للڪار جي حيثيت رکن ٿا.

(پيامي جي 1983ع جي ڪنهن پرچي تان کنيل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سر فرانسس نکولس بئکن

جنم: 22 جنوري 1561ع
لاڏاڻو: 9 اپريل 1626ع

سر فرانسس نکولس بئکن انگلينڊ جو اُهو مفڪر، مضمون نويس، قانونداڻ ۽ مدبر آهي، جنهن فڪر جي تواريخ ۾ "اعتقاد" ۽ "علم" وارين واٽن کي، جدا ڪري ٻيهاريو. جيتوڻيڪ پنهنجي دور ۾ مذهبي شدت پسنديءَ جي زور سبب، هو ڪليو ڪلايو "مذهبي جنونين" ۽ ڪليسا جي خلاف نه ڳالهائي سگهيو، ۽ نه ئي وري مذهب بابت پنهنجن اصلوڪن ويچارن کي ظاهر ڪري سگهيو، پر به پوءِ لڪل لفظن ۾ ئي سهي هو سچ جو پرچار ضرور ڪندو رهيو.

سندس آڏو سچ اهو آهي ته: علم جي بنيادي حاصلات حواسن (Senses) ذريعي ٿئي ٿي، يا اهو ته ڄاڻ فقط

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انساني تجربي ذريعي ممڪن آهي- اهڙي طرح هن تجربيت (Empiricism) جو اهو ٻج پوکيو، جيڪو اڳتي هلي، هيوم، هابس، برڪلي ۽ لاڪ جي فڪر جي صورت ۾ سگهارو وڻ ٿيو. علي عباس جلالپوري پنهنجي ڪتاب "روايات فلسفه" ۾ لکيو آهي:

"ٻڌڻ فيلسوفيءَ کي مذهب کان جدا ڪيو ۽ ٻڌايو ته مذهبي عقيدن بابت علمي ۽ عقلي دليل ڏيڻ فضول آهن. سندس خيال هئو ته هن دنيا جون هڙئي شيون حقيقي آهن ۽ مٿن اٽل مَٽ (Unchangeble) قانون جو ڪنٽرول آهي، جن جي سڌائتا سان ڪائنات جي ڳجهن کي پروڙي سگهجي ٿو."

ذاتي طور تي ٻڌڻ ايڏو ايماندار ۽ ڳالهه جو پڪو نه هئو، جيڏو سندس سهيوگي فيلسوف ۽ لارڊ چانسلر سر ٽامس مور هئو. بلڪ جيڪڏهن چئجي ته منجهن اهڙو ئي فرق هئو، جهڙو اسپنوزا ۽ ليبنز جي وچ ۾ هئو ته انهيءَ ۾ ڪو وڏائڻ ڪونه ٿيندو. هو بنيادي طور تي ذهين، چؤڪس ۽ زماني جي رخ مطابق هلندڙ شخص، پر تجربي/ تجرباتي سائنس ۽ جستجو جو چاهيندڙ هئو. جڏهن ته هو انهن درويشائن ۽ ڪهل يا قناعت پسنديءَ وارين خوبين کان تقريباً وانجهيل هئو، جيڪي اڪثر ڪري فلسفين جي شخصيتن جو بنياد هونديون آهن. اهو ۽ درست آهي ته هن جو مابعد الطبعيات (Metaphysics) سان چاهه ۽ نظرين جي چند چاڻ، ۾ ڪو گهرو لڳاءُ نه هئو، پر سائنس ۽ منطق سان سندس دلي وابستگي سندس خيالن ۽ تحريرن مان واضح آهي. مصيبت هيءَ ۽ آهي ته سنڌ ۾ دانشورن جا اڌ پڙهيل "ٽاکوڙا وجهندڙ" گروپ ته موجود آهن پر اسان وٽ اهڙا پنج ۽ عالم ڏسڻ ۾ نٿا اچن، جيڪي منطق ۽ فلسفي سميت سنجيده ۽ فڪري بحث پيدا ڪرڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن علمن کي عام ماڻهوءَ ڏانهن متعارف ڪرائڻ جي جستجو ڪن- جنهن جي نتيجي ۾ معمولي اصطلاح ۽ آسان ترڪيبون يا سادين مساواتون ۽ سمجهائڻ ۾، ماڻهوءَ جو اصل مطلب ۽ مقصد تان ڏيان ڪڍيو وڃي. انهيءَ ڳالهه جو رسل جي هن مضمون مان به اندازو ٿيندو، جيڪو بي شڪ ڪنهن قدر ڳوڙهو ۽ وضاحت طلب آهي.

بهرحال جيتريقدر ٻڌڻ جي سوچن جو تعلق آهي، تہ اهي جوهر ۾ سادين ۽ آسان هجڻ جي باوجود بيان ۾ ڪجهه ڏکيرڙين ضرور آهن، ڇاڪاڻ جو هن هر شئي کي ثابت ڪرڻ لاءِ، منطق جو سهارو ورتو آهي ۽ اسان سيني کي اها سڌ آهي تہ منطقي طريقو سڌوسنئون ۽ بہ ۽ بہ چار وارو تہ ضرور آهي، پر اهي سادا دليل بہ ڪن ڳوڙهن قاعدن تي ٻيهل آهن، جن مان ٿي ڪنهن بنيادي نتيجي تي پهچي سگهجي ٿو. ان جي باوجود فڪر جي اتهاس ۾ سندس ذڪر ڪندي اهو لاب ڪجهه ڪيس ضرور ڏنو ويندو، تہ هن حقيقتوسي سوچن ۽ انڌي تقليد ڪندڙ ٽولن جي خلاف، پنهنجي اندر جو آواز بلند ڪندي، مفڪرن آڏو نيون راهون نروار ڪرڻ لاءِ بنياد فراهم هيا. سچ پچو تہ ٻڌڻ ان وقت ۾ اڃوڪي دور جي انهن ٽورڙن سوشلسٽن جهڙي حيثيت رکندڙ شخص هئو، جيڪي روس ۽ ٻين ملڪن ۾ سماجوادي سرشتي جي ناڪاميءَ جي باوجود، اهو وڏي واڪي چون ٿا، تہ انساني شعور جو اعليٰ ترين اظهار ۽ فڪري ترقيءَ جا بهترين امڪان آمريت وارا نہ، پر جمهوريت پريا هجڻ ڪپن. جيڪڏهن ايئن نہ هجي ها تہ ٻڌڻ ڪيئن همٿ ڪندي مذهبي قوتن آڏو چوي ها تہ: "سچي ڄاڻ پراڻين سوچن يا پراڻن وهمن منجهان نٿي ملي، پر اها تہ ذاتي تجربن ذريعي حاصل ٿئي ٿي." انهن خيالن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ٿي مون کيس جاڳرتا واري دؤر ۾ هوندي ۽ اونداهي دؤر جو هڪ اهم آواز ڪري سڏيو آهي، جاکاڻ جو سندس دؤر ۾ ذلت پسند قوتون پنهنجي بقا لئه شديد لڙائي لڙي رهيون هيون. منهنجي انهيءَ دعويٰ جي صداقت نہ رڳو مشهور مفڪر بائل، نيوٽن هابس، والٽيئر ۽ ديدرو پاران سندس باري ۾ ڏنل راءِ منجهان ڪري ٿي سگهجي، پر اهي ڳالهيون به بٹڪن جي اهميت وڌائين ٿيون، جن مطابق شيڪسپيئر جي ناٽڪن منجهان، ڪن جو لکاري کيس جاٹايو ويو آهي.

ـ سنڌيڪار

جيتوڻيڪ فرانسس بٹڪن جي فيلسوفي ڪيترن ئي رخن ۾ اڻ پوري آهي، پر پوءِ ۽ جديد منطق ۾ حاصلاتي يا استخراجي طريقي (Inductive Method) جي باني هجڻ ۽ سائنسي طريقہ ڪار جي منطقي درجي بندي لاءِ جاکوڙ ڪندڙ بنيادي ڏاهي جي حيثيت ۾، سندس فڪر جي تاريخ ۾ دائمي اهميت آهي.

فرانسس بٹڪن جو پيءُ سر نڪولس بٹڪن "شاهي مهر رکندڙ عملدار" (Lord Keeper) هئو، جڏهن ته سندس پڻي سر وليم سيسل (جيڪو بعد ۾ لارڊ برگلي جي نالي سان مشهور ٿيو) جي زال هئي، تنهن ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته سندس پرورش رياستي معاملن سان لاڳاپيل ماحول ۾ ٿي- ٿيوبهن سالن جي مختصر عمر ۾ هو پارليامينٽ جو ميمبر ٿيڻ کان پوءِ، ايسيڪس جو مشير بٹيو. اڳتي هلي جڏهن ايسيڪس شاهي خاندان جي ڏمر جو شڪار ٿيو، ته هن مقدمي ۾ سندس ڪافي مدد ڪئي، پنهنجي انهيءَ ڪردار ڪري مٹس ناهوڪي تنقيد پڻ ٿي. مثال طور، "لٹن اسٹراچي" پنهنجي ڪتاب (Elizbeth and Essex) ۾ بٹڪن جو ڪردار بيان ڪندي، ڪيس بدخواهيءَ ۽ غداريءَ جو راکاس ڪوئيو آهي. حقيقت ۾ اها ساڻس وڏي زيادتي آهي، جاکاڻ جو هو ايسيڪس سان تڏهن کان گڏ هئو جڏهن هو وفادار هئو، ۽ هن جڏهن به محسوس ڪيو ته ايسيڪس سان سازش ڪيڻ غداري ٿيندي، ته بٹڪن کانئس پري ٿي ويو ۽ انهيءَ ۾ اهڙي ڪابہ ڳالھ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانهي جنهن کي ڪو ڪٽر اخلاق پسند ۽ رد ڪري سگهي.

پر ايسيڪس کي چڱڻ جي باوجود جيسين راڻي ايلزبيٿ جيئري هئي، مٿس ڪاپيءِ مهرباني ڪئي. پوءِ جڏهن جيمس راڄ ڏٺي ٿيو، تہ سندس قدردانيءَ ۾ اضافو ٿيو ۽ 1617ع ۾ ڪيس ٻيءَ جي عهدي تي مقرر ڪيو ويو ۽ 1618ع ۾ ڪيس لارڊ چانسلر بڻايو ويو. پر هن مانائتي عهدي تي مقرر ٿئي اڳ ڪيس ۾ ورهيه مس گذريا هوندا، جو وٽس هلندڙ هڪ ڪيس ۾ تڪراري ڏر کان رشوت وٺڻ جي الزام ۾ مٿس ڪيس هلايو ويو. هن انهيءَ سلسلي ۾ ڪي تحفا قبول ڪرڻ جهڙا الزام ڪٽي ميڙيا ۽ سهي، پر ساڻئي وقت اهو ۽ واضح ڪيائين تہ ايئن ڪرڻ ڪري، سندس طرفان مقدمي ۾ ڏنل فتوائون متاثر ڪونہ ٿيون هيون. بهرحال انهيءَ سلسلي ۾ هر ڪو پنهنجي راءِ قائم ڪري سگهي ٿو، پر جيئن تہ اهڙي ڪا ٺابتي موجود نہ هئي تہ بٺڪن فيصلو ڪندي ايمانداريءَ جو مظاهرو ڪيو هوندو، تنهنڪري انهيءَ ڏوهہ ۾ مٿس 40000 (چاليه هزار) پائونڊ روڪ ڏنڊ وجهڻ سان گڏوگڏ، ڪيس قلعي جي هڪ برج تي قيد ڪرڻ جي سزا پڻ ڏني ويئي. ساڻئي وقت سندس دربار ۾ اچڻ تي هميشہ لاءِ پابندي وجهندي، ڪيس ڪنهن ۽ سرڪاري عهدي لاءِ نااهل قرار ڏنو ويو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ انهيءَ سزا تي عمل رڳو جزوي طور تي ٿي سگهيو. ڇاڪاڻ جو نہ رڳو هو برج واري بند ۾ ڇڙا چار ڏينهن رهيو پر ڏنڊ ۽ پرڻ لاءِ ۽ مٿس ڪا سختي ڪونہ ڪئي ويئي. البتہ ڪيس سرڪاري نوڪريءَ ڪان پري رکيو ويو. جنهنڪري هن حياتيءَ جا باقي ڏهاڙا هڪ اهم ڪتاب سرجڻ لاءِ اربي ڇڏيا.

جيتريقدر انهن ڏينهن جو تعلق آهي تہ عدالتي ڪارروائيءَ ۾ اخلاقي ضابطا ڪي هروپرو سخت ۽ نہ هئا، تنهنڪري لڳ ڀڳ هڙئي جج اڪثر ڪري ڪيس ۾ شامل ٻنهي ڌرين کان، سوڪڙيون پاڪڙيون وٺندا رهندا هئا. اڇوڪي ڏۏر ۾ اسين اها وڏي زيادتي ٿا سمجهون تہ ڪو جج رشوت خور هجي ۽ انهيءَ کان وڌو ناحق تڏهن ٿا سمجهون، جڏهن جج صاحب ڏوڪڙ ڏينڊڙن کان مال مليدا وٺڻ کان پوءِ فيصلو ۽ سندن خلاف ڏئي. اڳئين دور ۾ جيتوٽيڪ تحفا قبول ڪرڻ رواجي ڳالهہ هئي، پر تڏهن ۽ جج فيصلو ڏيڻ مهل گهٽو ٽٽو پنهنجي ايمانداريءَ جو مظاهرو ڪندي، تحفن جو اثر هرگز ڪونہ قبولينداهئا. هوڏانهن بٺڪن کي مليل سزا سندس غير معمولي ڏوهاري هجڻ ڪري نہ، پر دربار ۾ مخالف ڌر سان تڪرار جو نتيجو هئي. جيتوٽيڪ بٺڪن پنهنجي اڳواڻ سر ٿامس مور وانگر ڪنهن اعليٰ ڪردار جو مالڪ تہ نہ هئو، پر هو صفا ڪو ويل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا بدڪار بہ ٿ هئو. اخلاقي لحاظ ڪان هو ڪنهن عام رواجي ماڻهوءَ جهڙو هئو. جنڪڏهن پنهنجي هم عصر ماڻهن جي گهٽائيءَ ڪان سڏو نہ ٿ هروپرو برو بہ نہ هئو.

ڪيس ريٽائر ڪرڻ ڪان پوءِ پنج سال مس گذريا هوندا، جو هڪ ڏينهن يخ ٽيل ڪڪڙ کي خراب ٽيٽ ڪان بچائڻ جي ڪوشش يعني "ٽارڻ" (Refrigeration) بابت تجربو ڪندي هو ٽڏ وڃڪيءَ گذاري ويو.

علمي ڪمن جي سلسلي ۾ بڪن جو سڀ ڪان اهم ڪتاب "سڪيا جي اڳيرائي" (Advancement of learning) ڪيترن ئي رخن ۾ ساراهڻ جوڳو ۽ هڪ نئون نڪور فڪر پيش ڪندڙ ڪتاب آهي. بڪن کي "علم کي طاقت آهي" جي نعري جو باني سمجهيو ويڇي ٿو توڙي جو ڪائنس اڳ بہ ڪيترن مفڪرن ساڳي ڳالهہ چئي هئي، پر سندس ڪارنامو هي آهي تہ هن ساڳئي ڳالهہ کي وزنائتي انداز ۾ ورجايو. بڪن جي سڃي فيلسوفيءَ جا بنياد عمل پسنديءَ تي بيٺل آهن، تہ جيئن انسانذات کي نين سائنسي ايجادن ۽ حاصلات ذريعي، فطرت جي قوتن مٿان مهارت ڏياري سگهجي. سندس خيال هئو تہ مدرسيت جي اُبتڙ علميت پسنديءَ تحت فيلسوفيءَ ۽ الاهيات کي هڪٻئي جي انتهائي قريب آڻي سندن سنجوگ ڪرڻ بدران پنهنجي ذار ذار رکيو ويڃي. ممڪن آهي تہ انهيءَ جو ڪارڻ هڪ اهو بہ هجي تہ هو پڪو ڏرم وادي هئو، ڇاڪاڻ جو انهن مسئلن تي هن رياست سان ٽڪر ڪائڻ کان هٽر پٽي ڪيو؛ پر هن جڏهن دعويٰ ڪئي تہ، عقل ذريعي خدا جي وجود کان آگاهي ٿي سگهي ٿي، تہ هن مذهبي تعليم ۾ هر پي شئي کي فقط الهام جي ذريعي ٿي سمجهہ ۾ اچڻ جوڳو ممڪن ڄاڻايو. بيشڪ هن انهيءَ ڳالهہ جي پٽيرائي ٿي ڪئي، تہ يقين جي سوپ فقط تڏهن عظمت پري آهي جڏهن خالص عقل آڏو تقليد هڪ انتهائي فضول شيءِ بڏجي ٿي وڃي. انهيءَ جي باوجود سندس خيال موجب فيلسوفيءَ جا بنياد رڳو عقليت تي ئي رکڻ ڪپن. جيتوڻيڪ ساڳئي نظريي جي تيرهين صديءَ ۾ ابن رشد جي پوئلڳن بہ تبليغ ٿي ڪئي، پر ان کي ڪليسا طرفان رد ڪيو ويو هئو، ڇاڪاڻ جو "عقيدي جي سوپ" ڪنڊ مذهب پسندن ڏانهن خطرناڪ تجويز هئي، جنهن جو سترهين صديءَ جي پچاڙيءَ ۾ بيل (Bayle) طعني زنيءَ ۾ استعمال ڪندي، انهيءَ ڳالهہ کي اڳتي وڌايو تہ، عقل ڪنهن بہ ڏرمي اعتقاد جي خلاف آواز بلند ڪري پٽي سگهيو. جنهن مان اڳتي هلي هن "عقيدي واري ڳالهہ ڪيتري بہ عاليشان ڇو نہ هجي پر تڏهن بہ اها ويساهہ (Belief) بڏجي وڃي ٿي" اخذ ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن ڪري اها خبر ڪونہ ٿي پئجي سگهي تہ ٻئڪن جي ڏرم پسنديءَ واري ڳالهہ ۾ ڪيتري سچائي هئي.

ڏگهي قطار ۾ بيئل اهي سائنسي ذهن رکندڙ فيلسوف، جن تخفيف (Deduction) جي ابتر حاصلات (Induction) جي اهميت تي زور ٿي ڏنو، ٻئڪن انهن ۾ سيني کان اڳرو آهي. پنهنجي گهيڙن پونيرن وانگي هن "سادي ڳٽپ ذريعي حاصلات" (Induction by Simple Enumeration) واري عام طريقي کان هٽي ڪري، انهيءَ سلسلي جي ٻين نون قسمن جاڙڻ تي وڌيڪ زور ڏنو، جو تہ سادي ڳٽپ ذريعي حاصلات کي ڪنهن پهاڪي يا مثال مان پڙ چٽو ڪري سگهجي ٿو. انهيءَ سلسلي جو هڪ واقعو هي آهي تہ ڪنهن دور ۾ هڪ اهڙو شمارياتي علمدار هئو، جنهن کي ويلس جي ڪنهن ڳوٺڙيءَ ۾ رهندڙ ڳوٺاڻن جا نالا درج ڪرڻ جو ڪم سونپيو ويو. انهيءَ سلسلي ۾ هو جنهن پهرين شخص سان مليو، تنهن جو نانءُ هئو "وليم وليمس" پر جڏهن ٻئي شخص کان پڇيائين، تہ ان ٻہ ڪيس ساڳيو نالو ڏسيو اهڙي طرح ٽئين، چوٿين بلڪ تقريباً سڄي ڳوٺ ڪيس ساڳيو نالو ٻڌايو. انهيءَ صورتحال کان پوءِ هن دل ۾ چيو : "هي تہ عجيب چڪر آهي اتفاق سان هتي هرڪو وليم وليمس ٿيو ويٺو آهي. تنهن ڪري آڻون سيني کي ساڳي نالي سان درج ڪري ويٺو گهمان ڦران." پر هو غلط هئو ڇاڪاڻ جو اتي هڪ اهڙو شخص ٻہ هئو، جنهن جو نانءُ ڄان جونس هئو. انهيءَ مان ثابت ٿيو تہ جيڪڏهن اسان بنان تصديق ڪرڻ جي، سادي ڳٽپ ذريعي داخلا ڪندا ويندا سين تہ پنڪي سگهنداسين.

ٻئڪن جو خيال هئو تہ هن حاصلات جي لاءِ هڪ بهتر طريقو ڳولي لڏو آهي، مثال طور، سندس اها آس هئي تہ هو باهہ جي اصليت بابت جاڻي سگهي. جنهن بابت هن اهو ٿي ڄاڻيو (ءِ درست هئو) تہ اها جسمن جي ننڍڙن حصن ۾ ٿيندڙ تڪڙين ءِ بي ترتيب حرڪتن ڪري ظاهر ٿئي ٿي. سندس طريقي هيٺ پهريائين ڪوسين شين جي ترتيب ناهٽي هئي ءِ پوءِ منجهن موجود ڪوساڻ جي درجي جي ترتيب رکڻي هئي. سندس خيال هئو تہ ان ترتيب سان گرم شين ۾ هر وقت موجود انهن خاصيتن جو پتو لڳندو، جيڪي ٺڏين شين ۾ موجود ڪونهن. انهيءَ طريقي سان هن هڪ گڏيل اصول تي پهچڻ ٿي گهريو، جنهن ۾ پهرين ڏاڪي تي عموميت (Generality) جو معمولي درجو موجود نظر اچي سگهي. اهڙن ڪجهہ ٻين قاعدن ذريعي، هن عموميت جي ڪجهہ ٻين قاعدن تي پهچڻ پٽي گهريو، انهن قاعدن ۾ چوندبل هر قاعدو نين حالتن تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڳو ڪرڻ کان پوءِ ثابت ٿي پوي، تہ انهيءَ حد تائين ان کي درست سمجهڻ ڪپي. انهن ڪجهہ مثالن مان ڪي اهڙا آهن، جيڪي اسان کي ڪن بہ بن اعتبار جوڳن نظرين جو تفاوت سمجهائن ٿا، اهڙن مثالن کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ گهرجي. هنن مثالن کي "مهمل ڪيل" (Prorogative) مثال سڏبو آهي.

بئڪن نہ رڳو اهڙي قسم جي منطقي دليل جي آخري روپ (Syllogism) کي رد ڪيو، پر ان کان هڪ وڏي علم، رياضيءَ کي بہ گهٽ اهميت ڏني، جاڪاڻ جو بقول سندس، اهو علم اٽپورن تجرباتي بنيادن تي بيئل آهي. انهيءَ ڪري ڪيس ارسطو سان خاص عناد تہ ڊيموڪريٽس لاءِ وٽس زبردست احترام هئو. جيتوڻيڪ هن انهيءَ حقيقت کان انڪار نٿي ڪيو تہ فطرت جو سرشتو ڪنهن الوهي (Divine) مقصد کي واضح ڪرڻ جو چڱو مثال هئو، پوءِ بہ ڪيس بيهڪ ۽ شبيهي بناوٽ (Teleology) جي وضاحت کي، ماجرائن جي حقيقي ڪوج سان گڏائڻ تي اعتراض هئو. سندس خيال موجب تہ، هر شئي کي انهن وضاحتن رستي بيان ڪيو وڃي، جن جو بنياد لازمي طرح سان اثرائتي يا بنيادي سبب (Effiecient Cause) منجهان نڪتل هجي.

سندس نظريو يا طريقو وٽس ان ڪري بہ اهم هئو، جو ان مان مشاهداتي تفصيل (Data) جي ترتيب جو پتو ٿي مليو، بقول سندس تہ اهڙو جنهن تي سائنس جا بنياد هجڻ ڪپن. انهيءَ سلسلي ۾ هن چيو آهي تہ: اسان کي ڪوريٽڙن وانگر نہ هجڻ ڪپي جيڪي شين کي پاڻ منجهان چوڌاري ڦهلائين ٿا ۽ نہ وري ماکوڙين وانگر، جيڪي رڳو گڏ ڪرڻ ڄاڻن ٿيون، پر اسان کي تہ ماکيءَ جي مکين وانگر هجڻ ڪپي، جيڪي وکر جمع ڪرڻ سان گڏ انهن کي ترتيبيءَ بہ ڄاڻن ٿيون. جيتوڻيڪ هيءَ سڄي وضاحت ماکوڙين جي توهين چئبي، پر انهيءَ مثال مان ئي بئڪن جي طريقہ ڪار کي سمجهي ٿو سگهجي.

بئڪن جي فيلسوفيءَ جي انتهائي مشهور حصن منجهان هڪڙو "ڳٽ جو نظريو" آهي جنهن کي هن آئيڊلس (Idols) ڪوٺيو آهي (هن لفظ جو هونئن تہ مقصد بت ۽ ديوتا آهي، پر هتي بئڪن جو مقصد شايد تقليدي تقدس آهي- مترجم) جنهن مان سندس مطلب ذهن جون اهي خراب علتون آهن، جن جي ڪري انسان کان خاميون ٿين ٿيون. هنن آئيڊلس کي هُن چئن حصن ۾ ورهايو آهي. جنهن منجهان پهريان "Idols of Tribe" آهي، جيڪي انساني فطرت جي اڌ ۾ آهن- جن ۾ هو خاص ڪري فطري لقائن ۾ عام طرح کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڌيڪ سڏائڻ طلبي ٿو، پئي نمبر تي "خواهشاتي تقدس" (Idols of Crave) جيڪي ذاتي حسد جي صورت ۾ آهن ۽ هڪ خاص کوجنائيءَ جي شخصيت ۾ بنيادي خوبيءَ جي حيثيت ۾ موجود آهن. ٽين کي هن "رواجي يا واضح تقدس" (Idols of Market Place) کوڙيو آهي، جن جو لاڳاپو لفظن جي شدت ۽ سختيءَ سان آهن ۽ آخر ۾ هن "عملي تقدس" (Idols of theatre) جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو سوچ جي حاصلات واري سرشتي سان ڳنڍيل آهي. جن کي ظاهر آهي ته ارسطو ۽ تدريسي مفڪرن (Scholastics) اهميت لائق مثال (Instances) ڪري ڄاڻايو آهي.

توڙي جو سائنس ۾ بٽڪن جي دلچسپي برقرار رهي ۽ سندس مجموعي تاثر ۽ سائنسي انداز وارو هئو، پر هو اڇوڪي دؤر واري سائنسي طريقي کان تقريباً واقيف ٿي هئو. هن ڪاپرنيڪس جي فلڪياتي نظريي کي رد ٿي ڪيو، جيڪا ڳالهه ڪاپرنيڪس جي پنهنجي سِر لاءِ ته نظر انداز ڪرڻ جوڳي هئي، ڇاڪاڻ جو هن کي پختا دليل ڏيڻ ۾ واڌارو ڪونه ڪيو. پر بٽڪن کي ڪيپلر جي خيالن کان مطمئن ٿيڻ گهربو هئو، جنهنجو "نئين فلڪيات" نالي ڪتاب 1609ع ۾ شايع ٿي چڪو هئو. پر لڳي ايئن ٿو ته بٽڪن کي ويسالياس جي کوجنا بابت ڪا ڄاڻ نه هئي جنهن کي "انگ وڍيا" (Anatomy) جو ابو سڏيو ٿو وڃي، توڙي جو هو گلبرٽ جو مداح هئو جنهن مقناطيسيت تي کوجنا ڪري، حاصلاتي طريقي کي (Inductive Method) نروار ڪيو. حيرت ته اها آهي ته ڪيس نيل هاروي جي محنتن بابت ۾ سڌ ڪانه هئي، توڙي جو هو سندس ميڊيڪل اٽينڈنٽ ۾ رهيو هئو.

اها ۾ حقيقت آهي ته هاروي پنهنجي "رت جي دوري" واري نظريي کي بٽڪن جي موت کان اڳ ڪونه ڇپرايو، پر تنهن هوندي ۾ منجهائنس اها توقع رکي پئي سگهجي ته بٽڪن کي سندس کوجنا جي ڄاڻ هجڻ گهربي هئي. هاروي کي ۾ بٽڪن بابت کي وڌا ويچار ڪونه هيا، ڇاڪاڻ جو سندس ذڪر ڪندي هن لکيو هئو : "هو فيلسوفيءَ کي ۾ لارڊ چانسلر وانگر لکندو آهي." انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته جيڪڏهن، بٽڪن حڪومتي معاملن ۾ پاڻ کي نه ڦاسائي ها، ته هو ڏاهپ جي ڏيهه ۾ وڌيڪ سرسي حاصل ڪري وئي ها.

هوڏانهن قياس (Hypothesis) تي گهٽ ڌيان ڏيڻ ڪري، بٽڪن جو حاصلاتي طريقو ۾ نقصن پريو ٿو لڳي. ڪيس توقع هئي ته تفصيل (Data) جي سٽائتي ترتيب، درست قياس کي واضح ڪري ڇڏيندي، پر ايئن مشڪل سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ٿيندو آهي. قاعدي موجب قياس جي جوڙجڪ سائنسي لحاظ کان ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي ۽ هيءُ هڪ اهڙو ڪم آهي، جنهن لاءِ زبردست لياقتن ۽ صلاحيتن جو هجڻ انتهائي اٽڪل آهي. ايجان تائين ڪو به اهڙو طريقو ايجي نه سگهيو آهي، جنهن سان قياس کي ڪنهن خاص قانون تحت لهي سگهجي. عام طور تي ڪجهه قياس حقيقتن جي حاصلات لاءِ، لازمي طور تي ابتدا ڪندڙ هجڻ گهرجن، ڇاڪاڻ جو حقيقتن جي چونڊ، پرک (آڪندڙ لاڳاپي جي گهرج ڪري ٿي، انهيءَ طريقي کان سواءِ حقيقتن جو واڌارو رڳو منجهائي ماري ٿو.

سائنس ۾ استخراج يا تخفيف (Reduction) جو حصو ٻڌڻ جي توقع کان وڌيڪ اهم آهي، اڪثر ڪري جڏهن به قياس جي چڪاس ٿيندي آهي، تہ ان لاءِ انومان تي مبني قياس کان وٺي مشاهدن ذريعي چڪاس ٿيندڙ نتيجن تائين، ڊگهو سفر ڪرڻو پوندو آهي. عام طور تي استخراج رياضي ٿيندو آهي جڏهن تہ ٻڌڻ سائنسي معلومات ۾ علم رياضيءَ جي اهميت کي ڪافي گهٽايو آهي.

اڄ تائين سادي ڪٽپ ذريعي حاصلات جو مسئلو حل ٿي نہ سگهيو آهي. انهيءَ معاملي ۾ جتي تفصيلي سائنسي معلوماتن جو ذڪر ٿي آيو، اتي سادي ڪٽپ واري طريقي کي ٻڌڻ جو رد ڪرڻ صحيح ٿو لڳي. ڇاڪاڻ جو تفصيلن ۾ ويندي، اسين کي عام قانون (General laws) اخذ ڪري سگهون ٿا، جن جي بنياد تي جيستائين کين درست سمجهيو ٿو وڃي، ٿورڙو گهٽو ڪري کو غور طلب ۽ وزنائتو طريقو جوڙي سگهجي ٿو. جان اسٽوئرٽ مل حاصلاتي طريقي جا چار ضابطا ٺاهيا، جن کي تيستائين اختيار ڪري سگهجي ٿو، جيستائين "سبب وارو قانون" (Law of causality) اخذ ڪري سگهجي. پر انهيءَ قاعدي بابت ڪيس به تسليم ڪرڻو پيو، تہ ان کي مڪمل طور تي حاصلات جي بنياد تي قبول ڪري سگهجي ٿو، جيڪو سادي ڪٽپ ذريعي ئي ٿيندو. جيڪا شئي سائنس جي نظرياتي تنظيم ذريعي حاصل ٿي ڪري سگهجي، سا انهن تابع حاصلات کي مڪمل ۽ جامع حاصلاتن ۾ جمع ڪرڻ کان پوءِ ئي ممڪن آهي. بلڪ ڪنهن وڏي ۽ جامع حاصلات ذريعي، اهڙين جامع حاصلات جي وري مختلف، پر اهڙن واقعن مان تصديق ٿي سگهي ٿي، جن کي تسليم ڪرڻ واجبي سمجهيو وڃي ٿو. هيءَ صورتحال ڏاڍي عدم اطمينان واري آهي، پر ٻڌڻ ۽ ڪائنس پوءِ وارن فيلسوفن منجهان ڪنهن وٽ به انهيءَ جو حل موجود ناهي.

(برٽرنڊ رسل جي ڪتاب "History of Western Philosophy" تان ورتل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



رين ديڪارت

جنم: 31 مارچ 1596ع
لاڏاڻو: 11 فيبروري 1650ع

جنهن ٻ ماٺهوءَ ٻهراڙيءَ جي ڪنهن رات ۾ چڪور ڪي چنڊ ۽ زمين جو وسعتن ۾ بي قراريءَ ۽ اُسات منجهان ڦيراڻيون پائيندي ۽ ٻوليندي ڏٺو هوندو، تنهن کي عشق جي ازليت جو احساس بخوبي ٿي سگهندو. فيلسوفيءَ ۽ فڪر جي تواريخ ۾ پڙ ڪي اهڙا چڪور آهن، جن پنهنجيون زندگيون ساٽس عشق ڪرڻ ۾ ڪپائي ڇڏيون.

اهڙي سمي جڏهن علم جو سُجهندو جيتوڻيڪ موجود ته ضرور هيو، پر ان جي آڏو انڌ، تقليد ۽ پاڻ پڻي جا ڪارا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪر اڇي بيٺا هيا. فيلسوفي ۽ سائنس جي منڙي لات لنوندڙ مختلف پکيئڙن اراسمس، مور، بيڪن، گيليلو ۽ برونو وغير جي روپ ۾ پنهنجن روح ريجهائيندڙ آوازن سان گهٽا ئي قصد ڪيا. پر اهو رين ديڪارت ئي هيو، جنهن فرانس جي علم پرور زمين تان پرواز ڪئي ۽ نيٺ نئين فڪر جي سهائيءَ جو پريور جلوو پسڻ ۾ ڪامياب ٿيو. سندس فيلسوفي يوَ، دليريءُ، مصلحت، مقابلي، دقت ۽ لطافت جو هڪ شاندار سنگم آهي. جنهن ۾ انساني فڪر جي مٿان اونداهي دؤر (Dark Ages) جو ڏمر به ڏسڻ ۾ اٻندو، تہ قديم يوناني ڏاهپ جا ساهه سيبائيندڙ ڪرڻا ۽ محسوس ٿيندا۔ ۽ نئين دنيا سرجڻ لاءِ نون خيالن جون لهرون پڙ پسجڻ ۾ ايندیون. رين ديڪارت فيلسوفيءَ جي دنيا جو اهو داناءُ استاد آهي، جنهن نهايت ڏاهپ سان ڪُند پٽي جي خلاف آواز بلند ڪيو ۽ ان دؤر جي جهڙتال مذهبي عالمن جي "ٽان ٽان" سان ستدوسنئون مهاڏو اٽڪائڻ جي بدران، سائنس، طبعيات ۽خود ارسطو جي خيالن جو ست ڪيندي، انساني وجود ۽ ان جي اهميت کي هر شيءِ تي مقدم ڄاڻائيندي، ظلمت جي پاسبانن جي خلاف نعرو بلند ڪيو تہ: Cogito, Ergo, Sum (مان سوچيان ٿو تڏهن ئي مان وجود رکان ٿو). يعني هن انساني سوچ کي هر شئي کان اهم سمجهندي، 'مقدس سوچن' جي تصور کي للڪاريو. سمجهو ٿا تہ اعليٰ حضرتن جي اقتدار کي للڪار جي بدلي ۾ سائنس ڪهڙيون جنيون نہ ٿيون هونديون! سالن جا سال دربدري ۽ غريب الوطنيءَ جي صورت ۾ ڪاٽيندي ۽ هن حق جو جهنڊو بلند رکيو ۽ بالآخر انساني تاريخ سندس لازوال ڪردار کي ميجيندي، ڪيس جديد فڪر جي دنيا جو بي تاج بادشاهه تسليم ڪيو. اڄ اسين جيڪي به فڪري اسکول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسون ٿا، انهن جي وات کهڙي ب هجي، پر سيني آڏو ديکارت جي ان عظمت پريبي کردار جي اهميت واضح آهي، جيکو هن ڏاهپ جي تواريخ ۾ ادا کيو. ديکارت جي فکر جي تاريخ ۾ سڀ کان وڏي اهميت اها آهي، ته هن منظم طريقي سان، پهريون دفعو جديد ڏاهپ کي اسان آڏو پيش کيو ۽ مستقبل جي عظيم فيلسوفن جي لاءِ راه هموار کئي. باقي سندس فکر ۽ علم کي سماجي مسئلن سان ڳنديي، کاميابيءَ سان عوام جي زندگيءَ کي ايئن آسان بٹائڻ جي جستجو کونہ کئي وئي، جيئن ترقي پسند نظرين اڳتي هلي کئي.

ـ سنڌيکار

ريني ديکارت (Rene- Descartes) کي عام طور تي جديد فکري فيلسوفيءَ جو باني سمجهيو ويندو آهي ۽ آئون سمجهان ٿو ته اهو درست ب آهي. هيءُ شخص فکر جي گهرائين سان سرفراز ٿيل اهو پهريون ماڻهو آهي، جنهن پنهنجي علم جا جديد طبعيات ۽ فلکيات تي زبردست اثر ڇڏيا آهن. ان ڳالهه ۾ کو شڪ کونهي ته هن روايتي مدرسيت (Scholasticism) مان گهٽو ڪجهه پرايو، پر پوءِ ب پنهنجي پيش رو مفکرن جي وڏل بنيادن کي جيئن جو تيئن قبول نٿو کري، بلڪ ان جي ابترڻ هو فيلسوفيءَ جي سڄي عمارت نون بنيادن تي جوڙڻ جي جستجو کري ٿو. ديکارت کان اڳ، يعني ارسطو جي دؤر کان وٺي، ڪڏهن ب اهڙي کوشش کونہ ورتي وئي. هئي، پر سندس تشريح جڻ ته ان خود اعتماديءَ جي تصوير آهي، جنهن جون پاڙون سائنس جي ترقيءَ منجهه کتل آهن. سندس ڪاوشن ۾ اها تازگي آهي، جيکا ڪائنس اڳ افلاطون تائين، پٹي ڪنهن ب مشهور مفکر منجهه نظر نہ ايندي. ان سڄي عرصي (افلاطون ۽ سندس وچوارو دؤر) ۾ پيدا ٿيل هڙئي فيلسوف جڻ ته اهڙا استاد لڳن ٿا، جن انهيءَ عرق ريزيءَ (فکر ۽ فيلسوفي) کي ب عام ڏنڏو يا پيشو سمجهي دلچسپي ورتي. جڏهن ته ديکارت جي لکڻين مان نہ فقط هڪ قابل استاد جي جهلک نظر اچي ٿي، پر هو هڪ اهڙو کوجي ۽ ڏورينڊڙ ب لڳي ٿو، جنهن جيکي ڪجهه سکيو ۽ سمجهيو آهي، ان کي بيان ڪرڻ جي ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڍي چنتا آهي. سندس لکڻ جو ڏاڻ ايڏو ته آسان ۽ ڏيکاءَ کان پاڪ آهي، جو هن جي تحريرن پڙهڻ کان پوءِ محسوس ٿيندو، ته جڻ اهي عام شاگردن لاءِ نه پر دنيا جي هوشيار استادن لاءِ لکيون ويون آهن، تنهن ڪري ئي سندس لکيت کي "شاندار ڏاڻ" سڏي سگهجي ٿو.

اها جديد فيلسوفيءَ جي خوشقسمتي چئبي، جو سندس بانيڪار کي انهيءَ بلند سطح جو متاثر ڪندڙ ادبي ذوق هٿ آيو آهي. سڄي يورپ توڙي انگلستان ۾ ڪانٽ (Immanuel Kant) جهڙن فيلسوفن تائين سندس غير ڪسبي ڪردار برقرار رهندو آيو، پاڻ ڪيترن ته سندسن طريقئہ ڪار کي ئي ڪسوٽي بڻائي ڇڏيو.

ديڪارت جو والد برٽيني (فرانس جو صوبو) جي پارليمينٽ جي ڪائونسلر هجڻ کان سواءِ، چگي موچاري ملڪيت جو مالڪ پڻ هيو. سندس وفات کان پوءِ، جڏهن ديڪارت دولت جو وارث بڻيو، ته هڙئي ٻنيون ٻارش وڪٽي موڙيءَ کي ڏنڊن ۾ سيڙايائين، جنهن مان هو هر سال ڇهه يا ست هزار فرانڪ ڪمائڻ لڳو. 1604ع کان 1612ع تائين هن ملڪ جي مشهور تعليمي اداري Jesuit College for la flache ۾ تعليم پرائي، جتان ئي لڳي ٿو ته هن کي علم رياضيءَ جي متعلق پختا بنياد حاصل ٿيا، جيڪي ڪيس ان وقت جي ٻين يونيورسٽين مان هوند ڪونہ ملي سگهن ها. 1612ع ۾ ديڪارت پئرس ڏانهن پنڌ پيو، پر ست ئي اتان جي سماجي زندگيءَ کان ڪڪ ٿي 'فائبرگ سينٽ جرمين' ۾ ويجي ٽانيڪو ٿيو، جتي هن جاميٽري (ريکا ڳڻت) تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. پر اتي ب دوستن طرفان سندس ڪم ۾ تنبکو برقرار رهيو، تنهن ڪري وڌيڪ آرام ۽ يڪسوئيءَ سان ڪم ڪرڻ لاءِ هو 1617ع ۾ ڊچ فوج ۾ شامل ٿيو. جيئن ته ان دؤر ۾ هالينڊ ۾ امن هيو، تنهن ڪري سمجه ۾ اهو ٿو اچي ته پوزا ٻه سال هو ڏاڍي ڌيان ۽ غور سان پنهنجي ڪرت ۾ مشغول رهيوہ ان جي باوجود مستقبل جي ٽيهن سالن واري ڊگهي جنگ، ڪيس 1619ع ۾ بويريا جي فوج ۾ پرتي ٿيڻ تي مجبور ڪيو-۽ بويريائي اهو مقام آهي، جتي سال 1419 ۽ 20 جي سياري ڏاري، ڪيس هڪ منفرد تجربي مان گذرڻو پيو. يعني هو پنهنجي شاهڪار ڪتاب Discourse, de, la, Methode تي بنيادي ڪم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. چون ٿا ته هڪ ڏينهن ڏاڍي ٽڏ ٿي پئي ته هو وجي آتش دان ۾ ويهي رهيو ۽ شام تائين سڄو ڏينهن اتي گذاريندي، انتهائي گهرين سوچن ۾ ٻڏل رهيو. جڏهن ٻاهر آيو ته سندس اڏ نظريو مڪمل ٿي چڪو هيو. پر ضروري ناهي ته انهيءَ بيان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن جو تيئن قبول ڪجي. سقراط لاءِ چوندا آهن ته هو سڄو ڏينهن برف ۾ ويهي غور فڪر ڪندو هيو، پر ان جي ابتڙ ديڪارت جو ذهن فقط گرم رهڻ سان ئي مؤج ۾ ايندو هيو.

1621ع ۾ هن فوج کي الوداع ڪيو ۽ اتليءَ جو ڏکو ڏورو ڪرڻ کان پوءِ 1625ع ۾ اچي پئرس ۾ رهيو. پڻ هن پيري ۾ ڪيس دوستن سڪ سان ويهڻ ڪونہ ڏنو. نند مان جاگ ٽيڻ کان پهرين (ياد رهي ته ديڪارت منجهند کان اڳ نند مان نہ اڻندو هيو) ئي اچي هو سندس در جو ڪڙو ڪڙڪائيندا هيا، جنهن ڪري ڪيس ڏاڍي بي آرامي ٿيندي هئي. نيٺ تنگ ٿي هڪ دفعو وري هو 1628ع ۾ فوج ۾ پرتي ٿيو، جيڪا 'لارو شيلا' (فرينچ پروٽيسٽنٽ فرقي وارن جو ڳڙهه. مترجم) کي گهيرو ڪيون ٻيٺي هئي. جڏهن اها مهم پوري ٿي ته شايد ڪنهن مقدمي کان بچڻ لاءِ هن هالينڊ ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو. ديڪارت هونئن ته ڪيٿولڪ فرقي جو مجيندڙ هڪ ڊڄڻو انسان هيو، پر گيليليو طرفان چرچ جي خلاف ڪيل بغاوت جي حامين ۾ اڳ کان اڳرو هيو. ڪجهه ماڻهن جو وري اهو خيال ب آهي ته 1616ع ۾ گيليليو کي مليل پهرين (ڳجهي) سزا جي ڪيس اڳواٽ سڌ هئي، تنهن ڪري ئي هن پنهنجي عظيم شاهڪار le, Methode (جنهن کي هن سالن جا سال محنت ڪري تيار ڪيو هيو) کي ڇپرائڻ ۾ ڪجهہ هترڪيو. سندن چوڻ موجب ته ان تصنيف ۾ ٻن ملحدانہ خيالن يعني: ڪائنات جي لامحدوديت ۽ زمين جي گردش متعلق بحث ڪيو ويو هيو. اهو ڪتاب ڪڏهن ب جامع صورت ۾ ڇپجي نہ سگهيو، البتہ ان جا ٻہ ٽڪرا سندس مؤت کان پوءِ شايع ٿيا.

1629ع کان وٺي 1649ع تائين سواءِ ڪاروباري مختصر دؤرن جي، (جيڪي هن انگلينڊ ۽ فرانس ڏانهن ڪيا) سڄا سارا ويہ سال هالينڊ ۾ ئي رهيو، جو ته سڄي يورپ ۾ فقط هالينڊ جي سرزمين تي ئي فڪر تي پهرا ڪونہ هيا. مشهور انگريز فيلسوف ٽامس هابس (Hobbs) پنهنجا ڪتاب اتي ڇپرايا، جان لاڪ جهڙي عظيم مفڪر،انگلئنڊ تي ڇانيل 1668ع کان اڳ جي پنجن سخت رجعتي سالن دؤران، ان ئي ملڪ ۾ پناه ورتي،بيل (جنهن ڊڪشنري ترتيب ڏني هئي) ب اتي ئي رهڻ ضروري سمجهيو، صوفي مفڪر اسپنوزا کي ته ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ پنهنجو ڪم ڪار جاري رکڻ جي اجازت ملڻ جو سوال ئي پيدا نٿي ٿيو.

مٿي مون چيو آهي ته: ديڪارت ڏاڍو ڊڄڻو ماڻهو هيو، اهو چوڻ وڌيڪ بهتر ٿيندو ته سندس شخصيت جي ڊڄڻي هجڻ جو هڪ پهلو اهو ب ٿي سگهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو، ته هو فضوليات کان بچڻ ۽ پنهنجي ڪم ۾ خلل پوڻ کان لهرائيندو هجي. ديڪارت هميشہ پادرين وٽ (خاص ڪري يسوئي فرقي جا پادري) چڪر چاڙي هٿندو هيو. پر اهو سڀ ڪجھ هو نہ فقط ڪليسا جي عروج واري دؤر ۾ ڪندو هيو، پر بعد ۾ هالينڊ جي آزاد ماحول ۾ رهندي بہ اهو عمل سندس روز مره جي دستور ۾ شامل رهيو. جيتوڻيڪ سندس ذهني روين جي پوري سڌ ڪانہ ٿي پوي، پر اڻون ايٽن چوڻ جي ڪوشش ڪندس، ته هو ڪليسا جي پيروي ڪندڙ هڪ سچار ڪٽٽولڪ رهيو. اهو ڪردار هو پنهنجي توڙي ڪليسا جي مفاد خاطر ادا ڪندو رهيو ته، جيئن اها جديد سائنسي علمن جي مخالفت، گيليليو جي خلاف هاءِ گهوڙا ڪرڻ جيتري شدت سان نہ ڪري سگهي، ڪجھ ماڻهن جو خيال وري اهو آهي ته سندس تقليد پسند هجڻ جو هڪ سبب سياسي بہ هيو. ايٽن بہ ممڪن ٿي سگهي ٿو، پر مان ان ڳالھ کي درست ڪونہ ٿو سمجهان.

هالينڊ ۾ بہ نہ رڳو رومن ڪيٿولڪ ڪليسا پر تعصبي پروٽسٽنٽ فرقي وارن بہ مٿس ايذائيندڙ جهلون ٿي ڪيون، جن عام طور تي چيو پئي ته سندس تعليم دهريت ڏانهن ٿي ڌڪيو. انهيءَ سلسلي ۾ جيڪڏهن فرانسي سفير ۽ هالينڊ ٿي حڪمراني ڪندڙ اورينج جو شهزادو (Prince of Orange) سندس مدد نہ ڪن ها، ته انهن الزامن تحت مٿس ڪيس ٿي داخل ڪيو ويو. رجعتي ڌر جي ان ناڪاميءَ ڪان پوءِ مٿس ليئيڊن يونيورسٽيءَ طرفان، اڻ سڌي طرح سان پي ڪاھ ٿي. سا اها ته: ديڪارت جي حمايت توڙي مخالفت ۾ ڳالهائيندي سندس نالو وٺڻ تي پابندي وڌي وئي. ان موقعي تي اورينج جي شهزادي هڪ دفعو ٻيهر مداخلت ڪندي، يونيورسٽيءَ کي تنبيھ ڪئي ته اها ايتري هلڪڙائپ جو مظاهرو ڪرڻ کان باز رهي. اها صورتحال پروٽيسٽنٽ ملڪن جي ان 'زبردست ترقيءَ' جي نشاندهي ڪري ٿي، جتي رياست کي ڪليسا جي ضابطي مان ڪڍي، ڪليسا کي رياست جي ضابطي هيٺ آندو ويو هيو. ۽ اهڙي طرح ڪليسا جي نسبتاً ڪمزوريءَ کي بہ چٽو ڪري ٿي، جيڪا ان وقت دنيا ۾ ڪنهن بہ ٻئي هنڌ موجود ڪونہ هئي.

هاڻي ستارن جي گردش ته ڏسو، جو ديڪارت جي اسٽاڪ هوم ۾ مقرر شانت نالي فرينچ سفير جي معرفت سوئيڊن جي راڻي ڪٽٽرين سان خط پٽ جي واٽ ٿي. راڻي ڪٽٽرين بردبار هجڻ سان گڏو گڏ علم دوست ته ڪٽي هئي، پر سندس مٿي ۾ اهو خيال بہ هيو ته هڪ خود مختيار حڪمران هجڻ جي ڪري، ڪيس عظيم هستين جو وقت برباد ڪرڻ جو پورو پورو حق ٿي پهتو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديڪارت ساٿس واقفيت ٿيڻ کان پوءِ 'محبت' جي موضوع تي بدّل ڪيترائي وٽندڙ قول ۽ خيال، جيڪي هن حقيقت ۾ اليڪٽر (اليڪٽر ان صاحب کي چيو ويندو آهي جنهن کي يورپ جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ شهنشاهه چونڊيڻ جو حق هوندو هيو- مترجم) پالاتن جي صاحبزادي‌ءَ ايلزبيٿ لاءِ جوڙيا هيا، سي ۽ ٻيا 'روح جي جذبن' تي مبني ويچار (۽ اهڙيون شيون جن کي پهريائين نظر انداز ڪندو هيو) موڪلي ڏنا. انهن تحريرن کان متاثر ٿيندي راڻيءَ ڪيس پنهنجي دربار ۾ اچڻ جي دعوت ڏني، جنهن کي آخرڪار هن قبول ڪيو ۽ راڻيءَ طرفان موڪليل هڪ ساموندي جنگي جهاز ۾ سوار ٿي هو اچي سوئيڊن پهتو. پر سگهو ئي اها دعوت ان خواهش ۾ تبديل ٿي ته ديڪارت راڻيءَ جي بي پناه مصروفيتن کي نظر ۾ رکندي،اسڪئنڊنيويا جي پاري پونڊڙ صبح جو سوير، پنجين وڳين اٿي ڪيس روزانو سبق پاڙهي. اها غير واجبي جُٽ ۽ زور آوري اسان جي هن نفيس طبيعت ڏاهي لاءِ ڪا چڱي ڳالهه ڪانه هئي. ان جي مٽان ٻيو ذلل اهو ٿيو جو سفير صاحب يعني شانت ۽ سخت بيمار ٿي پيو، ساٿس قربدارين جي ڪري اهو پوجهو ۽ ڪيس ڪٽڻو پيو ته هو سندس پرگهور لهي ۽ تيمارداري ڪري. سندس محنتن مهابي خيرن سان سفير صاحب ته بستري تان اٿي چاڪ چڱو ٻلو ٿيو، پر ايڏي جفاڪشي ديڪارت کي اوکي پئجي وئي. ۽ هڪ ٻيرو جو بيماريءَ جي بستري تي ڪريو ته وري اٿي نه سگهيو. آخرڪار 1650ع ۾ سندس چالاڻو ٿيو.

جيتوڻيڪ ديڪارت ڪڏهن ۽ باضابطه وهانءُ ڪونه ڪيو، پر پنجن ورهين جي عمر ۾ فوت ٿيل پنهنجي ري نڪاحي ڏيءُ جي موت کي، هن "سڄي زندگيءَ جو بدترين ڏک" چيو آهي. سندس متعلق خيال آهي ته هو نه فقط ڪٻڙي لٽي اوڏڻ جي معاملي ۾ سيبتو هيو پر سدائين ڪنو (ترار) ۽ ضرور ڪٽندو هيو. البت گهٽو جفاڪش نه هجڻ جي باوجود ڏينهن ۾ ڪجه ڪلاڪ ڪم ڪار ڪرڻ کان سواءِ، ٿورڙو ٽڪو مطالعو ۽ باقائدگيءَ سان ڪندو هيو. جڏهن هو هالينڊ ڏانهن لڏي ويو، تڏهن ۽ مقدس بائيبل ۽ ٽامس اڪٽانس (يورپ جي اونداهي دؤر ۾ مذهبي عالمن ۾ نسبتاً بهتر فيلسوف- مترجم) جي ڪتابن کان سواءِ ٻيا ۽ ڪيترائي ڪتاب ساٿس گڏ هوندا هيا. لڳي ٿو ته سندس تصنيفون مختصر وقت ۾ پر ڏاڍي ڏيان سان عمل ۾ آيل آهن، پر ممڪن آهي ته اهو انهيءَ تاثر ڏيڻ لاءِ ڪيو ويو هجي ته جيئن ماڻهو ڪيس معزز هجڻ سان گڏو گڏ خفتي ۽ سمجهڻ لڳن. آئون پاڻيان ٿو ته سندس ڪيل ڪم جي مدت اسان کان لڪائي گهٽ ٻڌائي وئي آهي، جو ته ٻي صورت ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس حاصلات تي اعتبار ڪرڻ مشڪل ٿيو پوي.

ديڪارت هڪ فيلسوف ۽ رياضيدان هجڻ کان سواءِ هڪ بهترين ۽ فائديمند سائنس دان ب هيو. سندس ڪاوشون نہ فقط فيلسوفي ۽ علم رياضيءَ ۾ بي پناھ اهميت رکن ٿيون،پر سائنس جي ٻين شعبن ۾ خاص عظمت نہ رکڻ جي باوجود،سندس ڪوششون پنهنجن همعصرن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ساراھ جوڳيون آهن. علم جاميٽريءَ ۾ سندس سڀ کان وڏو ڪردار 'رابطائي جاميٽريءَ' (Coordinating geometery) جي ايجاد آهي، ان هوندي ب جو اها ترتيب ان سلسلي ۾ ڪا آخري ڳالھ ڪانہ هئي، پر مشاهداتي طريقي (Analytical Method) جو ب جيڪو هن استعمال ڪيو آهي،سو ساراھ جوڳو آهي. جنهن ذريعي ڪيترن سوالن جا حل آسانيءَ سان ملي سگهن ٿا، مفروضن جو جائزو وٺي سگهجي ٿو ۽ ان کان سواءِ ان ڏس ۾ آلجبرا جو مناسب استعمال پڻ اهڙيون خاصيتون آهن، جن ۾ هو نہ فقط قديم دؤر جي دانائن پر پنهنجي ٻين پيشرو مفڪرن کي ب پٺتي ڇڏي ڇڪو هيو. سندس علم جي وڏي خاصيت 'ترتيب پئدا ڪرڻ' آهي، مثال طور تي سادي پٺي تي پنهنجي هٿان ٻن متعين لڪيرن جي وچواري فاصلي جي حالت بابت علم حاصل ڪرڻ. ان طريقي جي قوت هن اڪيلي سرڳوليءَ نہ ڪيي، پر انهيءَ طرف اڳتي وڌڻ لاءِ، هن مختلف گسن جا ڏس پڌرا ڪري ڇڏيا. مٿيون طريقہ ڪار سندس طرفان علم رياضيءَ ۾ ٽيل بنيادي تخليق هجڻ کان سواءِ، هڪ اهم ۽ نئين شئي پڻ هئي،جيڪا سندس مهابي ئي ظاهر ٿي دنيا آڏو آئي.

1944ع ۾ ڇپجي پڌرو ٽيل سندس ڪتاب،فيلسوفيءَ جا اصول (Principia philosophiae) هڪ اهڙو ڪتاب آهي، جنهن ۾ هن جا تقريباً هڙئي سائنسي اصول ۽ نظريا واضح ٿيل آهن. ان کان سواءِ سندس ٻيا ب ڪيترائي اهم ۽ معلوماتي ڪتاب آهن. جهڙوڪ :

1637ع ۾ ڇپيل 'فيلسوفياڻا مضمون' (Essais- Philoso-phiques) نہ رڳو جاميٽري، پر بصري علم ۾ ب وڏي اهميت رکي ٿو.

"گرب جي جوڙ جڪ" (De- la formation du foetus) نالي سندس تصنيف ۾ هن نہ فقط نيل هاروي جي 'رت جي دؤري' متعلق نظريي جي تائيد ڪئي آهي، پر ان سلسلي ۾ ڪنهن اهم دوا جي ايجاد (جنهن جو ان وقت ڪوب امڪان نہ هيو) ڪرڻ جا امڪان پڻ ڏيکاريا آهن. هن ڪتاب ۾ هن انسانن توڙي جانورن جي 'ڪلون' (Machines) قرار ڏيندي جانورن کي طبعي قانونن تحت هلندي ڏيکاريو آهي. جيڪي احساسن ۽ شعور کان وانجهيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، جڏهن ته ماڻهو کائنس مختلف آهن، چو ته وٽن آتما آهي، جيڪا پينيل غدود (Pineal Gland) (دماغ جي ان حصي جو مرڪز جتان بصري تنت شروع ٿئي ٿي) ۾ موجود آهي. سندس خيال موجب اهائي جڳهه آهي جتي روح 'اهم جوهرن' سان رابطي ۾ ايندي، جسم ۽ روح جي وچ ۾ تعاون برقرار رکي ٿو. ٻئي طرف ڪائنات ۾ موجود سڀني حرڪت جو مقدار مستقل آهي، تنهن ڪري روح ان تي اثر انداز ته ڪونه ٿو ٿي سگهي، البت اهو انهن 'اهم جوهرن' جي حرڪت کي ڪنهن به رُخ ۾ موڙيندي، سڀني جسم تي اثر انداز ضرور ٿي سگهي ٿو. آخر ۾ سندس نظريي جو اهو حصو آهي، جيڪو ديڪارت جي شاگردن ترڪ ڪري ڇڏيو، پهريائين سندس ڊڇ معتقد جيلونيڪس (Gelunix) ۽ بعد ۾ مالي برانچي ۽ اسپينوزا جهڙن فيلسوفن ان کي نظرانداز ڪيو. اڄڪلهه جي طبعيات جي ماهرن 'رفتار جي سگهه جي بقاءَ' جو طريقو به ڳولي لڌو، جنهن موجب ته: "دنيا ۾ موجود حرڪت جو سڀو مقدار ڪنهن به ڏنل رخ ۾ مستقل آهي". ان مان اهو ٿي ثابت ٿيو ته ديڪارت جي نظريي وارو نقطو، يعني 'ذهن جو جسم تي ڪنهن به قسم جو عمل' ناممڪن آهي. پر ڪارٽيشين مفڪرن Cartesian School (1) جا اهي ويچار ڪيڏي نه حيرت ۾ وجهن ٿا ته: هر طبعي عمل انهن اٽرن جي اصليت جهڙو آهي، جيڪي مساوات يا مناسبت واري قائدي تحت، مادي جي چر پر معلوم ڪن ٿا، تنهن ڪري ذهن تي ان جي اثر انداز ٿيڻ جي ڪا به گنجائش ڪانهي. پر هتي هڪ ٻيو مسئلو پيدا ٿئي ٿو. منهنجي ٻانهن تڏهن چري پُري ٿي جڏهن آئون ايئن گهران ٿو، پر هتي منهنجي مرضي يا 'گهرڻ' هڪ ذهني مظهر آهي، جڏهن ته ان جي ابتڙ ٻانهن جي چرپر هڪ طبعي يا مادي صورتحال آهي. هاڻي جڏهن ذهن ۽ مادو هڪٻئي تي اثر انداز ئي ڪونه ٿا ٿين، ته پوءِ منهنجو جسم اهڙي طرح عمل ڇو ٿو ڪري، جو لڳي ٿو ته جڻ ته منهنجو ذهن ڪيس ڪنٽرول ڪري هلائي چلائي ٿو؟ انهيءَ سوال جو جواب ميلونيڪس ۾ گهڙيالن واري نظريي (Theory of Two clocks) تحت ڏنو آهي. فرض ڪريو ته توهان وٽ ۾ اهڙا گهڙيال آهن، جيڪي مڪمل ٺيڪ طريقي سان وقت ٻڌائين ٿا، جڏهن به منجهائن هڪڙو وقت جي ماپ لڳل انگن جي نشاندهي ڪندي پهچي ٿو ته ٻيو ٽڪاوَ هٽي وقت جو اعلان ڪري ٿو. هاڻي جڏهن مقرر انگن تي

---

(1) ڏاهن ۽ فيلسوفن جو اهو گروهه جنهن ديڪارت جي 'رابطن واري بنيادي نظريي' کي تسليم ٿي ڪيو. مترجم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهچندي هڪڙي کي ڏنو سين ۽ نڪاوَ ٻئي ڪيا، ته سمجهيو سون ته پهرين کي ٻئي گهڙيال عمل ڪرڻ لاءِ سبب فراهم ڪيو. ته ذهن ۽ جسم جو ٻه هڪٻئي سان اهڙو ئي لاڳاپو آهي، خدا ٻنهي کي هڪ ٻئي سان جڪڙي منجهن هم آهنگي پيدا ڪري ڇڏي آهي. انهيءَ طريقي سان پنهنجي مرضيءَ (ارادي) مطابق عمل ڪرڻ مهل، انهيءَ جي باوجود جو منهنجو ارادو منهنجي جسم تي ڪوبه اثر نه ٿو ڏيکاري، تڏهن به منهنجي ٻانهه جي چر پر نج طبعي قائدي تحت ٿئي ٿي.

هن نظريي ۾ گهٽيون مشڪلاتون بهرحال پوءِ ٻه رهن ٿيون. مثلاً پهرين ته اها ڳالهه ڏاڍي منجهيل آهي ته: جڏهن هڪ پاسي طبعي سلسلا فطري قانونن جي تحت طئي ٿين ٿا، ته ٻئي طرف ذهني سلسلا (جيڪي طبعي سلسلن جي متوازي هلن ٿا) لازمي طور تي اوترائي جبريت تحت هلڻ کپن. جيڪڏهن هي نظريو درست آهي ته پوءِ هڪ نئين لغت هجڻ کپي، جيڪا دماغ جي هر واقعي کي ترجمو ڪري ذهني واقعن سان مطابقت پيدا ڪري. ان کان سواءِ، هڪ آدرشي ڪٽئي (Calculator) جي ٻه ضرورت ٿيندي، جيڪو دماغي واقعن (ماجرائن) کي حرڪت جي قانونن تحت ڪٽي، لغت جي معنائن مطابق ذهني ماجرائن سان گڏجي ڪو نتيجو ڪيي سگهي. بلڪ انهيءَ لغت کان سواءِ ئي اهو ڪٽئو عملن ۽ اکرن جا نتيجا بيان ڪري، جو ته انهن کي پڻ جسماني ڇُر ڦُر چئي سگهجي ٿو. ها پر اهڙا ويچار مسيحي اخلاقيات ۽ ڏوهن جي سزا متعلق مذهبي نظرين سان مطابقت ۾ هلائڻ ته ڏاڍو مشڪل ڪم ٿيندو!

ان هوندي ٻه اهي نتيجا ڪنهن ٻه دؤر ۾ واضح ڪونه هيا، ايئن ٿي لڳو ته هن نظريي کي ٻه اهميتون حاصل آهن. پهرين ته: انهيءَ روح جي هڪ خاص وضاحت ٿي ڏني، جنهن ۾ جسم سان سندس ڪو تعلق ڪونه هيو، جو ته روح ڪڏهن ٻه جسم تي اثر انداز ڪونه پئي ٿيو. ٻي خاصيت تحت انهيءَ نظريي هن عام اصول جي اجازت ٿي ڏني ته: هڪ مادو ڪنهن ٻئي مادي تي اثر انداز ڪونه پئي ٿي سگهيو- جڏهن ته اسان وٽ ٻه جزا يعني ذهن ۽ جسم هيا ۽ سي ٻه هڪ ٻئي سان ايڏا غير متشابه، جو منجهن تعاون ٿيندي ممڪن نظر نٿي آيو. جولينڪس جي نظريي ۾ تعاون جي ظاهري وضاحت ته ڏنل هئي، پر حقيقت کان انڪار ڪيل هيو.

ميڪانڪيت (MECHENICS) جي اندر ديڪارت چر پر جي پهرين قائدي کي تسليم ڪري ٿو، جنهن جي مطابق: جيڪو ٻه جسم پنهنجو پاڻ تي ڇڏيل آهي، سو مسقتل زور سان هڪ ئي سڌي رخ ۾ هلندو رهندو. پر ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي فاصلي تي ڪوبہ عمل ڪونہ ٿو ٿئي، جيئن نيوٽن جو ڪشش ثقل جو قائدو بہ ڏَسي ٿو: خال (Space) ۽ اَٽي (Atom) نالي ڪنهن بہ شئي جو وجود ڪونهي، پر پوءِ بہ هر قسم جي اثر اندازي اهڙي ٿئي ٿي، جهڙو ان شئي تي دٻاءُ پوي ٿو يا زور لڳي ٿو. جيڪڏهن ان سلسلي ۾ اسان جي ڄاڻ وسيع ٿئي تہ هوند ڪيميا ۽ حياتيات جا علم بہ ميڪانڪيت جو هڪ حصو بڻجي ويجن، ڇو تہ اهو طريقہ ڪار جنهن تحت بيج وڌندي ويجهندي انسان يا جانور جو روپ اختيار ڪري ٿو،سو ميڪانيڪي انداز ۾ آهي. انهيءَ ڪري ارسطو جي ٽن جوهرن جي ڪابہ ضرورت ڪانهي،ڇو تہ منجهائن هڪڙو عقلي جوهر (Rational Soul) وجود رکي ٿو ۽ اهو ماڻهو ئي آهي. (1)

مذهب جي ناراضگيءَ کان بچڻ لاءِ، ديڪارت افلاطون کان اڳ جي فيلسوفن کان هٿيل 'تخليق جو نظريو' جوڙيو آهي، جيئن هو چوي ٿو: دنيا کي ايئن ئي پيدا ڪيو ويو هيو جيئن بائيبل ۾ لکيل آهي، پر ان فطرتي طور تي ڪيئن ترقي ڪئي؟ اهو معلوم ڪرڻ ڏاڍي دلچسپ ڳالهہ آهي. ان سلسلي ۾ هو هڪ خاص نظريو پيش ڪري ٿو،جنهن کي Vortices (نازڪ مواد جي جزن ۾ اَڻن جي اها چڪردار چرپر جيڪا محور جي چوڌاري ٽيندي هجي مترجم) جي بناوت جو نظريو چئجي ٿو. ان خيال موجب: سج جي چوڌاري PLANUM (اهڙو هنڌ جيڪو سڄو سارو ڪنهن مادي سان ڀريل هجي- مترجم) ۾ هڪ وسيع ڪُنڊ آهي،جيڪو پلينم سان گڏجي سيني سيارن کي سنڊس چوڌاري گهمائي ٿو. هيءُ نظريو جيتوڻيڪ ڪاريگريءَ سان ڀرپور آهي، پر اهو ڪونہ ٿو ڏَسي تہ سيارن جا مدار گول هجڻ جي بدران بيضوي شڪل جا ڇو آهن؟ هيءُ نظريو عام طور تي فرانس ۾ تيستائين تسليم ڪيو ويندو هيو، جيستائين ڏاڪي بہ ڏاڪي نيوٽن اچي ان کي ختم نہ ڪيو. نيوٽن جي مشهور تصنيف پرنسيپيا (Principia) جي پهرين اشاعت جو مرتب 'ڪوٽس' (Cotes) فصاحت سان دليل ڏيندي واضح ٿو ڪري، تہ ڪُن وارو نظريو (Vortex theory) منڪريت ڏانهن موڪلي ٿو، جڏهن تہ نيوٽن جو نظريو خدا کي گذارش ٿو ڪري تہ هو سيارن کي سج جي چوڌاري گردش ڪرڻ بدران، ڪنهن مخصوص پاسي گردش ۾ رکي. انهيءَ معيار مطابق ئي ڪوٽس چوي ٿو تہ نيوٽن کي اوليت ملڻ ڪپي.

---

(1) ارسطو ڪنهن بہ شئي جي مڪمل ٿيڻ لاءِ پهريون، ٻيو ۽ آخري سبب ضروري ڄاڻايا آهن اهڙي طرح Sprit جنهن کي اسان روح يا جوهر چئون ٿا سي بہ انهن درجي بندين ۾ ورهايل آهن. مترجم).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي آئون ديڪارت جي ٻن نهايت اهم ڪتابن جي باري ۾ ڳالهائيندس ته جيئن اسين سندس نج فلاسافيءَ کي سمجهي سگهون. انهن مان پهريون "ڏاڻءَ تي بحث" (Discourse on Method) جيڪو 1637ع ۾ شايع ٿيو ۽ ٻيو "گيان يا گهرا خيال" (Meditations) جيڪو 1642ع ۾ ڇپيو. جيئن ته هن ٻنهي ڪتابن جو هڪ ٻئي تي اثر ۽ لاڳاپو آهي، تنهن ڪري ٻنهي تي ڌار ڌار بحث ڪرڻ هروپرو ضروري ڪانهي.

پنهنجي فڪري واٽ کي مضبوط بنيادن فراهم ڪرڻ لاءِ ديڪارت شروعات سندس مشهور علمي نظريي 'ڪارٽيشين ڊائوٽ' Cartesian Doubt وارن ويچارن تي بحث ڪرڻ سان ڪئي آهي. هن طريقي هيٺ هو پاڻ کي ايترو ته شڪ ۾ ٻوڙي ڇڏي ٿو‌جو هر اها شئي جنهن تي شڪ ممڪن آهي، ان تي هو شڪ ڪرڻ لڳي ٿو. ان نظريي کي بيان ڪرڻ کان پهرين هو اها آگاهي ڏيندي چوي ٿو ته:جيئن ته هي بحث ڇڪو خاصو وقت وٺي سگهي ٿو، تنهن ڪري ان جي ثابت ٿيڻ کان پهرين ۾ ڳالهه جا معيار ۽ پرک عام رواجي اصولن جي هيٺ ٿيندا. اها حڪمت عملي سندس ذهن کي رڪاوٽن ۽ پنهنجي عملن بابت شڪن جي ممڪن نتيجن کان واڪفيت ۽ آجو ڪري ڇڏي ٿي.

انهيءَ سلسلي ۾ هو شروعات حواسن کان فراريت اختيار ڪندي ڪري ٿو: "ڇا آئون شڪ ڪري سگهان ٿو، ته مان هتي هڪ اهڙو چوغوا وديو وينو آهيان جنهن کي باهه لڳل آهي؟" هو پڇي ٿو. "ها" پاڻ ئي جواب ڏيندي چوي ٿو: "چو ته ڪجهه گهڙين لاءِ مون خواب ۾ اهو منظر ڏٺوآهي، جڏهن ته آئون پنهنجي هنڌ ۾ اگهاڙو ستل آهيان" (ان دؤر ۾ اڄان پاجام ۽ رات جو اوڍجندڙ قميصون ايجاد نه ٿيون هيون) ان کان سواءِ ڇڙيل ماڻهوءَ کي به عام ماڻهن کان مختلف ڪو سوداءُ ٿي پوندو آهي، ڇا ايئن ممڪن ڪونهي ته هيءَ حياتي گهاريندي، آئون به ڪنهن اهڙي ڪيفيت ۾ رهندو هجان!

ان هوندي به جيتريقدر سندن (خواب) بنيادي عنصرن جو تعلق آهي، ته خواب ڪنهن مصور جي تصويرن وانگي اصلي شين جا اولڙائي ته آهن (توهان اڏامندڙ گهوڙي جو خواب ٺهرن ۽ گهوڙن ڏسڻ کان سواءِ ڪيئن ٿا لهي سگهو). پر سندن مجموعي سريرڪ يا جسماني فطرت، اهڙن اصلي جزن کي وڌاءَ يا ڦهلاءَ (Extension) قد و قامت (Magnitude) ۽ تعداد (Numbers) ۾ مبتلا ڪري، سندس حقيقي وجود متعلق عام شين جي پيٽ ۾ وڌيڪ ڏکيايون پيدا ڪري ٿي. تنهن ڪري علم حساب ۽ ريکا ڪٽت، جيڪي ڪن مخصوص شين متعلق بحث ڪونه ٿا ڪن سي فلڪيات ۽ طبعيات جي علمن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ٻيٽ ۾ وڌيڪ درست ۽ پختا آهن ۽ ان کري ئي خواب ۾ ايندڙ تصورن ۾ ٻه منجهن کا تبديلي کانه ٿي اچي. (ايڪ خواب ۾ ٻه ليڪ ئي رهندي- مترجم) جيو ته هو اصلي صورتن کان ڪنهن ٻه صورت ۾ مختلف ڪونهن.پر ان جي باوجود علم حساب ۽ ريکا ڳڻت تي ٻه شڪ ڪري سگهجن ٿا. جيا ايئن ممڪن آهي ته چورسي جا پاسا ڳڻيندي يا 2 ۽ 3 جي انگن جو جوڙ ڪندي،خدا مون کان غلطي ڪرائيندو هجي. پر شايد خوابن ۾ ٻه خدا ڏانهن اهڙن بي رحم تصورن جو انتساب ڪرڻ غلط هجي. ٺيڪ آهي، فرض ڪريو ته مون کي گمراهه ڪندڙ خدا نه، پر ٻيو ڪو بيحڙو راکاس آهي، جنهن وٽ گمراهي ۽ ٺڳي ڪرڻ جهڙا اختيار ڪنهن ٻه بااختيار هستيءَ کان گهٽ ڪونه آهن، سندس سڄو ڪاروبار مون کي گمراهه ڪرڻ تي هلي ٿو، ته پوءِ اهو ٻه ته ممڪن آهي ته سندس پُلائٽ جي ڪري جيڪي نه شيون آڻون ڏسان ٿو، سي رڳو مونجهارائي هجن.جن ۾ هو منهنجي وسوڙائيءَ کي ڏسندي،مون کي جکڙڻ جو ڪو بندوبست ڪندو هجي.

پر پوءِ ٻه هڪ شئي اهڙي آهي،جنهن تي آڻون ڪڏهن ٻه شڪ نٿو ڪري سگهان- ڪوبه راکاس ڪيڏو ٻه وڏو ٺڳ هجي مون کي ڏوڪو نٿو ڏيئي سگهي. اهو ته ممڪن ٿي سگهي ٿو ته اهڙي صورتحال پيدا ٿي پوي،جو مان سمجهڻ لڳان ته منهنجو وجود ئي ڪونهي، مون کي جسم ئي ڪونهي، جيڪو منهنجو مونجهارو وٺي سگهي ٿو. پر سوچ هڪ مختلف شئي آهي. "يلي آڻون هر شيءِ کي غلط سمجهان يا غلط سمجهڻ چاهيان، پر پوءِ ٻه اهو لازمي طور تي هجڻ کپي ته غلط ئي سهي پر بهرحال کا شئي آهي ضرور، جنهن متعلق آڻون سوچڻ گهران ٿو. ته آڻون سوچ جي سچائيءَ جو اقرار ڪندي ايئن چوڻ تي مجبور ٿيندس ته: منهنجي سوچڻ جي ڪري ئي منهنجو وجود آهي (I think there fore I am) (1)

اهي ٻول ايڏا ته پڪا پختا آهن،جو سيني فضول فرضن (Suppositions) ۽ فرار جي راهن ۾ ايترو دم ڪو نه هيو،جو اهي مون کي الٽ پُلٽ ڪري سگهن. پوءِ مون فيصلو ڪيو ته انهيءَ نقطي کي ئي بنا ڪنهن شڪ شبهي جي،پنهنجي سوجهيل ۽ سمجهيل فيلسوفيءَ جو بنيادي ۽ پهريون اصول سمجهي قبول ڪري سگهان ٿو."

مٿيون ٽڪرو ايئن سمجهو ته ديڪارت جي علمي نظريي جو ستُ آهي،

---

(1) I think there fore I am کي لاطيني زبان ۾ Cogito- ergo, sum ٻه چيو ويندو آهي.تنهن ڪري فڪر جي دنيا ۾ ديڪارت جي نظريي کي،مختصراً ديڪارت جو Cogito ڪري ٻه سڏيو ويندو آهي. مترجم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو سندس فڪر جي اهم ترين جزن کي بيان ڪري ٿو. ديڪارت کان پوءِ جيڪي ب فيلسوف پيدا ٿيا آهن، تن سندس ئي پوئواري ڪندي 'علمي نظريي' Theory of knowledge (اهڙو طريقئ ڪار جنهن ۾ علم جي حاصلات جي طريقئ ڪار تي بحث ٿيندو آهي. مترجم) واري نقطئ نظر کي بيحد اهميت ڏني آهي. "منهنجي سوچڻ جي ڪري ئي منهنجو وجود آهي" وارو سندس قول،ذهن کي مادي کان وڌيڪ سرت پريو ٻڌائي ٿو ۽ منهنجو ذهن (مون لئ) ٻين ذهنن جي ٻيٺ ۾ وڌيڪ پختگي اختيار ڪري ونئي ٿو، تنهن ڪري ديڪارت جي فڪر مان نڪتل سچي ڏاهپ ۾،واضح داخليت جا لاڙا موجود آهن. مادي (Matter) جي وٽس اهميت فقط هڪ اهڙي وَتُ جيتري آهي، جنهن جي متعلق چڙو ڄاڻڻ ضروري آهي، سندس خيال موجب ت مادو ذهن جي علميت مان حاصل ٿيل نتيجن جي حاصلات کان سواءِ،ٻيو ڪجهه ب ناهي. انهيءَ لاڙي جو نه فقط برطانوي تجربيت (1) (Empiricism) تي زبردست اثر آهي،پر سڄي يورپ جي فڪري واتاڻ تي ب ڇانيل آهي، البت يورپ ڪنڊ ۾ انهيءَ جا اثر فاتحانہ آهن،پر برطانوي فلاسافيءَ ۾ انهيءَ مسئلي تي پڇتاءُ نظر ايندو. ويجهڙائيءَ ۾ هڪ نئين فڪري واڪ Instrumentalism (فائدي جي حصول لئ علميت) کان مدد ونندي، انهيءَ داخليت کان جند ڇڏائڻ لاءِ ڪافي ڪوششون ڪيون ويون آهن. جيئن ت Instrumental-ism واري تصور کي وري ڪنهن ٻئي ٻيري بحث هيٺ آڻبو، ڇو ت اهو ڪافي ڏڳهو مسئلو آهي، تنهن ڪري انهيءَ کي في الحال پوئتي رکندي ايئن ضرور چئبو،ت جديد فڪر پنهنجن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ، ديڪارت جي ٻڌايل رستن کي تسليم نہ ڪرڻ جي باوجود،ترتيب ڪانئس ئي سکي آهي.

پڙهندڙن کي ياد هوندو ت ديڪارت کان اڳ سينٽ آگسٽائن ب هڪ اهڙو ئي يعني Cogito (ديڪارت جي فلسفي جو ڪُرُ جنهن جي معنيٰ سوچ هجڻ نڪري ٿي. مترجم) سان ملندڙ جلندڙ تصور ڏنو هيو، پر پوءِ ب هو ان تصور کي مقبول ڪري نہ سگهيو، ڇو ت جنهن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ، هن انهيءَ تصور جي تشڪيل ڏني هئي،تنهن سندس خيال جي هڪ حصي کي ئي تسليم ڪيو. تنهن ڪري ديڪارت طرفان ڪن گهڻن فڪري دليل جي

---

(1) برطانوي تجربيت جو زبردست دائي جان لاڪ ٿي گذريو آهي، جنهن جي بنيادي خيال موجب ت علم جي حاصلات جو اهم ترين ذريعو تجربا آهن ۽ اهي ئي انساني ذهن کي خاص رُخ ۾ موڙين ٿا. ذهن ڄمڻ مهل صاف شفاف ۽ اجري پُڻيءَ وانگر آهي (Tabula- Rasa) جنهن تي تجربا پنهنجي ٻولي لکن ٿا. مترجم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڏيڻ جي باوجود، اسان کي ڪيس اصلي ۽ بنيادي مُفڪر ميڻو پوندو، ڇو تہ ٿورو ئي سهي پر هن ان مسئلي (سوچ بنيادي شئي آهي) جو نهايت گهرائيءَ سان ادراڪ ڪيو.

پنهنجن خيالن جي پختن بنيادن وجهڻ کان پوءِ،ديڪارت علم جي عمارت کڑي ڪرڻ جا سانباها ڪيا. جيئن تہ سندس نظريي ۾ 'مان' جو تصور 'سوچ' مان ڦٽي نڪتو آهي، تنهن ڪري منهنجو وجود فقط تڏهن ئي آهي جڏهن منهنجي سوچ آهي، جيڪڏهن مان سوچڻ ڇڏي ڏيان تہ پٺتي منهنجي هجڻ لاءِ ڪوبہ سبب نٿو بچي. 'مان' ئي اها وٽ آهيان جيڪا سوچي ٿي ۽ 'مان' ئي اهو تت آهيان جنهن ڪري سڃي فطرت يا نچوڙ سوچ ۾ جنم ونئي ٿو-۽ جنهن لئہ ڪنهن مادي،جڳهہ يا شئي جيَ ضرورت ڪانهي. تنهن ڪري روح جسم کان بالڪل مختلف شئي آهي، جنهن کي سمجهڻ نسبتاً آسان آهي، ڇو تہ سندس خيال مطابق تہ جيڪڏهن جسم وجود نہ رکي ها، تڏهن بہ روح جهڙو اڄ آهي اهڙو پوءِ بہ هجي ها.

اڳتي هلي ديڪارت پاڻ کان پڇي ٿو: "Cogito (سوچ) ايڏو واضح ڇو آهي؟" ۽ پوءِ نتيجو ڪڍي ٿو : "انهيءَ ڪري جو اهو بالڪل صاف ۽ چٽو آهي. انهيءَ جاڻ کان پوءِ ئي هو هڪ اصول کي گڏيل قانون چئي، ترتيب ۾ رکندي چوي ٿو: "جيڪي بہ شيون اسين انتهائي چٽيون ۽ واضح سمجهون ٿا سي سڀائيون آهن." انهيءَ جي باوجود هو انهيءَ ڳالهہ جو اقراري آهي، تہ بهرحال ڪيترن ئي هنڌن تي اهو فيصلو ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي، تہ اهي ڪهڙيون شيون آهن جيڪي سڀائيون چورائن ٿيون.

سوچ جي اکر کي ديڪارت انتهائي وسيع معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي، سندس خيال مطابق جيڪا بہ شئي سوچي ٿي،سا شڪ ڪري ٿي، سمجهي ٿي، پروڙي ٿي،پڪ ڪري ٿي، انڪار، ارادو ۽ تصور ڪندي،محسوس ڪري ٿي. احساس جيڪي خوابن ۾ هوندا آهن، سي پڻ سوچ جو هڪ قسم آهن. جيئن تہ سوچ ذهن جو سَتُ آهي،تنهن ڪري ننڍ توڙي جاڳ ۾ سوچ کي برقرار رهڻ ڪپي.

ان کان پوءِ هو اسان جي 'جسمن بابت جاڻ' واري مسئلي تي بحث ڪندي،ماکيءَ جي ماناري واري ميڙ جو مثال ڏيندي چوي ٿو: ڪجهہ شيون حواسن جي اڏو واضح هوندیون آهن، مثال طور تي ميڙ جي ٽُڪري چکڻ سان ماکيءَ جو ذائقو حاصل ٿئي ٿو، ان کي سنگهڻ سان گلن جي خوشبوءِ اچي، ڪيس هڪ خاص قسم جو رنگ آهي، سندس هڪ خاص حيثيت ۽ صورت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، اها سخت ٻ آهي ت ٽڏي ٻ، جيڪڏهن ڪنهن شئي سان ٽڪرايوس ت آواز ٻ ڪندي، پر ڪيس باھ جي ويجهو آڻبو، ت سندس سيئي خاصيتون تبديل ٿي ويندیون، پر ان جي باوجود ڪيس ميڙ ئي ڇيو ويندو. انهيءَ مان ثابت ٿيو ت جيڪا شئي حواسن کي نظر آئي،سا ميڙ نہ پر ڦهلاءُ (Extension) لچڪ ۽ ڇُرير جي ٽهيل ڪا شئي هئي، جنهن کي تصورن جي ذريعي پروڙي ڪونہ ٿو سمجهي سگهجي، پر ذهن ذريعي سمجهي سگهجي ٿو. جيڪا شئي ميڙ آهي سا پنهنجي وجود ۾ شعور نٿي رکي،ڇو ت اها مڙني مظهرن جي مختلف پهلوئن ۾ ميڙ سان مشابهت رکي ٿي. ميڙ جو ادراڪُ مشاهداتي خيال، ڇهاءُ يا تصور ذريعي نہ،پر ذهن جي ڪري آهي. گهٽيءَ ۾ ماڻهن کي ٽوپن ۽ ڪوٽن ۾ ويڙهيل ت ڏسان ٽوءپر ميڙ مون کي نظرڪونہ ٿي اچي، ڇو ت هر شئي کي فيصلي جي قوت ذريعي پروڙيان ٿو، جيڪا منهنجي ذهن سان واسطو رکي ٿي ۽ جيڪو سوچيم سو پنهنجي ثابت اکين سان پسيم. جيڪو ٻ علم حواسن جي ذريعي حاصل ٿئي ٿو، سو نہ فقط منجهيل پر ڇڙ ت جانورن جي عقل جهڙو آهي. پر آئون جڏهن ميڙ جي مٿئين حصي کي ڦاڙي اندر ڏسان ٿو، ت پنهنجي ذهن جي ذريعي ان جي هر لکل جزي کي ٻ سمجهان ٿو. ان جي ابتڙ ميڙ کي حسي طور تي ڏسڻ کان پوءِ، منهنجو وجود عارضي حقيقت کان ت آشنا ٿئي ٿو، پر ميڙ پوءِ ٻ فقط پنهنجي ظاهر ۾ رهي ٿي. تنهن ڪري ٻاهرين شيں جو علم،حواسن جي بدران ذهن جي ذريعي ٿيڙ ڪيي.

اهڙي صورتحال اسان کي مختلف تصورن تي توجہ ڏيڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي. ديڪارت جي چوڻ موجب ت جيڪا غلطي اسين عام طور تي ڪريون ٿا، سا اها آهي ت،اسين سمجهون ٿا ت: اسان جا خيال ٻاهرين شين (outside objects) وانگر آهن (هتي لفظ خيال يا تصور ۾ حسي ادراڪ ٻ اچي وڃي ٿو، جيئن ديڪارت استعمال ڪندو رهيو آهي)،خيال ٽن قسمن جا ٿين ٿا.

1ـ جيڪي پيدائشي (Innate) هوندا آهن.

2ـ جيڪي ٻاهر جي دنيا ۾ هوندا آهن ۽ پنهنجي ذات کان ٻاهران اچي اثرانداز ٿيندا آهن.

3ـ جن جي اُڀت مان پاڻ ڪندو آهيان.

ٻئي قسم جا خيال جن لئہ اسين فطري طور تي فرض ڪندا آهيون ت اهي ٻاهرين شين وانگر هوندا آهن، تن لاءِ ايئن اسبٹ اصل ۾ ان کري فرض ڪريون ٿا، جو فطرت ئي اسان کي ايئن ڪرڻ سيکاري ٿي. ان جو هڪڙو سبب اهو ٻ آهي ت ڪي خيال اسان جي ارادي کان سواءِ ئي اچن ٿا، (مثال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طور تي حواسن ذريعي) تنهن ڪري اهو فرض ڪندي ته ٻاهران شيون پنهنجي پسنديدگيءَ جي ڇاپ منهنجي ذهن تي ٻه هٿن ٽيون- بالڪل هڪ عقل واري ڳالهه لڳي ٿي. پر ڇا ڇڙو اُهي سبب ئي سڀ ڪجهه آهن؟ جڏهن مان چوان ٿو ته: "اسان کي فطرت سيکاريو آهي." ته ان صورتحال ۾ منهنجو مطلب آهي ته منهنجا ڪي رجحان آهن ته مان انهيءَ ڳالهه ۾ ويساهه رکان، پر انهن کي آڻون فطري نور ۾ وهنتل نڏو ڏسان ۽ جيڪو ڪجهه فطري نور جي جلون ۾ ڏسي سگهجي ٿو، تنهن کان انڪار نڏو ڪري سگهجي. پر ان جي ابتڙ "ڇڙا رجحان" اسان جي رهنمائي فقط غلطين کان سواءِ ٻئي ڪنهن ٻه طرف نٿا ڪري سگهن. جيتريقدر ان تصور جو تعلق آهي جنهن موجب: "حسي تصور بي اختيار ٿين ٿا" ته ان کي ڪو واضح دليل ان ڪري ڇڏي نڏو سگهجي ــ ان هوندي ٻه جو خواب اندر مان ڦٽن ٿا، تڏهن ٻه اهي آهن ته بي اختيار! انهيءَ ڪري "حسي خيال ٻاهران اچن ٿا." واري مفروضي لئه وضاحتون ڏيڻ ٻه بي فائدي آهن.

ان کان سواءِ ڪنهن ٻه ٻاهرين شئي لئه ٻه تصور ٻه ته ٿي سگهن ٿا. مثال طور، سج بظاهر اسان جي حواسن کي هڪڙي صورت ۾ لڳي ٿو، پر علم فلڪيات جي ماهرن وٽ سج جو ٻيو تصور آهي. اهي ٻئي خيال سج جي عام تصور وانگر ٽي نٿا سگهن، ڇو ته عقل ٻڌائي ٿو ته جيڪا شئي سنئين سڌي تجربي مان حاصل ٿئي ٿي، سا ان مٿي بيان ڪيل ٻنهي مثالن مان گهٽ اهميت رکندڙ خيال جي نمائندگي ڪري ٿي.

پر اهي ويچار انهن شڪ سان ڀرپور دليلن کي ختم ڪونه ٿا ڪن، جيڪي ٻاهرين شين جي وجود تي شڪ جي نگاهه رکن ٿا. بهرحال انهن جي ثابتيءَ لاءِ اسان کي سڀ کان پهرين خدا جي وجود کي ثابت ڪرڻو پوندو.

ديڪارت وٽ خدا جي وجود متعلق جيڪي دليل آهن، سي سندس بنيادي ۽ اصلي ڪونهن پر اصل ۾ اهي عالماڻي فڪر (Scholastic Philosophy) (1) مان ورتل آهن، جيڪي جرمن فيلسوف ليبنيز (Liebnez) جي متن ۾ ڏاڍي عمدگيءَ سان بيان ڪيل آهن.

---

(1) عالماڻو فڪر يا مدرسيت (Scholastic Philosophy) فڪر جي تاريخ ۾ هڪ اهڙي واٽ آهي جنهن تحت مقرر ڪيل عالمن جي ذريعي علمي آگاهي ڏني وڃي ٿي ان ڏس ۾ مدرسن ۽ وڏن ادارن ۾ باقائده تعليم ڏيڻ ٻه شامل آهي. قديم يونان ۾ سافسٽ (Sophists) اهڙا استاد هياءجيڪي ڪاروباري بنياد تي علم گاهون قائم ڪري ۽ اجوروواري فيلسوفي يا دينيات پڙهائيندا هئا. مترجم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها حقيقت آهي ته جيڪڏهن هڪ دفعو خدا جي وجود متعلق تصور واضح ٿي وڃن ته پوءِ اڳتي وڌڻ سولو ٿي پوندو. جيئن ته خدا چڱائي آهي،تنهن ڪري هو گمراهي ڦهلائيندڙ شيطان (راڪاس) وانگر عمل نه ڪندو، جيڪو ديڪارت جي نظر ۾ شڪ پيدا ڪرڻ ۾ بنيادي عنصر آهي. خدا انسان ۾ ايترا ته پختا لاڙا رکيا آهن،جو جيڪڏهن انهن لاڙن جي درستگيءَ جي پڪ ڪري ويهي رهان ته اهو ڪم ان راڪاس جو ٿي هوندو! ان ڪري ئي جسم يا شيون وجود رکن ٿيون. هُن (خدا) مون ۾ درستگيءَ جي سمجھ پڻ عطا ڪئي آهي ۽ ان سمجھ جو تڏهن استعمال درست نموني ڪريان ٿو، جڏهن "جيڪو ڪجھ واضح ۽ ظاهر آهي سو سچ آهي" واري اصول کي اختيار ڪريان ٿو. ۽ اهو اصول تڏهن صحيح نموني اختيار ٿئي ٿو، جڏهن مان ان فيصلي تي پهچان ٿو،ته جسمن يا شين کي سمجھڻ لاءِ،رڳو ذهن ذريعي سمجھڻ ضروري آهي، نه ڪي جسم ۽ ذهن ٻنهي جي معرفت. اهو طريقہ ڪار مون کي رياضي ۽ طبعيات کي پڙ درست طريقي سان سمجھڻ ۾ مدد ڏئي ٿو.

ديڪاريت جي 'علمي نظريي' جو تخريبي باب سندس تعميري حصي کان وڌيڪ دلچسپ آهي، ڇو ته ان ۾ هن عالماڻي قسم جا هڙئي اصول استعمال ڪيا آهن مثلاً: سندس چواڻي ته تاثير (Effect) ڪڏهن ب سبب (Cause) کان وڌيڪ سيبتو ۽ سنائتو نٿو ٿي سگهي، ممڪن آهي ته ان ڪري ئي هو ڪنهن قدر ابتدائي تنقيدي مارا ماريءَ کان بچي ويو آهي.

ديڪارت عالماڻن اصولن کي تسليم ڪرڻ لاءِ کي خاص پڪا پختا دليل ڪونہ ڏنا آهن، ان هوندي ب جو اُهي ڪنهن زنده وجود جي پيٽ ۾ گهٽ واضح آهن، جيڪي ڪليو ڪلايو اُپرڀي ثابت ٿيا آهن. سندس ابترّ افلاطون، سينٽ آگسٽائين ۽ سينٽ ٽامس اهڙا ڏاها آهن، جيڪي غور ۽ فڪر واري طريقہ ڪار تي مبني علم ۾،وڌيڪ واضح ۽ مثبت سڏايا وڃن ٿا.

سندس تنقيدي شڪ وارو نظريو، جنهن جو ديڪارت پاڻ ب اڏو گابرو اطلاق ڪيو آهي،سو ئي درحقيقت زبردست فڪري اهميت رکي ٿو، جنهن ۾ هو منطقي طور تي واضح ڪري چڪو آهي، ته جيڪڏهن تشڪيڪ (Scepticism) ڪٽي ب منجهي بيڪار ٿيندي، ته اتي هي نظريو مثبت نتيجا ئي مهيا ڪري سگهي ٿو. جتي ب تجربيت ۽ منطق سان واڳيل علم هوندو،اتي منجھڻ لاءِ ب رستا هوندا: پهريون، شڪ کان ماورا حقيقتون،ٻيو، شڪ کان بالاتر نتيجن جا اصول- ديڪارت وٽ شڪ کان وانجهيل حقيقتون رڳو سندس پنهنجون سوچون آهن. پر وٽس سوچن جو مطلب انتهائي وسيع آهي. مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهان ٿو ته سندس حقيقي پائنيو جيڪو "مان" آهي سو نامناسب آهي، ان جي بدران کيس پنهنجو بنيادي پائنيو "ڪجهه سوچون" ڪرڻ ڪيي ها. گرامر جي لحاظ کان ته 'مان' جو اکر ڏاڍو سولو آهي، پر ان کي مجيل مفروضي (Datum) طور واضح نٿو ڪري سگهجي. اڳتي هلي جڏهن هو چوي ٿو: "مان ئي اها وَٿُ آهيان جيڪا سوچي ٿي." ته هو بنا تنقيدي جائزي جي، درجا بندين جا اُهي طريقا جيڪي کيس علميت پسندن کان مليا آهن، سي استعمال ڪري ٿو. هُو ڪٿي به اهو ثابت نٿو ڪري ته سوچن کي هڪ سوچيندڙ جي ضرورت آهي. جڏهن ته ان ڳالهه کي فقط گرامر جي حوالي کان سواءِ مجي ئي نٿو سگهجي.

ان هوندي به باهرين شين جي پيٽ ۾ سوچن کي عظيم تر تجربيت مان حاصل ٿيل يقين جو مرڪز سمجهندي، ڪو فيصلو ڪرڻ نهايت اهم هيو. چاڪاڻ جو ان سان پوءِ جي سرجيل واٽن تي گهرا اثر مرتب پئي ٿيا.

انهيءَ کان سواءِ ديڪارت جي فڪر ۾ به ٻيا نقطا به ڏاڍا اهم هيا.

پهريون: ديڪارت ذهن ۽ جسم جي دوئيءَ واري ان تصور کي مڪمل ڪيو يا تڪميل جي قريب آندو، جيڪو افلاطون کان شروع ٿيو ۽ مذهبي عقليت جي پاڇي ۾ مسيحي فڪر جي سهاري وڌي وڻ ٿيو.

ٻيو: Pineal Gland (پنيل غدود) ۾ موجود پر تجسس ڪار گذاريون (Transactions) جن کي ديڪارت جي پوئلڳن نظرانداز ڪري ڇڏيو هيو، تن ۾ سندس Cartesian طريقئه ڪار تحت متوازي پر مختلف دنيائون، وجود ۾ آيون. جن مان هڪ کي ذهن ۽ ٻئي کي جسم جي دنيا سڏجي ٿو، جن کي ڌار ڌار ڪندي به،هڪٻئي سان لاڳاپيل ڏيکارينديِ سمجهي سگهجي ٿو. ذهن جسم کي چرپر ۾ نٿو آڻي، هڪ نٿون خيال هيو.جنهن کي ديڪارت رد ڪيو، پر جيلونيڪس ان کي ڇڪيو خاصو واضح ڪري ڇڏيو. ان سلسلي ۾ سندس ڪتاب Meditations ۾ ڏيان ڇڪائيندڙ بحث ٿيل آهي. مثال طور: جڏهن جسم اجايل آهي ته ذهن پاڻ کي بيقرار ڇو ٿو محسوس ڪري؟ ان سلسلي ۾ درست ڪارٽيشين جواب اهو هيو ته: ذهن ۽ جسم جڙ ته بن. گهڙيالن وانگر هيا، جن مان هڪ جي اُڇ ظاهر ڪرڻ ته ٻئي ته اثر ٿي ٿيو. پوءِ به مذهبي نقطئه نظر کان سندس فڪر ۾ هڪ نقص ايجان به پنٽي رهيو ٿي، جيڪو مون کي 'ڪارٽيشين' طريقئه ڪار جي ٻي خاصيت کان آشنا ڪرائي ٿو.جنهن جو مون مٿي ذڪر ڪيو آهي.

'ڪارٽيشين' طريقئه ڪار،مادي دنيا جي متعلق پنهنجي نظريي ۾ سختيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي حد تائين جبريت (Determinism) ۾ يقين رکي ٿو. جنهن تحت زندهه حياتيون ۽ بي جان مادو ٻئي طبعي قانونن تحت هلن ٿا. هن ڳالهه ۾ ارسطو جي فڪر وانگر ڪا اقراريت، حقيقت پسندي يا جوهر ڪونه هيو، جيڪو حياتياتي واڌ ۽ جانورن جي چرپر مٿعلق وضاحتون ڏيئي سگهي. بس ديڪارت پنهنجي سِر هڪڙي چوٽ ڏني ته انساني روح،ارادي جي ذريعي،اهم جوهرن جي مقدار ۾ قيرقار نه ڪندي ٻه، پنهنجا رخ موڙي سگهي ٿو. هيءَ ڳالهه جيئن ته سندس بنيادي طريقئه ڪار جي روح سان تصادم ۾ هئي، تنهن ڪري پاڻ مُرادو ميڪانيڪي قانونن جي ضد ۾ ٻه ٽي آئي. جنهن کي اڳتي هلي خارج ڪيو ويو. انهن جي نتيجن ۾ مادي جي هر چرپر طبعي قانونن جي تحت مقرر ٿئي ٿي، تنهن ڪري مساوات ۽ توازن ۾ ٽي هلي. انهيءَ صورتحال جي ڪري دماغي واقعا ٻه انهيءَ جدول موجب مقرر ٽيئن گهرجن. نتيجي ۾ ڪارٽيشين طريقئه ڪار کي،ارادي جي آزادي واري خيال منجهه دُشواريون پيش ٿي آيون. ۽ انهن ماڻهن،جن سندس علمي نظريي کان وڌيڪ سائنسي مشاهدن تي ڌيان ٿي ڏنو، تن لاءِ جانورن (Automata) واري نظريي کي منتخب ڪرڻ ۾ ڪا ڏکيائي نه ٿي. هاڻي جيڪڏهن ايئن ٿي سگهي ٿو ته پوءِ انسانن جي باري ۾ ٻه ايئن ڪري، سڄي طريقئه ڪار کي مستقل مادیت جي روپ ۾، آسان ڇو نه ٿو ڪيو وڃي؟ جنهن سلسلي ۾ حقيقي پيش قدمي ارڙهين صديءَ ۾ ڪئي وئي هئي.

ديڪارت جي نظريي ۾ دِلي ۽ ڪِهرڪِهلي دوئيت موجود آهي، جيڪا موجود ۽ روان سائنس مان تعليم حاصل ڪرڻ ڪري ۽ گذريل دور جي علميت پسنديءَ (جنهن جا اثر مٿس La Flache واري تعليمي عرصي دوران ٿيا) جو نتيجو آهي. انهيءَ صورتحال جيتوڻيڪ ڪيس غير يقيني ۾ ڏکي ڇڏيو، پر ان سان گڏ بيشمار قيمتي خيالن کان پڻ آگاهي ڏني، جيڪي ڪنهن ٻه مڪمل منطقي مفڪر ۾ هجڻ کپن. بهرحال عدم استقلال ڪيس ٻن اهم پر مختلف فڪري واٽن جو ذريعو بڻائي ڇڏيو، جڏهن ته ممڪن آهي ته استقلال ڪيس علميت پسندن جو ئي هڪ نئون ۽ بنيادي عالم بڻائي ڇڏيو هجي ها.

(برٽرنڊ رسل جي ڪتاب "History of Western Philosophy" تان ورتل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



اسپنوزا بارُک بينڊڪٽ

جنم: 24 نومبر 1632ع
لاڌاٽو: 21 فئبروري 1677ع

انهيءَ ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي، ته سماجي سائنس جي انتهائي ترقي يافته شڪل سماجوادي نظام آهي، ڇو جو اهو انساني ڪَرب بابت نه فقط ڳالهائي ٿو، پر انهيءَ جي حل لاءِ به راهه ڏسي ٿو. پوءِ به اها حقيقت آهي ته مارڪس، اينگلس، لينن ۽ گرامچي وغيره فڪري طوُر تي ڪنهن هڪ صُبح يا شام جي پيدائش ڪونهن. سچ پچ ته هڪ ولاديميرا يليئچ ڪي "لينن" بڻجندي انساني تاريخ کي ڪي صدين جا سفر ڪرڻا پيا هوندا، ڪي بيشمار جدوجهدون ڪرڻيون پيون هونديون.

انهيءَ سچ جي سفر ۾، هڪ ساڻي اسپينوزا به آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيشڪ بُنيادي طور تي هو وحدت الوجود (Pantheism) جو قائل هڪ صُوفي شخص هُيو، پر ٽورڙو غور ڪيو تہ جتي اندّ جون قوتون ايڏيون تہ مضبوط هُجن، جو ماڻهوءَ جي ساهہ ڪٽڻ جي بہ ڪين خبر هجي، ۽ انساني سسين جا لابارا ڪرڻ، سندس معمولي وندر هجي! اتي ڪو خدا جو ٻانهو اتي احتجاج جي صدا بلند ڪري، تہ ڇا انهيءَ لاءِ دل گردي جي ضرورت ڪانهي؟! ڇا اها جدوجهد ڪنهن بہ جديد سياسي ويڑهہ ۽ انقلابي عمل کان گهٽ آهي؟؟! بلڪل نہ۔

لاڳو سماجي حالتن ۾ رهندي تاريخ جي ڪنهن بہ دؤر ۾ رياڪاري جي خلاف جنگ جوٽڻ، ڪنهن بہ وڏي انقلابيءَ جي جدوجهد جيتري مانائتي ۽ اهم آهي.

اسپنوزا جڏهن ايمسٽرڈم جي گهٽين ۾ يهودي مذهب بازن جي هٿ ٽوڪين تشريحن ۽ تاويلن کي رد ڪندي ان دؤر جي ترقي پسند فڪر تصوف جي مفرح خوشبو سان ماحول جي واسنا ڪئي، تہ نہ فقط ڪيس ڪافر ۽ زنديق جا خطاب ڏيئي ملامت هيٺ آندو ويو، پر شهر جي وچ چؤڪ تي بيهاري مٽس سنگ باري بہ ڪئي وئي. پر تواريخ جا معجزا تہ ڏسو! ساڳئي چؤڪ تي ٽيڪ سؤ سالن ڪانپوءِ سندس مجسمو کڙو ڪيو ويو، جنهن جي هيٺان هيءَ تحرير لکي وئي: "هتان لنگهندي جيڪو بہ هن اعليٰ مرتبي واري انسان جي عظمت جي اقرار ۾ ٻنهنجو سيس نہ نوائيندو، تنهن تي خدا جي لعنت".

حيرت جوڳي ڳالهہ آهي تہ هڪ طرف ايمسٽرڈم ۾ هڪ يورپي صوفيءَ تي پٿروسي رهيا هئا ۽ لڳ ڀڳ انهيءَ سمي، جهوڪ جي مقدس منّيءَ تي، صوفي شاهہ عنايت جو پوتررت وهي رهيو هيو. مٽس بہ الزام اهي ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هياءِ جيڪي يورپ جي هن عظيم مفڪر تي هنيا ويا هئا.

اسپينوزا ڪي سمجهڻ لاءِ هونئن ته چگّي خاصي بحث جي ضرورت آهي، پر شين ڪي سمجهڻ جي معاملي ۾ لطيف سائين ايڈي سهولت ڪري ويو آهي، جو سندس ٻه سٽون ئي گهٽيون آهن. مجموعي طور تي هن لطيف جي هنن سٽن جي جڙ ته وضاحت ڪئي آهي:

"آڏو جو اثبات ڪي، سو شرڪ لاهي شڪُ
هٿي جنهن ۾ حق، تنهن نفي ڇهوناه ڪو."

سندس آڏو 'جُزَ' جو علم غلطين کان پاڪ ڪونهي- يعني انساني عقل خطا ڪري سگهي ٿو، پر ڪائناتي عقل يا خدائي ڄاڻ 'ڪُلُ' آهي ۽ جيڪا پاڪ آهي. تنهنڪري 'ڪُلُ' ڪي پائڻ اصل منزل آهي ۽ ان ڪي پائڻ لاءِ هر شئي جو انڪار، ايتريقدر جو پنهنجو ٻ انڪار ڪرڻو پوندو، تڏهن ئي ڪو اقرار ٿيندو. ڪيس پڙهڻ کان اڳ اهو سچ ذهن ۾ رکڻو پوندو، ته بهرحال هو سترهين صديءَ جو مفڪر هيو ۽ هاڻ ويهين صدي ختم ٿيڻ واري آهي. تنهن ڪري ضروري ناهي ته ساڻس اتفاق ٻ ڪجي. اهوئي سبب آهي جنهن ڪري هيءُ مضمون ترجمو ڪيو پيو وڃي- ته جيئن اسان ماضيءَ جي يورپي فڪري تاريخ کي پڙهي، پنهنجي راهه پاڻ متعين ڪيون ۽ پنهنجي سوچ ۽ انهن جي فيلسوفيءَ جي وچ ۾ فڪري هم آهنگي کي ڳوليون.

- سنڌيڪار

يورپ جي عظيم فيلسوفن ۾ اسپينوزا کي انتهائي معزز ۽ محبت ڪرڻ جوڳو سمجهيو وڃي ٿو. ذهانت ۾ ته ٻيا ڪيترائي مفڪر ڪائنس اڳتي نڪتل آهن پر اخلاقي لحاظ کان سندس مٽ ڪوبه ناهي. پنهنجي فڪري روين جي ڪري، فطرتن هو پنهنجي سڄي حياتيءَ دؤران ۽ مرڻ کان سئو سال پوءِ تائين انتهائي پيانڪ ۽ بدڪار سمجهيو ويو. جيتوڻيڪ هو جائي جنم کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يهودي هيو،پر نہ رڳو يهودين کيس پٽ پائڻ ۽ مان خارج ڪري ڇڏيو، پر عيسائي ۽ ڪائنس ايتري ئي شديد نفرت ڪندا هيا، ۽ ان هوندي ۽ جو سندس سڄي فڪر تي خدا جي تصور جي گهري ڇاپ لڳل آهي، پر اهل مذهب کيس منڪر ڪوٺيندا رهيا. ليبنيز (ڪائنس پوءِ هڪ اهم مفڪر- مترجم) جنهن تي سندس گهرا اثر هيا،سو،ڀ سندس انهيءَ باقيات کي لڪائيندو رهيو ۽ اسپنوزا جي ساراهه ۾ هڪ اکر چوڻ کان ۽ احتياط ڪندي پاسيرو رهيو، ايتري قدر جو هُن هِن بي دين يهوديءُ (اسپنوزا) سان ذاتي لاڳاپن جي متعلق ۽ غلط بياني ڪان ڪم ورتو.

ذاتي طور تي اسپنوزا بيحد سادگي پسند هيو. سندس ڪٽنب ڪنهن مقدمي کان بچڻ لاءِ،اسپين يا وري پورچوگال مان لڏي هالنڈ ۾ اچي ويٺو. سندس پڙهائي يهودي تعليمي طريقي سان ٿي، پر هن لاءِ يهودي مذهب جو پوئلڳ ٿي رهڻ ناممڪن هيو. مذهب متعلق ٿيل پنهنجن شڪن کي لڪائڻ لاءِ هڪ دفعي کيس هڪ هزار فلورين (هالنڊ جو سڪو) جي آڇ ۽ ٿي. سندس انڪار ڪرڻ تي هڪ دفعو کيس قتل ڪرڻ جي ڪوشش ۽ ڪئي وئي، پر جڏهن هو بچي ويو،تہ مٽس پٽڪن پاراتن ۽ ملامتن جو مينهن وسايو ويو ۽ توريت ۾ لکيل "اُهي سيڀ بد دعائون جيڪي ايليشيا (1) ٻارن کي ڏنيون هيون (۽ نتيجي ۾ چپن ڪرڻ سبب ٽُڪر ٽُڪر ٿي ويا هيا) سي ۽ کيس ڏنيون ويون.

پر اسپنوزا تي ڪابہ چپ نہ ڪري- هو پهريائين ايمسٽرڈم ۽ بعد ۾ هيگ منجهه شيشن کي پالش ڪرڻ جو پورهيو ڪندي آرام سان رهيو. کيس سڄي زندگي دولت لاءِ ڪابہ ڪشش نہ رهي،ڇو تہ سندس ضرورتون ٿوريون ۽ سادیون هيون. اسپنوزا جا جيڪي ۽ چند دوست هيا،سي سندس خيالن سان اختلاف رکڻ جي باوجود کيس چاهيندا هٿا. جيتوڻيڪ هالنڊ جي حڪومتي معاملن ۾ ۽ مداخلت ڪندي هن(2) اورينج گهراڻي جي خلاف ڊي وِٽس(De wits) وارن جي حمايت ڪئي ۽ سياست جي معاملن ۾ ٽپي پيو، پر پوءِ ۽

---

(1) ايليشيا توريت جو هڪ ڪردار آهي. هو نائين صدي (ق. م) ۾ هڪ يهودي پيغمبر ٿي گذريو آهي. هُن يهودي مذهب جي بقا لاءِ وڏا جُهد ڪيا.

(2) اورينج گهراڻو هالنڊ جو شاهي خاندان هُئو، جڏهن اسپين جي قابضن کي پڇائي، هالنڊ کي جدا ملڪ طور قائم ڪيو. جڏهن تہ "ڊي وِٽس" سترهين صديءَ ۾ اورينج گهراڻي جو دشمن خاندان هُئو. هنن سندن خلاف بغاوت ڪري اقتدار تي قبضو ڪيو هئو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هالئينڊ جي روايتي بي تعصبيءَ سبب،مذهب بابت سندس ويچارن تي ڪيس ڪجھ ٻ ٿ چيو ويو. اسپنوزا ٿيتاليهن ورهين جي نندڙي ڄمار ۾ ٻِسلھ وگھيءَ لاڏاٿو ڪيو. سندس خاص تصنيف 'اخلاقيات'(Ethics) هن جي مؤت کانپوءِ شايع ٿي، پر ان متعلق ذڪر ڪرڻ کان پهرين، سندس ٻين ٻن ڪتابن متعلق چند اکر هتي ڳالهائڻ ضروري آهن. جن مان پهريون مذهبي ۽ سياسي مسودو (Tractatus theologico- Politicus) ۽ ٻيو سياسي مسودو (Tractatus politicus) سڏجي ٿو. پهرين ۾ بائيبلي تنقيد جو دلچسپ ميلاپ ۽ سياسي نظريو آهي ۽ ٻئي ۾ فقط سياسي فڪر بيان ٿيل آهي. بائيبلي تنقيد جي ڪجھ حصي ۾ اسپنوزا جديد خيالن کي شامل ڪيو آهي، خاص ڪري پراڻيءَ عهد نامي (انجيل) جي اڳين روايتي طور مقرر ڪيل تاريخن کي ڪافي پوءِ ڄاڻايو آهي. ٻِن سڄي ڪتاب ۾ هُن انجيل کي غير جانبدار دينيات سان تال ميل ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

اسپنوزا جو سياسي نظريو انگريز فيلسوف ٿامس هابس (Hobbs) سان طبيعت ۾ فرق رکڻ جي باوجود،بنيادي طور ڪائنس ئي ورتل آهي. سندس خيال موجب فطرت ۾ ڪابہ شئي درست يا غلط ڪونهي، غلطي قانون جو احترام نہ ڪرڻ مان پيدا ٿئي ٿي ۽ وقت جو حاڪم غلط نٿو ٿي سگھي. هابس سان سهمت ٿيندي هو ان خيال جي پٽيرائي ٿو ڪري، ته ڪليسا کي مڪمل طور تي رياست جي ماتحت هجڻ کپي. هو هر قسم جي بغاوت جي مخالفت ڪندي بدتر حڪومت جي خلاف ٻ سرڪشي ڪرڻ کان منع ڪندي، ان سلسلي ۾ انگلئنڊ ۾ ٿيل نقصان جو مثال ڏئي ٿو، جيڪي طاقت ذريعي اختيارين جي مخالفت ڪرڻ منجهان حاصل ٿيا. اڳتي هلي هابس جمهوريت کي حڪومت ڪرڻ لاءِ انتهائي فطري طريقہ ڪار ڪوٺيو آهي تنهن سان انهيءَ تصور تي اختلاف ڪندي، انهيءَ ڳالھ جي حمايت ٿو ڪري ته رعيت کي پنهنجا سمورا حق پنهنجي حاڪم آڏو قربان ڪرڻ کپن. پر پوءِ ٻ خاص ڪري هو سوچ جي آزاديءَ جو وڏو حامي آهي. مون کي ڪابہ خبر نٿي پوي ته هو پنهنجي ان خيال ته: مذهبي مسئلا رياست کي حل ڪرڻ کپن. واري مسئلي کي پنهنجي مٿين ڳالھ سان ڪيئن مناسبت ۾ آڻي ٿو. مان سمجهان ٿو ته انهيءَ ڳالھ منجهان سندس مقصد فقط اهو آهي ته اهي مسئلا ڪليسا جي بجاءِ رياست حل ڪري، ياد رهي ته هالئينڊ ۾ رياست ڪليسا جي ٻيٺ ۾ وڌيڪ غير متعصبي هئي.

اسپنوزا جي اخلاقيات مختلف مسئلن تي بحث ڪري ٿي. شروعات "آتما وديا (Metaphyiscs) سان ڪندي "ڪروڌي جذبن جي نفسيات"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(Psychology of Passions) تي بحث ڪري ٿو۔ آخر ۾ ارادي (Will)تي ڳالهائيندي، هڪ اهڙي اخلاقيات جو بنياد رکي ٿو، جنهن ۾ آتما وديا ۽ آتم گيان (Pschology) کي اهميت حاصل آهي. آتما وديا کي ديڪارت جي ويچارن ۾ ٿورو نواڻ ۽ قيرقار آڻيندي بيان ڪيو ويو آهي، جڏهن ته نفسيات ۾ هابس جي ويچارن جو ورجاءُ نظر اچي ٿو، پر بهرحال اخلاقيات تي اُٽيل سندس ويچار بنيادي ۽ اصلي خيال آهن ۽ اها ئي سندس ڪتابن ۾ ڳٽڻ جوڳي شئي آهي. اسپنوزا جو ديڪارت سان تعلق تقريبن اهڙوئي آهي جهڙو پلو ٽينس (1) (Plotinus) جو افلاطون (Plato) سان هيو. ديڪارت گهڻ پاسائين شخصيت هُيو ۽ منجهس زبردست فڪري هُر ڪر ته سمايل هئي، پر ڪيس اخلاقي معاملن جي متعلق ڪو خاص اتساه ڪونه هيو.

جيتوڻيڪ مذهبي خيالن جي حمايت ڪرڻ واري نقطهٔ نگاهه کان هن (اسپنوزا) ڪيترائي اهم 'ثبوت' مهيا ڪيا، پر پوءِ به ريبي عالم(2) (sceptics) سندس خيالن کي ايئن پيش ڪري پئي سگهيا جيئن ڪارنيئڊيس(3) افلاطون جي فڪر کي پيش ڪيو. ان هوندي به جو اسپنوزا سائنسي دلچسپين کي پسند ڪندو هيو ۽ انڊلٹ جي موضوع تي مضمون به لکيا هيائين، پر حقيقت ۾ سندس فڪر جي دائري ۾ مذهب ۽ نيڪيءَ جهڙا مضمون وڌيڪ ٿي آيا. هُن ديڪارت ۽ سندس سهيوڳي مفڪرن کان مادي ۽ جبري طبعيات متعلق خيال ورتا ۽ انهيءَ جوڙجڪ اندر نمسڪار، نورَت ۽ چڱائيءَ لاءِ به ڪا ڪُنڊ ڳولهڻ جي جستجو ڪئي. سندس اها ڪوشش بيشڪ شاندار هئي ۽ سچ پچ ته انهيءَ ڪري ئي هُن انهن ماڻهن جي دلين منجهه به پنهنجي لاءِ واکاڻ پئدا ڪري ورتي، جن ڪيس ڪڏهن به ڪامياب نه سمجهيو هيو.

---

1. پلوٽينس (205_270) ق۔م يونان جو تصوريت پسند فلسفي هيو، جيڪو مصر ۾ جائو ۽ روم ۾ رهيو. هو (Neo Platonism) جي فيلسوفياڻي واڌ جو پايو وجهندڙ هيو، جنهن ذريعي افلاطون جي صوفياڻن خيالن کي هٿي ڏيندي هن افلاطون کي صوفي ٿي ظاهر ڪيو.
2. Sceptics اهڙا مفڪر هيا جن جو خيال هيو ته: سچائيءَ جو ثابت ڪرڻ ممڪن ڪونهي ۽ حقيقت ڪا به واضح ۽ تر شئي ڪانهي، جيڪا عملي طور تي حاصل ٿي سگهي.
3. ڪارنيئڊس (214_129ق۔م) افلاطون جي اداري Acadamy کي برقرار رکندڙ فيلسوف ۽ ريبي عالم، جنهن جو چوڻ هيو تنهن سچ پريو علم حاصل ڪرڻ ناممڪن آهي، هن پنهنجي نظريي جي رنگ ۾ رنگي افلاطون کي پيش ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسپنوزا جي آتما وديا واري طريقۂ ڪار جي شروعات يوناني ڏاهي پرمينائيدس کان ٿئي ٿي. جنهن ۾ فقط هڪ پرڄ لافاني وجود (subsistant) آهي ۽ سو آهي خدا يا فطرت. ڪابہ محدود شئي آهي جيوڪ (Self Subsistant) ڪانهي.

ديڪارت ٽن پرجن جو اقرار ٿي ڪيو، يعني خدا، ذهن ۽ مادو. ٽيڪ آهي هن جو خيال اهو هيوءپر سندس لاءِ ہ خدا،ذهن،مادي جي ييٽ ۾ وڌيڪ اهم ۽ بنيادي هيو، جو ت خدا ئي ٻنهي (ذهن ۽ مادو) کي پيدا ڪيو هيو ۽ کين ناس ہ ڪري ٿي سگهيو. پر ديڪارت وٽ خدا جي قادر مطلق (Omnipotent) واري تصور کي پوئتي رکي ڏسبو، ت سمجھ ۾ ايندو ت مادو ہ آزاد پرڄ هيا، جن کي ترتيبوار سوچ جي وصفن (Attr ibutes) ۽ ڦهلاءَ يا واڌ (Extension) جي ذريعي بيان ڪري پئي سگهجيو. اسپنوزا وٽ ٻنهي منجهان ڪجھ ہ نہ هئو. سندس خيال مطابق سوچ ۽ ڦهلاءُ ٻئي خدا جي بيشمار صفتن منهجا ہ صفتون هيون، اهي بيشمار صفتون وري انڪري هيون جو خدا هر خيال کان لامحدود هجڻ کپي، پر سندس خيال موجب ت بهرحال ٻين لاتعداد صفتن جي ايجان اسان کي پروڙ نہ هئي. جيئن ت اسپنوزا لاءِ انفرادي روح ۽ مادي جا ڏار ٽڪرا ڇڙا صفاتي (Adjectival) هياءتنهن ڪري اهي ڏار شيون نہ پر خدا ئي وجود جا پهلو هئا. سندس خيال ۾ عيسائي ويساھ مطابق شخصي لافانيت وارو تصور ہ درست ڪونهي، جو ت اهڙي ڪنهن ہ تصور جو وجود ئي ڪونهي، ها البت لافانيت جو هڪ غير شخصي تصور آهي ۽ اهو وڌ ۾ وڌ خدا جي وحدانيت ۾ سمائجڻ سان حاصل ٿي سگهي ٿو.

محدود شيون پنهنجي طبعي ۽ منطقي حد بندين کي فقط چوڻ جي حد تائين بيان ڪن ٿيون. (جيڪي حقيقت ۾ انهيءَ طريقي سان واضح نٿيون ٿين) سچ ت اهو آهي ت: سڀ حد بنديون نفي آهن. ها فقط هڪڙو وجود (يعني خدا جو وجود۔ مترجم) آهي، جيڪو مڪمل طور تي مثبت ۽ لازمي طرح سان لامحدود آهي. انهيءَ طريقي سان اسپينوزا اسان جي مڪمل ۽ خالص وحدت الوجود ڏانهن راهنمائي ڪري ٿو.

اسپنوزا جي بقول هر شئي منطقي ضرورت(1) (Logical neccessity) تحت هلي ٿي. ذهني کيتر توڙي طبعي دنيا ۾ آزاد ارادي (Free will) جو ڪو ہ وجود ڪونهي. جيڪو ڪجھ وهي واپري ٿو، سو سڀ خدا جي ٻي انت فطرت جي جوڙجڪ آهي ۽ منطقي طور تي ناممڪن آهي ت واقعا جيئن

---

1. منطقي احتياج مان مختصر معنيٰ نڪرندي بنيادي، فطري يا جبلي طوُر تي سوچن ۾ جڙيل ڪا ضرورت،جنهن لاءِ وضاحتون ڏيڻ ضروري نہ هجي .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽين ٽا ان جي بجاءِ ڪنهن ٻئي نموني ٽي سگهن. پر اهي ويچار تہ بُراين جي معاملي ۾ ڪافي مونجهارا پيدا ڪن ٿا۔ انهيءَ مسئلي تي هر نقاد ڪڙي نگاهہ رکي آهي. نقادن منجهان هڪ پيچي ٿو تہ جڏهن اسپنوزا چوي ٿو،تہ هر شئي خدا جي حڪم تحت هلي ٿي۔ تنهنڪري دُرست آهي،تہ پوءِ چا نيرو جو پنهنجي ماءُ کي قتل ڪرڻ صحيح قدم هيو؟ چا حضرت آدم جو صوف ڪائڻ دُرست هيو؟ پر اُتي اسپنوزا جواب ڏيندي چوي ٿو تہ: انهن قدمن منجهہ جيڪو ڪجهہ مثبت هُيو،سو دُرست هيو ۽ جيڪو منفي هيو سو غلط، پر نفيءَ جو وجود فقط محدود مخلوق جي نقطئہ نظر ۾ آهي. خدا جيڪو اڪيلو سچ آهي تنهن ۾ ڪابہ نفي ڪونهي، تنهنڪري بچڑائي کي جيڪڏهن اسين وسيع ۽ مڪمل جائزي ۾ ڏسنداسين،تہ جيڪي شيون اسان کي بريون لڳن ٿيون، سي بہ ان ۾ نظر نہ ايندیون. هيءَ نظريو،جيتوڻيڪ ڪنهن نہ ڪنهن نموني هر صوفيءَ اختيار ڪيو آهي، پر ان کي سنئين سڏي ڳالهہ آهي تہ ڪڏهن بہ ڏوهہ ۽ سزا جي پراڻي مذهبي تصور سان نسبت ۾ آڻي نٿو سگهجي. هيءُ خيال اسپنوزا جي آزاد ارادي کان مڪمل انڪار واري نڪتي سان پختگيءَ سان لاڳاپيل آهي. جيتوڻيڪ اسپنوزا بحثي قسم جو ماڻهو نہ هيو، پر پنهنجن ويچارن کي پاسيرو رکڻ يا پوشيده ڪرڻ ۾ مڪمل ايماندار هيو، تڏهن بہ ان ڳالهہ (درگذر ڪرڻ ۔ مترجم)سندس هم عصرن کي سخت صدمو پهچايو، تنهن ڪري سندس تعليم جي خلاف موجود ڏڪارڪاتپرس ۾ وجهڻ جهڙي ڳالهہ ڪانهي.

سندس تصنيف 'اخلاقيات' حڪيم اقليدس واري انداز ۾ وضاحتن، مجيل اصولن (Axioms) ۽ ابيادين (Theorom) جي ترتيب تي بيئل آهي. سمجهيو ايئن ٿو وڃي تہ مجيل اصولن کان پوءِ،هر شئي زبردست ۽ زوردار طريقي سان قياسي دليل (Deductive argument) ذريعي ثابت ڪئي وئي آهي، تنهنڪري ڪيس سمجهڻ ڏاڍو مشڪل آهي. جديد دؤر جو شاگرد،جيڪو نت نين شين کي قائم ڪرڻ گهري ٿو، سو انهن زبردست "ثبوتن" ۾ ڪڏهن بہ ويساهہ نٿو رکي سگهي. هُو انهن ثابتين جي ڏيگهہ پڌڻ کانپوءِ لازماً آپي کان ٻاهر نڪري ويندو،جيڪي حقيقت ۾ استاديءَ جي لائق بالڪل بہ نہ آهن. سندس ڪتاب 'اخلاقيات' جو بهترين حصو،جنهن ۾ اظهار يا اُچار (Enunciation) مسئلا يا رٿون (Proposition) ۽ حاشيا (Scholias) آهن، رڳو انهن کي پڙهي سندس لاءِ ڪو تاثر رکڻ سڀ ڪجهہ ڪونهي. چو تہ انهيءَ مان اسپنوزا جي مهند سي "ڏانءَ" (Geometrical Method). کي گهٽ وڌ ڄاڻائي، خود پنهنجي ڪم عقليءَ جو مظاهرو ٿيندو ، پر اهو تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس آتما وديا ۾ اخلاقياتي طريقن سان وضاحت جوڳين شين واري طريقہ ڪار کي بيان ڪرڻ لاءِ تتُ هئو. تنهن ڪري اهو لازمي هيو تہ گهرائيءَ ۾ وڃي وضاحتون کولي ٻڌائجن ، سندس طريقہ ڪار سان جيڪڏهن ڪو اختلاف ٿي سگهي ٿو تہ ان ڪري،جو اسان سندس آتما وديا واري نظريي سان متفق نہ هجون. انهيءَ ڪري جو اسان ڪائنات جي مختلف حصن جي لڳ لاڳاپن کي،منطقي بنيادن تي بيئل سمجهي تسليم نٿا ڪري سگهون.ڇو تہ اسين سمجون ٿا تہ سائنسي قانون رڳو دليلن سان نہ، پر مشاهدي سان بہ معلوم ڪري سگهجن ٿا. پر اسپنوزا لاءِ هندسي دستور لازمي آهي ۽ اهو سندس نظريي جي انتهائي اهم ياڳن سان ڳنڍيل آهي.

آئون هاٿي اسپنوزا جي جذبن جي نظريي (Theory of Emotions) بابت ڪجهہ ڳالهائيندس، جنهن جي معلومات فطرت جي آتما وديائي بحث ۽ ذهن جي اصليت منجهان ملي ٿي.جيڪا ٻئي تپرس جوڳي خيال کان آگاهي ڏئي ٿي تہ: انساني ذهن کي خدا جي لامحدود ۽ لافاني وجود جي مناسب سُڌ آهي "پر" اخلاقيات جي ٽئين جلد ۾ جيئن بيان ڪيو ويو آهي تہ: "ڪاوڙ ۽ ڪروڌ اسان کي موڙي مُنجهائي،ڪائنات جي باري ۾ اسان جو هوشمند تصور ختم ڪري ڇڏين ٿا." هو اسانکي ٻڌائي ٿو تہ ڪابہ شئي جيستائين جيئن آهي تيئن رهي ٿي، تيستائين اها پنهنجي وجود کي برقرار رکڻ لاءِ جدوجهد ڪريٿي، تنهن کان بعد ئي محبت، نفرت ۽ جنگ جنم وٺي ٿي. 'اخلاقيات' جي ٽيئن جُلد جو بنياد مڪمل طؤر تي انائيت تي بيئل آهي، جيئن هڪ هنڌ لکيل آهي تہ: "جيڪو پنهنجي نفرت جو بنيادي مقصد ختم ٿيندي ڏِسي ٿو، سو فرحت محسوس ڪري ٿو." جيڪڏهن اسان پروڙي ويون تہ فلاٽو ماٿهو فلاٽي شئي منجهان راحت حاصل ڪري ٿو- جيڪا فقط هڪ ماٿهو ٻي پاڻ وٽ رکي سگهي ٿو، تہ اسان انهيءَ شئي کي پاڻ ڏانهن ريڙهڻ جي ڪوشش ڪنداسين،تہ جيئن مٿي بيان ڪيل فلاٽو، انهيءَ مٿان پنهنجي حُجت نہ هلائي سگهي. پر ان جي باوجود انهيءَ ڪتاب ۾ اهڙا موڙ بہ اچن ٿا، جڏهن اسپنوزا رياضياتي طور تي ثابت ڪيل ترش مزاجي يا ڪلبيت (Cynicism) کي ترڪ ڪري ٿو، جيئن هڪ هنڌ هو چوي ٿو: "نفرت جو ڪاروبار نفرت کي شديد ڪري ٿو، جنهن کي مُحبتن جي طاقت سان ختم ڪري سگهجي ٿو." سندس خيالن موجب ڪاوڙ جو بنيادي ڪارج اڪيلي زندگيءَ کي بچائڻ آهي. پر ساڻگي وجود جي بقا ان وقت پنهنجي شڪل تبديل ڪري ٿي، جڏهن اسين ان حقيقت کان آگاهہ ٿيون ٿا، تہ اسان منجهہ جيڪو ڪجهہ سچ آهي اثبات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، سو ئي اسان کي "کُل" سان جوڙي ٿو ۽ نہ ڪي اهو جيڪو جدائين جي نشانن کي سانديِ ٿو.

سندس ڪتاب 'اخلاقيات' جا پويان ٻہ جُلد ترتيبوار هيٺين سُرخين سان آيل آهن ا، "انساني غلاميءَ جي باري ۾ يا ڪروڙي جذبن جي طاقت" ۽ ۲، "سمجھ جي طاقت بابت يا انساني آزاديءَ لاءِ". جيڪي ٻئي جُلد ڏاڍا دلچسپ آهن. جيئن هو چوي ٿو: "ڪنهن قدر اسين پاڻهائپ ۾ جڪڙيل آهيون، تہ جيڪو ٻہ اسان سان وهي واپري ٿو،سو ڪا ٻاهرين قوت مقرر ڪري ٿي ۽ ڪنهن حد تائين آزاد ٻہ آهيون، تہ پنهنجي مرضيءَ مطابق عمل ٻہ ڪري سگهون ٿا. افلاطون ۽ سُقراط وانگر اسپنوزا جو ٻہ اهو خيال آهي،تہ سيئي غلط ڳالهيون ذهني غلطين جي ڪري ٿين ٿيون. جيڪو ٻہ ماڻهو مناسب طريقي سان پنهنجي آسپاس جي حالتن جي سُڌ رکي ٿو، سو هميشہ ڏاهپ واري هلت هلندو ۽ اهڙو ٻنيو مرحلو جنهن کي ٻيو ماڻهو پنهنجي نياڻگي گهڙي سمجهندو،هُو اهڙي مرحلي ۾ رهندي ٻہ خوش رهندو. هُو (اسپنوزا) پرا پڪاريٽ (Unselfishness) تي ڪوبہ اثر نٿو وجهي، تہ هو ان خيال تي پختگيءَ سان ويساھ رکي ٿو تہ خود شناسي، احسان ٻہ چٽو ڪٽي چڏجي تہ وجود جي بقائي سڃي انساني سياءَ کي هلائي چلائي ٿي. جيئن هڪ هنڌ چوي ٿو: "ڪابہ نيڪي پنهنجي وجود جي بقا واري جدوجهد کان وڌيڪ بهتر ۽ اهم نٿي ٿي سگهي". ۽ هڪ ڏاهي ماڻهوءَ لاءَ خود شناسي لاءِ مقرر ڪيل منزلن جي متعلق تصور، عام انائيت پسندن کان گهٽا مختلف آهن. "ذهن جو بهترين فائدوخدا جي باري ۾ جاڻ رکڻ آهي ۽ ذهن جو سڀ کان اُتم گڻ خدا کي جاڻڻ آهي." اهي جذبا جيڪي نامناسب تصورن مان جڙن ٿا،انهن کي ڪروڌ چيو وڃي ٿو ۽ ڪروڌ مختلف ماڻهن منجهہ تضاد تہ پيدا ڪري سگهي ٿو،۽ جيڪي ماڻهو ڏاهپ جي اطاعت ۾ گذارين ٿا،تن سان (ڪروڌ) البت گذارو ڪريو وڃي. خوشي پنهنجي جوهر ۾ بهتر آهي ۽ اميد ۽ خوف سان گڏوگڏ بيغيرتي ۽ پچتاءُ ٻہ بيڇڙيون شيون آهن. جيئن هُن هڪ هنڌ لکيو آهي: "پنهنجي عمل تي پچتاءُ ڪندڙ وڌيڪ بدبخت ۽ هيٺو آهي". اسپنوزا زمان (Time) واري تصور کي ٻہ غلط ۽ ڪوڙ سڏيو آهي، تنهنڪري اهي هڙئي جذبا، جَن کي لازمي طور تي مستقبل يا ماضيءَ ۾ ٽيندڙ واقعن سان ڳنڍيٽو پُڄي ٿو، سي عقل جي برخلاف آهن. سندس بقول: "جيستائين ٻہ ذهن عقل جي ذريعي سمجهندو رهي ٿو، تيستائين اهو هر تصور تي هڪ ڪَرو ئي اثر انداز ٽيندو رهي ٿو. پوءِ ڀلي تہ اهو تصور ماضيءَ،حال توڙي مستقبل ۾ چو نہ هُجي".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيتوڻيڪ هيءَ ڳالھ ڏاڍي پيچيده ۽ مشڪل آهي پر اها ئي اسپنوزا جي سڄي فڪر جو ست آهي، تنهنڪري پاڻ ڪجھ وقت لاءِ پنهنجو ڌيان ان تي ئي ٽڪيل رکنداسون. عام طور تي چوندا آهن تہ: "ڳالھ اها ٻلي جنهنجي پڇاڙي ٻلي" سو جيڪڏهن ڪائنات ڏاڪي ۽ ڏاڪي سُڌري رهي آهي، تہ پوءِ ان جي بگاڙجي بدران، سُڌاري تي غور ڪرڻ ئي بهتر آهي، پوءِ ٻلي تہ ٻنهي سلسلن تي (سڌار ۽ بگاڙ) غور ڪندي برائي ۽ ٻلائيءَ جو حساب هڪ جيترو ئي ٻيهي. عام طور تي اسين چنگيز خان جي دور ۾ ٿيل نقصانن جي ٻيٽ ۾ پنهنجي دور ۾ ٿيندڙ نقصانن جي لاءِ وڌيڪ فڪر مند آهيون، پر اسپنوزا جي خيال ۾ اها بيعقلي چئبي. جيڪو ڪجھ ٻ ٿئي ٿو سولا انتها، لافاني دنيا (جنهن کي خدا ڏسي ٿو) جو هڪ حصو آهي ۽ خدا لاءِ تاريخن جي ڪاٻ (زمان جي) اهميت ڪونهي. جيستائين انساني محدوديت اجازت ڏئي ٿي تہ سمجھ ۾ اهو ٿو اچي، تہ ڏاهو ماڻهو دنيا کي خدا وانگر ڏسڻ جي جستجو ڪندو آهي ۽ خدا تہ دنيا جي 'ڪجھي لافاني وجود' کي لامحدويت جي انداز ۾ ڏسي ٿو. پر اسان ان جي جواب ۾ مستقبل جي حادثن بابت، پنهنجي پريشانيءَ کي ظاهر ڪندي، يقين سان دُرست ٿي سگھون ٿا، جيڪي نظرانداز ٻ ٿي سگھن ٿا. اهڙي طرح ماضيءَ جي انهن مصيبتن بابت ٻ فڪر ٿي سگھي ٿو، جن لاءِ اسين هاڻي ڪجھ ٻ نٿا ڪري سگھون. انهيءَ دليل جي خلاف اسپنوزا جي جبريت ونڊ بلڪل جواب آهي. فقط جهالت ئي اسان کي مستقبل کي تبديل ڪرڻ جهڙي سوچ ڏياري سگھي ٿي. جيڪو ٿيڻو آهي سو تہ ضروري ٿيندو ۽ ماضي وانگي مستقبل ٻ مقرر ٿيل آهي، جنهن ۾ ڪا ٻ تبديل نٿي ڪري سگھجي. تنهن ڪري ئي هو خوف ۽ اميد کي رد ڪندي چوي ٿو: "ٻنهي جو وجود فقط مستقبل کي غير يقينيءَ سان ڏسڻ تي مبني آهي-۽ ظاهر آهي تہ اها سوچ عقل جي گهڻتائيءَ جي نشاندهي ڪري ٿي."

جڏهن اسين پنهنجي سگھ مطابق دنيا جي باري ۾ خدا وانگر مشاهدو ڪرڻ لڳون ٿا، تہ پوءِ اسين هر شئي کي 'ڪُل' جو جُز سمجھندي، ان کي سڀ جي ٻلي لاءِ ضروري سمجھون ٿا. تنهنڪري "برائيءَ جو علم نامناسب علم آهي." خدا کي بچڑائيءَ بابت ڪو علم ڪونهي، ڇو تہ سندس آڏو ڄاڻ لاءِ ڪا بچڑائي آهي ئي ڪانہ. بچڑائيءَ جو ظهور ڪائنات سان واسطيدار انهن حصن مان ٿئي ٿو، جن جي لاءِ عام طور تي چيو وڃي ٿو تہ اهي آپي جيوڪ آهن.

بظاهر اسپنوزا جي فڪر جو بنياڊي مطلب اهڙن لاڙن ڏانهن رهنمائي ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو، جن جي ذريعي انسان کي خوف جي ڏاڍ کان چوٽڪارو حاصل ٿئي. جيئن هو چوي ٿو:

"آزاد ماڻهو موت کان گهٽ ڪنهن ڳالهه تي ته ويچارئي نه ڪندو آهي. پر سندس غور ۽ فڪر ڪرڻ جو مطلب موت جي باري ۾ نه پر زنده رهڻ جي لاءِ هوندو آهي."

اسپنوزا پنهنجي زندگي مڪمل طور تي انهي اصول تحت گهاري. پنهنجي حياتيءَ جي آخري ڏهاڙي تي ب هو افلاطون جي مڪالمي فائيدو (Phaedo) ۾ سُقراط وانگر ممتاز ٿيڻ بجاءِ نهايت خاموش رهيو ۽ جيئن روزانو پنهنجي سامهون ويٺل مهربان متڪلم جي دلچسپي جوڳين ڳالهين بابت ڳالهائيندو هيو، آخر تائين ب ايئن ڳالهائيندو رهيو. ٻين مفڪرن جي ابتڙ هُن جو نه رڳو پنهنجي نظريي ۾ پختو ويساه هيو، پر پنهنجين ڪيل ڳالهين تي عمل ب ڪندو رهندو هيو. ٻين جي ميڙائٽ جي باوجود مون کي ڪوب اهڙو موقعو نٿو سُجهي، جنهن ۾ هو جذبات ۽ ڪاوڙ ۾ اچي پنهنجن ئي مقرر ڪيل اخلاقي ضابطن جي ٻيڪڙي ڪري ويٺو هجي. جڏهن ب ساڻس اختلاف رکبو هيو ته هو ڏاڍو فضيلت پريو ۽ هوشمند ورتاءُ اختيار ڪندي، نِندڻ ۽ مذاق اُڏائٽ جي بجاءِ سمجهائٽ جي ڪوشش ڪندو هيو.

سندس خيال موجب، جيڪو ب اسان سان وهي واپري ٿو ۽ اسانجي اندر منجهان سرجيٿو، سو سڀ چگو آهي، باقي جيڪو ب ٻاهران اثرانداز ٿئي ٿو سو خراب آهي. سندس چوائي: "جن ب شين جي اندر ماڻهو اثرائتو ڪردار ادا ڪري ٿو، سي لازمي طور تي سٽيون آهن. ڪابه بَدي جيستائين ٻاهران نٽي ڪڙڪي، تيستائين انسان کي ڪو ب نقصان نٿو پهچي سگهي. ظاهر آهي ته اهڙي صورت حال ۾ "مڪمل" ڪائنات (ڪُل) کي ڪوب جوکو نٿو پهچي سگهي، جو ته ان تي ٻاهريان سبب اثرانداز ڪون ٿا ٿي سگهن. اسپنوزا هڪ هنڌ چوي ٿو: "اسين ڪائناتي فطرت جو هڪڙو حصو هوندي ب ان جي تابع آهيون. جيڪڏهن ان متعلق اسان کي چٽي ۽ واضح خبر هجي، ته فطرت جو اهو حصو، جيڪو ڏاهپ جي ذريعي بيان ڪيو وڃي ٿو (يعني اسان جي وجود جو بهترين حصو) سو بنان ڪنهن شبهي جي، اسان تي ڪڙڪيل مصيبت کي ٽاري ڇڏيندو ۽ انهيءَ ميتا تحت ثابت قدم رهڻ لاءِ جستجو ڪندو."

جيستائين ب ماڻهو هن وسيع ڪائنات جو بي دليو پاڳو بڻجي رهي ٿو تيستائين دراصل هو هڪ ٻانهپ ۾ رهي ٿو، پر جڏهن سمجه ۽ شعور وسيلي "ڪُل" جي هڪ زبردست سچائي بڻجي پوي ٿو، ته هو آزاد ٿي وڃي ٿو. انهيءَ

نظريي جا ڪجھ اشارا،اسان کي سندس ڪتاب "اخلاقيات" جي آخري جلد ۾ ملن ٿا.

اسپنوزا اسٽائڪس(1) (stoics) وانگر سيني جذبن تي اعتراض ڪرڻ ٿو اڀاري، هو رڳو اهڙن جذبن تي اعتراض اڀاري ٿو،جيڪي ڪروڌي آهن. مثال طور تي اهڙا جذبا،جن جي ڪري اسين باهرين قوتن جي آڏو بلڪل هيڻ لڳون ٿا.

"هڪ اهڙو جذبو،جيڪو ڪروڌ مان اُپڙيل آهي، ان مهل ڪروڌي نٿو رهي،جڏهن ان جي باري ۾ ڪليل ۽ واضح تصور اسان وٽ جنم وٺي ٿو." سيني شين جي ضرورت کي تسليم ڪرڻ جو شعور،ذهن کي جذبن جي مٿان با اختيار بڻائڻ ۾ مدد ڪري ٿو. جيئن اسپنوزا چوي ٿو: "جيڪو ب ماڻهو پنهنجو پاڻ پروڙي ۽ جذبن کي صاف ۽ واضح سمجهي وٺي ٿو، سو در حقيقت خدا سان پيار ڪري ٿو ۽ جيئن جيئن هو انهن شين يعني پاڻ ۽ پنهنجي جذبن کي وڌيڪ سمجهندو ويڃي ٿو، تيئن تيئن خدا سان سندس قرب ۾ اضافو ايندو رهي ٿو." ۽ حقيقت ۾ اهائي عقلمندي آهي. خدا سان "هوشمند محبت" سوچ ۽ جذبي جو ميلاپ آهي. منهنجي خيال ۾ ڪو ب ائين چئي سگهي ٿو،ته اها محبت هڪ ڪڏيل سچي سوچ، جيڪا سچ جي پروڙ مان حاصل ٿيندڙ خوشيءَ سان واڳيل آهي- تنهن تي مبني آهي. حقيقي خيال ۾ ته هر خوشي خدا سان "هوشمند محبت" جو هڪ حصو آهي،ڇو ته ان ۾ ڪا ب نفي ڪانهي، تنهنڪري 'ڪُل' جو اڻ ٽٽ حصو آهي-جيڪو پاڻ ۾ ورهايل شين وانگر جدا ۽ ورهايل هجڻ ڪري،پنهنجي ظهور ۾ خراب لڳي ٿو".

آئون مٿي چئي آيو آهيان ته هر خوشي خدا سان 'هوشمند محبت' ذريعي ملي ٿي، پر گهٽو ڪري ته اها منهنجي چُڪ هئي. ڇو ته اسپنوزا جو خيال آهي: "خدا تي جذبن، خوشي يا ڏُک جو ڪوب اثر ڪونہ ٿو پوي ۽ ان کان سواءِ اهو ب چئي ٿو ته خدا سان ذهن جي 'هوشمند محبت' درحقيقت ان لامحدود محبت جو هڪ حصو آهي،جنهن سان خدا پاڻ سان پريم ڪري ٿو." پر پوءِ ب آئون سمجهان ٿو ته ان 'هوشمند محبت' ۾ ڪا اهڙي شئي آهي،جنهن کي فقط عقل نٿو سڏي سگهجي، شايد ان ڪري جو ان سڃي طريقہ ڪار ۾،جيڪا خوشي

---

1. (Stoics) چار صديون ق-م يونان فڪري اسڪول، جن انفرادي پلي ۽ شهري زندگيءَ جي وڪالت ٿي ڪئي ۽ ريا ضيا تي علم ذريعي ترقيءَ جي حق ۾ هيا، منجهائن خاص مفڪر زينو ۽ ڪريسيپس آهن. جن منطق، طبعيات ۽ اخلاقيات وچ ۾ هم آهنگي ڪرڻ تي زور ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملي ٿي،سا عام راحت کان ڪا وڌيڪ برتر شئي آهي:

اسپنوزا اسانکي ٻڌائي ٿو ته :"خدا سان محبت کي ذهن ۾ بلند ترين مقام ملڻ کپي." مون ان سلسلي ۾ اسپنوزا جي ڪيترن ئي دليلن کي خارج ڪري ڇڏيو آهي، پر ايئن ڪندي مون سندس فڪر جي اٿوري تصوير ڇڏي آهي. جيئن ته متين مسئلي جو ثبوت مختصر ڏنو اٿم، تنهنڪري هتي آئون ان کي مڪمل طرح سان نقل ڪندس، ته جيئن پڙهندڙ پنهنجن پين مسئلن لاءِ، تصورن ۾ ئي پيا ثبوت حاصل ڪري سگهي. اهو دليل يا ثبوت هن ريت آهي:

"جيئن ته هيءَ محبت يا عشق جسماني تبديلين سان ڳنڍيل آهي (14،7) [1] ۽ سڃي اتان اُسريل آهي (15،7) تنهنڪري (11ـ7) ان کي لازمي طور تي ذهن ۾ بلند ترين مقام ملڻ کپي،" جنهن کي ثابت ڪيو ويو آهي.

جيڪي رٿون يا مسئلا متي ڏنل دليل (14ـ7) ۾ ڪتب آندا ويا آهن سي ٻڌائين ٿا ته: ذهن اهو ثابت ڪري سگهي ٿو ته سيئي جسماني تبديليون، شين جا اهڙا تاثر آهن،جن کي خدا جي تصور سان ڳنڍي سگهجي ٿو. (15ـ7) ۾ جيئن متي ٻڌايو ويو آهي،تنهن جي وضاحت هيئن ٿيندي: جيڪو به ڇٽائي ۽ وضاحت،سان پنهنجو پاڻ ۽ پنهنجن جذبن کي سمجهي ونڊي ٿو،سو درحقيقت خدا سان محبت ڪريٿو. ايئن جيترو گهٽو ڪري ٿو، تيترو وڌيڪ الاهي عشق ۾ ٻڌندو رهي ٿو. (7ـ11) ۾ بيان ڪيل آهي ته: جنهن تناسب ۾ ذهني تاثر وڌيڪ شين سان لاڳاپيل آهي،تنهنڪري اهو وڌيڪ تيز ۽ وڌيڪ واضح ۽ گهرو هجڻ ڪري ذهن کي وڌيڪ والاري ٿو.

متيون ثبوت هيئن به بيان ٿي سگهي ٿو: اسان سان ٿيندڙ وارتائن کي سمجهڻ ۾ اضافي جي سگهء،خدا جي تصور کي سمجهڻ ۾ به اضافو آڻي ٿي، جو ته حقيقت ۾ هر شئي خدا جو ئي حصو آهي. ۽ اهو هر شئي کي خدا جي ذات جو حصو سمجهڻ، عشق الاهي آهي. جڏهن سڀ شيون خدا جي حواليَ سان سچاپجڻ ۾ ايندیون،ته خدا جو تصور اسان جي ذهن کي مڪمل طور تي پنهنجي گرفت ۾ ونڊي ڇڏيندو.

تنهنڪري "خدا ئي عشق کي ذهن ۾ انتهائي بلند مقام ملڻ گهرجي" وارو خيال، نه فقط بنيادي اخلاقي نصيحت آهي، پر هڪ اهڙي ترتيب به آهي، جنهن کان لازمي طور تي لنوائي به نٿو سگهجي، ته جيئن شعور ۽ آگهي حاصل

---

1. مان مراد دليل ۽ ان جي پرسان ڪوبه نمبر ان دليل جو نمبر ظاهري ٿيو. برٽرنڊرسل هن هنڌ منطقي طريقئ ڪار اختيار ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي سگھي.

اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته ڪوبہ خدا کان نفرت نٿو ڪري سگھي، پر ٻئي طرف چيل آهي ته جيڪو بہ الله سان عشق ڪريٿو، سو اها جستجو نٿو ڪري سگھي ته موٽ ۾ خدا بہ ساڻس محبت ڪري- گوئٽي جيڪو اسپنوزا کي سمجھڻ کان سواءِ ٿي سندس مداح هيو، سو سندس رڻن کي 'هستيءَ کان انڪار' سمجھندو هيو ۽ اهو سيڪجھ اسپنوزا جي آتما وديا متعلق نظريي جو اثر آهي. هو ايئن ڪونہ ٿو چوي ته ماڻهوءَ کي پاڻ سان خدا جي محبت جي سَدَ نہ ڪرڻ ڪپي، پر هو چوي ٿو ته خدا بہ ساڻس محبت ڪري.جيئن هڪ هندو ثبوت ڏيندي چوي ٿو: "جيڪڏهن ماڻهو ايئن چاهي ته پوءِ هو اهو بہ چاهيندو (17_7) ته جنهن الله سان هو عشق ڪري ٿو، سو خدا ته مادي طور تي هجڻ ٿي نہ ڪپي (يعني اهو فقط تصور جي دنيا ۾ هجي. مترجم). نتيجي ۾ ڏُکي ٿيندو ۽ ڏُک مان ڪجھ بہ حاصل نٿو ٿئي." هتي (17_7) ۾ هڪ اهڙي ڳالھ آهي،جنهن کي اڳ ٿي بيان ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته خدا کي غصو، خوشي يا ڏُک ٿئي ٿي ڪونہ. مٿيون سڄو تَتُ اهو نتيجو ٿو ڪڍي، ته خدا کنهن سان محبت ۽ نفرت نٿو ڪري. هتي جيڪو ڪجھ ڪتب آندل آهي سو اخلاقي حڪم ڪونهي، پر ان جي ابتڙ منطقي ضرورت آهي، جيڪو ماڻهوءَ سان عشق ڪندي،ڪانئس پڻ عشق ڪرڻ جي توقع رکي ٿو،سو ڏُکن ۾ وڃي ڪرندو ۽ ڏُک مان ورٽوکي ڪينهي.

پر اهو بيان ته 'خدا کنهن سان بہ محبت نٿو ڪري' اهو نٿو ڏيکاري ته ڪو خدا لامحدود 'هوشمند محبت' ذريعي پنهنجو پاڻ سان پريم ڪري ٿو واري ڳالھ غلط آهي، هو پاڻ سان پريم ڪري سگھي ٿو،ڇو ته اهو غلط ايمان رکڻ ڪانسوءِ ممڪن آهي. اهو بہ ياد رکڻ گھرجي ته هر صورتحال ۾ 'هوش ربي محبت' هڪ خاص قسم جي محبت جي نشاندهي ڪري ٿي.

اتي پھچندي اسپنوزا ٻڌائي ٿو ته هن اسان کي جذبن جي لاءِ هر قسم جا علاج ٻُڌايا آهن، انهن سيني درمانن منجھ سڀ کان چڱو ۽ واضح، تصورن جو هجڻ آهي. جذبن جي فطرت ۽ ٻاهرين سببن سان سندن تعلق،ماڻهن سان محبت ڪرڻ بجاءِ خدا سان لنڪ لائڻ ۾،هڪڙو ٻيو فائدو بہ آهي_سو اهو ته: "روحاني بيماري ۽ نياڳ کي آسانيءَ سان ڏٺھن ڳولي سگھجي ٿو،جڏهن کنهن ٻي اهڙي شئي سان بيحد پيار ٿئي،جيڪا مختلف تبديلين کي پنهنجي وجود ۾ رکندي هجي". پر صاف ۽ واضح علم لاثاني ۽ لافاني شين سان پيار ڪرڻ سيکاريٿو_۽ اهڙي محبت ۾ کو اهڙو وجود،جيڪو مسلسل تبديلي ۽ چَر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پُر منجهان گذاري ٿو،تنهن لئہ ويا ڪُلتا يا بي آرامي ۽ جوڪي واري ڪيفيت بالڪل ب ناهي.

جيتوٽيڪ مرڻ ڪانپوءِ شخصي زندگيءَ جو تصور هڪ مونجهارو ٿي آهي،پر پوءِ ب انساني ذهن ۾ ڪا شئي لافاني ضرور آهي. ذهن رڳو تصور ڪري ۽ ياد ڪري سگهي ٿو،جڏهن ت جسم سَهي ٿو. پر خدا وٽ هڪ اهڙو تصور آهي، جيڪو هن يا هُن انساني جسم جو سَتُ لافانيت جي روپ ۾ ظاهر ڪري ٿو- ۽ اهو تصور ذهن جو لافاني حصو آهي. جڏهن ڪو فرد خدا سان هوش مند محبت ڪري ٿو ت انهيءَ لافاني ذهن جي حصي ۾ سمائجي ويجي ٿو.

تقدسُ جيڪو خدا سان هوشمند محبت جي ڪري ٿئي ٿو، سو چگائيءَ جو حوصلو ناهي پر پنهنجي سِر چگائي آهي. اسين انهيءَ ۾ پنهنجين خواهشن تي قابو پائي خوش نٿا ٿيون،پر اسين پنهنجي نفس تي قابو پائڻ ۾ ئي خوشي ٿا محسوس ڪيون.

سندس ڪتاب، "اخلاقيات" جي پڃاڻي،هنن لفظن سان ٿئي ٿي:
"جنهن ڏاهي ماڻهوءَ جو اسان تصور ڏنو آهي،اهڙو ماڻهو روحاني طور مشڪل سان ئي ڪنهن انتشار جو شڪار ٿيندو آهي. ڪنهن لافاني ضرورت جي ڪري پنهنجي ذات خدا جي وجود ۽ ٻين شين جو شعور رکندي،هو ڪڏهن ب پريشان نہ ٿئي ٿو،بلڪ پنهنجي روحاني قوتن جي سچي سُجاڻ ۽ قوت رکي ٿو. جيڪڏهن منهنجي طرفان ٻُڌايل راهون، جيڪي انهن نتيجن سان همڪنار ڪن ٿيون،سي ڪجهہ وڌيڪ دشور لڳن ٿيون، پر پوِ ب انهن کي ڳولهي لهڻ ناممڪن ڪونهي. انهيءَ جي لاءِ ڪشالن جي ضرورت آهي.جو ت اهي هر ڪنهن جي لاءِ هر وقت ت نروار ناهن! اهو ڪيئن ممڪن ٿيندو ت نرواڻ اسان کي گهر ويٺي بنان ڪنهن ڪشٽ جي ملي ۽ هر ڪو انهيءَ جستجو ڪرڻ کان ڪترائيندو رهي. ياد رکڻ گهرجي ت هڙئي عاليشان شيون،جيتريون اَٽلي آهن تيتريون ڏکيون پڻ."

اسپنوزا جي آتما وديا واري نظريي کي منطقي اڪائيت-(Logical Mon ism) هڪ اهڙو نظريو،جنهن تحت اهو ٻُڌايو ويندو آهي ت دنيا مڪمل ۽ لازمي طوُر تي ڪنهن هڪ پرج جي محتاج آهي،جنهن جو ڪوب حصو اڪيلو ٿي جالي نٿو سگهي.) ۽و روشن مثال سڏي سگهجي ٿو. هن نظريي جو بنيادي خيال اهو آهي،ت هر مسئلي يا رِٽ (Proposition) کي موضوع (Subjecte) ۽ دعويٰ يا سند (Predicate) ٿئي ٿي. جن مان اسان نتيجا اَخذ ڪريون ٿا. هن نظريي جي وڌيڪ وضاحت موجب ت ڪثرت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(Pluralism) ۾ مونجهارا آهن. اسپنوزا جي خيال ۾ دنيا ۽ انساني زندگيءَ جي فطرت کي، منطقي طور تي بديهي (Self eveident) ظاهر ثابتيءَ (Axiom) ذريعي ثابت ڪري سگهجي ٿو. اسان کي 2+2=4 وارين حقيقتن جهڙن بين واقعن کي بہ قبول ڪرڻ کپي، جو تہ اهي پڻ منطقي ضرورت مان نڪتل آهن. اسپنوزا جو سڄو آتما وديا ئي نظريو، جيئن جو تيئن قبول ڪرڻ ممڪن ناهي، جو تہ اهو جديد منطق ۽ جديد سائنسي طريقن سان ميل نٿو کائي. جوتہ حقيقتن کي مشاهدي مان معلوم ڪرڻو آهي نہ ڪي دليلن سان. جڏهن اسين مستقبل جي باري ۾ ڪاميابيءَ سان کي انومان ڪيون ٿا تہ اسين منطقي طؤر تي ضروري مقرر ڪيل اصولن تحت نٿا ڪيون، پر تجربيت (Empiricism) مان حاصل ٿيل معلومات تحت ڪيون ٿا۔ ۽ پرج (Substance) جو تصور جنهن تي اسپنوزا اعتماد ڪري ٿو، تنهن کي اڄوڪي دؤر ۾ فلسفو توڙي سائنس ڪو بہ قبول نٿو ڪري سگهي.

اسپنوزا جي اخلاقيات کي پڙهڻ کانپوءِ اسان کي سمجهہ ۾ ايئن ٿو اچي (يا گهٽ ۾ گهٽ مان اهو ٿو سمجهان)، تہ سندس آتما وديا ئي نظريي کي رد ڪرڻ جي باوجود بہ، سندس 'اخلاقيات' مان سيڪڙو نہ تہ بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ قبول ڪري سگهجي ٿو. مجموعي طؤر تي اسپنوزا کي پڙهڻ کانپوءِ سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ هو انساني طاقت کي محدود ڄاڻائيندي بہ، اسان کي اهو ڏسي ٿو تہ فضيلت سان زندگي ڪيئن گهارجي؟ جيتوڻيڪ هو پنهنجي ضرورت (Nec essity) واري نظريي تحت، محدود انساني قوت کي اڄان وڌيڪ محدود بڻائي ڇڏي ٿو، پر ايئن ڪندي انهن قوتن جي وجود کان انڪار ڪونہ ٿو ڪري۔ ۽ انهيءَ صورتحال ۾ اسپنوزا جا اصول امڪاني حد تائين بهترين آهن. مثال طور تي مؤت جو مسئلو ئي کڻو، هو چوي ٿو: "انسان جيڪو بہ جدوجهد ڪري ٿو، سا ڪيس ڪڏهن بہ لافاني بڻائي نٿي سگهي، تنهنڪري روح راڙي ۽ خوف هراس ۾ رهڻ سان، اسان پنهنجي مري وڃڻ واري حقيقت کان تہ انڪاري نٿا ٿي سگهون. مري وڃڻ جي خوف ڪري ڪنهن وهم ۾ پاڻ اڇلي ڇڏڻ، هڪ قسم جي بانهپ آهي" هتي اسپنوزا بلڪل درست آهي تہ: "آزاد ماڻهو ڪڏهن بہ موت کان گهٽ ڳالهہ تي سوچيندو ئي ناهي." پر اتي بہ هن لاءِ موت هڪ عام رواجي ڳالهہ آهي، جنهن کي ان معمولي طريقي سان ئي ونڊ ڪيو، پر ڪنهن خاص بيماريءَ جي ڪري مري وڃڻ کان بهتر آهي، تہ دوا دارو ذريعي ان کان چوٽڪارو حاصل ڪجي. ان سلسلي ۾ بہ يعني بيماريءَ ۾ رهندي بہ، اذيت ۽ پريشانيءَ جو شڪار نہ ٿيڻ کپي، يڪسوئيءَ سان حفاظتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اپاءَ وٽ ڪانپوءِ پنهنجي سوچن جو محور،ٻين شين کي بٽائڻ کپي ۽ زندگيءَ جي ٻين ذاتي مصيبتن ڏانهن ٻ،اهڙي رويي کي اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي. پر جن ماڻهن سان اوهين پريم ڪريو ٿا،تن کي پيش ايندڙ مصيبتن جي باري ۾ اوهان جو ڪهڙو خيال آهي؟ اچو ته ڪجھ اهڙن حادثن بابت سوچيون، جيڪي اسان جي دؤر ۾ چين ۽ يورپ جي رهواسين کي پيش اچي سگھن ٿا. فرض ڪريو ته اوهان اهڙا يهودي آهيو،جنهن جي سڄي ڪٽنب کي ڪُٽو ويو آهي. ۽ اهو ٻ فرض ڪريو ته توهان هٽلري سوچ وارن نازين (Nazis) جي خلاف زيرِ زمين رهي،ڪنهن تحريڪ ۾ حصو وٺو ٿا، توهان جي زال کي فقط ان ڪري ماريو ويو آهي،جو توهان دشمن کي هٿ ڪو نه ٿا اچو، يا مثال طور تي اوهان جي مڙس کي،ڪنهن هٿ ٽوڪيي ڏوھ تحت،آرڪٽڪ ڏانهن لئبر ڪئمپ (جيل) ۾ موڪليو ويو آهي، جتي ڏڪار ۽ ظلم جي ڪري هو مري چڪو آهي. ۽ تصور ڪريو ته اوهان جي ڏيئرِيءَ سان زوري زنا ڪري،دشمن جي سپاهن کيس قتل ڪري ڇڏيو آهي. ڇا اهڙي صورتحال ۾ اوهان مفڪرن واري خاموشي برقرار رکي سگھو ٿا؟

جيڪڏهن اوهين مسيح جا پوئلڳ آهيو ته چوندا ته: "مقدس پيءُ! ڪين معاف ڪجانءِ،جو هو ڪليل آهن." مون کي اهڙا درويش جن کي (1) Quakers سڏيو ويندو هيو،سڀ سُڄهن ٿا جي ايٽن گھرائي ۽ سچائيءَ سان ڪري سگھن ٿا ۽ انهيءَ ڪري مان سندن معترف ٻ آهيان، ۽ سندن ساراھ ڪرڻ کان پهرين،هر ڪنهن کي اها پڪ ڪرڻ گھرجي، ته ان مصيبت کي جيتري شدت سان وٽ کپي،هُنن طرفان اُن کي اوترو ورتو ٻ ويو آهي يا نه! ڪو ٻ ماڻهو اسٽائڪس (Stoics) جي فڪريٰ راھ جيان،انهن چند مفڪرن سان سَهمتي نٽو رکي سگھي،جي کي چوندا هيا ته:

"جيڪڏهن منهنجي ڪٽنب کي ڪا تڪليف ڏسڻي ٿي پوي ته ان سان ڪهڙو فرق ٿو پوي؟ مونکي پوءِ ٻ پرهيزگار رهڻ کپي". عيسائيت جو اصول "پنهنجن دشمن سان پريم ڪريو" ته قبول ڪري سگھجي ٿو،پر اسٽائڪس جي بولن ته: "پنهنجن عزيزن دوستن کي اهميت ئي نه ڏيو." کي ڪڏهن ٻ درست نٽو چئي سگھجي. ڇو جو هتي عيسائيت وارو اصول چُپ ڪري ويهڻ جي تعليم

---

1. Quaker مان مطلب جارج فاڪس جي ناهيل هڪ تنظيم جو مٽمبرَ. ان تنظيم جو مقصد م حتمي امن امان جي تبليغ ڪرڻ ۽ زبان ۽ لباس جي سادگي اختيار ڪرڻ تي زور ڏنل هيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڏو ڏئي، پر ان جي ابتڙ انتهائي بدڪار ماڻهو ڏانهن به پرجوش پريم جي پرت ڪري ٿو. اسين ان اصول جي مخالفت ته ڪري نٿا سگهون، البت ايئن ضرور چئبو ته اسان مان گهڻن لڻ ان ڳالهه تي ايمانداريءَ سان عمل ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي.

پراچين دؤر ۾ اهڙن مصبتن نازل ٿيڻ جو بدلو ورتو ويندو هيو. جڏهن مئڪڊف(1) (Macduff) کي خبر پئي ته مئڪبيٿ(2) (Macbeth) سندس ٻارن ۽ زال کي قتل ڪري ڇڏيو آهي، ته هن پنهنجن هٿن سان انهيءَ ظالم کي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو- اهڙو رد عمل هاڻوڪي دؤر ۾ به ماڻهن کي پسند آهي. جڏهن ڪنهن کي به ٺاهوڪو صدمو پهچي ٿو ۽ ڪنهن به لاطمع ماڻهوءَ ۾ اخلاقي ڍهڪاءُ پئدا ٿئي ٿو، ته هو ساڳي وات اختيار ڪريٿو. ان کي ڪڏهن به مڪمل طور تي رد نڏو ڪري سگهجي، چاڪاڻ جو انهيءَ مان سزا ڏيڻ جي قوت ايري ٿي ۽ سزا جو هجڻ به ڪن حالتن ۾ ضروري آهي. ان کانسواءِ صحت جي نقطئ نگاه کان پڻ انتقام وٺڻ جو جذبو ايڏو ته شديد آهي جو جيڪڏهن ان کي ٻاهر ڪيڏ جو رستو نه ملندو، ته انسان جو زندگيءَ جي باري ۾ نه رڳو خيال بگڙي ويندو، پر ذري گهڻ چريو ٿي پوندو. جيتوڻيڪ عموماً ايئن ڪونه ٿو ٿئي پر هڪ وڏي تعداد ۾ اهڙا واقعا ضرور ٿين ٿا. ٻئي طرف انتقام کي هڪ انتهائي خطرناڪ ارادو به سڏي سگهجي ٿو. جيتري قدر سماجي تجزيي مان معلوم ٿيو آهي ته مٿين ڳالهه درست ثابت ٿي آهي، جو ته انهيءَ سان هڪ فرد کي پنهنجي ڪيس ۾ منصف ٿيڻ جي اجازت ملي ٿي جنهن کان وري قانون بچائڻ گهريٿو. ان کان سوءِ اهو هڪ زيادتيءَ جوڳو ارادو آهي، جيڪو ضرورت کان وڌيڪ سزا ڏيڻ لاءِ راهون کولهي ٿو. مثال طؤر تي اذيت کي اذيت سان ختم نڏو ڪري سگهجي، پر ماڻهو پنهنجي نفرت جي پورائي لاءِ،ٻئي کي پيڙا وارو موت ڏيڻ مناسب سمجهندو آهي. ان کان علاوه اهائي جڳهه آهي جتي اسپنوزا درست نظر اچي ٿو جيئن هو چوي ٿو: "جيڪو جيون ڪنهن ڪروڌ جوشڪار آهي سو ڏاڍو حقير آهي، جيڪو عقل جي ڪنهن به قسم سان ميل نڏو ڪائي." تنهنڪري

---

1. مئڪڊف شيڪسپيئر جي ڊرامي جو اهم ڪردار. جنهن مئڪبيٿ کي هارائڻ ۽ مارائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.
2. مئڪبيٿ اسڪاٽلنڊ جو بادشاهه، جيڪو 1040 ۾ تخت تي ويٺو. هن پنهنجي بادشاهه دنڪن پهرين خلاف بغاوت ڪئي ۽ آخرڪار ڏڪائيندڙ پڇاڙي پوڳيائين. هيءُ پڻ شيڪسپيئر جي الميه ڊرامي جو مک ڪردار آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙو انتقام ڪنهن بہ صدمي جي رد عمل ۾ بهترين چئي نٿو سگهي.

اسپنوزا عيسائين وانگر بلڪ انهن کان بہ وڌيڪ نصيحت ڪندي نظر ايندو. سندس آڏو برائي جي جڙ جهالت آهي ۽ هو ماڻهن کي سندن اڻڄاڻائي ڪري معاف ڪري ڇڏيندو، پر هو اوهان کي ان محدود اختيار کي نظرانداز ڪرڻ لاءِ چوندو، جنهن مان سندس خيال موجب تہ هڙئي برايون ڦٽي نڪرن ٿيون-۽ انتهائي برين حالتن ۾ درگزر ڪري،صبر ڪرڻ لاءِ زور پريندي ڏکن جي دنيا ۾ رهڻ لاءِ چوندو. انهيءَ سلسلي ۾ هو سمجهائڻ لاءِ اوهان کي انهن شين۽ فطرت جي سموري جوڙجڪ تي پوندڙ اثرن ۽ ان جي هڪ حصي هجڻ جي ناتي،انهيءَ رخ ۾ ڌسڻ جا ڏَس بہ ڏيندو. جيئن اسين ڪيس بار بار اهو چوندي پڌرون ٿا تہ نفرت کي محبتن ذريعي ختم ڪري سگهجي ٿو، سندس بقول: "نفرت ڏيڻ سان نفرت وڌي ٿي، پر ان کي محبتن جي مانڊاڻ سان ناس ڪري،قربتن ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو."

نفرت جنهن کي محبتن سان مڪمل نموني فتح ڪري سگهجي ٿو، تنهن تي محبتون پاري آهن تہ پوءِ نفرتون انهن جو مقابلو ڪرڻ ٿيون ڪري.سگهن. منهنجي خواهش آهي تہ مان ان ڳالهہ کي ميان پر نٿو ميڇي سگهان-سواءِ ڪجهہ غير معمولي واقعن جي، جتي نفرت ڪندڙ ماڻهو مڪمل طور تي ان ماڻهوءَ جي اختيار هيٺ آهي، جيڪو جواب ۾ ڪائنس نفرت نٿو ڪري. پر جيستائين طاقت بدنيت ماڻهن جي هٿن ۾ آهي، تيستائين ماڻهن کي ڪائنس نفرت نہ بہ ڪرڻ جا سبق پاڙهڻ مان ڪوبہ فائدو ڪونهي، انهيءَ ڪري هو توهان جي انهن نصيحتن جو غلط مقصد وٺندا. چو تہ ظالمن کان بغير جدوجهد ڪرڻ جي اقتدار يا قوت ڪسي نٿا سگهو.

جيڪو ماڻهو ڪائنات ۾ ڪنهن بہ ڇڪائيءَ جي توقع نٿو رکي، انهيءَ جي پيٽ ۾ اسپنوزا جي لاءِ مسئلو وڌيڪ سَنهنجو آهي. سندس خيال مطابق تہ جيڪڏهن توهان پنهنجي مٿان آيل مصيبتن کي حقيقت واري انداز ۾ ڏسوم يعني انهن سببن جي ڪڙي ڪڙي ۾ ملائي ڏسو جيڪي وقت جي شروعات کانوئي آخر تائين جي سلسلن مان پکڙجن ٿا، تہ توهان محسوس ڪندؤ تہ اوهان جي مٿان آيل مصيبتون اوهان لئہ آهن،نہ ڪہ ڪائنات لاءِ ـ جنهن جي لاءِ اهي مصيبتون رڳو گذرندڙ اهڙيون اٽڪلون آهن،جيڪي حقيقي تال ميل کي نروار ڪن ٿيون. پر آئون ان خيال سان سهمت ڪونہ آهيان،مان سمجهان ٿو تہ خاص قسم (جز) جا واقعا ايئن ئي آهن، جيئن اهي ٿين ٿا، سي ڪڏهن بہ 'ڪُل' ۾ جذب ٿي پنهنجي شڪل ڪونہ ٿا مَٽائين. ڏاڍ پريو ڪوبہ قدم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com


ڪائنات جو لازوال حصو آهي، اڳتي هلي دنيا جي ڪا به شئي ان کي بري مان چگو نٽي بٽائي سگهي ۽ نه وري ان 'ڪُل' (جنهن جو هڪ حصو آهي) کي پورٽتا بخشي ٽي سگهي.

پوءِ به جڏهن اهو اوهانجو نصيب ٽي آهي، يا توهانکي ايئن لڳي ٽو ته دنيا جي عام رواجي نصيب جي پيٽ ۾ وڌيڪ ڏُک ڏسو، ته ان صورتحال ۾ اسپنوزا جون 'ڪُل' جي باري ۾ سوچون يا پنهنجي ذاتي ڏکن جي پيٽ ۾ ڪن وڏن المين تي نظر رکڻ جي صلاح ڪارج پري آهي. ڪڏهن ڪڏهن اهڙو مرحلو به اچي ٽو، جڏهن اهو سوچي آرام ٽو اچي ته هڙني برائين ۽ تڪليفن سان سٽيل هجڻ جي باوجود، انساني زندگي ڪائناتي زندگيءَ جو هڪ معمولي ذرڙو آهي. اهڙيون سوچون ڪنهن مذهب کي تشڪيل ڏيڻ جي لاءِ پلي اٽپوريون هجن پر هن ڏکن پري دنيا ۾ وڏو ڏڍ آهن، جيڪي فقيرائپ ڏانهن راغب ڪندي زندگي کي نِستو ڪندڙ زبردست نااميديءَ جو تِرياق آهن.

(برٽرينڊرسل جي ڪتاب
History of the Western Philosophy
تان ترجمو ڪيل.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



لیبنز گوٹفریڈ ولھلم وون

جنم: 1 جولاءِ 1632ع
لاڏاڻو: 14 نومبر 1677ع

هيءُ سڄو سنسار انهيءَ ڪري ٻ سونهن پريو لڳي ٿو، جو ان ۾ انسان جو پورهيو، پگهر ۽ لهو شامل آهي. هر انسان پنهنجي وِتَ ۽ وَسَ آهر لاڳو مادي حالتن ۾ پنهنجو ڪردار، شيڪسپيئر جي ڪنهن ڪئريڪٽر وانگر ادا ڪندو، اسٽيج تان گم ٿيندو ويندو آهي ۽ ان جي جڳهه وري ڪو ٻيو والاريندو آهي. ايئن جڳ ۾ ماڻهوءَ جون فقط يادون پوئتي بچنديون آهن، جيڪي سندس لازوال ڪردار جي جهلڪ ڏينديون رهنديون آهن. لائيبنز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا ليبنز ديڪارت ۽ اسپنوزا کان پوءِ اهو مڙس مهان آهي، جنهن انڌين مذهبي قوتن، بيعقليءَ ۽ جهالت جي خلاف جهاد برقرار رکيو ۽ يورپ ۾ سمجھ، شعور ۽ عقل جي بنيادن تي بيٺل ماحول پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ڪانٽس پوءِ يورپ ۾ سهپ ۽ ٻُڌڻ ٻُڌائڻ جو سلسلو شروع ٿيو ۽ نتيجي ۾ جان لاڪ ۽ هيوم جي خيالن لاءِ حالتون سازگار ٿيون.

من مضمون جي ليکڪ برٽرنڊرسل جي دعويٰ آهي، ته من ليبنز کي سڀني کان بهتر ۽ چڱي نموني سمجهيو آهي. جنهن جي پرک ته اوهانجي وَس آهي، پر ٿُلهي ليکي ليبنز جڙ ته يونان جي ڏاهي ڊيموڪريٽس جي ائٽمن واري نظريي کان متاثر ٿو لڳي، سندس وحدتن وارو تصور جنهن کي هو Monodology ٿو سڏي، تنهن ۾ جڙ ته تصوريت، ماديت ۽ منطق جو سنگم ٿو ڏيکاري. من دنيا کي الهامي طور تي نازل ٿيل سمجهڻ جي بجاءِ، هو ان کي وحدتن يعني Monads جو مرڪب سمجهي ٿو- جيڪي پنهنجي اندر ۾ مڪمل آهن ۽ جن تي دنيا جي ڪابہ شيءِ اثر انداز نٿي ٿي سگهي، پر اُهي پاڻ ڪائنات جو جڙ ته اولڙو آهن. ڊيموڪريٽس پنهنجن Atoms کي مادي جزا ٿي سمجهيو، پر ليبنز Monads کي منطقي طور تي اَڻَ جُڙيل (a priori) سمجهي ٿو- جن جي انت بَحر جي ڪابہ ڪَلَ ڪانهي.

جيئن ته ان دور ۾ عقل ۽ سمجھ واري ٿوري بہ ڳالھ تي ڪات ڪهاڙا ايا هياءتنهن ڪري لڳي ٿو ته ليبنز تي ناهوکو خوف چائيل هيو، من چوڻ ڪجھ ٻيو ٿي چاهيو پر سندس متعلق تاثر مختلف ٿي ٻيٺو، وحدتن کي هن روحاني ٿي ڄاڻايو، جيڪا ڳالھ عام طور تي قبول نہ ٿي ڪري سگهجي، پر ساڳئي وقت، هُن دنيا جي تخليق جي متعلق مذهبي نظريي جون ڏڃون اڏائيندي، ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي ڪنهن منطقي ضرورت تحت وجود ۾ اينديءِ ڏيکاريو- ۽ اهو به اعلان ڪيو ته جيڪي بهشت يا ٻئي ڪنهن بهتر دنيا هجڻ جا ڏڻا پوزيون آهن،سي سڀ دوکو آهن، هيءَ دنيا يعني جنهن تي پاڻ رهون ٿا،سائي سيني دنيائن ۾ بهترين آهي ۽ اهائي سڀ ڪجھ آهي. خدا جو وجود به انڊپٽي ۾ نه،پر منطقي سچائين مان اخذ ڪندي تسليم ڪيل آهي، ۽ مادي شين جي چرپر کي ڪافي حد تائين،شين جي جوڙجڪ تي اثرانداز ٿيندي ڏيکاريو ويو آهي.

- سنڌيڪار

هڪ دانشور جي حيثيت ۾ ته ليبنز اتر انسان آهي،پر هڪ فرد جي روپ ۾ سندس ڪردار متاثر ڪندڙ ڪونهي. هونئن ته منجهس اُهي سڀ گُڻ موجود هيا،جيڪي ڪنهن مستقبل جي آفيسر جي سَند ۾ هُجڻ کپن، مثلاً هو محنتي، ڪفايت شعار، ٺهرم پريو ۽ مالي حساب ڪتاب ۾ بلڪل ايٽاندار رهيو. پر هو انهن شاندار فيلسوفياڻين خوبين کان واڌهو هيو،جيڪي اسپنوزا جي شخصيت ۾ واضح طور تي موجود هيون. سندس فڪر جو ڇپيل حصو ايڏو اهم نه هيو،جنهن منجهان کيس شهرت نصيب ٿئي، ڇو ته اصلي فڪري ڳُرُ واريون شيون،ته سندس ٽيبل جي خاني ۾ اڻڇپيل پيون رهيون. جيڪو ڪجھ ڇپجي سگهيو،تنهن مان به سندس مقصد شهزادن ۽ شهزادين جو آشيرواد حاصل ڪرڻ هيو. انهيءَ جي نتيجي ۾،فڪر جي تواريخ ۾،ليبنز جي سچاڻپ ٻن طريقن سان ٿيڻ لڳي. سندس شهرت جو هڪ پهلو،کيس سُکَ درسي (Optimistic)، تقليد پسند، ڪٽر مذهبي ۽ تنگ ذهن ظاهر ٿو ڪري؛ ۽ ٻيو رُخ جيڪو ويجهي ماضيءَ جي مُرتبن ۽ سهيڑيندڙن،آهستي آهستي ڪري سندس مسودن مان ڪڍيو آهي، تنهن ۾ هو ڳوڙهو، ترتيب پريو، گهٽي قدر اسپنوزا کان متاثر ٿيل ۽ حيرت ۾ وجهندڙ حد تائين منطق پريو ٿو لڳي. "موجوده دنيا ٻين سيني ممڪن دنيائن کان بهتر آهي" (جنهن ۾ اڳتي هلي ايف،ايچ،برادلي هن چٽر پري ويچار جو اضافو ڪيو ته: انهيءَ دنيا ۾ هر شيءِ لازمي طور تي بُجڙي آهي) واري خيال جو خالق ليبنز هيو. هوڏانهن اهو به ساڳيو ئي ليبنز هيو، جنهن جو والنٽيئر،ڊاڪٽر پٽنگلوس جي روپ ۾،هڪ ڪِلَ جوڳو خاڪو تخليق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو. ليبنز جي ان روپ کي نظر انداز ڪرڻ،هڪ تواريخي زيادتي چئبي، پر سندس ٻيو پهلو ب،ڪنهن زبردست عظمت ۾ري فڪري اهميت کان خالي ڪونهي. ليبنز جو جنم،مشهور ٽيهن سالن واري جنگ جي پڄاڻيءَ کان ٻه سال اڳ ليپزگ ۾ ٿيو، جتي سندس ٻيءُ علم اخلاقيات جو پروفيسر هيو. يونيورسٽيءَ ۾ تعليم دوران،هن قانون پڙهيو ۽ 1666ع ۾ الٽدورف (Altdorf) مان ڊاڪٽريءَ جي سند ونڻ کان پوءِ ،ڪيس اتي ئي پروفيسريءَ جي آڇ ٿي. جيڪا هن اهو جواب ڏيئي رد ڪئي،ته سندس ذهن ۾ نوڪريءَ جي پيٽ ۾ ٻيا ڪيترائي اهم ويچار هيا. 1667ع ۾،هو ُميئنز ُجي برڪ پادري (آرڪ بشپ) وٽ ملازم ٿيو، جيڪو ٻين جرمن شهزادن کي پسند ڪرڻ جي ڪري لوئي چوڏهين جي عتاب کان پيو ڪنبندو هيو. انهيءَ برڪ پادريءَ جي منظوريءَ سان،ليبنز فرانس جي بادشاه کي،جرمنيءَ جي بدران مصر کي فتح ڪرڻ لاءِ قائل ڪندو رهيو،پر جواب ۾ ڪيس فضيلت سان ياد ڏياريو ويو،ته سينٽ لوئي جي وقت کان وٺي،ڪافرن* جي خلاف لڙائي ڪرڻ اصل ترجيح هُئي. اهڙو منصوبو 1803ع ۾ نپولين جي هئنوور (Hanover) تي قبضي کان پهرين ۽ مصر تي اَسڻل ڪاه کان،چار سال پوءِ تائين،سيني کان لکل رهيو. 1672ع ۾ انهيءَ منصوبي جي سلسلي ۾،ليبنز پئرس روانو ٿيو، جتي هو بعد جي چئن سالن جو گهڻو حصو رهيو. پئرس ۾ ٿيل رابطا،سندس فڪري اوسر جي لاءِ نهايت ڪارائتا هيا،جو ته ان دور ۾ پئرس فيلسوفيءَ ۽ علم رياضيءَ ۾،سڄي دنيا جي راهبري ٿي ڪئي. 76-1685ع ۾ نيوٽن جي ساڳي مسئلي تي،ڪيل آڳاٽين ۽ اٽڇيل بحثن ۽ تحريرن کي نظر انداز ڪندي،ليبنز انتهائي معمولي ڪٽ(1) (Infinitestimal Calculus) وارو طريقو ايجاد ڪيو. ليبنز جي انهيءَ تصنيف جي پهرين اشاعت 1684ع ۾ ٿي.جڏهن ته نيوٽن جو نظريو 1687ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. نتيجي ۾ ان ڪم جي مهنداريءَ تي ٿيل جهڳڙي،وڌن ڏڇن کي جنم ڏنو،جنهن مان واسطيدار سيني ڏرين جي بدنامي ٿي.

ليبنز پٺسي جي معاملي ۾ ڇڪو خاصو ڪنجوس هيو. هئنوور جي ڪورٽ ۾،جڏهن ب ڪا نوجوان ڇوڪري شادي ڪندي هُئي،ته هو ڪيس نصيحتن ۾ريا نقطا ٻڌائيندو هيو. جنهن کي هو ُشادي جو تحفو ُ سڏيندو هيو، تنهن جي پڄاڻي ان هدايت سان ٿيندي هئي ته: جيئن ته هاڻي ڪُنوار کي

---

* هتي مطلب مسلمان آهن،جن کي ان وقت جا يورپي مذهبي عالم،اسانجن ڇسن ملن وانگر ڪافر سڏيندا هيا. سنڌيڪار

(1) هن طريقي سان نندڙين کان نندڙين شين کي ب ڳاڻاٽي ۾ آڻڻ ممڪن ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھوٽ مليو آهي تنهن ڪري ٽانو ۽ ٻهاري هرگز نہ چڏي. تواريخ ڪٽي ٻ اهو نٽي ٻڌائي،تہ ڪنٽاريون سندس انهيءَ سهٽي صلاح جي ڪري،ٽورائتيون ٽيون هجن. جرمنيءَ ۾ ليبنز کي ارسطو جوُ نو علمي فڪر (Neo Scholastic Aristotalian Philosophy) پاڙهيو ويو هيو، جنهن جو ڪجھ حصو باقي سڄي عمر هن پاڻ وٽ سانديي رکيو. پر پئرس ۾ ڪيس گاسينديي (Gassendi) (1) جي مادیت ۽ ديڪارت جي رابطائي فڪر (Cartesianism) سان واسطو پيو ۽ مٽس ان جا اثر پيا. انهيءَ موقعي تي،هن انهن معمولي فڪري واٽن کي تڙڪ ڪري چڏيو،جن کي مدرسيت يا علميت (Scholastism) ٽي سڏيو ويو. پئرس ۾ سندس مالي برانچي ۽ آرنالڊ ڊي جنسي نيسٽ (2) سان ٻ واقفيت ٽي،۽ پر سندس فڪري روين تي زبردست اثر اسپنوزا جو ٽيو. جنهن سان هن جي 1676ع ۾ ملاقات ٽي، جنهن سان سڄو سارو مهينو،هو تڪڙن ۽ ڊگهن بحثن ۾ لڳو رهيو ۽ پنهنجي ڪتاب جي اخلاقيات واري پاڳي لاءِ ،ڪانٽس گھٽو ڪجھ حاصل ڪيائين. بعد جي سالن ۾ نہ رڳو هو اسپنوزا جي مٽان لڳندڙ تهمتن ۽ نندا ۾ پاڳي پائيوار ٽي ويو،پر ساٿس واسطيداريون ٻ گھٽائي چڏيائين. ان سلسلي ۾ هو جواب ۾ چوندو هيو،تہ سندس اسپنوزا سان فقط هڪ پيرو ملاقات ٽي هئي،جنهن ۾ هن ڪيس سياست بابت ڪيترين ئي 'دلچسپ آڪاٽيون' ٻڌايون هيون.

هٽنوور خاندان،جنهن جي هن سڄي عمر ملازمت ڪئي،تنهن سان سندس پهرين ڏينٽ واٽ 1673ع ۾ ٽي. 1680ع کان ونڊي ئي هو 'وولف اين بٽل' ۾ سندن لائبريرين رهيو ۽ بعد ۾ ڪيس سرڪاري طور تي 'برٽنسوڪ جي تواريخ' لکڻ لاءِ چيو ويو. انهيءَ تواريخ تي ڪم ڪندي،هو 1009ع جي عرصي تائين تفصيل لکي چڪو هيو جو سندس لاڏاٽو ٽيو، تنهنڪري سندس اها تصنيف 1843ع تائين نہ چپجي سگهي.

ليبنز جي زندگيءَ جو خاصو حصو ڪليسائن جي نئين سر ميلاپ ڪرڻ واري منصوبي ۾ ٻ گڏيو،پر اها سڄي پيچ ڊُڪ اجائي ثابت ٽي. هن برينسوڪ جي نوابن جي ايست خاندان (Este Family) سان لاڳاپن کي ثابت ڪرڻ لاءِ، شهادتن جي تلاش ۾ الٽيءَ جو سفر ٻ ڪيو. انهن محنتن جي باوجود جڏهن جارج پهرينون انگلستان جو بادشاه ٽيو،تہ ڪيس هٽنوور تائين محدود ڪيو ويو،

---

(1) فرانس جو مفڪر جنهن مادیت جي وڪالت ٽي ڪئي.

(2) آرنالڊ ڊيجنسينٽ انهن ماڻهن مان هيو، جن جون ليبنز سان نہ رڳو فڪري وابستگيون هيون پر ذاتي راھ رسم ٻ هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان جو مکيہ سبب اهو هيو،جو سندس نيوٽن سان جهڳڙي جي ڪري،انگلستان وارن ڪيس پنهنجو همدرد نٿي سمجهيو. تنهن هوندي ب،هو پنهنجن سياسي حمايتين کي پڌائيندو هيو،ته ويلس جي شهزادي، نيوٽن جي خلاف سندس ساٿ ٿي ڏنو- پر انهيءَ حمايت جي باوجود ب سندس موت نڊٺڪائيءَ واري ڪيفيت ۾ ٿيو.

ليبنز جي فڪر جو نچوڙ،سندس تحريرن اڪائيت (Monodology)(1) "فطرت ۽ لطافت جا اصول" (The Principles of nature and grace) ۾ موجود آهي. انهن ڪتابن منجهان هڪُ (خبر ناهي ته ڪهڙو) يوجين آف سئواءِ جي شهزادي ۽ مارلبورو جي عزيز لئہ لکيو ويو. سندس ديني سُڪ درسيت (Theological Optimism) جا بيان ڪتاب Theodicee تي ٻڌل آهن، جيڪو هن پُرشيا جي راڻيءَ شارلوت جي چوڻ تي لکيو. آئون شروعات ۾ انهن تحريرن تي مبني فڪر بابت ڳالهائيندس ۽ بعد ۾ انهن اهم لکڻين تي ب بحث ڪنداسين جيڪي هو ڇپائي نہ سگهيو.

ديڪارت ۽ اسپنوزا وانگر ليبنز جي فڪر جا بنياد ب جوهر يا پرج (Substance) جي اِڪائي تي ٻڌل آهن، پر ذهن ۽ مادي جي پاڻ ۾ واسطن ۽ جوهرن جي تعداد جي معاملي تي،هو ساڻن اختلاف ڪريٿو. ديڪارت ٽي جوهر يعني خدا، ذهن، ۽ مادي کي بنيادي ٽي ڄاڻايو، اسپنوزا فقط خدا کي تسليم ٽي ڪيو. ديڪارت جي اڏو وڌاءُ (Extension) مادي جو اصل جوهر آهي، اسپنوزا وٽ وري ٻئي يعني وڌاءُ ۽ سوچ خدا جون صفتون (Attributes) آهن. ليبنز جو خيال هيو ته وڌاءُ ڪڏهن ب جوهر جي صفت نٿو ٽي سگهي. ان لاءِ وٽس اهو دليل هيو،ته وڌاءُ ڪثرت (Plurality) کي جنم ڏئي ٿو ۽ تنهن ڪري جوهر سان فقط مجموعي طور تي واسطو رکي سگهي ٿو. ڪوبہ هڪ جوهر لازمي طور تي لامحدود نہ ٿيڻ کپي، تنهن ڪري هو لامحدود تعداد ۾ جوهرن کي مجيندو هيو، جنهن کي هو وحدتون (Monads) سڏيندو هيو. منجهائن هر وحدت کي طبعي لحاظ کان ڪجھ خاصيتون تڏهن هونديون، جڏهن اسين ڪُوڙهي طريقي سان پرکينداسين. جڏهن ته حقيقت ۾ هر وحدت بذات خود آتما آهي. فطري طور تي هيءُ نظريو،وڌاءُ جي هڪ جوهر جي صفت واري تصور جي رَدَ منجهان اسري ٿو، پٺتي بچيل باقي خاصيتن مان فقط سوچ

---

(1) Monodology ليبنز جي فڪر جو بنيادي فلسفو آهي.جنهن موجب هن ڪائنات کي،روحاني يونٽن تي مبني Monods جو ٺهيل ڄاڻايو آهي، جيڪي ڪنهن ب وجود جو بنيادي عنصر آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ممڪن بنيادي خاصيت لڳي ٿي. انهيءَ ترتيب سان ليبنز مادي جي حقيقت کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪندي، ان جي بدلي ۾ روحن جي لامحدود ميڙ (Infinity of Souls) کي قبولي ٿو.

جوهرن جي پاڻ ۾ واسطيدارين کي رد ڪرڻ وارو نظريو،جيڪو ديڪارت جي معتقدن ترتيب ڏنو هيو، سوئي ليبنز به قبول ڪيو،جنهن ڪري انوکن نتيجن کان آشنائي ٿي. سندس چوڻ موجب ته بن 'وحدتن' جي وچ ۾،سنئون سنئو ڪڏهن به هڪ ٻئي سان ڳانڍاپو نه ٿو ٿي سگهي. جيڪڏهن ايئن لڳي به ته سمجهو ته انهن جا ڏيک يا صورتون غلط آهن. هو چوي ٿو ته اهي وحدتون (Monads) خارجيت کان آزاد ۽ بي جهروڪ يا بي پهچ (Windowless) (1) آهن. اها ڳالهه بن مشڪلاتن سان همڪنار ڪري ٿي- هڪڙي حرڪيات جي علم (Dynamics) منجهه،جتي جسم هڪٻئي تي اثر انداز ٿين ٿا ۽ خاص ڪري تاثر ڇڏين ٿا، ٻي سوجهيءَ (Perception) جي سلسلي ۾، جتي سوجهيل شيءِ سوجهه ڪندڙ تي پنهنجو اثر وجهي ٿي. هن بحث ۾ اسين حرڪي علم واري مشڪل کي پوئتي رکندي، في الحال ادراڪي يا سوجهيءَ پريي مسئلي تي ڪجهه ڳالهائينداسين- ليبنز چيو ٿي ته هر 'وحدت' ڪائنات جو اولڙو ڏٺي ٿي ان ڪري نه، ته ڪائنات مٽس اثر انداز ٿئي ٿي،پر ان ڪري جو خدا سندس فطرت ئي اهڙي جوڙي آهي، جيڪا نتيجا پاڻمرادو پيدا ڪري ٿي. هڪ وحدت ۽ ٻين وحدتن جي وچ ۾ ٽيندڙ تبديلين ۾،"اڳ جڙيل ترتيب" (2) موجود آهي. جيڪا ڳانڍاپن ۾ هڪ جهڙائي پيدا ڪري ٿي. ظاهر آهي ته اهڙي قسم جو ڳٽيل وڌاءُ بن گهڙيالن جو آهي، جيڪي ٻئي هڪ ئي مهل اثر انداز ٿي چرپر ڪن ٿا، چو ته ٻئي پورو وقت ٻڌائين ٿا. ليبنز وٽ گهڙيالن جو لامحدود تعداد آهي، جن کي خدا جوڙيو آهي ته جيئن اهي ساڳئي ئي موقعي تي وڄي سگهن. ٻئي گهڙيال هڪ ٻئي تي اثر انداز ٽيڻ جي ڪري ڪونه ٿا وڄن،پر اصل سبب منجهن موجود بي عيب ميڪانيڪي نظام آهي. ليبنز آڏو جيڪي ماٺهو "اڳ جڙيل ترتيب" کي فالتو سمجهن ٿا، تن جي سڌاري لئ

---

(1) Windowless مان مراد آهي ته اهڙيون شيون جن تي دنيا جو ڪو به عمل دخل نه هلي ۽ خارجيت انهن تي اثرانداز نه ٿي سگهي. پر اهي منجهن موجود قوت جي بنياد تي دنيا جي جوڙجڪ تي اثرانداز ٿي سگهن.

(2) اڳ جڙيل ترتيب (Pre established Harmony) مان مراد آهي ته اهڙو طريقئ ڪار،جنهن تحت دنياوي قير قار جي ڪري،ٽيندڙ تبديلين سان مقرر ٽيل معيارن، قائدن توڙي اصولن ۾ ڪا به تبديلي ممڪن نه هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندن خدا جي وجود بابت مثالي ثبوت سان سمرٿ هٿ جي نشاندهي ڪري ٿو.

وحدتن منجھ نظام يا ترتيب جي لحاظ کان،جيڪي وحدتون خصوصيت ۾ ڇنڇائيءَ جي لحاظ کان وڌيڪ بهتر آهن ۽ جيڪي پنهنجا اولڙا ڪائنات تي ڇڏين ٿيون،سي درحقيقت سوجھيءَ جي درجي ۾ مونجھارن جي ڪري آهن. پر اهو مونجھاري جو مقدار لاڳاپيل وحدت جي حيثيت موجب نھي ٿو. انساني جسم،جيڪو مڪمل طور تي انهن وحدتن جو مرڪب آهي، جنهن جي هر وحدت روح آهي ۽ لافاني پڻ آهي. پر انهيءَ منجھ ۾ ھڪ اهم ترين وحدت ضرور آهي،جنهن کي ماٺوءَ جو خاص روح چئجي ٿو، جنهن منجھان ٻيا حصا ٺهن ٿا. اها وحدت نہ فقط ٻين کان ڇڻي ادراڪ جي ڪري حاوي آهي،پر ٻين رخن ۾ ۾ ڏيڪ اهم آهي. انساني جسم ۾ ٽيندڙ تبديلي (عام حالتن ۾) انهيءَ برڪ وحدت جي ڪري ئي ٿئي ٿي. جڏهن منهنجي ٻانهن چُري ٿي تہ جيڪو مطلب انهيءَ تحرڪ منجھان پورو ٿئي ٿو، سو انهيءَ 'برڪ وحدت' جي ڪري ئي ٿئي ٿو، يعني منهنجي ذهن واري وحدت ڪم ڪري ٿي ۽ نہ ڪي ٻانهن واري وحدت۔ اهو عمل،عام راءِ موجب،ارادي جي جسم جي مٿان برتريءَ واري سچائيءَ کي ظاهر ڪري ٿو.

خلا، علم طبعيات جي معلومات مطابق توڙي حواسن کي،بظاهر حقيقي نٿي لڳي، پر ان جو بَدلُ بالڪل موجود آهي. جنهن کي وحدتن جي ٻ۔ طرفي ترتيب ۾،ھڪ نظريي مطابق،هو دنيا جو اولڙو ڏسين ٿا. هر وحدت دنيا کي ھڪ خاص پهلوءَ سان ڏسي ٿي،جيڪو ساٿس ڏاڍو مشابھ آهي. انهيءَ نقطئ نظرکان،اسين کي قدر اڇا ترائيءَ سان چئي سگھون ٿا،تہ وحدت کي مڪاني حيثيت (Spatial position) ۾ ٿي سگھي ٿي.

پنهنجو پاڻ کي مٿين قسمر جي نظريي رکڻ جي اجازت ڏيندي،اسين چئي سگھون ٿا تہ خلا يا پولار (Vaccum) نالي،ڪنهن شيءِ جو وجود ڪونهي. هر قسمر جو ممڪن خيال ھڪ ۽ فقط ھڪ ئي حقيقي وحدت ذريعي پرجي ويڃي ٿو، ڪي ۾ ۾ وحدتون ھُو بهو ھڪ جهڙيون ٿي نٿيون سگھن. انهيءَ کي ليبنز جو انتهائي معمولي يا ڳجھن طريقن جي سچاٽپ وارو قائدو (Idintity of indis-cernibles) سڏي ٿو.

اسپنوزا سان پنهنجي پيٽ ڪندي،ليبنز ارادي جي آزاديءَ جي عمل دخل کي گھٽي اهميت ڏني آهي. هن ھڪڙو قائدو "دليلي پورت جو اصول" (Principle of Suffiecient reason) ناهيو. جنهن موجب ڪابہ شيءِ بي سبب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽي نٿي سگھي، پر جڏهن اسين چڑواڳ يا آزاد نظارن (Free agents) سان واسطي ۾ اچون ٿا، تہ انهن جي عمل جا سبب غير ضروري طور تي ملندڙ محسوس ٿين ٿا. عام طور تي انسان جيڪو ڪجھ ڪري ٿو، تنهن جا ڪي محرڪ آهن، پر سندس حرڪت جي مناسب دليل لاءِ، ڪوبہ منطقي احتياج (Legical necessity) ڪونهي- جيتريقدر سندس مشهور لکڻين جو تعلق آهي تہ هو انهن ۾ ايئن ئي بيان ڪري ٿو. پر، جيئن اڳتي ڏسنداسين تہ وٽس پيو نظريو ہ هيو، جنهن کي ہڏڻ کان پوءِ آرنالڈ کي صدمو ٿي پهتو، جنهن ڪري ليبنز ان کي پنهنجي ذات تائين محدود رکيو.

خدا جي عملن کي ہ ساڳئي نموني جي آزادي حاصل آهي. هو سڀني بهترين جي لئہ عمل ڪري ٿو، پر ايئن ڪندي مٿس ڪابہ منطقي زبردستي ڪانهي. ليبنز، جڳ مشهور مفڪر ٽامس اڪئانس سان ان ڳالھ تي متفق هيو، تہ خدا ڪڏهن ہ منطقي قائدن جي خلاف ڪونہ ٿو هلي، پر هو منطقي طور تي ممڪن شين تي پنهنجن فيصلن سان اثر انداز ٿي سگھي ٿو، جيڪا ڳالھ ڪيس مرضيءَ جي معاملي ۾ بيحد آزاد ڪري ڇڏي ٿي.

ليبنز انهن جي آخري روين منجھ خدا جي وجود متعلق مابعد الطبعياتي ثبوت آندا، جن جو ڏڳھو پس منظر آهي: اهي سلسلا ارسطو يا اڃان ہ افلاطون کان شروع ٿيا، جن کي مدرسيت پسندن رسمي طور تي استعمال ڪيو، منجهائن هڪ يعني سينٽ انسيلم (1) ڪائناتي دليل ہ ٺاهي ورتو. ان هوندي ہ جو اهو دليل ٽامس اڪائنس رد ڪري ڇڏيو پر بعد ۾ انهيءَ کي ديڪارت وري ڪتب آندو. ليبنز، جنهن جي منطقي ڪوشش انتهائي شاندار هئي، انهن دليلن کي اهڙي نموني بيان ڪيو، جو تواريخ ۾ اڳ ايئن ڪنهن ہ بيان نہ ڪيو هوندو. انڪري ئي مون انهن کي ساڻس نسبتن ۾ پرکيو آهي. پر انهن دليلن جي چنڊچاڻ ڪرڻ کان پهريائين، اسان کي اهو چڱي طرح سمجھڻ کپي تہ جديد دينياتي عالم انهن تي وڌيڪ ڪونہ ٿا پاڙين، جو تہ وچين دؤر (Medival Period) جي دينيات، يوناني ڏاهپ جي ست مان نڪتل آهي. 'عهدنامہ قديم' جو خدا قوت جو خدا آهي ۽ نئين عهدنامي وارو خدا محبت جو مالڪ آهي، پر ارسطو کان وٽي ڪالوِن، تائين مذهبي عالمن جو ڏٺي هڪ خدا آهي، جنهن

---

(1) سينٽ انسيلم جو لاڌاڻو 1109ع ۾ ٿيو، ڪيس مدرسيت جي بانين مان ڳڻيو ويندو آهي. هو ڪينٽربريءَ جو مڪ پادري ٿي گذريو آهي ۽ يورپ جي اونداهي دؤر ۾ انهن فيلسوفن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو، جن مذهبي هجڻ جي باوجود منطق ۽ دليل کي اهميت ڏني.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سپ کان وڏي خوبي سندس ذهانت آهي. جنهن جو وجود ڪيترن ئي اهڙن مونجهارن کي ختم ڪري ٿو،جيڪي پي صورت ۾ ڪائنات بابت سمجھ ۾ وڏيون دليلن پريون مشڪلاتون پيدا ڪن ها. خدا جيڪو دليل بازيءَ جي ٽُڪرن جي آخر ۾،جاميٽريءَ جي ڪنهن مسئلي جي ثبوت وانگر ظاهر ٿئي ٿو، سو روسو کي مطمئن ڪونہ ٿو ڪري، جيڪو خدا جي تصور کي واپس آڻي وري ڪنهن انجيل ۾ درج ٽيل خدا جھڙو ٿو بيهاري. خاص طور تي جديد پروٽسٽنٽ مذهبي عالمن ان ڏس ۾ روسو جي پوئواري ڪئي آهي. فيلسوف عام طور تي ڏاڍا قدامت پسند رهيا آهن، هيگل، لوزي ۽ برادلي وٽ آتا وديائي دليلن تي زور آهي، جڏهن ته ڪانٽ جي لاءِ ميڙو پوندو ته هن هميشہ لاءِ انهن دليلن کي ناس ڪري ڇڏيو.

ليبنز جا خدا جي وجود جي باري ۾ هيٺيان دليل آهن.

1ـ موجوداتي دليل 2ـ ڪائناتي (ستاشاستر) دليل 3ـ لافاني سچائين مان ورتل دليل ۽ 4ـ اڇ جڙيل ترتيب مان ورتل دليل. 'جيڪي ڪنهن خاڪي ۾ ٿلهي ليکي بيان ڪري سگھجن ٿا، يا جن کي جسماني ۽ دينياتي دليلن سان ڳٽي سگھجي ٿو.'ـ جيئن ڪانٽ انهن لئہ چيو آهي. مٿين دليلن کي اسين ترتيب وار سمجھنداسين.

• موجوداتي (ontological) دليل وجود ۽ جوهر جي وچ ۾ فرق تي بيٺل آهي. جنهن مطابق ته ڪوبہ شخص يا شيءِ هڪ طرف ته پنهنجو وجود رکي ٿي ۽ ٻئي طرف کي خاصيتون ٻ رکي ٿي- جيڪي سندن جوهر کي ٺاهين ٿيون. هيملٽ جيتوڻيڪ وجود نٿو رکي پر پوءِ ٻ ڪيس هڪ جوهر آهي- يعني هو سودائي، تذبذب جو شڪار ۽ حاضر جواب وغيره آهي. تنهن ڪري اسين جڏهن ٻ ڪنهن عام ماڻهوءَ جو ذڪر ڪريون ٿا،ته ان جي حقيقي يا خيالي هجڻ وارو سوال باقي رهي ٿو، پوءِ اسان جو ان لاءِ ڪيل خاڪو ڪيترو ٻ ننڍڙو ڇو نہ هجي. مدرسيت جي زبان ۾ انهيءَ کي هن طريقي سان بيان ڪيو ويندو آهي ته: هڪ محدود پرج جي جوهر مان، انهيءَ جي 'هجڻ' جي معنيٰ نہ ورتي وڃي، پر خدا جي معاملي ۾،جنهن کي بلڪل بي عيب وجود ڇيو وڃي ٿو، تنهن لئہ سينٽ انسيلم ۽ ديڪارت چون ٿا،ته تنهن جو جوهر ان جي وجود جي وضاحت سان آهي. جنهن لئہ هو ڏَسين ٿا،ته اهڙو وجود،جيڪو ٻيا سڀ ڪمال رکي ٿو،تنهن لئہ بهتر آهي ته نہ هجڻ جي بدران اهو وجود رکي. ان ئي دليل مان اها ڳالھ واضح ٿي ٿئي ته جيڪڏهن اهو ايئن نہ آهي،ته پوءِ هو ممڪن بهترين وجود هرگز ڪونهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليبنز هن دليل کي مڪمل نموني نہ قبول ڪيو آهي ۽ نہ وري رد ڪيو آهي، ان کي ايڏا ڪجھ پئپرائيءَ جي ضرورت آهي تہ جيئن ان ثبوت ذريعي،جيئن مٿي خدا کي بيان ڪيو ويو آهي، تيئن اهو ممڪن ٿي سگھي.هن اهڙو ثبوت لکي واضح ڪيو-سوا هو تہ خدا جو تصور ڪرڻ ممڪن آهي، جيڪو هن اسپنوزا سان هيگ ۾ ملاقات دوران کيس ڏيکاريو.

اهو ثبوت خدا کي انتهائي مڪمل وجود جي روپ ۾ ظاهر ڪري ٿو. مثلاً هر ڪمالیت (Perfection) جو سِرو هيئن بيان ڪيو ويو آهي: 'اهڙي سادي خاصيت جيڪا مُطلق ۽ مثبت آهي ۽ جيڪو ڪجھ ب بيان ڪري ٿي، سو حدبندين ۾ بند نٿي ڪري.' ليبنز اهو آسانيءَ سان ثابت ڪري ٿو وڃي تہ مٿي بيان ڪيل،ڪن ب بن تکميلن جو پاڻ ۾ ٽڪراءُ نٿو ٿي سگھي. آخر ۾ اهو ان نتيجي تي ٿو پهچي تہ: يا تہ اڳ ۾ ئي ايٿن آهي،تہ پوءِ انهن سيني ڪامل شين جو موضوع ۽ مڪمل وجود ڄاڻي سگھجي ٿو. جتان ئي سندس هجڻ جي خبر پئي ٿي- ڇو تہ اهو وجود مختلف تکميلن جي اندر سمايل آهي.

ڪانٽ ان دليل سان اهو چوندي اختلاف رکيو تہ: وجود بذات خود ڪا وضاحت يا تصديق (Predicate) ڪونهي، هڪ ٻيو اختلاف وري منهنجي وضاحتن واري نظريي مان ظاهر ٿئي ٿو. سو اهو تہ هيءُ دليل نئين دؤر جي ذهن کي خاص مطمئن نٿو ڪري، ان جي پيٽ ۾ اهو خيال وڌيڪ دل سان لڳندي محسوس ٿو ٿئي، تہ غلطيءَ جي مختصر يا سطحي تلاش ڪرڻ کان بهتر اهوئي آهي تہ ماڻهو غلط رهي.

• ڪائناتي دليل موجوداتي دليل کان وڌيڪ چِنبو آهي. هي پهرين سبب (First Cause) واري دليل جو روپ آهي، جيڪو پاڻ ارسطو جي "قائم ڪرت ڪار" (1) (Un-moved Mover) واري تصور مان ورتل آهي. پهريون سببي دليل ڏاڍو سولو آهي، جنهن مطابق هر محدود شيءِ جي پٺيان ڪو نہ ڪو سبب آهي جنهن کي پڻ ڪو سبب آهي ۽ اهو اڻ کٽ سلسلو جاري وساري آهي. انهن اڳين سببن واري سلسلي متعلق ٻڌايو ويو آهي تہ اهو لامحدود نٿو ٿي سگھي. انهيءَ سلسلي جي پهرين صورت لازمي طور تي بي سبب هجڻ کپي. جيڪڏهن ايئن نہ هوندو تہ پوءِ ان کي پهريون نقطو نہ سڏي سگھبو. تنهن ڪري هر شيءِ

---

(1) Un moved mover مان مراد ڪا اهڙي طاقت جيڪا سڄي دنيا جو نظام هلائي ۽ تبديليون آڻي، پر پاڻ تبديل نہ ٿي سگھي، ارسطوءَ خدا لاءِ هي تصور ڏنو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڪوبہ ڪو "بي سبب سبب آهي ۽ اهو ظاهر آهي تہ خدا ئي آهي."

لیبنز وٽ اهو دليل هڪ خاص صورت اختيار ٿو ڪري. هو دليل ٿو ڏئي تہ دنيا ۾ موجود هر خاص شيءِ شرطيہ يا اتفاقي آهي، يا ڪٽي چڪجي تہ اهو ان خاص شيءِ لئہ منطقي طور تي ممڪن هوندو تہ اها وجود نہ رکي، اها حقيقت تہ رڳو ڪنهن خاص شيءِ پر سڄي ڪائنات سان لاڳو ٿئي ٿي. جيڪڏهن اهو اسين فرض ڪريون تہ هيءَ ڪائنات هميشہ ڪان رهندي آئي آهي، تہ پوءِ بہ انهيءَ ڪائنات ۾ ڪابہ اهڙي شيءِ ڪانهي، جيڪا پنهنجي وجود جي هجڻ جو سبب ٻڌائي سگهي. جڏهن تہ هر شيءِ کي مناسب دليل هجڻ ڪپندو آهي. ليبنز جي خيال ۾ ڪائنات کي هڪ 'ڪُل' جي صورت ۾ ڪو مناسب دليل هجڻ ڪپي، جيڪو ڪائنات ٻاهران هجي ۽ سندس خيال ۾ اهو مناسب دليل خدا آهي.

هيءُ دليل اُڇاتري 'پهرين سبب' واري تصور جي پيٺ ۾ وڌيڪ بهتر آهي، جنهن کي سولائيءَ سان نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. 'پهرين سبب' وارو دليل انهيءَ معلومات تي مدار رکي ٿو،تہ هر سلسلي کي لازمن پهريون نقطو هجڻ ڪپي، جيڪو درست نہ آهي. مثال طور تيٌ پُورن ساترن پاگڻ"جي سلسلي کي ڪوبہ پهريون نقطو يا شرط ڪونهي. پر ليبنز جو دليل انهيءَ نقطہ نظر تي بيٹل ڪونهي، تہ ڪائنات جي ارتقا لازماً هڪ خاص مدت ۾ هجڻ ڪپي. اهو دليل فقط تڏهن درست ٿي سگهي ٿو، جڏهن اسين ليبنز جي 'مناسب سبب' واري قائدي کي درست قرار ڏيون ۽ جيڪڏهن ان قائدي کي اختيار نٿا ڪريون تہ معاملو ئي وڃي پٽ ٿو پئي. 'مناسب دليل' واري قائدي مان اصل ۾ ليبنز چوڻ چا پئي چاهيو؟ اهو اڃان تڪراري سوال آهي. مشهور مُفڪر ڪوچو راٹ جو خيال آهي تہ هڪ سچي رٹ يا بيان 'تجزياتي' هوندو آهي، مثلاً جيڪا شيءِ متضاد هوندي آهي سا پنهنجي وجود ۾ ئي تضاد رکندي آهي. پر اها وضاحت (جنهن جي ليبنز پنهنجي اڻ ڇپيل تحريرن ۾ حمايت ڪئي آهي) جيڪڏهن درست آهي تہ لُڏني علم يا ڳجهي نظريي (Exotoric Doctrine) سان واسطو رکي ٿي. پنهنجي ڇپيل ڪتابن ۾ هو چوي ٿو تہ لازمي ۽ اتفاقي مسئلن جي وچ ۾ فرق آهي. ڇو تہ پويون منطقي قائدن منجهان اسري ٿو ۽ اهو بہ تہ جيڪي بہ. مسئلا وجود بابت بحث ڪن ٿا، سي حادثاتي يا اتفاقي آهن- سواءِ خدا جي وجود واري مسئلي جي. جيتوٹيڪ خدا جو وجود لازمي طرح سان هيو،پر هو ڪنهن بہ منطق ذريعي دنيا کي تخليق ڪرڻ تي مجبور نہ ٿيو، ان جي ابترٌ دنيا جي تخليق سندس آزاد چونڊ هئي، جيڪا لازمن نہ ڪئي ويئي هئي، پر سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رحمت مان اُبريل اُتساھ هيو.

هاڻي اهو واضح ٿي چڪو آهي ته ڪانٽ اهو چوڻ ۾ درست هيو،ته هيءُ دليل موجوداتي دليل تي ٻڌل آهي. جيڪڏهن دنيا جو وجود ڪنهن لازمي وجود جي ڪري ٻڌڻ ۾ اچي ٿو،ته پوءِ هڪڙو وجود اهڙو ضرور هئڻ ڪپي، جنهن جي جوهر مان وجود جي نشاندهي ٿئي، ۽ اهوئي سبب ڪجھ آهي جنهن مان لازمي وجود کي سمجهيو ويڃي ٿو. پر جيڪڏهن اهو ممڪن آهي ته هڪ اهڙو وجود هجي،جنهن جو جوهر وجود کي وچ ۾ آڻي، ته پوءِ 'چڑو سبب' بنان ڪنهن تجربي جي اهڙي وجود کي بيان ڪري سگهي ٿو. جنهن جو تعلق فقط جوهر سان آهي، تنهن کي تجربي کان سواءِ ٻ سمجهي سگهجي ٿو، ليبنز ته گهٽ ۾ گهٽ ايئن ٿو چوي. هتي موجوداتي دليل جي مٽان ڪائناتي دليل جي ڪليل ۽ بظاهر سچي برتري حقيقت ۾ فريب آهي.

• ٽيون جيڪو دليل لافاني سچائي مان ڦٽي نڪري ٿو، تنهن کي مختصراً بيان ڪرڻ ڪجھ ڏکيرڙو آهي. اهو دليل ٽُلهي ليکي هيئن آهي: مثال طور تي ڪا ڳالھ چوڻ ته مينهن وسي رهيو آهي ڪڏهن درست آهي ته ڪڏهن غلط، پر ان جي ٻيٽ ۾ ٻه ۽ ٻه چار هميشه درست هوندو آهي. اهي بيان جن جو هميشه جوهر سان واسطو هوندو آهي،سي يا ته هميشه لاءِ سچا هوندا آهن يا ته ڪڏهن ٻ نه، ۽ اهي جيڪي سدائين سچا هوندا آهن، تن کي 'لافاني سچائيون' چيو ويندو آهي. هن دليل جو خلاصو اهو آهي،ته سچائيون ذهني سَتُ جو حصو آهن. ۽ اهو ٻ ته لافاني سچ،لازمي طور تي ڪنهن لافاني دماغ جي ست جو جزو هجڻ ڪپي. اهڙو دليل اڳ ۾ افلاطون وٽ ٻ موجود آهي، جنهن ۾ هو اخلاقيات کي تصورن جي لافانيت منجهان اخذ ڪري ٿو. پر ليبنز وٽ ساڳيو دليل وڌيڪ ترقي يافته آهي، سندس خيال موجب ته امڪاني يا اتفاقي سچائين جا بنيادي ڪارڻ،لازمي طور تي مستقل ۽ پائيدار سچائين ۾ ڳولڻ ڪپن. هيءُ دليل اسان کي ڏسيل ڪائناتي دليل جهڙو آهي، جنهن موجب: سڃي امڪاني يا اتفاقي دنيا لاءِ ڪو مناسب سبب ضرور هجڻ گهرجي، پر اهو سبب پنهنجي وجود ۾ قطعي ٻ عارضي يا امڪاني نه هجڻ ڪپي- ۽ ان جون پاڙون لافاني سچائين ۾ پختيون ٽيل هجن، پر جيڪو وجود آهي تنهن جي هجڻ جي باري ۾ ڪوبه ڪو پڪو سبب ضرور هجي.۽ اهي ايئن رهي سگهن ٿا، جيئن خدا جي ذهن ۾ سوچون رهن ٿيون. هيءُ دليل ڪائناتي دليل جو هڪ ٻيو روپ آهي. ان جي باوجود هڪ ٻئي اعتراض لاءِ راهون کليل رهن ٿيون. سو اهو ته: سچ ان ذهن ۾ مشڪل سان ئي رهي سگهي ٿو جيڪو سچ تي شڪ ڪندو رهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• چوٽون دليل جيڪو ليبنز جي اڳ ترتيبيل سلسلي (Pre established har-mony) مان مليل آهي،فقط انهن لاءِ قبول ڪرڻ جوڳو آهي، جيڪي سندس بي پهچ وحدتن (Windowless Monads) جيڪي ڪائنات جو عڪس ڏين ٿيون، تن کي تسليم ڪن ٿا. ان لاءِ هن جيڪو دليل ڏنو آهي سو اهو آهي ته: جيڪي بہ گهڙيال بنا ڪنهن اتفاقي واسطيداريءَ جي هڪ ٻئي سان وقت ملائيندا رهن ٿا، تن جي ان عمل جي پٺيان،ڪو اهڙو سبب ضرور هجڻ ڪپندو آهي، جيڪو ٻنهي کي هلائيندو رهيو. پر ان کان پوءِ بہ هڪ ٻي مشڪل پوئتي رهي ٿي، سا اها ته جيڪي سندس وحدتون هڪٻئي سان لڳ لاڳاپو نٿيون رکن، ته پوءِ انهن کي هڪ ٻئي جي "هُجڻ" جي خبر ڪيئن پئي؟ جن کي اسين ڪائنات جو اولڙو ڏسندڙ چئون ٿا، ڪهڙي خبر ته اهي چڙا رڳو خواب هجن. انڪري جيڪڏهن هو سچو آهي بہ ڪٽي،ته خوابن جي دنيا ۾ سندس محنت رڳو اها آهي ته، انهن وحدتن کي هڪ جهڙا خواب لهندي ڏيکاريو آهي. حقيقت ۾ جيڪڏهن سندس نظريي کي ديڪارت جي فڪر جو پس منظر نہ هجي ها ته ڪڏهن بہ اعتبار جوڳو نہ لڳي ها.

پوءِ بہ ليبنز جو دليل سندس مخصوص مابعدالطبعياتي طريقيڪار کان جدا ڪندي،جنهن دليل کي تجويز ڪيل دليل چئجي ٿو- تنهن سان ڳنڍي سگهجي ٿو. جنهن موجب ته سُوجهيل دنيا جي پڙتال کان پوءِ کي اهڙيون شيون بہ ڏسون ٿا، جن کي بظاهر انڊين قوتن جي پيداوار نٿو چئي سگهجي. پر وڌيڪ بهتر ايئن ٿيندو ته ان کي فائديمند مقصد جي نشاني سڏجي.

هن دليل منجهه ڪوبہ رواجي منطقي نُقص ڪونهي. ان جون حدون تجربيت تي مبني آهن ۽ ان جو نتيجو روزمره جي عملي حاصلات ۽ زندگي جي حقيقتن سان ڳنڍي هلائڻ جو درس ڏئي ٿو. تنهن ڪري ان کي قبول ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جو سوال عام مابعد الطبعياتي مسئلن ڏانهن نٿو وڃي، پر ان جي بجاءِ نسبتن تفصيلوار مسئلن کي اهميت ڏئي ٿو. هن ۽ پين دليل جي وچ ۾ هڪ ٻيو بہ بي انتها فرق آهي، سو اهو ته خدا جنهن کي (جيڪڏهن قبول ڪيو ويو آهي) اهو دليل واضح ڪري ٿو، تنهن کي انهن عام رواجي مابعد البعياتي صفتن جي ڪا ضرورت ڪانهي. ڪيس قادر مطلق يا دانا بينا (Omniecient) ٿيڻ جي بہ ڪا گهرج ڪانهي. هن کي ته بس الٰهان کان وڌيڪ ڏاهو ۽ طاقتور هجڻ گهرجي پر ايئن فقط تڏهن هجي، جڏهن هن جي طاقت محدود هجي. ڪيترن ئي جديد دينيات جي عالمن، خدا جي باري ۾ پنهنجن تصورن جوڙڻ مهل، انهن امڪانن جو بہ استعمال ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر اهي قياس ليبنز جي فلسفي کان ڪافي هٿيل آهن جنهن بابت ٿي هاڻي اسان کي ڳالهائڻ ڪپي.

سندس فڪر جي بنيادي ڳالهين مان هڪ اها ب آهي ت ان ۾ ڪيترين ممڪن دنيائن جي هجڻ جا امڪان آهن. جيڪا ب دنيا منطق جي اصولن سان ٽڪراءَ ۾ نہ اچي ٿي سا وجود رکي سگهي ٿي. وٽس لامحدود تعداد ۾ دنيائن جي هجڻ جو تصور آهي، جن جي متعلق حقيقي دنيا تخليق ڪرڻ کان پهرين سوچيو ۽ ويچاريو ويو هوندو. خدا پاڻ جيڪو چگهائي آهي تنهن انهن سڀني امڪاني دنيائن مان بهترين دنيا کي جوڙيو، اهڙي دنيا جنهن ۾ چگهائي برائيءَ جي مٽان حاوي هجي، تنهن کي جوڙڻ کي هن گهٽي اهميت ڏني. هن بديءَ کان پاڪ دنيا ب جوڙي هجي ها، پر اها حقيقي دنيا جهڙي سڻي نہ هجي ها. ان ڪري ٿي ڪي عظيم چگهائيون منطقي طور تي ڪجهه بدين سان لاڳاپيل آهن. ان جو هڪڙو معمولي مثال ڏسون ت ٽاڪ منجهند جي سمي هڪ ٽڏي پاڻيءَ جو گلاس اوهان کي اهڙو ت مزو ڏيندو، جو توهان محسوس ڪندؤ ت اڳ واري اُڄ تڪليف ده هجڻ جي باوجود سهڻ جوڳي هئي، ڇو ت ان کان سواءِ بعد ۾ مليل سرور ايڏو فرحت بخش ۽ شاندار نٿي ٿي سگهيو. ان هوندي ب دينيات ۾ اهڙا واقعا ڪا خاص اهميت ڪونہ ٿا رکن پر گناهه جو ارادي جي آزادي سان واسطو اهميت رکي ٿو. ارادي جي آزادي هڪ عظيم چگهائي آهي پر منطقي طور تي خدا لاءِ اهو ممڪن ڪونهي، ت ارادي جي آزاديءَ جون رحمتون نازل ڪرڻ کان پوءِ، گناهن سرزد نہ ٿيڻ جي خواهش ڪري، تنهن ڪري خدا ماڻهوءَ کي آزاد پيدا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جيتوڻيڪ ڪيس اڳواٽ سُڌ هئي ت آدم صوف ڪائيندو ۽ گناهه آخرڪار لازمي طور تي هلاڪت پيدا ڪندو- ۽ پوءِ اها دنيا،جيڪا آخرڪار تشڪيل ۾ آئي،تنهن ۾ بديون ب آهن، پر انهيءَ ۾ چگهائيءَ کي بچڻائيءَ مٽان تمام گهٽي آڇ مليل آهي، جيڪا ڪنهن ٻي امڪاني دنيا ۾ ڪونهي. انهيءَ ڪري اها سڀني ممڪن دنيائن ۾ بهترين آهي. اتي موجود بدي خدا جي چگهائيءَ ۽ ودڻائيءَ جي خلاف ڪوب دليل آڻي نٿي سگهي. بظاهر ان دليل ٿي پروشيا جي راڻيءَ کي مطمئن ڪيو، نتيجي ۾ سندس غلام سدائين بديءَ جي هٿان سڙندا رهيا،جڏهن ت هوءَ سدائين خوش خرم رهي. مٽان وري ليبنز جهڙي عظيم فيلسوف جي ان سَنَد ت:اهو سڀ سڻ ۽ درست آهي- کيس اطمينان ٿي بخشيو.

ليبنز جو بدين جي باهه مان چوٽڪاري وارو حل،سندس ٻين اڪثر مشهور نظرين وانگر منطقي طور تي ممڪن آهي، پر مطمئن ڪندڙ ڪونهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايراني فليسوف مانيءَ جو ڪو پوئلڳ (Manichaen) (1) انهيءَ جي جواب ۾ چئي سگهي ٿو، ته هيءَ دنيا سڀني ممڪن دنيا ۾ بدترين آهي، جنهن ۾ چگيون شيون فقط ان لاءِ آهن ته جيئن بدين کي اتر ڪري سگهن. هو چئي سگهي ٿو ته هيءَ دنيا هڪ بدنيت پالٽهار (Demiurge) (2) پيدا ڪئي آهي. جنهن ۾ ارادي جي آزادي، جيڪا چگائي آهي، سا ان لاءِ ڏني وئي آهي ته جيئن، برائيءَ جو بنياد پختو ٿئي- جيڪا خراب آهي. جنهن ۾ بدي، ارادي جي آزاديءَ مٿان واري چگائيءَ کي مات ڏئي ويجي- سلسلي کي برقرار رکندي، هو ايئن ٻ چئي سگهي ٿو ته انهيءَ ساڳيءَ Demiurge ڪجهه نيڪ مرد ٻ پيدا ڪيا، ته جيئن اهي بدنيت ماڻهن جي هٿان سزا وارا ٿين. ڇو ته نيڪ مرد جو سزاوار ٿيڻ، بذات خود هڪ ايڏي وڏي بدي آهي، جو اها دنيا کي ايترو ته حقير بڻائي ٿي، جو لڳي ٿو ته اُتي ڪنهن اشراف جو ڪو وجود ئي نه رهيوهجي. آئون هن راءِ کي دلچسپ سمجهندي ٻ ان جي وڪالت نٿو ڪريان. مان فقط اهو ٿو چوان ته اها ليبنز جي نظريي کان وڌيڪ، ڪنهن ٻ طرح دلچسپ ڪونهي. ماڻهو ڪائنات کي چگو ڏسڻ گهرن ٿا، تنهن ڪري اهڙن دليلن جي ڪچائيءَ کي ٻ نظر انداز ڪري ويندا، جيڪي انهيءَ قسم جي تاثر جي پيٽ ۾ ڏُک ڏين ٿا- ۽ اهي برا دليل، جيڪي اهو ثابت ڪري ٿا وڃن، ته اها (ڪائنات) ڪِنهي آهي، سي انتهائي غور سان پرکيا ويندا. انهيءَ حقيقت ۾ ڪوشش ڪونهي، ته دنيا ۾ چگائيون توڙي مَنايون ٻئي آهن ۽ جيستائين انهيءَ واضح حقيقت کان انڪار نٿو ڪيو وڃي، تيستائين ڪوبه بديءَ جو مسئلو پيدا ڪرڻ ٿو ٿئي.

آئون هاڻي ليبنز جي لُدني يا مخفي فڪر (Esotoric Philosophy) بابت ڳالهائيندس، جنهن ۾ نه رڳو اسين سندس خود مختيار (Aribitary) يا دلچسپ فڪري روين جا بنيادي سبب ڳولهي ڪڍون ٿا، پر انهيءَ سان گڏ سندس نظريي جون اهي وضاحتون ٻ سمجهون ٿا، جيڪي جيڪڏهن رڳو عام طرح تي سمجهيون وڃن ها، ته انهن کي تمام گهٽ پسند جوڳو بڻائي ها. اها سارا

---

(1) ايران جي عظيم شخصيت 'ماني' جي پوئلڳ کي چيو ويندو آهي، جنهن جي بنيادي عقيدي موجب: هر شيءِ ٻن اصولن مان ڦٽي ٿي- جن کي اونده ۽ روشني يا چگائي ۽ برائي سڏي سگهجي ٿو.

(2) افلاطوني فيلسوفيءَ موجب ان کي دنيا جو خالق سڏيو ويو. پر هتي ان جي معنيٰ اڳنان واد موجب ورتل آهي- جنهن موجب اهو خالق برتر هستيءَ جو نائب آهي، جنهن ان هستيءَ کي دنيا ناهڻ دؤران نائب جا فرض ادا ڪيا. پر ان کي ئي برائيءَ جو سرجڻهار ٻ سڏيو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوڳي حقيقت آهي ته هن پاڻ کان پوءِ جي،فلسفي جي شاگردن جي مٿان ايڏو ته گهرو اثر ڇڏيو، جو سندس مُسودي جي سنڀرڻن جي اڪثريت (جن سندس تصنيفن جي بي انداز مواد مان چونڊ ڪري ڇپرايو) سندس انهن وضاحتن کي اهميت ڏني، جن سندس فڪر جي طريقہ ڪار وارين وضاحتن جي مدد ٿي ڪئي. ۽ انهن سڀني تحريرن کي رد ڪري ڇڏيو،جنهن کيس هڪ بيمثال مفڪر جي درجي کان گهٽ ٿي ڪيو. سدس نصاب جو وڏو ياڳو جنهن تي اسان کي سندس Esotoric فڪر کي سمجهڻ لاءِ لازمي پاڙڻو پوندو، سي پهريائين 1901ع يا 1903ع ۾ لوئي ڪو چوراٽ پن جلدن ۾ ڇپرايا، جن منجهان هڪ ليبنز جي هٿن اکرن سان شروع ٿي ٿيو: "هن تحرير ۾ مون زبردست ترقي ڪئي آهي." ان جي باوجود ڪنهن ڇپائيندڙ ليبنز جي مرڻ کان ٻه سؤ سال پوءِ تائين، انهيءَ کي ڇپجڻ جوڳوئي نه سمجهيو. اها حقيقت آهي ته آرنالڊ ڏي لکيل خط،جنهن ۾ سندس فڪر جو وڏيڪ اهم حصو اچي وڃي ٿو، سو ته مورگو وڃي اٺويه صديءَ ۾ ڇپيو.۽ انهن ۾ به آڻون پهريون ماٺو هيس، جنهن انهيءَ جي اهميت ۽ قدر و قيمت کي سڃاتو.

محسوس ايئن ٿو ٿئي ته آرنالڊ اهي خط حاصل ڪندي،ڪنهن خاص اتساه جي بجاءِ مايوس ٿيو هيو، جيئن هن هڪ هنڌ لکيو آهي: "هنن خيالن ۾ مون ڪيترين ڳالهيون اهڙيون ڏٺيون آهن جيڪي پُلجان نٿو ته، مون سميت سڀني کي چرڪائن ٿيون، اُهي ايڏيون ته صدمي جو باعث آهن جو مون کي اهي ڪنهن به ڪم جون نه ٿيون لڳن، جو ته انهن کي پهرين نظر ۾ ئي سڄي دنيا رد ڪندي." انهن بيرخيءَ سان پريور ويڃارن ٻڌڻ کان پوءِ،ليبنز فيلسوفيءَ جي متعلق،پنهنجي اصلي فڪر کي لڪائڻ واري پاليسي اختيار ڪئي.

پرچ (Substance) جو تصور جيڪو ديڪارت، اسپنوزا ۽ ليبنز جي نظرين ۾ بنيادي اهميت رکي ٿو، سو موضوع (Subject) صفت يا خاصيت (Predicate) جي منطقي درجن مان نڪتل آهي. ڪيترائي لفظ اهڙا آهن جيڪي موضوع ۽ خاصيت ٻئي ٿي سگهن ٿا، مثلاً: آڻون چئي سگهان ٿو ته "آسمان نيرو آهي" ۽ "نيرو هڪ رنگ آهي". ٻيا لفظ جن ۾ خاص اسم بالڪل واضح لڳا پيا هوندا آهن، سي ڪڏهن به صفتون ٿي نٿا سگهن، اهي فقط موضوع يا ان سان واسطيدار ٻيو ڪجه ٿي سگهن ٿا. اهي لفظ گڏجي پرچ کي جوڙين ٿا. هڪ پرچ هن منطقي خاصيت جي حوالي سان مڪان اندر تيستائين قائم رهي ٿو،جيستائين خدا جي سرو- شڪتي،ڪيس ناس نٿي ڪري (ايئن عام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طور تي ڪونہ ٿئي ٿو). هر سچي رٽ "سڀ ماڻهو فاني آهن" واري رٽ وانگر يا ته عام ٿئي ٿي. جو ته ان ۾ سُڌ پوي ٿي ته هڪ خاصيت ٻئي خاص (Particular) تي لاڳو ٿئي ٿي، مثلاً: "سقراط فاني آهي". هتي خاصيت موضوع ۾ سمايل آهي ۽ خاصيت مان ظاهر ڪيل معيار پرج جي تصور جو حصو آهي، جيڪو موضوع مان واضح ٿيل آهي. سُقراط سان جيڪا ٻ وارتا ٿئي ٿي،سا فقط هڪ جملي مان معلوم ڪري سگهجي ٿي. جنهن ۾ سُقراط خود موضوع آهي ۽ لفظ جيڪي وارتائن کي سوال ۾ واضح ڪن ٿا، سي خاصيتون آهن. هي سڀ گڏيل خاصيتون گڏجي سقراط جو تصور پيدا ڪن ٿيون. جيڪو ڪجهہ ٻ آهي سو سندس (سقراط) سان ئي واسطو رکي ٿو، انهيءَ مفهوم ۾- جنهن ۾ پرج مان اهي ثابت معلوم نٿي سگهن،سو سقراط نہ پر ڪو ٻيو هوندو.

ليبنز نہ رڳو منطق ۽ ان جي دائرن ۾ ڦلهيل اهميت ۾ ويساهہ رکندو هيو، پر ان کي مابعد الطبعيات جو ٻ بنياد سمجهندو هيو. هن مابعد الطبعياتي منطق تي ٻ ڪم ڪيو ۽ جيڪڏهن هو انهن کي ڇپرائي هاڻ ته اهي وڏي اهميت رکن ها. جيڪڏهن ايئن ڪري هاڻ ته ڪيس رياضياتي منطق جو ابو سڏيو وڃي ها، جنهن بابت سندس ڪيل ڪم جي ڪري،انهيءَ علم جي ڏيڍ صدي اڳ دنيا کي پروڙ پئجي ها، پنهنجن تخليقن کي ڇپائڻ کان هن انهيءَ ڪري هترڪيو، جو هو ان جستجو ۾ لڳو رهيو،ته ارسطو جي دليلي منطقيت (Syllogism) واري نظريي کي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ ڪي پڪيون پختيون شاهديون حاصل ڪري سگهي، پر اهو ان ڪري ممڪن نٿي سگهيو، جو ارسطو جي هن دل سان عزت ٿي ڪئي، تنهن ڪري ڪيس وري اها ڳالهہ مغز ۾ اچي ويئي ته ارسطو نہ پر هو پاڻ غلط هيو. پوءِ ٻ هوسڃي عمر انهيءَ قسم جي عام رياضيءَ جي ايجاد ڪرڻ واري خواهش سانديندو رهيو. جنهن کي هن (Charachterstica Universalis) ٿي ڪوليو. جنهن جي ايجاد ٿيڻ سان،اسان سوچن کي ڳاٽيٽي هيٺ آڻي ٿي سگهيا سون. ليبنز لکيو آهي :. "جيڪڏهن اسين اهو ڏاڪو پار پٹون ته اسين اخلاقيات ۽ مابعد الطبعيات ۾ دليل ڏئي سگهندا سون ۽ ساڳيو طريقہ ڪار تجزيي ۽ جاميٽريءَ ۾ استعمال ڪري سگهندا سون". ۽ انهيءَ ايجاد کان پوءِ ٻ جيڪڏهن کي اختلاف ٿين ها،ته فلاسافر پاڻ ۾ جهڳڙا ڪرڻ بدران،ٻن اڪائونٽنٽن وانگر قلم کڻي آمهون سامهون ٿي ويهن ها- ۽ چون ها ته (ٻلي سندن ٻيان ساڻي مٿان ٻيهي کين ڏسن ها) اڇ ته حساب ڪريون."

ليبنز پنهنجي فڪر کي ٻن منطقي نقطن تي ٻيهاريو 1- تضاد جو قانون ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2۔ دليلي پورت جو قائدو۔ ٻنهي جو بنياد هڪ تجزياتي رٽ جي تصور تي بيٺل آهي،جيڪا اهڙي آهي،جنهن جي موضوع ۾،خاصيت سمايل آهي. مثال طور تي "سپ گورا ماڻهو اڇا آهن." تضاد جو قائدو ٻڌائي ٿو،ته سيئي تجزياتي رٽون سچيون آهن،جڏهن ته دليلي پورت جو قائدو (رڳو Esotoric نظريي تحت) ٻڌائي ٿوته سپ سچيون رٽون تجزياتي هوندیون آهن. اهي اصول تجربيت تي ٻڌل ڳالهين (جيڪي حقيقتن متعلق ٽيل آهي) تي ٻ لاڳو ٿين ٿا. جڪڏهن اٽون مسافري ڪريان ٿوته منهنجي پنهنجي تصور،هڙني پاسن کان سفر جو تصور ٻ جوڙي ڇڏيو آهي، جيڪو حقيقت ۾ منهنجي خاصيت آهي. اسين چئي سگهون ٿا ته ڪو ٻ انفرادي پرج يا مڪمل وجود، فطرت کي ايڏو ته مڪمل تصور هجڻ کپي،جو اهو آساني سان معلوم ٿي وڃي ۽ انهيءَ جو اشتقاق ڪري،موضوع جي سيني خاصيتن (جنهن سان هيءُ تصور لاڳاپيل آهي) جو نتيجو حاصل ڪري سگهجي. تنهن ڪري هڪ بادشاه جا معيار،جيڪي عظيم سڪندر جي ذات جو حصو آهن ۽ موضوع کان ڪافي هٽيل آهن، سي ڪنهن ٻ فرد جي سچاڻپ لاءِ ڪافي ناهن، جيڪي ساڳئي موضوع جي ٻين خاصيتن کي شامل ڪونہ ٿا ڪن ۽ نہ وري ان شهزادي جي تصور کي واضح ٿا ڪن. جڏهن ته خدا انفرادیت توڙي لطافت يا نفاست (Haeccity) ٻنهي کي سمجهي ٿو، جنهن ۾ هو سيني وضاحتن جا بنيادي سبب ڄاڻائي ٿو، جيڪي حقيقت ۾ سندس (سڪندر جا) جُز آهن..مثال طور تي هو دارا ۽ پورس کي شڪست ڏيندو. بلڪ اها ٻ ڪيس اڳواٽ خبر هئي (ٻنا ڪنهن تجربي هٽڻ جي) ته هو طبعي موت مرندو يا ڪيس زهر ڏنو ويندو، جنهن بابت اسان کي معلومات رڳو تواريخ جو مطالعو ڪرڻ مان ملي ٿي.

مابعد الطبعيات جي متعلق سندس انتهائي پختن راين مان هڪ آرنلڊ ڊانهن سندس خط مان ملي ٿو. جنهن ۾ هن لکيو آهي ته: 'هر سچي مسئلي لاءِ جڏهن پنهنجي خيال سان رابطي ۾ اچان ٿو ته اتفاقي يا لازمي هر قسم جي صفت، ماضي توڙي حال يا مستقبل، سپ سمجهه ۾ اچي ٿو ته موضوع منجهه سمايل آهن. تنهن ڪري مون کي وڌيڪ تفصيل ۾ وڃڻ جي ضرورت ئي نٿي ٿئي..... سواليہ خاصيت جي وڏي اهميت آهي ۽ جنهن کي لازمي طور تي چگي طرح بيهارڻ جي ضرورت آهي، ڇو ته اها سمجهي ٿي ته هر روح دنيا کان عليحده پنهنجو وجود رکي ٿو ۽ اهو سواءِ خدا جي ٻئي هر شيءِ کان ڌار آهي. اهو ٻ ته اهو نہ رڳو لافاني آهي پر انهيءَ ڪري بي حس ٻ آهي۔ ۽ اهو پنهنجي پرج جي اندر پاڻ تي ٽيندڙ هر عمل جي سڌ ٻ رکي ٿو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳتي هلي هو چوي ٿو ته پرج ڪڏهن به هڪ ٻئي تي اثرانداز ڪونه ٿيندا آهن. پر دنيا تي اولڙو چڏڻ مهل، منجهن هم آهنگي هوندي آهي، جڏهن ته هر ڪنهن جو رخ ڌار ڌار هوندو آهي. انهن جي وچ ۾ ڪو تعلق ٿي سگهي ٿو، جوئي هڪ حصو آهي جيڪو ازل کان جاتل آهي، جيڪڏهن اهو پرج وجود رکي ٿو. هي سڄو طريقئه ڪار واضح طور تي اسپنوزا جي جبريت وانگر لڳي ٿو، آرنالڊ سندس هڪ موقف (يعني ليبنز جي) ۾ پؤ ڏيکاريندي چوي ٿو: هر ماٹھوءَ جو انفرادي تصور هڪ پيرو ٿيڻ کان پوءِ،هميشه لاءِ انهيءَ ڳالھ سان لاڳاپجي وڃي ٿو،جيڪا ڪڏهن ساٹس پيش ايندي.

اهو نقطئه نظر سنئون سڌو ڪرستاني مذهبي دليل جي، "ڏوھ ۾ ارادي جي آزاديءَ واري نظريي" جي بالڪل ابتڙ آهي. اهو نظريو آرنالڊ جي طرفان چگي موٽ نه ملڻ جي ڪري ليبنز عوام آڏو آٹڻ کان پرهيز ڪئي.

اهو سچ آهي ته انسانن لاءِ سچ جي منطق جي ذريعي جاڻڻ سچ جي تجربي ذريعي حاصلات ۾ فرق آهي، اهو فرق بن مختلف رخن مان ظاهر ٿئي ٿو. پهرين ۾ جيتوڻيڪ جيڪا به وارتا آدم سان پيش آئي،سا بهرحال سندس خيال جي ئي پيداوار هئي، ۽ جيڪڏهن سندس وجود آهي ته اهو به اسان کي تجربي ذريعي معلوم ٿئي ٿو. ٻئي ۾ ڪنهن به جدا پرج جو تصور وسيع طور تي منجهيل آهي- ۽ اهو تجربو جيڪو سندس صفتن کي گهٽائي، سو رڳو خدا جي هٽ وس ئي آهي. اهي فرق رڳو اسان جي اڻ جاڻائيءَ ۽ شعور جي محدود هجڻ ڪري ئي آهن،جيڪي خدا لاءِ وجود ئي نٿا رکن، خدا آدم جي سيني خيالن کي سندس وسيع مونجهارن سميت جاڻي ٿو ۽ تنهن ڪري هڪ تجزيه نگار جي حيثيت ۾ آدم بابت سيني دعوائن کان واقف آهي. تنهن ڪري خدا آدم جي وجود متعلق به اڳواٽ جاڻي سگهي ٿو. چو ته خدا پنهنجيون سڀ نيڪيون جاڻي ٿو، جنهن مان اها خبر پوي ٿي ته هو هڪ ممڪن بهترين دنيا ٺاهيندو ۽ اها به خبر رکندو ته آدم هن دنيا جو ڪو حصو ٺاهيو آهي يا نه- انهيءَ ڪري پنهنجي اٽڪاڻائيءَ ڪري،اسان لاءِ جبريت کان انڪار ڪرڻ جي لاءِ،ڪا واھ ڪونهي.

ان کان سواءِ هڪ ٻيو نقطو به ڏاڍو تجسس پريو آهي، سو اهو ته هميشه ڏسڻ ۾ ايئن ٿو اچي،ته ليبنز تخليق کي خدا جو آزاد عمل جاڻائي ٿو- جيڪا سندس عمل جي محتاج آهي. هن فيلسوفيءَ موجب جيڪو ڪجھ وجود رکي ٿو، تنهنجي معلومات مشاهدن مان ڪوبه اثر قبول نٿي ڪري، پر ان جي ابتدا خدا جي ٻاجھ وهيٽي آهي. خدا جي اها ٻاجھ جيڪا ڪيس هيءَ ممڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهترين دنيا تخليق ڪرڻ ترڀاتساهي ٿي. تنهن ڪان سواءِ ٻيو ڪوبہ اڳواڻ وارو سبب ڪونهي تہ هڪ دنيا ٻي دنيا بجاءِ ڇو رهڻ ڪپي.

پر انسانن کي نہ ڏسيل ۽ رڳو ڪاڳرن تي مبني هڪ اهڙو بہ نظريو آهي، جنهن موجب هڪ شيءِ هجڻ ڪپي ۽ ٻي سندس جهڙي ساڳي شيءِ نہ هجڻ گهرجي. هن نظريي موجب جيڪا شيءِ وجود نٿي رکي سا وجود رکڻ لاءِ ڪوشان آهي، پر سڀ ممڪن شيون وجود ۾ اچي نٿيون سگهن، ڇو تہ اهي سڀئي 'ترتيب ڏيڻ لائق' نہ آهن. اهو ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ الف جو وجود هجڻ گهرجي ۽ ب ممڪن بہ وجود رکي، پر اهو ضروري ناهي تہ ٻئي يعني الف ۽ ب وجود رکن، انهيءَ معاملي ۾ ٻئي (الف ۽ ب) ترتيب ڏيڻ لائق نہ آهن. ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ شيون فقط تڏهن ترتيبي سگهجن ٿيون، جڏهن انهن سڀني لاءِ وجود رکڻ ممڪن هجي. لڳي ٿو تہ ليبنز هڪ اهڙي قيد خاني (Limbo) (1) ۾ جنگ جو تصور ناهيو آهي، جنهن ۾ اتي جي رهندڙ جي جوهر ۾ اها ڳالهہ شامل ٿي وئي آهي تہ اهي سڀ وجود رکڻ چاهين ٿا. هن جنگ ۾ 'ترتيب جوڳن' جا ٽولا گڏ آهن، جن مان "ترتيب لائقن" جو سڀ کان وڏو گروهہ ڪنهن سڀني کان وڏي سياسي پريشر گروپ- جيڪو سياست ۾ ٻين کي مات ڏئي ٿو، تنهن وانگر فاتح ٿئي ٿو. ايتريقدر جو ليبنز ساڳيو تصور وجود جي وضاحت وارو طريقو ڪري بہ استعمال ڪري ٿو. جيئن هو چوي ٿو: 'موجود ان کي چئبو جيڪو وڌ ۾ وڌ شين سان مناسب ۽ موزون هجي، بجاءِ انهيءَ شيءِ جي، جيڪا پنهنجو پاڻ سان ئي سنوٽ ۾ نہ هجي. ان ڪري چئبو تہ جيڪڏهن الف ب سان موزون ناهي ۽ جڏهن تہ ساڳيو الف، ت، ج ۽ ن سان سنوٽ ۾ آهي، ان جي مقابلي ۾ ب رڳو و ۽ ڪ سان تال ميل ۾ آهي، تہ پوءِ وضاحت جي لحاظ کان الف جوئي وجود هجڻ کپي. سَندس چوڻ موجب 'موجود هڪ اهڙو وجود آهي جيڪو تمام گهٽين شين سان هم آهنگ آهي.'

انهيءَ طريقي ڪار منجهہ تہ خدا جو ذڪر ئي ڪونہ ڪيو ويو آهي ۽ پوءِ ظاهر آهي تہ تخليق جي عمل جي بہ ڪا ڳالهہ ڪونهي، تنهن ڪري ڪنهن بہ وجود جي پڪ لاءِ، سواءِ خالص منطق جي،ٻي ڪنهن بہ شيءِ جي ضرورت ڪانهي. الف ۽ ب جي موزون هجڻ وارو سوال ليبنز وٽ ان جو منطق جو سوال آهي. انهيءَ ڪري مثال طور هڪ سوال ڪجي تہ: ڇا الف ۽ ب ٻنهي جو

(1) عيسائي عقيدي موجب دوزخ جي پرسان اها سرحد جتي غير عيسائي نيڪ مردن ۽ ٻارن کي رکيو ويندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجود ڪنهن تضاد کي ايياري ٿو؟ انهيءَ مان سڌ پئي ته نظريي ۾ ڪنهن به گروهه جي موزون هجڻ واري سوال جو جواب،منطق ئي ڏئي سگهي ٿي ۽ نتيجي ۾ جنهن ڏر جي فائدي ۾ فيصلو هوندو اهائي وجود رکندي. پر پوءِ به شايد ليبنز وجود جي مٿين وضاحت کي پنهنجو مؤقف نٿي سمجهيو، جيڪڏهن ڇڙو اهو ئي معيار هجي ها ته پوءِ ان کي سندس انهن مشهور تصورن سان ڳنڍڻ ممڪن هيو، جنهن کي هن "مابعد الطبعياتي ڪماليت' سڏيو آهي. اها اصطلاح جنهن کي هن 'مابعد الطبعياتي ڪماليت' سڏيو آهي، لڳي ٿو ته ان جو مقصد وٽس وجود جي مقدار جو آهي، ان لاءِ هو چوي ٿو ته "اها هيو ڪجھ نہ پر هڪ اهڙي مثبت سچائيءَ جي عظمت آهي،جيڪا پابنديءَ سان جاتي وئي آهي.' هو سدائين دليل ڏيندو رهيو آهي ته جيترو به ممڪن هيو،اوترو خدا تخليق ڪيو آهي. اهوئي سندس انهن مکيه دليلن مان هڪ دليل آهي، جيڪو پولار (Vaccum) جي تصور کي رد ڪري ٿو. عام طور تي هڪ ڪاڪ ميڪي ويندي آهي (جنهن کي آئون ڪڏهن به سمجهي نہ سگهيو آهيان) ته نہ هجڻ کان بهتر آهي ته هجڻ- ۽ انهن ئي بنيادن تي ٻارن کي نصيحت ڪئي ويندي آهي ته سدائين پيءُ ماءُ جا ٽورائتا رهن. بظاهر ليبنز به انهيءَ ڪاڪ کي تسليم ٿي ڪيو ۽ ڪائنات کي جيترو ممڪن ٿي سگهي، اوترو پرفيڪٽ تخليق ڪرڻ واري ڪاڪ کي، خدا جي ڀاڄ ٿي سمجهيو. انهيءَ مان معلوم ٿيندو ته حقيقي دنيا سڀني کان وڌي هم آهنگ (Compossible) گروهه تي مبني آهي. پوءِ به اهوئي درست ٿيندو،ته فقط منطق ئي ڪجھ وڙائتن منطق جي استادن ذريعي،اهو ثابت ڪري سگهندي، ته مليل ممڪن پرفيڪٽ رهندو يا نہ.

ليبنز پنهنجي ذاتي سوچ ۾ انهن فيلسوفن جو بهترين مثال آهي،جن منطق کي مابعد الطبعيات جي ڪنجي سمجهي استعمال ڪيو. انهيءَ فلسفي جا بنياد پرمينائيڊس کان شروع ٿين ٿا،جتان کان افلاطون پنهنجي 'تصورن جي دنيا' (World of Ideas) (1) واري نظريي ۾ منطق کان ٻاهر جي مسئلن کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪم آندو آهي. اسپنوزا ۽ هيگل پڻ ساڳئي گروپ ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا، پر منجهائن ڪوبہ ليبنز وانگر واضح نہ آهي، جيڪو علم نحو مان نتيجا ڪيندي، حقيقي دنيا سان انهن کي جوڙي ٿو. انهيءَ قسم جي دليلبازي تجربيت جي ايار ۽ واڌ جي سلسلي ۾ ڪافي اختلافن ۾ وکوڙيل آهي. جتي

---

(1) افلاطوني فڪر موجب هيءَ دنيا انهيءَ دنيا جو پاڇو آهي، جيڪا دنيا حقيقي آهي. اُن حقيقي دنيا کي افلاطون World of Ideas يا تصوراتي دنيا سڏيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي ۽ درست (Valid) نتيجا،ٻوليءَ مان ٻي لساني (non Linguistic) حقيقتن ۾ حاصل ٿيڻ، هڪ اهڙو سوال آهي،جنهن کي آئون ڪڏهن ۽ عقيدو بڻائڻ جي ڪوشش نہ ڪندس. پر بيشڪ جيڪي نتيجا ليبنز ۽ ڪائنس اڳ جي فلسفين وٽان حاصل ٿيل آهن سي درست ڪونهن. ڇو تہ سيني جي پٽيان منطق جو نقص پريو استعمال ٿيل آهي، موضوع ۽ خاصيت واري منطق، جيڪا ئي گذريل دؤر جي سيني فيلسوفن معلوم ڪئي آهي، سا سيني واسطيدارين کي يا تہ مڪمل طور تي رد ڪري ٿي يا وري واسطيدارين کي غير حقيقي ثابت ڪرڻ لاءِ غلط دليل پيدا ڪري ٿي. ليبنز انهيءَ موضوع- خاصيت واري منطق کي ڪثرت سان ملائڻ واروءغير مستقل مزاجيءَ سان پرپور خاص ڏوهہ ڪيو آهي. 'ڪيترائي Monads موجود آهن.' واري سندس رٽ،انهيءَ موضوع- خاصيت واري ترتيب منجهان نڪتل ڪانهي. اهو فيلسوف جيڪو هر رٽ کي انهيءَ جوڙ جڪ (موضوع خاصيت واري) سان مستقل واڳيل ڏسي ٿو، سو اسپنوزا وانگر اڪائيت جو اقراري هٿ ڪپي/ جڏهن تہ ليبنز اڪائيت کي رد ٿي ڪيو. ڇو جو هن جو گهٽي ياڳي علم حرڪيات (Dynamics) تي زور هيو. ۽ انهيءَ دليل تہ:وُڌاءُ ورجاءَ کي ۾ وچ ۾ آڻي ٿو، سو ڪڏهن ۾ اڪيلي پرچ جي صفت نٿو ٿي سگهي.

ليبنز هڪ موڳو لکاري آهي ۽ جرمن فلسفي تي سندس اثر ٻڌاڪن ۽ انهيءَ کي بي چسو ڪرڻ وارو پيو. سندس شاگرد وولف جنهن جو ڪانٽ جي مشهور ڪتاب "خالص دليل تي تنقيد" جي شايع ٿيڻ کان پهرين جرمنيءَ جي علمي حلقن تي گهرو اثر هيو، تنهن ليبنز جي دلچسپ تحريرن جي گهٽي ياڳي کي،تہ هٿ ئي نہ لاتو ۽ سندس سڄو ڪسبي طريقہ ڪار سان پرپور فڪر،اسان آڏو پيش ڪيو. جرمنيءَ کان ٻاهر ليبنز جو اثر تمام گهٽ هيو. سندس همعصرن مان جان لاڪ تي برطانوي فڪر جي وڏي ڇاپ هئي ۽ فرانس ۾ جيستائين والٽيئر پنهنجو وارو نہ وڃايو،تيستائين ديڪارٽ جي ئي ساري سَرِ رهي، جنهن برطانوي تجربيت کي فقط هڪ فٽشن جو درجو ٿي ڏنو.

پوءِ ۾ بيشڪ ليبنز هڪ عظيم شخص هيو ۽ سندس عظمت اڳ جي پيٽ ۾ هاٿي وڏيڪ چٽي ٿي آهي، انتهائي معمولي ذرڙن جي مڪمل ڪٽ (Infinitismal Calculus) جي موجود هجڻ ۽ علم رياضيءَ ۾ شُهرت کان سواءِ هو رياضياتي منطق جو پايو وجهندڙ هيو. جنهن جي اهميت هن ان مهل محسوس ڪئي، جڏهن ٻئي ڪنهن کي ان متعلق ڪا سڌ ئي نہ هئي. سندس فيلسوفياڻا مفروضا دلچسپ هوندي ۾ بلڪل واضح آهن ۽ منجهن اها خاصيت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ته شين بابت مختصر ۽ جامع وضاحتون ڏين. سندس وحدتون (Monads) اڄ به سوجهيءَ جي پرک لاءِ،هڪ سود مند محرڪ جي طور تي ڏسي سگهجن ٿيون- ان هوندي به جو انهن کي بي پهچ (Windowless) سمجهي تسليم نٿو ڪري سگهجي. سندس انهيءَ Monads واري نظريي ۾ مون جيڪا بهتر ڳالهه ڏٺي آهي سا آهي مڪان (Space) جي باري ۾- ته اها بن قسمن جي آهي، جنهن مان هڪ،هر Monad جي سوجهيءَ لئه داخلي آهي ۽ بي جيڪا خارجي آهي- ۽ جيڪا مختلف Monads جي رخن جي هڪ بئي سان ربط مان پيدا ٿئي ٿي، جنهن کي منهنجي خيال ۾ طبعيات سان وابسطا ادراڪ ۾ ايڏا به اهميت حاصل آهي.

(برٽرنڊرسل جي ڪتاب *History of Western Philosophy* تان ورتل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



جان لاک

جنم: 29 آگست 1632ع
لاڌاٽو: 28 آڪٽوبر 1704ع

1932ع ۾ هڪ خط ذريعي مهان آئنسٽائن کان ٻه سوال پڇيا ويا، جن مان پهريون هئو ته: "ڇا سنڊس ڪا فيلسوفي آهي؟" ۽ ٻيو ته: "ڇا فيلسوفي غلط محاورن جي استعمال جو نالو آهي؟" عظيم استاد آئنسٽائن جواب ۾ لکيو هئو: "فيلسوفي هڪ اهڙي ماءُ وانگر آهي جنهن ٻين هڙني سائنسي علمن کي جڙيو آهي، تنهنڪري اسان کي ان جو مذاق اڏائڻ نه ڪپي"۔ ڪو ڪٽي ڇاڙ چوي پر سڄي دنيا اهو تسليم ڪيو آهي ته استاد آئنسٽائن ڪائنات ۾ جنميل انهن ٻڌن ڏهڻن منجهان آهي، جن کي "انساني تاريخ جي سونهن" چئجي ٻه ته واڌاءُ ڪو نه ٿيندو. فيلسوفيءَ بابت اها راءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڻ سان گڏو گڏ هن اسان کي هڪ ٻي صلاح ب آي هئي ته "..... مارڊاڙ سان پريور اخبارون پڙهڻ کان بهتر آهي ته کو منڙو ۽ دل گهريو دوست ناهيو، جيکو سوچ جي اُڏام توهان جهڙي رکندو هجي، يا گذريل دور جي امر انسانن کانٽ، گوئٽي، لاک ۽ لسينگ جي خيالن مان احساسن کي تازو کريو."

مان سمجهان ٿو ته فيلسوفي ۽ فيلسوف لاءِ هن عظيم شخص جي انهيءَ سند کان وڌيڪ ٻي کا ب ڳالهه نٿي ٿي سگهي. چاکاڻ جو جڏهن ب ذهن مصيبتن ۽ مونجهارن جي صحرا ۾ ٽپڪي، دربدر ٿي ساٿو ۽ ٻي همت ٻڌجي، کري پوندو آهي ته اها علم جي هير ٿي ڀُڃي ٿي جيکا گُهلي پوندي آهي ۽ ٽکاوٽ، بيزاريءَ ۽ مونجهه جو اهڙو تياق کندي آهي، جو منزل ڏانهن وک کڻڻ لاءِ نئين امنگ ۽ تڙپ پيدا ٿي پوندي آهي- ۽ اهو ته سڀ کو مجي ٿو ته فيلسوفي علمن جو ستُ آهي، جيکا ڄاڻ جي مڙني شعبن ۾ نئون روح ڦوڪي ٿي. سڄي فيلسوفيءَ جي تواريخ ۾ وري جان لاک جهڙو پٽ کنهن ٻيءَ ماءُ شايد ئي جڻيو هجي! يورپ ۾ آيل اونداهي آندي (Dark Ages) جي خاتمي جو باقائده اعلان سندس فکر ۾ "Tabula Rauza" جي ٻانگ سان ٿئي ٿو، جنهن جو مطلب ٿيندو ته: ذهن تختيءَ وانگر آهي، جڏهن ته تجربو ئي ڄاڻ جو محرک آهي- کانئس اڳ پاسکل، ٽامس مور، ايراسمس توڙي ديکارت، اسپنوزا ۽ ليبنز وغيره ب مدي خارج روين خلاف شاندار جدوجهد کئي، پر تڏهن ب هنن تجربي کي هر تحرک جي جَڙ ڄاڻائڻ کان هَٿر ٽپي کيو ۽ کيترين ئي ڳالهيون لکائي ڇپائي بيان ٿي کيائون. جان لاک "اڳ مؤجود" (A priori) ۽ "جمر کان اڳ" (Innate) وارين اصطلاحن کي رد کندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيو تہ، "ذهن ۾ ڪا به شئي جائي جم ڪان پريل ڪانهي، پر وجود وٽ ڪان پوءِ انسان جو ذهن جيڪو صاف شفاف چادر وانگر آهي، تنهن تي تجربن جو قلم پنهنجي تحرير لکي ٿو ۽ اهو سلسلو مرڻ گهڙيءَ تائين برقرار رهي ٿو."

هي ڳالهيون جيڪي لَسَ پڙهندي اسان کي تج ۽ معمولي محسوس ٿيون ٿين سي تنهن دؤر ۾ ايڏو وڏو "ڏوهہ" هيون، جيڏو پاڪستان ۾ ويهي "شريعت بل" جي خلاف جدوجهد ڪرڻ يا (Satanic Verses) جهڙو ڪتاب لکڻ- بس ڪُڙڪ پوندي ئي بادشاهہ، ان جا خوشامندي درباري، دڳهين ڏاڙهين ۽ ڪارن جُبن وارا مها پادري سندس خلاف ٿي بيٺا ۽ رڙ هاري ڏنائونس. ڏاهپ جي ڏيهہ جو هي ويچاريندڙ پکي اباڻا آکيرا چڏي، سالن جا سال ٻي وطنيءَ ۽ ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ دربدر ٿيندو ٻڪندو رهيو، پر تڏهن به سچائپ، سمجهہ ۽ سنترتا سان پنهنجو سات ختم نہ ڪيائين ۽ اهڙيون تحريرون لکڻ ۾ ڪامياب ٿيو، جن جي هڪ هڪ اکر ۾ هن ميجالي جي مَکُ ۽ جگر جو رت پيري دُنيا تي عظيم احسان ڪيا.

شايد جان لاڪ دنيا جو پهريون فيلسوف آهي، جنهن فيلسوفيءَ سماجي، اخلاقي، سياسي، اقتصادي، ثقافتي ۽ علمي پهلوئن تي روشني وڌي. سندس تحريرون ايڏيون تہ گهڻ رُخيون، وزنائتيون ۽ جاندار آهن جو اڪثر ڪري اهو فيصلو ڪرڻ مشڪل ٿي پوي ٿو تہ سندس "علم جي چيد" بابت بتدايل "بنيادي ۽ ثانوي صفتن" تي ڳالهائجي (Primary and Secondry qualities) يا سياسي نظرين جي وضاحتن تي- يا ايجا بہ (Free en-terprise) وارن معاشي پهلوئن تي- پنهنجي گهڻ رُخي ۽ وسيع سوچ جي دائري ڪري ئي يونيورسٽيءَ جي زماني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ جاڳرتا واري مرحلي ۾ مون کي جيترو لاڪ کي پڙهڻ لاءِ اتساهه ۽ چاهنا رهي، اوتري کنهن به ٻئي مفکر لاءِ نه هئي.جان لاک کي پڙهندي منهنجي لاءِ تحريد- وضاحتن ۾ ڪثافتون- لطافتن ۾ ۽ سوال- جوابن ۾ تبديل ٿيندا ويندا هئا. سچ پچ ته زندگيءَ ۾ آئون جيڪي چند ڏينهن سڃايا ٿو سمجهان تن مان ڪجهه ڏينهن جان لاک کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ٻه ڳٽي ٿو سگهان.

- سنڌيڪار

انگريز مفڪرن ۾ جان لاک جو ذڪر انتهائي اثرائتيءَ ۽ عظيم شخصيت جي حيثيت ۾ ٿئي ٿو، پر کي اهڙا تنقيد نگار به آهن جن جي ڳٽ ۾ جان لاک مورگو فيلسوف ئي ڪونه هئو. هونئن به اهي نقاد رڳو مابعد الطبعياتي مسئلن کي بحث هيٺ آڻڻ واري ماڻهوءَ کي فيلسوف نٿيندا آهن. حقيقت اها آهي ته لاک قطعي به ليبنز يا اسپنوزا کي نه هئو، جن ڪائنات بابت وضاحت کي ئي پنهنجي علم جو مرڪز بنايو. جڏهنڪ هن اهو پئي پڌائڻ گهريو ته انساني عقل ايترو ته محدود آهي جو ڪائنات بابت مڪمل معلومات ڏيڻ سندس وس ۾ ئي ڪانهي. لاک پنهنجي فڪر ۾ سوالن جا جواب ڏيڻ بدران يا ته مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ جستجو ڪئي آهي يا وري مفيد مشورا ڏيڻ ڪان سواءِ، ڇاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪيئن ڪجي؟ واري مسئلي کي بيان ڪيو آهي. اهڙي ڪاوش ڪانئس اڳ شايد ئي ڪنهن عالم ڪئي هجي.

سترهين صدي جون ٻه خاص ڌارائون يعني: ديڪارت جي اڏوري عقلي نظرياتي تشڪيڪ (Scepticism) ۽ برطانوي رايل سوسائٽي، ٻڌڻ ۽ بائل جي سائنسي تجربيت (Scientific empircism) لاک جي فڪر ۾ يڪجا ٿين ٿيون. انهن ٻنهي سوچن جو ميلاپ جيتوڻيڪ مثالي ته ڪو نه هئو، ڇاڪاڻ جو ٻئي نظرياتي لحاظ کان هڪٻئي کان گهڻو مختلف هئا. پر به سندس ذهن ۾ جتي انهن جو سنگم پئي ٿيو، تنهن نه رڳو فڪر جي دنيا ۾ نون روين کان آشنا ڪرايو پر ماڻهوءَ جي ڪائنات بابت سوچ جي انداز ۾ پڻ تبديلي آندي. تنهن ڪري ڪوبه ايٿن چئي سگهي ٿو ته لاک نئين دنيا جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهريون ذهن آهي. بيشڪ ديڪارت جي سوچ لاڪ جي پيٽ ۾ وڌيڪ بنيادي قسم جي هئي، پر ٻ هو گهٽو "وچولي دؤر" جو مفڪر رهيو ۽ شايد انهيءَ ڪري ئي سندس سڄي فيلسوفي دينيات جي چؤڌاري ڦري. سچ ته اهو آهي ته اتي جتي ديڪارت جو فڪر دنگ ڪري ٿو، اتان لاڪ پنهنجي ڏاهپ جي شروعات ڪري ٿو؛ سا هيئن جو هو فيلسوفيءَ کي دينيات کان جدا ڪندي، ان جي مطالعي جي دائرن کي انساني زندگيءَ جي تجربن جي اندر ٿو رکي. جيئن هو چوي ٿو: "اسان جو اتساهه رڳو هن پتڪڙي دنيا تائين محدود آهي، جتي ئي اسان ۽ اسان جون هڏيءِ دلچسپيون لڳل آهن."

ان هوندي ٻ اها حقيقت آهي ته لاڪ شڪ ڪندڙ (Sceptic) مفڪر هر گز ٻ نه هئو. بلڪ هڪ دينياتي عالم جي حيثيت ۾ ٻ خدا بابت تصور پيش ڪرڻ جو وٽس جدا طريقئه ڪار هئو. انهيءَ ڪري هو سڀائين پراڻ پسندن ۽ ڪائناتي علم رکندڙ سان اٽڪيو پيو هونڀو هئو. سندس خيال موجب هڪ ڪرستانيءَ جي لاءِ ڪافي آهي ته هو انهيءَ ڳالهه ۾ يقين رکي ته: "يسوع مسيح آهي." انهيءَ ڪُلي ڪُلائي ۽ مختصر نظريي ۾ سندس پختو ويساهه هئو. انهيءَ سلسلي ۾ "نئون عهد نامو" لاڪ جي اخلاقي نظرين جو جڙ ته مڪمل تت هئو، ڳالهه ڪٽائتي ته سندس مذهبي لاڙا بلڪل نيوٽن جهڙا ئي هئا.

جان لاڪ جو جنم وچولي طبقي جي هڪ گهراڻي ۾ ٿيو. سندس والد 'جيڪ' الهندي انگلينڊ ۾ وڪالت ڪندو هئو، سو نظرياتي طرح سان سخت اخلاقي ضابطا رکندڙ (Puritan) شخص هئو. جڏهن لاڪ اڃا ڏاهن ورهين جو هئو ته سندس ملڪ ۾ چارلس پهرئين ۽ "پيو ريتيني پارليامينٽ" جي وچ ۾ گهرو لڙائي شروع ٿي وئي. جنهن ۾ سندس والد کي هڪ شاهوڪار ماجسٽريٽ اليگزينڊر پاپ هوم، (جيڪو بعد ۾ ڪرنل بڻجي ويو هئو) جي حمايت سان پارليامينٽري محافظن جو ڪپتان بڻايو ويو. جيتوڻيڪ هن ڀنهي گڏجي فقط ويلس واري درگاهه مان پوپ جي ڪجهه اثرن کي مٽايو؛ پر انهيءَ سند مان اهو فائدو سو ضرور ٿيو جو ٿورائتي اليگزينڊر پاپ هوم صاحب پنهنجي ڪپتان دوست جي مونيي پٽ، يعني جان لاڪ جي سرپرستيءَ جو ذمو پنهنجي مٿان کنيو. اڳتي هلي ڪجهه سالن ڪانپوءِ جڏهن ويسٽ منسٽر واري درسگاهه جو انتظام پارليامينٽ پنهنجي هٿن ۾ ورتو ته ڪرنل پاپ هوم پنهنجي هٿ هيٺ آيل ننڍڙي لاڪ کي انگلينڊ جي انهيءَ بهترين اسڪول ۾ داخل ڪرايو.

ويسٽ منسٽر واري درسگاهه ۾ اداري جي شاهي استاد رچرڊبزبي جو لاڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٽان گهرو اثر رهيو، جنهن جي نتيجي ۾ اڳتي هلي هو جڏهن بي- اي ڪرڻ لاءِ آڪسفورڊ ۾ ڪرائسٽ چرچ شعبي منجهه پهتو تہ هو يونيورسٽين تي ڇانيل "ڪٽر اخلاق پسندن" جي خلاف جدوجهد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي چڪو هئو. ۽ جڏهن اسٽوئرٽ مل جي قاعدن کي عمل ۾ آندو ويو، تہ اوستائين لاڪ هر قسم جي سياسي انتها پسنديءَ کان متي چڙهيل هئو. ان کان پوءِ ستت ئي ڪيس آڪسفورڊ ۾ ڪاليجي استاد مقرر ڪيو ويو ۽ سائنس جي انتهائي ويجهي علم يعني طب جو مطالعو ڪرڻ شروع ڪيائين.

1666ع جي اونهاري ۾ لاڪ ڪافي دوستيون پيدا ڪري ورتيون، جن مان ان وقت جي نواب لارڊ ايشلي ۽ بعد جي ارل آف شيفٽس بري يعني؛ انٿوني ايشلي ڪوپر جو نالو ڪٽڻ جوڳو آهي، جنهن کي اڳتي هن مضمون ۾ سهولت لاءِ رڳو شيفٽس بري جي نالي سان سڏيندا سون. جيڪو ان مهل تائين پنهنجي جماعت جو اڳواڻ تہ ڪو نہ هئو، پر پوءِ بہ هو ان مهل ئي مذهبي سهپ جو وڏو دعويدار ۽ ترقي پسند وچٽرائپ يا آزاد خيالي (Progressive Liberlism) ۾ يقين رکندڙ منفرد سياستدان هئو. انهيءَ جي باوجود "ڪارپوريشن بل" تفاوت جي انڪاري مسودي يعني؛ "يونيفارمٽي بل"، "فائيو مائيل بل" ۽ ٻين سڀني اهڙن قاعد .ن جن جو مقصد ڪليسا جي انڪارين-(Non conferm ist) جي آزادي سلب ڪرڻ هيو، جي هو مڙسان مڙسيءَ مخالفت ڪندو رهيو. مطلب تہ لاڪ سان مُڪاميلو ٽيڻ کان پهرين ئي هو جڻ تہ آزاديءَ جو ترجمان هئو، سندس انهيءَ ڪردار جا لاڪ جي سياسي نظرين تي ڏاڍا گهرا اثر ٿيا.

هڪ ورهيه پوءِ يعني، جڏهن لاڪ چوٽيهن سالن جو هئو تہ هو شافٽس بري جي لنڊن واري گهر ۾ وڃي رهيو ۽ درحقيقت سندس سرپرستيءَ ۾ ئي لاڪ جي شخصيت اجري پئي، نتيجي ۾ هو فيلسوف بڻجي ويو. آڪسفورڊ ۾ هو ايڏو ئي بي چين ۽ بيزار هئو، جيترو ٻيو عظيم مفڪر هابس ساڳئي هنڌ "وچئين دور جي ارسطوئي فڪر" جي تعليم کان چڙيل هئو. اتي رهائش دؤران ديڪارت جي تحريرن سندس ڪپاڻ کوليندي ڪيس "نئين فڪر" کان آشنائي ڏني ۽ شافٽس بري سميت ٻين قابل دوستن سان بحث مباحثي نيٺ شافٽس بري هائوس ۾ رهائش جي چوٽين سال ڪيس ايترو اتساهہ ڏنو جو هن پنهنجي شاهڪار تصنيف "انساني سنترتا" (The human understanding) جا بنيادي نڪتا ترتيبڻ شروع ڪيا. اتي ئي رهندي ڪيس هڪ معاشي ماهر، تعليم دان ۽ طبي مصلح جي حيثيت ۾ مڃتا ملي.

جيتوڻيڪ تواريخ ۾ شافٽس بري کي معمولي، بچڑي ۽ فضول شخص جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيثيت ۾ ياد ڪيو ٿو وڃي، پر ايترو چئبو ته هو احمق بلڪل به نه هئو. هو نه رڳو لاڪ سان گڏ فيلسوفي ۽ سائنس ۾ وڏي دلچسپي وٺندو هئو، پر هن انگريزي عوام جي آزاديءَ جي وڪاري لاءِ به زبردست جدوجهد ڪئي. پوءِ به انهيءَ کان انڪار ڪونهي ته مذهبي رواداريءَ لاءِ ورتل سندس ڪوششون قياس ۽ صبر جي مذهبي وضاحتن مان سرجيل بلڪل نه هيون. بلڪ هن مذهبي آزادي جي ڳالهه انهيءَ ڪري ٿي ڪئي، جو هن سمجهيو پئي ته جيڪڏهن سندس قوم ۾ مذهبي تفرقي بازي نه هجي ۽ هو متحد هجي ته هوند اها وڌيڪ سگهاري ۽ سکي ٿي وڃي. شافٽس بري جاٽي ٻجهي هڪ پونجي واد ۽ سامراجي رويا رکندڙ شخص ٻڌيو هئو. ڪيس انهيءَ دؤر ۾ پنهنجي هم عصر ماٺهن کان وڌيڪ چٽائيءَ سان اها سڌ هئي ته بيٽڪي والار ۽ بين الاقوامي واپار نه رڳو سندس وارا نيارا ڪري سگهي ٿو، پر مجموعي طور تي سڄي ملڪ کي به وڏي طاقت ٻڌائي سگهي ٿو.

جڏهن شافٽس بري مذهبي رواداريءَ جي وڪالت شروع ڪئي ته هن ان جا بنياد پروٽيسٽنٽ اختلاف راءِ رکندڙ واري نموني رکڻ جي ڪوشش ڪئي. تنهن دؤر ۾ چارلس ٻئي، جنهن پڻ ڪٽٻولڪ عبادتن کان انڪاري هجڻ جي ڪري مذهبي رواداريءَ جي حمايت ٿي ڪئي، سو به نه سهو مذهبي عالمن جي اڪثريت جي مخالفت ۾ ساٿس ٻٽ ٿي بيهي رهيو- ته شافٽس بريءَ سان لاڪ جي لاڳاپن جي شروعاتي ڏهاڙن ۾ اها صورتحال هئي. شافٽس بريءَ جي ٻي انفراديت اها هئي ته هن ڊچ قوم جو زبردست مخالف ٿي هالئنڊ جي صورتحال جو گهرائيءَ سان جائزو ورتو ۽ شايد تنهن ڪري ئي سندس "آزاد خيال استعماريت" وارو فلسفو ڊچن جي طريقه ڪار سان مطابقت رکندڙ هئو. هن تازي ورتو ته هالئنڊ واپار ۾ انگلينڊ جو زبردست حريف هجڻ ڪري سندس زبردستيءسگهارو دشمن هئو. انهيءَ ڪري ئي بعد ۾ هو هالئنڊ جي بدران فرانس جي ويجهو آيو ۽ ساڻئي مناسبت سان ئي پنهنجي پاليسين ۾ تبديليون آڻيندو رهيو. جيئن ته چارلس ٻيو فرانس جو حمايتي نه هئو، تنهنڪري انهيءَ تبديليءَ جي نتيجي ۾ شافٽس بري ڪي مخالف ڏر ۾ ويهڻو ته پئجي ويو، پر انهيءَ ڪردار ٿيڻ حقيقت ۾ ڪيس پنهنجو اثر ويهارڻ لاءِ ڏنڈي ۾ بااصول ۽ صبر سکڻ جهڙا سونهري سبب مهيا ڪري ڏنا. هوڏانهن فرانس جي ڪيٽولڪ هجڻ جي ڪري جيڪا به شئي ڪيٽولڪ هئي ساڃڻ ته سندس فائدي ۾ هئي؛ جڏهن ته فرانس ۽ انگلينڊ جي پاڻ ۾ خدا ڪارڻ دشمنيءَ سبب پروٽيسٽنٽ فرقي وارا سندس مفادن جا ڪٽر دشمن پئي سمجهيا ويا. انهيءَ ڪري جيتوڻيڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وضاحت جهڙوڪر ڏيڻ جي ڪا ضرورت باقي ڪانه هئي، پر به ڏاڍي سهڻي نموني سان مسئلي کي عوام آڏو ثابت ڪيو ويو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو ماٿهن آڏو "ملڪيت" جو لفظ اڇارڻ معنيٰ کين هٿ سان چوچڙي ڏيڻ هئو.

بهرحال شافنس بري جو هميشه دليلن ۾ ويساهه رهيو، ڪيس نظرياتي طريقن سان پنهنجن خيالن کي پيش ڪرڻ جو وڏو شوق هيو. هوڏانهن جيئن ته سندس معالج پڻ هڪ مفڪر هئو، تنهنڪري هن طرفان لاڪ کي سدائين اها دعوت هوندي هئي ته هو اچي ساٿس "سياسي مصلحت" جي موضوع تي روشني وجهي. سندس سوال هئو ته ڇا اهو درست ڪونهي ته پنهي لاڙن يعني؛ مذهبي رواداريءَ جي حمايت ۾ ڪٿولڪ فرقي وارن جي تباهي لاءِ هڪ ٻي وقت جدوجهد ڪجي؟ لاڪ انهيءَ سلسلي ۾ نتيجو ڪڍيو ته ايئن ڪرڻ ممڪن ڪونه هئو. ڇو ته سندس راءِ موجب ڪٿولڪ فرقي وارا نه رڳو اختلاف راءِ رکندڙ گروهه هٿا. پر هو هڪ اهڙي جماعت ۾ به هٿا جنهن هڪ ٻاهرين حڪمران يعني پوپ جي اطاعت ٿي ڪئي. اهڙي طرح اڄ سڏي طرح روم جي ڪليسا جا ساڻاري هجڻ ناتي پوپ جي دوست يعني؛ فرانس جا اتحادي پئي ٻڌيا (جيڪا ڳالهه انگلئنڊ ۽ فرانس جي پاڻ ۾ روايتي دشمنيءَ ڪري انگريز قوم لاءِ سهپ ڪا ٻاهر هئي- مترجم) لاڪ جي خيال ۾ ڪابه قوم اهو هرگز برداشت نٿي ڪري سگهي ته سندس شهري بنيادي طؤر تي ملڪ سان وفادار نه هجن. تنهنڪري هاڻي مسئلو مذهبي آزادي جو نه پر سلطنت جي سلامتيءَ وارو پئي ايريو. ۽ ملڪ جو بچاءُ يا بقا هر حڪومت جي سڀ کان پهرين ذميواري آهي.

1682ع تائين جيسين شافنس بري جيئرو هيو، تيسين لاڪ ساٿس ٻڌ رهيو. انهيءَ پندرنهن سالن جي عرصي دوران شافنس بري جو پروٽسٽنٽ مذهبي جوش ايترو ته چوٽ تي چڙهي ويو جو آخرڪار هن هڪ بغاوت ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي. جڏهن چارلس ٻئي پنهنجي ڪٿولڪ ٻاءُ جيمس کان ڏار ٿيڻ ۽ ڪانئس پوءِ تخت جي وارثيءَ واري حق تسليم ڪرڻ کان منهن نه موڙڻ جو اعلان ڪيو، ته شافنس بري پارليامينٽ تي زور ڀريو ته اها هڪ اهڙو قانون پاس ڪري، جنهن سان جيمس جي تخت ڏٽي ٿيڻ وارو حق غير قانوني قرار ڏيئي سگهجي. جڏهن چارلس اهڙي چالاڪيءَ ڪي ناڪام ٻڌايو ته شافنس بري پنهنجي دوستن تي هٿياربند بغاوت ڪرڻ لاءِ ننهن چوٽي جو زور لاتو ته جيئن جيمس جي جڳهه تي ڪو پروٽسٽنٽ فرقي جو ماٿهو وليعهد طور نامزد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرائجي. پر افسوس جو انهيءَ ذميواري لاءِ هو غلطي ڪندي چارلس جي جهٽ ۾ بدمعاش مون مائوٽ جو نالو ڏيئي ويٺو. شافٽس بري جي انهيءَ چونڊ کي بيڪار سمجهندي سندس حامين سات ڏيڻ ۾ لڳ سڳ ڪان ڪم ورتو ۽ نتيجي ۾ ڪيس هالئنڊ ڏانهن پيرن تي زور ڏيڻو پيو، جتي اجل سندس انتظار ڪري رهيو هئو- سندس لاڏاڻو هالئنڊ ۾ ٿي ٿيو.

اها صورتحال جيڪا لاڪ جي تصنيف "شهري سرڪار بابت ٻه تحريرون" (Two Treatise of Civil Government) جي پس منظر ۾ موجود هئي. سندس اهو ڪتاب ائن سالن تائين ڇپجي ڪو نه سگهيو، جيستائين وڃي انگريزن شافٽس بري جي خيالن جو قدر ڪندي جيمس ٻئي کي تخت تان لاهي ڦٽو ڪيو ۽ سندس جاءِ تي هن جي پروٽسٽنٽ پائٽي شهزادي وليم کي تخت تي ويهاريو. انهيءَ ڪتاب بابت ڇپيل وضاحتن جي مهاڳ ۾ لاڪ لکيو هئو: "مان سمجهان ٿو ته هيءُ ڪتاب بادشاهه وليم جي حڪمرانيءَ جي حق کي درست قرار ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو." پر لاڪ انهيءَ سڄي ڪتاب کي اوڏي مهل ئي اُٿي ڇڏيو هئو، جڏهن چارلس ٻيو ايجان جيئرو هئو. جڏهن ڪنهن به قوم کي حڪمران جي خلاف بغاوت ڪرڻ جي حق وارو سوال قدامت پسند اخلاقي مسئلو نه، پر اڳ ڳڻتيءَ ۽ريل اخلاقي للڪار بڻجي چڪو هئو.

اهي هڙئي سال جڏهن لاڪ ڪرائيسٽ چرچ ۾ شاگرد هئو. سندس رهائشگاهه شافٽس بري جو لنڊن وارو گهر ئي رهيو، پوءِ اها ٻي ڳالهه آهي ته هن شايد ئي ڪو مڪمل عرصو (Full term) آڪسفورڊ ۾ گهاريو هجي. سندس آمد ۽ روانگيءَ جي باري ۾ هميشه قياس آرائيون ٿيندیون رهيون. مثال طور تي 1675ع ۾ سندس لاءِ اهو چيو ويو ته هو آڪسفورڊ ۾ سينئر طبعي استاد ٿيڻ ٿو گهري، پر ان جي ابتڙ هو ساڍن ٽن سالن لاءِ فرانس هليو ويو. 1682ع ۾ شافٽس بري جي ملڪ مان غائب ٿيندي ئي ايئن لڳو ته لاڪ آڪسفورڊ ۾ ٻيهر آباد ٿيڻ ٿو گهري ۽ حقيقت ۾ ائين ممڪن به هيو، پر جي شافٽس بري جي جانشين يعني؛ وگ پارٽي وارن چارلس ٻئي ۽ سندس ٻاءُ کي "ري هائوس" ۾ اغوا ڪرڻ واري مبينه سازش نه رٽي هجي ها. جنهن اهڙي ته زوردار سياسي عتاب واري مهم کي پڙڪايو جو لاڪ محسوس ڪيو ته جيڪڏهن هو انگلئينڊ ۾ رهيو ته سندس خير نه ٿيندو، تنهنڪري هن عافيت انهيءَ ۾ ئي سمجهي ته شافٽس بري وانگر ايمسٽرڊم ۾ وڃي دم پٽي.

1684ع ۾ هڪ شاهي حڪم هيٺ لاڪ جي غير موجودگيءَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس ڪرائيسٽ چرچ مان شاگردي واري حيثيت ختم ڪئي ويئي. سُٽت ٿي گرمين ۾ جيمس جي تخت نشيني ڪانپوءِ اولهه انگلينڊ ۾ مون مائوٽ جي ابهري بغاوت ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ سرڪار طرفان لاڪ کي مون مائوٽ جو هالئنڊ ۾ وينل ايجنٽ قرار ڏنو ويو. انهيءَ صورتحال ۾ لاڪ پرديس ۾ "ڊاڪٽر وارن در لنڊن" جي نالي سان روپوش ٿي ويو، پر جلدئي ڪجهه مهينن کان پوءِ سندس نالو گهربل ماڻهن جي فهرست مان خارج ڪيو ويو، جنهن ڪري هو روپوشيءَ مان نڪري ڪليل فضائن ۾ ته آيو، پر انگلينڊ پوءِ به واپسي ڪونه ڪيائين.

هالئنڊ ۾ لاڪ جي دوستن جي حلقي ۾ هالئنڊ جو بادشاهه ۽ سندس درباري پڻ هئا، پر هو هيگ شهر جي دربار ۾ ڇڊو ويندو هئو. جڏهن بادشاهه وليم ۽ سند حمايتين 1688ع ۾ انگلينڊ جي ساحل تي قبضو ڪرڻ لاءِ ساموندي سفر ڪيو ته لاڪ بيماريءَ جو بهانو ڪري روٽرڊم ۾ ئي ترسي پيو. اهڙي روش تي لاڪ جو سوئس دوست جين لي ڪلرڪ ڪيس "شهنشاهه ڊڇٽو- بهادريءَ کان وانجهيل" جي لقب سان سڏيندو هئو، پر حق جي ڳالهه ڪبي ته انهيءَ وقت سندس عمر جي حساب سان جيڪا چاونجاه سال هئي، هو پنهنجي حصي جا ڪيترائي خطرا پوڳي چڪو هئو. تنهن ڪري ڪيس اهي لقب لائق انصاف نه ڇٻو. سٽت ئي 1689ع ۾ لاڪ شهزادي ميري سان واپس گڏجي چپ چپات ۾ لنڊن پهتو.

جين لي ڪلرڪ جي لاڪيابت خطابن تي بعد ۾ آتم ڪٿائون لکندڙ به ڳنڊ ڏئي بيهي رهيا آهن، انهيءَ ڪري جو سندن ان موقف لاءِ جواز فراهم ٿئي ٿو ته لاڪ کي انقلابي منصوبا تيار ڪرڻ جهڙي خطرناڪ ڪاروبار سان ڪابه دلچسپي ڪونه هئي. ڇو ته سندن خيال آهي ته لاڪ- شافٽس بري جو ڇڙو دوست ۽ مددگار هئو، جڏهن ته شافٽس بري جون سرگرميون ڪجهه موقعن کي چڏي عين آئين جي دائري ۾ هيون. جيتوڻيڪ هڪ پاسي شافٽس بري بغاوت لاءِ تياريون پئي ڪيون ته ٻئي طرف اسان کي ٻڌايو وڃي ٿو ته لاڪ آڪسفورڊ ۾ رهڻو هڪ بي ضرر قسم جو استاد هئو. هوڏانهن لاڪ جا هم پيشه استاد ساڻي خيال جا نه هئا، ڪرائيسٽ چرچ ۾ پڙهائيندڙ هڪ استاد جو وري اهو خيال هو ته ري هائوس واري بغاوت پٽيان لاڪ جوا هٽ هئو. انهيءَ کان سواءِ هن هالئنڊ ۾ مون مائوٽ سان گڏ منصوبه بندي ڪرڻ کان علاوه ڪيترائي غداريءَ جوڳا پمفليٽ لکيا، جن کي لڪ ڇپ ۾ ايمسٽرڊم کان انگلينڊ پهچايو ويو هئو. ممڪن آهي ته انهن مان ڪي ڳالهيون سچيون به هجن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاڪاڻ جو شافتس بري جي پوٽي جي بيان موجب، سندس ڏاڏي پنهنجي پاران لاڪ کي "ڳجهن مذاڪرات" لاءِ مقرر ڪيو هئو. انهيءَ کانسواءِ اهڙيون شاهديون به ملن ٿيون ته لاڪ جو هالنڊ ۾ ڪن سازشين سان رابطو هيو، البته انهيءَ ڳالهه جي تصديق نٿي ڪري سگهجي ته هن انگلينڊ ۾ لڪائي آندل پمفليٽن مان ڪو لکيو هيو يا نه.

1675ع کان وٺي 1679ع تائين فرانس ۾ ڪيل گشت وانگر، 1683ع کان 1689 تائين لاڪ سڄي هالنڊ جو پڻ تفصيلي چڪر هنيو ۽ جيڪو ڪجهه ڏٺائين ان کي درج ڪندو ويو. پر جيئن ته منجهس واقعا ۽ حالتون بيان ڪرڻ لاءِ خوبصورت اک ڪونه هئي ۽ نه وري کا تواريخ جي ڄاڻ جي هئس، تنهنڪري سندس ورتل نوٽ معمولي قسم جا ليکجن ٿا. مثال طور- شاتيو جي عظيم تاريخي ديول ڏانهن به ڪنجهندي ڪرڪندي چڪر هڻندي نظر ايندو هئو، جو ته هو اتي به فڪر جي منجهيل مسئلن کي حل ڪرڻ تي وڌيڪ وقت ۽ ڌيان ڏيندو هوندو. ڪيس مختلف جشنن ۽ مظاهرن کان به بچڻ ايندي هئي، چاڪاڻ جو سندس خيال موجب اهو سڀ بيوقوفيءَ ۾ريل ۽ فضول ڪٽراڪ هئو. ان جي ابتڙ اهو معلوم ڪري ڪيس خوشي ٿيندي هئي ته هالنڊ جي بهترين يونيورسٽين جي اڏاوت سازي انگڙ ونگڙ ٽيل هئي. چاڪاڻ جو بقول سندس انهيءَ مان ثابت ٿو ٿئي ته: "علم جو واسطو عمارتن جي سنوت وغيره سان ڪوبه ڪونهي."

"ڄاڻ" هڪ اهڙو اکر آهي جنهن جي وٽس وڏي اهميت آهي. لاڪ جي جهالت ۽ ڏيوالپڻي بابت تصور ۾ ڪٿي به.....خوشي نظر نٿي اچي. لاڪ جي اها خواهش هئي ته هو رڳو تصورن پٽيان نه ڊوڙي، تنهن کان سواءِ وچين دؤر جي اڻ ڄڻي شهرت، روايتن جي اندي تقليد يا پوئواري، هروپرو جي جذباتي پڻي، ۽ فضولپڻي واري ضوفيت کان به هن ڇوٽڪارو پٽي چاهيو. جڏهن ته جن شين ڏانهن سندس پسنديدگي واضح هئي تن ۾ ذاتي فائدي کان ڏوري، اهڙي دور انديشي ۽ بصيرت جيڪا عوامي تائيد سان ڀرپور هجي، ڳٽپ جوڙين سادين ۽ آسان سڃاڻين جو حصول اهم آهن، تن مان پوئين ڳالهه ته هڪ مفڪر ۽ مصلح جي حيثيت ۾ سندس مشن جو مرڪزي نڪتو رهي آهي. خيالي دنيائن ۾ رهندڙ فنڪارن لاءِ وٽس حقارت انهن هوائي قلعا ناهيندڙ دانشورن سان ڳنڊيل آهي، جن بابت هن چيو آهي: "اهي حضرت رڳو پنهنجي پسند جي ماٺهن سان ڳالهائڻ ۽ پنهنجي مطلب جي ڪتابن کي پڙهڻ پسند ڪندا آهن."

وڌيڪ چوي ٿو: "اهڙي طرح پنهنجو پاڻ کي ڪنڊ جا ڪوٺا بٽائيندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذهانت جي ڪائنات ۾، جتي نور جي وهڪ آهي، هو ڪنهن نئين سوچ جو اضافو ڪو نہ ٿا ڪري سگهن. پنهنجي انهيءَ نااهليءَ کي لڪائڻ لاءِ هو سدائين ڏينهن جي روشني ٿا طلبين ۾ سچي وشالتا ۽ وسيع نظري، رات ۽ اونده جي حوالي ڪندي ان جي ويجهو اچڻ کان لنوائين ٿا. سندن هڙئي راهون هڪ سوڙهي کاهي ۾ وڃي دنگ ڪن ٿيون، جنهن ۾ پاڻ کي بند ڪري، اکيون ٻوٽي هڪ پاسي هلندڙ هو اهڙا منتظم آهن جن جو واسطو انهيءَ ڪنڊ ۾ پيل مال ۽ شين سان مٺاماري ڪرڻ ۾ آهي، اهي ڪڏهن ب همٽ ڪرڻ ۽ جاڻ جي سمند ۾ گهڙڻ جي جستجو ئي ڪونہ ڪندا...."

اهو "حوصلو ڏاري علم جي سمند ۾ گهڙڻ" ئي هئو، جنهن لاڪ کي هڪ عظيم دانشور بڻائي ڇڏيو، بيشڪ هو سطحي لباڙ هٿندڙن مان نہ هئو. اهو بهرحال چئي سگهجي ٿو تہ هن جي چونڊيل هڙئي موضوعن تي ڪيس هڪ جيتري مهارت ڪونہ هئي، هي ب درست آهي تہ پنهنجن دوستن بوئل ۽ نيوٽن جي مُقابلي ۾ لاڪ هڪ سيکڙات سائنسدان ٿو لڳي. الهامي ڪتابن جي باري ۾ سندس معلومات اعتراض وارڻ جهڙي آهي، جيتوٽيڪ هو بااثر تخليقي معاشيات دان هئو ۽ هن ساڳئي ميدان ۾ ٻين نظريي دانن جي گهڻ رخي علم کي ب نہ واکاٽيو، پر پوءِ ب لاڪ جي خصوصيت سندس هم گير ذهانت نہ، پر اها هئي تہ سندس ذهن ۾ جاڻ جو هر شعبو ٻئي سان لاڳاپيل هئو.

هالئنڊ ۾ جلاوطني دؤران هن جيڪي خاڪا ٺاهيا هٿا تن مان ئي اڳتي هلي (1671) پنهنجا شاهڪار ڪتاب "انساني سنترتا بابت مضمون"(Essay Concerning human understanding). "سهپ لاءِ پهريون خط" (First letter forToleration) ۽ تعليم بابت فڪر (Thoughts on Education) (يا وڌيڪ درست ڪندي ايئن چئجي تہ ڪجهہ خط جيڪي انهيءَ عنوان سان شايع ٿيا) تخليق ڪيا. سندس ڪتاب "سهپ لاءِ پهريون خط" جيڪو اصلي لاطيني ٻوليءَ ۾ لکيل هئو، سو 1689ع ۾ گودا شهر ۾ ڇپيو جنهن جو انگريزي ترجمو وليم پاپل ڪيو. جنهن لاءِ بعد ۾ لاڪ ٻڌايو تہ ايئن سندس رضامنديءَ بنان ڪيو ويو هئو- هيءُ ڪتاب ڪجهہ مهينن کان پوءِ ئي لنڊن ۾ ڇپيو. 90-1689ع جي سياري دؤران سندس ٻہ ڪتاب "شهري حڪومت" (Civil Govt) ۽ "انساني سنترتا بابت مضمون" ب مختلف ڇپائيندڙن هٿان لنڊن ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا. سندس پوئين ڪتاب کيس شهرت ڏني، اهو ڪتاب ايڏو تہ مقبول ٿيو جو انگلئنڊ تہ ڇا پر مصنف جي حياتيءَ ۾ ئي سڄي يورپ ۾ ڪيس ميجتا ملي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيتوٽيڪ لاڪ نظرياتي طور تي آزاد خيال شخص هئو پر ٻ ڪيس جمهوريت پسند هر گز نٿو چئي سگهجي. روسو جو "برابريءَ ۾ ويساهه" وارو نظريو، جيڪو اڳتي هلي ڪاپي ڏر جي اتساهه جو جز ٻڌيو، تنهن لاڪ کي ذرو ٻ متاثر ڪو نه ڪيو. ان ڏس ۾ مالي نظريي بابت پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ لاڪ ڏسي ٿو: "قومي ملڪيت ۾ مزدور جي حصي وارو مسئلو ڪڏهن ڪڏهن قابل ذڪر هجڻ ڪري انسانن کي وقت ۽ موقعو ئي نٿو ڏئي ته اهي ان سطح کان مٿي ٿي سوچين يا امين جي خلاف پنهنجي مفادن کي سمجهي سگهن، جيسين ڪا گڏيل زبردست اڻ تڻ منجهن هڪ اتساهه ذريعي ٻڌي پئدا ڪري کين ادب ڪرڻ کا وانجهي ڇڏي." انهن ڳالهين مان لاڪ جو مقصد اهو ڪونه هئو ته پورهيتن کي انهيءَ درجي کان وڌيڪ اهميت ڏجي، پر ان جي بجاءِ هن حڪومتن کي صلاح ٿي ڏني ته هو اهڙي "گڏيل ۽ زبردست بيچيني" جو خاتمو آڻين، جيڪا پورهيتن منجهه اڳتيٰ هلي پنهنجي مالڪن لاءِ احترام جي خاتمي جو باعث ٻڌجي ٿي.

سو ڳالهه ڪٽائي، جيئن ته لاڪ وٽ پورهيتن جي حيثيت هڪ معمولي مخلوق واري هئي، تنهن ڪري هو وٽس سياسي معاشري جي رعايتن، ذميوارين کان ٻ بلڪل وانجهيل ۽ آجا هئا، جو ته هن ڪيترائي ٻيرا اها ڳالهه ورجائي ته: "انسان جو گڏيل ملڪيتن هيٺ متحد ٿيڻ ۽ پاڻ کي حڪومتن جي نگرانيءَ ۾ ڏيڻ جو اصل مقصد پنهنجي موڙيءَ لاءِ تحفظ حاصل ڪرڻ آهي ۽ اها ڳالهه سندس (انسان جي) حاصلات ۾ مرڪزي ۽ اهم ترين آهي." جيتوٽيڪ بقول لاڪ لفظ "ملڪيت" مان سندس مطلب "اها ملڪيت آهي جيڪا موجود وڪرن جي صورت ۾ موجود آهي." پوءِ ٻ اڪثر ڪري ان لفظ کي عام مروج ۽ محدود معنيٰ ۾ استعمال ڪندو رهندو هئو.اهڙي طرح پورهيت وٽ هڪ ٽي "وڪر" هئو، سو هئو سندس محنت ڪرڻ جي اهليت، جيڪا ٻ پنهنجي مالڪ وٽ وڪڻڻ کان پوءِ وٽس وڃي ٿي بچيا ڪاريءَ وارا ڪڪ- پوءِ ٻ پورهيت وٽ جيڪڏهن گڏيل ملڪيت لاءِ ڪو مادي اُتساهه باقي هئو ته ٻ وٽس ايتري اهليت هئي ئي ڪو نه، جيڪا هو ان لاءِ ڏئي سگهي. جيئن هو هڪ هنڌ چوِي ٿو: "انسانذات جي انتهائي وڏي حصي کي فرصت ئي ڪانهي جو هو ڏاهپ ۽ منطق جا سبق سکڻ لاءِ جاکوڙي".

انهيءَ ڳالهه تي هر ڪو متفق آهي ته عقليت بابت لاڪ جون تحريرون جيڪڏهن متضاد ناهن، تڏهن ٻ منجهيل ضرور آهن. منهنجو خيال آهي ته جڏهن کيس وٽيو ٿي ته هن سيني ماڻهن جي عقليت کي تسليم ٿي ڪيو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باقي عمومن ايئن نہ هئو، چاڪاڻ تہ جڏهن هو انقلابي پملفيٽ باز هئڻ ڪري بغاوت جو حق رکندڙ سورمي جي حيثيت ۾ لکندو هئو تہ هميشہ فطري حقن تي زور ڏيندي انسانن جي عقليت واري حق وڪالت ڪندو هئو. انهيءَ سلسلي ۾ هو فطري انتشار(Natural Anarchy) جي نقصانن کي گهٽائي ڏيکارڻ لاءِ مجبور هئو. ايئن ڪندي هو جڏ تہ "باغ عدن" جي انساني سياسي تواريخ کان اڳ جي تصور جي انتهائي قريب اچي ويندو هئو. لاڪ انهن ماڻهن جي ڳالهين کي ڪافي اهميت ڏيندو هئو، جيڪي دنيا جا ڏورانهان علاقا گهمي آيا هئا تہ جيئن ڪيس خبر پوي تہ سياسي شعور کان وانجهيل وحشياڻي طرز جي زندگي گذارينڊڙ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ڪيئن هئي. ان معلومات رکڻ جي سلسلي ۾ جيڪو ڪجهہ ڪيس اتر آمريڪا ۽ پسفڪ ٻيٽن بابت حوال مليو، تنهن مان سندس ان خيال کي وزن پئي مليو تہ زندگي "فطري انتشار" واري حالت ۾ ڪيترن ئي پهلوئن کان قبولڻ جوڳي آهي- اها انهيءَ ڪري قبولڻ جوڳي آهي جو انسان فطري طور تي عقلمند ۽ فطرت ۾ ٺيڪ ٺاڪ آهي. هن معاملي ۾ لاڪ ۽ روسو جي وچ ۾ ڪي ڳالهيون هڪجهڙيون بالڪل نظر اچن ٿيون، چاڪاڻ جو ٻئي انسان جي فطري معصوميٽي واري ڳالهہ (يعني انسان بنيادي طور تي معصوم آهي) تي سهمت آهن.

پر لاڪ کي روسو وانگر ڪو نہ سمجهيو ويو. جنهن "فطري چڱائي" واري تصور منجهان عملي طور تي جمهوري ۽ رعيتي راڄ جو تصور اخذ ڪندي ان کي اهميت ڏني. لاڪ انسانن بابت پنهنجي انهيءَ تصور يعني؛ فطرت ۾ سيئي انسان معصوم آهن- واري ڳالهہ کي هڪ لحي لاءِ بہ انهيءِ ڳالهہ ۾ تبديل ڪو نہ ڪيو تہ هڪ سياسي معاشري ۾ سڀ انسان هڪ جيترا عقلمند هئا. جڏهن لاڪ عملي سياست ۽ فطري قانونن بابت سوچڻ ڇڏي ڏنو تہ ان سان گڏوگڏ هن ڪڏهن عقليت ۾ ذهن جي برابريءَ واري لاڙي کي بہ رد ڪري ڇڏيو. چاڪاڻ جو انسانن جي عقلي سطح ۾ فرق بالڪل واضح هئو. منجهائن کي ٻين کان وڌيڪ هوشيار ۽ وڌيڪ بهتر هئا. تنهنڪري سماجي برابريءَ واري قائدي بابت سوچ، لاڪ جي ذهن ۾ پلجي بہ پير ڪونہ پاتو.

انهيءَ سلسلي ۾ جڏهن وليم پين کيس انهن سماجي خدمتن بابت ڏسيو جيڪي هو پينسلوانيا ۾ شروع ڪرڻ وارو هئو، تہ لاڪ انهيءَ تي سخت احتجاج ڪندي چيو: اهڙيون نيون ترڪيبون ماڻهن جي مذهبي آزاديءَ لاءِ سنؤن ستو دشمنو هوندو." - چو تہ لاڪ جي آڏو خير خيرات جا ڪم ڪندي آزادي سلب ڪرڻ واري ڳالهہ هڪ وڏي پل آهي پلي مقصد ڇگو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي، پر ان جي باري ۾ جيڪا قيمت ادا پئي ڪئي وئي سا تمام گهٽي هئي. جيڪڏهن برابريءَ جي حصول لاءِ، ڪنهن به آزاديءَ کي قربان ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي هجي ها تہ لاڪ بيشڪ ان کي انتهائي هاجيڪار ۽ ان پنيان لکل مقصد کي بيوقوفي ڪوٽي/سڏي رد ڪري ها: انهيءَ موضوع تي سندس ڪتاب "سهپ جو پهريون پتر" جي مهاڳ ۾ هڪ جملو لکيل آهيٰ: "اسين جنهن آزاديءَ جي وڪالت ڪريون ٿا ان ۾ لازمي آهي تہ انصاف، سچ، برابري ۽ غيرجانبداري جا عنصر، آزاديءَ جو مڪمل تصور پيدا ڪن." هن جملي بابت ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي تہ اهي لفظ لاڪ لاءِ ڪنگ بابت پنهنجي ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيا آهن، جڏهن تہ حقيقت اها آهي تہ اهي لفظ لاڪ جي انهيءَ تصنيف جي مترجم وليم پاپل جا لکيل آهن.

لاڪ جو مڪمل آزادي بابت تصور سندس مڪمل جاڻ واري تصور جهڙوئي آهي. هن جاڻ توڙي آزاديءَ جي حاصلات ممڪن حدن تائين پئي گهري، سندس خيال موجب تہ انهن پنهي شين جي وڌ ۾ وڌ حاصلات تڏهن ئي ممڪن ٿي پئي سگهي، جڏهن ايئن تسليم ڪيو ٿي ويو تہ پنهي جون ڪي حدون آهن ۽ پوءِ وري انهن حدن جي ڦهلاءَ کي ڳولي ٿي لڏو ويو.

لاڪ جي چوڻ موجب جاڻ جون حدون وري انسان جي فهمءِ ادراڪ جي سطح سان لاڳاپيل هيون. حسون (Senses) ماڻهوءَ کي ڪائنات بابت ديڻا (تصور) ڏين ٿيون، پر انسان وٽ ايترا وسيلائي ڪونهن جو هو انهن "تصورن" کي ڪائنات سان پيڻي سگهي. جيڪڏهن ماڻهو هڪ دفعو اهو پرکي ونبي تہ پختي جاڻ فقط هڪ يا ٻن موضوعن تي طبع آزمائي سان حاصل ٿي سگهي ٿي تہ انهيءَ چٽائيءَ جي ڪري ڪيس ٻين موضوعن جي باري ۾ پڻ خاشي ۽ موچاري معلومات ملي سگهي ٿي. انهيءَ ڪري لاڪ جي ڪتاب "انساني سنترتا" ۾ بظاهر تہ اهو ٿو سمجهه ۾ اچيٰ تہ هو چوي ٿو تہ، جيڪڏهن انسان کي پنهنجي گهٽ جاڻ هجڻ جو پکو احساس ٿي وڃي تہ هو وڏي پٹماني جو دائرو وڌائي سگهي ٿو. ساڳئي طرح آزاديءَ جي باري ۾ ب ساڳي جدول استعمال ڪندي چوي ٿو تہ: جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي لاءِ گهٽ آزادي هجڻ واري ڳالهه کي بيان ڪري سگهي تہ هوند بهتر ۽ وسيع آزادي حاصل ڪري وڃي.

لاڪ جي فيلسوفيءَ جي وشالتا جديد دؤر جي ٻين فيلسوفن جي پيٽ ۾ نسبتن وڌيڪ آهي. نج فيلسوفيءَ جي سوڙهين حدن اندر هو ديڪارت يا هيگل کا گهٽ اثر انداز ٿئي ٿو،پر عام ماڻهو جي روز مره واري زندگيءَ ۽ روز جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معاملن ۾ سندس اثر انهن نظريي دانن کان گهڻو وڌيڪ آهي. سياست ۾ ماڻهو جي حقن يعني؛ زندگيءَ، آزاديءَ ۽ ملڪيت جي حقن وارو جان لاڪ جو نظريو هر هنڌ اصلاح پسندن ۽ انقلابين جي نظرين جو جڙ ۽ ثابت ٿيل سچو بنياد بڻجي ويو. سندس مذهبي رواداريءَ وارو فلسفو آهستي آهستي عيسائين جي سڀني فرقن قبول ڪري ورتو. زندگيءَ جي عملي ڪاروبار بابت سندس تصور ايريندڙ وچين طبقي جي ثقافت لاءِ مثالي نمونا بڻجي ويا. ذاتي منافعي ۽ عام جي ڀلائي واري سندس ترتيبيل نظريي ڪيس سائنسي ۽ صنعتي ترقي جي سگهاري وڪيل جي حيثيت ۾ مڃتا ڏياري. جيتوڻيڪ رومانوي شاعر، لاڪ جي نثراڻي افاديت پسندي وارن خيالن کي پسند ڪونہ ڪندا هئا، بلڪل ايئن جيئن هو پاڻ ۽ شاعراڻي تصوف کي سڀيڪار نہ ڪندو هئو، پر ۽ اڄوڪي دور ۾ شاعر لاڪ جي روپ ۾ هڪ شخص اندر زبردست ڏاهپ جا ماڻ ضرور محسوس ڪندا هئا. هو هڪ اهڙي هستي هئي جيڪو انساني ذهن کي روحانيت ۽ تصوريت جي اڻ سونهي دنيا مان ڪڍي، هڪ اهڙي نظر ايندڙ دنيا ۾ وڃي آيو، جنهن ۾ پورهيو، ڪاروبار، قانون سازي ۽ جانچ پڙتال جو خمير پيل هئو.

جيڪڏهن اڄ دنيا ۾ لبرل روين جي سائنسي جوڙجڪ نالي ڪا شئي آهي ته بيشڪ ان کي متعارف ڪرائڻ جو سهرو لاڪ مٿا ن اچي ٿو، سچ ته هو انهيءَ کان ۽ گهڻو اڳ آهي. سندس ڪتاب جيڪي فرينچ ۽ لاطيني زبانن ۾ هن جي حياتيءَ دؤران ڇپيا، تن کي سڄي سڌريل دنيا ۾ انتهائي اتساهه سان پڙهيو ٻڌي ويو. جيتوڻيڪ سندس ڏاڍاءُ انگريزي ئي هئو، پر ڏهن جيڪو فرانس ۽ هالئنڊ جي ڏهين مسافرين ۽ مختلف زبانن جي مطالعي جي ڪري ڪنهن حد تائين مختلف انداز ۾ اسريو هئو، تنهن جو انداز وسيع ۽ ڪائناتي هئو. لاڪ هڪ يوريي ماڻهو ۽ يورپ جي مخلوق هئو، انهيءَ مهابي هو يورپ جو اهڙو تخليقڪار هئو، جنهن کيس چڙو جاگرافيائي حد بندين کا ٻاهر ڪڍي هڪ عظيم ثقافتي حقيقت جو روپ ڏنو.

(جارج ڪٽننگ جي ڪتاب "دي گريٽ يوپيئنس" تان ورتل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



بشپ جارج برڪلي

جنم: 12 مارچ، 1685ع
لاڏاڻو: 14 جنوري، 1753ع

تصور ڪريو ته ڪي ب به سائنسدان آهن: منجهائن هڪڙو ويهه سال راتين جا اوجاڳا ڪيي سائنسي مشاهدا ۽ تجربا ڪري ٿو، پر ڪا ب نئين ايجاد ڪري ڪونه ٿو سگهي. جڏهن ته ٻيو آرڪمڊيز وانگر پاڻيءَ سان پريل ڪُونر ۾ ويهي، جهٽ ۾ باهر نڪري رڙيون ڪندي دوڙندو چوي ٿو:
"سمجهي ويس، سمجهي ويس." يعني ڪجهه منٽن ۾ ئي هو وزن ۽ ڦهلاءَ جي قائدي جو بنياد ڳولي ٿو لهي.... جيڪڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان کان پڇيو وڃي تہ مٽين ٻنهي سائنسدانن منجهان ڪير وڌيڪ اُتم هئو؟ تہ لازمي طرح سان آرڪميڊيز جيڪو حمايت ڪندا. پر هتي سوال ٽئو ايري تہ ڇا هو سالن کان گمنام جاگندڙ/ ڏورينڊڙ، ڪنهن ساراهہ جو مستحق ڪونهي!؟ ڇا انساني شعور جي ترقيءَ ۾ سندس ڪو ياگو ڪونهي؟!! آءٌ سمجهان ٽئو، تہ سندس جستجو، مستقل مزاجيءَ ۽ سچائيءَ کي ٻ سلام ڪرڻ کپي. ڇاڪاڻ جو پنهنجي جاکوڙ منجهہ، هن جيڪا نيٽن جي ننڍ ڌاڪي آهي ۽ جيڪي بيشمار گهڙيون انساندات جي لاءِ بهتري ڳولڻ ۾ قربان ڪيون آهن، اصل اهميت انهن جي آهي. ڪهڙي خبر تہ اڄتي هلي ڪو ٻيو سندس پورهيي جي بنياد تي ڪا نئين ڳالهہ دنيا آڏو نرواز ڪري وجهي يا ڪي نوان ڳس ڳولي ڪيي! شايد تڏهن ٿي محترم ۽ مهمان ملٽن چيو هئو:

"THEY ALSO SERVE, WHO ONLY STAND AND WAIT."

صدين کان آزاديءَ جي پنڌ ۾ پيرڙا ڪٽندڙ آئرلنڊ جي ڏرتيءَ جو سوچيندڙ ذهن، بشپ جارج برڪلي پڻ فڪر جي اتهاس ۾، هڪ اهڙي فيلسوف جي حيثيت رکي ٿو، جنهن تي سندس فڪري واڌ جي ڪري گهٽي کان گهٽي تنقيد ٿي آهي. مان نٿو سمجهان تہ جيترا مخالف ۽ نقاد برڪلي جا آهن، ايترا ڪنهن ٻئي فيلسوف جا هجن. مادیت پسند تہ خاص طور تي پر فطرت پرستن، وجودين، لذت پسندن حتاڪ رسل جهڙن حقيقت پسندن ٻ سندس فڪري واڌ تي تنقيد ڪري ان جا ڇوڏا لاهي ڇڏيا آهن. ان جو هڪ سبب اهو ٻ ٿي سگهي ٿو تہ سندس بنيادي نعرو: *"TO BE, AS TO BE PERCIEVED"* (شيون تيئن آهن، جيئن انهن کي ذهن سوجهي ٿو.) يعني مادي دنيا نالي ڪابہ شيءِ وجود نٿي رکي، جيڪڏهن ماٺهوءَ جو ادراڪ نہ هجي، تہ دنيا ٻ ڪونہ هجي- وارو اعلان عام فهم *(COMMON SENSE)* جي حوالي سان ذهن کي ڪو گهٽو پاڻ ڪونہ ٿو پوي.

بهرحال برڪلي جي فيلسوفيءَ سان اختلاف رکندي ٻ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌس ذهانت ۾ هوشياريءَ کان انڪار ڪري نٿو سگهجي. ان جو اندازو انهيءَ ڳالهه مان لڳايو‌ته برڪلي جي فڪر جو بنيادي ۽ اهم حصو،سنڌس حياتيءَ جي مُهڙين اناويهن ورهين ۾ ئي شڪل وٺي ٻيٺو. ڏاهپ جي ڏيهه ۾ سنڌس خاص ڪم اهو هئو‌ته هن فيلسوفيءَ منجهه مذهب جي اهميت برقرار رکڻ لاءِ،مادیت پسند (جڙوادين) خلاف فڪري تحريڪ جي سنواٽي ڪئي. برڪلي جي انهيءَ تحريڪ کي ، موضوعي مثاليت (SUBJECTIVE IDEALISM) جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. جنهن ۾ هن زور ڏنو آهي،ته شيون رڳو ذهن ۾ ئي موجود آهن، ڇاڪاڻ جو اهميت شين جي نه،پر ان شڪتيءَ جي آهي،جيڪا کين سُوجهي ٿي‌۽ اها سوجهي ذهن جي ملڪيت آهي.

هن سلسلي ۾ مثال ڏيندي هو چوي ٿو ته، ريل جو پٽو توڙي جو هر جڳهه تي ساڳي وٿيءَ سان جُڙيل آهي، پر ماٺهو جيئن جيئن پري ٿو وڃي،تيئن تيئن اهو ويجهو ٿيندي، آخرڪار هڪ ٻئي سان ملي ٿو وڃي. جيڪا حقيقت نه آهي. اصل ۾ ڪيس سچاٽپ بخشيندڙ ذهن،پٽيءَ کان ڏُور ٿيندو ٿو وڃي، جيڪڏهن ذهن ويجهو هوندو‌ته شيون وڌيڪ واضح ۽ صاف نظر ايندیون...

برڪلي وٽ خدا جو تصور اعليٰ ذهن (SUPER MIND) وارو آهي، جيڪو انسان کان وڌيڪ ساڃاهه ۽ سوجهي رکي ٿو، ۽ اهو به ته جتي انساني ذهن جون حدون ختم ٿين ٿيون،اتان آفاقي ذهن شروع ٿئي ٿو، جيڪو هر وجود کي سچاٽپ بخشي ٿو. سنڌس پنهنجي فيلسوفيءَ جي وڪالت ۾ لکيل،مشهور ڪتاب "THE DIALOGUES OF HYLAS AND PHILONOUS" جنهن ۾ هائيٽ لاس (سائنسدان) ۽ فلونس (برڪلي پاڻ) جي وچ ۾ بحث ڪيل آهي، تنهن ۾ برڪلي پنهنجي فڪر جا گهٽو ڪري هڙئي بنيادي نڪتا مهيا ڪيا آهن. عام طور تي هن ڪتاب جي اڄ به ايتري ئي اهميت آهي، جيتري دنيا جي ڪنهن به اعليٰ ڪتاب جي. انهي ڪري ئي فيلسوفيءَ ۽ فڪر جا شاگرد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توٽي اُستاد انهيءَ ڪتاب کي پڙهڻ ضروري سمجهن ٿا... چيو ويندو آهي ته مشهور انگريز فيلسوف ڊيوڊ هيوم تي برڪلي جي سوچن جو گهرو اثر آهي. هيوم جو تاثرن وارو نظريو (IMPERSSIONISM) پڻ برڪلي جي طريقئہ ڪار سان گهرو لاڳاپيل آهي. جڏهن ته هيوم جي فڪر جا وري ڪانٽ جي سوچن تي وڏا اثر آهن. ٻئي طرف جيڪڏهن هيگل جي جدليات جو جائزو ورتو ته سندس "روح جي اعليٰ سفر" واري خيال جيءَ وضاحت ۾ برڪلي جو اثر موجود نظر اينڊو.

تنهن ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته برڪلي پاڻ ته ڪا عمل برگيءَ فڪري واٽ ڏسي، سماج ۾ تواريخ جي تبديلي واري مرحلي تي اثرانداز ڪونه ٿي سگهيو، پر هن داخليت کي اهميت ڏيندي پاڻ ۽ پاڻ کان پوءِ وارن مفڪرن کي چڱو خاصو متاثر ڪيو. اسين ساٿس ڪيترو ئي اختلاف چو نه رکون، پر سندس جاکوڙ ۽ جستجو لاءِ احترام ضرور هٿ ڪپي. انهيءَ احترام جو هڪ مظاهرو آمريڪا وارن ڪندي، سندس نالي پٺيان ڪئلي فورنيا ۾ يونيورسٽي قائم ڪئي. جنهن ۾ ذوالفقار علي پُٽي سميت، دنيا جا سوين سياستدان، عالم، شاعر ۽ اديب پڙهي تيار ٿي نڪتا آهن ۽ پنهنجي پنهنجي علاقي جي ماٺهن جي خدمت ڪئي اٽائون.

برڪلي بابت رسل جو هيءُ مضمون، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جو هڪ مقصد، اولهه جي ويچار ڌارئن جو تعارف ڪرائڻ ۽ فيلسوفيءَ بابت تز معلومات جي سلسلي ۾، هڪ شروعات ڪرڻ آهي، ممڪن آهي ته ڪي ٻيا ان رخ ۾ وڌيڪ پيش قدمتي ڪن. ٻيو مطلب نئين سنڌ تي پيل مادي فڪر جي روشنيءَ جي نتيجي ۾، تصوريت ۽ عينيت کان غيرضروري ناآشنائيءَ کي ختم ڪرڻ آهي، ته جيئن اسين سوچ جي تواريخ جي ٻنهي پهلوئن کي نظر ۾ رکندي، پنهنجي راءِ قائم ڪرڻ ۽ ذهني طور تي سچائيءَ جي ذاتي مشاهدن حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيون. برڪلي جي فيلسوفيءَ وانگر رسل جو هيءُ تنقيدي مضمون، عام پڙهندڙن لاءِ ڪجهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکيرڙو آهي، پر هاڻي اسان لاءِ پڻ اهو ضروري ٿي پيو آهي ته سطحيپڻي ۽ سهل پسنديءَ کان هٽي ڪري، پيچيدين ۽ ڳوڙهين شين کي پڻ پرکيون، جاچيون ۽ سمجهون- ته جيئن سنڌ ۾ ذهني اوسر ۽ دانشوراڻي طبيعت جي ماحول بابت ايماندارائي راءِ جوڙي سگهجي.

- سنڌيڪار

جارج برڪلي (1685- 1753ع) فيلسوفيءَ جي تواريخ ۾، مادي جي وجود جي مخالفت ۾، چالاڪيءَ سان پروڙ ڏليل ڏيڻ جي ڪري مشهور آهي. سندس خيال هئو، ته مادي شين جو وجود، انساني سوجهيءَ يا ادراڪ جو محتاج آهي. پنهنجي انهيءَ موقف تي ٽيندڙ اعتراضن جو جواب ڏيندي، هن ڏسيو ته ڪنهن به وڻ جو وجود ممڪن ڪونهي، جيستائين ان کي انساني نظر نه ڏسي. ساڳي طرح خدا به هر شيءِ کي سوجهي ٿو، جيڪڏهن هو نه هجي ته مادي شين جو تصور به چٽو نه هوندو. جن تي جڏهن سمجھ/ ساڃاھ (COMMON SENSE) شين جا نالا ڏيندي انهن کي وڻ، جبل ۽ پٿر وغيره جي نالن سان سڏي ٿي، ته اهي به دراصل خدا جي سوجهيءَ جي نتيجي ۾ وجود ۾ اچن ٿيون. سندس خيال موجب، خدا جو وجود ثابت ڪرڻ لاءِ، اهو هڪ سڳهارو دليل آهي. انهيءَ سلسلي ۾، برڪلي جي نظريي جي وضاحت، شاعر رونالڊ ناڪس جي 'لمرڪ'(1) ۽ ان جي ڏنل جواب منجهان ٿئي ٿي، جيڪو هينئنءَ ريت آهي:

"ڪو هئو نوجوان چيو ٿي جنهن ته
ڪندو بيشڪ خدا محسوس ڏاڍو عجيب
جيڪڏهن هو جاڻي ته آهي هيءُ درخت جيڪو
سو اچي ٿو رکندو وجود
جڏهن ته چوڏسائن ۾ ڪوبه ڪونهي.
پيارا سائين:
تنهنجو هيءَ تعجب آهي عجيب
آءٌ ته هر گهڙي آهيان حاضر هر طرف
تنهن ڪري ئي وڻ جو وجود رهندو هميشه

(1) پنجن سٽن تي ٻڌل چرچي پريل ۽ خاص قسم جي تڪبنديءَ سان ٺهيل بيت، جيڪو اڪثر ڪري انگلنڈ ۾ سُر سان ڳائبو آهي- سنڌيڪار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي اهوئي سڀ ڪجھ
جيڪي مون ڏٺو آهي.
تنهنجو مخلص-
تنهنجو خُدا."

برڪلي آئرلنڊ جو رهواسي هئو. هو ٻاويهن ورهين جي عمر ۾ ڊبلن جي ٽرنٽي ڪاليج ۾ داخل ٿيو. جڏهن ته شاهي دربار ۾، ڪيس نواب سئفٽ واقف ڪرايو. سئفٽ جي مرتئي کانپوءِ، ڪيس سندس دولت جو اڌ ورثي ۾ مليو. هن برمودا (آمريڪا) ۾ هڪ ڪاليج برپا ڪرڻ جي رٿابندي ٻڌي ڪئي ۽ انهيءَ ڏس ۾، سال 1737ع کان 1731ع تائين RHODE ISLAND نالي هنڌ تي ٻه ويجي رهيو، پر سُٺت ئي ڳوٺ واپس پهچي ان رٿا تان هٽ ڪئي ڇڏيائين.

جارج برڪلي جي نالي سان هيٺين مشهور سٽ ٻ منسوب ڪئي ويندي آهي:

WESTWARD THE COARSE OF EMPIRE TAKES ITS WAY. (1)

جنهن ڪري ئي آمريڪي رياست ڪئليفورنيا ۾، سندس نالي پٺيان برڪلي جو شهر قائم ٿيو. 1734ع ۾ ڪيس ڪلاعن (CLOYNE) جو مُک پادري (BISHOP) مقرر ڪيو ويو. حياتيءَ جي آخري ڏهاڙن ۾، سر فرانسس بئڪن وانگر، سائنسي ڪوجنائن ۾ دلچسپي ورندي، ڏامر جي پاڻيات (TAR WATER) بابت ڪوجنا ڪندي، هن فيلسوفيءَ تي ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو. ڇاڪاڻ جو سندس خيال موجب، هن پاڻيات ۾ شفا بخشيندڙ خاصيتون موجود هيون. هو ان ڪم جي سلسلي ۾، ايڈو ته اتساھ ۾ آيو، جو هيٺيون ستون چٿي ڏنائين: "اِهي سرهائي ڏيندڙ پيالا آهن پر ڪڏهن ٻ نشئي نڪا بڻائين." اهڙن ئي جذبن جو اظهار، بعد ۾ سُر ڪا پرُ چانھ جي باري ۾ ٻ ڪيو آهي.

برڪلي پنهنجي حياتيءَ جا بهترين ڪتاب جوانيءَ منجھ لکي پورا ڪيا. جن ۾: شعور جو نئون نظريو.

1- A NEW THEORY OF VISION (1709)

انساني ڄاڻ جا قائدا.

2- THE PRINCIPLES OF HUMAN KNOWLEDGE (1710)

---

(1) هتي برڪلي جو اشارو، ڪئليفورنيا سميت، آمريڪا جي اُنهن مڙني الهندين رياستن ڏانهن آهي، جيڪي پنهنجي معاشي خوشحاليءَ جي ڪري مشهور هُيون ۽ اقتدار جو سرچشمو سمجهيون ويندیون هُيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيلاس ۽ فلونس جا مڪالما.

3- THE DIALOGUES OF HYLES AND PHILONUS (1713)

شامل آهن. جڏهن ته اٺاويهن ورهين جي عمر کان پوءِ لکيل سندس لکڻين جي،کا خاص اهميت ڪانهي. بهرحال هو پنهنجي موهيندڙ ڏاڻ جي ڪري ڏاڍو وٽندڙ ليکڪ آهي.

مادي جي خلاف سندس دليل "THE DIALOGUES OF HYLAS AND PHILONUS" نالي ڪتاب ۾،وڏي بحثابحثيءَ سان ڏنل آهن. هن ڪتاب منجهان آءٌ پهرين ۽ ٻئي مڪالمي کي اهميت ڏيندس، ڇاڪاڻ جو منهنجي خيال ۾ باقي مواد جي کا خاص اهميت آهي ئي ڪانه. هنن اهم مڪالمن ۾، برڪلي ڪن اهم نتيجن بابت،ڪجھ ثابت دليل ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. توٽي جو انهن دليلن جو،سندس طرفان ثابت ڪيل نتيجن سان،کو خاص ڳانڍاپو ڪونهي. سندس چواڻي آهي: هو اهو ڪي ميائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري ته: هر سچائي "ذهني" آهي، ان کان سواءِ اهو به ثابت ڪرڻ جي جستجو ۾ به آهي ته اسان جي سوجهيءَ ۾ شيون نه،پر انهن جون خاصيتون اچن ٿيون، جيڪي به سوجهيندڙ جي سگھ جون محتاج آهن.

آءٌ ترتيبوار،پهريائين سنئين سڏي انهن اهم مڪالمن کان شروعات ڪندس، پوءِ انهن جو تنقيدي جائزو ونڊي.ڇيڏُ ڪندس ۽ آخر ۾ مسئلن کي ايئن بيان ڪندس،جيئن اهي مون کي سمجھ ۾ آيا آهن.

برڪلي جي مڪالمن ۾،به ڪردار هڪ ٻئي سان بحث ڪندي نظر اچن ٿا. هڪڙو هيلاس- جيڪو سائنسي علم رکندڙ ساڃاه (COMMAN SENSE) جي ترجماني ڪري ٿو، جڏهن ته ٻيو- يعني فلونس برڪلي پاڻ آهي.

بحث جي منڊ ۾ هلڪو ڦلڪو تبصرو ڪندي هو چوي ٿو ته، هن فلونس جي واتان ڪجھ اچرج جوڳيون ڳالهيون ٻڌيون آهن، جن مطابق هو مادي شين جي وجود ۾ ويساھ نٿو رکي. اهو چئي،سُتت ئي حيرت وچان سوال ٿو ڪري ته: "ڇا انهيءَ کان وڌيڪ سمجھ کي جڙُ ڏيارينڊڙ ۽ وَهم پيدا ڪندڙ ٻي ڪا ڳالھ ٿي سگھي ٿي،ته مادي نالي دنيا ۾ ڪا شيءِ مورڳو موجود ٿي ڪانهي؟"

انهيءَ جي جواب ۾ فلونس وراڻي ٿو ته: هو حَسي شين جي وجود جو قطعي به انڪاري ناهي. مثال طور تي اُهي شيون،جيڪي فوري طرح سان انساني حواسن جي سوجهيءَ ۾ اچن ٿيون. پر ته به،اها پنهنجي جڳھ تي حقيقت آهي،ته پاڻ کي رنگن جي نِڪرڻ جي سبب بابت جاڻ ڪانهي يا آوازن جا بنيادي ڪارڻ ٻڌڻ جي به سڌ ڪانهي. نيٺ ٻئي انهيءَ ڳالھ تي راضي ٿين ٿا،ته حواسن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذريعي گهربل نتيجا ملڻ ممڪن نہ آهي.

اتي فلونس واضح ٿو ڪري،تہ نظر جي ذريعي،اسين رڳو سوجهرو، رنگ ۽ شڪلين ڏسي سگهون ٿا، ساڳئي طرح ٻُڌڻ جي رستي،ڇڙا آواز پلڪ ٽا پون- انهيءَ طريقي سان ئي،لمس يا هڙ ئي احساس حاصل ٿين ٿا، تنهن ڪري نتيجي ۾ حسي خاصيتن (SENSIBLE QUALITIES) کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ حسي آهي ئي ڪانہ، ڇاڪاڻ جو حسي شيون،ٻيو ڪجھ نہ،پر حسي خاصيتون يا انهن جو سنجوگ آهن.

هتي فلونس جاکوڙي هيلاس جي انهيءَ دليل تہ: "وجود رکندڙ شيءِ هڪڙي آهي ۽ سوجهيءَ ۾ ايندڙ ٻي." جي خلاف ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري تہ: "حسي شين جي اصليت کين سوجهڻ ۾ ئي لڪل آهي." يعني فلونس ادڪيچار حواسن جو تفصيلي جائزو ونڊي،انهيءَ ڳالھ جي پَرِ ٿو ڪٽي، تہ حسي حاصلات (SENSE DATA) اصل ۾ ذهني حاصلات ئي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ڪوساڻ ۽ ٽڏاڻ جا مثال ڏيندي چوي ٿو تہ، شديد ڪوساڻ اصل ۾ اهو سُور آهي، جيڪو ذهن ۾ وجود ٿو رکي، تنهن ڪري گرمي مادي نہ پر دماغي عنصر آهي، اهڙي طرح هو ساڳيو مثال ٽڏ سان ٻہ لاڳو ڪري ٿو. انهيءَ سلسلي ۾ پنهنجي دليل کي زور ونڊائڻ لاءِ،هو ننهن سوسڙي پاڻيءَ وارو مثال ڏئي ٿو. جنهن مطابق،اوهان جو هڪ هٿ ڪوسي پاڻيءَ ۾ پيل آهي،تہ ٻيو ٽڏي ۾- پوءِ اوهان اوچتو ٻئي هٿ ٻاهر ڪڍي،ننهن سوسڙي پاڻيءَ ۾ ٽا وجهو، هاڻي اوهان محسوس ڪندؤ،تہ اهو نيم گرم پاڻي،جيڪو هڪ ئي وقت نہ صفا ٽڏو آهي ۽ نہ ڪوسو- اوهان جي هڪ هٿ کي ٽڏو،تہ ٻئي کي ڪوسو لڳندو.

اهڙي طرح هو هيلاس کي قائل ٿو ڪري وڃي تہ: "ڪوساڻ ۽ ٽڏاڻ رڳو احساس آهن، جيڪي اسان جي ذهن ۾ وُجودرکن ٿا." پر هو اميد پرئي انداز ۾ اهو واضح ٿو ڪري تہ ٻيون حسي خاصيتون،پنهنجو ڌار وجود رکن ٿيون. اڳتي هلي فلونس چڪر وارو مسئلو کڻي ٿو ۽ چوي ٿو تہ، منو ڏائقو مزيدار ۽ ڪنو آزار آهي، جڏهن تہ مزو ۽ تڪليف ٻئي ذهني ڪيفيتون آهن. ساڳيو دليل خوشبو يا بانس سان لاڳو ڪندي، کين فرحت ڏيندڙ ۽ بي چين ڪندڙ ڪوبہ ٿو.

ان کان پوءِ جڏهن آواز تي بحث ٿو چڙي،تہ هيلاس زبردست دليل ڏيندي چوي ٿو تہ، اهو ٻيو ڪجھ نہ، پر هوا ۾ مخصوص قسم جي ڇُرڇُر آهي، جنهن جي تصديق انهيءَ حقيقت مان ٻہ پروڙي سگهجي ٿي،تہ خِلا ۾ ڪڏهن ٻہ آواز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيدا نہ ٿي سگھندا آھن، جيئن هو چوي ٿو: "اسان کي آواز جيئن آھن ۽ جيئن اسين انهن کي سوجھيون ٿا، ٻنهي ۾ تفاوت سمجھڻ گھرجي، يعني آواز جيڪو فوري اسان جي سوجھي ۾ ٿو اچي ۽ جيڪو اسان کان ٻاھر ۽ وجود رکي ٿو."

هتي فلونس واضح ٿو ڪري، تہ جُزيُر واري حيثيت ۾ موجود وٽُ، جنهن کي هيلاس آواز ٿو سڏي، سو ڏِسي ۽ ڇُهي سگھجي ٿو، پر ٻڌي قطعي ۽ نٿو سگھجي، تہ پوءِ اِهو اُهو آواز ڪونهي، جيڪو اسان جي ادارڪ ۾ اچي ٿو. انهيءَ ڳالھ کي پڻ قبولينديِ هيلاس چوي ٿو: "آواز جو پڻ ذهن کان سواءِ ڪو ۽ حقيقي وجود ڪونهي. هاڻي سندن وچ ۾ رنگن تي بحث شروع ٿو ٿئي. هن موضوع تي هيلاس انتهائي اعتماد سان چوي ٿو: "معاف ڪجو، رنگن جو معاملو صفا مختلف آهي، ڇا انهيءَ کان سواءِ ڪا ۽ شيءِ واضح ٿي سگھي ٿي، جيڪا اسان شين جي مٺاچري تي ڏسون ٿا؟ يعني اهو مادو، جيڪو شين جي مٺان لڳل آهي، تنهن جو تہ اسان جي ذهن سان ڪو واسطو ئي ڪونهي."

پر هن دعويٰ کي ۽ رد ڪرڻ ۾ فلونس کي ڪا ڏکيائي ڪونہ ٿي ٿئي. پنهنجي دليل جي شروعات، نما شامر ڏاري بيئل ڪَڪَرن کان ٿو ڪري. جيڪي رنگ ۾ ڳاڙھا ۽ سونهري هوندا آهن، بقول سندس تہ جيڪڏهن انهن ڪڪرن جي قريب ويجھو، تہ منجھن اھڙا ڪي ۽ رنگ وجود ۾ نہ رهندا. اڃا اڳتي هو سائيءَ جي مرض ۾ ورتل، ڪنهن مريض جي بظاهر پيلي چمڙيءَ واري رنگت ۽ خوردبينيءَ ذريعي، سندس معائني ۾ محسوس ٿيندڙ رنگن جو فرق ڏسي ٿو. تنهن کان سواءِ هو چوي ٿو تہ، صفا ننڍڙا ساهوارا، اُهي تمام ننڍڙيون شيون ڏسي سگھندا هوندا، جيڪي پاڻ ڏسي نٿا سگھون. تنهن تي هائيلاس وراڻي ٿو تہ رنگ شين ۾ نہ، پر روشنيءَ ۾ هوندا آهن، جيڪي بقول سندس اصل ۾ باريڪ پاٽياٽ جھڙو مادو آهن. فلونس هتي ۽ واضح ڪري ٿو تہ جيئن آوازن جي معاملي ۾ هيلاس مطابق، حقيقي رنگ انهن نيرن ۽ ڳاڙھن رنگن کان مختلف آهن، (جيڪي اسين پسون ٿا) تنهن ڪري اسان انهن کي رنگ ئي ڪونہ چونداسين.

ان تي هيلاس سيني ثانوي خاصيتن جو ذڪر ڪري ٿو. پر انهيءَ تي زور ڏيندو ٿو رهي تہ بنيادي خاصيتون خاص طور تي شڪل ۽ جُزيُر ٻاهرين ساڪت مادن ۾، اصل کان موجود آهن. جنهن جو جواب ڏيندي، فيلونس ٿو وراڻي تہ جڏهن اسان شين جي ويجھو آهيون، تہ اُهي وڏيون ٿيون لڳن، پر پري ويڃ سان ننڍڙيون- ساڳي طرح جُزيُر هڪ کي چوهي محسوس ٿي سگھي ٿي، تہ ٻئي کي ڏري پڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن موقعي تي هيلاس چوي ٿو تہ، ڪانئس شين ڪي محسوسات ڪان ڌار ڪرڻ ۾ ڇُڪ ڪونہ ٿي آهي، ڇاڪاڻ جو سَوجهڻ جو عمل تہ 'ذهني' آهي پر 'سوجهيل شئي' ذهني بالڪل ناهي، مثال طور تي "رنگ پاڻ هڪ سوچيندڙ وٽ جي حثيت ۾ ہ هڪ حقيقي وجود رکي ٿو"، انهيءَ جو جواب ڏيندي فلونس وراٹيو: "حواسن سان لاڳاپيل هر شئي يعني ڪوبہ تصور،يا ڪن تصورن جو ميلاپ،جيڪو سوچ ڪان وانجهيل شئي ۾ موجود آهي يا ذهن ڪان ٻاهر موجود آهي، سو پنهنجي وجود ۾ هڪ واضح تضاد آهي."

هن جڳهہ تي ساڳئي ڪتاب ۾، ڪجهہ صفحن ڪان پوءِ فلونس چوي ٿو تہ: "جيڪو ڪجهہ ہ فورن (پهريائين) سوجهيءَ ۾ اچي ٿو،سو تصور آهي- پوءِ چا ڪوبہ تصور ذهن ڪان ٻاهر ٿي سگهي ٿو؟"

مادي بابت مابعدالطبعياتي بحث ڪرڻ ڪان پوءِ،ڏسجندڙ/ درشني (Visual) بابت بنيادي دليل ڏيندي،تہ اهي فاصلي تي ڏسي ٿيون سگهجن، هيلاس نئون موضوع ٿو کولي. انهيءَ جي جواب ۾ فلونس چوي ٿو : "پوءِ تہ خوابن ۾ ڏسجندڙ شين کي ہ درست سمجهڻ ڪهي، جن کي هرڪو 'ذهني' سمجهڻ لاءِ تيار آهي. ٻيو تہ فاصلو نظر جي ذريعي پروڙي نٿو سگهجي، بلڪ تجربي ذريعي اهڙي آگاهي ٿئي ٿي، تنهن ڪري جيڪڏهن ڄائي جمر ڪان نابين ماڻهو، زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڏسڻ لڳي،تہ ڪيس ڏسجندڙ شيون ڪڏهن ہ فاصلي تي نہ لڳنديون. ٻئي مڪالمي جي شروعات ۾،هيلاس پڏرو ٽوڪري تہ مغز ۾ محسوس ڪرڻ جا ہ ڪي سبب آهن، پر فلونس ان کي ہ رد ڪندي چوي ٿو : "مغز هڪ حسي شئي هجڻ ڪري،فقط ذهن ۾ ٿي وجود رکي ٿو." هن مڪالمي جو باقي حصو غيردلچسپ آهي، تنهن ڪري ان تي بحث ڪونہ ڪبو.

هاڻي اچو تہ برڪلي جي تڪراري بحث جو تنقيدي جائزو وٺون.

برڪلي جي دليلن جا ٻہ حصا آهن. هڪ پاسي هو چوي ٿو تہ اسين رنگ ۽ آواز وغيره کان سواءِ مادي شيون ڪونہ ٿا سوجهيون، پر مٹيون شيون ہ ان ڪري آهن، جو اُهي 'ذهني' آهن- يا سادن لفظن ۾ تہ ذهن ۾ وجود رکن ٿيون. هتي برڪلي جو پهرين نُڪتو تہ غور طلب آهي، پر ٻيو انهيءَ ڪري غيراهم آهي،جو وٽس لفظ 'ذهني' بابت ڪابہ وضاحت ڪانهي. حقيقت ۾ سندس سڄو دارومدار آهي ٿي ان نُڪتي تي،تہ شيون يا تہ ذهني آهن يا مادي- ۽ اهو ٻہ تہ ڪا ٻہ شئي ٻنهي جو مُرڪب نٿي ٿي سگهي.

جڏهن هو چوي ٿو تہ، اسين مادي شيون نہ پر خاصيتون ٿا سوجهيون.يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو، تہ انهيءَ ڳالهہ ۾ اعتبار ڪرڻ لاءِ ڪوبہ جواز ڪونهي تہ، مختلف خاصيتون جن لاءِ ساڃاهہ (Common Sense) ڏَسي ٿيءِ، تہ اهي ڪنهن بہ هڪ شئي ۾ هجن ٿيون، جيڪا هر خاصيت ۽ سڀني خاصيتن کان جدا هجي ٿي. سندس انهيءَ دليل کي تسليم ڪجي ٿو. پر جڏهن هو چوي ٿو تہ بنيادي خاصيتن سميت، هڙئي حسي خاصيتون 'ذهني' آهن، تہ اُتي دليل ڏاڍا مختلف قسمن جا ۽ مختلف سچائين (VALIDITIES) جا ٿي پون ٿا.

ٿورو غور ڪبو تہ محسوس ٿيندو، تہ برڪلي ڪجهہ هنڌن تي منطقي ضرورتن (LOCICAL NECESSITIES) کي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ ڪن هنڌن تي مثالنس تجربيت چانيل آهي. اچو تہ انهن مان پهرين ڳالهہ تي بحث ڪجي.

فلونس چوي ٿو : "جيڪو بہ فوري يا پهريائين سوجهيءَ ۾ اچي ٿو، سو تصور آهي." تہ پوءِ ڇا ڪوبہ تصور، ذهن کان ٻاهر وجود رکي سگهي ٿو؟ انهيءَ لاءِ لفظ 'تصور' بابت وري هڪ ڊگهو بحث ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن اهو مڃجي ها، تہ سوچ ۽ سوجهي فائل ۽ مفعول جي وچ ۾ لاڳاپي تي بيئل آهي، تہ ذهن کي فائل ذريعي سڃاڻڻ ممڪن ٿيندو. ۽ ڇئي سگهبو تہ ذهن ۾ ٻيو ڪجهہ نہ، پر سندس آڏو رکيل شيون موجود آهن. برڪلي انهيءَ خيال کي بحث هيٺ آڻي ٿو، تہ اسان کي سوجهہ جي عمل کي، سوجهيل شئي کان ڌار ڪري، فرق محسوس ڪرڻ ڪيو- ۽ اهو بہ تہ موضوع (SUBJECT) 'ذهني' آهي، جڏهن تہ وٽ (SUBJECT) ايئن ناهي. هن خيال جي خلاف، سندس دليل ڪجهہ مُنجهيل آهن. انهيءَ کي، جيڪو بہ برڪلي وانگر، ذهني مادي (MENTAL SUBSTANSE) ۾ يقين ڪري ٿو، تنهن لاءِ لازماً انهيءَ دليل کي رد ڪرڻ لاءِ کي بہ جائز ذريعا ڪونهن.

هو چوي ٿو: "ڪابہ حواسن ۾ ايندڙ فوري شئي، سوچ کان وانجهيل مادي ۾ يا سڀني ذهنن کان ٻاهر هجي- سا ڳالهہ پنهنجي جوهر ۾ ئي واضح تضاد سان ڀريل آهي. هتي ٽيل چُڪ، هيٺ ڏنل مثال ذريعي ظاهر ڪجي ٿي. اهو ممڪن ٿي ڪانهي تہ ڪوبہ پائٽيو، چاڇي کان سواءِ وجود رکندو هجي، هاڻي جيڪڏهن الف پائٽيو آهي، تہ ان الف لاءِ هتي منطقي طور تي ضروري آهي تہ ڪيس چاڇو هجي." الف صاحب لاءِ هتي منطقي طور تي واضح ڪيو ويو آهي، تہ ان کي ڪنهن بہ جائزي تحت ثابت ڪرڻ ڪيو ويو آهي. هاڻي جيڪڏهن ڪابہ شئي حواسن جو مرڪز آهي، تہ پوءِ ان سان ڪوڙ ڪو ذهن لاڳاپيل ٿو لڳي. پر ان جومطلب اهو ڪونهي، تہ ساڳي شئي، حواسن جو موضوع نہ هجڻ ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو وجود ئي نہ پئي رکي سگهي.

هن مهل تائين جيڪو بہ سمجهيو ويو آهي، تنهن ۾ هڪ جهڙيون ڇُڪون پريل آهن. هيلاس جو چوڻ آهي تہ هو اهو گهر ڏسي سگهي ٿو، جيڪو ٻيا نٽا سوجهي سگهن ۽ نہ وري سندن ذهن ۾ ئي آهي. انهيءَ تي فلونس تکائيءَ سان جواب ڏيندي چوي ٿو: "جيڪو گهر هيلاس اکيلي سر ڏسي سگهي ٿو، سو آهي ئي خيالي."

منهنجو مقصد اهو ناهي تہ ڪو گهر جو تصور منهنجي ذهن منجهہ آهي، جڏهن آءٌ چوان ٿو تہ آءٌ اهو گهر ڏسان ٿو، جيڪو ٻيا نٽا ڏسن تہ درحقيقت منهنجو مطلب هيئينءَ رڻ کي سمجهڻ آهي. يعني، "هڪ اهڙو گهر وجود رکي ٿو جنهن کي ڪوبہ نٽو ڏسي." يا ايئن بہ "ڪو اهڙو گهر آهي، جنهن کي نہ ڪو ڏسي ٿو، نہ سُوجهي ٿو." هي جملو واضح ۽ صاف سمجهہ ۾ ايندڙ آهي، جڏهن تہ لفظن جي جوڙجڪ بہ درست آهي. جملو حقيقت ۾ صحيح آهي يا نہ، پر اهو پنهنجي ظاهر ۾ ڪو تضاد نٽو رکي، اهڙي طرح اهڙا ٻيا بہ ڪيترا رايا صحيح قرار ڏيئي ٿا سگهجن. مثال طور تي، ڪن بہ بہ مڪمل شين (INTEGERS) جي ممڪن واڌ جو تعداد لامحدود ٿيندو، تنهن ڪري کي اهڙا بہ آهن، جن بابت ڪڏهن سوچيو ئي ڪونہ ويو آهي. اهڙي طرح برڪلي جو دليل، جيڪڏهن قبول ڪرڻ جوڳو آهي، تہ پوءِ اهو ثابت ڪندو، تہ مڻين ڳالهہ ناممڪن آهي.

برڪلي جو چوڻ آهي، تہ حسي شيون لازماً حسي ئي هجڻ ڪپن. جيڪڏهن الف حواسن مان معلوم ڪيل آهي، تہ حواسن سان پريل ضرور هجڻ ڪپي. هتي جيڪڏهن سوچجي تہ 'ضرور' مان مقصد منطقي احتياج آهي، تہ پوءِ 'ضرور' پڻ حسي هجڻ ڪپي، ڇو تہ پوءِ ئي دليل درست سڏبو. دليل مان اهو ثابت نٽو ٿئي، تہ الف جي خاصيتن مان (جيڪڏهن اهي حسي ناهِن تہ بہ) الف کي حسي ثابت ڪري سگهجي. مثال طور اهو ثابت نٽو ٿئي تہ اهي رنگ، جيڪي حقيقت ۾ انهن رنگن کان ڌار ڪرڻ جوڳا ناهِن، جيڪي اسين ڏسون ٿا، ۽ لڪل نٽا رهي سگهن. اسين بدني طور تي اهو تسليم ڪري سگهون ٿا تہ ايئن ڪو نہ ٿو ٿئي، پر اهي سبب تجربا آهن، باقي جيتريقدر منطق جو تعلق آهي، تہ ان ۾ ڪو بہ اهڙو سبب ڪونهي، تہ جتي اک يا ذهن ڪونهي تہ اتي رنگ هرويرو نہ هجڻ گهرجن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي آءٌ برڪلي جي تجربي ليلن تي بحث ڪندس:

شروعات ڪندي تجربي ۾ منطقي دليلن کي گڏائڻ درست نڻو لڳي، ڇاڪاڻ ته منجهائن پويون جيڪڏهن صحيح نه هجي،ته نه پهرين کي فضول بنائي ڇڏيندو. جيڪڏهن آءٌ ان تي زور ڏيان ٿو،ته چورسو گول ناهي، ته پوءِ آءٌ ڪنهن به چورسي لاءِ،گول هجڻ واري تصور کي،ڪڏهن به قبول نه ڪندس، پر جيئن ته اسين منطقي دليلن کي رد ٿا ڪريون، ته پوءِ اسان کي تجربي دليلن کي لازمي طور تي اهميت ڏيڻي پوندي.

تجربي دليلن مان وري پهريون خاص طور تي عجيب آهي، سو اهو ته گرمي ڪنهن به شئي منجهه ڪانهي، ڇاڪاڻ ته گرميءَ جو سپ ڪان مٿيون ۾ سگهارو درجو ايذاءُ ڏيندڙ آهي، انهيءَ ڪري هتي اسين اهو ڪڏهن به قبول نه ڪنداسين،ته ڪابه سوجهيءَ ڪان وانجهيل شئي ايذاءُ يا فرحت ڏئي ٿي سگهي.

هتي اهو ڏسڻ گهرجي،ته 'ايذاءُ' پنهنجي ماهيت ۾ ڏاڍو منجهيل آهي، جنهن جو فائدو برڪلي به ونيو ٿو. انهيءَ منجهان هن جو مطلب محسوسات جي سُور ڏيندڙ خاصيت ٿي سگهي ٿي ته، اها بذات خود هڪ اهڙو احساس به ٿي سگهي ٿو، جنهن ۾ سور ڏيڻ جي خاصيت ٿي سگهي ٿي. عام طور تي اسان چوندا آهيون ته پڳل ٽنگ سُور ڏيندڙ آهي، اهو سمجهڻ بنان ته جنگهه اسان جي دماغ ۾ به آهي، ساڳي طرح سان اهو پڻ ٿي سگهي ٿو،ته گرمي سور ڏئي ٿي- ۽ اهو ته اهو ئي سپ ڪجهه آهي. جيڪو اسان سور بابت معنيٰ رکون ٿا. انهيءَ صورتحال ۾ ته هيءُ دليل ڏاڍو معمولي آهي.

هوڏانهن ننهن سوسڙي پاڻيءَ ۾ ڪوسي ۽ ٽڏي هٿ هجڻ واري دليل بابت، ٿُر طريقي سان معاملي کي ونڊاسون ته اسان کي معلوم ٿيندو،ته اسين جيڪو ڪجهه تجربي مان سمجهون ٿا، اهو ٽڏو ۽ ڪوسو نه پر 'وڌيڪ ٽڏو' ۽ 'وڌيڪ ڪوسو' آهي. ۽ انهن کي داخلي (SUBJECTIVE) ثابت ڪرڻ لاءِ،اسان کي ڪابه ثابتي نٿي ملي.

جيتريقدر ذائقي جو تعلق آهي،ته اتي به سواد ۾ مزي وارو دليل ورجائبو: مٺاڻ مزو ڏيندڙ آهي،جڏهن ته کٽاڻ بيچين ڪندڙ، ته پوءِ ته ٻئي ذهني وارداتون آهن. ڇا اهو ممڪن ڪونهي ته اها شئي،جيڪا سگهائيءَ ۾ مِٺي لڳي ٿي، سا اگهائيءَ ۾ کٽي لڳي. ساڳئي قسم جا دليل مختلف بوئن واري دليلن ۾ به استعمال ٿين ٿا: مثلاً،جيئن ته اهي وٽندڙ ۽ اڻ وٽندڙ آهن، تنهن ڪري اهي پڻ ڪنهن مادي نه پر مغز جون محتاج آهن، جيڪو ڪين محسوس ڪري ٿو ته پوءِ برڪلي هتي ۽ هر هنڌ اهو ٿو نتيجو ڪڍي، ته جيڪو ڪجهه مادي ۾ موجود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونهي، سو دماغي وَٽُ ۾ موجود آهي، جڏهن ته ڪابه شئي هڪ ئي وقت ذهني ۽ مادي نڪي ٿي سگهي.(1)

آواز بابت دليل ADHOMINENT آهي. هائيلاس چوي ٿو ته، آواز حقيقت ۾ هوا ۾ ڇُرپُر جو نالو آهي. جنهن کي فلونس رد ڪندي چوي ٿو،ته ڇُرپُر کي ڏسي، ڇُهي ۽ ٻڌي سگهجي ٿو، تنهن ڪري اهو حقيقي آواز ٻڌڻ جو جوڳو ئي ڪونهي. هن دليل کي مناسب دليل نڪو سڏي سگهجي. ڇاڪاڻ ته برڪلي آڏو سوجهيءَ ۾ ايندڙ آواز (PERCEPT) ٻين مڙني شين وانگر داخلي آهي، جڏهن ته جنهن ڇُرپر جي ڳالهه هيلاس ٿو ڪري، سا سوجهيءَ ۾ نه اچڻ جوڳي ۽ نه ئي سوجهيل آهي. ان هوندي ب اهو درست ايٽن آهي ته اهو آواز جيڪو ٻڌي ٿو سگهجي،سو هوا ۾ چرپر جي ذريعي سڃاڻي نڪو سگهجي، جيئن علم طبعيات ۾ ان آواز جو سبب سڏيو ويو آهي.

بهرحال هيلاس ثانوي خاصيتن کي في الحال پوئتي رکندي ب بنيادي خاصيتن تان هٽ ڪڻ لاءِ تيار ناهي، جن ۾ ڦهلاءُ، شڪل، نهريون شيون ڏرتيءَ جي ڇڪ (GRAVITY)،ڇُرپر ۽ سڪون جهڙيون شيون اچي ٽيون وڃن، هن بابت دليل خاص ڪري ڦهلاءَ ۾ چرپر تي زور ڏئي ٿو. هتي فلونس چوي ٿو ته، جيڪڏهن شين کي ڪي اصلوڪيون ماپون يا ڪاڇا آهن، ته اُها ساڳي شئي مختلف موقعن تي مختلف نڪي ٿي سگهي، پر تنهن هوندي ، جڏهن ان جي ويجهو اچون ٿا ته وڏي ٿي لڳي، پر پري وڃڻ سان ننڍي ٿي ٿي وڃي. ته پوءِ جيڪڏهن چرپر حقيقت ۾ شئي (OBJECT) منجهه آهي،ته پوءِ اها ڇُرپُر هڪ هنڌ تيز ۽ ٻئي هنڌ ڊرپ ڇو آهي؟

منهنجو خيال آهي ته اهڙا دليل سوجهيل مڪان ۾ داخليت ثابت ڪرڻ لاءِ ضروري آهن. پر هيءَ داخليت طبي آهي.اها ڪنهن ڪٿميرا ۾ ب ايتري ئي اهم آهي، اهڙي طرح اهو ثابت نه ٿي ڪري،ته شبيه (SHAPE) ذهن جي اندر موجود آهي. ٻئي ڊائلاگ ۾ وري فيلونس جڏهن بحث کي پورو ڪندي هيئيان لفظ اچاري ٿو:

"جُوهرن (SPIRITS) کان سواءِ،اسين جيڪي ڪجهه ڄاڻون يا اخذ ڪريون ٿا، سو سڀ اسان جا پنهنجا تصور آهن." هو درحقيقت جوهر کي ب جَنل نڪو رکي، ڇاڪاڻ جو انهن کي مادي وانگر ئي ڄاڻڻ آسان ۽ ممڪن ناهي، تنهن ڪري بهرحال اهي دليل ٻنهي رخن ۾ هڪجهڙا ئي آهن.

---

(1) اهڙو دليل جيڪو عقلي هجڻ جي بدران احساساتي هجي- سنڌيڪار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچو ته هاڻي اهو واضح ڪريون،ته برڪلي جي طرفان ڏنل دليلن منجهان، اسان ڪهڙن مثبت نتيجن تي پهچي سگهون ٿا.

جيئن پاڻ کي سُڌ آهي ته شيون حسي خاصيتن جو هڪ مجموعو آهن. مثلاً هڪ ميز- نظر ايندڙ شبيهه، سختيءَ ۾ ڪڙڪائڻ سان ٿيندڙ آواز ۾ جيڪڏهن ڪاٺ منجهه ڪا خوشبوءِ آهي ته، انهن مختلف خاصيتن کي تجربي ۾ ڪي محسوسات (جيڪي عامَ فهم کي ٻڌائين ٿيون) ڪنهن مخصوص شئي سان لاڳاپيل آهن. پر 'شئي' يا 'پرج' سوجهيل خاصيتن ۾ ڪوبه اضافو نٿو ڪري ۽ غيرضروري ٻه آهي، تنهن ڪري اسان کي هڪ واضح بنياد ملي ٿو- پر هاڻي اسان کي 'سوجهڻ' جي معنيٰ ٻه پاڻ کان ضرور پڇڻ کپي.

فيلونس چوي ٿو ته: جيتريقدر حسي شين جو تعلق آهي،ته انهن جي اصليت سندن سوجهجڻ ۾ ئي لڪل آهي، پر هو ٻه سوجهڻ جو مطلب پاڻ کي نٿو ڏسي. سوجهڻ بابت هي نظريو ته اهو موضوع ۽ ان کي پسندڙ جي وچ ۾ لاڳاپي جو نالو آهي، تنهن کي رد ڪري ٿو. جيئن هو اَنا (EGO) کي پرج ڄاڻائي ٿو، ته هن پڻ اهو نظريو اول ئي تسليم ڪيو هوندو. بهرحال هو فيصلو ان جي ابتڙ ئي ڪري ٿو. اهي ماڻهو جيڪي پرج جي انا کي رد ڪن ٿا ته انهن لاءِ هي نظريو ناممڪن آهي،ته پوءِ سوجهندڙ جو مطلب ڪهڙو آهي؟ ڇا ان جو مطلب ڪا اهڙي شئي آهي،جيڪا سوالن ۾ اچڻ کان وڌيڪ ٻه ڪجهه آهي؟ ڇا اسان برڪليَ جي دعويٰ جي ڇوڙاري ڪرندا رهون؟ ۽ اهو ڇونڊ بدران ته حقيقت سوجهجڻ ۾ ئي رڪيل آهي، ايئن ڇئون ته سوجهڻ جو مدار اصل هجڻ ۾ آهي.

بهرحال ان هوندي ٻه،ايئن ممڪن ضروري آهي، ڇو ته برڪلي جي استدلالي طريقي سان،اهو ممڪن آهي ته سوجهه کان ماورا شيون ٻه هجن ٿيون. جيئن ته هو ان ۾ يقين رکي ٿوته مثلاً جوهر وارو پرج سوجهجڻ کان پري آهي، ڇاڪاڻ جو ان مان اسان جو مطلب، ان جي ظاهري روپ کان گهٽو وڌيڪ هوندو آهي. ته پوءِ اهو 'گهٽو وڌيڪ' ڇا آهي؟ سوجهيل ۽ اڻ سوجهيل واقعي جي وچ ۾ هڪ واضح فرق اهو آهي ته پهريون ياد رکي سگهجي ٿو، جڏهن ته ٻيو نه- ڇا ان کان وڌيڪ ٻه ڪو فرق آهي؟

يادگيري (RECOLLECTION) انهن تاثرن جي قسم منجهان هڪ آهي، جيڪي لڳ ڀڳ اهڙين صورتحالن جهڙا آهن، جن کي اسين فطري طور تي 'ذهني' سڏيندا آهيون. اهي تاثر عادتن سان لاڳاپيل آهن. ياد هجي ته باهه جو سڙيل ٻار باهه کان ڊڄندو آهي پر اها سيخ ڪڏهن ٻه نه، جنهن کي باهه ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجهي مٽس ڪجھ پچائيو ويندو آهي. نفسياتي ماهر تنهن ڪري ئي عادتن ۽ پين لاءِ پيل شين کي،نس جي گهرڙي جي،هڪ قسم جي طريقي سان جاڻندو آهي، تنهن ڪري ڪيس علم بدن جي ماهر جي وضاحتن سان تڪرار ڪرڻ جي ڪابہ ضرورت ناهي.

علم بدن جي ماهر جي ٻوليءَ ۾ اسين چئي سگهون ٿا،تہ هر لقاءَ کي جيڪڏهن ڪو خاص قسم جو تاثر آهي تہ اهو سوجهي سگهجي ٿو. انهيءَ حوالي سان اسان تقريباً اهو چئي سگهون ٿا تہ ڪو بہ واٽر ڪورس، مينهن کي سوجهي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ جو مينهن جو پاڻي منجهائنس ئي لنگهي ٿو. ۽ اهو بہ تہ ڪابہ دريائي ماٽري (RIVER VALLAY) درحقيقت وٽل مينهن جي هڪ يادداشت آهي. جڏهن حافظي ۽ عادت کي اسين ڪنهن بدني علم جي ماهر جي اک سان ڏسون ٿا،تہ پوءِ اهي ڪنهن بہ بيئل جسم ۾ مڪمل طور تي اٽ لپ نہ آهن، انهيءَ سلسلي ۾ يعني جاندار ۽ بيءِ جان شين جي ڏس ۾ تفاوت رڳو هڪڙو- يعني درجي (DEGREE) جو آهي.

انهيءَ پسمنظر ۾ ڪنهن بہ واقعي جي سوجهجي ويڃ جي دعويٰ ڪرڻ، درحقيقت ايئن چوڻ هوندو تہ ڪو خاص قسم جو تاثر آهي. اهو بهرحال تجربي توڙي منطقي طرح سان ڪوبہ دليل نہ چئبو، جو اسين پنهنجي ليکي اهو فرض ڪري وٺون تہ سيني واقعن کي اهڙائي تاثر آهن،

انهيءَ ڏس ۾ عملي نظريو پيو معيار تجويز ڪري ٿو. هتي اسين شروعات ختم ٿيل علمن (FINISHED SCIENCES) کان نہ، پر جاڻ جي انهن بنيادن کان ڪنداسين، جن جي ڪري اسان جو سائنس ۾ ويساه آهي. اهوئي ڪجھ برڪلي بہ ڪندو رهيو آهي. هتي اهو ضروري ناهي تہ اسين اڳواڻ ئي سوجهيل شيءِ (PERCEPT) جي ڪا وضاحت ڏيون.(1)

بلڪ هن طريقءِ ڪار جا هيٺيان نڪتا آهن. پهريائين تہ اسين سڀ اهي رٽو گڏ ڪريون ٿا، جن لڳ اسين محسوس ٿا ڪريون تہ اهي انومانن جي بنيادن تي بيئل ناهن- ۽ اسان کي سڌ آهي تہ انهن منجهان گهٽائيءَ کي خاص تاريخن تي پيش آيل واقعن سان لاڳاپيو ويو آهي. انهن واقعن کي اسين PERCEPTS سڏيون ٿا. تنهن ڪري طئ ٿيل تہ PERCEPTS اهي واقعا آهن، جن کي اسين انومانن مان اخذ نٿا ڪريون. يا گهٽ ۾ گهٽ حافظي جي سهولت لاءِ ضروري چئون ٿا تہ اهڙا ڪنهن وقت PERCEPTS هٿا. تہ پوءِ هڪڙو سوال اُپري ٿو تہ،

---

(1) نوٽ: هتي PERCEPT جو مطلب سوجهيءَ هيٺ آيل مفعول وارو ٿيندو. مترجم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چا اسين پنهنجا PERCEPTS جوڙي سگهون ٿا،ته جيئن ڪي ٻيا واقعا معلوم ڪري سگهون؟ انهيءَ سلسلي ۾ هتي چار ممڪن صورتحالون ڏجن ٿيون. جن مان ٽي تصوريت سان لاڳاپيل آهن:

1ـ اسين پنهنجن هاڻوڪن PERCEPTS ۽ حافظن منجهان اخذ ڪيل انومانن جي ٻين واقعن سان درستگيءَ کي، مڪمل طور تي رد ڪري ٿا سگهون. هن راءِ کي ڪوبہ اهو اختيار ڪري سگهي ٿو، جيڪي انومانن کي واضع ڪيل نتيجن (DEDUCTION) تائين محدود رکن ٿا. ڪوبہ اڪيلو واقعو يا واقعن جو ميڙ، منطقي طور تي ايتري سگهہ رکي ٿو، جو اهو پنهنجي انفراديت برقرار رکي سگهي. انهيءَ ڪري ڪوبہ واقعن جو ميڙ منطقي طور تي حتمي ثبوت (DEMONSTRATIVE PROOF) ڏيندي ٻين واقعن جو وجود ثابت نٿو ڪري سگهي. سو جيڪڏهن اسين انومان کي واضح ڪيل نتيجي تائين محدود ٿا ڪريون، تہ پوءِ جاتل دنيا ۾ ٿيل اسان جي جاڻ ۾ آيل يا جاتل آهن، پر هتي شرط لاڳاپيل آهي تہ حافظي کي تسليم ڪيو وڃي.

2ـ ٻي صورتحال جنهن کي عام طور تي SOLIPSISM (1) چيو وڃي ٿو، تنهن ۾ منهنجن PERCEPTS مان انومان اخذ ڪرڻ جي اجازت مليل آهي، پر جڏن انهن واقعن بابت جيڪي منهنجي جيون ڪٿا سان لاڳاپيل آهن. مثال طور تي اهو رايو، تہ گذرندڙ زندگيءَ کي،ڪنهن پل ڪيتريون ئي اهڙيون حسي شيون هونديون آهن، جيڪي اسين نظرانداز ڪندا رهندا آهيون. اسين پاڻ کي ٻڌائڻ بنان ب ڪيئي شيون ڏسندا رهندا آهيون.

ڪنهن ب اهڙي ماحول تي پنهجو ڌيان رکندي جنهن ۾ اسين ڪابہ چرپر نٿا ڏسون، اسين هڪ ٻئي پٽيان ٿيندڙ ڪيترين شين کي ٿيندي محسوس ڪري سگهون ٿا. ۽ اسين سهمت آهيون تہ ۽ اسان جي محسوس ڪرڻ کان پهرين ئي، ڪنهن ب علمي انومان جو اهو درجو،غيرمحسوساتي طريقي سان اسان مان هرڪو ترتيبيندو رهي ٿو. ايتريقدر جو جيڪي تجربي کان ماورائي علم جي واڌو حاصلات کي حاصل ڪرڻ جي خواهش نٿا رکن، سي ب ايئن ئي ڪن ٿا.

3ـ ٽين صورتحال جيڪا ايڊنگٽن جهڙن دانشورن ب اختيار ڪئي آهي،سا اها تہ جيڪي واقعا اسان جي تجربي سان مشابهت رکن ٿا، تن منجهان ب انومان

---

(1) هڪ نظريو جنهن تحت وجود رڳو ان کي تسليم ڪجي ٿو، جيڪو جاڻي سگهجي يا موجود هجي- مترجم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيي سگهجي ٿو. انهيءَ ڪري هاڻي اسان کي حق پهچي ٿو ته چئي سگهون ته رنگ اسين نه پر ٻيا ماڻهو ڏسن ٿا، ڏندن جو سور ۽ ٻيا محسوس ڪن ٿا خوشيون ماڻين ٿا سور سهن ٿا. وغيره وغيره.

بهرحال اسان کي ايترو حق نڏو پهچي ته اهڙا واقعا اخذ ڪريون،جيڪي نه ته ڪنهن جي تجربي ۾ آيا هجن ۽ نه ئي وري ڪنهن ڏهن جي جوڙجڪ جو هڪ حصو هجن، هن راءِ جي انهيءَ خيال کان حمايت ڪري سگهجي ٿي ته واقعن سان لاڳاپيل هڙئي انومان، جيڪي هڪ جهڙائيءَ جي خيال کان منهنجي مشاهدي کان ٻاهر آهن ۽ اهي واقعا،جيڪي ڪنهن جي ۽ تجربي ۾ نٿا اچن، سي منهنجي حاصلات سان،ڪنهن ايتري مناسب مشابهت ۾ ڪونهن،جو اُهي ڪنهن ANALOGUS (1) انومان جي سند بڻجي سگهن.

4- چوٿين صورتحال عام فهم ۽ روايتي فزڪس جي حوالي سان آهي، جنهن تحت منهنجي تجربي توڙي ٻين جي تجربي ۾ اينڊز واقعن کان سواءِ ٻيا ۽ اهڙا واقعا آهن، جيڪي ڪنهن جي ۽ تجربي ۾ نٿا اچن. مثال طور: منهنجي سمهڻ واري ڪمري جو فرنيچر جيڪو سمهڻ دوران اونداهه ۾ ٻيل آهي.

مشهور مفڪر جي. اِي. مور تصوريت پسندن تي الزام هنيو هئو،ته وٽن اهڙيون ريلون آهن،جن کي ڪيٽا رڳو ان مهل آهن، جڏهن اهي تيشن تي بيئل آهن. انهيءَ لاءِ وضاحت ڏنل آهي ته ان گاڏي ۾ سوار ٽيل مسافر ۽ انهن ڪيٽن کي ڏسي نٿا سگهن، جڏهن ته اهي ويئل بهرحال زيل ۾ ئي آهن. عام فهم انهيءَ ڳالهه کي تسليم نڏو ڪري ته ڪيٽا اوچتو پنهنجو پاڻ ئي ظاهر ٿي ٿا پون، جڏهن توهان ئي کين ڏسڻ لڳو ٿا، پر ان مهل وجود ئي نه رکن،جڏهن توهان انهن کي چڪاسڻ ٿا گهرو. جڏهن هيءُ طريقو سائنسي آهي،ته پوءِ اهو انومان کي اهڙي اڻ سوجهيل واقعي جي بنياد تي بيئل ڏيکاري ٿو،جيڪو اوچتن ۽ حادثاتي قائدن تي مبني آهي.

آءٌ هن مهل اوهان کي مٿين چئن صورتحالن مان،ڪنهن بابت ۽ فيصلو ڪرڻ جي صلاح ڪونه ڏيندس. چاڪاڻ ته جيڪڏهن ممڪن ٿي سگهي،ته پوءِ فيصلو فقط منطق کان ماورا،ڪنهن انومان جي تفصيلي چنڊچاڻ ۽ ڪنهن امڪاني نظريي جي روشنيءَ ۾ ڪري سگهجي ٿو. آءٌ فقط اهو مشورو ٿو ڏيان، ته جن ماڻهن انهن سوالن تي بحث ڪيو آهي، انهن کان جيڪي منطقي چڪون ٿيون آهن، تن جي نشاندهي ڪئي ويچي.

---

(1) منطق ۾ اهڙو طريقهءِ ڪار جنهن تحت جاتل رُخن کان هڪجهڙائيءَ ۽ دليل ڏيندي ٻين رُخن ۾ به هڪجهڙائي ڳولجي- مترجم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن اسان مٿي ڏٺو تہ برڪلي سمجهي ٿو تہ ڪي منطقي دليل آهن، جيڪي اهو ثابت ڪري سگهن ٿا تہ ذهن ۾ ذهني واقعا وجود رکن ٿا. ساڳيو ئي رجحان ڪجه مٽيل بنيادن تي هيگل ۽ سندن معتقد ب رکن ٿا. مان سمجهان ٿو تہ اها هڪ مڪمل غلطي آهي. مثال طور اهڙيون ڳالهيون تہ: 'ڪو اهڙ زمانو ب هئو، جيڪو هن ڏرتيءَ تيءَ زندگيءَ جي وجود کان ب اڳ هئو.' جيڪڏهن درست يا غلط آهي، پر منطقي بنيادن تي ان کي رد نٿو ڪري سگهجي. ان کان وڌيڪ اهو تہ، 'ڪي حساب ڪتاب اهڙا ب آهن جن کي ڪوب معلوم نٿو ڪري سگهي.' هتي ياد رکڻ ڪپي تہ سوجهڻ ۽ مشاهدو ڪرڻ، رڳو مختلف قسمن جا تاثر آهن، پر اسان کي ڪوب عقلي دليل ڪونهي جو اها ڳالهہ ثابت ٿئي تہ سيني واقعن کي، انهن جهڙا يا هڪجهڙا تاثر هجن.

ان جي باوجود هڪ ٻئي قسم جو دليل ب آهي، جيڪو جيتوڻيڪ تصوريت کي مابعدالطبعيات طور نٿو مڃائي، پر جيڪڏهن درست هجي تہ ان کي هڪ عملي روپ مجرائي سگهي ٿو. عام طور تي اهو چيو ويندو آهي تہ ڪاب رتّ جيڪا تصديق جوڳي نہ هجي، ان جي ڪاب معنيٰ نہ ٿيندي آهي، پر تصديق جو مدار تہ PERCEPTS تي آهي. ان مان اهو واضح هو تہ ڪنهن ب شئي جي باري ۾ ڪاب رتّ، جيڪڏهن حقيقي ۽ ممڪن PERCEPTS کان وانجهيل آهي تہ اها بي معنيٰ آهي.

مان سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن هيءَ راءِ سختيءَ سان بيان ڪئي وڃي، تہ پوءِ اسان کي مٿي بيان ڪيل چئن صورتحالن مان پهرينءَ تي محدود ڪري ڇڏيندي. ۽ اسان تي بندش لڳائي ڇڏيندي، تہ سواءِ اهڙين شين جي، جيڪي اسان جي پنهنجي ذات جي ڏيان ۾ ڇڻي نموني سان آيل آهن، ٻين بابت نہ ڳالهايون. جيڪڏهن ايئن آهي، تہ پوءِ اها اهڙي راءِ آهي، جنهن کي ڪوب عمل ۾ آڻي نٿو سگهي. جيڪا ڳالهہ ان نظريي جي خامي آهي، جيڪو عملي بنيادن جي وڪالت ڪندو ٿو رهي. تصديق ڪرڻ ۽ ان جي علم سان لاڳاپي بابت سڄو سوال ڏکيو ۽ منجهيل آهي، تنهن ڪري آءٌ في الحال ان کي پاسي تي رکي ٿو ڇڏيان.

مٿين صورتحالن مان چوٿين، جيڪا انهن واقعن کي تسليم ٿي ڪري، جيڪي ڪنهن جي ب سوجهيءَ ۾ نٿا اچن، سي ب ڪنهن ڪمزور دليل جي ذريعي DEFEND ڪري سگهن ٿا. هتي اهو ضرور ياد رکڻ ڪپي، تہ CAUSALITY (1) ازل کان موجود (A PRIORI) آهي ۽ اهو ب تہ سببي قائدا

(1) هيءُ قائدو ٿيندو آهي، جنهن مطابق هر عمل جو ڪوبہ ڪو سبب هوندو آهي- سنڌيڪار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيستائين ممڪن ناهن، جيستائين اهي اَسوجهيل واقعا نہ آهن. ان جي برخلاف انهيءَ ڳالھ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي آهي،تہ CAUSALITY ازل کان موجود ناهي ۽ اهو ب تہ جيڪا ب باقائدگي يا سنڌاءُ آهي،سو PERCEPTS جي حوالن سان ئي مشاهدي هيٺ اچي سگھي ٿو. طبعياتي قانونن کي لازمي ميڙ لاءِ جيڪو ب دليل هجي،پر ايئن ضرور لڳندو تہ اهو ان لائق آهي، تہ ان کي PERCEPTS جي حوالي سان سمجھايو وڃي. جيڪا ب رٽ منجهيل ۽ مشڪل هوندي اها مستقل هجڻ واري خوبيءَ کان وانجهيل هوندي. جيڪا رٽ هاڻي مشڪل هوندي تہ اها مستقل هجڻ واري خوبيءَ سان وانجهيل هوندي. جيڪا هاڻي تائين طبعياتي قانونن مان محسوس ڪئي وئي آهي. پر اها هروپرو ايتري مشڪل ب ناهي.

آءٌ ان نتيجي تي پهتو آهيان،تہ مٿين چئن صورتحالن تي،ڪنهن کي ب ڪو اعتراض ناهي، تنهن ڪري ايئن چئي سگھجي ٿو،تہ سچائي عمل پسنديءَ (PRAGMATISM) ۾ آهي،۽ هتي چئني ڳالهين ۾ ڪوب اهڙو تفاوت ڪونهي. جيڪڏهن اهو درست آهي،تہ اسان پنهنجي پسند مطابق،منجهائن ڪو ب اختيار ڪري سگھون ٿا. ۽ اهو ب تہ منجهن هر فرق رڳو لفظن جي حد تائين آهي. آءٌ ان راءِ کي تسليم تہ ڪونہ ٿو ڪريان،پر ان لاءِ وڌي پٺماني تي بحث جي ضرورت آهي.

بهرحال ايڏا هڪ سوال پوءِ ب باقي رهي ٿو تہ ڇا 'ذهن' ۽ 'مادي' جهڙن لفظن لاءِ ڪا معنيٰ جوڙي سگھجي ٿي؟ سيڪو ڇاڻي ٿو تہ 'ذهن' بيو ڪجھ نہ پر تصوريت پسند جي سوچ آهي ۽ ساڳي طرح 'مادو' ماديت پسند جي ساڳئي قسم جي سوچ آهي. آءٌ سمجهان ٿو،تہ پڙهندڙ کي برڪلي کان واقف ٿيڻ کان پوءِ اها ڄاڻ ضروري ٿي هوندي،تہ تصوريت پسند گڏوڙ ۽ ٿوابي آهي، جڏهن تہ ماديت پسند بيڙو ۽ پاڻي. ممڪن آهي تہ انهيءَ سلسلي ۾ اڃا ب ڪجھ وڌيڪ چيو وڃي.

مادي بابت منهنجي وضاحت ڪجھ بي اطمينانيءَ واري ٿي سگھي ٿي. آءٌ ان کي ايئن ٻڌائيندس تہ جيئن اها فزڪس جي مساواتن سان سلهاڙجي هلي، جتي ممڪن آهي تہ سوالن جي تشنگي باقي رهي، انهيءَ صورتحال ۾ فزڪس توڙي مادو ٻئي تصور نقص ٻريا ٿي پوندا.

جيتري قدر 'ذهن' جو تعلق آهي، تہ جڏهن وٽ (SUBSTANCE) کي رد ٿو ڪجي،تہ پوءِ ذهن ڪنهن واقعن/ لقاون جي هڪ ميڙ جي شڪل ۾ هُٽ ڪپي. اهو ميڙ اهڙن لاڳاپن جي اثر هيٺ ضروري هجڻ ڪپي، جيڪي اهڙين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورتخالن جون خوبيون رکندا هجن، جن کي اسان 'ذهني' چوڻ پسند ڪريون. ان سلسلي ۾ اسين مثال طور تي حافظي کي ڳڻائي سگهون ٿا. جيتوڻيڪ اها ڳالھ حد کان وڌيڪ سادگي هوندي، پر ته به اسين 'ذهي' واقعي کي اها اهڙي وٺُ ڳڻائي سگهون ٿا، جيڪا ياد رکي (REMEMBERS) يا ياد رکيو ويو (REMEMBERED). ته پوءِ ذهن (جنهن جي ملڪيت ذهني واقعو آهي) سو واقعن جو اهڙو ميڙ آهي، جيڪو اڳياڙيءَ توڙي پچاڙيءَ ۾ حافظي جي ذريعي مليل واقعي سان جُڙيل آهي.

هاڻي محسوس ٿيندو، ته مٿين وضاحتن جي روشنيءَ ۾، ذهن توڙي مادي جو ڪو حصو، درحقيقت واقعن جو ڪو ميڙ آهي. اهڙو ڪو به سبب ناهي، جو هر واقعو، ڪنهن به هڪ يا ٻئي ميڙ سان لاڳاپيل هجي. ۽ اهڙو به ڪو سبب ناهي، جو ڪي واقعا، ڪنهن به هڪ ميڙ سان لاڳاپيل نه هجن. ته پوءِ ڪي واقعا اهڙا به ٿيندا، جيڪي ذهني توڙي مادي ٻئي نه هوندا ۽ ڪي واقعا ته وري ذهني توڙي مادي ٻئي هوندا. انهيءَ ڳالھ جو فيصلو، فقط ڪن اڻ ڪُٽ تجرباتي ڪوششن ذريعي ئي ٿي سگهي ٿو. جنهن کان برڪلي انڪاري آهي.

(برٽرنڊ رسل جي ڪتاب "History of Western Philosophy" تان ورتل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



فرانسئا ماري اراڻوٽ والٽيئر

جم: 21 نومبر 1694ع
لاڏاڻو: 30 مئي 1778ع

يونان جي مها ڏاهي هيراڪليٽس چيو هئو تہ: 'هر ڏهاڙي ايرندڙ سڀ ڪجھ نئون سج آهي.' يعني ڪائنات ۾ هر شئي تبديل ٿيندي رهي ٿي. سندس انهيءَ ڳالھ سان سهمت ٿيندي، بهرحال ايترو ضرور چئبو تہ هر نئين شئي ۾ بظاهر ختم ٿيل يا پُڄاڻيءَ کي پهتل شئي جو ستُ ءِ جوهر ضروري شامل هوندو آهي. ڇاڪاڻ جو ڪائنات پنهنجي هر نئين روپ ءِ لقاءَ ۾ ڪنڌهن بہ ترتيب جي لڙيءَ کي ٽٽڻ نٽي ڏئي، هر وارتا جو بهرحال ڪوبہ ڪو پُنتي ڇڏيل سڳ ضرور هُجي ٿو. فڪر ءِ ڏاهپ جي ارتقا پڻ انهيءَ وضاحت هيٺ پنهنجي مارچ جاري رکي ٿي. جيتوڻيڪ هر فيلسوف پنهنجي نظريي ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا آڏو نوان نڪورا خيال رکي ٿو، پر ساڳئي وقت هو پُراڻ جي ورجاءَ جو پڙاڏو بہ آهي. انهيءَ تسلسل ۾ فرانس جي علم ۽ ادب دوست سرزمين جي سدا بهار گل 'فرانسُئا ماري ارائوٽ' جنهن کي سڄي دنيا والٽيئر جي نانءَ سان سڃاڻي ٿي، تنهن جو ذڪر نہ ڪرڻ انساني اتهاس جي سياسي، فڪري ۽ سماجي ترتيب سان جڙ تہ زيادتي هوندي.

فيلسوفيءَ جي تواريخ ۾ سنڌس ڳانڍاپو هڪ پاسي قديم يوناني ڏاهن ليوسي پس، ڊيموڪريٽس، ايپيڪيورس ۽ ليوڪريشس سان ڳنڊيل آهي، تہ جاڳرتا جي دور ۾ مٽس ٽامس هابس، فرانسس بئڪن، ديڪارت، ليبنز ۽ لاڪ جي سوچن جا اثر واضح نظر ٿا اچن، ان هوندي بہ هو فيلسوفيءَ جي ڪهاڻي ۾ نہ رهڳو انهن وڏن نالن جيتري پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿو، پر ڳڏوڳڏ ميرابيو، ميرات، دانٽن ۽ رابس پيئر جهڙن اُجرن نالن تي سنڌس سوچن جي پڪي پُختي مُهر ڇڻي نظر ايندي.

دُنيا جي عظيم ناول نگار وڪٽر هيوگو سنڌس تذڪرو ڪندي چيو هئو: 'والٽيئر جو نالو ونڊ لاءِ پوري ارڙهين صديءَ جو ذڪر ڪرڻو پوندو.' ..... بلڪ ان دؤر جي صورتحال کي آڏو رکندي ايئن چئجي تہ هڪ طرف اتليءَ ۾ جاڳرتا ڪَرَ موڙي چڪي هئي، ٻئي پاسي جرمنيءَ ۾ سڌارا (Reformations) عروج تي هئا، پر هيڏانهن فرانس تي والٽيئر ڇانيل هئو. هو پنهنجي ملڪ لاءِ انوکي جاڳ پريل ياگُ ۽ فضيلت مند اصلاح ئي نہ پر انقلابي آڳ سان پريل پڙڪندڙ شعلو بہ هئو. جنهن جي مهابي صدين کان اونداه جي غار ۾ ٽاڪا ڪائيندڙ انسانيت آڏو ڪئين نيون راهون نروار ٿيون.

والٽيئر جي شخصيت جي مهانتا جو احاطو ڪرڻ لاءِ مون کي ٻيهر ول ڊيورانٽ جهڙي مرتبي واري شخص جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ اُڌار ونٽا پوندا، جنهن پنهنجي ڪتاب The story of philosophy ۾ لکيو آهي: "....هو ۽ روسو ان تحريڪ جا به بلند آواز هٿا، جنهن معاشي ۽ سياسي حالتن کي جاگيرداراڻي تسلط کان آجو ڪرائي وچين طبقي ڏانهن منتقل ڪيو. ياد رکڻ گهرجي ته هر اُسرندڙ طبقو ملڪ ۾ موجود رواجن ۽ قانون کان جڏهن مطمئن نه هوندو آهي، ته اهو رواجن کان مُنهن موڙيندڙ عقليت ڏانهن وڌندي، ۽ مُروج قانونن کان باغي ٿي، فطرت جو فيصلو قبول ڪندو آهي. بلڪل ايئن جيئن ڪنهن انسان ۾ وچڑندڙ خواهشون، ڪيس سوچڻ کان آشنا ڪرائيندين آهن. انهيءَ پس منظر ۾ فرانس جي دولتمند بورزوا پڙ والٽيئر جي عقليت جي حمايت ٿي ڪئي."

نئين يورپي فڪر جي تواريخ ۾ والٽيئر جو نانءُ ادب، سياست ۽ فيلسوفيءَ ۾ گڏيل ڪردار جي لحاظ کان، سيني تي حاوي نظر اچي ٿو. سندس شاهڪار تصنيفن ۾ گهٽائي منفرد رخ نروار ٿين ٿا. جيتوٽيڪ هو پاڻ چوندو هئو : "سياست منهنجو پيشوئي ناهي. مون سڄي زندگي جستجو ڪئي آهي ته انسان گهٽ ۾ گهٽ احمق ۽ وڌ ۾ وڌ مرتبي وارو نظر اچي....." پر پوءِ به جيڪڏهن سندس نالو فرانسي انقلابي تحريڪ مان خارج ڪري ڇڏجي ته خود روسو جي فيلسوفي به ايڏو وزن وٺي نه بيهي سگهندي. ساڳي طرح سندس رومانويت ۽ جمهوري قدرن کي ادب ۽ فيلسوفيءَ کان پري ڪجي ته يورپ جي فڪري تواريخ اڌوري رهجي ويندي.

انهيءَ راه اختيار ڪرڻ تي انسان دشمن ڏُرين هٿان مٿس ڪهڙيون مصيبتون نازل ٿيون، اهو سڀ ڪجهه هن مضمون ۾ بيان ٿيل آهي. جنهن کي پڙهندي سندس جُرئت، همٿ، مستقل مزاجيءَ ۽ کهل جا ڪجهه جلوا پسندي عقيدت منجهان سنيس جُهڪيو وڃي. ذهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي اختيار انهيءَ ڳالهه کي مڃيو وڃي ته بيشڪ دنيا ۾ جيڪڏهن اڄ کي مثبت رويا ۽ خيال موجود آهن ته انهن جا موڙ والٽيئر جهڙن مهان مُڙسن کي ٿي ٻڌندي سونهن ٿا. ڪهڙي خبرته اهڙن امر انسانن کي سوچن جو محور ٻڌائيندي، انگريزيءَ جي هڪ اُتم شاعر اليگزينڊر پوپ هيٺيون سٽون لکيون هُجن:

Hope Spring eternal in the human breast,
Man never is, but always to be,blest.

ـ سنڌيڪار

والٽيئر جي تصنيفن جي تڪا پيٽي ٿيَ ٿاهي، جيڪڏهن اوهان ڪنهن چگي لائبريريءَ ۾ ويندؤ، ته اوهان کي قطارن جون قطارون سندس ڪتابن سان ٻريل ملنديون. ايتريقدر جو اُهي مُهڙيان ترتيبيل جلد، جيڪي ارڙهين صديءَ جي پُڃاڻيءَ کان اڳ ظاهر ٿيا، سي به ستر کان گهٽ يا ڳڻ ۾ ڪنا ڪونه ٿي سگهيا. ان کان گهٽو اڳ سندس سڀو جلد ته هر ڪنهن جي گفتگو جو حصو بڻجي چڪا هٿا. اڄ کوجنا کان پوءِ هن جي انهن اڻ لڀ تحريرن جو ڳچ حصو جيڪو اڳ گمناميءَ ۾ ڇپيو، پر بعد ۾ سُڃاڻپي پيو، تنهن جي باري ۾ ڇا چئجي! يا سندس خط ڪتابت جي سدا وهندڙ واهڙ ڄاڻ مليل مواد، يعني لڳ ڀڳ ويهن هزارن خطن جي چگي خاصي انگ بابت ڪهڙي راءِ ڏجي؟! انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته سڄي يورپ جي ڪنهن به ليکڪ کي والٽيئر جيتري بي انداز شهرت ۽ ناهوکي موٽ نه ملي ۽ نه وري ڪو ٻيو هُن جيترو گهٽو لکي ٿي سگهيو.

انهيءَ جي باوجود اها ڳالهه ڪا ايڏي غير معمولي ڪونهي، جنهن ذريعي سندس شخصيت بابت ڪو چٽو تصور ڏيئي سگهجي. بلڪ سندس شخصيت جو سگهارو پهلو اهو به ڪونهي ته هن ايڏو جهجهو لکيو، پر اصل ڳالهه اها آهي ته هُن ايڏي ته امرتا ۽ سگهه سان لکيو، جو يورپ جي اُسرندڙ ذهانت ان جو اثر قبول ڪرڻ کان سواءِ نه رهي سگهي. جيتري قدر سندس ذات جو تعلق آهي ته اصل ۾ سندس نالو والٽيئر ٿي ڪو نه هئو. پر پئرس ۾ 21 نومبر 1694ع تي سندس جنم کان پُٹي ڏينهن تي بپتسمو (۱) ڏيندي سندس نانءُ "فرانسُوا ماري اراٿوٽ" رکيو ويو. نانءُ رکڻ ۾ ايڏي تکڙ انهيءَ ڪري ڪئي وئي جو ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي اعتبار ئي نٿي آيو، ته هي گرانٽ جيترو ننڍڙو ۽ نحيف ساهدار پهر اڃ کان وڌيڪ ڪو وقت جالي سگهندو! پر پوءِ به هو زنده رهيو ۽ نيٽ اهرين زهرين چڙهي پيو. (سندس باري ۾ فرض ڪيل خيالي يا حقيقي زبردست بيمارين سان منهن ڏيڻ بنان) اهو سلسلو ايستائين جاري رهيو، جيستائين سندس عمر 84 ورهين کي وڃي ڏڪ نه هنيو. پوءِ به هو وڏي ڄمار جي ڪري نه، پر حد کان وڌيڪ جذبات ۾ اچڻ وگهيءَ گذاري ويو.

جيتوڻيڪ سندس ولديت جي باري ۾ گهٽا شڪ شبها آهن، پر گهٽو ٿو ڪري سڀ انهي راءِ سان سهمت آهن، ته سندس والد فرانسئا اراٿونٽ نالي پئرس جو هڪ چگو چوڪو ڪمائيندڙ وڪيل هئو. جڏهن ته سندس امڙ به وچين طبقي جي مائي هئي ۽ سندس تعلق ڪنهن معزز گهراڻي سان هئو. والٽيئر کي هڪ وڏو ياءُ به هئو، جنهن سان اڳتي هلي سندس لڳ لاڳاپو ڇڏو ٿي ويو، پر اُن جي پيٽ ۾ هو پنهنجي پيٽ جي ڏاڍو قريب هئو- سندس ماءُ جو لاڏاٿو تڏهن ٿيو جڏهن اڃا ننڍڙي والٽيئر جي عمر ڇڙا ست ورهيه هئي. ڏهن سالن ڏاري يعني 1704ع ۾ هُن کي "لوئي لي گرانڊ" جي يسوئي ڪاليج ۾ داخل ڪيو ويو. جتي ڪيس پختي اساسي تعليم ڏني وئي.

هڪ اسڪولي شاگرد جي حيثيت ۾ ئي، منجهس شاعراڻي ذهانت جا اُهڃاڻ ڏسڻ ويا، جيڪا خوبي والٽيئر جي والد کي بلڪل پسند نه هئي. ڇاڪاڻ جو هُن ڪيس وڪيل بنائڻ ٿي گهريو، والٽيئر جي والد کي بلڪل پسند نه هئي، ڇاڪاڻ جو هُن ڪيس وڪيل بنائڻ ٿي گهريو، والٽيئر جي طبيعت ۾ انهيءَ لاڙي جي خلاف سندس والد طرفان ڪافي دباءُ وڌو ويو. پر انهيءَ موقعي تي هالڪ جي ڏرمي پيءُ (God father) يعني شاتيونيوف جي پادري، جنهن جي رهٿي ڪهٽيءَ ۾ راهبن واري تياڳنا بدران، شهرين جون خاصيتون جهڙوڪ حاضر جوابي، ڪلمڪي ۽ ڪنهن قدر شهري لاپرواهي ۽ مستي پريل هئي، تنهن سندس پاسو ڪنيو ۽ ڪيس انهن نون قدرن کان آشنائي ڏياري.

1711ع ۾ اسڪول ڇڏڻ کان پوءِ، والٽيئر جي پيءُ ڪيس پڙهائيءَ ۾ بي چسو، ۽ اوباش ماڻهن سان گهٽي اُٺ ويهه ڪندي ڏٺو. تنهن ڪري سگهوئي ڳوٺ روانو ڪيائينس ۽ بعد ۾ هالينڊ جي شهر هيگ ڏانهن ويندڙ ملڪي سفير سان ڪيس انهيءَ خيال کان اجازت ملي، جو سندس والد صاحب دل ۾ سوچيو پئي ته اتان موڪي اچڻ کان پوءِ هو ڪنهن هڪ هنڌ ٽرٽاڻءِ ٿي ويهندو. هوڏانهن خيرن سان هالينڊ ۾ پهچڻ سان ئي هن همراه وڃي هڪ اهڙي مائيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان پيڇ اٽڪايام جيڪا سُڄي ٿ هئي ٿي، پر وڏي ڳالھ ٿ مذهبي طرح سان ۽ پروٽيسٽنٽ هئي. سون تي سھاڳو اهوجو نوجوان والٽير جي افعالن بابت سفير صاحب کي دانهن ڏني وئي، نتيجي ۾ همراھ کي وڏي خواري کٽي ڳوٺ واپس موٽڻو پيو.

ڳوٺ پهچڻ کان پوءِ، کيس پنهنجي مرضيءَ خلاف، تصديق ڪندڙ وڪيل (Notary) بڻجڻو پيو. پر اتي ۽ کيس جڏهن وڻي ملندي هئي، ٿ هو وڃي لاُبالي طبيعت رکندڙ نوجوان ۽ شاهوڪار مائٽن جي محفلن ۾ ٽڪاءُ ڪندو هئو. جيڪي ادبي صلاحيتن، ذاتي موھ ۽ سماجي قابليت جي ڪري، سندس خانداني مرُتبي کي نظرانداز ڪري، کيس پنهنجي ساٿ ۾ رکنديون هيون. هن محفلن ۾ هو ڏاڍي ڇالاکيءَ سان، وڏي مرتبي واري ناٽڪي شاعري پيش ڪندو هئو. جڏهن ٿ سندس وڏيڪ آڏرياءَ، ۾ين تي ٽئول ڪرڻ واري غير معمولي خوبي جي ڪري ٽيندو هُئو. پر انهيءَ خوبيءَ ٿي کيس هڪ دفعي وڏي ڏُچي وڃي ڇڏيو. ٽيو هينئن، جو هن وقتي بادشاھ "ڊيوڪ آف اورليئنس" خلاف، ڪچين گارين سان سينگاريل، بدناموسيءَ ۾ريو هڪ خاص لکيو، جنهن جي پرزور تردید ڪرڻ کان پوءِ ۽، کيس ڪُجھ وقت لاءِ سزا ڏيئي، باسٽيل جي جيلخاني ۾ موڪليو ويو.

هيءَ سزا لڳ ڀڳ هڪ سال تائين هلي، پر ياڳن سان جيل ۾ ٿ ڪو مٽس سختي ڪئي ويندي هُئي ۽ ٿ وري کيس کا تڪليف ٿي پهتي. جيل ۾ والٽير راڄ ڪندڙ بادشاهي خاندان جي مشهور باني، هينري چوٿين بابت جنگي شاعري ترتيبڻ ۽ پنهنجي پهرين ڏڪ ۾ريي ناٽڪ 'اوديپي' کي گهڙي سنواري تيار ڪرڻ ۾ مشغول رهيو. پر جيل واري تجربي مان هن هڪ ٻيو وڏو سبق ۽ پرايو. جنهن ڪري ٿي 1718ع ۾ پنهنجي آزاديءَ کان پوءِ فرانسئا ارائوٽ جي حيثيت ۾، هو ستت ٿي منظر عام تان غائب ٿي ويو. ان کان پوءِ کيس 'ارائوٽ دي والٽير' يا ايا ۽ چڑي 'والٽير' جي نالي سان سڃاتو ويو. هن مشهور نالي جي اصليت بابت ڪافي اختلاف آهن، پر عام طور تي انهيءَ تي سهمتي آهي، ٿ والٽير فرينچ ٻوليءَ ۾، ننديي ارائوٽ جي اکرن جي بدليل ترتيب مان نڪتل، ٻيو ڪُجھو نالو آهي.

نئين نالي جي اعلان ۽ اُن کي اختيار ڪرڻ کانپوءِ، اهو نانءُ هر زبان تي اچڻ لڳو. ڇاڪاڻ جو پنهنجي پيءُ جي مرتبي پڇاڻان، کيس جهجهي دولت هٿ اچي وئي ۽ هو پنهنجي چوندبل پيشي، يعني شاعري ۽ ناٽڪ نويسيءَ واري معاملي ۾ گهٽو اڳتي وڌي ويو. 'اوديپي' سميت سندس ٻيا ناٽڪ ۽ ڏاڍا مشهور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيا. جڏهن ته 1723ع ۾ سندس ڪتاب 'هنرائيد' جي ڇپجڻ کان پوءِ، ته مورگوکيس 'فرانس جي ورجل' (ورجل روم جو زبردست شاعر ٿي گذريو آهي- سنڌيڪار) جو لقب ملي ويو. والٽيئر جا انهيءَ وقت شاهي دربار سان ب سٺا ناتا هئا ۽ سندس خواهش هئي ته هو وزير جو عهدو ماڻي.جيتوٽيڪ انهيءَ معمولي حاصلات کان پوءِ والٽيئر جو نالو،سياسي اتهاس جي رڳو حاشين ۾ ئي مس اچي ها!

انهيءَ وهيءَ ۾ هو اميرن جي نڪمن ب‍ارن سان اڪثر ڪري وڙهندو رهندو هُئو.

هڪ دفعي اهڙي ئي 'روهن' نالي اميراڻي گهراڻي جي هڪ ڇوڪر سان سندس جهيڙو ٿي پيو.جنهن هڪ دفعو اڳ ب پنهجن نوڪرن هٿان ڪيس گهٽيءَ ۾ ڪُٽرايو هُئو. انهيءَ واقعي کان پوءِ ڪاوڙ ۾ ايندي والٽيئر ڪيس 'ڊيوئل'(1) ڪرڻ لاءِ للڪاريو. جنهن کي ب‍ئي طرف کان،يعني روهن وٽان حقارت سان رد ڪيو ويو.اڳتي هلي جڏهن "روهن" گهراڻي کي سُڌ پئي ته اڃا والٽيئر جي اندر ۾ ڪورو ڪامي ٽو ۽ هو بدلي وٺڻ جون ڏمڪيون پيو ڏئي، ته هنن پنهنجي حيثيت هلائيندي،ڪيس ٻيو پيرو ب باسٽيل جي جيل ۾ بند ڪرايو. اهو حادثو اپريل 1726ع ۾ پيش آيو پر پندرنهن ڏينهن کان پوءِ والٽيئر کي انهيءَ شرط سان آزاد ڪيو ويو، ته هو ڪجهه وقت لاءِ مُلڪ ڇڏي ويندو. جنهن شرط کي ميجينڊي هو انگلينڊ هليو ويو.

انگلينڊ ۾ والٽيئر لڳ ڀڳ ٽي ورهيه اهڙي وقت رهيو، جڏهن جارج پهرين جي بادشاهي پوري ۽ جارج ب‍ئي جي بادشاهي شروع پئي ٿي. پرڏيه ۾ پهريائين ته ڪيس ڏاڍيون تڪليفون آيون. توڙي جو سندس ڪيسو سُفارشي چٽين سان ذري گهٽ پئي ڦاٽيو، پر اها حقيقت آهي ته وٽس ڏوکڙ ڪي جهجها هرگز ب نه هٿا. بهرحال مُنڊ وارن مايوسي پريل ڏينهن کان پوءِ،سندس ڪُليءَ دل سان زبردست آڏرياءُ ڪيو ويو. انهيءَ وچ ۾ هو انگلينڊ جي ان دؤر جي تقريبن سڀني نالياوارن ادبن سان مليو ۽ خاص ڪري ڪيس شهزادي ڪيرولين جي تڏي تان گهٽو ڪجهه پلئه ب پيو. انگلينڊ ۾ رهندي هو ناٽڪ گهرن ۾ پابنديءَ سان ويندو رهندو هئو. انهيءَ کان سواءِ هن انگريزي سکڻ جو ب فيصلو ڪيو ۽ ٿورڙي ئي عرصي ۾ هڪ نرالي انداز جي هجي (اُچار) سان هو چڱي خاصي حد تائين انگريزي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ پڙ ٿي ويو. خاص طور تي نيوٽن

(1) اهڙي دويدو ويڙهه جنهن ۾ مخالف ڪنهن ب ڳالهه کي انا جو مسئلو بڻائيندي، هڪ ب‍ئي کي مقابلي لاءِ للڪاريندي مرڻ مارڻ جا قانوني حقدار هوندا هٿا. (سنڌيڪار)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي فزڪس پڙهڻ سان گڏ هن فيلسوفي، دينيات، سياست ۽ سائنس جو پڻ مطالعو ڪيو.

ٻئي طرف هُن شيڪسپيئر جي ساراهه ڪرڻ ۾ ڪو به وسان ڪونه گهٽايو. توڙي جو هُو سندس شاهڪار ناٽڪ 'هيملٽ' کي 'معمولي ۽ ظالماڻو ناٽڪ' سمجهندو هو. پر والٽيئر کان مٿيرو ڪو به اهڙو ماڻهو نٿو سُجهي، جنهن يورپي عوام آڏو شيڪسپيئر کي 'عظيم تصوراتي شڪتي ۽ شان رکندڙ' شاعر جي حيثيت ۾ ڪانئس وڌيڪ متعارف ڪرايو هجي.

هو انگريزن جي سياسي سرشتي جي پڻ ڏاڍي ساراهه ڪندو هئو ۽ ڪيس سماجي طبقن جي هڪ ٻئي سان رلي ملي وڃڻ ۽ ضم ٿيڻ تي حيرت پري ريس ٿيندي هئي. هو ڪليسا جي فضليت پريي ڪردار ۽ مختلف فرقن جي انگريزي قانونن جي محفوظ سهپ هيٺ وڌڻ ويجهڻ کان به ڏاڍو متاثر ٿيل هئو. خاص طور تي ڪيس ماحول کي 'ڪٽاڪر اسڪيم'(1) تحت جوڙجڪ ڏيارڻ، ٻُجهان ڏيارينڊڙ جنگ کان شديد نفرت ۽ هڪ ٻئي سان پائپيءَ وارو ورتاءَ ڏاڍو ٽي وٽيوه. بهرحال ڪيترين اهڙين وٽندڙ ۽ اٽوٽندڙ ڳالهيون پوءِ به هيون،جيڪي هو ڏسي نه سگهيو. مثال طور تي،جيڪڏهن هو انگلئنڊ جي ڪنهن جيل ۾ وڃي ها ته شايد انگريزي قانون بابت ايڏو سنو تاثر نه رکي سگهي ها ۽ جيڪڏهن هو زبون ٿيل انگريزن جي پورهيي جي قائدن واري علم بابت تفصيلي جوڙجڪ سمجهي هاءته اهو به ممڪن هئو ته هُن، فرينچ هاريءَ جي مقابلي ۾، جيڪا انگريزي مزدور جي وٽندڙ تصوير ڪشي ڪئي آهي، سا به نه ڪري ها. انهيءَ هوندي به سندس زبردست مشاهداتي ذهن ڪيس غلط ٿيڻ نه ڏنو. جڏهن 1729ع ۾ هو آخرڪار فرانس واپس موٽڻ ۾ سوياروٽيوهته اهو والٽيئر جيڪو ڪاري (Channel)(2) ٽپي انگلينڊ ويو هُئو، تنهن کان فرانس ۾ موٽي آيل والٽيئر ڏاڍو مختلف هُئو. فرانس ۾ موٽي آيل والٽيئر بهتر ڄاڻو، سمجهه ۾ وڌيڪ جامع /مڪمل، سماجي ترقي جو وڌيڪ آرزومند ۽ سڌارن جي وڪالت ڪندڙ والٽيئر هئو.

تڏهن به ڪجهه سالن لاءِ هو پراڻن رُخن تي هلندو رهيو. ايتا به منجهس

---

(1) ڪُٽاڪر انگلينڊ ۾ امن ۽ سلامتيءَ لاءِ جوڙيل مسيحي جماعت جي ميمبر کي چوندا آهن. (سنڌيڪار)

(2) هتي مُراد انگلينڊ ۽ فرانس وچ ۾ اهو ساونڌي واهه آهي، جنهن مان لنگهي ماڻهو ٻنهي مُلڪن ۾ اچي وڃي سگهي ٿو. هن کي انگلش چئنل به سڏيو ويندو آهي. (سنڌيڪار)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو ساڳيو زبردست ادبي اُتساهه جو اهل اُهڃاڻ ۾ فرينچ ڏاهپ جو محبوب والٽيئر موجود هُئو. جيڪو هر وقت ناٽڪن، نظمن، مضمونن ۾ تواريخن کي بيان ڪرڻ ۾ مصروف ٿيل هئو. جنهن کي نه رڳو عام طور تي دلچسپيءَ سان پڙهيو ۽ ٻڌو ٿي ويو، بلڪ سندس زبردست مشهوريءَ ۾ پڻ واڌ پئي اٿي. پر سگهوئي، يعني 1734ع ۾، شديد بي پرواهيءَ يا سوچي سمجهي ڪيل رٿابندي هيٺ، هُن فيلسوفيءَ تي پنهنجي شاندار ڪتاب Letters philosophiques sur Les Anglais کي ڇپرائڻ جو بندوبست ڪيو. حاضر جوابيءَ ۽ خاص وقار سان پريل هن ڪتاب ۾، انگلئنڊ ۾ گهاريل گهڙين ۽ ماڻهن جو عڪس چٽيل آهي. پر اُهي جيڪي سندس هن ڪتاب کي گهري نگاهه سان پڙهڻ جي جستجو ڪن ٿا، سي آخرڪار اهو نتيجو ڪڍن ٿا، ته هيءُ ڪتاب انگريزي سياءَ ۽ ادارن جي ساراهه ڪندي، حقيقت ۾ انهيءَ ڳالهه کي واضح ڪري ٿو ته مجموعيءَ طور تي انگريز فرانسي لوڪن کان گهڻي قدر بهتر آهن.

هن ڪتاب ڇپجڻ شرط ئي حڪومتي اختيارين ان جو سخت اثر ورتو ۽ ڪتاب کي ساڙڻ جو حڪم ڏنو ويو، ڇاڪاڻ جو سندن خيال ۾ انهيءَ منجهان 'عوامي سرشتي ۽ مذهب' کي زبردست خطرو هئو. انهيءَ قدم کان سواءِ نه رڳو والٽيئر جي گرفتاريءَ جا وارنٽ جاري ڪيا ويا، پر سندس رهائشگاهه کي به غداريءَ جوڳو مواد هٿ ڪرڻ لاءِ ڦولهيندي 'لُٽي ڦري' تباهه ڪيو ويو. هوڏانهن والٽيئر کي انهيءَ ماجرا جو پتو اڳ ئي پُڄي چڪو هُئو. تنهن ڪري هو سلامتي سان پهريائين "ڪارلسروه" ويجهو 'فلپس برگ' واري ڪٽمب ڏانهن نڪتو هليو ويو، جتي سندس دوست 'ڊڪ ڊي رچوليو' جو راڄ هُئو ۽ اتان پوءِ 'لورين' ۽ 'شيمپيئن' جي سرحد ويجهو سائري جي حويليءَ ۾، ان جي مالڪڻ مارڪيئز ڊي شاليت ۽ ساٿس گڏ رهندڙ مڙس موسيو مارڪُئز جو ورهين تائين مهمان ٿي رهيو.

درحقيقت اتان ئي والٽيئر جي زندگيءَ جُون يادگار گهڙيون شروع ٿين ٿيون. انهيءَ سال 1734ع ۾ مادام شائليٽ اناويهن ورهين جي هئي، جڏهن ته جنهن مرد سان سندس شادي ٿي هئي، سو ته پاڻ ڪائنس به وڏي اميراڻي گهراڻي سان واسطو رکندڙ هئو. سندس شاديءَ کي نو سال ٿي چُڪا هٿا ۽ ڪين ٻٽي پار به هٿا، پر ڪجهه سالن کان ٻنهي زال مڙسن رسمي طور تي رواجي لاڳاپا برقرار رکندي، علحدگي اختيار ڪئي هئي، ڇا لاءِ جو مادام شائليٽ پنهنجا عاشق هڪ ٻئي پٽيان مٽائيندي رهندي هئي. سندس پويون عاشق والٽيئر جو يار ڊيڪ ڊي رچوليو هئو. جسماني لحاظ کان مادام سهڻي هُجڻ کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڌيڪ ڊولائتي هئي ۽ ذهني طرح سان عام هلڪڙين مائين جي ٻيٺ ۾ دانشوراڻي طبيعت رکندڙ عورت هئي. جڏهن ته هن وٽ پنهنجي مطالعي (جنهن ۾ علم حساب جا منجهيل مسئلا سمجهڻ، سائنس ۽ فليسوفيءَ سان گڏ نيوٽن جو Principia جيڪو هُن پنهنجي سِرفرانسي ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿي ڪيو) لاءِ ٿي پورو وقت نه هيو، ته ڪيس کي به ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪيئن ٿي حجمن ۽ درزين وٽ گهارڻ لاءِ ڇڏي سگهيو!

سندس شخصيت جا ٻئي پهلو شاندار آهن، يعني هڪ طرف ته هو سچي پچي علم دوست مائي آهي ۽ ٻئي پاسي من موهيندڙ عورت پڻ. والٽيئر هيترن سارن گڻن جي مالڪياڻيءَ کان ايڏو ته متاثر ٿيو، جو نه رڳو گهرڏياڻيءَ جي ڪيترن خرچن جو ٻار پنهنجي ذمي کنيائين، پر حويليءَ جي تباهه ٿيل هڪ حصي جي اڏاوت ۽ مرمت جي لاءِ به ڏوکڙ ڏنائين.

سائري ۾ رهندي خاص طور تي 'جون آف آرڪ' تي مزاحيه تحرير Lapucella ۽ لوئي چوڏهين بابت Siccle de Louis xiv ڪتاب سميت ٻئي شاندار لکڻ جي ڪم ۾ مڪمل رُڌل رهيو. 1744ع ڌاري فرانس جي شهزادي ڊافن جي شاديءَ جي رس ريبي موقعي تي ورتل، سندس طرفان سرگرم حصي جي ڪري، ڪيس شاهي تواريخدان مقرر ڪري،چگي خاصي پگهار ڏيڻ کان سواءِ،ڪيس مشهور ادبي اداري Academic francaise ۾ چونڊيو ويو. هاڻي مجموعي طرح سان والٽيئر جي زندگيءَ جا ڏهاڙا چڱا ٻئي گذريا، پر اوچتو وري ٻيو چڪر ٿي ٻيو، سو اهو ته والٽيئر جي سنگتياڻيءَ مادام شالئيٽ تيرنهن سالن جي سنگت کان پوءِ، محسوس ڪرڻ شروع ڪيو هئو ته هن هاڻي منجهس خاص دلچسپي وٺڻ ڇڏي ڏني هئي. اهو سمجهڻ کان پوءِ مادام والٽيئر کي ڇڏي،هڪ ٻئي سرگرم عاشق 'مارنس ڊي سينٽ لئمبرٽ' نالي پاڻ کان ويهه سال ننديءَ همراه سان وڃي پيچ پختا ڪيا. انهيءَ سلسلي ۾ عام راءِ اها آهي ته هن بدليل صورتحال کي والٽيئر مفڪراڻي رضامنديءَ سان قبول ڪري ورتو. پر ڊاڪٽر 'ٿيوڊور بيٽرمئن' (والٽيئر جي لک پڑهه تي مُبني مواد 107 جلدن جو سهيڑيندڙ) جي ذريعي شايع ٿيل خطن کي ڏسندي، والٽيئر کي ساراهي نٿو سگهجي. جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ٿوري وقت لاءِ ئي سهي،پر والٽيئر جا مادام شالئيٽ جي وڏي پاٽيجيءَ 'مادام ڊينس' (شاليت جي مرهيات وڏي ٻيٺ جي ڏيءَ) جنهن کي بيواهه ٿيڻ کان پوءِ سائريءَ ۾ رهايو ويو هُئو- تنهن سان جذباتي لاڳاپا رهيا هئا. هيءَ صورتحال انتهائي بي ايمانيءَ (ٻنهي وچ ۾ جنسي لاڳاپن کي الڳ رکندي ٻ) ۽ انتهائي واهيات پهلوئن سان پريل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. پر اهو رؤنشو سگهوئي هڪ الميي ۾ هينئن تبديل ٿي ويو، جو مادام شاليت پنهنجي سِر پٽن پوٽن واري ٽيٽ ۽ ٽيتاليه سالن کي پهچڻ کان پوءِ ۽ سئنٽ لئمبرٽ مان پيٽ سان ٽي ڀئي ۽ ويچاري 10سيپٽمبر 1749ع تي زبردست ذهني مونجهاري ۽ شديد ڏکويل هوندي، ويمر دؤران اوچتو گذاري ويئي.

هن المناڪ طريقي سان انهيءَ عورت کان محروم ٽيٽ کان پوءِ، جيڪا هيڏي وڏي عرصي لاءِ سندس زندگيءَ جو محور رهي هئي- والٽيئر 1750ع تائين ذهني طور تي ڏاڍو بيقرار رهيو. اها ڪيفيت تيستائين برقرار رهي جيستائين ساڻئي سال پروشيا جي بادشاهه فريڊرڪ انتهائي دل ليائيندڙ آڇون ڏيندي، ڪيس برلن جو چڪر هڻڻ جي دعوت ڏني. هونئن ته اهڙيون دعوتون ڪيس ڪيئن دفعا ملي چڪيون هيون، پر هر ڀيري ڪيس مادام شاليٽ انهن کي قبول ڪرڻ کان باز رکيو. جيئن ته هن ڀيري صلاحن ڏيڻ واري پاڻ جيئري ڪونه هئي، تنهن ڪري والٽيئر 1750ع ۾ (اهو ياد رکڻ گهرجي ته هن مسافريءَ ۾ مادام ڊينس ساٽس گڏ ڪونه هئي)، انهيءَ ٽڪائيندڙ سڃي ڪنڌ واري ڊگهي سفر تي نڪري پيو. جولاءِ ۾ هو جڏهن جرمنيءَ جي دربار ۾ پهتو ته ڪيس شهزادن جهڙو آجياڻو ڏنو ويو، نه رڳو سندس سُک ۽ آرام جو خيال رکيو ويو پر مٿس روڪڙ ۽ مرتبي جي به بارش ڪئي وئي. اهڙي صورتحال ۾ والٽيئر احسانمنديءَ جو ايڏو ته بار محسوس ڪيو جو ڳوٺ ڏانهن لکيل خطن ۾ هن دنيا جي تختي تي موجود اڪيلي فيلسوف بادشاهه، يعني فريڊرڪ جا بي انداز ڳڻ ڳايا هئا. خطن ۾ يڪا سارا صفحن جا صفحا والٽيئر هن عظيم جنگي سورمي ۽ ادب ۽ فن جي عاشق سان گذاريل فرحت ڀرين گهڙين جا تفصيل ڏيڻ ۾ صرف ڪيا آهن. حقيقت ته اها آهي ته جنهن ڪاريگريءَ سان هي بادشاه ٻنسري وڄائيندو هئو ۽ موچاري شاعري ڪندو هُئو، تنهن جي واکاڻ لازمي به هُئي. پر فقط ڪُجهه هفتن کان پوءِ وري ڳالهيون ئي ٻيون ٿيون لڳن! جن مان اهو واضح آهي ته والٽيئر جي اعصابن ۾ مسلسل هنگام خيزيءَ سان ڀريل درٻاري محفلن، فوجي پريڈن، طبل ۽ توتارا وڄائڻ وارين رسمن، هيڪاندين دعوتن ۽ آجياڻن، هڪ قسم جي بيزاري ڀري ڇڏي. انهيءَ سلسلي ۾ مادام ڊينس کي هن خط ۾ لکيو ته هُن بادشاهه کي چورايو هُئو ته ڪيس شاهي دعوت ۾ شرڪت کان معافي ڏني وڃي، جو اُتي بي انداز شهزادا اڇي ميزن تي ڳاهٽ ٽا ٽين. هُن اهو به لکيو ته هاڻي هُو بادشاهه سان گڏجي فقط ننڍين ۽ مخصوص محفلن ۾ پوڄڻ ڪري ٿو، ڇاڪاڻ ته اُتي هر شئي فطري، مختصر ۽ خوشين ڀري هُجي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته جلد اُتي حالتون ڳڻتيءَ جوڳي حد تائين خراب ٿيندیون ويون- والٹير جي اها عادت هئي ته هو پنهنجا رويا هميشه انگلن ۾ريا ۽ يوڳائي نموني جا رکندو هُئو ۽ مخاص ڪري هاٿي ته هن جي طبيعت صفا ٻاراٿي بڻجي چُڪي هئي. نتيجي ۾ جنهن تنهن سان جهيڙو ڪيون بيٺو هوندو هئو، تنهن ڪري مشڪل سان ئي اتي هو ڪو دوست بڻائي سگهيو. هُن بادشاه جي طرفان درٻار ۾ ٻين ماڻهن مٿان ٽيندڙ مهربانين تي ڏاڍي اڌنگي نموني چڑ ٿي کاڌي. جيتوڻيڪ انهن ۾ يورپ جا انتهائي اهم درجو رکندڙ اديب، فيلسوف، سائنسدان ۽ رياضيدان ٻ شامل هئا، هن منهن سامهون کين بيعزتو ٿي ڪيو ۽ سندن پر پُٹ سازشون ٿي سڏيون. جڏهن اهو سڀ محسوس ڪندي، بادشاه فريڊرڪ پنهنجي شاهاٿي عقلمنديءَ واري طريقي سان ڪيس ٽوڪيندو هئو، ته ان جي جواب ۾ والٹير شديد شرمندگيءَ وچان يا ته چُپ رهندو هُئو يا وري انتهائي گستاخيءَ سان ۾ريل جواب ڏيڻ لڳندو هُئو. اهڙي ورتاءَ تي بادشاه فريڊرڪ هميشه ۾وڳ سمجهي ڳالهه کلي ٽاري ڇڏيندو هئو. ڇاڪاڻ ته سندس خيال ۾ ته هن والٹير جي روپ ۾ هڪ عظيم يورپي شخصيت کي پنهنجو ڪري رکيو هئو. حقيقت ۾ ته ايڏي وڏي ماڻهوءَ کي حاصل ڪرڻ تي هو پاڻ تي ناز ڪندو هُئو. پر هڪ ٻيري جڏهن والٹير کي غير قانوني ته نه، پر بدناميءَ ۾ريل پرڏيهي ناٿي واري هيرا ڦيريءَ ۾ ملوٹ ڏٺو ويو، ته بادشاه مٹس ڏاڍو ڏمريو. هُن ڪاوڑ وچان کيس لکيو: "تو ته ڏاڍي ايذائيندڙ روش اختيار ڪئي آهي، تنهنجي اچڻ کان اڳ منهنجي گهر ۾ ڏاڍو امن هيو، ۽ هاڻ مان توکي تنبيه ٿو ڪريان ته جيڪڏهن تون پنهنجون صلاحيتون سازشن ۽ منصوبن ۾ وڃائيندو رهين، ته پوءِ ٻُڌي ڇڏ ته تو لاءِ مون وٽ ڪا به جڳهه ڪانهي". والٹير چُڪ محسوس ڪندي مڪمل پڇتاءَ ۾ريل شرمندگيءَ ۾ ٻڏل رهيو، ڪافي وقت لاءِ ٻنهي شخصيتن منجهه اُنس ۽ بيزاري ۾ريل لاڳاپا رهيا. نيٺ مارچ 1753ع جي پڇاڙي ڌاري والٹير ڳوٹ موڻڻ لاءِ نڪتو. واپسيءَ ۾بادشاه پاران ڪيس ڏنل الوداعي تقريب ايئن ڪٹي چٹجي ته جهڙوڪ نه جي برابري رهي. بهرحال جرمنيءَ ۾ ڏاڍي فرحت ۾ري ترقيءَ کان پوءِ، والٹير 25 مئي تي فرنيڪفرٹ پهتو. جتي وري هن لاءِ ٻي مصيبت انتظار ٿي ڪيو-

انهن ڏينهن ۾ هونئن ته فرينڪفرٹ سلطنت جو هڪ آزاد شهر هئو، پر تڏهن ٻ مٹس گهٹي قدر پروشيا جي بادشاه جو حڪم هلندو هُئو. جتهن حڪم جاري ڪيو هئو ته والٹير کي تيستائين نه ڇڏيو وڃي، جيستائين ٻين شين سان گڏ هو بادشاه فريڊرڪ جي بنان اجازت ڪنيل شعرن واري ڪاپي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واپس نہ ڪري. انهيءَ تي والٽير احتجاج ڪندي ٻُڌايو، تہ اهي نظم وٽس ڪونہ هئا، بلڪ هن اهي لپزگ موڪلي ڇڏيا هئا، يا امڪان ڏيڪاريائين تہ شايد اهي هئمبرگ ۾ هُجن. پر بادشاهہ فريڊرڪ والٽير جي چرب زباني ۽ اُن جي زورائتي استعمال بابت ڄاڻيندي پنهنجي شرطن تي اڳيو ٻيٹو رهيو. آخرڪار ڇهن هفتن جي غير ضروري پريشانيءَ کان پوءِ نظم هٽ ڪري پروشياجي نمائندي کي ڏنا ويا، انهيءَ کان پوءِ مادام ڊينس جيڪا 'اسٽراس برگ' ۾ اچي ڳڏي هيس ۽ ساڻس گڏ بيعزتيءَ ۾ريو قيد ڪاٽيو هئائين، تنهن کي ساڻ ڪري والٽير پنهنجو سفر جاري رکيو.

هن صورتحال ۾ انهيءَ ڳالهہ جا وڏا امڪان هئا، تہ هو واپس اچي پئرس يا آسپاس وڃي رهندو، پر ڪيس اڳ ئي آگاهہ ڪيو ويو هئو، تہ سرڪاري طور تي ايٿن ڪرڻ سندس لاءِ ممڪن نہ هئو. تنهن ڪري ٻيا ٻَٽي سال هو بي سرو ساماني‌ءَ جي ڪيفيت ۾ البسيس ۽ لورين جي ڳوٺاٽن علاقن ۾ رُلندو رهيو، تان جو 1755ع ۾ ڪيس جنيوا جي پسگردائيءَ ۾ رهڻ لاءِ جڳهہ ملي. جتي شهر جي مُک دروازن وٽ، هن هڪ آرامده ۽ پريل تُريل حويلي خريد ڪري ورتي، جيڪا ڪيس ايتري تہ پسند آئي، جو هن ان جو نالو Les delices (هاٿي انهيءَ تي والٽير بابت عجائب گهر ۾ ادارو ٿهيل آهي) رکيو. انهي کان سواءِ هن 'لوزين' ۾ بہ سياري لاءِ هڪ جڳهہ ورتي، پر ان مهل ڪيس اها سڌ ڪونہ هئي تہ پروٽيسٽنٽ فرقي جي هن ڳڙهہ جا ڪي آزار بہ هئا. Les delices واري حويلي ۾ والٽير جيڪي بنيادي تبديليون آندیون، انهن ۾ سڀ کان پهرين هن اندر عمارت ۾ هڪ ناٽڪ گهر ٺهرايو، جتي هو پنهنجن ناٽڪن جون هدايتون ڏيڻ سان گڏوگڏ، انهن کي اسٽيج تي آڻي پيش بہ ڪندو هئو. ٿورڙي ئي وقت کان پوءِ جينيوا جي اختيارين انتهائي فهميدائپ سان ڪيس ٻڌايو تہ: ملڪ ۾ اسٽيج ناٽڪن ڪرڻ جي اجازت نہ هئي، هونئن اختيارين پاران والٽير کي ڪوبہ منع نامو تہ ڪونہ ڏنو ويو هئو، پر هن پنهنجي سِر خطري جي بوءِ محسوس ڪري ورتي. ان ڪري هن 1758ع ۾ ٽين ملڪيت يعني، فرانس جي سرحد وٽ 'فيرني' جي جاگير خريد ڪري ورتي. انهيءَ کان پوءِ اها جڳهہ ئي والٽير جو مُک آستانو بڻجي ويئي، جتي مادام ڊينس بہ گهرڏياڻي ٿي اچي ويئي، جڏهن تہ 'فيرني' جي چڪي مڙس جي حيثيت سان هن آهستي آهستي عام ماڻهوءَ وٽ بہ مرتبو حاصل ڪري ورتو. حقيقت بہ اها آهي تہ موجوده فيرني شهر جي ٻاهران ڪانجهيءَ جي ٺهيل چمڪندڙ مُجسي ۾، والٽير جو روپ مرتبي وارو لڳي بہ ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ دؤران جيتوٽيڪ والٽيئر سائيڪو سالن کان چڙهي هليو هئو ۽ پنهنجي اصلي عمر کان وڌيڪ ڪُراڙو ۽ لڳندو هئو، پر ايڏا تائين پنهنجي ملڪيت جي واڌاري ۽ انسان ذات جي ڀلائي لاءِ منجهس زبردست سگهه ۽ بي انداز خيال موجود هئا. هاڻي اهي ٻئي ڳالهيون ئي سندس سوچ جو محور هونديون هيون.

جڏهن والٽيئر 'فيرني' واري جاگير خريد ڪئي، تہ انهيءَ مهل سچ پچ تہ هيءُ علاقو صفا سُڃو ۽ پڙيانگ هُئو، جتي رهندڙ جاهل، غريب ۽ گدلن ڏيڏ سئو غلامن جي حالت ۽ ڏاڍي خراب هئي. انهيءَ صورتحال ۾ هن انگريزي نوابن کان متاثر ٿيندي، غلامن جي سڌاري لاءِ خرچائيتون ۽ مڪمل رٿابنديون شروع ڪيون. سندن جهوپڙن جي مرامت ڪرائڻ کان سواءِ، نون ايندڙن لاءِ پڻ نوان جُهڪا ٺهرايا. جنيوا ڏانهن ويندڙن لاءِ شاهراهه جي پاسن کان ٻنيون ٺهرائڻ سان گڏوگڏ ٻوٽا ۽ وڻ ۽ پوکرايا، جن مان ڪي تہ ايڏا ۽ موجود آهن. اُتي ئي هُن ڳوٺاٽو اسڪول ٺهرائڻ سان گڏ، هڪ گرجا گهر پڻ جوڙايو. اڄوڪي دؤر ۾ ڪو سياح جيڪڏهن انهيءَ طرف وڃي تہ هو اُن گرجا ٻاهران DEO-EREXIT-VOLTAIRE (هيءُ والٽيئر ٺهرايو)جا اکريل اکر ۽ ڏسي سگهي ٿو. انهيءَ کان پوءِ هڪ شاندار ڪارخانيدار وانگر (جيئن هو هيو ۽) پنهنجي ماٺهن واسطي باوقار زندگيءَ فراهم ڪرڻ لاءِ هن ڪي ڪارخانا قائم ڪيا، جتي آخرڪارمنفرد واڇون ۽ ريشمي ڪپڙو ٺهڻ لڳو، انهن شين جي هن پنهنجن لاڳاپن ذريعي وڏي مشهوري ڪئي. ايتي چڪر تي ايندڙ ماٺهو، جيڪي سندس مُلهائتي آڏرياڻ جو واس وٺڻ ايندا هئا، تن کان ۽ اها اميد رکي ويندي هئي، تہ هو اتان کا گهڙي، گهڙيال يا ريشمي ڪپڙن جو جوڙو ڳڻهن.

بهرحال هو جيترا سال فيرني ۾ رهيو، يورپي سياحن جي پروگرام ۾ اتان جو چڪر هڻڻ لازمي ٿي چڪو هُئو. ڪيترا دفعا ٻُڌو ويو تہ پوڙهي والٽيئر شڪايتون ۽ ڪيون، تہ منجهانئس اها توقع ٿي رکي ويئي تہ هو "يورپ جي سراءِ مالڪ" وارو ڪردار ادا ڪري، پر سندس انهيءَ شڪايت کي ڪنهن ۽ سنجيدگيءَ سان نہ ورتو. انگلئنڊ منجهان ڪيترن سياحن فيرنيءَ جو چڪر لڳايو، جن ۾ جان ولڪن، آدم سمٿ، بريس ويل، گبون ۽ ڊاڪٽر برنيءَ جي پائي جا شخص ۽ موجود هئا، جن هن چگي مڙس کي سندس گهرو حالتن ۾ ۽ ڏٺو. حقيقت اها آهي تہ ايڏي تہ وٽس مهمانن جُلي پيهہ ٿي جو اهو ٻڌي حيرت پئي ٿي، تہ والٽيئر ان دؤران کو ۽ ڪم ڪري نٿي سگهيو. پر هن گهنج پيل جهوني لاءِ، چار ڪلاڪ نند ٿي ڪافي هئي. جيڪو زندگيءَ جو ڊگهو عرصو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تصنيف واري ڪم جي بلي ڪرڻ جي باوجود ڪجھ چوڻ ۾ لکڻ جي معاملي ۾ ايڏا بہ ڳھٽو پکو پختو بيٺل ھئو. سچ تہ اھو آھي تہ والٽيئر زندگيءَ جي آخري ٻن ڏھاکن ۾، تمام گھٽو مصروف رھيو.

والٽيئر کي جڏھن جنيوا کان فيرنيءَ لاءِ روانو ڪيو ويو ھُئو تہ ادب جو شاھڪار سندس ڪتاب 'ڪنديد' پڻ ساڻس گڏ ھئو، جيڪو ڪلا جي Conte philosophiquee(1) ڪيتر سان تعلق رکندڙ صنف ۾ پھريون ڪتاب آھي، تنھنڪري اُنھيءَ صنف جو والٽيئر کي بانيڪار ٻہ چئي سگھجي ٿو. ھيءُ ڪتاب 1759ع ۾ شايع ٿيو ۽ والٽيئر جي تخليق جو اعليٰ اظھار ٻڌجي ٻي انداز وڪاميو. ھيءُ ڪتاب مجموعي طرح سان سرھائيءَ ۾ري جانبازي، واقعن سان ۾رپور، حيرت ۾ريو، ٽوڪبازيءَ سان ڏڻيل ۽ پنھنجي جنسياتي پھلوءَ ۾ ڏاڍو ڪشش رکندڙ ڪتاب آھي. انکان سواءِ اھو بہ واضح ھجي تہ ھي ڪتاب ان مھل لکيو ويو ھئو جڏھن والٽيئر 1755ع ۾ لزبن واري زلزلي جي ڪري، سندس سک درسي فڪر کي والٽيئر جي ڪتاب مليل زبردست جھٽڪي مان پاڻ سنياليو رھيو ھئو. جنھن کان پوءِ انگريز بحري عملدار ايڊمرل بينگ وارو معاملو درپيش آيو، جنھن کي ڪينديد جي انتھائي معروف سٽن ورجائڻ جھڙي مڙس ماٺھاڻپ جي ڪري گولي ھنئي وئي ھئي. جيتريقدر ھن نندي ڪتاب جي تت جو تعلق آھي تہ ان ۾ بدڪار ڊاڪٽر پئنگلوس جي ان بيھودگيءَ کي نراور ڪيو ويو آھي، جنھن ۾ ھن چيو آھي تہ

"پاڻ واري دنيا سڀني ممڪن دنيائن ۾ بھترين آھي." ۽ اھوبہ تہ:

"انسانذات تي لازم آھي تہ اھا انھيءَ کي وڌيڪ سٺو بڻائڻ لاءِ جستجو ڪري." يا وري جيئن ساڳي ڳالھ والٽيئر 'ڪنديد' جي واتان چورائي ٿوتہ:

"اچو تہ پنھنجن باغن کي شاداب ڪريون"

والٽيئر انھيءَ کان سواءِ 'بدناموسيءَ کي چٽڻ' جو نعرو پڻ بلند ڪيو ھتي 'بدناموسي' مان سندس آڏو عيسائيت کو نہ ھئي، نکو وري ڪٿولڪ ازم، پر انھيءَ مان مطلب مذھبي ڪٽرپڻو، اسھپ، ايذائيندڙ ظالماڻا عدالتي قانون، ڪُلي ڪلائي سماجي ٻڌگي، ناجائز رعايتون، جادوگريءَ ۾ ايمان کانسواءِ ٻيا ھڙئي وھم ۽ ظلم پڻو، حماقت پڻو ۽ جنگين جي گھٽائي آھي.

فرينچ ٻوليءَ جو اصطلاح "Ecrasez-L- Infame" يعني 'بدناميءَ کي دفن ڪريو' جنھن کي ھو عام طور تي پنھنجي خطن ۾ صحيءَ جي جڳھ

---

(1) آکاڻي يا نندي ڪھاڻي جنھن ۾ سنجيده نصيحتون قابل قبول انداز ۾ پيش ڪيون ويون ھجن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ڪم آڻيندو هئو، سو سندس انهيءَ زبردست تحريڪ جو جنگي نعرو بڻجي اُبريو. جنهن کي هن حياتيءَ جي آخري ڏهاڙي ۾ پنهنجي اڏي، فيرنيءَ منجهان ويهي رڙيو، تنظيم ڪئي ۽ اُن جي راهبري ڪئي.

والٽيئر جو واحد هٿيار سندس قلم هئو پر انهيءَ قلم جي ڪهڙي ڳالهه ڪجيءَ جنهن انساني تاريخ ۾ پهرين ڀيرو هڪ عظيم ليکڪ جي هٿان اهو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو، جو رياستي ۽ مذهبي اختيارين کي به، سندس ڳالهيون بُدڙيون ڀيون. جنهن لاءِ هُن پنهنجي تخليقن جي ٻل تي، عوام کي متاثر ڪندي، عوامي راءِ ناهي. اهو واضح آهي ته هن جهجهي انگ ۾ پنهنجي سوچ کي پمفليٽن ۽ ڪتابن جي صورت ۾ آندو، جيڪي سندس فيرنيءَ واري مطالعي جي ڪمري مان سالن جا سال نِي قابو ٻوڌ جي صورت ۾ ڦهلبا رهيا. سندس اهم ترين ڪتابن ۾ 'فيلسوفيءَ جي لُغت' (1764) نالي ڪتاب آهي، جيڪو حقيقت ۾ نه ڊڪشنري آهي، ۽ نه ئي فيلسوفيءَ بابت ڪو عام وضاحتي بنيادي ڪتاب. پر ان منجهه ته اصل ۾ مختلف مضمونن تي لکيل دل ليائيندڙ تحريرون درج ٿيل آهن، جن ۾ خاص طور تي دينيات ۽ تعليم تي انهيءَ نسبت سان ڪم ڪيل آهي، ته جيئن عام ماڻهو انهيءَ ۾ ڪشش محسوس ڪندي انهن علمن کان آگاهه ٿين. هن ڪتاب جي پنهنجو پاڻ ڳالهائيندڙ صفحن ۾، لاتعداد سڌارن جا پيغام درج ٿيل آهن. وڏي ڳالهه ته اهي مضمون، انهيءَ ڪري به انتهائي اهم آهن، جو اهي آزاد خيال سڌارن جو اهو نصابي ڪتاب آهن، جن اڳتي هلي فرينچ انقلاب برپا ڪيو.

ٻئي پاسي انهيءَ دؤر ۾ والٽيئر پنهنجي پروپئگنڈا واري مهم جي عروج تي هُئو. سندس مضمون جيڪي هر طرف پکڙجي ويا، انهن جي ايتريقدر گهرج هُئي، جو فرينچ ٻوليءَ ۾ پريسن کان چپچنديءِ فورن پڙهيا ٻُڌي ويا، يا ٻين اهم ٻولين ۾ ترجمو ٿيندي ئي وڏي اُتساه سان سمجهياڻي ويا. پر ڳالهه اتي ختم ڪونه ٿي ٿئي، جيڪڏهن والٽيئر جي قلم ۾ ڪا سگهه هئي ته سندس شخصيت وري ان کان به وڌيڪ سگهاري هُئي. جنهن جو اندازو سندس انهن معتقدن جي انبوهه مان لڳائي سگهجي ٿو، جن نه پڙهندي يا نه پڙهي سگهندي به ڪيس پنهنجي اکڙين ۾ جاءِ ڏني. جيڪي سندس نالو ٻڌندي ئي، ان کي پنهنجي ساهه سان سانديندا هٿا. جڏهن ته والٽيئر به پوڙهاپ ۾ ڏکندڙ هڏڙن ۽ ٽڙکندڙ اعصابن خلاف بغاوت ڪندي پنهنجا پير مضبوطيءَ سان کوڙيندي، هڪ فريادي وڪيل جي روپ ۾ دنيا جي مختلف نظرين جي منبلديءَ ۾ پنهنجو آواز بلند ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي مشهور مقدمن مان سڀ کان اڳ هن "تو لائوز" جي انهيءَ مانائتي واپاريءَ "جين ڪئلاس" جي عدالتي قتل وارو مقدمو ڪنيو، جنهن جو هڪ ڪوڙي الزام هيٺ انهيءَ ڪري ڪنڊ ڪوريو ويو هئو ته هن پنهنجي پُٽ ڪي پروٽسٽنٽ فرقو ڇڏي ڪيٿولڪ ٿيڻ جي جرم ۾ ڪنو هئو. اها خبر جڏهن والٽيئر کي پئي ته هن جلد ئي محسوس ڪيو ته انصاف جي نالي ۾ اها زبردست بي انصافي ٿي هئي. انهيءَ ڪري هو يڪدم حرڪت ۾ آيو ۽ بااختيار ماڻهن ڏي خط لکڻ ڪانسوءِ، اخبارن ۾ بي عزتيءَ جوڳا مضمون لکيائين، انصاف لاءِ اپيل ڪيائين ۽ بيگم ڪئلاس جي دل سوز داستان منجهان پمفليٽ جوڙيائين. نتيجي ۾ ڪئلاس کي ڏنل موت جي سزا کي ته رد ڪيو ويو، پر افسوس جو تيستائين هو سزا کائي دنيا مان ڪوچ ڪري چُڪو هئو. تقريبن اهڙوئي هڪ ٻيو ڪيس سرونس نالي هڪ همراه جو هُئو، جنهن کي سندس پريٽ پنهنجي برّواتڻ راهبہ جي ڏيءُ کي، خون ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ سزا ٻڌائي ويئي هئي. انهن واقعن کان ڪيئن سال پوءِ هڪ نوجوان فرنيچ ڪنيامادام "سُراد" فيرني جو دؤرو ڪندي والٽيئر جي هنڊ متان ٽنگيل ڪئلاس جي تصوير کي ڏسي، سندس لاءِ 'مذهبي تعصب جو شڪار ٿيل انسان' جا لفظ اچاريا هئا. جنهن مؤت جي منهن ۾ وڃڻ کان پهرين پنهنجي ڪُٽنب کان انتهائي اُداسيءَ منجهان موڪلايو هئو.

انهيءَ مائيءَ جي اکرن جي وراڻي ڏيندي پير مرد والٽيئر کيس ٻڌايو ته: "هئ هئ، مادام! سرونس جو اداس ڪُٽنب يڪا سارا سورنهن ورهيہ مون سان گڏ رهيو ۽ اهو سڄو عرصو مان پاڻ کي ملامت ڪندو رهيس ۽ جيڪڏهن ڪٽي ڪڏهن مرڪيہ ٻ پئي ته پاڻ کي ڏوهاري ٿي جاتم".

هتي هڪ ٻيو مقدمو ٻ ضرور بيان ڪرڻ کپي. جنهن ۾ 1765ع ڌاري نوجوان 'لابيري' تي آروپ لاڳايو ويو، ته هن 'ابي ويلي' جي موريءَ وٽ صليب جي شڪل بگاڙي هئي. سندس مقدمي دؤران اهو ثابت ٿيو، ته هو ٻين ڪتابن سان گڏ والٽيئر جو ڪتاب 'فيلسوفاڻي لُغت' ٻ پڙهندو رهيو هُئو. آخرڪار ڪيس ڏوهي ٺهرائيندي سندس ڪنڊ ڪپيو ويو. انهيءَ ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ شديد ڪاوڙ ۾ ٻريل والٽيئر چيو: "انهيءَ واقعي جي زيادتيءَ منهنجي اندر ۾ هيبت ۽ زبردست غصو ٻري ڇڏيو. مون پنهنجي اندر ۾ ملڪي سرحد تي ويهي ٻلايون ڪرڻ ۽ گهر جوڙي پنهنجو پاڻ کي تباهہ ڪرڻ واري روش جي ڪري پاڻ تي سخت ملامت ڪئي. جتي ڏڏو ٺانهرو ٿي ويهي رات جي مانيءَ کان اڳ ماڻهو بچاڻ ڏيارينڊڙ حرڪتون، ڪندي مدهوش وحشين جي جٿن کي بدلائڻ جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهيون ڪندا هئا. بعد ۾ اهڙا افواه ۽ ٻُڌڻ ۾ آيا ته انهيءَ سلسلي ۾ والٽيئر جي نالي هڪ سخت نوٽيس ۽ ڪڍيو ويو، ڳالهه سڏي سنئين آهي ته جيڪڏهن لابيري جهڙي بي هٿيار نوجوان معتوب سان ايڏو ظلم ٿي پئي سگهيو ته والٽيئر سان ڪهڙي رعايت جي پڪ هئي؟ توڙي جو پنهنجي لافاني عظمت جي بل تي هن پوڙهي شخص کٽي ڏمڪين ۽ دهمانن کي کنگهيو ۽ ڪونه، پر لاوا اندر ئي اندر سندس روح ۾ پچندو رهيو ۽ ڪجهه سالن کان پوءِ هن لکيو: "لابيري جو بيگناهه خون پڪاري ٿو ۽ ان سان گڏ آئون ۽ رڙان ٿو ۽ هاڻي آئون پنهنجي جيون جي آخري گهڙيءَ تائين پڪاريندو رهندس".


سال 1778ع جي مُنڊ ۾ ٽيهن سالن کان پوءِ والٽيئر پئرس ۾ موٽي آيو. پر هن پيري پنهنجي گهر ۾ سندس واپسي هڪ فاتح سورمي جي حيثيت ۾ ٿي. ملڪ جي بيشمار عوام، هڪ ٻئي کي ڏکي ٽوڪيون هڻي، سندس بي مثال آجيان ڪئي. سندس رهائش گاهه 'ريوڊيبيون' تي ڪيس واڌايون ڏينڊ سوين مرتبي وارن شخصيتن ۾، انگلئنڊ جي سفير ۽ بئنجامن فرينڪلن جهڙيون اتم هستيون پڻ پير پري آيون. الائي ڪيترا اهڙا ماڻهون ۽ سندس استقبالين ۾ شامل هئا، جن کڏهن هن جو لکيل هڪ لفظ ۽ نه پڙهيو هئو. پر کين ايتري خبر هئي ته: "هي اهو شخص آهي، جنهن ڪئلاس جي ناحق خون جو بدلو ورتو هئو!...."

پوءِ جڏهن سندس آخري ناٽڪ 'آئريني' کي Comadie Francaise جي ناٽڪ گهر ۾ اسٽيج ڪيو ويو، ته سندس سيني کي ڪئين اعزاز سان سينگاريڻ سان گڏو گڏ، جنون پريل سرگرميءَ سان ڪيس فتحمند سورمي جي مرتبي وارا هار پهريا ويا. هن پوڙهي مرد لاءِ ايڏي بي تابي مهانگي ثابت ٿي، ۽ هو 30 مئي تي هميشه لاءِ اٽجاتل منزل ڏانهن روانو ٿي ويو. تيرنهن سالن کان پوءِ سندس لاش، 'اڪئين هنڊ تان ڪيڊي' هڪ باوقار سينگاريل ڪاٺ جي تابوت ۾ وجهي، ڪيس انقلاب جي انتهائي عزت لائق پٽن لاءِ مخصوص شاندار مندر ۾ ٻيهر دفن ڪيو ويو. سندس جنازي واري ڏوليءَ تي هيٺين تحرير اڪاري وئي:

"هتي اهو شاعر، فيلسوف ۽ تواريخدان ستل آهي، جنهن انساني ذهن کي پَرَ ڏنا ۽ جنهن اسان کي آزاديءَ لاءِ تيار ڪيو.

(جارج ڪننگ جي ڪتاب "دي گريٽ يورپينس" تان ورتل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



جين جيڪس روسو

جنم: 2 جون 1712ع
لاڏاڻو: 2 جولاءِ 1778ع

خيالن ۽ حقيقتن جي وچ واري رستي تي هلندڙ اسان جهڙن اڃاڻ ۽ آواره مسافرن لاءِ، زندگي ڪيتري چيڙائيندڙ ۽ درد ڏيندڙ آهي؛ انهيءَ جو اندازو لڳائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. چاکاڻ جو انهن احساسن ۽ يوڳنائن کي بيان ڪرڻ لاءِ جنهن ذهني اورچائي ۽ ترڪيب جي ضرورت آهي، سا اسان مان اڪثريت وٽ موجود ڪانهي. هونئن به اهو هر ڪنهن لاءِ ممڪن ڪونهي ته اندر جي اوندهه کي، سُجهندو بخشيندڙ خيالن جي چانڊاڻ واري شفاف چادر تي چٽو ڪري سگهي. زندگيءَ جون ڏلتون، اندر جي اُڻ تُڻ، تحرير جي ترنگ، تخليقي صلاحيتن جي تابش، سوچڻ جي سگهه ۽ عام سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الفت جڏهن عروج تي پهچي ٿي،ته پوءِ وڃي صدين پڇاڻان ڪو پٽا غورڻ،پاسڪل، اسپنوزا، يا جين جيڪس روسو پيدا ٿئي ٿو.

انهيءَ پس منظر ۾ جيڪڏهن انساني فڪري تواريخ تي هڪ گهري نظر وجهبي، تہ محسوس ٿيندو،ته ڏرتيءَ جي مهان مفڪرن جو بنيادي ڪم، انساني ٻلائيءَ لاءِ جاکوڙڻ ۽ مصيبتن مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ رهيو آهي، تنهن ڪري هر نئون سوچيندڙ ذهن پنهنجي سوچ جي ڏيئي ۾،اڪثر ڪري انهيءَ ئي ميجيل حقيقت جو تيل ٿو اوتي ..... پر تڏهن ٻہ ٻين جون ڪي سوچون ايڏيون تہ گهريون ۽ دل جي ويجهو هونديون آهن،جو انهن سان واسطي ۾ ايندي، اوپرائپ محسوس ڪونہ ٿيندي آهي. جديد رومانوي فڪر، (Romanticism) جو پايو وجهندڙ فرانس/ جينيوا جو امر انسان روسو،پڙ هڪ اهڙو ذهن آهي، جنهن کي پڙهندي انگريزيءَ جو ٻڌاکو، "Love begets love" ياد اچي ويندو آهي- هو جڏهن سڃائيءَ جي نشتر سان، روڳي سماج جي گندگيءَ کي ڪورڻ جي ڪوشش ٿو ڪري،تہ لڳي ايئن ٿو، تہ هُو جڙ ڪو اهڙو بيچين روح آهي، جنهن جي جوهر ۾ پريل وياڪُلتا ۽ بي وسيءَ ڪري،ٿيندڙ ٽوڙ ڦوڙ جا سُڃيتائپ پريا اظهار ٻہ،جڙ تہ انساني زندگيءَمنجهہ موجود عذاب جو علاج ٻڌجي ٿا اچن. سندس فڪري واٽ،جنهنکي Romanticism چئجي ٿو، تنهن ۾ انسان، ڪائنات ۽ زندگي جي مقصد واري لڙيءَ بابت، توڙي جو تجربن ڪان ماورائي انداز اختيار ڪيو ويو آهي ۽ نوس جذبن، احساسن سان سلهاڙيل تصوراتي يا خيالي راهہ ورتي وئي آهي، پر تڏهن ٻہ ان ۾ مصنوعيت جي خلاف،حقيقت پسنديءَ سان پريور جنگ جوٽيل آهي. ڇاڪاڻ جو هُو لفظن کي خيالن جي سگهہ ڏيئي، انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ تبديليءَ جو بارود پرڻ واري فن کان،چگيءَ طرح واقف هئو.

روسو جي لاءِ برٽرنڊ رسل لکيو آهي: "هن پنهنجي فڪري سگهه ذريعي،انساني ذهن کان ماورائي سچائين کي انساني جذبن ذريعي بيان ڪيو آهي؛ نتيجي ۾ هُن هڪ اهڙي سياسي نظام کي جنميو، جنهن ۾ آپشاهيءَ ۽ بادشاهگيريءَ جا بنياد اکيڙي برابريءَ تي بيئل جمهوري سرشتي کي اوليت ملي." بيشڪ ، اڄوڪي دؤر ۾ لوڪ راج جو جتي به ڪو اُهڃاڻ آهي، اتي روسو جي سُڃاڻ هڪ محترم ۽ معتبر سوچيندڙ ذهن جي حيثيت ۾ ٿئي ٿي. ٻيو ته نهيو پر جيڪڏهن انساني تواريخ جي فڪري/ سياسي ۽ معاشي ترقيءَ جي ميدان ۾ ٿيل،جدوجهد جي لافاني واقعي- يعني فرانسي انقلاب جو ذڪر ڪبو،ته روسو جو نالو سيني کان پهريائين وٺڻو پوندو. ڇاڪاڻ جو انهيءَ عظيم الشان انقلاب جي پيڙهه جو پٿر رکڻ ۾،سندس تحريرن بنيادي ۽ اساسي ڪم سرانجام ڏنو. شايد لارڊ بائرن پڻ اهڙن انسانن لاءِ چيو هئو:

'Over the glad waters of the deep blue sea,
our thoughts are boundless and our hearts
are free.'

پر اسان کي سڌ آهي ته جيئن هر تبديلي ٻليدان گهري ٿي؛ تيئن روسو پڻ پنهنجن تصورن ۽ طبيعت جي ڪري، زندگيءَ ۾ ڏاڍيون مُصيبتون، ڏولاوا ۽ ڏاکڙا ڏنا . انهن تڪليفن جو اندازو فقط اهو شخص ئي لڳائي سگهي ٿو، جيڪو پاڻ به نه رڳو انياءَ جي خلاف هُجي، پر بيوس دل جو مالڪ هُجڻ سان گڏوگڏ، سخت جذباتي ۽ احتجاجي ڪيفيتن ۾ رهڻ جو به ڪيس تجربو هُجي. اهڙي ڪيفيت،جنهن ۾ ضمير جو چُيڪو مڙئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهه سرس هُجي..... هونئن ب روسو اهلِ عقل مان نہ،پر بنيادي طور تي اهلِ دل منجهان هئو، ۽ ياد رکڻ گهرجي ته انهيءَ "مرض" ۾ ورتل ماڻهوءدنيا ۾ ڏاڍا ڏُک ڏسندا آهن. پر اهڙن ڏکن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي، جيڪي ماڻهپو پئدا ڪرڻ لاءِ پهرين وک ثابت ٿين! ۽ اهڙن ماڻهن لاءِ پڻ ڇا چئجي، جيڪي زندگيءَ ۾ ڏيئا ٻُجي ٻرندا ۽ ٻين لاءِ سوجهرو پئدا ڪندا رهن!! سُهڻي لطيف تڏهن ته چيو هُئو:

"نڪي ڪٽن پاڻ سين، نہ ڪو ساڻن پاڻُ،
اهڙا جن اُهيجاڻ،آئون نہ جيئندي اُن ريءَ."

ـ سنڌيڪار

پاڻ ڪانپوءِ وارن نسلن جي ڇاڻ لاءِ، روسو پنهنجي شخصيت بابت گهڻو مواد ڇڏي ويو آهي. ڪنهن ب جيون ڪٿا لاءِ گهربل،مناسب معيار سان ڀريور اظهارن جي هڪ دلڪهي سلسلي، يعني پنهنجي ڪتاب "اعتراف يا قبوليتن" (Confesssions) ۾،هُن انسان کي فطرت جي سچائين منجهان ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيون ڪٿا جي هر صفحي تي، هن انهن اڪيچار ڳالهين کي بيان ڪيو آهي؛ جن کي پڏائڻ کان عام طوُر تي هر ڪو لنوائيندو آهي. هونئن هڪ ادبي ڪاوش جي روپ ۾ ب، هيءَ تصنيف انتهائي شاندار آهي. جيتوڻيڪ ان ۾ تُز تُواريخي واقعن جي ڪوٺ سبب نقادن منجهائس ڪيترا اوڳڻ ڪڍيا آهن، تڏهن ب رومانويت بالڌ سندس غير معمولي فڪر ۽ انقلابي آدرشن جي هن انتهائي اهم اڳواڻ،جي زندگيءَ جي بُٽ بُٽياد ۽ ان سان لاڳاپيل هر ڪارج ٻري شئي جو ڏس پتو ب گهڻو نٽو اتان ئي ملي ٿو.

جيڪس روسو جو جنم 28ـ جون 1712ع ڏاري جينيوا شهر ۾ هڪ فرانسي ڪٽنب ۾ ٿيو، ڇاڪاڻ جو ابن ڏاڏن کان پئرس جي رهاڪو سندس وڏن، عيسائين جو پروٽيسٽنٽ فرقو قبول ڪرڻ کان پوءِ، پنهنجي پلائي ان ۾ سمجهي ته هو اباڻو ملڪ ڇڏي وڃي، تنهن دؤر ۾ هن فرقي جي مرڪز يعني جينيوا جا وڻ وسائين. (ياد رهي ته ان دؤر ۾ فرانس ملڪ ڪٿولڪ هُئو ۽ اتي پروٽيسٽنٽ فرقي تي وڏو عذاب نازل هئو- مترجم) جينيوا ۾ رهندي هڪ پلي شهريءَ جيان، هن ڪٽنب جي ياتين ڏيکاءَ ۽ بناوٽ کان پاسو ڪندي، نہ رڳو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مذهبي فرض سچيتائيءَ سان ادا ڪيا، پر هڪ ننڍڙو ڪارخانو هلائيندي روڻي ۽ حلال ڪري ڪائيندا رهيا. روسو جو والد آڻڪ روسو واچون ٺاهڻ جو ڪم ڪندو هئو،جڏهن ته هڪ پادريءَ جي ڏيءَ، يعني سندس والده سوزن برنارد پڙهائيءَ ۾ پنهنجي مڙس کان مڙئي ڪجهه اڳيري هئي. روسو کي پاڻ کان وڏو پاڻ ۽ هئو، پر ننڍي هوندي ئي هڪ ڏينهن هو گهر مان جو نڪتو، ته وري ڪڏهن ۽ واپس نه آيو، تنهن ڪري اسان روسو کي هر خيال کان پيءُ ماڻ جو اڪيلو پٽ سمجهنداسون. بدقسمتيءَ سان ڪيس ڇٽيندي ئي سندس والده جو لاڏاڻو ٿيو. هن پنهنجي جيون ڪٿا ۾ اهو واقعو درج ڪندي لکيو آهي: "مون کي ڇٽيندي منهنجي ماڻ کي حياتيءَ تان هٽ ڏوڻٽا پيا، بس ايئن سمجهو ته منهنجو جنم ئي منهنجي ڏاڪڻ جو پهريون سبق هئو."

ماڻ جي پيار کان ڏڪاري نموني سان وانجهيل هن ٻار جي پُڇي،جيڪڏهن سندس پرورش نه ڪري ها، ته هو زندگيءَ جي مهڑين ڏينهن ۾ ئي ختم ٿي وڃي ها. لڳي ايئن ٿو ته هوءَ ڏاڏي کا باوقار مائي هئي. روسو پنهنجي حياتيءَ جي آخري ڏهاڻن ۾ بيحد سارينديءَ همیشہ کيس سرهي ۽ کهل ۾ري زائفان ڇاڻائيندو هئو ۽ بار بار سندس پراڻي طرز جي ڪپڙن ۽ وارن جي سينڊ جو ذڪر ڪرڻ سان گڏو گڏ،هن جي ٻهراڙيءَ واري وٽندڙ سياءَ کي پڻ ياد ڪندو هئو. ان کان سواءِ پنهنجي حياتيءَ جي آخري ڏينهن ۾ موسيقيءَ ۽ راڳ سان دلچسپيءَ بلڪ جنون کي به، هو پنهنجي پڇيءَ کان مليل ورثو ڳڻائيندو هئو. جنهن جيڪڏهن جو والد آڻڪ روسو توڙي جو بظاهر غير مستقل مزاجيءَ سان ٻريل فطرت رکندڙ ٿو لڳي،پر تڏهن ۽ هو نه رڳو خوش مزاج ماڻهن سان دوستي رکندو هئو، پر ان سان گڏو گڏ مطالعيَ سان دلچسپي رکڻ کري،هن پنهنجي پٽ ۾ ۽ اها خوبي پئدا ڪرڻ ۾ سرگرمي ڏيکاري. انهيءَ سلسلي ۾ ٻيٽي ٻيءُ پٽ شروع ۾ وڏي آواز سان، روسو جي ماڻ سوزن سان پيار جا قصا واري واري سان هڪ ٻئي کي ٻڌائيندا هئا؛ ۽ پوءِ آهستي آهستي اهو شوق وڏي روسو جي ڪپاڻن ۾ رکيل سنجيده ڪتابن کي پڙهڻ تائين وڃي پهتو، انهن ڪتابن منجهان ننڍي روسو جو سڀ کان وڌيڪ پسنديده ڪتاب مشهور مفڪر "پلوٽارڪ" جي حياتيءَ بابت هئو. انهيءَ سان گڏو گڏ هي پتڪڙو همراه جڏهن ۽ تواريخي سورمن ۽ محب وطن مهان شخصن بابت پنهنجي سنهڙي ۽ وڏي آواز ۾ داستان پڙهندو هئو، ته جذبن ۾ جولان وچان سندس اکين مان لڙڪ لڙي سڄي صفحي کي آلو ڪري ڇڏيندا هئا.

پر ننڍڙو ٻالڪ اجان ڏهن ورهين جو ئي مس هئو جو هن جا اهي سڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريا ڏهاڙا ختم ٿي ويا. ٽيو هيئن، جو سندس والد جو ڪنهن با اثر شخص سان جهڳڙو ٿي پيو، جنهن ۾ آخرڪار هن پنهنجي چڪ تسليم ڪندي سزا طور جلاوطنيءَ کي قبول ڪيو. اهڙي طرح سان گهر ورهائجي ويو ۽ نتيجي ۾ ننڍڙي روسو کي 'پوسي' جي شهري اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو، پوسي پاڙي جو هڪ ڳوٺڙو هئو، جتي ايم لئمبرسيئر نالي پادري لاطيني زبان پڙهائڻ ڪان سواءِ ٻيا هڙئي اُهي قصا ۽ رهڙيندو ويندو هئو جن کي ان دؤر ۾ "تعليم" سڏيو پئي ويو. هتي روسو پورا ٻه سال پنهنجي هم عمر برنارڊ گهراٽي جي هڪ فرد ۽ پنهنجي سؤٽ (جيڪو سندس گهاٽو يار ۽ هئو) سان گڏ لئمبرسيئر جي هٿ هيٺ گذاريا. اتي پڙهندي هن پنهنجي تعليم ۾ ڇگو خاصو واڌارو ڪندي ڪتابي ڳالهين کان سواءِ ٻيو ۽ ڪافي علم حاصل ڪيو. روسو جي زندگي جا ٻه احوال خاص اهميت رکن ٿا. جن مان پهرين تي ته گهٽا اعتراض اُٺاريا ويا آهن، پر اڃوڪي نفسياتي تجزيي واري دؤر ۾ اهڙيون ڳالهيون ڪو وڌو صدمو ڪونہ ٿيون ڏين. مثلاً اتي لئمبرسيئر جي ٻيٽ ۽ رهندي هئي جيڪا اسڪول جي انتظام هلائڻ ۾ بهرو وٺندي هُئي. سندس عمر ته چاليهن جي لڳ ڀڳ هوندي (روسو پنهنجي ڪتاب 'Confessions' ۾ مائي جي عمر ٽيهه ورهيه ٻڌائي آهي، جيڪا درست ڪانهي) پر پوءِ ۽ منجهس اڃان ڪجهه جوت هئي، تنهن جي هٿان روسو کي اڪثر ڪري ڦٽڪا جهلڻا پوندا هئا. ڪجهه عرصي کان پوءِ روسو کي مائيءَ جي هٿان انهيءَ مار مان ڏاڍو سرور اچڻ لڳو. ياد رهي ته هن مشاهدي مهل روسو جي عمر چوڏهن يا ٻارهن سال هئي. انهيءَ عمل مان گذرندي هن مادام لئمبرسيئر جي لاءِ ڏاڍي اڪير وڌندي محسوس ڪئي ۽ وڌيڪ مار کائڻ جي آسري تي هو پنهنجيون بد اطواريون برقرار رکندو آيو. پر هيءَ ڇڪي جوءِ انهي خرمستيءَ کان هروپرو ايترو ۽ اڻ ڄاڻ ڪانہ هئي جيترو سمجهيو پئي ويو، تنهن ڪري هن اڳتي هلي ڪيس ڦٽڪا هڻڻ کان مڪمل انڪار ڪري ڇڏيو؛ جو بقول سندس انهيءَ عمل ڪري ڪيس بت ۾ ڏاڍو ٽڪ پئي ٽيو.....

ٻئي تجربي جو لاڳاپو ۽ لئمبرسيئر جي ذات سان آهي. تفصيل هن ريت آهي ته: هڪ ڏينهن رنڊڻي جي پر واري ڪمري ۾ جتي روسو پنهنجو سبق پئي پڙهيو اتي مائي جيءَ ڏوتل ڦٽي ۽ سڪڻ لاءِ رکيل هئي، جڏهن ڦٽي ڪنئي وئي ته خبر پئي ته ان جو هڪ اڌ ڏندو ڀڳل هئو، انهيءِ نقصان جو الزام روسو تي مڙهيو ويو. جيتوڻيڪ هن انهيءَ آروپ جي سختيءُ سان تردید ڪئي، پر سندس مڪمل انڪار ۾ ڏهي هٿي بيهڻ ڪري ڪيس ٽاهوڪي گڏ ڏني ويئي، زندگيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ٽيل ساٽس هيءَ پهرين بي انصافي چاليهن ورهين کان پوءِ ب سندس ذهن ۾ تازي رهي، جنهن کي ساريندي هن لکيو: "جڏهن آئون انتهائي سخت جابرن جي ظلمن بابت پڙهندو آهيان؛ يا ڪنهن پادريءَ جي پالیل بدمعاش جي زيادتين کي محسوس ڪندو آهيان، ته سوچيندو آهيان ته پلي ته سوين دفعا مون کي سنگسار چو نه ڪيو وڃي، ته ب وس پچيم ته آئون بنان ڪنهن هڪ جي، اهڙن ڪميٽن کي جيڪر ڏارڻدار خنجر هٿي سندن ٻرگهل لاهي ڇڏيان."

ٻارنهن ورهين جي عمر ۾ روسو جي اسڪولي تعليم پوري ٿي ته واپس جينيوا اچي چاچي جي گهر ۾ رهيو. جتي هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شرعات ٽائون ڪلارڪ جي آفيس ۾، ڪنهن معمولي نوڪري سان ڪئي. پر ڪجهه هفتن جي پرک کان پوءِ اتان کيس بيڪار ۽ ناسمجهندي لاڻو ويو. انهيءَ کان پوءِ هو هڪ ڪاشيگر جو سيکڙائو نائب ٿي رهيو، پر هيءُ همراه اهڙو ته چيڙاڪ ۽ بد افعالو هئو جو هن روسو جو ساهه ئي مٺ ۾ ڪري ڇڏيو. روسو انهيءَ سختيءَ ۽ ذلت پرئي ورتاءَ کي محسوس ڪندي؛ فيصلو ڪيو ته اهي رويا سندس صلاحيتن کي تباهه ڪري ڇڏيندا، تنهنڪري روسو موقعي جو فائدو وٺندي شهر ۾ هڪ ننڍڙي لائبريري ڳولي هٿ ڪئي ۽ اهڙي طريقي سان پنهنجي اتساهه کي مطالعي سان ڳنڍي ڇڏيو. انهيءَ دوران هن ڪيترائي هم عمر ۽ هم صلاحيت نوجوان دوست ڳولي ورتا ۽ مهيني ماسي شهر پناهه ٻاهران ساٽن گڏجي اجهل چرخشماري ۽ رولڙا ب ڪندو رهيو. هڪ دفعي ته مورگو کين رات ئي شهر کان ٻاهر ميدان ۾ گهارڻي پئي، ڇاڪاڻ جو گهمي گهتي دير سان هو جڏهن واپس اچڻ لاءِ شهر جي دروازي تي پهتا ته اهي بند ٿي چڪا هٿا. انهيءَ ڪوتاهيءَ جي ڪري کيس مالڪ طرفان ڏاڍا موچڙا مليا ۽ تنبيهه پڻ ڪئي ويس ته جيڪڏهن ٻئي دفعي هن اهڙي حرڪت ڪئي، ته کيس اڃان ب سخت سزا ملندي... خيرن سان اڻن ٻئي دفعي ب ٿيو ۽ هن دفعي پنهنجا هڏ گڏ ڀڃائڻ بدران روسو بهتري ان ۾ سمجهي ته مورگو جنيوا مان لڏو ئي پنڌجي، اهو فيصلو ڪرڻ کان پوءِ هو شهر ڇڏي نڪتو. انهيءَ سان گڏ ئي سندس انهيءَ آواره گرديءَ جي سلسلن جي شروعات ٿئي ٿي، جنُ جو ذڪر هن پنهنجي ڪتاب "Confessions" ۾ لاثاني انداز ۾ وڏي وقار ۽ سندرتا سان ڪيو آهي.

روسو جو اهو احوال سورهن ورهين جي عمر ڌاري شروع ٿئي ٿو. هن وهيءَ ۾ جيتوڻيڪ هو ايترو قابل ڪو نه هئو، جو پنهنجيءَ ڪاريگريءَ جي زور تي پاڻ جالي، ته ب ڪنهن زبردست مايوسيءَ ۾ هرگز ب ڪو نه هئو. بلڪ ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اُبترڙ هو اڻ چٽين اُميدن سان پريل هڪ اهڙو شخص هُئو، جنهن جي اندر ۾ شاندار حاصلات لاءِ جستجو ۽ اتساهيندڙ مهم جوئي پريل هئي. بهرحال ڪيئي ڏهاڙا ته هو جنيوا جي پس گردائيءَ وارن ڳوٺن ۾ رلندو رهيو ۽ پوءِ سرحد ٽپي 'سيوائي' جي علائقي ۾ داخل ٿي ويو. جيڪو ساربينا جي بادشاهه جي ڪيترن راڄن مان هڪ علائقو هُجڻ سان گڏو گڏ "ڪالونزم" ۾ يقين رکندڙ جينيوائين جي مقابلي ۾ پڪو ڪٽٽولڪ هئو. جڏهن ته سيوائي جا پادري ۽ جينيوا جا وزير وڏي عرصي کان هڪ ٻئي جا ڇتا مخالف هجڻ ڪري ماٺهن کي فرقا متّرائڻ ۽ "ديندار" بنائڻ واري ڪاروبار ۾ ڏاڍو سرگرم هئا. انهيءَ پس منظر ۾ جڏهن هي نوجوان "ڪانفگنن" نالي ڳوٺ ۾ پهتو ته علائقي جي پادريءَ طرفان سندس سرگرميءَ سان آجيان ڪئي وئي. سندس آجياڻي واري دعوت ۾ زبردست ڪاڌن جا انتظام ڪرڻ کان سواءِ فرحت بخش 'فراجي' شراب جو به بندوبست ڪيو ويو، تان جو هو پنهنجي ميزبان طرفان پيش ڪيل 'فرقو متّائي زندگيءَ کي بهتر بڻائڻ' واري تجويز تي راضي ٿي ويو. ۽ انهيءَ کان اڳ جو ٻئي ڏهاڙي تي هو انهيءَ آڇ تي ٻيهر غور فڪر ڪري، ڪيس "ايئسي" واري هڪ ڪٽٽولڪ ليڊيءَ ڏانهن تعارفي خط ڏنو ويو، جيڪا فرقن متّائڻ واري ڏنڊي ۾ ڏاڍي مددگار ڇڻي پئي ويئي.

1728ع ۾ مهڙين آڇر تي روسو انهيءَ محڙم کي جڏهن گرجا گهر ڏانهن ويندي ڏٺو ته پهرين نظر ۾ ئي متّس موهت ٿي پيو. اٽڪيهن ورهين جي لوئي ايلينوردي وارنس نالي هيءَ مائي ان مهل پنهنجي چنچلتا پريل سونهن جي اوج تي هئي. سندس جمر سوئٽزرليند جي پرڳڻي "واد" جي "ويوي" نالي ڳوٺ جي چڱي مڙس جي گهر ٽيو ۽ چوڏنهن ورهين جي عمر ۾ وارنس جي قبل نواب صاحب سان شادي ٿيس. بهرحال ڪنهن اٽڪل جي ڪري 1726ع ۾ ٻنهي طرفن کان بنان ڪنهن تهمت بازيءَ جي رشتو ٽٽي ويو، ان کان پوءِ سندس مڙس جو مورگو نالو ئي ڪونہ ٻڌڻ ۾ آيو. علحيدگيءَ کان پوءِ ست ئي مادام وارنس سرحد پار "سوائي" جي شهر ۾ بادشاهه جي پناهه ۾ اچي پهتي، جتي ڪيس رومن ڪٽٽولڪ فرقي ۾ آندو ويو. انهيءَ کان وٺي هوءَ شاهي خزاني مان ملندڙ وظيفي تي رهڻ لڳي، جنهن جي بدلي ۾ ڪيس هڪ سفارتي مشن ۾ مقرر ڪيو ويو، جنهن تحت ڪٽٽولڪ فرقو اختيار ڪرڻ وارن لاءِ هڪ سراءِ قائم ڪرڻي هئي. هونئن ته هن ڪم لاءِ وڏي ڪاريگريءَ جي ضرورت هئي پر هاڻي هن بابت وڌيڪ تحقيق مان پتو لڳو آهي ته هو گهٽو ڪري سياسي جاسوسڻ هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن دل ليائيندڙ زائفان سان روسو جي پهرين ملاقات نهايت مختصر ٿي. مائيءَ کي مٿس ڪافي ترس آيو ۽ کيس پُسن ڏوکڙن کان سواءِ سفارشي خط ڏيئي سارڊينيائي بادشاهت جي راڄڌانيءَ "تيورن" موڪلي چڏيائين، جتي ڪئٿولڪ فرقي ۾ پرتيءَ لاءِ هڪ مرڪز کليل هئو.

اُتي پهچڻ کان پوءِ به هيءُ نؤجوان جيتوڻيڪ انتهائي سرهين اميدن سان پُر هُئو، پر حقيقتون انهيءَ جي ابتڙ ثابت ٿيون. هو مليل پتو ڳولهيندي هڪ اهڙي جاءِ تي اچي پهتو جيڪا خانقاه هجڻ سان گڏو گڏ جيل خانو به هئي. جتي کيس موٽر ۽ يهودي هجڻ جي دعويٰ ڪندڙ اهڙن لُڇن انسانن سان رهڻو پيو جيڪي اتليءَ ۽ اسپين ۾ آواره گردي ڪندي، يا پاڻ کي ڪئٿولڪ فرقي ۾ داخل ڪرائي زندگي گهاريندا هئا. منجهن رولاڪ قسم جون رنون ۽ نؤجوان چوڪريون به شامل هيون جن جا پرڪار پڙ ساڳيا هئا. انهن موٽرن منجهان هڪ، روسو جي چوڪراٽي معصوميت کان متاثر ٿيندي کيس چوڪري بازيءَ واري مڪروه خواهش جي پورائي لاءِ مجبور ڪيو. جنهن کي هو ٽاري نه سگهيو. انهيءَ وچ ۾ کيس خيرن سان ڪجهه مختصر "مشورا" پڙ ڏنا ويا- خانقاه ۾ چڙا نو ڏينهن گذارڻ کان پوءِ پڇڻ جي ڪا واٽ نه لهندي ۽ شديد شرم ۽ فضول پشيمانيءَ مان گذرندي، هن پنهنجي "فرقي پرستيءَ وارين غلطين" کان توبه ڪئي ۽ آخرڪار کيس ڪليسا جي حلقي ۾ داخل ڪيو ويو. سندس مدد لاءِ سڏايل ميڙ واري موقعي تي هن کي ڪل ويهه فرانڪ حاصل ٿيا ۽ جلدي کيس خانقاه مان موڪل ڏيئي دنيا جي ڏندن ۾ داخل ڪيو ويو.

پوءِ ڪو وقت ته هو "تورين" جي آسپاس رلندو رهيو. سگهوئي وٽس موجود ڏوکڙ يعني 20 فرانڪ به جلد ئي پورا ٿي ويا جنهنڪري هو ڏاڍو مونجهو ٿي پيو. پر مٿس رحمدل ماڻهو اڪثر ترس کائيندا هئا، خاص ڪري غريب ماڻهن منجهان کيس سٺي موٽ ملندي هئي. بهرحال ايئن رولڙا ڪندي نيٺ کيس مادام ڊي ورسيلز جي حويليءَ تي ڪمدار مقرر ڪيو ويو، پر ٽن مهينن کان پوءِ هن مائيءَ جو به لاڏاٽو ٿيو. جڏهن مائيءَ جي چڏيل سامان جي جانچ ڪئي وئي ته خبر پئي ته هڪ معمولي قسم جي ربين گم ٿيل نظر آئي- ڳولا ڪرڻ تي اها ربين روسو وٽان ملي، جاڪاڻ جو کيس اها ڏاڍي وٽي هئي. انهيءَ بابت جڏهن کانئس وڌيڪ پڇا ڳاڇا ٿي ته هن ڏاڍي بيشرمائي سان ڏسيو ته اها کيس ساڳي حويليءَ ۾ ڪم ڪندڙ "مارين" نالي هڪ نؤجوان پر پاڪدامن نوڪرياڻيءَ وٽان ملي هئي. جڏهن انهيءَ معمولي چوريءَ جو الزام نوڪرياڻيءَ تي مڙهيو ويو ته جواب ۾ هن روسو کي اهڙو ڏوراپو ڏنو، جنهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باقي حياتي هو ڪڏهن ب وساري نہ سگهيو پر ان مهل پنهنجي هوڏ تي قائم رهيو. بهرحال جيئن ته هن معمولي واقعي جي مڪمل جاچ ڪرائڻ لاءِ مالڪ وٽ فالتو وقت ڪو نہ هئو، تنهنڪري هن روسو ۽ نوڪرياڻيءَ ڪي انهيءَ وضاحت هيٺ ڪڍي ڇڏيو ته منجهائن جنهن ب اها حرڪت ڪئي آهي تنهن کان ان جو ضمير ضرور بدلو وٺندو. انهيءَ ڳالهه بابت اڳتي هلي روسو لکيو آهي: "هڪڙو ب اهڙو ڏينهن ڪو نہ ٿو گذري، جنهن ۾ آئون انهيءَ برائيءَ جي ڪري اندر جي ملامت نہ سهندو هجان".

ان کان اڳ هيءَ نوجوان ڪيٿريون ٻي معمولي قسم جون نوڪريون ڪندي لڳي ٿو ته، تقريباً ٽن سالن تائين "تورين" ۾ رهيو. پر، سڀائين انسيءَ ۾ رهندڙ پنهنجي سرپرست مادام وارينس سان ملڻ جا خيال ڪيس هرڪائيندا رهيا. انهي ڪري 1731ع جي اونهاري جي منڊ ۾ (هي تاريخ مختلف ليڪڪن جي بيان ڪيل سنہ 1729ع جي ٻيٽ ۾ وڌيڪ درست ٿي لڳي پر تڏهن ب تواريخ ۾ هن مسئلي بابت ڪافي مونجهارا آهن) هو ٻيهر مادام وارينس وٽ اچي پهتو، جنهن ڪليل دل سان ڪيڪار ڪندي روسو کي پنهنجي گهر ۾ جاءِ ڏني ۽ سندس وڌيڪ تعليم جو بندوبست ڪرڻ کان سواءِ ڪيس معاشري ۾ ڏيٺ ويٺ پڻ ڪرائي. انهيءَ تعليم سان گڏو گڏ موسيقيءَ بابت سندس چاهه برقرار رکڻ لاءِ پڻ اُتساهيندي رهيس.

پورو هڪ سال انهيءَ آرام ده ماحول فراهم ڪرڻ ڪانپوءِ، هڪ ڏينهن هن ڪيس پنهنجي هڪ قيدي موسيقار لي ميتر سان گڏ ليونس جي شهر وڃڻ جو حڪم ڏنو. مادام جي حڪم کي ميڙيندي هو ٻئي ڇٽا ليونس ته ڪٽي پهچي ويا، پر ٻن ڏينهن کان پوءِ شهر جي سڙڪ تي گهمندي لي ميتر کي مرگهيءَ جو اهڙو اچي دؤرو پيو؛ جو هو هيٺ فرش تي گجي اوڳاريندي ڇڙيون هڻندو رهيو. انهيءَ اوچتي صورتحال روسو کي ايڏو ڊيڄاري ڇڏيو جو هن پنهنجي ساٿيءَ کي اتي ئي تڏڻدو ڇڏي، ڪڙين تي ڪٽي زرو ڏنو. "مادام لئمبرسيئر" ۽ "ربين چوري ڪرڻ" واري مسئلي کان پوءِ هي ٽيون، معاملو آهي جنهن کي روسو پنهنجي ڪتاب ۾ "خواريءَ ۽ريو اعتراف" سڏيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هن لکيو آهي، ته جيڪڏهن اهڙا ڪي ٻه ٽي ٻيا واقعا سندس حصي ۾ اچن ها ته هو پنهنجو ڪتاب "Confessions" لکڻ کان ئي توبهه ڪري ڇڏي ها.

پنهنجي انهيءَ بدبختيءَ سان ۽ريل ليونس واري سفر تان موٽندي سندس هراس ۾ ايڏا ب وڌيڪ اضافو تڏهن ٿيو جڏهن ڪيس خبر پئي ته مادام وارينس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انيسي مان لڏي ويئي هئي. آخرڪار رلندي پنندي 1722ع ۾ هو ساٺس ٻيهر شامبيري شهر ۾ وڃي ملیو جتي هن پنهنجو نئون گهر اڏيو هئو. هميشہ وانگر مادام هن دفعي ب سرهي منهن ۽ڪليل ٻانهن سان سندس آڏياڻ ڪيو ۽ اتان کان ئي سندن وچ ۾ هڪ "عجيب گهرائيءَ واري واسطيداري" شروع ٿي، جيڪا اڻن نون سالن جي عرصي دؤران وڌندي ۽ مضبوط ٿيندي وئي.

مادام هتي ڪئين ڀيرا روسو لاءِ ڇڳي پگهار واريون نوڪريون هٿ ڪيون، جن کي ڪجهہ وقت لاءِ تہ هن قبول ڪيو پر هميشہ نوڪرين کي خدا حافظ ڪندي پنهنجي رضا خوشيءَ سان انهيءَ عظيم الشان خاتون ڏانهن موڪلي ٿي آيو، جنهن بابت هن پنهنجي اوجل تحريرن ۾ صفحن پنڌيان صفحا لکي ڪيس امر ٻڌائي ڇڏيو آهي. هوءَ صفا مستاني طبيعت رکندڙ هڪ اهڙي عورت هئي جيڪا ڏوکڙن جي باري ۾ ايتري تہ بيپرواهہ هئي، جيتري ڪوڙي ٽاڻءِ ڦوڻءِ ۽ شائستگيءَ جي باري ۾. ايتري قدر جو عام طور تي ڪيس ملندڙ پينشن وقت ڪان اڳ ئي ڪنهن نہ ڪنهن وٽ ڳهہ پيل هوندي هئي، سندس بي انداز مهمان نوازي ۽ بيشمار خيراتن جي تہ ڳالهہ ئي ڪهڙي ڪجي! روسو کي ڪاروبار بابت ڄاڻ تہ خير ئي ڪا هئي پر ب هن پاڻ کي سندس لائق منشي ثابت ڪرڻ لاءِ وڌا وس ڪيا. هوءَ روسو کي اڪثر ڪري "ٻچڙو" ڪري سڏيندي هئي جڏهن تہ هو ڪيس "امڙ" ڪوٺيندو هئو. لڳي ٿو تہ مٺين لفظن مان نڪرندڙ معنيٰ سان لاڳاپيل رشتي داريءَ منجهان روسو ڪافي مطمئن هئو. پر جڏهن هو بالغ ٿيو ۽ نوجوان عورتن ۾ ڪافي دلچسپي وٺڻ شروع ڪيائين تہ سندس "امڙ" اکرن کان وڌيڪ معنيٰ خيز اشارن ادائن ذريعي ڪيس ٻڌائڻ شروع ڪيو تہ هو سندس عاشق بڻجي (جيڪا جڳهہ مادام جي اڳين عاشقن جي مؤت ڪري خالي پيل هئي) مٺس ٿيل احسانن جو بدلو چڪائي ٿي سگهيو.

جيڪڏهن روسو جي پنهنجي ٻيان تي اعتبار ڪيو وڃي تہ خبر پوندي تہ هو انهيءَ معاملي تي ڪو گهٽو اُتساهہ پريل نہ هئو، انهيءَ ڪري ئي هن جڏهن پهريون دفعو ڪيس پاڪر ۾ ورتو (مادام، روسو جي زندگيءَ ۾ ايندڙ پهرين عورت هئي) تہ ڪيس محسوس ٿيو تہ ڄڻ تہ هو ڪنهن مهربان شخصيت سان زنا ڪندو هجي... هوڏانهن مادام وارينس کي انهيءَ سڃي وارتا دؤران ڪو پڇتاءُ يا ضمير جي ملامت ب بالڪل نہ ٿي. بهرحال هوءَ جيڪڏهن صفا دُکي نہ رهي هئي تڏهن ب منجهس ڪجهہ ٽڏائپ ضرور هئي. توڙي جو هوءَ هڪ ديندار ڪٽنبي هئي پر ڪيس انهيءَ غيراهم ۽ فرحت ڪان وانجهيل معاملي ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٽڪڻ تي ڪنهن به قسم جو وشواس ڪونہ هئو، پر پوءِ به اهي لاڳاپا سندس پسنديدگيءَ پنهنجي شخصيت سان هن شخصيت (روسو) کي جوڙڻ ڪافي اهميت وار هئا. انهيءَ سلسلي ۾ روسو ڪاوڙ منجهان مٿس تبصرو ڪندي لکيو آهي تہ، "هوءَ هڪ ڏينهن ۾ ويهن مردن سان سمهڻ ۾ ڪو به هرج ڪونہ سمجهندي هئي." سندس گهٽي کان گهٽي دلچسپي سماجي گڏجاڻين ۾ شموليت، شوٽنق خاطر علم ڪيميا ۾ تجربن ۽ اهڙين ايجادن سان هئي جن بابت رٽابندي ڪرڻ يا تجويزون ڏيڻ ڪري کيس پينشن ملندي هئي.

شامبيريءَ جي علائقي ۾ رهندي روسو مطالعي کان سواءِ موسيقيءَ بابت لکڻ ۽ شهر جي نوجوان عورتن کي سبق ڏيڻ ۾ پنهنجو وقت صرف ڪرڻ سان گڏ، پنهنجين اعليٰ صلاحيتن جو اٿپورو استعمال ڪندي، پنهجي مالڪياٽيءَ کي ڪنگلي ٽيڻ کان بچائڻ لاءِ به پاڻ پتوڙيندو رهيو. انهيءَ دؤران سندس صحت خراب رهڻ لڳي، جنهن ڪري مادام وارينس شامبيريءَ جي پر واري پهراڙيءَ 'ليس شارميتس' ۾ اونهاري جي ڏينهن ۾ هڪ گهر ورتو. هن جڳهه تي روسو گيتن پري سرهي زندگي گذارڻ لڳو، ان دؤر کي ياد ڪندي هن لکيو آهي: "آئون ڏاڍو ٽاٽ هيس..... جيڪو ڪجهه من ۾ ايندو هئو سو ڪندو رهيس ۽ هڪ شخص جي روپ ۾ جيئن پاڻ کي ڏسڻ ٿي چاهيم تيئن ٿي رهيس." پر اها سندر گيتن جهڙي زندگي هميشہ جيان جلد ئي پڄاٽيءَ کي پهتي.

صحت جي بهتريءَ لاءِ سگهوئي شامبيري ڇڏي، هو جڏهن 'مونٽ پيلير' جي دؤري تي روانو ٿيو، تہ واٽ تي سندس ملاقات هڪ دلڪش عورت مادام ڊُي لارينج سان ٿي، جنهن سان هو رنگ رليون ملهائيندو رهيو. انهيءَ هلت مادام وارينس جي روسو سان محبتن کي ٽڏو ڪري، ڪائنس پري ڪري ڇڏيو ۽ هاڻي منجهن ڪو به جسماني لاڳاپو باقي نہ رهيو. لڳي ٿو تہ مادام وارينس روسو جي افعالن ۾ تبديليءَ کي ڄاڻي ورتو هئو، ڇاڪاڻ جو هو جڏهن واپس شامبيري پهتو تہ اهو ڏسي ڪيس ڏاڍي مٺيان لڳي تہ حويليءَ ۾ هڪ ٻيو نوجوان به پهچي چڪو هئو، جنهن مادام جي مڪمل تسڪين لاءِ هر ڪم سرانجام ٿي ڏنو. ڪيترو وقت تہ روسو پنهنجو پاڻ کي نئين ماحول مطابق هلائڻ لاءِ ڏاڍا جتن ڪيا پر آخرڪار هو پاڻ تي ضابطو نہ رکي سگهيو ۽ نيٽ 1741ع ۾ مادام وارينس سان سڀ رشتا ناتا ٽوڙي پئرس روانو ٿي ويو.

انهيءَ احوال سان گڏ ئي سندس تصنيف "Confessions"جو ڇهون جلد پورو ٿئي ٿو، جيڪو مڪمل اڏ ڪونهي جو اڃان ٻيا ڇهہ جلد به اڇٽا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٹا پر مادام وارينس کان جدائيءَ روسو جي زندگيءَ جو زبردست ورهاڱو ڪري ڇڏيو، جيئن هن پاڻ ڇيو آهي تہ، ايستائين سندس زندگي "خاموشي ۽ نڪمٽائيءَ" سان پريور هئي، پر ان کانپوءِ جي ٽيهن ورهين جي سندس حياتي بدقسمتيءَ سان ڏاڍي "نياڳائي، غلطين، غدارين، بي ايمانيءَ ۽ هينئون ڏکائيندڙ يادگيري" تي ٻڌل آهي.

هاڻي ڇڪر وري اهو ٽي پيو جو پٹرس ۾ پهچڻ کان پوءِ پاڻ سان آندل ڪجهه ڏوکڙ جلد ئي وٺائيس ختم ٿي ويا، تہ ٻئي طرف سندس ايجاد ڪيل موسيقيءَ جي سرن- جن منجهان کيس اميد هئي تہ هو ڪافي مال ڪمائي ونندو، تن کي "اڪيڈمي آف سائنسز" طرفان اهو چوندي رد ڪيو ويو تہ، اها سڄي ايجاد نہ رڳو بيڪار ئي هئي پر اها نئين ۽ اصلوڪي (Origional) بہ نہ هئي. بهرحال موسيقيءَ جا نقل ڪندي ۽ سبق ڏيندي هو ايستائين وقت گذاريندو رهيو جيستائين، سندس ڪجهه بااثر دوست هٹا. (توڙي جو هنن سان سندس ورتاءُ اڻ وٽندڙ هوندو هئو) جن بعد وينس واري سفارتخاني ۾ هن لاءِ سفير جي سيڪريٽريءَ جو عهدو هٿ ڪري ورتو. هتي کيس عورتن سان سنگت ڪرڻ جا ڏاڍا موقعا مليا، جيتوٽيڪ سندس عهدي منجهان کيسُ حاصل ٿيندڙ پگهار ڪاگهٽي ڪو نہ هئي، پر کيس ترقي ملڻ جا ڪافي امڪان هٹا. ۽ جيڪڏهن هو ارڙهن مهينن کانپوءِ پنهنجي سفير جي روين تي ڪاوڙ نہ چندبي ها تہ کيس ترقي ملي بہ چڪي هجي ها. بهرحال انهيءَ ماحول ۾ هن پنهنجي استعيفا پيش ڪندي واپس پٹرس جي واٽ ورتي، جتي ٻيهر موسيقيءَ جا مسودا لکڻ سان گڏو گڏ دائدرو (Didro) جي "انسائيڪلوپيڊيا" لاءِ ڪجهه مضمون بہ لکندو رهيو.

هوڏانهن پٹرس پهچڻ کان ٿورڙو عرصو پوءِ، هن هڪ فيصلو ڪيو، جنهن موجب سندس لاءِ هاڻ لازمي هئو تہ هو ڪا اهڙي مستقل مالڪياڻي هٿ ڪري؛ جيڪا مادام وارينس وانگر کيس هڙئي گهرو سهوليتون مهيا ڪري سگهي. انهيءَ سلسلي ۾ هن هڪ اهڙي پورهيت مائيءَ سان گڏ رهڻ جو فيصلو ڪيو، جيڪا انهيءَ ساڻئي بوردنگ هائوس يا هوٽل ۾ ڪم ڪندي هئي جتي روسو جي رهائش هئي. ٻاويهن يا ٽيويهن ورهين جي هن مائيءَ جو نالو 'ٽيريسي لي ويزر' تي ورتائون. ٽيريسي نہ چڙو خوبصورت ڪونہ هئي پر تقريباً صفا اڻ پڙهيل بہ هئي. ان کان سواءِ هڪ طرف هُن پنهنجي معمولي پگهار مان پنهنجي خوفناڪ پوڙهي ماءُ کي ٽي پاليو، تہ ٻئي طرف مٹس اتي تي چٽي پاڙيتو پائرن ۽ پينرن جو بہ بوجھ پيل هئو. جيتوٽيڪ سندس اٽٽي ويهٽي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روين مان هن جو هيئين ڪلاس يعني پورهيت طبقي جو پس منظر ظاهر ڪري ٿيو، پر روسو جو تعلق به ته لڳ ڀڳ ساڳئي طبقي سان هئو! هوءَ ڏاڍي پياري قسم جي گهرڊياڻي هئي، روسو پنهنجن مذمت لائق "اعتراف" ۾ ٻڌايو آهي ته جيتوڻيڪ ڪيس هن سان هڪ فرد جي حيثيت ۾ ڪوبه پيار نه هئو، پر پوءِ به هُن هميشه سندس هر نفساني خواهش کي پورو ڪيو. هن مائيءَ روسو کي پنج ٻار ڇڏي ڏنا جن مان هر هڪ کي هو ڇمندي ئي ڳوڙيءَ ۾ وجهي لاوارث ٻارن جي اسپتال ٻاهران ڇڏي ايندو هئو. انهيءَ ڪم لاءِ به ونس ٻهانا تيار ٿيا آهن. مثال طور تي، سندس خيال موجب جيئن ته هو سندن پرورش نٿي ڪري سگهيو، تنهن ڪري سڄي عمر ڏک ۾ وجهڻ کان بهتر هئو ته منڊ ۾ ئي ڪين رياست جي حوالي ڪري ڇڏجي، ته جيئن سندن پالنا ڪري ڪين مهم جو ۽ پاڻ آزمائيندڙ ٿي وڃڻ بدران شريف پورهيت/ايا ايماندار هاري بڻائي سگهي. ڪيس هن معاملي ۾ انهيءَ ڪري به گهڻي پريشاني نه ٿي جو هن پاڻ کي هڪ پيءُ جي بدران افلاطون جي تصور واري "ريپبلڪ" جو هڪ سٿو شهري پڻي سمجهيو. (اڄڪلهي ڪيس پنهنجي ڪئي تي ڏاڍو افسوس ٿيو ۽ هن انهن ٻالڪڙن بابت پڇاڳاڇا به ڪئي، پر انهن جو ڪوبه پتو ڪونه پيو.) روسو جي انهيءَ ورتاءَ تي ڪيس کي به معاف نٿو ڪري سگهي ۽ بيشڪ سندس اعترافن پريل ڪتاب ۾ اهو معاملو هن لاءِ ڪارو ڇٽو ٻڌجي چڪو آهي. ڇاڪاڻ جو سندس زندگيءَ جي انتهائي بچڑن ڏينهن ۾ اهڙي ڪابه شاهدي نٿي ملي ته ڪو هن بک وگهيءَ فاقا ڪيا هجن. سندس چؤڌاري سدائين امير دوستن جو حلقو موجود رهيو آهي، جيڪي ان معاملي ۾ هن جي ڏوکڑن ذريعي مدد ڪندي (۽ ايئن هو اڪثر ڪري ڪندا به هئا) ڪافي خوش ٿين ها. جنهن جي ثابتي ان حقيقت مان ملي ٿي ته هو وقت بوقت روسو لاءِ نوڪريون به هٿ ڪندا رهيا، جن ڪي هن معمولي ٻهانن جي بنياد تي بار بار ڇڏي ٿي ڏنو. انهيءَ کان علاوه پنهنجي ڏاهپ جو استعمال ڪندي ننڍن سنگيت ناٽڪن لاءِ ڏنون ترتيب ڏيندي ۽ بعد ۾ شهرت پريل ۽ دل لبائيندڙ ادبي تحريرون لکندي به هُن چگا خاصا ڏوکڑ پڻي ڪمايا.

انهيءَ پهلو تي (الکڙ تي) هن ڪڏهن به ڪونه سوچيو هئو ۽ اهو به ممڪن هئو ته هن لکندڙن جي ٻيڑي تي ڪڏهن به پير نه رکيو هجي ها، جيڪڏهن اوچتو "اڪئڊمي آف دائيجون" پاران "اخلاقيات تي تهذيب جي ترقيءَ جا اثر" واري مضمون تي ٽيل ڇنڇ ٻيڻيءَ ۾ لکيل سندن بهترين مضمون تي ڪيس انعام نه ملي ها. روسو انهيءَ مضمون تي سخت محنت ڪئي ۽ پنهنجي بي مثال ذهني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاريگريءَ سان ثابت ڪيو تہ: رياست جو اصل روپ سماجي تحفظ وارو نہ پر جبر ذريعي برتري قائم رکڻ وارو آهي..... ۽ اهڙي طرح انعام ڪٽي ورتو. 1750ع ۾ سندس مضمون ڇپجڻ کان پوءِ ڪيس ڏاڍي شهرت ملي، ستت ئي ٻيو مضمون "اٿبرابريءَ جا بٹياد" لکي هن هڪ ممتاز ادبي شخص جي حيثيت ۾ پنهنجي سجاٹپ ڪرائي ورتي. 1754ع تہ هن ايڈو نالوڪڍيو جو، پنهنجي حيثيت کي نظر ۾ رکندي جينيوا جو چڪر هڻڻ جو فيصلو ڪيائين، جنهن کي هن ڪئين سال اڳ ڪنهن بہ همدرد کان وانجهيل رولاڪ شخص جي حيثيت ۾ چڏيو هئو. جينيوا ۾ شهري اختيارين پاران سندس بيحد قدر ڪيو ويو ۽ ڪيس شهريت پڻ ڏني ويئي. جيڪا ڪنهن بہ ڪٹٹولڪ کي ملڻ ناممڪن هئي، پر جيئن تہ روسو ٻاراڻپي عمر ۾ پروٹسٹنٹ فرقي کان ڪيل تاڃنا کي ختم ڪري چڏيو تنهنڪري رهيل اعتراض بہ ختم ٿي ويو. پروٹسٹنٹ ٿيڻ کان پوءِ ستت ئي سندس حيثيت کي تسليم ڪندي ڪيس "جينيوا جو شهري" وارو اعليٰ خطاب پڻ ڏنو ويو.

جينيوا ڏانهن انهيءَ مسافريءَ ۾ ڪيس هڪ ٻيو يادگار واقعو بہ پيش آيو، يعنيٰ شامبيري مان مادام وارينس کان تيرهن سالن جي وچوڙي کان پوءِ هُن جي اوچتو ساٹس ٻيهر ملاقات ٿي. هن دفعي روسو مادام ۾ ڪي جيءَ جهوريندڙ تبديليون محسوس ڪيون ۽ سندس اجڙيل صورتحال ڏسي ڪيس ڏاڍو ڏک رسيو. انهيءَ ڪري هن ڪيس مالي مدد جي آڇ ڪرڻ سان گڏوگڏ (جيڪڏهن سندس ڳالهہ تي اعتبار ڪجي) سندن ٿيريسي واري گهر ۾ گڏ رهڻ لاءِ بہ صلاح ڪئي، پر مادام سندس آڇ کي رد ڪري چڏيو ۽ اٽڻ سالن بعد، 1762ع ۾ گمنامي ۽ غربت جي حالت ۾ هن جهان مان لاڏاٹو ڪيائين.

انهيءَ کان پوءِ روسو پئرس موٽي آيو جتي سندس ڪئين شاهوڪار دوستن سندس هر قسم جي امداد ڪرڻ جو خيال ڏيکاريو- پر شهري ماحول ڪيس ڏاڍو وياکل ڪري چڏيو هئو، تنهنڪري 1756ع جي بهار ڏاري هن شهر کان ٻاهر مادام ايپيني طرفان هڪ گهر جي آڇ قبول ڪندي، وڃي "موٹ مورينسي" نالي ٻهراڙيءَ جا وڻ وسايا. هن جاءِ کي روسو طرفان "آشرم" (The He-rimitage) جي نالي سان سڏيو ويو ۽ اتي ئي ويهي هن ادب جا ٹي شاهڪار ڪتاب لکي پورا ڪيا. جن جي ڪري سندس نالو انساني فڪري تواريخ ۾ هميشہ لاءِ امر ٻڌجي چڪو آهي.

انهن تصنيفن مان "La Nouvlle Heloise" نالي ڪاوش سڀني کان پهرين ۽ رومانوي ناولن ۾ عظيم ترين جڳهہ والاري ٿي، جنهن جي ڪري ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روسو کي انهيءَ مقبول ترين سلسلي جو پايو وجهندڙ مجيو وڃي ٿو.

هيءُ ڪتاب ٽن ڪردارن يعني جولي، سندس قريبي دوست ڪليئر ۽ جوليءَ جي نوجوان استاد لي پريوڪس جي وچ ۾ ٽيل ڳالهين ٻولهين جو مجموعو آهي. ناول ۾ جولي سڪي ستابي گهراٽي ۾ جاول ڏيکاري ويٺي آهي ۽ اميراٽي زندگي ٽي گذاري، جڏهن ته لي پريوڪس جو جنم ٻه هڪ معزز گهراٽي ۾ ٽيل آهي؛ پر وٽس ٽيبي پائي ٻه ڪونهي. هن نوجوان جي ڪردار مان سٽين سڏي روسو جي شخصيت جي جهلڪ ٽي اچي، جڏهن ته رومانس واري جڳهه جو نالو "ويوي" آهي، جيڪا جينيوا ڍنڍ جي ڪناري مادام وارينس جو جنم آستان آهي.

قصي ۾ پنهنجي سماجي پس منظر ۾ مشابهت نه هجڻ جي باوجود جولي ۽ لي پريوڪس کي هڪٻئي سان پيار ٿو ٿي وڃي ۽ هو پنهنجن جذبن کي مڪمل ڪري ٿا وٺن. انهيءَ موڙ تي جولي سندس آڏو اخلاقي قدرن کي پڌرو ڪري ٿي ٻين لفظن ۾ سماجي قدرن کان آگاهي ٿي ملين ٿ جن جي ڪري سندن وصال مشڪل ٿي پوي ٿو. انهيءَ صورتحال کي نظر ۾ رکندي هوءَ روئڻ ۾ ڇٽڪي پوي ٿي ۽ لي پريوڪس کي سندس حال تي ڇڏي هليو ٿو وڃي. جولي پاڻ قرباني جو ٻڪرو ٻڌجندي پنهنجي پيءُ جي مرضيءَ آڏو جهڪي، ٿوري ئي عرصي ۾ هڪ چگهي زال ٻڌجڻ سان گڏوگڏ ساراه جوڳي ماءُ ٻ ٻڌجي ٿي وڃي. هيءُ ڪتاب "The New Heloise" 'برداشت کان وڌيڪ بيهودگيءَ' جي ڪري گهٽو اڳ ٿي نندا هيٺ اچي ها، پر روسو جي تحريرن ۾ هڪ وڏي خوبي آهي ته منجهائن هر لکڻي ۾ گهٽيون ٿي بچاءُ ڪندڙ فضيلتون پريل هوندیون آهن. مثال طور تي ته انهن ۾ سڄي ساري تبديل ٿيندڙ خوبصورتيءَ ۾ فطرت بابت گهرا احساس آهن. پر ان کان ٻ وڌيڪ اهو ته، پڙهندڙن جي الائي ڪيترين ٽهين هن جي مرد ۽ عورت جي ڪردارن منجه موجود محبت جي سحر بابت روسو جي سوجهيل بي پناه وضاحتن کي بيحد واکاٽيو آهي. جيئن هڪ ٽهي اڳتي هلي مادام دي اسٽيئل ٻڌايو ته: روسو اهو پهريون شخص هئو جنهن انساني دلڙيءَ جي ڏکندڙ وڳوڙ بابت سپنو ڏٺو، نه رڳو ايترو پر هن انهيءَ سپني کي ساڀيا ٻ ڪري ڏيکاريو."

1760ع ۾ "The New Heloise" ڪتاب ڇپجڻ کان پوءِ روسو شهرت جي چوٽين تائين وڃي پهتو، پر اهي سڀ ادبي امرتائون سندس ذاتي زندگيءَ جي حادثن ۾ اڻ ڇٽيون ٿي ويون. مادام دي ايپيني سان "Hermitage" ۾ هڪ سال کان ٻ وڌيڪ رهڻ کان پوءِ روسو نه رڳو ساٿس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتڪي پيو، پر سندس نٽان مادام ڊي هوديتو (جنهن سان ڪيس ڪافي محبت ٿي چڪي هئي) سان ب سندس زبردست جهڳڙو ٿي پيو. مادام هوديتو جو "Confessions" ۾ ذڪر ڪندي هن ڪيس "پنهنجي زندگيءَ جي پهرين ۽ آخري محبت" سڏيو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ پڌا ٿيل احساساتي درد انگيزي ۽ بين واقعن جي ڪري "The Heloise" نالي سندس ڪتاب ۾ عشق جي تپش نظر اچي ٿي. انهيءَ پس منظر ۾ نحيف قسم جي خود رحمي جو دؤر محسوس ڪندي هن پنهنجي ڀهراڙيءَ جي هن پناه گاهه ڪان آڇيو حاصل ڪيو ۽ پنهنجي هڪ ٻئي امير محسن، ڊيوي ڊي لڪسمبرگ جي جاگير ۾ هڪ ننڍڙو بنگلو ونڊي ويهي رهيو- ۽ هتان ويهي هن انساني تواريخ جو هڪ عظيم ڪتاب "سماجي معاهدو" (Le-contract) لکي پورو ڪيو.

اها حقيقت آهي ته سياست جي سموري بحثا بحثيءَ ۾ سندس هن راءِ ته: "انسان آزاد ڄائو آهي، پر هر جاءِ تي هو زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي." ڪان وڌيڪ بي ڊپائيءَ واري ٻي ڪا ڳالهه ناهي. انهيءَ خوفناڪ تضاد ڪي بيان ڪندي، هو انساني سماج جي شروعاتي دؤر ڏانهن هليو ويجي ٿو ۽ جهنگلي دؤر ۾ اسان جي ابن ڏاڏن بابت تصور ڪندي هڪ "سماجي معاهدي" جي شڪل ۾ سماج سان سندن لاڳاپن کي بيان ٿو ڪري. جنهن مطابق معاشري جو هر فرد ٻئي سان وهنوار ۾ ايندي پنهنجي مجموعي سگهه ۽ پنهنجي ماتحت ماڻهن کي ڪٽائيندي "عام ارادي جي عظيم تر حڪم هيٺ" هلي چلي ٿو. پر جيئن ته روسو کي تاريخ بابت تمام گهٽ ڄاڻ هئي تنهنڪري سندس هيءُ تصور مڪمل طؤر تي مونجهارن پريل ٿو لڳي. پوءِ ب انهيءَ ۾ اهڙا جيوڙا موجود هئا، جن جو فصل "خوفناڪ شڪل" ۾ ملٹو هئو. جنهن کي اقتدار اعليٰ جو عوامي تصور (Popular Sovereignity) چيو ويجي ٿو. هن خيال، ارهائيءَ ۾ گذاريندڙ عام لوڪ ۽ ان کان وڌيڪ ناراضگيءَ سان پريل بيچين ۽ جهوتون ڏيندڙ، نسبتن روشن خيال ننديي حلقي، کي زبردست متاثر ڪيو. سچ ته اهو آهي ته سندس ڪتاب "سماجي معاهدي" مان ئي آزاديءَ، برابريءَ ۽ پائپيءَ جهڙا اصول اخذ ڪيا ويا، جيڪي اڳتي هلي گڏجي فرينچ انقلاب جا بنيادي ۽ رهنما اصول بڻجي ويا.

هيءُ ڪتاب فرينچ انتظاميا جي سينسرشپ (ڪٽ ڪوٽ) کان بچڻ لاءِ 1762ع ۾ ايمسٽرڊم ۾ ڇپيو. ساڳئي طرح سان ساڳئي شهر منجهان روسو جو ٽيون سدا بهار ڪتاب 'ايمائيل' يا "ايميلي" (Emile) پڻ ڇپجي پڌرو ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ايميلي" يا تعليم نالي هن ڪتاب ۾ ٽن ڪردارن يعني هڪ ڇوڪر "ايميلي" هڪ نندڙي نينگر "صوفي" ۽ جين جيڪس روسو جو ذڪر ٿيل آهي، جنهن کي فيلسوفياڻي رومانويت جو روپ ڏنل آهي. ڪتاب ۾ گهڻي ياڳي ايميلي جي تعليمي مرحلن جو تذڪرو آهي ۽ (جيتوڻيڪ هن قصي ۾ اهو شخص جنهن کي نوجوان کي ترتيب ڏيندڙ جو استاد يعني روسو مقرر ڪيو ويو آهي تنهن جي طرفان پنهنجا ٻار لاوارث اسپتال کي سونپڻ ڏاڍو نامناسب ۽ اڻ ٻڌندڙ ٿو لڳي) تنهن کان سواءِ روسو جي فصاحت سان ڀريل تذڪري ۾ ٻه گهڻو ڪجهه آهي جنهن جي ساراهه ڪرڻ جڳائي. هوڏانهن ڪتاب ۾ صوفيءَ جو ذڪر وڃي پنجين جلد ۾ ٿئي ٿو ۽ سندس بابت تخليقڪار جو اهو تصور ته: "هوءَ ايڏي ٿي مڪمل عورت آهي جيڏو ايميلي مرد" سان ميل هرگز نٿي کائي. ان جي ابتڙ هوءَ اڪثر پڙهندڙن کي عورتپڻي جي سشيلتا جو ڄاڻو نمونو محسوس ٿيندي. هن ڪتاب جي بنيادي اهميت جو انهيءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪو ٻ مثال بيان نٿو ڪري سگهجي ته؛ دنيا جي هڪ زبردست تعليمي ماهر پيسالوزي (Pestalozzi) پنهنجي تحريرن ۾ وڏو حصو روسو جي هن تخليق تان ڪنيو آهي. جڏهن ته جرمنيءَ جي سرزمين تي گوئٽي، شلر ۽ جين پال رچر جهڙن علم پرور ڏاهن جي سوچن ۾ اتساهه جڳي زبردست جهلڪ "ايميلي" پڙهڻ کان پوءِ ايري.

هتي اسان کي سندس ڪتاب Confessions ۾ ذڪر ڪيل شهر 'سيوواءِ' جي انهيءَ پادري بابت ضرور ڳالهائڻ گهرجي- ڏرمي جيون ڪٿا جي هن انتهائي دلچسپ باب ۾، روسو ٻن ڪٿولڪ پادرين جي ڪردار کي يڪجا ڪندي سندن واکاڻ ڪئي آهي ۽ چيو اٿس ته نندي وهيءَ جي رولاکيءَ واري عرصي دؤران، هنن ئي سندس ذهن کي رڳو ڏرمي تصورن جي بهتر سٽاءَ کان آگاهه ڪيو. (انهن سبقن ۾ ڪٽرپڻو نه هئو) پر جنهن دؤر ۾ ڪيس اصلاح ۽ راهبريءَ جي ضرورت هئي تڏهن هنن مذهبي ڳالهين سان گڏوگڏ سندس اخلاقي راهبري پڻ ڪئي.....

بهرحال ٻارهن سالن تائين هڪ مفڪر ۽ اديب جي حيثيت ۾ روسو جي مرتبي ۾ جيئن پوءِ تيئن واڌارو ايندو رهيو. پر ياڳ جا رنگ ئي نرالا آهن! ايميلي ڇپجي پڌرو مس ٿيو هئو جو سندس اختيارين سان اٽڪت ٿي پئي. نتيجي ۾ پئرس جي پارليمينٽ طرفان ڪتاب تي هڪدم پابندي وجهڻ سان گڏ ليکڪ جي گرفتاريءَ جا حڪم ڏنا ويا. پر روسو ڪي اها ڪڙڪ ڪا اول ئي پٽجي چڪي هئي، تنهنڪري هو ٻڌجڻ کا پهريائين ڪلٽي ٿي چڪو هئو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ حقيقي خطرن کان بچڻ لاءِ هو سالن جا سال ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر ۽ هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ دربدر ٽيندو ڦٽڪندو رهيو. آخرڪار 1766ع ۾ انگلينڊ وڃي پهتو، جتي سندس مداحن ۽ خاص ڪري انگريز مفڪر ڊئوڊ هيوم (David Hume) سندس بهتريءَ لاءِ پنهنجي وسان ڪوڙ گهٽايو. پر هو اهڙن شخصن مان نہ هئو جيڪي پنهنجي حمايت يا امداد کليءَ دل سان قبول ڪندا آهن: ڇاڪاڻ جو هڪ ته هو اول ئي شديد قسم جو حساس ماڻهو هئو، مٿان وري ڪيس ڪنهن پيشاب جي بيماري هٽي لاڄهو ڪري ڇڏيو. اها تڪليف ايتري ته وڌي ويس جو سندس دوستن جي امداد ۽ آئيندي جي گهڻ گهرن جي تسلين ۽ ڪو اثر ڪو نہ ڏيکاريو.

مئي 1767ع ۾ هو واپس فرانس موٽيو ۽ آخرڪار پئرس ۾ وڃي پهتو، جتي هو پنهنجي ۽ ٿيريسي (جنهن سان سندس لاڳاپا ان وقت لڳ ڀڳ شاديءَ واري حد تائين پهچي چڪا هئا) جي گذر سفر لاءِ موسيقيءَ جا مسودا لکندو رهيو.

پر جيئن جيئن ورهيہ گذرندا ويا؛ روسو اڃ چريائي ۽ ڏڪ جي اوڙاهہ ۾ وڌيڪ ويو ٻڏندو. 1778ع ڌاري ڪنهن مالي عملدار "ارمينن ويليءَ" واري هنڌ ڪيس هڪ ننڍي بنگلي ۾ رهڻ جي آڇ ڪئي. جتي ساڳئي سال 2 جولاءِ تي جسماني طوُر تي شديد برباديِ ۽ ذهني طوُر تي ايڏي زبردست انتشاري ڪيفيت ۾ سندس لاڌاٽو ٿيو، جو ماڻهن کي وڏا شڪ هئا ته سندس مؤت عام رواجي نموني سان نہ پر آتم هتيا جي ڪري ٿيو هئو.

(جان ڪٽننگ جي ڪتاب "The Great Europeans" تان ورتل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پرسي بشي شيلي

جم: 14، آگسٽ 1792ع
لاڌاٽو: جولاءِ 1822ع

ڪنهن شاعر بابت جاڻڻ ۽ تفصيل هٿ ڪرڻ ڪو وڏو ڪم ڪونهي، پر شاعر جي فني ماهيت، بلڪ خود شاعريءَ بابت چٽو تصور جوڙڻ، هڪ بيحد ڪٺن ڪم آهي. مون کي شاعريءَ بابت، دنيا جي عظيم مفڪرن ۽ نقادن جي راءِ کان ته ڪا گهٽي واقفيت ڪونهي، پر منهنجي ذات جي شاعريءَ بابت ڪٽ آهي ته: شاعري، انساني روح منجهه رچيل پر اڻ جاتل نغمگيءَ کي، هڪ چٽو احساس بخشي، مڪمل اظهار ٻڌائڻ جو نالو آهي. ڪوتا، وجود ۽ عدم وجود جي سنجوگ مان ڦٽي نڪتل، انتهائي گجهين ۽ اجهل احساساتي ڪيفيتن کي، هڪ پائيدار خيال جو روپ عطا ڪرڻ وارو فن آهي. شاعر ڦهليل ڪائنات ۾ انساني روح جي وياڪلتا کي ختم ڪندي، ماٺهوءَ جي اندر موجزن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪشمش ڪي، تخليقي عمل ۾ تبديل ڪري ٿو ۽ گونگن جذبن کي زبان مهيا ڪري ٿو. شاعري لاشعور ۽ تحت الشعور جو، شعور ڏانهن هڪ تخيل پريو عظيم سفر آهي، جنهن ۾ فرد جي ڪرب، محرومين، اڻپورين حسرتن ۽ پوڳنائن جو ازالو ٿيل آهي. شاعري فطري ۽ فني جماليات جي ميجتا ۾ چيل، هڪ سندر ساراھ آهي. ۽ شاعري فرد ۽ اجتماع جي وچ ۾ خيالن جي رسد، عظيم جذبن جي مناسب ورهاست ۽ انساني زندگيءَ جي فطري رخ ۾ ترقي ڪرڻ جو ٻيو نالو آهي. شاعريءَ بابت مٿي ڏنل ويچارَ ضروري ناهي تہ هر شاعر جي فني ميراث هجن. حقيقت اها آهي تہ لکن منجهان ڪنهن هڪ ڪويءَ وٽ، اهڙو عظيم پرک پريو شاعراڻو معيار هجي ٿو؛ ۽ جن وٽ اها ڏات هوندي آهي، اهي تواريخ ۾ اساسي ۽ لافاني حيثيت اختيار ڪري وٺندا آهن. اُهي شاعر ڪنهن هڪ ڪُٹم قبيلي، قوم يا ملڪ جا نہ، پر سڄي انسان ذات جو گڏيل ورثو ۽ ملڪيت هوندا آهن. ڇاڪاڻ تہ اهي هر انسان جي روح جي صدا ٻڌجي، ان سان اڻ ٽُٽ ناتو جوڙيندا آهن.

انگلستان جو سدابهار سريلو شاعر شيلي، پڻ ڏات ۽ فن جي باغ جو اُهو نہ ڪومائيندڙ گل آهي، جنهن جي خوشبوءِ ڪي، وقت جي اُس ۽ تبديليءَ جو طوفان، ڪڏهن بہ ختم نہ ڪري سگهيا آهن. هن جي سڄي شاعري، هڪ امر گيت ٻڌجي، ڪائنات ۾ ڦهلجي، خيالن ۽ جذبن جي سرهاڻ ڦهلائيندي ٿي رهي؛ ۽ ابد تائين اهو سلسلو جاري رهندو.

اها عجيب ماجرا آهي تہ، انگلينڊ جا ٻي وڏا شاعر، يعني ڪيٽس، بائرن ۽ شيلي ارڙهين صديءَ ۾ پيدا ٿيا، پرسهيوڳي هجڻ جي باوجود سندن الڳ الڳ سچاڻپ آهي. ٽئي جواني ۾ مري ويا. ۽ ٽئي اساسي حيثيت حاصل ڪري ويا. منجهائن شيلي انهيءَ ڪري منفرد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئو، جو هُن کي هڪ ئي وقت درد پيري شاعريءَ جي ذات ۽ جمالياتي خوبصورتيءَ جي اعليٰ درجي جو ادراڪ حاصل هئو.

جيئن ته هو پاڻ سڃي عمر محرومين جو شڪار رهيو، تنهن ڪري سندس سموري شاعري بنيادي طور تي وڇوڙي، ورلاپ، فراق، سونهن ۽ وصل جي شاعري آهي. جنهن ۾ ماحولياتي خوبصورتيءَ جو ابتر (Contrast) سموئي، هن ايڏا ته عظيم احساساتي ڪشمش سان پريور نظم لکيا آهن، جو اهي پهرين پڙلاءَ سان ئي پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ جي دل جي صدا ٻڌجيو پون. انهيءَ جي باوجود، هن جي شاعريءَ ۾، هڪ پريور فيلسوفاڻو رنگ به موجود آهي؛ ۽ اهو رنگ آهي، ڪائنات جي اڪائي جو حصو ٻڌجڻ جو...

هن جا ڪيترائي نظم عام زندگيءَ کي ڪنهن ڪائناتي زندگيءَ ۾ ختم ڪرڻ جي وڪالت ڪن ٿا، جن مان "Adonais" به هڪ اهڙو نظم آهي.

آدرشي لحاظ کان شيلي عشق کي هڪ لازمي تجربو ڪٽائيندي، اُن کي ڪائناتي ڳجهن کي سمجهڻ لاءِ، هڪ ڪُنجيءَ جو درجو ڏنو آهي. انهيءَ ڪري ئي هن جي شاعريءَ ۾ نه رڳو رومانوي رنگ حاوي آهي، پر ان ۾ هڪ سحر پيري موسيقيت ۽ ترنگ پڻ آهي، جيڪا ڪنهن به حساس روح تي بي مثال مدهوشيءَ کي ثبت ڪري ڇڏي ٿي. جن به سندس نظم "Sky Lark" پڙهيو هوندو، تن کي معلوم هوندو ته، هن جي شاعراڻي خودفراموشيءَ ۾، گهري تُز مشاهداتي سگهه جي سنجوگ سان ٺهيل نظم، ڪيڏا نه سياويڪ ۽ دل ڀلائيندڙ تاثر رکن ٿا، انهن ۾ وصل جي ڪيڏي نه تڙپ موجود آهي...!!

شيلي بابت هيءُ مضمون، سندس شاعريءَ جي پائڪن لاءِ هڪ ابتدائي ۽ بنيادي ڪوشش آهي. سندس شاعريءَ توڙي شخصيت کي مڪمل طور تي سمجهڻ لاءِ، ضروري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي تہ دلچسپيءَ ۽ دلجمعيءَ سان، سندس بنيادي ۽ اصلوڪي تخليقي جوهر منجهان فيضياب ٿجي.
ـ سنڌيڪار

1792ع جو سال آهي، لنڊن ۾ وليم بلئڪ پنهنجي پيغمبراڻي شاعريءَ جي اونداهن شعلن سان، ڪي اهڙا پيارا گيت سرجي رهيو آهي، جيڪي اڳتي هلي، سندس شاهڪار شعري مجموعي "Song of innocence" جو بنياد بڻجڻا آهن. "ايڊنبرو" ۾ نوجوان اسڪاٽ جنهن جو نالو "والٽر اسڪاٽ" ٿا وٺن، سو تعليم تہ قانون جي وٺي رهيو آهي، پر واندڪائيءَ ۾ ويهي پنهنجي ڏرتيءَ جا راڳ ۽ گيت وينو جمع ڪري ۽ سهيڙي. 'ڪئمبرج' ۾ اداس ذهانت جو اهڃاڻ 'سموئيل ڪولريج' سُست لڳو وينو آهي، ۽ پئرس ۾ نوجوان سرگرم ريپبلڪن' 'وليم ورڊسورٿ' انقلاب جي پيش قدميءَ تي گد گد پيو ٿئي.

هوڏانهن ڏور اتر ۾ انگلينڊ جي 'ابردين' علائقي ۾ 'بائرن' نالي هڪ سهاڄهڙو ٻار، اسڪول ۾ پهريون ڏينهن پڙهڻ لڳو آهي. 'مور فيلڊس' منجھ گھوڙن جي طنبيلي ۾ 'ڪينٽس' نالي هڪ همراه، گھوڙن کي گاھ ۽ داڻو ڏيئي، سندن سنيال ڪري رهيو آهي؛ جتي ٽن سالن کان پوءِ سندس جينيس پوٽو جمندو. ۽ اهڙي ذات پرور ماحول ۾، انگلينڊ جي 'سسيڪس' "Susse*" صوبي (County) ۾ 'وارنهام' وٽ 14ـ آگسٽ تي "پرسي بشي شيلي" جو جنم ٿي رهيو آهي.

پرشي بشي شيلي 'فيلڊ پٽليس' وارنهام جي هڪ امير 'ٽموٿي شيلي' جي گھر ۾ اکيون کوليون. هو پنهنجي پيءُ جو وڏو پٽ هئو. سندس ڏاڏو 'بشي شيلي' هڪ شاهوڪار پر ڪراڙو ۽ سودائي شخص هئو. ڪيس 1806ع ۾ ننڍي نواب "Baronet" جو اعزاز حاصل ٿيو، هيءُ جهونو پنهنجي پٽ ٽموٿي کي سخت ناپسند ڪندو هئو. ساڳئي طرح سندس پوٽي، يعني پرسيءَ کي پڻ پيءُ نہ وٺندو هئو. انهيءَ ڏس ۾ مسٽر "ڪِلٽن براڪ" نالي هڪ جيون پتري لکندڙ لکيو آهي:

"شيلي عام هلت چلت ۽ باهرين ڏيک جي معاملي ۾ انتهائي نفيس مزاج وارو شخص هئو، جڏهن تہ سندس والد ۾ انهن ٻنهي خوبين جي سخت اٽاٽ هئي. شيلي لاءِ جيڪوماڻهو پورٽتا پريل (Perfect) نہ هئو، سو کيس وٺندو ئي نہ هئو؛ ۽ سندس والد جي نقص پريل طبيعت تہ سيني آڏو پڌري هئي. شيلي ڪنهن چالاڪ چوڪريءَ وانگر، هر ماڻهوءَ ۾ مستقل مزاجي ڏسڻ چاهيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئو، پر سمانتا يا مستقل مزاجي، هن جي والد کي پري کان به ڇهيو ئي ڪونہ هئو. سو شيلي آڏو هو اخلاقي، عملي توڙي جمالياتي لحاظ کان، ڏڪار پريو شخص ۽ هڪ اهڙي بي عقل اختياري هئو، جنهن جي خلاف بغاوت ڪرڻ هن پنهنجو بُنيادي فرض پئي سمجهيو.

درحقيقت شيلي جي اخلاقي سوجھ، اڻ مندائتي ۽ بيماريءَ جي روپ ۾ اسري. هو پيءُ جي ابترّ مجرد پورٽٽا جو زبردست عاشق هئو، شايد پيءُ ۾ انهيءَ ڪميءَ جو، هن مڪمل پورائو ڪرڻ پئي گهريو. انهيءَ طبيعت جو نتيجو اهو نڪتو، جو هن پنهنجي هر سڃاڻوءَ کي، رومانس پريل ڪردار ۾ تبديل ڪندي، انهيءَ ڪسوٽيءَ سان اڻ ٺهڪندڙ پيءُ کي، ڪنهن خوشيءَ پريل ناٽڪ (Melodrama) ۾ هڪ لُڇي شخص جو روپ ڏئي ڇڏيو.

حياتيءَ جي مهڑين ڏينهن ۾ ننڍڙو شيلي، پنهنجي ذهن جي خلقيل دنيا ۾ رومانوي خيالن ۾ محو رهيو، تنهن ڪري ڏهن سالن جي عمر ۾، 'اسل ورٽ' جي 'سائين هائوس اڪيڊمي' جي بوربنگ هائوس ۾ داخل ٿيو، ته هو رُکي اسڪولي ماحول ۾، نفيس مزاج پري هڪ عجيب مخلوق پئي لڳو. سندس اسڪول جي هڪ ساٿيءَ، شيلي جي تصوير ڪشي ڪندي لکيو آهي:

"هو ڇوڪراٽي ويس ۾ هڪ ڇوڪري هئو، سدائين ڪليل هٿن سان وڙهندو ۽ ماستر جا لکڻ ڪائڻ مهل ايذاءَ وچان نہ، پر ٽينڊڙ بيعزتيءَ جي خيال کان پَٽ تي ليٽڙيون پيو پائيندو هُئو."

"سائين" اسڪول ۾، شيلي کي نيون آگاهيون حاصل ٿيون ۽ منجهس سائنس جي لاءِ اهڙو چاھ پيدا ٿيو، جو هو اسڪول کان پوءِ، يونيورسٽيءَ تائين جوکم پريا تجربا ڪندو رهيو.

پنهنجي زندگيءَ جي پئي ڏهاڪي ۾، ڪيس مشهور علمي اداري 'ائٽن' ڏانهن موڪليو ويو، جتي ڪيس سخت بي رحميءَ سان چيڑايو ويندو هئو. چيو وڃي ٿو ته مقرر وقت کان اڳ، اهو ادارو ڇڏڻ پنهنجان به، اصل سبب مٿيون هئو. انهيءَ سلسلي ۾ جڏهن هڪ پيري ڪنهن ڇوڪري ڪيس ڏاڍو ستايو، ته هن ڪاوڙ ۾ ايندي، ان چيڑائيندڙ ڇوري جي هٿ تي نہ رڳو سؤنٽو هڻي ڪڍيو، پر ڊيسڪ تي سندس هٿ رکي، منجهس سنهڑو چاقو ٽنبي ڇڏيائين.

شيلي جڏهن 'ائٽن' ۾ هئو، ته سندس واقفيت 'ڊاڪٽر لنڊ' سان ٿي جيڪو جلدئي سندس وفادار ۽ همدرد دوست بڻجي ويو ۽ اڳتي هلي شيلي جو ساٽس وڏو قرب ٿي ويو. ڊاڪٽر لنڊ جو ذڪر ڪندي شيلي ٻڌائيندو هئو:

"هڪڙي پيري جڏهن آءٌ بيحد بيمار ٿي پيو هئس ۽ بخار منهنجي دماغ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي بُرو اثر ڪيو هئو، ته منهنجي هڪ نوڪر جي بقول، اسان جي گهر ۾ منهنجي والد ڪنهن سان اها ڳالهه ڪندي، اها صلاح پئي ورتي، ته ڇو نه مون کي خانگي طور تي، ڪنهن پاڳل خاني ۾ داخل ڪرايو ويجي. اها ڳالهه جڏهن اسان جي انهيءَ نوڪر (جنهن سان مون کي وڌيڪ قربت هوندي هئي) ٻڌي ورتي، ته هن اچي مون وٽ ٽڪاءُ ڪيو. 'اها ڳالهه ٻڌي منهنجا ته واٽيسر ئي ڦري ويا. مون سوچيو ته جيڪڏهن مون سان اهڙو ڪنياءُ ٿيو، ته مان ته واقعي چريو ٿي پوندس. ان هوندي ب مون لاءِ هڪ اميد ۽ آسرو پوءِ ب پٺتي هئو، سو اهو ته مون پنهنجي ٽن پائونڊن واري بچتو موڙي نوڪر کي ڏٺي، "ڊاڪٽر لنڊ" کي تکڙو نياپو ڪيو، جيڪو فوراً ئي اچي پهتو. آئون هن طرفان انهن ڏينهن ۾ مون مٿان ڪيل ٽورن کي، ڪڏهن ب وساري نٿو سگهان. جيئن ته هو پنهنجي ڪم ۾ ماهر هئو، ۽ ڪيس مون سان ب اڪير هئي، تنهن ڪري هن جرئتِ ڪندي، منهنجي واهر ڪرڻ لاءِ بابي کي اهڙا دڙڪا ڏهمان ڪيا، جو سندس منصوبہ بندي عملي روپ نہ وٺي سگهي."

انهيءَ قصي بابت شيلي جي دوست هاگ لکيو آهي: "مون شيلي کي سڌائين انهيءَ بخار جو ذڪر ڪندي ٻڌو آهي ۽ هڪ ڪان وڌيڪ ٻيرا، اهڙا منظر فيلڊ پئلس ۾ ڏٺم... مون کي توڙي ٻين ڪيترن کي ب ايئن ٿو لڳي، ته اهڙيون ڳالهيون/ يادون ڪنهن اهڙي شخص جون ٿيون لڳن، جنهن کي بخار ايترو ته هاڃو رسايو آهي، جو هو ڏهني طور تي ان مان اڃا تائين نڪوبنو نہ ٿي سگهيو آهي."

1810ع ۾ شيلي آڪسفورڊ يونيورسٽي جي ڪاليج ۾ داخلا ورتي. ايستائين هو هڪ رنگن پريل فيشني گوٽڪ (قديم يورپ جو وحشي قبيلو) نموني واري لکيل 'زتروزي' نالي تحرير جي سرجٹهار طور تي ايري ۽ اُسري چڪو هئو. انهيءَ دوران هن جو پنهنجي سوٽ 'هئرٽ گروو' سان سرگرمي پريل عشق شروع ٿي ويو، پر ڇوڪريءَ ته ستت ئي وڃي قبر سان شادي ڪئي.

آڪسفورڊ ۾ هو 'ٿامس جيفرسن هاگ' جو گهر دوست بڻجي ويو، جنهن نوجوان شيلي جي واضح تصوير ڪشي ڪندي، سندس شاعري، فيلسوفيءَ ۽ ڪيميا سا خاص چاهه جو ذڪر ڪندي، لکيو آهي:

"هن جو جسم نازڪ ۽ سنهڙو هئو، پر سندس هڏا ۽ سَنڊ تمام سنها ۽ ڊگها هئا. شيلي قد جو ڊگهڙو هئو، پر اڳتي جهڪيل هئڻ ڪري ننڍي قد جو لڳندو هئو. هن جا لٽا ڪپڙا ڏاڍا مهانگا ۽ ان دؤر جي فيشن مطابق هوندي ب، سڌائين گابي چهاڙيل ۽ لُڙيل هوندا هئا. سندس چهري جا تاثر ايڪپرا/ اڀهرا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڪڏهن ڪاوڙ پريل، بلڪ مهيني ماسي ته ڏاڍا اٽوٽندڙ هجڻ جي باوجود، اڪثر وٽندڙ ۽ حليم هوندا هئا. هن جو مزاج ڏاڍو نفيس بلڪ ذري گهٽ عورتاٽو هئو، ڪيس اڇو ۽ ڳاڙهو رنگ وٽندا هئا، پر تڏهن به سج جي روشنيءَ ڪري هن جي چمڙيءَ تي ناسي رنگ جا چُٽا پُجي چڪا هئا.

شيلي جا مهانبا، چهرو ۽ خاص ڪري مٿو ڪافي نندڙو هوندي به، ڏگهن وارن سان جهنجهل هٽڻ ڪري، گهٽو وڏو لڳندو هئو... جنهن ڪي هو اڪثر ڪري مالشين وانگر تيز مهٽيندو، يا وارن جي چڱن ۾ غير ارادي طرح هڪ خاص انداز ۾ پنهنجي آڱريون ڦيرائيندي، جڏ ته هو ڪو جهنگلي ۽ رکو شخص لڳندو هئو... هن جي مهانبن منجهان جانداري، جلال ۽ پُرجوش سرگرمي ساهه کڻندي نظر ايندي ۽ ايڏي ته صاف ۽ چٽي پر فطرت کان ماورا ذهانت پئي بکندي هئي، جا مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻئي ڪنهن شخص منجهه ڪڏهن به نه ڏٺي. نه رڳو ايترو پر سندس ڏاهپ جي ٻيٽ ۾ سندس اخلاقي قدرن جو اظهار شاندار هئو..." شيلي جي روپ ڪشي ڪندي هاڳ ڏسيو آهي، ته سندس جسماني بيهڪ ۾ فقط هڪڙو نقص هئو؛ اهو هئو سندس گهگهو ۽ کهرو آواز.

شيلي جي فڪري واٽ ۽ مذهب کان تياڳنا، ڪيس وڏي ڏڇي ۾ وجهي ڇڏيو. 1811ع ۾ جڏهن هن 'ناستڪ ٽيٽ جي ضرورت' جي نالي سان هڪ چوپڙي شايع ڪئي، ته سزا طور ڪاليج جي سربراهه ڪيس اداري مان خارج ڪري ڇڏيو. جڏهن هاڳ انهيءَ اپهري فيصلي تي احتجاج ڪيو، ته ڪيس پڻ ساڳئي سزا ڏني وئي. اها سزا ملڻ کان پوءِ ٻئي دوست آڪسفورڊ ڇڏي، لنڊن ۾ اچي پوليندڙ گهٽيءَ ۾ رهڻ لڳا، پر اپريل ۾ هاڳ 'يارڪ' ڏانهن روانو ٿيو ۽ اتي وڃي وڪالت شروع ڪيائين. انهيءَ وچ ۾ شيلي پنهنجي پيءُ سان ناهه ڪرڻ کان انڪار جي ڪري، ڏوڪڙن کان محروم رهيو، پر 'ونڊس ورٿ' ۾ پڙهندڙ سندس ٻيٽ ساڳئي اسڪول جي بوربنگ هائوس ۾ رهندڙ پر گهر وڃڻ جي اجازت حاصل ٿيل، پنهنجي هڪ ساهيڙيءَ هٿان تحفي طور، ڪيس ڪجهه نه ڪجهه ڏوڪڙ موڪليندي رهندي هئي. انهيءَ ڪارگذاريءَ دوران، شيلي ڏوڪڙ ڪٽي ايندڙ 'هئريٽ ويسٽ بروڪ' جيڪا پندرهن ورهين جي نوجوان نينگري؛ ۽ ڪنهن ڪافي هائوس جي مالڪ جي ڌيءَ هئي ۽ جنهن جي ٻيٽ ايلزا- جيڪا پهرين ملاقات ۾، ڪيس شاديون ڪرائڻ جي شوقين پئي لڳي، تن ٻنهي سان واسطيداريءَ ۾ آيو. ان واسطيداريءَ جو نتيجو، انهيءَ سال جي آخر ۾، 'هئريٽ' جو شيلي سان شاديءَ جي شڪل ۾ ظاهر ٿيو.

شيلي پنهنجي انهيءَ عشقي معاملي جو ذڪر، هئريٽ جي ظولمي پيءُ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

افعالن جي پس منظر ۾، هڪ دوست 'مس هچنر' سان ڪندي هٿريت جي حوالي سان لکيو:

"آپگهات ڪرڻ هن جو وٽندڙ موضوع هيو... سندس اهو شوق سڄي عمر برقرار رهيو... هن جا خط جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ دکدائڪ ٿيندا ويا. اهي پڙهي آخرڪار ايڏي تہ نراسائيءَ ۾ ويڙهجي ويس، جو انهيءَ کان پوءِ هڙتڪڙ وچان، مون پنهنجو پاڻ کي 'ويلس' ڇڏڻ لاءِ تيار ڪيو. سو اهو فيصلو ڪري لنڊن اچي پهتس، پر هتي اچي آئون سندس سياڻ ۾ تبديلي محسوس ڪندي، شديد صدمي ۾ اچي ويس. مان انهيءَ تبديليءَ جو اصل سبب تہ معلوم ڪري نہ سگهيس، پر ڏٺم تہ هوءَ مون سان چريائپ جي حد تائين لاڳاپجي ويئي آهي ۽ اهو بہ محسوس ڪيم تہ هوءَ پنهنجي انهيءَ قرب جي مون طرفان ميڙتا ٿي گهري. پر جيئن تہ دل جو ڪنڌ ۽ تيسو ڪيس اهو اقرار ڪرڻ نٿو ڏئي، تنهن ڪري هوءَ وات سان ڪجهہ بہ نہ ٿي چوي. مون لاءِ اها چاهت نظرانداز ڪرڻ ۽ ان جو شڪار نہ ٿيڻ ناممڪن هئو. نيٺ مون ساٿس واعدو ڪيو تہ آئون پنهنجو مقدر سندس قسمت سان واڳي ڇڏيندس. انهيءَ ڪري آئون سندس بهتري لاءِ ڪجهہ وڌيڪ ڏاڍڙا لنڊن ۾ ترسي پيس. انهيءَ وچ ۾ هن جاحوصلا بہ بحال ٿي ويا. مون سندس اطلاع پهچڻ تي سگهوئي لنڊن واپس موٽڻ جو واعدو ڪري، ڪانئس اجازت ورتي. انهيءَ دوران سندس گهر وارن متس گهٽائي زور بار آندا، تہ هو انهيءَ اسڪول ۾ وڃي پڙهائي شروع ڪري، جتي موجود ڪينو ۽ هٺ سندس هريل کي زهر ڪري رهيا هئا.

انهيءَ صورتحال جو ذڪر ڪندي هن مون کي خط لکيو، جنهن ڪري آئون وري لنڊن پهتس؛ ۽ پهچڻ سان تو کي اول ئي ٻڌايل سبب جي ڪري ڪيس شادي جي آڇ ڪيم، جنهن کي هن فوراً قبول ڪري ورتو. منهنجي منڙي دوست جيڪڏهن تون چاهين تہ يلي مون تي آروپ لڳاءِ، پر پروسو ڪر تہ ايڏا تائين تون ئي مون کي سيني کان وڌيڪ پياري آهين. ان هوندي بہ مون جيڪا چُڪ ڪئي آهي انهيءَ لاءِ مون کي معاف ڪجانءِ".

نيٺ شادي جي خيال کان ٻئي ڇٽا ايڊنبرو جي شهر ڏانهن پڄي نڪتا؛ جتي 28 آگسٽ تي لائنون لڏائون. شاديءَ جي شڪل ۾ جيڪو ٿيٽو هئو سو تہ ٿيو، پر اصل ۾ اها شادي وڏي بيوقوفي هئي. شيلي اهو عمل بهادري پريل چسپائيءَ وچان ڪيو، جڏهن تہ هٿريت طرفان انهيءَ کي زبردست مورڪتا چئي سگهبو. ان هوندي بہ ٻئي ڇٽا شاديءَ جا پهريان ٻہ سال ڪل خوشيءَ سان ڪڍي ويا ۽ نوجوان، سهڻي ۽ موهيندڙ هٿريت سندس لاءِ چگي جوءِ ثابت ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن سڄي تقريب لاءِ جنرل 'ميل سن' جي فوج جي هڪ ڪپتان، ۽ سڳ ۾ سندس چاچي، 'پلفولڊ' ڏوکڙ ڏنا. بهرحال شاديءَ کان پوءِ به سندن ڪو هڪڙو ٽڪاٽو نه هئو. پهريان هو يارڪ کان 'ڪيسوڪ' ويا جتي سندن 'سائوٿي' سان ملاقات ٿي، اتان کان پوءِ 'ڊبلن'، 'ازل آف مئن'، 'ويلز' ۽ 'لنمائوٿ' شهر ۾ وقفي وقفي سان رهيا. آخرڪار موٽي واپس 'يارڪ' پهتا، ته هئريت جي ٻيٽ 'ليزا ويسٽ بروڪ' به اچي ساٿن ملي، جنهن جو اچڻ پڪو ارادو هئو ته هُوءَ ٻيٽ کي سمجهائي سڌاري ۽ ان جو پنهنجي سر خيال رکي. سو اليزا جيئن ئي آئي ته واپس ورڻ جو نالو ئي نه ورتائين؛ ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين شيلي ۽ ٻيٽ جي پچر نه چڏيائين، سندس موجودگيءَ ۾ شيلي سڄي عمر ٽئين فرد جو ٽنبڪو سهندو رهيو.

1812ع ۾ 'لن مائوٿ' ۾ هن پنهنجي پهرين شاعراڻي شعور جو شاهڪار اظهار، مشهور تصنيف "Queen Mab" ۾ ڪيو. انهيءَ سلسلي ۾ هن پاڻ لکيو آهي: "ماضي، حال ۽ آئيندو هن نظم جا مڪمل ۽ مڪ موضوع آهن."

1813ع جي اونهاري ۾ هئريت کي ڏيءَ ڄائي، جنهن جو نالو 'ڪوئين ميب' واري نظم جي هيروئن 'آئيندي' جي نالي پٺيان رکيو ويو. ٻئي سال مارچ مهيني ۾ 'ايڊنبرو' واري اعتراض جوڳي شاديءَ کي نظر ۾ رکندي، سندن لنڊن ۾ ٻيهر شاديءَ جا ساٿ سنوڻ ٿيا.

انهيءَ صورتحال مان پتو پوي ٿو ته شيلي وٽ هئريت کان جدائي اختيار ڪرڻ جو ڪوبه خيال ڪونه هئو. پر تڏهن به اهو واضح هئو، ته نفرت جوڳي طبيعت جي بيچڙائين جي ڪري، هئريت لاءِ سندس دل ۾ موجود پيار ختم ٿي ويو هئو. انهيءَ گهرو ماحول جو اثر اهو ٿيو، جو شيلي 'وليم گاڊون' جي ڏيءُ 'ميري ولاسٽون ڪرافٽ' جي عشق جي قندي ۾ قاسي پيو. شيلي 'ايٽن' ۽ پڙهائيءَ دوران 'گاڊون' جي ڪتاب 'سياسي انسان' کي نه رڳو پڙهيو، پر ان کيس متاثر به ڪيو، تنهن ڪري 'ڪيسوِڪ' ۾ رهائش دوران به انهيءَ قابل مصنف سان سندس خط پٽ جو واسطو رهيو. پر جڏهن هو لنڊن موٽي آيو ته شيلي هن مسڪين فيلسوف جي گذر سفر لاءِ ڏوکڙ گڏ ڪرڻ جي لاءِ ڪوششون ورتيون؛ ۽ وٽس اچڻ وڃڻ لڳو. گاڊون سان سندس انهيءَ رستي؛ هن جي ڏيءَ ميري سان شيلي جي واسطيداريءَ کي وڌايو، جيڪا سونهن جي لحاظ کان ته هئريت کان به ٽڪا گهٽ هئي، پر ذهانت جي لحاظ کان به رتيون ڪانئس سرس هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

'ميريءَ' سان محبت ڪرڻ کان پوءِ شيلي هٿريت کي جدا رهڻ لاءِ چيو، پر هن اها ڳالهه مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، ۽ انهيءَ صدمي کيس صفا جهوري وڌو. انهيءَ دوران هٿريت کي ٻيو ٻار به پيٽ ۾ هئو، اهو سوچي شيلي سندس آڏو ڏيکاءَ خاطر ٽهل ٽڪور ڪندو رهيو. آخرڪار جولاءِ 1418ع ۾ 'ٽراوائيز' مان خط ذريعي ساٿس رابطو ڪيو، ۽ کيس پاڻ سان اچي رهڻ جي ڪوٽ ڏنائين.

بهرحال ڇهن هفتن تائين يورپ کنڊ ۾ ڏکا ٿاٻا کائڻ کان پوءِ، شيلي ۽ ساٿس گڏ ميري ۽ ڪليئر مونٽ واپس لنڊن موٽي آيا. هتي پهچڻ کان پوءِ پٽو ٻيو، ته هٿريت ٻينڪ مان سمورا ڏوکڙ ڪڍرائي، کين ملڻ رواني ٿي چڪي آهي. ڪجهه مهينن کان پوءِ سندس هٿريت سان ڪچهريون ٻ ٿيون ۽ نومبر ۾ کين نينگر ڇاڏو.

شيلي جي زندگيءَ جي انهيءَ پهلوءَ بابت، مسٽر 'ڪلٽن بروڪ' لکيو آهي: "جن جو اهو خيال آهي ته شيلي جي پنهنجي زال سان بيوفائي هڪ رومانوي واقعو، يا ڪنهن ڏاهي شخص هجڻ جي نشاني، يا انهيءَ دور جي روايتن جو، پوسٽ خلاف سورهيائپ پريو احتجاج آهي، ته ايئن هرگز ٻ ناهي. کين شيلي جي انهيءَ دور ۾ ٻين ڪيترن ئي گندن عملن تي ڏيان ضرور ڏرڻ کپي. مثال طور هو، پنهنجي زال جي ڏوکڙن تي پلبو هٿئو، پر انسان وفا نہ ڪيائين. مٿان اهو ته ڪيس آخر تائين ڏڍا ڏيندو رهيو ته هو ساٿس وفادار آهي، ڪورٽ جي بيلفن کي ڏوکا ڏيندو رهيو؛ ۽ جن کان ڏوکڙ اڌاراً ورتائين تن سان نٽ نٽاءُ ڪندو رهيو."

1815ع ۾ جڏهن شيلي جو ڏاڏو سر بشي شيلي ڳڏاري ويو، ته بيلف ۽ قرضدار ٻ روئي پٽي ماٺ ٿي ويا. انهيءَ موقعي تي شيلي جي پيءُ ٽموٽي پُٽس کي مليل وراثت جي ملڪيت جا حق ۽ واسطا انهيءَ شرط سان پنهنجي بلي ڪيا، ته هو سال ۾ ڳڏاري لاءِ پٽ کي هڪ هزار پائونڊ ڏيندو رهندو، جنهن مان شيلي 200 پائونڊ هٿريت کي ڏيڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏي.

ساڳئي سال، يعني 1815ع ۾، شيلي پنهنجي آزاد نظمن جي شاهڪار تخليق Alaster لکي ورتي، جيڪا مارچ 1816ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي ۽ مئي ۾ هو پئ، مئري ۽ ڪليئر مونٽ (جنهن هاٿي پاڻ کي فقط ڪليئر ٿي سڏرايو) کي ساڻ ڪري جينيوا هليو ويو. ڪليئر هونئن ته ڪٻنب جي مٿان چٽي هئي، پر ڇاڪاڻ ته هوءَ بائرن جي ٻار جي ماءُ هئي، تنهن ڪري لاچار کيس ڪٽو پيو؛ ۽ ٻيو ته بائرن خود ٻ جينيوا لاءِ روانو ٿي چڪو هئو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بائرن ۽ شيلي جي وچ ۾ پهرين ملاقات سئٹزرلينڊ منجھ ٿي، شيلي کي، نہ رڳو بائرن جي شخصيت سان چاھ ھئو، پر ھو سندس شاعريءَ جو بہ وڏو مداح ھئو. جڏھن تہ بائرن جھڙي دنيا کان ڪَڪ ٽيل رُکي روح ۽ بيھودي طبيعت رکندڙ شخص لاءِ، شيلي ھڪ "مھان پر غير دلچسپ" ماڻھو ھئو. سئٹزرلينڊ ۾ عارضي قيام دوران، بائرن پنھنجي مشھور شاعري "Prisoner of Chillon" ترتيبي ورتي، پر شيلي رڳو ٻہ نظم سرجي ورتا. جن مان پھريون "Mont Blan" ۽ ٻيون "Hymn to Intellectual Beauty" آھي. ٻئي طرف بائرن، شيلي جي زور پرڻ تي، دائمي شھرت رکندڙ Frankenstein ڪھاڻي لکي ورتي.

آگسٹ ۾ شيلي، مٹري ۽ ڪليئر انگلينڊ واپس موٽي آيا. ھتي پھچڻ کان پوءِ سندس "لي ھنٹ" سان جاڻ سُجاڻ ٿي، جنھن اڳ ئي سندس شاعريءَ جو مثبت راءِ سان مطالعو ڪري ڇڏيو ھئو. ھو ڊسمبر تائين 'ھنٹ' سان گڏ رھيو، پر جلد ئي ڪيس جاڻ ڏني ويئي، تہ ھئريٽ 'نانگڙ' (شايد انگلينڊ جي ڪا ندي يا درياءَ آھي، سنڊيڪار) (Serpentine) ۾ ٽپو ڏيئي آپگھات ڪيو آھي. ساڳئي مھيني جي پچاڙيءَ ۾، ھن 'مٹري' سان شادي ڪري ورتي، پر ڪيس ان وقت ڏاڍو ڏک ۽ ڪاوڙ لڳي، جڏھن وڏي ديواني عدالت (Chancery) فيصلو ٻڌايو، تہ ھو ھئريٽ مان جٹيل ٻارن جو نگھبان نٹو ٿي سگھي. انھيءَ حوالي سان ھن پنھنجي اندر جي باھ ھڪ تلخ نظم ۾ ڪيدي آھي، جيڪو فيصلو ڏيندڙ منصف (Lord Chanceller) کي مخاطب ٿي لکيل آھي.

1917ع ۾ 'ٽيمس' درياءَ جي ڪپ تي ھن 'مارلو' جي علائقي ۾ گھر ورتو، ۽ اتي ھن شاھڪار ڪوتائون، Rosalind ۽ Helen سرجڻ شروع ڪيون. جڏھن تہ The Revolt of Islam مڪمل ڪرڻ سان گڏوگڏ Prince Athanase جو ھڪ ٻاگو لکي ورتو. ايتري محنت ۽ سخت موسم سندس صحت تي ڏاڍا اگرا اثر ڇڏيا، جنھن ڪري ڊاڪٹرن کيس ماحول مٹڻ ۽ آرام ڪرڻ جو مشورو ڏنو. جيئن تہ شيلي کي اٹلي ڏسڻ جوشوق ھئو، سو انھيءَ صلاح جو فائدو وٺندي، مارچ 1818ع ۾ مٹري، ڪليئر ۽ سندس ٻارن سان گڏ انگلينڊ ڇڏي.

اٹليءَ پھچي، ھو بي مقصد ميلان ڪان 'ليوان' ۽ 'ليغوران' ڪان 'لوڪا' ڏانھن رلندا رھيا. ڪليئر پنھنجو ٻار 'وينس' ۾ بائرن ڏانھن موڪلي ڇڏيو. جيتوڻيڪ بائرن کي ڪليئر کان شديد نفرت پيدا ٿي چڪي ھئي، پر ھو ٻار کي پاڻ وٽ رکڻ جو پڪو پھ ڪري چڪو ھئو. انھيءَ صورتحال جي خاتمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ، شيلي کي وچ ۾ آندو ويو، ۽ هو انهيءَ سلسلي ۾ ٻه دفعا سيڙجي بائرن سان ملڻ ٻه ويو. پر اتي پهچي هو بائرن جي رهڻي ڪهڻي ڏسي، ايترو تہ صدمجي پيو، جو هن پنهنجي نظم Julian and mandello ۾ وينس بابت پنهنجن ويچارن سان گڏوگڏ، بائرن سان ٿيل ڳالهہ ٻولهہ کي ٻہ درج ڪيو آهي.

اٽليءَ ۾ بي گهر ۽ رولڙن ۾ هوندي، شيلي تخليقي طور تي پنهنجي خيال ۽ ادارڪ جي معراج تي وڃي پهتو. اتي ئي 1818ع ۾ هن پنهنجو شاندار تخليقي جوهر Prometheus unbound لکڻ شروع ڪيو. جيڪو ٻئي سال مڪمل ڪري، شيلي انگريزي زبان جو هڪ انتهائي عمدو نظاماٽو ناٽڪ The cenic لکي ورتو. انهيءَ کان پوءِ، هن پنهنجن انهن گيتن کي اسٽيج تي پيش ڪرڻ شروع ڪيو، جنهن ڪري هو بهترين انگريز راڳي شاعر جي حيثيت ۾ مشهور ٿيو هئو.

1819ع ۾ هن Ode to the West Wind پيش ڪيو، جڏهن تہ ٻئي سال The Cloud, The Skylark, The Hymn of the song of proserpine ۽ Pan, Arethusa جهڙا نظم مڪمل ڪيا.

1820ع جي پچاڙيءَ ۾ هُو (ڪنهن مذهبي) خانقاهہ ۾ قيد ٿي ويل بيحد خوبصورت عورت، 'المليا ويوياني' سان مليو، جنهن کان متاثر ٿي هن Epipsychidicn جهڙو لافاني نظم سرجيل ورتو. انهيءَ ڪوتا لاءِ شيلي چيو آهي: "هيءُ ڇڻ تہ ڪنهن هڏ رت يا سڳي مائٽ جهڙو راز آهي. جن بابت عام طور تي خبر آهي، تہ آئون اهڙن رشتن وغيره کي ميڇيندو ئي ناهيان. مون کان انساني ۽ خاڪي شين جي اميد ايئن آهي، جيئن توهان شراب جي ٻئيءَ تان وڃي ٻڪريءَ جي ران خريدڻ لاءِ سوچيو."

جڏهن 1821ع ۾ روم ۾ ڪيٽس جو ڇالاٽو ٿيو، تہ منڊ ۾ شيلي اهو افواهہ ٻڌي آڻي مان نڪري ويو، تہ سندس موت هن جي تخليق Endymion تي ٿيل ڇتي تنقيد جي ڪري ٿيو آهي. بهرحال جون ۾ شيلي پنهنجو هڪ ٻيو ٻہ نهايت عمدو نظم Adonais لکي ورتو. جيڪو اصل ۾ ڪيٽس جي موت تي لکيل مرثيو هيو. هيستائين شيلي کي ڪيٽس بابت معمولي ڄاڻ هئي؛ ۽ هو فقط سندس نظم Hyperion مان متاثر هئو. سال جي آخر ۾ شيلي يوناني آزاديءَ جي جنگ کان ڏاڍو متاثر ٿيو، ۽ انهيءَ حوالي سان هڪ راڳن وارو ناٽڪ Hellas ٻہ لکي ورتائين.

انهيءَ دوران 'لي هنٽ' جي مسڪيني حالت کي ڏسندي، هن بائرن کي رسالو جاري ڪرڻ جي آڇ ڏني، جنهن ۾ هو سيئي پنهنجون گڏيل تخليقون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاپي سندس مدد ڪري سگھن. اھو ٻڌي شيلي ھنڻ کي انگلينڊ ڏوڪڙ موڪلي، ڪيس فوراً اتليءَ پھچڻ جو نياپو موڪليو. انھن ڏينھن ۾ ھو 'پيسا' شھر ۾ ٻائرن جو پاڙيسري ھئو. اتي رھندي ھن 'ايڊورڊ وليمس'، سندس زال 'جيني ۽ ايڊورڊ جان ٽريلاوني' سان دوستي ڪري ورتي. جيڪي اڳتي ھلي شيلي جو جيون چرتر لکندڙ ٻٽيا.

1822ع جي بھار جي مند ۾ 'سپيزيا' جي اُپسمنڊ تي شيلي ۽ وليمس جي ڪٽنب گڏجي ھڪ گھر ورتو. شيلي ۽ وليمس وارا جيڪي ڪنھن دؤر ۾ ساموندي فوج ۾ ھٿا، تن گڏجي ھڪ نئين ٻيڙيءَ (Boat) جو آرڊر ڏنو، پر جڏھن اھا ڪين ملي تہ بدزيبي ھجڻ ڪري ٽريلا ونيءَ کي پسند ڪونہ آئي. ھن ٻيڙيءَ جو رکن ھوندي ٻہ اڻ تارو ھجڻ ڪري، ھو بيڪار ھجڻ واري حد ٻہ ٽپيل ھئو.

ھڪ ٻيري جڏھن ڪيس سکائي ٻٽائي جھاز ھلائڻ جي ذميواري سونپي وئي، تہ ھن ھڪ ھٿ ۾ راھنما ڪتاب جھليو، تہ جھاز جو 'اسٽئرنگ' ٻئي ھٿ سان ڦيرائڻ شروع ڪيو، اھڙي اڪابريءَ بابت پڇا ڳاڇا ڪرڻ تي ٻڌايائين: "جيئن تہ ڪتاب پڙھڻ دماغي ۽ جھاز ھلائڻ ڪل وارو ھُنري (Mechenical) ڪم آھي، تنھن ڪري آئون ٻيئي ڪري ٿو سگھان." پر حالت اھا ھوندي ھُئي تہ وليمس رڙ ڪندي ڪيس جھاز کي ھوا جي رخ ۾ ھلائڻ لاءِ "Luff" جو اشارو ڪندو ھئو، تہ ھو سکان کي آڏي رخ ۾ ھلائڻ شروع ڪندو. سندس اھا اھليت ڏسندي ڪيس اتان ھٽائي مُک پڙچ تي مقرر ڪندي، ڪيس ان کي ھلندو رھڻ جي ھدايت ڏني وئي. ان جي ابتڙ ھن اھڙي استادي ڏيکاري، جو ٻيڙي چرڻ پرڻ کان ئي سڪ ٿي وئي ۽ ان کي ھلائڻ مشڪل ٿي پيو.

ھڪ ٻيري ھوا جي زور تي جڏھن سندس ٽوپلو وڃي سمنڊ ۾ پيو، تہ ھمراھ ھمر نہ تمر ڪندي وڃي سمنڊ ۾ ٽپو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ياڳن سان ٽريلاوني سندس پرسان ٻيٺو ھئو، جنھن ڪيس ٻانھ مان جھلي ورتو. شيلي جا اھي پرڪار ڏسندي، وليمس ڪاوڙ ۾ ايندي ڪيس ھر ذميواريءَ کان آجو ڪري ڇڏيو۔ انڌو گھري الله کان ھڪ اک پر ھتي ٻہ ٿي مليون. ھمراھ فرنو ٿي افلاطون جو ڪتاب ڪيسي ۾ وجھي پڙھندو ۽ بي پرواھ ٿي ڪُڏندو رھيو.

انھيءَ سال اونھاري جي مند ۾، شيلي حد کان وڌيڪ خوش يا اداس رھڻ لڳو. شايد ڪيس اڻ ڏٺي موت جا پرون پوڻ لڳا ھٿا، انھيءَ سلسلي ۾ سندس سياڻ جي باري ۾ ڪئين ڪھاڻيون ۽ قصا مشھور ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون جي مهيني ۾ شيلي ۽ وليمس وارن کي سڏ ڀيڻ، تہ لي هنٽ 'گينوئا' جي شهر پهتو آهي، سو ٻئي ڇٽا ساٺس ملڻ لاءِ ٻيڙي ڪاهي اچي 'ليغورن' پهتا. 8- جولاءِ تي هنٽ ۽ سندس ڪٽنب سان 'پيسا' گهمڻ کان پوءِ مقامي ملاحن طرفان مليل چتائن جي باوجود هو واپس ڪليل سمنڊ ڏانهن روانا ٿيا. هو ڪچڙي منجهند ڌاري 'ليغوران' مان روانا ٿيا، تہ ٽريالاوني کين دوربينيءَ سان ڪناري تان ڏور ويندي ڏسندو رهيو، پر شام ڌاري گوڙ گجگاه سان کنوڻ جي ڪجڪي ۾ سمنڊ تي طوفان ٽٽي پيو...

ڏهن ڏينهن کان پوءِ 'وايارينگ'، جي ساموندبي ڪناري پرسان، هڪ ڏگهي قد جي لاش کي وهنجاريو پئي ويو، جنهن جي جئڪيٽ جي هڪڙي کيسي ۾ 'سوفوڪليس' جو هڪڙو جلد؛ ۽ ٻئي ۾ ڪيٽس جو ٻيٽاٽيل صفحن وارو نظماٽو ڪتاب پيل هئو. اهڙي طرح سان جوانيءَ جا گيت ڳائيندڙ هيءُ شاعر، جوانيءَ ۾ ئي پاڻيءَ سان پيار ڪندي، پاڻيءَ جو شڪار ٿي هميشہ لاءِ موڪلائي ويو. سندس دوستن ٽريلاوني، لي هنٽ ۽ بائرن پنهنجن هٿن سان چڪيا ٻاهي، ڪيس اگنيءَ جي حوالي ڪندي سندس انتم سنسڪار ڪيو. بائرن اهو منظر ڏسي نہ سگهيو ۽ سندس ٻيڙي هٽ ڪرڻ لاءِ سمنڊ ۾ وڃي ٽپو ڏنائين. جڏهن تہ ٽريلاونيءَ جهڙپ ڏيئي باهه جي ٻيڙ مان سندس اڻ سڙيل دل ٻاهر ڪڍي ورتي. بعد ۾ روم ۾ شيلي جي رکُ مٽان ٺهيل مقبري تي هيٺيون سٽون اکاريو ويون:

"Nothing of him doth Fade
But doth suffer a Sea- change
Into Something rich and strange."

(هن جو ڪجهہ بہ ڪُوماٽو ڪونهي،
پر سائر جي بدلجندڙ سياءُ
ڪيس سڄي، اڻ لڀ ۽ اوچي وٽ ٻڌائي ڇڏيو آهي.)

(جان ڪئننگ جي ڪتاب
"100 Great Personalities of the Wrold" تان ورتل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



لارڊ بائرن جارج گورڊُن نوئل

جنم: جنوري، 1788ع
لاڌاڻو: 19 اپريل، 1824ع

انساني تواريخ جي ڪن نقادن جو چوڻ آهي، ته اٺويهين صديءَ ۾ يورپ نپولين ۽ بائرن جي روپ ۾، ٻه وڏا جينيئس، جاکوڙي، جُنگ ۽ جودا پيدا ڪيا. ٻئي محرومين جي نِٽهڻ اُسَ ۾ سڙي جوان ٿيا، ٻئي مقابلي بازيءَ جا ڪوڏيا، پنهنجي فن ۾ يگانا؛ ۽ دل جي دنيا جا بي تاج بادشاهه هئا. ٻنهي وڏن وڏن معرڪن ۾ ٽپا ڏنا، جتان سرخرو ٿي موٽيا. شايد ئي يورپ جو ڪو سوچيندڙ ۽ ساه ڪٽندڙ شخص هجي، جنهن سندن مداح ۾ گيت نه ڳاتا هجن ۽ کين ساراهيو نه هجي. بيشڪ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو پنهنجي لازوال ذاتِ ۽ ڏانوَ جي حوالي سان، غيرتڪراري سُورما هئا.

ٻنهي ۾ هيڏي ساري هڪجهڙائي هوندي به ٿورو تفاوت اهو هئو، ته هڪڙي پنهنجي ڏاهپ کي تلوار سان لاڳاپي، جنگ جي پڙڪندڙ شعلن منجهان، يورپ جي وجود کي نئين زندگي بخشي. جڏهن ته ٻئي پنهنجي تخليقي صلاحيتن ۽ گهڻ رُخي شعور جي سڃي سرمايي کي، قلم جي نوڪ ذريعي پنن تي پکيڙي ، مُدي خارج روايتن جي خلاف، ماڻهن جي ذهن ۾ بغاوت جي مائي ٽيل باهه ۽ روح ۾ احساسن جي سرد ٽيل شعلي کي، نئين زندگي بخشي ڇڏي.

لارڊ بائرن خيال جي تضاد منجهان تخليق جو سورج ايارينڊڙ ۽ ڪوڙ کي للڪارينڊڙ،هڪ بي مثال شاعر هئو، جنهن جي مهابي يورپ تخليقي ۽ ادبي لحاظ کن هڪ نئين نڪوري دؤر ۾ داخل ٿيو. اهڙو دؤر جيڪو انسان جي مرتبي، ۽ ماڻهوءَ جي من پاوڻائن جو احترام ڪندڙ يورپ آهي.

لارڊ بائرن هڪ لحاظ کان انهيءَ ڪري به انگلنڊ جو منفرد شاعر آهي، جو سندس تخليق منجهه، احساس جي ديوانگي ۽ خيال جي ڏاهپ جو شاندار سنگم واضح آهي. هن جي تصوراتي سڳهه ۾ هڪ اُٽ ٽُٽ پريل ۽ زخميل وجود جي دانهن ضرور موجود آهي، پر انهيءَ دانهن پٺيان، ان دؤر جي يورپي سماج جي درد ڪهاڻيءَ کي به، انتهائي عظيم فني صلاحيتن سان بيان ڪيو ويو آهي. جنهن ڪري سندس ڪوتائون ڪنهن هڪ فرد جي اڪمن جو اڌورو اظهار نه، پر هڪ ڏاهي شخص طرفان ٽيل، پنهنجي دؤر جي سماجي تصور ڪشيءَ جو هڪ بهترين، مڪمل ۽ پورٽتا پريل روپ به آهن. انهيءَ حوالي سان هو دراصل جديد يورپي فڪر ۾، 'رومانوي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاهپ' جو بنياد وجهندڙ پهريون شاعر آهي.

سندس سڄي زندگي مهم جوئيءَ مقابلي بازيءَ جرئت جو بيمثال داستان آهي، ته سندس خيال ۽ تصور، نفاست دلڪشي ۽ دلربائيءَ جو هڪ لافاني مظهر آهن. شايد بائرن جهڙن شخصن لاءِ ئي روس جي پياري شاعر، سرگئي يسينن چيو هو:

"Dying is nothing new in our life,
But then, living is nothing newer."

(جيڪڏهن موت اسان جي زندگيءَ لاءِ ڪا نئين ڳالهه ڪونهي، ته زندگي به پنهنجي لاءِ موت کان وڌيڪ ڪا نئين ۽ املهه وٽ ڪانهي.)

بيشڪ، هو زنده رهيو، ته پنهنجي خانداني وقار جو مظهر بڻجي،هر للڪار جو دليريءَ سان مقابلو ڪندو رهيو، پر جڏهن مري ويو،ته به هن خواهشن جي ڪشتي ۾، ڪنهن به حقير زندگيءَ جي ڪا خيرات ڪانه گهري. هو- جيڪو آزاديءَ جي شمع جو اڇل پروانو هئو، هو- جيڪو عشق جي پڙڪندڙ آگ ۾، شاعريءَ جي عصا هٿ ۾ ڪٽي ٽپي پيو؛ ۽ اتان ڪندن ٽي نڪتو. جيڪو- هڪ اهڙو ملحد هئو، جنهن ايمانن جي بُرجن ۾ ڏار وجهي ڇڏيا ۽ جنهن جي زندگيءَ جو نعرو هئو:

"To bear all nacked truths,
And to envisage Gircumstances, all calm,
That is the top of soveregnity."

(مڪمل اختيار ۽ ارادي جي آزادي انهيءَ ۾ لڪل آهي، ته هر قسم جي حالتن سان نهايت بُردباريءَ سان منهن ڏجي، ۽ مڙني اگهاڙين سچائين کي برداشت ڪجي.)

تنهن باڪمال شاعر کي جارج ڪئننگ ڪيتري نه بهتر طريقي سان هيٺيان عقيدت جا گل پيش ڪيا آهن:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اهو اجنبي، بيپرواه ۽ سهڻو نواب، جنهن "Child He-rold" جي زيارت ڪئي، جيڪو 'لنڊن جو شينهن' ٻڌجي ايريو ۽ سندس تخليق Don Juan ادبي دنيا ۾ ڪمال حاصل ڪيو. هڪ ڳجهي اسڪنڈل جي ڪري، ڪائنس خانداني مرتبو کسيو ويو، ۽ عوامي غضب جي ڪري، ڪيس پنهنجي ملڪ ۾ ئي ڏاڙهيو ويو. پوءِ به هو اتليءَ ۾ وڏي چاهه سان دولت لٽائيندو رهيو. هن ٽوڪ ۽ هجو جي ڪوساڻ سان، پنهنجن دشمنن کي خوب ڪاڙهيو. انگلينڊ جي نوجوانن ۾ پنهنجي ڪوتا ذريعي، بغاوت جا ٻيڙا ٻڙڪايا؛ ۽ آزاديءَ جي حاصلات لئه، سر تريءَ تي رکي اڳتي وڌيو. سڄي يورپ لاءِ هن جو موت، هڪ سورمي وارو موت هئو. انهيءَ ڪري ئي هيءُ بائرن جي اميراڻي ڪُٽنب جو ڇهون نواب، تواريخ جي ڦرهيءَ تي هميشه لاءِ محفوظ ٿي ويو." بالڪل ايئن جيئن سندس هيٺيون نظم امرتاماڻي ڇُڪو آهي.

SHE WALKS IN BEAUTY

هوءَ ڪنهن شفاف رُت ۾
سِتارن وڪوڙيل رات وانگر
سونهن جي گهيري ۾ آهي.
۽ روشني توڙي اونده جون انتهائون
سندس ادائن ۽ اکين ۾ اوتيل آهن.
جڙ تہ آڪاس ڪنهن تيز روشن ڏينهن کان روشني کسي
ڪيس ڏيمو ٻڌائي
شفق جي لالاڻ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هجي.
هُن جي بينامہ وقار جي مهانتا منجهان
ڪا جهلڪ گهٽائي ۽ ڪو ڪِرڻو وڌائي نٿو سگهجي.
جيڪو هر ڪانو جي ڳولا منجهان جهلڪي ٿو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا تہ نهايت نفاست سان هُن جي مک تي جرڪي ٿو.
جتي سوچون فضيلت سان سُرهاڻ ڦهلائين ٿيون.
ءِ انهن جي سرجڻ واري جاءِ (مُک)
ڪيڏي نہ خالص ءِ محترم آهي.
ءِ اها نرم ءِ ٽڏڻي مُرڪ
ڳل تي ءِ پيرونءَ مٽان
نرم ءِ منڙي پر وٽندڙ شعلي کي
ڪيئن تہ ماڻو ٿي ڪري! ....
پر مون کي انهن ڏينهن بابت ٻڌاءِ
جڏهن ذهن تي سُڪون جي پرت هُئي
ءِ دل پڙ پيار جي معصوميت سان
ٽمٽار هئي.

ـ سنڌيڪار

1785ع ڌاري، جڏهن وليم پنجون لارڊ بائرن، جيڪو پنهنجن نوڪرن ءِ مسواڑين وٽ 'بدڪار لارڊ' جي حوالي سان مشهور هئو، سو جڏهن پنهنجي وِندُر لاءِ 'نيو اسٽينڊ ايبي' جي علائقي ۾، راندیڪي نما ٻيڙين ءِ ٽنڊڻن جي ڊوڙ پڇائڻ جهڙن 'مشغلن' ۾ مگن لڳو پيو هئو، تہ ان دؤر ۾ 'چريي جٽڪ' نالي سان مشهور سندس يائيٽي، 'باٿ' جي علائقي ۾ 'گائيٿ' ڪٽنب جي 'ڪٽرين گوردن' نالي مائيءَ سان شادي ڪئي. پر 'چريي جٽڪ' جو اهو وهاڻ رڇائڻ جهڙو پُٽڪو ڪم، ڪو پهريون پيرو نہ هئو. انهيءَ ڏڇي کان ڏهه سال اڳ، هو هڪ ٻئي خاندان واري ءِ مٽانهون رتبو رکندڙ ءِ پيءُ طرفان سال ۾ 4000 پاؤنڊ ملندڙ 'لارڊ ڪاماردين' جي جوءِ، جهڙي وڏڪهراٽي عورت کي ٻہ ريبي ريبي پاڻ سان ٻڇائي چُڪو هئو. انهيءَ ڪُڌي ڪم جي نتيجي ۾ 'ڪاماردين' زال کي طلاق ڏئي ڇڏي، جنهن کان پوءِ اهو 'چريو جٽڪ' يعني 'جان بائرن' ساٽس شادي ڪري، ڪيس پاڻ سان فرانس وٺي ويو. جتي 'آگسٽا' نالي کين نياڻي ٻہ جاڻي، پر 1784ع ڌاري آگسٽا جي جنم کان پوءِ، ست ئي ماٽس جو لاڏاڻو ٿيو، ءِ نتيجي ۾ جان بائرن گهر واريءَ توڙي ڏوکڙن، ٻنهي کان هڪ ئي وقت محرم ٿي ويو.

انهيءَ کان پوءِ جان بائرن 'باٿ' شهر جي هڪ فئشني ءِ تفريحي علائقي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ اچي رهيو، جتي سندس ملاقات، هڪ قديم اسڪاٽش خاندان جي مالدار مائيءَ 'ڪٿرين گوردون' سان ٿي. ٿورن ئي ڏينهن کان پوءِ انتهائي اياڻگي مهيني توڙي ڏهاڙي يعني 13 مئي تي سندس ڪٿرين سان وهاڻءُ ٿيو، جڏهن ته 22 جنوري 1788ع تي کين 'جارج گوردون بائرن' نالي ڪڪو ڄائو. ٻن سالن کن پوءِ 'چربي جٿڪ' (جنهن "انتهائي ڪاميابيءَ" سان پنهنجي زندگيءَ کي تباهه ڪيو هئو، ۽ هاٿي سندس گڏر چڙي 150 پائونڊ سالياني خرچ تي ٿي رهيو هئو) کانئس ڪجهه ڏوکڙ اُڌارا ورتا، ۽ فرانس ڏانهن رفو چڪر ٿي ويو. پر ٻارنهن مهينن جي اندر، چڙي 36 سالن جي ڄمار ۾ اتي ئي گذاري ويو.

ٻئي طرف ڏکاري، هٽ جي ڪشادي ۽ محبت پري شخصيت جي ڌياڻي، پر جذباتي طبيعت واري مسز بائرن، پنهنجي ننڍڙي پٽ سان 'ابردين' جي شهر ۾ اڪيلي رهي پئي هئي. ننڍڙو نينگر، جنهن جي طبيعت ۾ ماءُ پيءُ طرفان اَڌَ ۾ مليل انتشار ۽ نيڪيون شامل هيون، سو پير ۾ ڄائي ڄمر کان نقص هٿ ڪري، ٿوڙو لوڏو ڏيئي هلندو هئو. انهيءَ منبڪ، ننڍپڻ ۾ ته ڪيس جسماني طور تي تڪليف ڏني سا ڏني، پر سندس ذهن ۾ اها پيڙا مرڻ گهڙيءَ تائين موجود هئي.

بائرن جي درسي تعليم جي شروعات، 'ابردين' جي هڪ صبح واري اسڪول ۾ داخلا سان ٿي. انهن ڏينهن جو ذڪر ڪندي بائرن لکيو آهي:

"آئون پنجن ورهين جو يا ايڇا ۽ ٿورو ننڍو هوندس، ته مون کي مسٽر 'بروئر' (جنهن کي سندن قٽتيءَ جي ڪري "Bodry Browers" سڏيو ويندو هئو.) جي سنياڻ هيٺ هلندڙ اسڪول ۾ ويهاريو ويو. هن اسڪول ۾ ڇوڪريون توڙي ڇوڪرا گڏ پاڙهيا ويندا هئا. هتي مون طوطي وانگر هڪ پد واري مناجات، (الله آدم بٽايو اڇو ته ساٿس پيار ڪريون.) رٽڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه ۽ نه سکيو. جيڪا اتي هر شاگرد کان بنا ڪنهن هڪ اکر جي چُڪ جي، بيشمار دفعا ٻڌندو رهندو هئس. جڏهن ۽ گهر مون کان منهنجي تعليم بابت پڇاڻو ٿيندو هئو، ته آئون ثبوت طور تي اها رٽيل مناجات يڪساهيءَ پڙهي ٻڌائيندو هئس، بلڪ ٻيو صفحو ورائڻ کان پوءِ ۽، ساڳيائي اکر ورجائيندو هئس، ته جيئن منهنجن وڏن کي منهنجي پهرين سال جي سطحي حاصلات جي سڌ پوي. اهو رٽو ٻُڌي ٻُڌي منهنجا ڪن پچي ٻيا. (جن جي لائق اهي نه هئا، ڇاڪاڻ جو لڳو ايئن ٿي، ته مون اها سکيا رڳو ڪنن ذريعي ئي ورتي هئي) سو مون وارن مالڪن ڳالهه سمجهي ورتي، ۽ مون کي هڪ نئين استاد جي حوالي ڪيو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"راس" نالي هيءُ استاد هڪ ديندار ۽ هوشيار پادري هئو... هن جي هٿ هيٺ مون حيرت جوڳي ترقي ڪئي. مون کي اڃ ۾ هن جا نفاست ۽ريا لڇڻ ۽ شريف طبع جفاڪشي ياد ايندي آهي. جنهن گهڙيءَ مون پڙهڻ شروع ڪيو، ته منهنجو چاهه اٿندي ئي تواريخ سان رهيو. مون کي رومي تواريخ پڙهندي، خاص طور تي 'ريگيلس' ڏنڊ ويجهو ٿيل لڙائيءَ ڏاڍو متاثر ڪيو، ۽ ان کان پوءِ مون تواريخ سان ئي پنهنجي دل لڳائي ڇڏي...

اڪثر هلي ويلي، اداس ۽ سنجيده طبيعت وارو نوجوان 'پٽنرسن' منهنجو خانگي استاد مقرر ٿيو. هو منهنجا جوتا ٺاهيندڙ موچيءَ جو 'پٽ' پر هڪ عام 'اسڪاچ' وانگر علم دوست شخص هئو. عقيدي جي لحاظ کان هو پروٽسٽنٽ فرقي جي 'پريسبائٽرين' مسلڪ جو پڪو پوئلڳ هئو. هن مون کي 'چرڊيمن' جي گرامر واري ڪتاب منجهان، لاطيني ٻولي سيکارڻ شروع ڪئي، ۽ جيستائين گرامر اسڪول ۾ داخل نه ٿيس اها پڙهائي جاري رهي.

1896ع ۾ ٻائرن تي 'لال بخار' (Scarlet Fever) جو حملو ٿيو. چاڪ ٿيڻ کان پوءِ ماٽس تفريح لاءِ، ڪيس جابلو علائقي 'هاءِ لئنڊس' ڏانهن وٺي ويئي، انهيءَ کان پوءِ ئي منجهس هميشه لاءِ پهاڙي حُسن سان محبت پيدا ٿي ويئي. انهيءَ دؤر ۾ ٻائرن کي پنهنجي سؤٽ، 'مئري ڊف' سان پيار ۽ريو دلي لڳاءُ پڻ شروع ٿيو. ان وقت توڻي جو سندس عمر فقط اٺ ورهه هئي، پر اٺ سال پوءِ، يعني سورهن ورهين جي عمر ۾، جڏهن هن انهيءَ سؤٽ جي شاديءَ جي خبر ٻڌي ته لکيائين:

"مون پنهنجي مٿان وڄُ ڪرندي محسوس ڪئي، ۽ هنيائءَ کي ٻوسٽ وٺي ويم. ايتري ته حالت خراب ٿي ويم، جو امڙ سميت ٻين ماڻهن کي ٻه منهنجو حال ڏسي تپرس وچان ويساه ئي نه ٿي آيو."

ٻائرن ڏهن ورهين جو ٿيو، ته سندس وڏو چاچو 'بدڪار لارڊ' فوت ٿي ويو، جنهن جي نتيجي ۾ نوابيءَ جي پڳ هن مٿان اچي ويئي. انهيءَ کان اڳ پٽس ۽ چاچس جي افعالن جي ڪري، سندس جاگير 'نيو اسٽيڊ' صفا برباد ٿي چڪي هئي. ان هوندي ٻه مسز ٻائرن کي هڪ پري جي مِٽ 'لارڊ ڪارلزل' جي سنيال هيٺ ڏنو ويو.

انهيءَ دؤران ٻائرن کي پڑهائڻ بدران، لنگڙائپ جي علاج جي لاءِ سندس ٻوڑي ماءُ کيس 'ناٽنگهم' ۾ هڪ حڪيم صاحب ڏانهن موڪلي ڇڏيو. پر جڏهن مسيحا ڪا مُڪتي ڏياري نه سگهيو، ته ڪيس لنڊن آڻي 'ڊلوچ' اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. انهيءَ دؤران سندس ماءُ کيس لوئي ۽ ڦٽ لعنت ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاري ۽ ڪيٽرائي چڏيو. هڪ دفعي جي ڳالھ آھي، تہ جڏھن سندس ھڪ ھم اسڪوليءَ ڪيس چيو:

"بائرن تنھنجي ماڻ تہ صفا ڪاڇسي آھي." تہ اداسيءَ وچان بائرن وراڻيو: "ھائو، مو کي اھا سُڌ آھي."

آخرڪار ڪيس 'ھارو' جي اداري ۾ موڪلڻ ويو، جتي پڙھائيءَ ۾ سستيءَ ۽ ڪاھلپڻي ۾ ھن وڏو نالو ڪڍرايو. ھتي ھو تہ رڳو باڪسنگ وڙھندو ھئو، پر ھڪ ڪاريگر تارو (Swimmer) ٿيڻ سان گڏوگڏ، پير ۾ نقص ھوندي بہ 1805ع ڌاري 'ايٽن' جي خلاف ھڪ ڪرڪيٽ مقابلي ۾ پڻ حصو ورتائين. سندس اسڪولي ڏھاڙن جي ھڪ ڪھاڻي، ڏاڍي مشھور آھي، جنھن منجھان ننڍڙي بائرن جي بھادريءَ جو پتو لڳي ٿو.

ھڪ دفعي جي ڳالھ آھي تہ اسڪول جي ڪنھن شودي شاگرد ھٿان، 'رابرٽ پيل' ڪُٽجي رھيو ھئو، تہ اتان بائرن اچي لانگھائو ٿيو. پنھنجي سامھون ٿيندڙ ھن ڏاڍائيءَ تي سندس اکين ۾ ڳوڙھا تري آيا ۽ ايڏي ساري مار موچڑي جي سھپ جي سگھ نہ رکڻ جي باوجود، ٽڙڪندڙ آواز ۾ ماريندڙ شودي کان پڇيائين:

"ھن ويچاري کي ايڏا ڪيترا ڀاننا لڳڻا آھن؟" "چو، ڏلا تون چو ٿو پڇين، تنھنجو ھن معاملي ۾ ڇا وڃي؟" اڳلي وراڻيو: "چو تہ رابرٽ پيل کي جيڪا مار ملڻي آھي، انھيءَ مان اڃ آئون کائڻ ٿو چاھيان." بائرن جواب ڏنس.

بائرن جڏھن سورنھن ورھين جو ھئو، تہ موڪلون گذاريندي،ھو پاڻ کان ٻہ سال وڏي ھڪ چوڪريءَ 'مُري اين شاورٽ' جي عشق ۾ صفا وڃجي ويو. پڇا ڪرڻ تي خبر پيس، تہ انھيءَ چوڪريءَ جو اڳ ئي مڱڻو ٿيل آھي. انھيءَ واقعي سبب سندس طبيعت ۾ پيدا ٿيل اڪيلائپ ۽ اداسيءَ منجھس بيزاري پريل تبديليون آنديون.

'ھارو' کان پوءِ ھو 'ٽرينيٽي ڪاليج ڪئمبرج' ۾ داخل ٿيو، جتي پنھنجو وقت لنڊن شھر ۾ گھمڻ گھتڻ، يونيورسٽيءَ اچڻ ۽ 'سائوٿ ويل' منجھ ماڻُ جي گھر چڪر چاڑي ڪرڻ ۾ وڃائيندي، ڪنھن فضول خرچ ۽ اوباش شخص واري روايتي زندگي گذارڻ لڳو. پر انھيءَ دؤران پڙسن تي وڙھندڙ باڪسر ۽ معزز شخص 'جئڪسن' سان سندس ياري ٿي ويئي، جنھن ڪيس سڪيا ڏيئي اھڙو تہ ٽاٽُ ڪيو، جو ٽلھاڻپ جي غائب ٿيڻ ڪري سندس لڪل خوبصورتي ٻيھر ظاھر ٿي پيئي. ھو جڏھن ڪئمبرج ڏانھن واپس موٽيو، تہ سندس ظاھري شبيھ ۾ بائرن سنھو، سھڻو ۽ اھڙو تہ صحت مند ٿي پيو، جو ڇڻ تہ 'ڪنھن اندران جرڪندڙ شفاف اڇي سنگ مرمر جو گُلدان' ٿي لڳو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ دؤران هو نظم لکڻ ڪري، اڳ ٿي ماڻهن کي حيران ڪري چڪو هئو. مٿان وري 1807ع ۾ سندس پهريون نظماٽو ڪتاب 'نڪمٽائپ جا پهر' (Hours of Idleness) جي عنوان سان ڇپجي پڌرو ٿيو. هن مجموعي ۾ فني صلاحيتن جو وڇٽرو ڏيک موجود هئو. پر ان هوندي به تخليقي طور تي شُڀ ۽ اميدن پريل ڳڻڪو هجڻ جي باوجود به، ڪتاب جي مڃني خوبين کي نظرانداز ڪندي، انهيءَ تي 'ايڊنبرو رويو' ۾ بي انصافيءَ تي ٻڌل چيڑائيندڙ حملا ڪيا ويا.

هن تنقيدي زيادتيءَ جي ڏنگ لڳڻ کان پوءِ، ستت ئي بائرن پلٽي هٽي نظم ۾ رد جواب لکڻ شروع ڪيو. پر اڃا هن ٿورڙو شعر ئي مس لکيو هئو، جو دل ۾ فيصلو ڪيائين ته ڪجهه وقت صبر ڪرڻ کان پوءِ، 'موت ويچار' (Reflection) جي ذريج پٽي منجهان، انتهائي چيندڙ جواب تيار ڪجي. من جي انهيءَ صلاح تي هلندي، سڄي ساري سال گذارڻ کان پوءِ هن 'انگريز پٽ ۽ اسڪاچ تبصري باز' (English Bards and Scoth Reviewers) جي سِري سان، هڪ هِجو پريل نظم ڇپرايو. انهيءَ طويل نظم ايتري ته تکڙي ۽ شاندار ڪاميابي حاصل ڪئي، جو چڙي هڪ مهيني کان پوءِ ان جي ٻئي ڇاپي جو آرڊر ڏنو ويو.

انهيءَ وچ ۾ بائرن جي عمر ايتري ٿي وئي، جو هو انگريزي پارليامينٽ جي 'هائوس آف لارڊز' ۾ پنهنجي سيٽ سنيالي وٺي. انهيءَ پد کي پهچڻ کان پوءِ جاگيرداريءَ واري ماحول مطابق، هن پنهنجي جاگير 'نيواسٽيڊ' تي دوستن جا وڏا ميڙاڪا ۽ مهمانيون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون. انهيءَ صورتحال ۾ ماٺس جي چيڑاڪ مزاج منجهن علحدگيءَ کي ته اڻ ٽر بٽائي ڇڏيو هئو، پر بائرن جو پنهنجي سِر 'نيو اسٽيڊ' منجه رهائش اختيار ڪرڻ جو ڪوبه خيال ڪونه هئو. انهيءَ دؤر ۾ هو پنهنجي ڪٽمبرخ جي پراڻي يار، 'جان هاب هائوس' کي ساڻ ڪري لنڊن ڇڏي اوپر جي سير سفر تي نڪري پيو.

ٻئي ڇٽا انگلينڊ کان ساموندي جهاز ذريعي 'فئلمائوٿ' کان لزبن پهتا، جتان بائرن 'ٽاگوس' درياهه کي تري پار ڪرڻ کان پوءِ، گهوڙي جي ذريعي 'کاديز' پهتو؛ ۽ اتان کان وري ساموندي جهاز ۾ چڙهي 'جبرالٽر' (اسپين) رسيو. انهيءَ کان پوءِ مالٽا ۾ ٽي هفتا ترسي، هو ٻيهر يورپ وريا ۽ 'پري ويزا' (البانيه جو ننڍو شهر) نالي ڏورانهين علائقي ۾ سير سفر لاءِ پهتا. هتان جي جهنگلن جي سونهن ۽ اڌ تهذيب يافته ماڻهن، بائرن کي ڏاڍو متاثر ڪيو.

'پاشا' نالي هڪ ڏاڙيلن جي سردار سان ملي ۽ ڪيس ڏاڍي سرهائي ٿي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جو ذڪر ڪندي بائرن لکي ٿو: "هن اُٽندي مون کان پڇيو، ته آئون هن ننڍڙي وهيءَ ۾ بنان ڪنهن خدمتگار يا نرس جي، ڪٿان ڪيئن هيڏي وڏي مسافريءَ تي نڪري پيو هئس. ان کان پوءِ هن ٻڌايو ته ڪيس ڪنهن انگريز وزير ڏسيو هئو، ته آئون هڪ عظيم خاندان جو فرد هئس؛ ۽ سندس لاءِ اهو لازم هئو ته هو منهنجي ماءُ جو احترام ڪري..."

"هن جي بقول ڪيس پڪ هئي ته، آئون هڪ اعليٰ خاندان جو فرد هئس، ڇاڪاڻ ته منهنجا ڪن ننڍا، وار گهنڊيدار هٿ ننڍا ۽ اڇا هئا. هن مون کي چيو ته آئون جيستائين تُرڪيءَ ۾ رهان، ڪيس پيءُ جي جڳهه تي سمجهان. ڇاڪاڻ جو هن مون کي پٽن وانگر ٿي سمجهيو. هونئن انهيءَ ۾ ڪو وڌاءُ. ڪونهي، ته هو مون سان پنهنجي ٻچي وانگر هلندي ڏينهن ۾ ويهه پيرا ميوو، بادامين ۽ حلوا مٺايون پيو موڪليندو هئو."

هيءُ ڪلمڪ طبيعت جو ڏاڙيل، جيڪو ماڻهن کي ايذائڻ ۽ سندن زندگي کي زهر بڻائڻ پنهنجي ڏاڻي هٿ جو کيل سمجهندو هئو، تنهن بائرن جي قافلي کي هٿياربند ماڻهن جو دستو حفاظت لاءِ مهيا ڪيو. انهيءَ پس منظر ۾ يونان ويندي بائرن "Childe Harold" نالي اُهو شاهڪار نظم لکڻ شروع ڪيو، جنهن ۾ هن پنهنجي انهيءَ سفر جا تفصيل ڏنا آهن.

آخرڪار هو پهريون پيرو يونان جي شهر 'مسولونگهي' پهتو، جتان ڪان 'پطرس'، 'ڊيفلي'، 'ٿيبس' ۽ پچاڙيءَ ۾ 'ايٿينس' تائين وڃي نڪتو. هتان جي حوالي سان بائرن 'اتيڪا' شهر جي پنهنجي يادگيرين ۽ لاڳاپن جي پهلوءَ کان ته ڪجهه احساساتي هلچل محسوس ڪئي، پر تڏهن به يونان جي رهجي ويل شاندار ماضيءَ منجهان، هو تمام گهڻ متاثر ٿيو. انهيءَ تي تبصرو ڪندي هُن لکيو: "هي يونان جا قديم آثار مون کي ته ڪنهن نواب جي اُجڙيل حويليءَ وانگر ٿا لڳن."

ايٿينس ۾ ٽي مهينا گذارڻ کان پوءِ، بائرن ۽ سندس دوست سمنڊ رستي 'ٽمرنا' ڏانهن اسهيا. جتي هن پنهنجي ڪوتا Childe Harold جو ٻيو ياڳو مڪمل ڪيو. سندس ساٿيءَ ۽ دوست 'هاب هائوس' کي انهيءَ معاملي بابت گهڻ ڇاڻ هئي. 'ٽمرنا' کان 'ڪانسٽينٽيپول' ڏانهن ويندي، ليفٽيننٽ 'ايڪنهيڊ' سان گڏجي، 'سيستاس' کان وٽي 'ابيدوس' تائين 'هيلسپانت' درياءَ مان تري پهتو. انهيءَ مقصد جي حاصلات تي، بائرن ڏاڍو فخر محسوس ڪندو هئو، تنهن ڪري هن لکيو:

"مون کي هن ڪاميابيءَ تي بيحد ناز آهي، آئون ايترو ته سرهو آهيان، جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان جي پيٽ ۾ جيڪڏهن سياسي، شاعراڻي يا خوشبيانيءَ ذريعي ڪا وڏي منزل ماڻي وڃان، تہ ب جيڪر ايڏي خوشي نہ ٿئيم."

ڪانسٽنٽيپول کان پوءِ 'هاب هائوس' انگلنڊ واپس موٽي ويو. پر بائرن واپس يونان هليو ويو، جتي وڃي هن پنهنجا نظم "Curse of Minerva" ۽ "Hints from Horace" جوڙي ورتا. آخرڪار لنڊن ۾ قرضدارن ۽ وڪيلن ڏوڪڙن جي اوڪڙ لئہ، سندس وطن واپسيءَ جا مطالبا شروع ڪيا. جنهن ڪري ڪيس مجبور ٿي، جولاءِ 1811ع ۾ واپس لنڊن موٽي اچڻو پيو. پر آگسٽ جي پهرين تاريخ هو پنهنجي والده سان اڃا مليو ب نہ هئو، تہ ان جو لاڏاڻو ٿيو.

انگلينڊ موٽڻ کان پوءِ هن پنهنجي ڪوتائن جي مجموعي Hints from Horace جي مسودي کي پنهنجي دوست 'ڊلاس' جي حوالي ڪيو، جنهن انهيءَ جو مطالعو ڪرڻ کان پوءِ سچائيءَ سان ۽ بنا ڪنهن لِلي ڇپيءَ جي، هن تخليق تي بي اطميناني ڏيکاري ۽ بائرن کان پڇيو:

"تو وٽ پنهنجي سفر جي ٻي ڪاب حاصلات ڪونهي؟" جنهن تي هن وراڻيو: "ڪجھ ٽڪرا ۽ 'اسپنسر" جي ڏاڍءَ ڏانگر لکيل جهجها اهڙا بيت موجود آهن، جن جي پڙهڻ جي توکي تڪليف تہ نہ ڏيڻ گهرجي، پر بهرحال تو لاءِ حاضر آهن." ايئن چئي بائرن ڪيس Childe Harold جا ٻئي ٻاڳا ڏنا. جان پڙهندي ئي انهن ڪوتائن جي عظمت کي پرکي ورتو؛ ۽ اهي ڪٽي ڪتاب ڇپائيندڙ 'جان مري' وٽ وڃي پهتو.

27 فيبروري 1812ع ڏاري بائرن 'هائوس آف لارڊز' ۾، 'ناٽنگهم' جي ميوزم ڀڃندڙ لاءِ موت جي سزا مقرر ڪرڻ واري تجويز جي مخالفت ۾، پهرين ۽ نڪوري تقرير ڪئي. انهيءَ تقرير ماڻهن جو ڇڪو خاصو ڏيان ڇڪرايو. ٽيڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ Childe Harold جا ٻيئي ٻاڳا شايع ٿيا. هن نظم تہ ڇپجڻ سان ئي لنڊن شهر جا وڻ وڃائي ڇڏيا! ڇڙي هڪ مهيني ۾ انهيءَ جا ست ڇاپا ڇپيا ۽ فورن وڪامجي ويا. انهيءَ صورتحال جو ذڪر ڪندي، بائرن لکيو آهي: "هڪ ڏينهن صبح جو ننڊ مان اٿيم، تہ پتو پيو تہ مان مشهور ٿي ڇڪو آهيان."

انهيءَ صورتحال ۾ سڄي لنڊن جي مٿين طبقي، پيلاڻ ڀائل خوبصورتيءَ جي مالڪ؛ ۽ شاندار شاعريءَ جي هن عاشق مزاج سرجيندڙ لاءِ پنهنجا دروازا کولي ڇڏيا. نتيجي ۾ اڪيلائپ جو شڪار ٿيل شاعر، ڏسندي ئي ڏسندي 'سماج جو شينهن' جوان ٻڌجي ويو ۽ هڪ ٻئي پٽيان عشقن ڪرڻ جو سلسلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شروع ڪري ڏنائين. سندس محبوبائن ۾ ليڊي 'ڪئرولين لئمب'، 'لئڊي آڪسفورڊ' ۽ پڪ سان پنهنجي ماڻيجي ٻيٽ 'آگسٽا' ۽ اچي وڃن ٿيون.

انهيءَ دؤران هن ٻه عشقي شاعريءَ ۽ نظمن جا واهڙ وهائي ڇڏيا، جيڪي جيئن ئي ڇپيا ٿي، تہ ماٺهن وڃي خريد ڪرڻ لاءِ مٿن مارو پئي ڪيو. سندس ڪوتا ڪتابن مان "The Waltz" اپريل 1813ع ۾، "The Giaourin" ۽ "The Bird of Abydos" ڊسمبر ۾ پڌرا ٿيا، جڏهن تہ 1814ع ۾ The Croaiser, lara ۽ Heberew ڇپيا ويا.

جنوري 1815ع ۾ بائرن 'انابيلا ملبانڪي' سان شادي رچائي، جيڪا لئڊي 'ڪئرولين لئمب' جي وارٽياٽي سؤٽ هئي. بائرن ڪيس پهريائين 1813ع ۾ مڱڻي جي آڇ ڪئي، جنهن کي رد ڪيو ويو، پر ٻئي سال سيپٽمبر 1814ع ۾ آخرڪار ٻنهي جو مڱڻو ٿي ويو. هيءَ شاديِ بائرن جي زندگيءَ جي داستان جو هڪ عجيب راز آهي. اصل معاملو اهو آهي تہ ڪيس پنهنجي زال سان ڪوبہ عشق نہ هئو، هن کي تہ ان شاديءَ مان وڏي ملڪيت حاصل ٿيڻ جو آسرو هئو، جيڪو سندس توقع مطابق پورو نہ ٿي سگهيو. جنهن ڪري اڳتي هلي زال مُڙس جي وچ ۾ نياءُ ٻہ نٿي سگهيو. ڊسمبر ۾ بيگم بائرن کي 'آگسٽا ائدا' نالي ڏيءُ ڄائي، ۽ پنجن هفتن کان پوءِ گهر ڇڏي جو ويئي تہ وري واپس ڪونہ موٽي.

هن جدائيءَ جي اصل محرڪ بابت انهيءَ مهل کان وٺي ايتري تہ بحثابحثي ٿي آهي، جو انهيءَ معاملي تي هڪ وڏو ڪتاب سهيڙي ٿو سگهجي، پر پوءِ ٻہ ڪو ڪڙيل حاصل ٿيڻ ناممڪن آهي.

بهرحال هن عليحدگيءَ جو عوام ۾ وڏو چؤپول ٿيو. پنهنجي اڻڄاڻائيءَ جي باوجود غصي ۾ پريل پريس، پمفليٽ بازن ۽ بين ماٺهن بائرن تي سخت قٽڪار ڪئي. هڪ پاسي ڪنگال هوندي ٻہ اهن پبلشرن کان معاوضو نہ پئي گهريو، جو بائرن جي خيال مطابق هو ڏوڪڙ ڪمائڻ لاءِ نٿو لکي. ٻئي پاسي 'هاب هائوس' جهڙن چند دوستن کي ڇڏي، سڄي ملڪ ۾ سندس خلاف نفرت جي هڪ سنگين لهر آيل هئي؛ ۽ مٿس هر ڪُنڊ کان ڏاڙهه ۽ پؤنڪون شروع ٿي ويون هيون. اپريل 1816ع ۾ بائرن هڪ دفعو ٻيهر سير سفر لاءِ نڪتو، جڏ تہ Childe Harold پنهنجي ياترا ٻيهر شروع ڪئي.

هن پهرين منزل 'اوستيند' ۾ ڪئي ۽ پوءِ اتان کان جنيوا روانو ٿيو، جتي هو پنهنجي آخري انگريز سريت سان مليو. هن مائيءَ جو نالو 'ڪليئرمونٽ' هئو. ۽ هوءَ پنهنجي ويڳي ٻيٽ 'مئري گوڊون' ۽ اُن جي عاشق مشهور شاعر 'شيلي' سان گڏجي گهمڻ نڪتي هئي. جيتوڻيڪ ٻنهي شاعرن جي طبيعت ۽ تصور ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪافي تفاوت هئو، پر تڏهن ۽ هنهي جو هڪ ٻئي سان چاهه هئو، تنهن ڪري هڪ ٻئي جي عظمت کي تسليم ٻڌي ڪيائون.

شيلي سان گڏ بائرن 'جنيوا ويندي' گهميو، جتي هن پنهنجو نظم "Prisioner of Chillon" لکيو. جون جولاءِ ۾ Childe Harold جو ٽيون ڀاگ پورو ڪرڻ کان پوءِ، اڌ درجن ٻيا ننڍا نظم مڪمل ڪندي، مشهور نظم Manfred لکڻ شروع ڪيائين. جڏهن شيلي جو ڪتب ۽ ڪليئر مونٽ انگلينڊ واپس هليا ويا، تہ هو 'آلپس' جي جابلو علاقي جو چڪر هڻي، اترين اٽليءَ ۾ رولڙا ڪرڻ کان پوءِ، آخرڪار وڃي 'وينس' ۾ ٽرٽانءِ ٽيو. هتي هو وڏي ٽٽ سان رهيو ۽ پيسا ڏوکڙ خوب اڏائيندو رهيو، پر پوءِ ۽ لکڻ وارو ڪم نہ ڇڏيائين؛ ۽ وينس ۾ رهڻ دوران Beppo ۽ Mezeppa کان سواءِ مشهور نظم Don Juan جا ٻ ڀاگا پورا ڪيائين.

هوڏانهن ڪليئر مونٽ کي ڏيءَ جائي، ۽ جڏهن 1817ع ۾ هوءَ شيلي وارن سان گڏجي اٽليءَ آئي، تہ 'اليگرا' (سندس ڏيءَ) کي پيءُ يعني بائرن ڏانهن اماڻي ڇڏيائين. جيتوڻيڪ بائرن کي ڏيءُ جي ماءُ ناپسند هئي ۽ ڪائنس سندس دل ۾ ڏڪار هئو، پر هن ڏيءُ کي پاڻ وٽ رکيو ۽ ڪيس ٻاراڻي اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏنائين. شيلي جي حمايت سان 'ڪليئر' طرفان ڪيل خواهش، تہ ڪيس 'اليگرا' سان ملايو وڃي، ۽ ڪنهن بهتر طريقي سان ڪتب جو حصو ٻڌايو وڃي، بائرن طرفان انتهائي سرد مهريءَ سان رد ڪئي ويئي، پر جڏهن 1822ع ۾ اوچتو 'اليگرا' گذاري ويئي تہ بائرن سچي پچي ڏکي ٿي ويو.

1819ع جي بهار جي مند ۾ بائرن جي سٽ ورهين جي هڪ اشراف شخص جي نئين نيٽي زال اميرزادي 'جيوسيولي' سان ڏيٹ واٽ ٿي. ٿوري ئي عرصي ۾ هوءَ وينس ۾ بائرن جي يار ٿي ويئي؛ ۽ جڏهن پنهنجي مڙس سان 'روينا' رواني ٿي، تہ ڪيس پنهنجي ڪيڙ اچڻ جو تاڪيد ڪيائين ۽ پوءِ 'روينا' کان 'بولوگنا' تائين، بلڪ اتان کان 'وينس' جي ويجهو 'ميرا' جي شهر تائين، هو ساٿس گڏ رهيو. جتي سڄي پاڙي ۾ سندن لاڳاپن جي حوالي سان بدناموسي ڦهلجي ويئي، پر اميرزاديءَ مڙس کي ڏٽا سٽا ڏيئي، معاملي کي صاف ڪري ڇڏيو ۽ واپس روينا رواني ٿي، ڪجهه مهينن کان پوءِ ٻيهر بائرن کي نياپو ڪري گهرائي ورتائين.

جولاءِ 1820ع ۾ هيءَ معاملو ڏاڍو خراب ٿي ويو. ايتري قدر جو ڪليسا طرفان نواب صاحب ۽ اميرزاديءَ جي وچ ۾ علحدگيءَ جو فيصلو ٿيو، جنهن کان پوءِ محترم ٽپڙ ڪٽي روينا ۾ پنهنجي ٻيءُ نواب 'گمبا' وٽ اچي رهڻ لڳي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳلي سال جڏهن بائرن پنهنجا شعر Sardanapalus ۽ Caine سرجي رهيو هئو، تہ گمبا ڪُٽنب سان گڏجي، هُن آسٽريائي حڪومت خلاف منصوبہ بندي جوڙي، پر سندس سڄي دور انديشيءَ مان هڙ حاصل ڪجھ بہ نہ ٿيو. نتيجي ۾ بائرن جو تہ وار بہ ونگو نہ ٿيو، پر گمبا خاندان جا لاھ پٽجي ويا ۽ ڪين شھر نيڪالي ڏني ويئي. انهيءَ دؤران جڏهن Caine چپچپي پڏرو ٿيو تہ انهيءَ تخليق انگلينڊ ۾ زبردست طوفان کڙو ڪيو، ۽ خاص طور تي مذهبي عقيدتمندن تہ بائرن تي زبردست جُھلون ڪيون.

هن موڙ تي اسان وٽ بائرن بابت بہ واضح تصور آهن. پهريون ويچار بائرن جي پراڻي دوست ۽ شاعر 'ٽام موئر" جو آهي، جنهن وينس ۾ ساٿس ٽيل ملاقات کان پوءِ لکيو:

"هُو شخصيت جي تاثر توڙي مُنهن ۾ ڪجھ ٽلهو متارو ٽي پيو هئو، خاص ڪري سندس چهري ڦهلجڻ ڪري منجهس ڏاڍيون خراب تبديليون آيل هيون. مثال طور پهريائين سندس مُک منجهان، هڪ اهڙي سُشيلتا ۽ روحانيت پري نهار ايندي هئي، جنهن کيس هميشہ سياويڪ بڻائي رکيو هئو، پر هاڻي اُهو گهٽ رومانوي هُجڻ جي باوجود، ڪِل جوڳو ٽي چڪو هئو."

ٻئي طرف شيلي جيڪو 1821ع جي اونهاري ۾ ساٿس روينا ۾ مليو هئو، تنهن تبصرو ڪندي چيو: "لارڊ بائرن ذهانت، طبيعت، اخلاقي نقطئ نظر، صحت ۽ سُرهائي جي لحاظ کان ڏاڍو وشال ٽيو آهي. جڏهن تہ بيگم "جيوسيوليءَ" سان لاڳاپن کيس بي انداز فائدو ڏنو آهي. هو پنهنجي محدود آمدنيءَ جي لحاظ کان، چگّي خاصي شان مان واري زندگي گذاري رهيو آهي...."

سال جي آخر ۾ بائرن پنهنجي يارڙيءَ سان گڏجي "پيسا" ۾ شيلي وارن جو پاڙيسري وڃي ٻڌيو. شيلي بائرن جي، هڪ غير معمولي شاعر جي حيثيت ۾، عزت ڪندو هئو ۽ بائرن وٽ شيلي جي لاءِ هڪ شريف شخص طور وڏو قدر هئو. ايتري ۾ لنڊن مان مشهور شاعر ۽ ادیب "ٽريلاوني" ۽ "لي هنٽ" بہ پهچي ويا، جنهن کي شيلي نياپو ڪري اتليءَ گهرايو هئو. انهيءَ جو اصل مقصد هئو تہ جيئن بائرن ۽ "هنٽ" گڏجي رسالو ڪڍڻ شروع ڪن، انهيءَ کان اڳ، شيلي هنٽ ڪُٽنب جي مدد ڪرڻ لاءِ بائرن جي ڪَنَ ۾ ڳالھ وجهي چڏي هئي.

انهيءَ سال شيلي جي ڏک پريي موت کان پوءِ، بائرن "هنٽ ڪُٽنب" سان گڏ (ڪين ڇھ ٻار بہ هٿا) "گينوئا" جي شهر ڏانهن هليو ويو. هتي اچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُنن لنڊن مان جاري ٿيل رسالو Liberal ڪيڏ شروع ڪيو، جيڪو نہ رڳو ناڪام ٿيو، پر پنهنجي همراهن جي طبيعت ۾ وڏي-فرق هٿ ڪري، هڪ ٻئي سان خوب چڪريون ۽ ڪاڏائون، ان هوندي ۽ بائرن 1823ع ۾ گنوٹا چڏڻ تائين هنڌ ڪُنڊب کي پاڻ وٽ ترسايو.

انهيءَ وچ ۾ بيگم "جيوسيولي" جي چوٹ تي پاسي ڪري رکيل نظماٹي ڪتاب Don Juan تي هُن ٻيهر ڪم شروع ڪيو ۽ هڪ ٻئي پويان، انهيءَ جا ڪيترائي ياڳا لکي تيار ڪري ورتا.

هوڏانهن يونان ۾ جيڪا تُرڪن جي خلاف آزاديءَ جي جنگ لڙي پئي وئي، تنهن جي آزاديءَ واري تصور کان متاثر ٿي، هُن يونان کي دنيا جي آزادي جو سرواڻ سمجهندي، انهيءَ ويڑهه ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو. انهيءَ سلسلي ۾ هُن لنڊن ۾ "يوناني ڪاميٽيءَ" سان رابطو ڪري ويڑهو سورمن لاءِ دل کولي ڏوکڙن جي امداد ڪئي ۽ آخرڪار جولاءِ 1823ع ۾، هو ساموندي جهاز ذريعي پاڻ ۽ يونان روانو ٿيو.

جيتوٹيڪ يوناني باغين لاءِ بائرن جو نالو، همٿ، سخاوت ۽ واضح سوچ سان گڏ، نفسياتي طرح سان هڪ وڏو ٻُل هئو. پر افسوس جو هاٹي بائرن جا پنهنجا ڏهاڙا اچي پورا ٿيا هٿا. "مسولونگهي" نالي علائقي وٽ هڪ يوناني جنگي سردار شهزادي "ماورو ڪوريتو" سان گڏجڻ کان پوءِ، ستت ئي سندس صحت خراب ٿيڻ ڪري ڪيس مسلسل بخار رهڻ لڳو. نيٺ 19- اپريل تي "مسولونگهيءَ" ۾ اوچتو روح ۽ راڙو پٹجي ويو، جيڪو جلد ئي ماتم ڪندڙ سڄي يونان ۾ ٻُري خبر ٻڌجي ڦهلجي ويو. خبر هُئي: "بائرن گذاري ويو."

اهڙي طرح هن اجنبي، سخي، عاشق طبع پر سڄي يورپ مٹان ڪنهن شهاب وانگر ٻرندڙ شخص جي آخرڪار پُڄاٹي ٿي. بائرن جي شاعريءَ پنهنجي دؤر جي جامد سوچ تي سخت وار ڪيا ۽ ڪنهن ۽ شاعر کي پنهنجي زندگيءَ ۾ هُن جيڏي ميجتا حاصل نہ ٿي. هُن جي ڏاهپ سڄي يورپي ادب تي شاندار اثر چڏيا. ٻيو تہ چڏيو، پر وڪٹر هيوگو، لئمرتين، هائيني ۽ پُشڪن جهڙن وڏن ڪلاڪارن ۽، ڪيس پنهنجو استاد تسليم ڪيو آهي ۽ اڄ اسين سندس شعر ۾ موجود، مختلف رنگ ۽ خاص ڪري هجو جي ڪري، ڪيس ساريون ٿا. هن جي عظمت ڪنهن اسڪاٹ وانگر، نہ رڳو ذاتي حيثيت پر تخليقي عمل جي ڪري ۽ آهي ۽ 19 صديءَ جي سڄي يورپي ادبي تواريخ ۾ ڪوبہ شخص ايڏو وشال ۽ ممتاز نظر نٹو اچي جيترو جارج گورڊن لارڊ بائرن آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



استنڌال

جنم: 23 جنوري 1783ع
لاڌاٽو: 23 مارچ 1842ع

"اجوڪي سانجهيءَ آئون اوهان سان گڏ استنڌال لاءِ راڳ پيو ڳايان، جيڪو اخلاقي زنجيرن جو دشمن آهي. هو تخت ۽ تاج ۽ انهن قربان گاهن جو ويري آهي،
جيڪي ساهه جي اڇ وڇ ۽ دل جي ڏڪ ڏڪ کان تمام مٿي آهن.
۽ آئون هر شخص جي اندر لڪل هڪ اهڙي استنڌال لاءِ پيو ڳايان،
جيڪو ائٽمي خطرن جي هن پوائتي دور ۽ ٽين دنيا ۾ ٽيندڙ اڻ ڪٽ ناٽڪن جي زماني ۾
اسان جي سيني سيرن سفرن جا گيت ڳائيندي
انهيءَ سڃي ڏرتي جو راڳي آهي جيڪا ٻالپڻي کان اسان جي همراز آهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرانس جي مهان ڪوي 'رينيي ديپستري' جا هي ٻول ئي استنڈال جي گهڻ رخي شخصيت تان پردو کڻڻ لاءِ ڪافي آهن، جيڪو پڻ فرانس جي علم پرور مٽيءَ جي پيدائش آهي. استنڈال جو جنم اٺڙي دور جي ڪهاڻي آهي، جنهن دور ۾ سڄي يورپ عظمتن جي منزلن طرف ڇوهيون وکون کڻڻ شروع ڪيون. هن دؤر ۾ نه رڳو ڪڏائپ جي خلاف ڪامياب ڪاهون ٿيون، پر فن جي عظمت پڻ پنهنجي جادوگري ڏيکارڻ شروع ڪئي. جنهن جي ئي نتيجي ۾ فرانس جو انقلاب ظلم ۽ جبر جي خلاف حق جو نعرو بلند ڪندي ظهور پذير ٿيو- استنڈال جڏ ته انهيءَ انقلاب جو اکين ڏٺوشاهد آهي. جيڪو فرينچ قرمپرست هجڻ سان گڏوگڏ اتليءَ جو ٻالڪ پڻ رهيو. (اتان ئي هن لازوال تخليق جا جر جاري ڪيا) تنهن ڪري هو هڪ انسان پرست شخص ٻ هيو.

استنڈال بنيادي طور تي انساني وجود جي مهانتا جو قائل رهيو آهي. هن پنهنجي ڪتاب ۾ اخلاق ۽ سمجه کي تصوراتي ڦوڪٽن ۾ پيري، دنيا کان پري اڏارڻ بدارن وٽندڙ مڪ مان نور جا جلوا ايرندي ڏٺا، نظرن جي رنگينيءَ کي اصل ڳٽايو ۽ احساس جي سندرتا کي ڇهڻ ۾ ئي فضيلت ڏسي. انهيءَ ڪري هو سڄي عمر پابندين، ليکن ۽ گولائين جو سخت مخالف رهيو. هن هر جلوي کي انساني تجربي ۽ مشاهدي ۾ اچڻ کان پوءِ تسليم ڪندي، انساني عقل جي وڏائيءَ جي تعريف ڪئي ۽ اٺڙي طرح ارتقا جي تواريخ ۾ هڪ جماليات جي ماهر ۽ آزاد خيال مفڪر جي حيثيت ۾ پاڻ درج ڪرائي، پنهنجو اهم رول ادا ڪري سماجي ترقيءَ جي راه کي وڌيڪ روشن ڪيو. هيءُ مضمون دراصل برطانوي اديب ايف ڊبليو جي هيمنگز جو سندس تحريرن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اولڙن منجهان هن جو ڪيل خاڪو آهي. جناب هيمنگز انگلينڊ جي هڪ يونيورسٽيءَ ۾ فرينچ ادب جو پروفيسر آهي. استنڊال ۽ سندس تصنيف جو مطالعو" جي عنوان سان لکيل ڪتاب ڪان سواءِ، بودليئر ۽ زولا دوماس تي به ڪافي ڪم ڪيل اٿس.

ـ سنڌيڪار

جن ماڻهن استنڊال کي ٽورڙو به پڙهيو هوندو، تن سندس جڳ مشهور ڪتاب Le Rouge et Le Noir (ڳاڙهو ۽ ڪارو) کي ته ضرور اک مان ڪڍيو هوندو. جيتوڻيڪ هي نالو پهريون دفعو 1920ع ۾ شايع ٿيو، پر اها ڳالهه اڄ تائين بحث جو موضوع آهي ته هي رنگن پريو نالو اختيار ڪرڻ جي آخر ڪيس ڪهڙي ضرورت پئي؟ سمجهه ۾ ايئن ٿو اچي ته ڳاڙهي مان سندس مقصد پرڪيدار، تکي ۽ خون- خرابي جو تصور ونڊ آهي، يا ته اسٽيفن ڪرين چواڻي: "دلاوري جي سُرخ نشان" معنيٰ فوجي زندگيءَ جي منظر ڪشي ۽ ڪاري رنگ مان سندس مطلب ڪليسا جو مقدس رنگ آهي.

سندس ناول جو هيرو جولئين سورل جيڪو هڪ من موجي شخص آهي، تنهن کي پنهنجي شروعاتي زندگيءَ ۾ ئي ڪنهن اهڙي ڪاروبار جي چونڊ ڪرڻي آهي جنهن ۾ ڪيس زبردست فائدو هجي. هن هيري جو تعلق جنگ ڪان پوءِ جاول نسل سان آهي، ڪيس پنهنجي هڪ ٻالپڻ جي دوست ڪان نٽپولين جي دؤر جون خبرون پون ٿيون، جيڪو فوج جو پينشن ڪٽندڙ هڪ رٽائرڊ ڊاڪٽر آهي. جيتوڻيڪ ان وقت سڄي يورپ مٿانفرانس جو جهنڊو جهولي رهيو هيو، پر جنهن وقت ۽ جتان ڪهاڻي شروع ٿئي ٿي ان وقت ملڪ ۾ امن ۽ آشتي هئي. نٽپولين ملڪ بدر ڪيو ويو هيو ۽ فرانس تي ڪليسا جي هٿ وسيڪي هڪ رجعت پسند ڏُر حڪومت ڪري رهي هئي. تنهنڪري ناول جو خاص ڪردار جوليئن ڪليسائي زندگيءَ کي، پنهنجي آئيندي جي لاءِ ترقيءَ جي ڏاڪڻ سمجهي اختيار ڪري ٿو.

اڳتي هلي ٿئي ايئن ٿو، جو جولئين کي ڪوبه ڪليسائي عهدو ته ڪونه ٿو ملي، پر پنهنجي اباڻي شهر ۾ رهندڙ هڪ سوداگر جي پُٽ جي اُستاديءَ جي ذميواري قبول ڪندي زندگيءَ جي شروعات ٿو ڪري. اڳتي هلي هو بيسانڪن جي ڪليسائي مدرسي ۾ داخلا ٿو وٺي پر ستت ئي پيرس جي هڪ اعليٰ سردار جو سيڪريٽري بڻجي وڃڻ ڪري، ڪليسا کي الوداع ٿو چئي. جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان پوءِ هو مسلسل ڪارو لباس اوڍيندو ٿورهي ۾ اُن کي "هلندڙ صديءَ جو يونيفارم" قرار ڏئي ٿو.

بهرحال پُڇاڙي کان پهرين سندس مالڪ 'مارڪوئيس دي لامول' ڪيس پنهنجو نائي بٹائيندي هن لاءِ فوج ۾ ڪميشن حاصل ٿو ڪري وٺي. اهڙي طرح ان کان پهرين جو صورتحال اها وڃي بيهي، جو پنهنجي ڪنهن گُٽي ڪم جي ڪري پينگ ڪري ڇڏي، قتل جي الزام ۾ مٽس ڪيس ٿو هلي جنهن آخرڪار سزا ٿو ڪائي ۽ ڳاڙهو رنگ هڪ علامتي انداز ۾ ظاهر ٿي پوي ٿو.

جوليئن سورل جي هونئن ته هڪ عاشق هيري سان مشابهت آهي. پر پنهنجي ٻچاپڙائپ ۽ مُنافقت جي ڪري هو نيارو به آهي. ڇو ته ڪرستاني ڪلب جي هڪ معمولي خادم جي حيثيت ۾، هو پنهنجن هوس پرستيءَ وارن ارادن کي لڪائڻ ضروري سمجهندو هيو. رڳو عورتون ئي انهيءَ پراسرار لبادي ۾ لڪل سندس "عظمت" کي سمجهي ٿي سگهيون. هڪ ٻئي کان ٻن مُختلف عورتن کي ناول ۾ شامل ڪندي ۽ کين ترتيبوار هيري جي محبت ۾ قاسجندي ڏيکاريندي، استنڈال درحقيقت پنهنجي هم عصر ناول نگارن کان مٽيل انداز اختيار ڪيو آهي.

اٺويهين صديءَ ۾ بالزاڪ، فلابيئر ۽ زولا جهڙن اُتم ناول نگارن جا انتهائي شاندار ناول ڇپجي پڌرا ٿيا، پر انهن سيني ۾ وڌيڪ اهميت استنڈال جي "ڳاڙهي ۽ ڪاري" نالي ناول کي هئي. پوءِ به شروع ۾ ته پڙهندڙ ڏاڍا نااُميد ٿيا ڇاڪاڻ جو جوليئن جو ڪردار کين سمجهه ۾ نٿي آيو، جيڪو ڪنهن هنڌ ته وٽندڙ ۽ سهڻو ٿي لڳو ۽ ڪٽي انتهائي بي درد ۽ بي ايمان نظر ٿي آيو. سندس ڪردار هڪ اهڙي ماڻهوءَ جو ڇڻُ ٿو ڇڻي، جيڪو سماج سان تضاد ۾ آيل آهي ۽ مٽس پنهنجي ڪردار جي سگهه جي زور تي قابض ٿيڻ گهري ٿو. ڪيس ملڪيت جي لالچ ۽ نه وري ڪنهن سماجي رتبي جي لوڙهه آهي، پر پوءِ به هو شدت سان اثر انداز ٿيڻ گهري ٿو.

هن سگهاري ڪردار جي سرجڻهار جو نانءُ هينري بيل جي اڪرن سان سچاتل آهي، جنهن پنهنجن ڪتابن ۾ جرمن پوليءَ جوفرضي نالو استنڈال ڪم آندو آهي. هو پنهنجي ناول جي هيري جولئين کان مختلف خاصيتن جو مالڪ هيو ۽ سچ ته اهو آهي ته سندس شروعاتي ناولن جا هيرا هُن جي خواهش جا اولڙائي ته آهن! ڇو ته اُهي سڀ سُهٽا، شخصي ڪشش، همٽ، برداري ۽ مال ملڪيت رکندڙ رتبي وارا شخص آهن ۽ اهي خوبيون ناول نگار جي پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شخصيت ۾ بالڪل نہ هُيون.

استنڊال جڏهن "ڳاڙهو ۽ ڪارو" ڪتاب ڇپرايو تہ اُن وقت سندس عُمر پنجاهه جي لڳ ڀڳ هئي، ڇا لاءِ جو سندس عمر جڏهن جو سال 1783ع بڌايل آهي. يعني تقريباً ٻہ سؤ سال پهرين سندس جڏهن 'ڪرينويل' جي رهاڪو هڪ آسودي خاندان ۾ ٿيو. جيتوڻيڪ هو پنهنجي ابي جو اڪيلو پٽ هجڻ سان گڏوگڏ مالي طور تي نيڪ ناڪ هيو پر، ٻالپڻي ۾ ئي پنهنجي منڙي امڙ جي جُدائي ڪارڻ سندس نندپڻ ڏاڍو ڏکارو گذريو. پوءِ ٻہ سورنهن سالن جي ڄمار ۾ علم حساب ۾ هوشيار هجڻ سبب هو پئرس جي "ايڪول پوليٽيڪنڪ" اداري ۾ هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ داخل ٿيو. 1799ع ۾ جڏهن نپولين هڪ فوجي انقلاب ذريعي فرانس جو حاڪم ٿيو، تہ بيل (استنڊال) فوجي نوڪري ڪندي 'آلپس' جي پرينءَ پرتي اُتر اٽلي وڃي وسايو، جيڪو ڪجهه ڏينهن اڳ نپولين فتح ڪيو هو. ٽورڙي ئي عرصي ۾ اٽلي جي ڏرتيءَ مٿس اهڙو جادو ڪيو، جو هو سندس محبت ۾ گرفتار ٿي ويو. اٽليءَ جي اڏاوتي فن جي نموني؛ موسيقي توڙي راڳ ۽ زائفن جي تہ ڳالهه ڇڏيو پر ٻهراڙين جي سڪون پريل سانت ٻہ سندس سرير تي سحر ڪري ڇڏيو. اٽليءَ جي باري ۾ منجهس اهو اُتساهه مرڻ گهڙي تائين قائم رهيو.

پوءِ جا پندرهن ورهيه هو ٻين فرينچ نوجوانن وانگر نپولين جي لاري لڳو رهيو. پر لڳي ايئن ٿو تہ نپولين جي ڪيل جنگ ۾ بهرحال هو شريڪ ڪونہ ٿيو، اهڙو تفصيل هن پنهنجي ٻئي ناول La Chartruse de Poarme ۾ ڏنو آهي.

اهو ئي دور آهي جنهن ۾ لومبارڊي، آسٽريا جي ڏن پرو رياست هئي. بيل جا انهيءَ مهل اٽليءَ جي وطن پرستن ماٿهن سان انتهائي ويجها ناتا هئا، جيڪي قومي آزاديءَ ۽ بڌيءَ ذريعي صلاح مشورن ۾ مشغول هيا. جنهن ڪري آخر ڪار "اٿوٽندڙ شخصيت" قرار ڏيندي ڪيس فرانس موڪليو ويو. عين انهيءَ دور ۾ هن پنهنجي آمدنيءَ ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ لکڻ شروع ڪيو ۽ اٽليءَ جي تمثيل نگار روزيني جي جواب ۾ هڪ ڪتاب، اٽليءَ جي باري ۾ سفر نامو، هڪ ناڪام ناول Armance جي نالي سان ۽ آخر ۾ انوکو شاهڪار "ڳاڙهو ۽ ڪارو" لکي ورتا.

هيءُ ڪتاب 1830ع ۾ حڪومتي انقلاب کان پوءِ سال جي پچاڙيءَ ۾ ڇپيو. استنڊال جنهن جو نئين انتظاميه ۾ چگو خاصو اثر هئو، تنهن سندس لاءِ اٽليءَ (جيڪو ان وقت يورپ جو ماتحت هيو) جي هڪ نندي بندرگاهه لُسيوٽا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويشيا ۾ فرانسي سفارت ڪار جي عهدي جو بندوبست ڪيو. هن ننڍڙي بندرگاھ تي ٽڪائيندڙ زندگيءَ کي سفل ڪرڻ لاءِ هن هڪ ٻيو ناول Lun-cien Luwan لکڻ شروع ڪيو. جنهن ۾ هڪ امير بئنڪر جي پٽ جي فوجي ۽ غير فوجي مُهمن جو ذڪر ڪيل هيو. پر سگھوئي ان مان دلچسپي ختم ٿيڻ ڪري ناول اڌورو رهيو. انهيءَ جڳھ تي هُن پنهنجي جيون ڪٿا Lavie de Hencr Brulond جو نالي سان لکڻ شروع ڪئي، جنهن ۾ پهريون گھمرو اتلي ۾ رهندي حالتن ۽ احساسن جو تجزيو ڪيو ويو.

فرانس ۾ موڪلن جي پُڄاڻي تي اسٽينڊال پنهنجو هڪ ٻيو شاهڪار Carcateruse de Parma لکيو، جيڪو ڪيترن ئي پڙهندڙن جي خيال ۾ سندس لافاني ڪتاب "ڳاڙهي ۽ ڪاري" کان ب بهتر آهي. ڇو جو ان ۾ ڪرّاڻ ۽ شدت گھٽ آهي پر ڏک ۽ پيڙا کي تفاصيل ۽ شگفته انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. سندس انهيءَ ناول جا هڙئي ڪردار اتليءَ جا آهن، جڏهن ته ان کي فرانسي ٻوليءَ ۾ ليکو ويو آهي، جيڪا پڻ هڪ اضافي خوبي تسليم ڪئي ٿي وڃي. تواريخ ۾ جيئن جوزف ڪونراڊ انگلئنڊ کي پنهنجو وطن قرار ڏنو هيو. تيئن اسٽنڊال پنهنجو پاڻ کي اتليءَ سان سلهاڙي ڇڏيو هيو.

سندس هن ناول جي ڪهاڻي جو هيرو نٽپولين جو مداح آهي. جڏهن ڪيس خبر ٿي پوي ته پنهنجي جلاوطن آڪيري يعني ايلبا جي ٻيٽ کي ڇڏيندي هو عظمت پريو انسان (نٽپولين) پنهنجي هاريل راڄ کي حاصل ڪرڻ لاءِ آخري بازي هٽي ڇڪو آهي، ته سورنهن سالن جي ننڍڙي وهي هُجڻ جي باوجود، هو پنهنجون خدمتون آڇڻ لاءِ نٽپولين ڏانهن پُرس پنڌ ٿو پوي.

اڳتي هلي انهيءَ ڪردار جي حياتيءَ جو انتهائي سکن پريو سمو سامهون اچي ٿو. ڇاڪاڻ جو هو پهريون دفعو جيل جي گورنر سيليا جي ڌيءَ سان عشق جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي ٿو وڃي. ناول جي هيروئن جينا ڏاڍا ڏيئي کيس ڪمند کي لڪائي ڪٽي اچڻ لاءِ راضي ٿي ڪري، جنهن جي مدد سان هو گنبڊ جي مٿان ٽهيل پنهنجي ڪمري مان هيٺ لهي ٿو اچي.

بهرحال ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي ڪا چڱي ڪونهي. هيرو فيبرس لڪندو ڇپندو جينا سان گڏ سئيٽزرلينڊ پهچي ٿو وڃي، پر جڏهن کيس سڌ ٿي پوي ته هو ساٿس نه پر سيليا سان محبت ٿو ڪري، ته هوءَ مايوسي ۽ ڪاوڙ ۾ چتي ٿي پوي ٿي...

استنڊال هن ناول يعني La Chartreuse de parma جي ڇپجڻ کان پوءِ فقط ٽي ورهيه جيئرو رهيو. پنهنجي جيئري ئي هن ڏاڍي پاڻوهه منجهان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بالزاڪ جو سندس ڪتاب تي لکيل تبصرو پڙهيو ۽ ڏاڍو خوش ٿيو. پر سندس دور جي ٻين دانشورن جي هڪ معمولي ٽورائيءَ بالزاڪ جي راءِ کي ٽيڪ ڏني، جڏهن ته گهٽڻ جو رويو نامناسب رهيو. اها ڳالهه خود استنڌال لاءِ حيرت جوڳي نه هئي، ڇو ته هو واري واري سان چوندو هيو ته منهنجي موت کان پوءِ صديءَ پچاڻان مون کي چگي طرح سمجهيو ويندو. بهرحال جيڪا ڪيس سَڌ هئي انهيءَ جو هن کي حق ٻه پهتو ٿي. هردور ۾ هڪ ٽورائي ڪيس ضرور چاهيندي رهندي. جنهن ٽورائي لاءِ هن پنهنجو ڪتاب: "ڪجهه ياڳ وارن جي نالي" اربڻ لاءِ سوچيو هوندو. اڄ سڄي دنيا ۾ سندس اهي "ياڳ پريا" هڪ وڏي خلق جي شڪل اختيار ڪري چڪا آهن. جن لاءِ استنڌال جي ڪاب اهڙي لکڻي ڪانهي جنهن کي نظر انداز ڪري سگهجي، ڇو جو هر هنڌ اسين انهيءَ گستاخ ۽ ڦٽڪار سان پريل، جوش جذبي واري آواز جو پڙاڏو ٻڌون ٿا، جيڪو وقت جي هيڏي وڏي وڇوٽيءَ جي باوجود اسان تائين شدت سان پهچي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



آرٿر شوپنهار

جنم: 22 فئبروري 1788ع
لاڌاڻو: 1، سيپٽمبر 1860ع

چوندا آهن تہ پنهنجي دؤر جون عظيم شخصيتون اُنهيءَ دؤر جي حالتن جو مجموعي اظهار هونديون آهن. چاڪاڻ جو سندن هٿ تواريخ ۽ سماج جي مڙني رخن ۾ ڦهليل رهڻ تي رکيل هوندو آهي.
ممڪن آهي تہ اها راءِ ڪن جڳهن تي غلط به ثابت ٿئي، پر جرمنيءَ جي ڏُک درسي فيلسوف آرٿر شو پنهار جي حوالي سان سؤ فيصد سچي ٿي لڳي. هو جڏهن سوچ جي سرزمين تي نکري نروار ٿيو، تہ سڄي يورپ تي ٻي مهاياري لڙائيءَ کان پوءِ جهڙي صورتحال چانيل هئي. فرانس جو عظيم انقلاب بظاهر ناڪام ٿي چڪو هئو، نپولين سينٽ هيلينا ۾ قيد ٿيل هئو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄي يورپ جا جاگيردار ڪر موڙي پنهنجي سگهه واپس حاصل ڪرڻ لاءِ اُٿي رهيا هئا. نپولين ۽ سندس مخالفن جي وچ ۾ جنگين، سڄي يورپ کنڊ جي چهري کي بربادي‌ءَ جي باهه ذريعي داغدار ڪري ڇڏيو هئو. نتيجي ۾ انساني زندگي ايتري ته سطحي ۽ ڏکوئيندڙ بڻجي چڪي هئي، جو انهي‌ءَ جو تصور ڪندي بدن ۾ سياڻو پئجيو وڃي.

هوڏانهن علمي، ادبي ۽ سماجي طور تي پڻ چئني طرفن مايوسي نظر پئي آئي. انگلنڊ جو اداس شاعر لارڊ بائرن، فرانس جو ويڳاٽو ڪوي ڊي موسي، جرمني‌ءَ جو پُرڪٽو راڳي هائيني، اٽلي‌ءَ جي مايوسين جو آواز ليوپار دي ۽ روس جي ڏکن جو داستان پُشڪن ۽ لرمنتوف شاعري‌ءَ ذريعي سڄي کنڊ جي زخمن جي دانهن بڻجي پيدا ٿي پيا هئا، ته ٻئي پاسي راڳ ودياپرشوبرٽ، شوپن، شوان ۽ بيٿوون روح جي راڙي کي، سُرن جي سات ۾ پيش ڪري رهيا هئا.

مطلب ته چئني طرفن ايترو ته ياس ۽ نااُميدي هئي جو 'ول ديورانٽ' چواڻي: ماڻهن خدا جي وجود تي شڪ ڪرڻ شروع ڪيا هئا، چاڪاڻ جو بقول سندن خدا ايترو ظالم نڪو ٿي سگهي، جو هيڏي انياءَ ۽ ڏاڍ کي مسلسل برقرار رکي.

فيلسوفي‌ءَ جي دنيا ۾ وڏا نانوَ جهڙوڪ: ڪانٽ، هيوم، ڪنڊيلاڪ، برڪلي، والٽيئر ۽ روسو پرلوڪ پڌاري ڇُڪا هئا، جڏ ته ڪنهن نئين عظيم شخص جي لاءِ اسٽيج تيار ٿيل هئي. جيتوڻيڪ هن اِسٽيج پرسان سينگاريل هڪ ٻئي محفل، عظيم هيگل جي سات سان سُرخرو هئي، ۽ مارڪس جهڙا مهان مفڪر اسري ۽ پهريان قدم کڻي رهيا هئا، پر حالتن جي گهري چيخ بڻجي آرٽر شو پنهار آيو ۽ فڪر جي دنيا تي چانڊجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو. چاڪاڻ جو هو ان دور جي اندر جو آواز بڻجي اُپريو هئو. هن جرمن عقليت پسندن، برطانوي تجربيت، تاثريت ۽ عينيت پسندن ۽ فرانسيسي رومانويت جي وڪيلن جي خلاف هڪ سگهارو آواز بلند ڪري، زندگيءَ جي چسپائي ۽ ڏکاري پهلوءَ کي، ايتري تہ شدت سان نروار ڪيو، جو فڪر جي تواريخ ۾ سندس نالو ذهانت ۽ فصاحت جي ڪري امر ٿي ويو.

آرٿر شو پنهار جي فيلسوفيءَ ۾ عقل يا سمجھ (Intellect) کي ثانوي ڄاڻايو ويو آهي. جڏهن تہ وجداني ڪيفيتن ۽ زماني جي ڏنل گهرن گهاون جي نتيجي۾، اندر مان اُبري نڪتل ارادو يا وس (Will) هر تحرڪ ۽ مثبت ترتيب جي جَڙ ڳڻايل آهي. هو پنهنجي مشهور ڪتاب 'دنيا جو ارادي ۽ تصور وارو روپ' ۾ چوي ٿو:

"عقل رڳو پرڏيهي وزير آهي جنهن کي فطرت فردن جي خدمت لاءِ پيدا ڪيو آهي. جنهن ڪري اهو شين کي جڙ ۾ نہ پر مٿاڇري سطح تان محسوس ڪري ٿو. ارادو ذهن ۾ واحد اڻ مَٽ ۽ لافاني عنصر آهي، جيڪو شعور کي متحد ڪري ٿو، سندس تصورن ۽ سوچن کي جمع ڪري ٿو ۽ کين هڪ مستقل ترتيب جي لڙيءَ ۾ پوئي ٿو."

"ذهن جون شاندار خاصيتون ساراه تہ حاصل ڪري سگهن ٿيون پر پيار ڪڏهن بہ نہ- هر مذهب ثواب ملڻ جون ڳالهيون ڪري ٿو، پر اهو دل يا ارادي جي اتم هجڻ ڪري- نہ ئي عقلمند هجڻ ڪري."

سندس ئي خيال آهي تہ ذهن ٽڪجي ٿو، پر ارادي جي جڙ، يعني دل ننڍ توڙي جاگ ۾ سرگرم ٿي رهي، جنهن ڏينهن اها ٽڪجي ٿي تہ زندگي بہ ٽڪجيو پوي. ٿورڙن لفظن ۾ هن جڙ تہ سنڊ ۾ پيدا ٿيل پنهنجي هم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عصر، حضرت پٽائيءَ جي هن بيت جي وضاحت پئي ڪئي: "سونهپ ۾ سپ گهٽا، منجهڻ ماکي هوءِ."
عام طور تي شوپنهار کي دک درسي (Passimist) سڏيو ٿو وڃي، چاڪاڻ جو سندس ڳالهيون زندگيءَ جي عام گهرجن کان وڌيڪ احساسن ۽ اڏمن ۽ وارتائن جي وکالت ڪن ٿيون، پر حقيقت ۾ هو پنهنجي دؤريءَ حالتن جو بهترين اولڙو آهي. يورپ ۾ ان مهل سندس اهڙي ۽ ايتري گهرج هئي، جهڙي ۽ جيتري بي مهاياري لڙائيءَ کان پوءِ سارتر جي- جنهن دراصل انسانذات جو پنهنجي هٿان ٿيندڙ قتل جو اهڙو تجزيو ڪيو، جو هر ماڻهوءَ ان کي جڙ ته پنهنجي روح جو زخم سمجهي واکاڻيو.
موجوده دؤر ۾ سنڌ جي سوچ کي پڻ سچائيءَ جي سگهه جي ضرورت آهي. پلي ته اها اٿوٽندڙ نتيجا چو نه ڏسي ۽ داخلي خواهشن کي اٽپورو چو نه ٻڌائي، پر حقيقت هيءَ آهي ته اها راه ئي آخرڪار اسان کي اسان جو صحيح چهرو ڏيکاريندي. ياد رکڻ کپي ته نقصان ۽ فائدو آبادي توڙي بربادي فطرت جي مقرر اصول تحت ملي ٿي. جيڪي قومون جنهن ڪسوٽيءَ تي پوريون لهن ٿيون انهن کي اها ئي حاصلات ٿئي ٿي. اهڙي حقيقت پسندي سرجڻ لاءِ ضروري آهي ته اسين دنيا جي مڙني علمن ۽ عالمن کي پڙهون، ته جيئن پنهنجي راه چونڊڻ مهل ذهني فضيلت ۾ هجون. شو پنهار بابت هيءُ ترجمو انهيءَ نقطئه نظر جي عڪاسي ڪري ٿو.

- سنڌيڪار

آرٿر شو پنهار جو جَمُ 22 فيبروري 1788ع تي الهندي جرمنيءَ جي هڪ شهر 'دانزگ' ۾ ٿيو. سندس پيءُ جيڪو هڪ هوشيار واپاري هئو، سو پنهنجي طبيعت ۾ ڪاوڙ، سوچ ۾ انفراديت ۽ تخيل ۾ آزاديءَ جي اٿاه جذبي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سبب ڏاڍو مشهور هئو. جڏهن ننڍڙو آرٿر فقط 5 ورهين جي ڄمار جو هئو، تہ سندس والد دانزگ مان لڏي مشهور شهر 'هئمبرگ' ۾ اچي ويٺو. ڇاڪاڻ جو دانزگ جو شهر 1792ع ۾ پولينڊ جي قبضي هيٺ اچڻ کان پوءِ پنهنجي آزادي وڃائي ويٺو.

نوجوان شوپنهار جنهن جي اوسر واپار ۾ ناڻي واري ماحول منجهه ٿي، تنهن پنهنجي والد جي چوڻ تي عملي زندگيءَ جي شروعات ۾ اتان ئي ڪئي. جيتوڻيڪ ستت ئي وٽج واپار وارو وهنوار ڇڏي ڏنائين، پر تڏهن ۾ انهيءَ مٹدان جا اثر، جهڙوڪ: نماڻائي، ذهني حقيقت پسندي، ماٺهن بابت ڄاڻ، دنيا بابت لکل شعور جي شڪل ۾ منجهس پوءِ ۾ موجود رهيا. تنيجي ۾ هو ڪڏهن ۾ ڪنهن تدريسي فيلسوف واري حيثيت ماڻي نہ سگهيو ۽ اها حقيقت ۾ آهي تہ اها ڳالهہ يعني مدرسيت کيس وٺندي ۾ ڪونہ هئي. سندس آتم ڪٿا مان سڌ پوي ٿي تہ آرٿر شو پنهار جي والد آتم هتيا ڪري، 1805ع ۾ هيءُ جهان ڇڏي ويو. جڏهن تہ سندس ڏاڏيءَ جو ڇالاٽو چريائپ واري حالت ۾ ٿيو.

شوپنهار پنهنجي ڪتابن ۾ لکيو آهي تہ، ڪيس ارادي جي مضبوطيءَ پيءُ جي طرف کان ۽ ماءُ طرفان ڏاهپ جي سوڪڙي ملي. سندس والده پنهنجي دؤر جي هڪ سياڻي ۽ ذهين عورت هئي ۽ پنهنجي وقت جي ناول نويسن ۾ سندس ڳاڻاٽو ٽيندو هئو، ڇاڪاڻ جو سندس طبيعت ۾ دانائي ۽ احساس جو وٽندڙ سنگم ٽيل هئو. مائيءَ جي مُنڊ کان ئي مڙس سان ڪا گهٽي پَوَتِ ڪانہ هئي، تنهن ڪري جيئن ئي مڙسهس جو مرتيو ٿيو تہ آزاد خياليءَ جو مظاهرو ڪندي، لڏي وڃي 'ويمر' جي شهر ۾ ويٺي، جتان جي آب و هوا ۽ ماحول کيس وڌيڪ يانءِ پوندو هئو. پر ماءُ جي اها آزاد خيالي آرٿر کي ڪونہ وٺندي هئي. تنهن ڪري وقت بوقت ساٿس ڏاڏا مُهاڏا اتڪايائين ۽ پنهنجي ماءُ سان شيڪسپيئر جي ڊرامي ۾ 'هيملٽ' جي ڪردار طرفان، ماٺس جي ٻيءَ شاديءَ جي ڪري اختيار ڪيل سخت ورتاءَ جهڙو رويو اختيار ڪيائين. ماءُ سان انهيءَ اٿٻٽ ۽ ناڪاهيءَ عورتن بابت کيس انهن اڌورين سڃائين تائين پهچايو، جيڪي سڄي عمر سندس فڪر مان پنهنجي جهلڪ ڏيندیون رهيون. اهڙين ڳالهين جي سڌ ماٺس طرفان ڏانهس لکيل پتر مان ۾ پڌري آهي، جنهن ۾ هن لکيو آهي:

"تون نہ رڳو برداشت ڪرڻ ڪان ٻاهر آهين، پر هڪ فالتو ٻوجهو ۽ آهين، جنهن سان گذران ڪرڻ ڏاڍو اڪو آهي. تنهنجون هڙئي خوبيون هڪ طرف ۽ طبيعت ۾ هَٿُ ٻئي طرف. انهيءَ صورتحال ۾ تون دنيا لاءِ ڪنهن ڪم جو ناهين، ڇو تہ تون ٻين جو هنيانءُساڙڻ ۽ سندن عيب اگهاڙڻ کان سواءِ زنده رهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نٽو سگهين."

انهيءَ ماحول ۾ هنن جو هڪ ٻئي سان گڏ رهڻ مشڪل هئو، تنهن ڪري سُتت ئي جدا رهڻ جو فيصلو ڪيائون. البت اهو طئي ڪيائون ته شوپنهار مهيني ماسي ماءُ وٽ وڃي، ڏينهن ٽاري ڪنهن مهمان وانگر واپس ورندو. نتيجي ۾ ٻئي هڪ ٻئي سان الهراسين وانگر ملندا هئا، جنهن ڪري منجهائن ڪڏهن ب رت جي رشتي يا مٽاچاريءَ جي بوءِ ڪانه آئي. انهيءَ وچ ۾ گوئٽي اهو چئي ته:

"آرٽر کو معمولي چوڪرو نه هئو، اهڙو ڏينهن ضرور ايندو جو سندس نانءُ دنيا ۾ ڳائبو." جڏ ته باهه تي گاسليٽ جو ڪمر ڏنو. ماٽس جنهن اول ئي سمجهيو پئي ته هڪ ٻيلي ۾ ٻه شينهن نه رهي سگهندا، سا نينهن پاڻ تي قابو نه رکي سگهي ۽ هڪ ڏينهن آرٽر سان زبردست جهيڙو ڪندي ڏاڪڻ تان ڌڪو ڏيئي هيٺ ڦٽو ڪيائينس. انهيءَ بي عزتيءَ تي آرٽر ڪاوڙ ۾ اچي ڪيس ساڙڻ لئه چيو:

"پرواهه نه ڪر! اهڙو ڏينهن ضرور ايندو جڏهن تواريخ ۾ فقط توکي ان لئه سُڃاتو ويندو جو تون شوپنهار جي ماءُ هوندينءَ."

انهيءَ مامري کان پوءِ هو سُتت ئي ويمر ڇڏي ويو. توٽي جو بعد ۾ يڪا سارا ويهه ورهيه سندس ماءُ جيئري رهي پر هن يا حياتي سندس منهن ٻيهر ڪونه ڏٺو. تواريخ ۾ اهڙو ٻيو مثال لاردِ بائرن جو ملي ٿو جنهن جا پڻ ماءُ سان لاڳاپا اهڙا ئي خراب رهيا. لڳي ايئن ٿو ته مائرن سان اهڙن لاڳاپن جي ڪري هو سڄي عمر دُک درسي (Passimist) رهيا. جنهن ماڻهوءَ ماءُ جي محبت نه ڏٺي هجي، اٽو ڪانئس نفرت پلئه پئي هجيس تنهن لاءِ اهڙو ڪو ب جواز باقي نٽو رهي، جو هو بيوقوف بڻجي وتي دنيا کي محبت جا درس ڏيندو.

انهيءَ ڇڪتاڻ هلندي ئي شوپنهار جمنازيم (جرمن اسڪول) ب پاس ڪري چُڪو هئو ۽ جيڪو ڪجهه نصاب تي مقرر ٿيل هئو، ان کان ب ڪافي قدر وڌيڪ سکيا حاصل ڪيائين. پر دنيا وٽان ڪيس طعنا ۽ مهڻا ئي تحفن جي صورت ۾ حاصل ٿيندا رهيا. جنهن جو اهو نتيجو نڪتو جو نه فقط سندس ڪردار تنقيد هيٺ آيو، بلڪ ان جا اثر سندس پوري فيلسوفيءَ تي چٽا پٽا ڏسڻ ۾ ايندا.

هو هڪ فرد جي حيثيت ۾ وياڪل، خشڪ طبع (رُکو) ۽ شڪي مزاج رکندڙ انسان بڻجي پيو ۽ پورالي طبيعت سان گڏوگڏ مختلف قسمن جي خوفن ۽ وهمن ب اچي منجهس واسو ڪيو. انهيءَ جو اندازو انهن ڳالهين مان لڳايو، جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو پنهنجو تماڪ پيئڻ وارو پائيپ هميشہ تالي هيٺان رکندو هئو ۽ نہ وري ڪڏهن حجم جي پاڪيءَ تي اعتبار ڪندي، ڪنهن سئلون جو رخ ڪيائين. جڏهن تہ گولين سان پريل پستول، سمهڻ مهل سدائين سندس وهاٽي هيٺان رکيل هوندو هئو. شايد ڪيس هر وقت ڪنهن چور چڪار جو خطرو رهندو هوندو.

ڪيس گوڙ ۾ هُل انتهائي ناپسند هئو، هڪ هنڌ لکي ٿو: "مان گهٽي سوچ ۽ ويچار کان پوءِ ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ اهو ماڻهو جيڪو گوڙ ۾ شور ۾ دلچسپي رکي ٿو، سو قطعي طور تي پنهنجي ذهني صلاحيتن جي خلاف ڪم ڪندو هوندو، جنهن ڪري ڪيس عدم توازن جو شڪار ٿيڻ جي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو.... گوڙ هر دؤر ۾ ڏاهَن ماڻهن لاءِ اذيت جو باعث بڻيو آهي... طاقت جو حد کان وڌيڪ استعمال، جيڪو اڪثر هلي ڪڙڪي، ٽَڪ ٽَڪ ڪرڻ، نچڻ ٽپڻ جي صورت اختيار ڪري ٿو، تنهن سڄي عمر منهنجو آرام ڪسيو آهي." اها حقيقت آهي تہ منجهس تسليم نہ ٿيل عظمت جو شديد ڏڪ هجڻ کان سواءِ، لاحاصل ڪاميابي ۽ شهرت جو احساس موجود رهيو، تنهن ڪري ڪڏهن ڪڏهن هو پنهنجو پاڻ تي ڪامندو ۽ پچرندو ٻہ هئو.

هو نہ فقط بي گهر هئو پر ڪيس زال، ماءُ، پار، ڪٽنب ۽ وطن جهڙي ڪا به شئي حاصل نہ هئي. بقول نٽشي: "هو بلڪل اڪيلو هئو، ايتري قدر جو سندس ڪو دوست ٻہ نہ هئو ۽ اها تہ حقيقت آهي تہ هجڻ ۽ نہ هجڻ جي وچ ۾ سواءِ خلا جي ٻيو ڪجهہ نہ آهي". شوپنهار قومپرستيءَ جي باري ۾ گوئٽي کان ٻہ وڌيڪ صوفي ماڻهو هئو، پر 1812ع ۾ جرمن فيلسوف 'فڪٽي' جي چوڻ تي، هو هڪ وار نپولين جي خلاف، رضاڪارانہ طور تي قومي آزادي جي جنگ ۾ شامل ٿيو. انهيءَ مقصد لاءِ هن هڪ هٿيارن جو سيٽ ٻہ خريد ڪيو، پر ست ئي سندس هوش جاءِ تي اچي ويو ۽ چوڻ لڳو:

"جا ٻہ هجي پر نپولين اسان کي ايترو ڪجهہ ضرور ڏنو آهي، جنهن کي اسان مستقل مزاجي ۽ راءِ جي آزاديءَ جو نالو ڏئي سگهون، جيڪا بهرحال اسان کي ذاتي فائدن ۽ دڳهي حياتي ماڻڻ لاءِ زور ڀريندي رهي ٿي. پر افسوس جو اسان سڀ اهو محسوس ڪندي ٻہ ان جار ۾ ڦاسندا رهون ٿا." آخرڪار هن جنگ کي بي ڪار ۽ بي فائدو سمجهندي، ڏاهپ جو سفر اختيار ڪيو ۽ فيلسوفيءَ ۾ ڊاڪٽري جي ڊگري لاءِ مقالو لکيائين، جنهن جو نالو "پوري پُني دليل جي چوٽي جَڙ بابت" (On the fourfold root of Sufficient Reason) رکيائين. هن ڪتاب تي شوپنهار ايڏي محنت ڪئي، جو سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بعد جون لکٹيون ٿ رڳو انهيءَ تي تبصرا ٿا لڳن.

هن ڪتاب کي پورو ڪرڻ کان پوءِ، هن پنهنجو سڄو ڏيان ۽ صلاحيتون پنهنجي شاهڪار ڪتاب 'دنيا جو تصور ۽ ارادي وارو روپ' نالي ڪتاب جي بلي ڪري ڇڏيون، جنهن جو مسودو ڇپائيندڙ کي موڪلڻ مهل هُن لکيو: "هيءُ ڪتاب پراڻي فڪر جو ورجاءُ نه، پر منفرد فڪر جو انتهائي جامع روپ رکندڙ تحرير آهي. جنهن ۾ هر شئي ڇڻي، سگهاري ۽ سهڻي آهي. هي ڪتاب اڄ کان پوءِ سوين ڪتابن لاءِ راهون روشن ڪندڙ تخليق ۽ فڪر جي مسافريءَ جو سونهون ٻڌبو." جيتوڻيڪ اهو سڀ ڪجهه ظاهريءَ ٿ دل کي ڏوڏيندڙ اناپرستي ٿي لڳي، پر اصل ۾ هئو سمورو سچ. ايتري قدر جو سالن پڇاڻان ب هو پنهنجي ڪتاب جي باري ۾ ايڏو ٿ فخر ۾ پريل هئو، جو جڏ ٿ هن وڏي ڪيپ کڻي هئي.

سندس دعوائون هڪ طرف، پر اها حقيقت آهي ٿ اهو ڪتاب پڙهندڙن ۾ فوراً ڪا خاص دلچسپي پيدا ڪري نه سگهيو. سچ ٿ اهو هئو ٿ دنيا کي پنهنجي ذلت ۽ بربادي‌ءَ جي باري ۾ سوچڻ لاءِ ساهس ئي ڪونه رهيو هئو. ڪتاب جي ڇپجڻ کان سورهن سال پوءِ ڪتاب جي باري ۾ 'شوپنهار' کي اهي اطلاع مليا ٿ سندس ڪتاب جو وڏو تعداد رديءَ ۾ وڪيو ويو. سندس مشهور مضمون 'زندگيءَ جو خمير' ۾ هو پنهنجي ڪتاب جي حوالي سان 'لٽن برگر' جو حوالو ڏيندي چوي ٿو:

"هڙا ڪتاب جڏ ٿ آئينا هوندا آهن جنهن ۾ جيڪڏهن گڏهه پنهنجو روپ ڏسڻ گهرندو، ٿ ڪيس ملائڪ ٿ نظر ڪونه ايندو! جڏهن ڪنهن دماغ ۽ ڪتاب جو پاڻ ۾ ٽڪراءُ ٿئي ٿو ۽ جيڪڏهن ٻنهي منجهان ڪا شئي ڪوڪلي نظر اچي ٿ چا اهو ڪتاب هوندو؟" زخميل هَٽَ جي ڪيفيت ۾ لُڇندي هو وڌيڪ چوي ٿو:

"ماڻهو جيئن جيئن جهونو ٿئي ٿو، يعني جيئن جيئن منجهس ماڻهپو وڌي ٿو، تيئن تيئن هو پنهنجي همعصرن کان ڇڇڻ لڳي ٿو، چاڪاڻ جو سندس لکٹيون ٻين لاءِ ڇڪ ڪونه ٿيون رکن. پر اهڙي طرح سان هو اهڙي قسم جي دنيا پيدا ڪري وڃن ٿا، جن لاءِ هن جي تحريرن ۾ ڪين متاثر ڪندڙ ڪوبه رنگ نٿو اچي." ايڏا ب اڳتي هو آڪاڻين جي چالاڪ لومڙ وانگر فصاحت سان چوي ٿو:

"چا ڪنهن سلجهيل موسيقار آڏو سڪٽا تاڙا وڄائي ڪيس خوش ڪري سگهجي ٿو؟ ان هوندي ب جو ڪيس خبر هجي ٿ اهي تاڙا وڄائيندڙ هڙئي همراه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوڙا آهن! توڙي جو انهن پوڙن منجھ ھڪ اڌ پنھنجي انھي ڪمزوريءَ کي لڪائڻ لاءِ اُٽي سنڊس پڻيءَ ۾ ٽپي. انھيءَ مھل سنڊس حالت ڪھڙي ھوندي، جڏھن ڪيس خبر پوي تہ انھيءَ مسڪين موسيقار کي بي وقوف بڻائڻ لاءِ، پوڙن اصل ۾ رشوت ورتي ھئي." مسئلو ھي آھي تہ ڪن ماڻھن ۾ شھرت نہ ھجڻ ڪري خودپسندي اُسري پوندي آھي، جڏھن تہ ٻين منجھ ساڳي خاصيت ھڪ سخاوت ۽ربو تعاون پيدا ڪري وجھي ٿي.

1836ع ڌاري ھن پنھنجو مضمون 'فطرت ۾ ارادو' جي نانءَ سان شايع ڪيو، جيڪو سنڊس شاھپاري 'دنيا جو ارادي ۽ تصور وارو روپ' جي 1844ع واري ڇاپي ۾ ھڪ اضافي باب جي صورت ۾ شايع ٿيو. 1841ع ۾ ھن 'اخلاقيات جا ۽ بنيادي مسئلا' جي عنوان سان ھڪ ڪتاب لکيو، جڏھن تہ 1851ع ۾ ٻن جلدن تي ٻڌل Prerga at parlipom ena (پيداوار ۽ فنا جي ذريعي) جي نالي سا آيو، جيڪو بعد ۾ انگريزيءَ جي مضمونن جي صورت ۾ شايع ٿيو. پنھنجي ھن اٽڪ ڪاوش جو اجورو، ڪيس فقط ڏھ مفت ڪاپين جي صورت ۾ حاصل ٿيو. سچ پچو تہ اھڙي صورت ۾، ڪنھن ۽ ماٺھوءَ لاءِ اميد جو دامن ھٿ مان نہ ڇڏڻ تمام ڏکيو ڪم آھي.

ويمر شھر ۾ پھچڻ کان پوءِ فقط ھڪ ڀيري ھو مڪمل طور تي مطالعي کان پري رھيو. سو موقعو اھو ھئو جو ڪيس آسرو ھئو تہ ھو جرمنيءَ جي يونيورسٽيءَ ۾ پنھنجن خيالن کي پيش ڪري سگھندو، اھڙو موقعو ڪيس 1822ع ۾ ھٿ ۽ آيو، جڏھن ڪيس برلن يونيورسٽيءَ ۾ اھڙي ڪوٺ پڻ ملي. انھيءَ ڪوٺ جو فائدو وٺندي، ھن ھاسيڪار اھو وقت چونڊيو جڏھن عظيم ھيگل پڻ اتي اچي پنھنجو درس ڏيندو ھئو. سنڊس خيال ھئو تہ شاگرد ڪيس ۽ ھيگل کي ھڪ جيتري احترام سان ٻڌندا، پر شاگردن انھيءَ احترام جو مظاھرو بلڪل نہ ڪيو ۽ نتيجي ۾ شوپنھار رڳو خالي ڪُرسين کي ليڪچر ڏيندو رھيو. اھڙي صورتحال ۾ ھن استعيفا ڏيندي ھيگل تي زبردست چوھ چنڊي بدلي جي باھ ٽڏي ڪئي. سنڊس اھڙا ويچار ھن جي ڪتاب Chef, de Ceuvre ۾ ۽ درج ٿيل آھن.

اھو مسئلو اتي ئي ھئو جو اوچتو 1831ع ۾ برلن ۾ اچي ڪالرا جي وبا پيئي، جنھن ڪري ٻيئي فيلسوف ھيگل ۽ شوپنھار شھر ڇڏي وڃي ويٺا. پر افسوس جو ھيگل سگھو ئي واپس موٽي آيو ۽ بيماريءَ ۾ وڃي ويو. ھوڏانھن شوپنھار جو وڃي منھن ڏٺو تہ فرينڪفرٽ ڪان اورتي ئي ڪونہ ٻيٺو. جتي جيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي 72 سالن جا باقي ڏينهن پڻ گهاريائين.

شوپنهار هڪ باشعور دُک درسي (Passimist) هئو ۽ سڄي عمر ڪنهن به سک درسي (Optimist) وانگر اجائي آسري تي نہ رهيو، جيڪي فقط لکٹيون لکي ڏوکڙ ڪمائيندا هٹا. ان جي ابتڙ هن پنهنجي پيءُ واري ڪاروبار سان منڊ ڪان ٻي دلچسپي برقرار رکي، جنهن مان ڪيس ايترو ملي ويندو هئو، جو هو ان مان ڪنهن وچولي طبقي جي ماڻهوءَ جيتري ڪُشادي زندگي گذاري پئي سگهيو. هن پنهنجي موڙي ڏنڊي منجهه سيڙائٹ مهل، فيلسوفن واريون گهوماٽيون ڪونہ ڪاڌيون. جنهن جو هڪ ٿبوت اهو آهي، جو جنهن ڪمپنيءَ ۾ هن ڏوکڙ وڌا هٹا، ان جو ڏيوالو نڪتو تہ توڙي جو ٻين سڀني حصيدارن پنهنجي موڙيءَ جو 70 سيڪڙو حصو وڃائٹ تي راضپو ظاهر ڪيو، پر هو پورن پٹسن وڃائٹ واري پنهنجي مؤقف تي پختو ٻيڙو رهيو ۽ نيٺ قانوني حصو حاصل ڪيائين. وڃس ايتري موڙي پوءِ به هئي جو بوربنگ هائوس (جتي سندس باقي زندگيءَ جو 30 ورهيہ گذريا) ۾ ٻہ ڪمرا پاڻ وٽ رکي سگهيو. انهيءَ جڳهہ تي هو هڪ پونگڙي (جنهن کي هو 'آتما' جي نالي سان سڏيندو هئو) سان گڏ رهيو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ شهر جا بڙواتي، انهيءَ پونگڙي کي 'ننڍڙو شوپنهار' ڪري سڏيندا هٹا.

آڙٹر پنهنجي رات جي ماني اڪثر ڪري 'انگلشر هاف' ۾ کائيندو هئو جتي انگريز آفيسر عام جام ايندا هٹا. هو روزانو کاڌي کان پهرين پنهنجي ڪيسي مان هڪ سونو سکو ڪڍي ميز تي رکندو هئو ۽ ماني پوري ڪرڻ کان پوءِ ان کي واپس ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيندو هئو. نيٺ انهيءَ صورتحال تي ڪو بدذوق بيرو پاڻ تي ضابطو نہ رکي سگهيو ۽ هڪ ڏينهن موقعو ڏسي کائنس انهيءَ ڳالهہ جو اصل سبب پڇيائين. جواب ۾ شوپنهار ڪيس ٻڌايو، تہ هو روزانو انهيءَ ڪري ايٹن ڪندو هئو جو سندس دل ٻي دل ۾ شرط رکيل هئي، تہ جنهن ڏينهن اهي انگريز آفيسر ماني ورتائٹ دوران گهوڙن، ڪتن ۽ عورتن کان سواءِ ٻين ڳالهين تي بحث ڪندا، تہ هو انهيءَ کي يتيمن لاءِ خيرات واري ڊبي ۾ وجهي ڇڏيندو.

يونيورسٹين ۾ هميشہ شوپنهار کي نظرانداز ڪيو ويو تہ جيئن سندس ان خيال تہ: "ڏاهپ جي دنيا ۾ آيل واڌ تعليمي ادارن کان ٻاهر ٿي آهي." کي رد ڪري سگهجي. بقول نٹشي: سڄي جرمنيءَ جي علمي تواريخ ۾ ڪنهن ڏاهي به جرمن ادارتي عالمن تي ايتري شديد تنقيد نہ ڪئي آهي جيتري اڪيلي آرٹر ڪئي آهي. ان جي باوجود اها حقيقت آهي، تہ هو هڪ ٻُردبار شخص هئو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کيس پورو پورو ويساھ ھئو تہ دير سان ٿي سھي، پر ھڪ ڏينھن دنيا ۾ سندس نالو ضرور روشن ٿيندو. ٿيو بہ ايئن! جيتوٽيڪ کيس مشھور ٿيڻ ۾ دير ضرور لڳي، پر آخرڪار ھو ماڻھن جي ذھن تي ڇانئجي ويو. جنھن وقت سندس نالو دنيا ۾ ڳائجڻ لڳو تہ ھو ھروپرو ايترو پوڙھو بہ ڪونہ ھئو. پاڻ بابت شايع ٿيل تبصرا ھو ڏاڍي چاھ سان پڙھندو ھئو ۽ دوستن کي بہ چيو ھئائين تہ سندس لاءِ کين جتي بہ بہ اکر نظر اچن، تہ ھو کيس ٽپال رستي موڪلي ڏين، تہ ھو انھيءَ جو ٽپال خرچ بہ پري ڏيندو.

1856ع ۾ جرمن موسيقار واگنر کيس پنھنجي ڪتاب Der Ring der Nibelugin جي ھڪ ڪاپي موڪلي ڏني، جنھن ۾ شوپنھار جي علم موسيقيءَ بابت ڄاڻ جي ساراھ ڪيل ھئي. انھيءَ ڪري ھي عظيم دُک درسي حياتيءَ جي آخري ڏينھن ۾، ھڪ سک درسي بڻجي چڪو ھئو. رات جي مانيءَ کان پوءِ ھو بانسريءَ کي نھايت فنڪاريءَ سان وڄائيندو ھئو ۽ وقت جو ٽورائتو رھندو ھئو، جو ان کيس جوانيءَ جي بي لغام گھوڙيءَ تي ضابطي رکڻ جي سگھ بخشي ھئي. حياتي جي آخري ڏينھن ۾ دنيا جي ھر ڪنڊ مان ماڻھو سندس درشن لئہ پٹي آيا. 70 ورھين جي عمر ۾ سندس جنم ڏڻ تي 1858ع ۾ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان کيس مبارڪون مليون.


ان کان پوءِ بہ ٻن ورھين تائين ھو جيئرو رھيو. 1860ع تي سيپٽمبر جي پھرين تاريخ تي ھڪ صبح جو بظاھر ھشاش بشاش اچي ناشتي جي ميز تي ويٺو پر ڪلاڪ کن گذرڻ کان پوءِ بہ جڏھن سندس گھر جي مالڪياڻيءَ کيس ڪُرسيءَ تي ويٺل ڏٺو، تہ ھوءَ سندس ويجھو آئي، کيس ڇُھڻ کان پوءِ ھن محسوس ڪيو تہ سندس روح جو پکي اڏامي چڪو ھئو.

وڇين طبقي جا ماڻھو جن ۾ وڪيل، ڊاڪٽر ۽ واپاري اچي وڃن ٿا، تن سندس موجودگي ۾ ھڪ اھڙي مُفڪر کي حاصل ڪري ورتو، جيڪو رڳو مابعدالطبعياتي غيرحقيقت پسنديءَ جي ڪوھيڑي ۾ ٽاڪوڙا ھٽڻ بدران حقيقي زندگيءَ جو فھم جوڳو جائزو وٺي ٿو. سڄو يورپ جيڪو 1815ع ڌاري ڏُکن جي ڌاڄ سان ڌڻيل ھئو، سو 1848ع ۾ سندس فڪر جي مھابي نون تصورن ۽ ڪوششن سان سرفراز ٿي، سمجھداريءَ جي طرف وکون کڻڻ لڳو. سندس فيلسوفي، جنھن ۾ سائنس جو مذھب مٽان حملو ۽ سماجوادي طريقي جي جنگ ۽ غربت مٽان فرياد ھٹڻ سان گڏوگڏ، زنده رھڻ لاءِ جدوجھد ۽ حياتياتي سگھ جي اھميت بيان ڪيل ھئي، تنھن کيس شھرت جي بلندين تائين پھچڻ ۾ وڏي مدد ڪئي.

(ول ڊيورانٽ جي ڪتاب 'Story of Philosphy' تان ورتل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



گستاف فلابيئر

جـم: 12 ڊسمبر 1821ع
لاڌاڻو: 8 مئي 1880ع

قدرت، فطرت يا خدا، جيڪو به انساني وجود جو بنيادي سبب (Final Cause) آهي، تنهن صلاحيتن ۽ خوبين جي لحاظ کان هڪ انسان کي ٻئي کان افضل ۽ بهتر ڪونہ ڪيو آهي. البت حالتن ۽ ماحول، جا اولڙا شخصيتن جي جوڙجڪ تي ضرور پون ٿا. تن تي به جيڪڏهن ڪوشش ڪري تہ انسان ضابطو رکي انهن کي ڪنهن حد تائين پنهنجي وس ۾ آڻي ٿو سگهي. پر اها ڏات هر انسان وٽ ڪانهي، جو تہ انهيءَ لاءِ جنهن اعليٰ پٽماني جي همٽ، سچائي، سمجھ، ضابطي ۽ احساس جي ضرورت آهي، سو ڪو هٽ تي وڪامجندڙ وکر ڪونهي، جيڪو هر ڪنهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاصل هجي. تمام گهٽيءَ جاکوڙ، پيڙا ۽ مستقل مزاجيءَ کان پوءِ وڃي اهڙي روشني روح کي منور ٿي ڪري. چون ٿا ته جن ماڻهن کي اها روح پرور روشني يا شڪتي حاصل ٿئي ٿي، تن کي 'غير معمولي شخص' چيو وڃي ٿو. منهنجي پنهنجي اندازي مطابق غيرمعمولي هستي اها آهي، جيڪا زمان ۽ مڪان جي حدبندين کان ٻاهر نڪري، ڪائناتي گولائين ۾ پنهنجي ادا ڪيل ڪردار جي مهابي امر ٿي وڃي ٿي ۽ ان سان گڏوگڏ اتهاس جي وهڪري کي نئون رخ ڏيئي، ڪنهن اهڙي پهلوءَ کان آشنا ڪرائي، جيڪو پنهنجي جوهر ۾ نڪورو، منفرد ۽ ممتاز هجي. پر ساڳئي وقت انساني سوچ کي به انهيءَ حد تائين متاثر ڪري، جو سندس ڪاوشن جو ذڪر، ڪائناتي حقيقتن جي لاءِ ٻينڊڙ جستجو واري ڪتاب جو اڻ وسرندڙ باب سڏرائي سگهي.

عام طور تي اهڙن امر ماڻهن جي تخليقن کي انساني تواريخ جا اساسي دستاويز (Classical Documents) ڪٽايو ويندو آهي، جاڪاڻ جو وقت ۽ ماحول جي تبديلي، سندن اخذ ڪيل بنيادي سچائين کي ختم ڪري نه سگهندي آهي ۽ نه وري فڪري ترقيءَ جي ڏارا مان، ڪين ڪاٽا ڪري سگهڻ جي جرئت ڪندي آهي.

جيتوڻيڪ انساني ارتقا جي سموري داستان ۾ ڪروڙن ۽ لکن ۾ ڪنهن هڪ ماڻهوءَ منجهه اهڙيون صلاحيتون هجن ٿيون، پر تڏهن به اهو هڪ ماڻهو ئي جڏ ته هڪ پوري دؤر جو باوقار نمائندو هجي ٿو. اهوئي سبب آهي جو اهڙن منفرد ۽ مهان شخصن کي نقاد ۽ تواريخ استاد (Master) هجڻ جو اعزاز بخشين ٿا.

تخليقي ادب ۽ خاص ڪري ناول نگاريءَ جي ميدان ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرانس جو سدا بهار ليکڪ، گستاف فلابيئر (گستاو فلابئر) پڻ اهڙن 'استاد' ليکڪن/ ناول نويس ۾ ڳڻيو ٿو وڃي، جن پنهنجي شخصيتن جي مڙني صلاحيتن ۽ سونهن کي خيال، فن ۽ بيان جي اهڙي پارس سان ڇُهيو، جو عام رواجي شيون ۽ سوڌجي سون ٻُڌجي ويون. معمولي ڪردار، رواجي حالتون ۽ عام ٻولي ۽ چٽ تہ زنده جاويد ٿي پئي. انهيءَ سڃيءَ ڪارگذاريءَ جو انسانذات کي فائدو اهو ٿيو تہ سندس دل ۾ نہ رڳو ڪهل، احساس، حقيقت پسنديءَ ۽ پوتر جذبن لاءِ عزت پيدا ٿي، پر هن آڏو ماٺهپي، سچائيءَ ۽ تخليق جي مهانتا لاءِ ۽ نوان معيار جڙي راس ٿيا. جيڪي معيار اڳتي هلي انساني فطرت جي لاءِ راهبر روشني ۽ بهتر رخ ۾ پيش قدميءَ لاءِ پيڙهه جو پٿر ٻڌيا.

فلابيئر عام واقعن کي فني ۽ فڪري ترتيب ڏيڻ جو وڏو ماهر هئو. هو چوندو هئو: "هار فقط هيرا ڪونہ ٿا ٺاهن، پر اُها لڙي ئي اصل شئي آهي جيڪا هيرن جي ڪٽن کي جمع ڪري هار کي جنم ڏئي ٿي."

ڪئين سال اڳ مون گستاف فلابيئر جو مشهور ناول 'مئڊم بواري' پڙهڻ شروع ڪيو هئو، پر ايڏا چوٽين حصي تائين مس پهتو هئس، جو ڪتاب گم ٿي ويو ۽ انهيءَ سعادت کان محروم رهجي ويس. البته مون انهيءَ ناول تي ٺهيل فلم ضرور ڏٺي هئي، جنهن ۾ مان سمجهان ٿو تہ فحاشيءَ کي ڪجهہ وڌيڪ حصو ڏنو ويو هئو. انهيءَ وچ ۾ گستاف فلابيئر جي عظيم ادبي حيثيت جي استاد گورڪي، رسل، ول ڊيورانٽ، موپاسان، چيخوف، ايليٽ، سارتر ۽ ٽئگور کان وٺي ڪرشن چندرجي تحريرن ۾ ايڏي تہ ساراهہ پڙهيم، جو مون کي سندس شخصيت سان پريٽ ئي پيار ٿي پيو.

انهيءَ سلسلي ۾ ڪافي عرصي کان مون ڪوشش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري، سندس شخصيت بابت ڪيترائي مضمون ۽ مقالا پڙهيا آهن، جن مون کي ادب سان سندس لڳاءُ، انساني فطرت جي گهري ادارڪ، ۽ ان جي گهرن تاثرن سان غيرمعمولي دلچسپي ۽ ٻين فني خوبصورتين جي حوالي سان ايترو تہ متاثر ڪيو، جو تازو ئي جڏهن لارنس ولسن جو هي نندڙو مضمون اکين آڏو گذريو، تہ مون ان کي سنڌيءَ جي لائق پڙهندڙ لاءِ، گستاف فلابيئر جي سڃاڻپ جو هڪ بهتر موقعو ڄاڻي فوراً ترجمو ڪيو.

(سنڌيڪار)

اڄ کان سئو سال کن اڳ فرانس ۾ هڪ ڪتاب شايع ٿيو، جنهن سڄي دنيا ۾ اساسي تحرير واري حيثيت اختيار ڪري ورتي. چون ٿا تہ اهو اٺويهين صديءَ جي فرانسي ادب جو عظيم ترين ناول آهي، بلڪ ڪي نقاد تہ ان کي فرانسي ادب جي سموري تواريخ جو عظيم ترين ناول ٿا ڪٿائين. هڪ مشهور فرانسي نقاد جو چوڻ آهي، تہ ڪيس هن ناول جا ڪردار شيڪسپيئر جي ڊرامن کان ٻ ڏيڪ حقيقي لڳن ٿا ۽ بقول سندس، دنيا جي ادبي تواريخ ۾ اڄ تائين ڪنهن ٻ عورت جو ان کان بهتر عڪس ڪونہ ڇنيو ويو آهي. هن رچنا جا غير اهم ڪردار، هئيت ۽ حقيقت پسندي نہ رکو فرانسي اديبن بلڪ دنيا جي ٻين عالمن ۽ اديبن جي ساراه جا مستحق پڻ ٿيا آهن.

مشهور انگريز نقاد جارج سئنٽسبري هن ڪتاب جي سرجيندڙ کي لکيو: "مان سمجهان ٿو تہ يورپ ۾ ٿيڪري جي مرتبي کان پوءِ هڙئي ٻي ڪا تخليق ڪونہ سرجي سگهي آهي." اهو ڪتاب انگريزيءَ ۾ ٻ ترجمو ٿيو آهي ۽ واه جو وڪاميو آهي! ڪيئن دفعا مٿس ٽيليويزن تي ناٽڪ ۽ فلمون پڻ ٺهيون آهن. منهنجو خيال آهي تہ علم ۽ ادب دوست ماڻهن منجهان شايد ئي ڪو هجي، جنهن مهان فرانسي تخليقڪار 'گستاف فلابيئر' جي جڳ مشهور ناول 'مادام بواري' جو نالو نہ ٻڌو هجي.

'مادام بواري' هڪ طويل ناول آهي، جنهن کي مڪمل ڪندي ليکڪ کي پورا پنج سال لڳي ويا. جڏهن ان کي توهان پڙهي پورو ڪندا تہ ايئن لڳندو تہ جڻ توهان کي زندگيءَ کي بهتر انداز سان سمجهڻ لاءِ وڏو تجربو ٿي چڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. ڪتاب پڙهندي عام رواجي حالتن جي مقابلي ۾، پڙ وڌيڪ گهرائي ۽ سرگرمي محسوس ٿيندي، جيڪا ٻي ڪالهه دنيا جي سيني عظيم ڪتابن کي پڙهندي ٻي محسوس ٿيندي آهي. توٽي جو ڪتاب بيحد دلچسپ آهي، پر ان ۾ ڪابه غير ضروري هنگاميٽ يا جذباتيات نظر نه ايندي.

ناول جي ڪهاڻي 1830ع جي ڏهاڪي ۾ هڪ پُرسڪون پرواجي فرانسي ڳوٺڙي کان شروع ٿئي ٿي. ڳوٺ جو ڪٽٻولڪ پادري ۽ پنساري جيڪي ٻئي روشن خيال شخص آهن، تن سميت ٻيا ڳوٺاڻا ۽ ذهانت ۽ ڏسڻ وائسڻ جي لحاظ کان پورا سارا آهن. ڳوٺ جي ماحول ۾ ۽ عورتن طرفان هڪ ٻئي جي گلائن، ڳڻن جي رنين، گرجا جي گهنڊن ۽ جمع، موت ۽ شادي مُرادين جي ميڙن کان سواءِ، ڪا ٻي غيرمعمولي سرگرمي نظر نٿي اچي.

ڳوٺ جي انهيءَ ٻوساٽيل ۽ بيزارين پريل ماحول ۾، مڏهم بواري يعني 'ايما' ۽ سندس ڊاڪٽر مڙس اچي وارد ٿين ٿا. توٽي جو سندن اچڻ کان اڳ ئي اسان کي پتو آهي ته ڳوٺ جو ماحول هنن لاءِ قاتل زهر ثابت ٿيندو. ڇاڪاڻ ته ايما هڪ اهڙي ذهين جوان زائفان آهي، جنهن جا تصور هميشه حقيقتن سان جنگ ڪندا رهن ٿا. بنيادي طور تي ايما هڪ ڪڙميءَ جي ڌيءَ هئي، جنهن کي والدين زندگي پنهنجي مرضيءَ موجب گهارڻ جي آزادي ڏيئي ڇڏي هئي. انهيءَ ڪري ٿي ڪيس ڪُڪڙ پالڻ، ڇيٽا ميڙڻ، مينهون ڏُهڻ ۽ گند ڪچري ۾ پاڻ کي لُٽاڙڻ سان ڪابه دلچسپي نه هئي. ان جي بجاءِ ڪيس پڙهڻ سان چاهه هئو.

هوءَ جڏهن به ڪتاب ۾ منهن وجهندي هئي، ته جڏ ته مرڻينگ هنجن بابت رومانوي قصن جي مدرتا ۾ ٻڏي ويندي هئي. ڪيس تصور ۾ برف سان ڍڪيل جبلن جا اولڙا ڏسندڙ نيرين ڏينڊن جي ٻيڪ تي، پيلي منهن ۽ ڏُرا ڏنل اکين وارا جهونجهار مڙس، ڪن ڪمزور هٿڙن کي چمندي نظر ايندا هئا.

هن جي لاءِ وچين زماني (Mediveal period) جي ماضيءَ جا ٻيڪا يا گرم ساموندي ڪناري جي گيتن پريل زندگيءَ جي سُندرتا، حقيقي دنيا کان وڌيڪ من موهڻي هئي. هن رومانوي ليڪڪن طرفان چٽيل زندگيءَ جي وجود بابت پاڻ کان ڪڏهن ڪوبه سوال ڪونه ڪيو هئو. جيئن ته انهيءَ منظر ڪشيءَ ۾ اجهل ڇڪ هئي، تنهن ڪري ڪيس پڪ هئي ته ڪٽي نه ڪٽي ايئن حقيقت ۾ به ضرور هوندو، بلڪ ڪيس ته اهڙي ماحول کي آخرڪار هٽ ڪرڻ جو به پورو يقين هئو. مختصر ڪالهه ڪبي، ته چئبو ته ايما هڪ فراريت پسند چوڪري هئي ۽ ڪيتن ۾ سندس ايرندڙ جواني انهن خوابن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سهاري پئي اُسري، ته هڪڙي ڏينهن پنهنجي هٿن ۾ لافاني خوشيءَ جي ڪنجي ڪنيو سندس خوابن جو شهزادو وٽس ضرور پهچندو.

مجموعي طور تي چئي سگهجي ٿو ته هوءَ جڙ ته اڇوڪن نوجوانن جهڙي هئي. ها، پر هڪ ڳالهه ۾ هوءَ ڪائنٽ منفرد هئي. سا اها ته هوءَ اڪثر ڪري اڪيلائپ محسوس ڪندي هئي. سندس ماءُ جو لاڏاٿو ٿي چڪو هئو، پٽس فصل ۽ مال کان سواءِ ٻي ڪا ڳالهه ئي نه ڪندو هئو. جڏهن ته مدرسي جي بخيل ڪندڙ ۽ مناجاتي ماحول کيس حقيقي زندگيءَ کان اڃا وڌيڪ ڏور ڪري ڇڏيو هُئو. نتيجي ۾ ايما جي زندگيءَ جي ڪنهن به موڙ تي، حقيقتن سان ڪا واسطيداري ئي نه پئي رهي. خيالي ۽ تصوراتي دنيا جا گلابي ڪڪر سندس ذهن جي اندر هڪ دائمي فضا جوڙي چڪا هئا، جنهن کي هر وقت ساڻ کنيون پئي هلي.

اوچتو هڪڙي ڏينهن ايما جي پوڙهي پيءُ ڪُڙميءَ جي ٽنگ ڀڃي پئي، جنهن کي جوڙڻ لاءِ هڪ رنڍ ڊاڪٽر مسٽر بُواري اچي سندس گهر پهتو. هونئن اصل ۾ ته هيءُ ڊاڪٽر هڪ ڇڙواڳ ۽ احمق قسم جو نوجوان هئو، جنهن وٽ خيالن جي خوبصورتي بالڪل نه هئي. پر خبر ناهي ته ايما منجهس ڪهڙي شئي ڏٺي، جو هو ڪيس وٺي ويو. ڊاڪٽر چارلس بواري به ايما کي ڏٺو ته هن جي پڙ جٽي ڪٽي ناسُن هٽڻ واري عادت موٽي آئي. تنهن ڪري بنان ڪنهن پيار پيار جي، هڪڙي ڏينهن پنهنجي مريض، يعني ايما جي پيءُ کان سندس ڏيءُ جو سڳ گهري ورتائين، جنهن پڙ فوراً رضامنديِ ڏيڪاري.

سو سُٽت ئي ايما ۽ چارلس جي شادي ٿي وئي. سندس پهريون گهر ملڪ جي هيناهين ۽ ڏورانهين حصي ۾ هئو، جيڪو سگهوئي ايما لاءِ هڪ دوزخ بڻجي پيو. هتي سندس زندگيءَ ۾ بيزاريءَ اڇي واسو ڪيو، ڇاڪاڻ جو سڄو ڏينهن چارلس ته گهر کان ٻاهر مريضن جي تپاس ڪندو وتندو هئو، پر رات جو موٽي گهر ايندو هئو، ته به هڪ ته هو ڪيس ڏٺو به نه وٺندو هئو. ٻيو ته هن جي پنهنجي مائيٽائپ سان پريل قناعت پسنديءَ ڪيس چٽو ڪري وڌو هئو. آخرڪار جڏهن سندس طبيعت ڪيس تهذيب يافته زندگيءَ جون حسرت پريون جهلڪون ڏيڪاريون، ته هوءَ پنهنجي پاڻ تي وڌيڪ ضابطو نه رکي سگهي ۽ چارلس کي هڪ نندڙي پر، سڌريل ڳوٺ 'يونولي' لڏڻ تي مجبور ڪري ڇڏيائين.

جيتوڻيڪ هو لڏي اچي 'يون ولي' ۾ ويٺا پر اتي زندگي اڳئين ڳوٺ جهڙي ئي ٻُسي هئي. جلد ئي ڪيس اهو احساس به ٽيڻ لڳو، ته چارلس جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي سڌرڻ محال هئو. هوڏانهن جيڪا ڪين ڏيئ ڄاڻي سان به نه رڳو گدلي لڳي پئي هوندي هئي، پر ان ويچاريءَ تي ڏيان به پورو نه ڏنو ويندو هئو. جڏهن ته ڳوٺ ۾ طلاقون ڏيڻ ۽ وٺڻ جڻ ته ڪو مشغلو هئو ۽ سيبتائپ، اُتساهه ۽ مدهوشيءَ پريل محبت جو جهوٽو ئي نه پئي لڳو. رڳو بي چسي حقيقت، زندگيءَ جي ساڳي بيسُري يڪسانيت ۽ بنان ڪنهن اميد ۽ سبب جي جيئڻ ۽ پوڙهاپ ڏانهن وڌڻ ئي وڃي بچيو هئو.

پوءِ به ايما لاءِ زنده رهڻ ۽ اتساهه جو هڪ سبب باقي هئو ۽ اهو هئو ڳوٺ جي وڪيل جو منشي. جيڪو ڏاڏيءَ فهميديءَ ۽ پروقار شخصيت جو مالڪ هئو. ايما جڏهن به ساڻس ملندي هئي ته ٻئي ڄڻا ادب ۽ راڳ بابت پهرن جا پهر ڳالهائيندا هئا. وقت گذرندي آهستي آهستي سندن وچ ۾ جذباتي لڳاءَ سان پرپور سنگت پيدا ٿي پئي. جنهن ٻنهي ۾ اُپار پيدا ڪري ڪين ان منزل تي پهچايو، جو اڪثر ٻئي بيچين ٿي موڪلائيندا هئا. پر تنهن هوندي به ايما جي دل ۾ 'ليئن' نالي هيءُ نوجوان خوابن جو مرڪز ٻڌجي ويو.

ڪجهه وقت ڪان پوءِ جڏهن اهو نوجوان 'روئن' نالي شهر ڏانهن وڏيڪ پڙهائيءَ لاءِ روانو ٿيو،ته ايما جي اندر ۾ ويڳاٽائپ پريل يادن اچي آرو ڪيو. ڇڙو ڏور ڪٽان ڪُتن جي پڙنڪ، سنجها جي عبادت لاءِ وڄندڙ گهنڊ ۽ صبح شام ڳوٺ جي هود ڏانهن پاڻي پيئڻ لاءِ ويندڙ گهوڙن جي سنبن جون ٽاپون،سندس ڪنين پونديون رهنديون هيون.

انهيءَ صورتحال ۾ مسلسل وياڪلتا ايما جي من جو جڻ ته اڻ ٽُٽ حصو ٻڌجي چڪي هئي، جنهن جو ڪونه ڪو درمان ته ٿيڻو ئي هئو-۽ اهو درمان ڳوٺ جي هڪ چگي مڙس روڊ ولف جي شڪل ۾ ٿيو، جيڪو ڪنهن فوجي مهم جهڙي تجرباتي طريقي سان هرڪائي ۽ ڏُتاري ڪيس پر سڪون رکندو هئو. اهو به سچ آهي ته هو ايما جي لاءِ من پر پائيندڙ ڳالهيون ڪندي، اڪثر ڪري ڏيڪاءَ خاطر جذباتي ٿي ويندو هئو، پر ايما ته اهي ڳالهيون پروڙي ئي نه پئي سگهي. اهو ئي سبب آهي جو هوءَ جوش وچان واڪا ڪندي وتندي هئي ته:
"مون کي محبوب ملي ويو آهي، هڪ سچو پيار ڪندڙ مليو آهي!"

خير، ڪجهه وقت ڪان پوءِ جيئن ئي روڊولف جو ايما منجهان چاهه گهٽجڻ شروع ٿيو، ته ايما ساڻس وڏيڪ نخرا ڪرڻ لڳي ۽ آخرڪار ڪيس پڄي هلڻ لاءِ ليلائڻ لڳي. جنهن ڳالهه تي ڪسندي ڪُرڪندي نيٺ هو راضي ٿيو-۽ پوءِ ٻئي ڄڻا انهيءَ لاءِ ڪنهن مناسب آرتوار جو انتظار ڪندا رهيا؛ پر روڊولف ايما کي اهو آسرو ڏيئي جو ٽُهي هنئي، ته وري نه واپس منهن ڪيائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ بيوفائيءَ تي پشيمان ٿيڻ بدران هن ايما کي هڪ خط لکي، ساڻس محبتن جون وڏيون دعوائون ڪندي، ٻهانا ڪيا ته هاڻي خود ايما جي حق ۾ اهو بهتر هئو، ته هو ٻئي هڪ ٻئي سان ملڻ ڇڏي ڏين.

انهيءَ واقعي کان پوءِ ايما ڏاڍي بيمار ٿي پئي ۽ مرندي مرندي بچي. انهيءَ هوندي به ٻئي طرف چارلس ساڻس وفادار رهيو ۽ سندس طرفان ڪپڙن، گهر جي فرنيچر ۽ ڏيکاءَ بازيءَ تي ٿيندڙ فضول خرچيءَ بابت کي اعتراض ڪونہ ٿي ڪيائين. ٿوري ئي وقت ۾ ايما تي قرضن جا ڪُنا چڙهي ويا ۽ روح جي راحت به کانئس وڌيڪ ڏور ٿي ويئي. هن سوچڻ شروع ڪيو، ته آخر سندس من کي قرار ڪڏهن ملندو؟ ڇا اها خوشي ڪيس سندس اڳوٽي يار ليئون وٽان ملندي؟ جنهن سان هڪ ڏينهن اوچتو روئين جي شهر ۾ سندس ملاقات ٿي، جتي هنن هڪ ڪرايي جو ڪمرو ورتي، هر خميس تي پيار وندڻ شروع ڪيو.

هوءَ جڏهن به وٽس ويندي هئي، ته هن لاءِ قرض کٽي بيشمار تحفا ورتيون ايندي هئي. ايتري قدر جو ڪڏهن ته قرض جي ادائگيءَ لاءِ، مڙس جي پاڇي کيل موڙي به ڏيئي ڇڏيندي هئي. پر سگهوئي هوءَ صفا لاهي پاهي بيهي رهي، جو هاڻي ڪيس ليئون جي لڳ لاڳاپي مان به قرار نہ پئي آيو. هاڻي ته اهي تعلقات به جڙ ته هڪڙي عادت بنجي چڪا هئا، جن منجهان ڪيس شاديءَ جهڙي بيزاري پئي ٿي.

ٻئي طرف سندس انهيءَ لاپرواهيء جو نتيجو ڏاڍو خراب نڪتو. ڪيس اڳ ئي چتاءُ ڏنو ويو هئو ته قرض ادا نہ ڪرڻ جي صورت ۾، سندس گهر جو فرنيچر ضبط ڪيو ويندو، پر هن انهيءَ ڳالهه تي ڌيان ئي نہ ڏنو. جڏهن انهيءَ چتاءَ تي عمل درآمد جو وقت ٿيو ته هوءَ ڏاڍي ششدر ٿي. پهريائين هوءَ ڏوکڙن لاءِ ليئون ڏانهن ڀڳي، هن ٻهانا ڏيئي ڪيس ٽاري ڇڏيو، آتان واپس ٿي جيئن ئي گهر پهتي، ته ڪيس ڪورٽ جو بيلف مليو. هاڻي ته ڪيس ٽيبو ئي اونڌو نظر ٿيندي آيو، جو ٽيڪاڻي اصل معاملن جي نہ رڳو مڙسس، پر سڄي ڳوٺ کي خبر به پڻجي ويندي. اهو سوچي پنهنجي آبروءَ جي آخري بچاءِ لاءِ، بدحواسيءَ ۾ هوءَ روڊولف ڏانهن وڃي ڀڳي، جيڪو هاڻي ڪيس وساري ويٺو هئو، پر ڪيس آتان به ڪجهه پلئه نہ پيو ۽ مايوس ٿي موٽي آئي.

هاڻي ايما وٽ ٻيو ڪوبہ آسرو ڪونہ بچيو هئو. زندگيءَ جو 'سبب ۽ نتيجي' وارو پراڻو، سخت ۽ ڪڙو اصول، سندس سپني خيالي تمنائن کي پنهنجي حقيقت جي پنجوڙ ۾ قابو ڪري چڪو هئو، تنهن ڪري ايما اهڙي زندگيءَ کي ئي الوداع چوڻ بهتر سمجهيو ۽ پاڻ کي زهر ڏيئي ماري ڇڏيائين. جڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس مڙس چارلس گهر پهتو ته هن پنهنجي آلين اکين سان کيس موت جي مسافريءَ تي ويندو ڏٺو، توڙي جو آخر تائين کيس ايما سان الفت بهرحال ضرور هئي.

ايما جي مرتيي کان ڪجهه مهينن کان پوءِ، چارلس کي ايما ڏانهن ليئون جا لکيل خط ۽ روڊولف جي نندڙي تصوير هٿ آئي. جن کي پڙهڻ ۽ ڏسڻ کان پوءِ کيس پنهنجي ۽ ايما جي زندگيءَ جي اصل الميي کان آگاهي حاصل ٿي. انهيءَ سموري قصي کي هن 'قسمت جو کيل' سمجهي قبول ته ڪيو، پر ڪجهه ٿي ڏينهن کان پوءِ سندس ڏيءُ کيس گهر جي باغيچي ۾ مُئل ڏٺو. عام طور تي ماڻهن جو خيال هئو ته مڙس کي صدمن هٽي پورو ڪري ڇڏيو.

هن ناول فلابيئر جي نالي کي چار چند لڳائي ڇڏيا. مون پٽ مٿيون داستان انهيءَ لاءِ ٻڌايو آهي، جو هن جي سڄي زندگي مٿين ناول سان لاڳاپيل آهي. هن لاءِ لکڻ جو ٻيو نالو زنده رهڻ هئو. کيس نه ته ڪنهن ٻي شئي سان دلچسپي هئي ۽ نه وري ڪو خاص مقصد هئس.

فلابيئر روئن جي هڪ مشهور سرجن جي گهر ۾ 1821ع ڌاري ڄائو. هن کي تخليق سان ايتري ته دلچسپي هئي، جو ڪو به ناڪ پڙهڻ کان اڳ ٿي ذهن ۾ تيار ڪري وٺندو هئو. هو پيءُ جي اسپتال ۾ اُن جو خاڪو رکندي روئن جي شهر ۾ ٿي جوان ٿيو ۽ ڏاڍو ناهوڪو جوان هئو. سندس هڪ واقفڪار مائيءَ هن لاءِ لکيو آهي:

"ڪنهن يوناني نوجوان وانگر هو قد جو ڊگهو، سنهڙو، باوقار ۽ ڪسرتي جسم جو مالڪ جوان هئو، جنهن کي پنهنجين خوبين بابت ڪا سُڌ نه هئي، نه ڪا پنهنجي شخصيت جي گهري تاثر ۽ زندگيءَ جي وهنوار ۾ سندس انفراديت جي ڪيس پروڙ هئي."

فلابيئر کي اسڪول ۾ بالڪل مزو نه ايندو هئو ۽ نه وري اٺويهن سالن جي عمر ۾ پٽرس ۾ قانون جو علم پڙهندي، ڪيس سڪون پٽي آيو. بهرحال ڪيس زندگيءَ بابت ڪو فيصلو ته ڪرڻو ئي هئو، سو هن آخرڪار هڪ پختو فيصلو ڪيو ته هو زندگيءَ ۾ ڪوبه ڏنڊو نه ڪندو. انهيءَ جي وضاحت ڏيندي هن لکيو آهي: "آئون پنهنجي آسپاس موجود ماڻهن کان ايتري بچان رکان ٿو، جو ساڻن برائيءَ توڙي چڱائيءَ وارو ڪوبه رستو رکڻ نٿو گهران."

فلابيئر زندگيءَ کان ايترو ته بيزار هئو، جو هن ان کي پنهنجن لفظن ۾ "رنڊڻي جي بادبان مان نڪرندڙ ڪنهي ڪاڏي جي الٽي ڏيارينڊڙ بوءِ"، جهڙو ٻڌايو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فلابيئر پنهنجي نوجوانيءَ جي دؤر کان وٺي، عجيب رومانوي چڪتاڻ جو شڪار رهيو، جنهن منجهان هو سڄي عمر پنهنجي جند نہ ڇڏائي سگهيو. هن جي آڏو هڪ پاسي اصلي دنيا جي گهل گيندار، هڏ وٺ، چسپائي، ڏهني ڪندپڻو ۽ بدصورتي هئي، تہ ٻئي طرف سندس انتهائي نفيس تصوراتي ذهن جا خلقيل سرمستيءَ سان ڀرپور رويا هئا. انهيءَ متضاد صورتحال سندس اندر سُتت ئي ذهني پيڙا کي جنم ڏيئي، کيس اعصابي بيمارين ۾ ڌڪي ڇڏيو. جن جو باقي حياتي هو دائمي مريض رهيو. انهيءَ 'حيرت ڀريل ذهني سرڪٽ' (جنهن ۾ هن پنهنجي خيالن کي جڪڙي ڪتابن کي جنم ڏنو) کي ضابطي ۾ آڻڻ لاءِ لکڻ ۽ تخليقڻ شايد وٽس آخري راهہ وڃي بچي هئي.

1846ع ۾ جڏهن سندس والد جو لاڏاٽو ٿيو، تہ هن علم قانون جي تعليم هميشہ لاءِ تياڳي ڇڏي ۽ ٽن مهينن کان پوءِ جڏهن سندس پيٽ ۾ راهہ رباني ورتي، تہ هو روئن ڇڏي 'ڪروئسي' جي پرواري شهر ۾ اچي رهيو، جتي ڪجهہ وقت کان پوءِ سندس والده بہ اچي گڏيس. هن شهر ۾ هڪ وڏي خوبصورت باغ ۾ لهنوارو ٽهيل سندس گهر، 'سين' نديءَ جي پر ۾ هئو، جنهن جي ڪڪين مان نديءَ ۾ ٻيڙين جي اچ وچ آسانيءَ سان نظر پئي آئي. هڪ دفعو 'برٽينيءَ' جي شهر ۾ رهڻ، مڊيٽرنين جي ڏکڻي مسافريءَ ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ پٿرس جي چڪرن کان سواءِ، فلابيئر باقي سڄي حياتي انهيءَ گهر ۾ گذاري.

هتي رهائش کان ڪجهہ ورهيہ پوءِ،فلابيئر جو هڪ 'خواب ناول' شايع ٿيو، جنهن ۾ سينٽ انٽونيءَ جي حرص ۽ هوس تي لکيل آهي. هيءُ ناول پنهنجي سٽاءَ ۾ شانائتو، سگهارو ۽ مواد جي لحاظ کان غضب ناڪ تحرير آهي.

1850ع ۾ هن پنهنجي جڳ مشهور ناول،مادام بواري تي بنيادي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ اهڙي طرح سان هن اجگر جهڙي تحرير تي هن اٽاهہ عرق ريزيءَ جي ابتدا ڪئي. هيءَ تخليق شعلہ انداز تصوريت جي پيداوار نہ، پر هڪ عورت جي قسمت ۽ محدود ماحول جو سچو پچو ۽ سُڄيت دستاويزي مطالعو هئو.

هن ناول ۾ ڪيترائي ايڏا تہ شاندار ڪردار آهن، جن جي واکاڻ لاءِ افسوس تہ هن ننڍڙي مضمون ۾ جاءِ ڪانهي. هر ڪردار جي لاءِ لائق ليکڪ ايڏي تہ زبردست محنت ڪئي،جو ناول ۾ اهو ڪردار ڀلي تہ ننڍڙو ڇو نہ هجي، پر هن انهيءَ ڪردار جي سڄي زندگيءَ جو مشاهدو ڪيو. هن اصل پلاٽ جا ڪيترا ئي اختصار ترتيبيا، پوءِ انهن ۾ ڪجهہ وڌيڪ واقعا شامل ڪيا. ڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪَٽ ڪُوٽ ڪئي ۽ پوءِ انهن کي چَنبي چاڻي صفائيءَ سان پختي منطق سان جوڙيو. آخر ۾ هن انتهائي ڪٺنائيءَ ۽ شديد محنت سان ناول لکڻ شروع ڪيو، چاڪاڻ جو لکڻ جي معاملي ۾ هن جو پنهنجو نظريو هئو. جنهن تي هو سڄي حياتي پختو بيٺو رهيو. هن جي آڏو ڪنهن به پورٽتا پريل آکاڻيءَ کي چٽڻ لاءِ ضروري هئو، تہ ان ۾ لفظن جو به پورٽتا پريل تسلسل هجي-۽ اهڙي ڪمالیت حاصل ٿيڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هئو. انهيءَ لاءِ اڪثر ڪري هو هر جَملي ۾ ڪيئن دفعا تبديليون ڪندي،محاورا بدلائي چڏيندو هئو.

ڪلاڪن جا ڪلاڪ هڪ اکر ورجائي، چپاڙي بلند آواز ۾ اُچاري، انهيءَ جو مطلب سوچي/ سمجهي پوءِ استعمال ڪندو هئو، پر جي ايجا به تسلي نہ ٿيندس تہ مختلف دوستن سان ڍگها ڍگها بحث ڪرڻ کان پوءِ،مس وڃي انهيءَ لفظ کي ڪتب آڻيندو هئو. انهيءَ تندهيءَ سان مسلسل لکڻ، لکي ڪاڙي چڏڻ ۽ بيشمار پنا ڪارا ڪرڻ ۽ وري وري لکڻ جي پنجن سالن تائين مهي ولوڙ ڪرڻ کان پوءِ وڃي،هن اهو شاهڪار ناول مڪمل ڪيو. آخرڪار جڏهن اهو ناول ڇپجي پڌرو ٿيو ۽ هزارن جي تعداد ۾ وڪامڻ لڳوم،تہ هن تبصرو ڪندي چيو:

"ڪاش وٽس ايترا ڏوکڙ هجن ها، جو هو انهيءَ ناول جون گهٽي کان گهٽيون ڪاپيون ونيِ،انهن کي ساڙائي چڏي ها."

انهيءَ جي ابتڙ سمجهو پائڻ،ڪتاب جي ليکڪ اندر موجود ان قيمتي وکر کي سمجهي ورتو، جنهن اڳتي هلي ان کي هڪ انقلابي تحرير جو درجو بخشيو، خاص ڪري سڀ کان وڌيڪ هن ناول ۾ موجود حقيقت پسنديءَ کي ساراهيو ويو.

فلابيئر جي هن ناول ۾،ليکڪ اصل زندگيءَ جي مونجهارن کي،ڏاڍيءَ خوبصورتيءَ سان بند ڪندي،هر واقعي/ حادثي بلڪ هر اکر کي،ناول جي مُک مضمون سان لاڳاپيو. ان سان گڏوگڏ هيءَ تصنيف نہ رڳو نثر جو هڪ اهڙو عاليشان مثال هئي، جنهن ۾ ٽوڪ ۽ ترتيب يا تال (Rhythm) جو لافاني سنگم موجود هئو، پر سڀ کان اهم شئي اها تہ،مشهور لافاني تحرير 'اليادِ' ۽ شيڪسپيئر جي لکڻين وانگر،'مٿيم بواري' ۾ توهان کي لکندڙ جي ذات جو ڪوبہ ذڪر نہ ملندو.

سرجٿهار پاڻ کي ناول منجهان ميساري ساکُن رکيو، توڙي جو هو پنهنجي هر ڪردار سان گڏ احساسن جي بلندي چُهندي نظر ايندو، پر سندس همدرديون ڪنهن سان بہ نہ هونديون. جنهن جي نتيجي ۾ ڪتاب جو تاثير سڏو سنئون ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرو پوڻ لڳندو. هن ۾ نہ ته جذباتي پٽو آهي ۽ نہ ئي وري اخلاقيات جا واعظ ڪيل آهن. بلڪ سڄي الميي بابت ڪا وضاحت به ڏنل ڪانهي. تنهن ڪري پنهنجي اندر ناول، تکو، ظالماڻو ۽ حقيقي زندگيءَ جهڙو صفا چٽو آهي.

هن لافاني تخليق سرجڻ کان پوءِ فلابيئر Education Sentimen-tale، 'Salambo', "L, 'Bouverd et Peicu-chet' ۽ هڪ اڻ مڪمل ناول پڻ لکيو، جيڪو رومانويت ۽ حقيقت پسنديءَ جو مجموعو هئو. انهيءَ کان سواءِ هن ساڳي شديد محنت ۽ اڻٿڪ پورٽتا جي حاصلات لاءِ ڪيترائي ناٽڪ ۽ ڪهاڻيون پڻ تخليق ڪيون.

آخرڪار 1880ع ڏاري دنيا جو هيءُ عظيم ڪلاڪارِ دل جي دوري وگهيءُ گذاري ويو. پنهنجي شديد محنت جو ذڪر ڪندي، هن آخري ڏينهن ۾ هڪ هنڌ لکيو: "آئون پنهنجي هڏڙن جي مِڪُ تائين ٽڪجي چُور ٿي پيو آهيان."

هُن چوٽيهن سالن تائين فن جي ٻانهپ ڪئي ۽ اڄ جڏهن عظيم فن جي اڻ ٽڪ گهرج کي ڪڏهن ڪڏهن وساريو ويندو آهي، ته فلابيئر جو ناالو اُن کي نئين زندگي بخشي چڏيندو آهي. چاڪاڻ ته فلابيئر اهو تخليقڪار آهي، جنهن 'مادام بواري' نالي هڪ جٽٿيءَ جي تذڪري کي ادب جو هڪ لافاني شاهڪار بڻائي چڏيو.

اچو ته سندس ويجهي دوست ۽ جوشيلي مداح، مشهور فرانسي ليکڪ موپاسان جي واتان سندس فن تي ڪيل هيءُ تبصرو نظر مان ڪيون:

"شاهه بلوط جي وڻ هيٺان نوڙيل، ڏگهي ٽيڪ واري ڪرسيءَ تي ويٺل ۽ پنهنجن ويڪرن ڪُلهن ۾ جهنويل فلابيئر، اڪثر ڪري ڪاڳرن جي چندچاڻ ڪندي نظر اينڊو. سندس نيرين اکين جون نندڙيون ماٽڪيون، ڪنهن مسلسل تحرڪ منجهه لڳل ۽ ڪارا ٽهڪا ياسندا. ڪيس اڪثر ڪليسائي عملدارن/ پادرين وانگر سڄي ڪوپڙي ڏيکيندڙ ٽوپي پاتل هوندي، جنهن منجهان سندس ڏگها گُهنڊيدار وار هيٺ لهي ڪُلهن تي ڦهلجي ويندا هئا. جسم تي ناسي رنگ جو ڏگهو ڪارو چوغو پيل هوندو هئس، جيڪو ڪيس مڪمل طور تي پاڻ ۾ لڪائي چڏيندو هئو ۽ ڏگهين ڪاڏيءَ تائين آيل مڇن سان پريل سندس ڳاڙهو چهرو، رت جي تيز دوڙي جو شاهد هئو. جڏهن ته جهنجهيل پروڙن منجهان سندس اکيون هڪ ليڪ وانگر ظاهر ٿيندیون هيون ۽ هو پنهنجي ڏُن ۾ وينو لفظن کي ڦولهيندو، محاورا سنواريندو، ترتيبيل اکرن جي ظاهري معنائن جو مطالعو ڪندو ۽ ڪنهن سياڻي شڪاريءَ وانگر پير پير ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيئي تاڙ وڃي، اکرن جي تاثرن جو پيمانو ۽ اندازو لڳائيندو."

"پوءِ ڪندو لکڻ جي شروعات- پهريائين آهستي، پوءِ يڪو خاموشي، وري لکڻ شروع. اول مقرر ڪيل حدن جي اندر ۽ لڳايل اندازن تائين لکندو، پوءِ گهرج مطابق اکرن جو واڌارو ڪندو. سندس هڪ حصو ويهن صفحن تي وڃي پورو ٿيندو. ايئن سوچ جي ٻيڙيءَ جو ڪنهن غلام ناکئي وانگر وڻجهه هلائيندي هلائيندي جڏهن ٽڪجي چور ٿي پوندو، ته پوءِ سندس ڪنجهڪار شروع ٿي ويندي."

"ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو قلم هنج جي چترائي سان ڪنڊيل ڪنين سان پريل ٽالهه ۾ اڇلائيندي، هو ڪنهن پني کي ڪٽي پنهنجين اکين آڏو جهليندي ٿونٽ تي جهڪي، هڪ ٽُڪرو تيز ۽ بلند آواز ۾ پڙهڻ لڳندو. ايئن ڪندي هو پنهنجي نٽر جو تال ميل محسوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ پوءِ اوچتو چُپ ٿي، جڏ ته آواز جو چنڊ پڙلاءُ ٻڌڻ جي ڪوشش ڪندو. بعد ۾ آوازن کي سنواري، ضرورت کان وانجهيل تال خارج ڪري، ڪنهن مسافر وانگر ڏکهي مسافريءَ تي هلندي، وقفي وقفي سان ساهي کڻڻ وانگي ڪامائون ڏيندو ويندو."

"ساڳئي وقت هزارين ٻيا پهلو به ڪيس وکوڙيون پريشان ڪيون ٻيٺا هوندا هٿا ۽ اڪثر ڪري هراسان ڪندڙ يقين، سندس ذهن ۾ مضبوطيءَ سان ڪتل هوندو هئو. هو چوندو هئو:

"هنن هزارين محاورن، هٿيتن ۽ ٻوليءَ جي لاڙن مان، مون کي فقط هڪ محاورو، هيٺت ۽ لاڙو چونڊڻو آهي، جيڪو منهنجي احساسن کي مڪمل معنيٰ بخشي سگهي. انهيءَ ڪري ڪنهن پهلوان وانگر، لکڻ مهل سندس چهرو سرخ، مشڪون تاٽيل رهنديون هيون، جڏ ته هو سخت ڪاوڙ ۾ لفظن ۽ تصورن سان ملهه وڙهندو هجي. ڪڏهن ڪين دسي ٿو وڃي، ڪڏهن ٻَڪ وجهي مٿي ٿو ڪٽي ۽ پنهنجي همٽ سان ڪين پاڻ وٽ جڪڙي ٿو رکي."

"مان سمجهان ٿو ته گستاف فلابيئر کان وڌيڪ، ڪوبه ليکڪ پنهنجي فن جي عزت ۽ اُن سان محبت نٿو ڪري ۽ نه ئي ڪنهن وٽ ادب جو مانُ مرتبو ڪانئس وڌيڪ آهي. سالن کان ساڳي نموني لکندي، ايئن ئي هو پنهنجي لکڻين لاءِ ڪتب ايندڙ ڊيسڪ منجهه ڪري ٿو پوي. ڪيس ادب ماري وڌو- بالڪل ايئن، جيئن ڪانئس اڳ، ڪيترن ئي اتساهه سان پريل عظيم شخصن کي، ادب سان لڳاءُ رکڻ هڙپ ڪري چُڪو آهي."

(جان ڪئننگ جي ڪتاب
"100 Great Personalities of the Wrold" تان ورتل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



فيودور ميخائيلووچ دوستووسڪي

جم: 30 آڪٽوبر 1821ع

لاڌاٽو: 25 جنوري 1881ع

هوفڈن ته هر ماڻهو پنهجي حياتيءَ ۾ لاتعداد اهڙيون شيون پڙهي ٿو، جن جو تاثر نهايت گهرو، دل چُهندڙ ۽ من جا مونجهارا بيان ڪندڙ هجي ٿو. پر تڏهن به ڪي ڪتاب يا انهن جا سرجيندڙ نه رڳو انهن خاص تخليقن ۾ به خاص جاءِ والارين ٿا، بلڪ هو ته جڏ سوچن جي سفر جا ساٿي ۽ لاشعور جي وسعتن ۾ عظيم ڪوجي ٻُجي گڏ نڪري پون ٿا. پوءِ پنهنجي گهري ادراڪ سان اهڙا اهڙا ته ويچار، خواهشون، حسرتون، محروميون، اميدون ۽ عدم سلامتيون احساسن جي دامن مان پکڙي، شعور جي عدالت ۾ اچي ٿا پيش ڪن، جو سندن خيال جي قوت کي محسوس ڪندي، سچ پچ ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيرت وٺيو وڃي! جنهن ڪري اڪثر محسوس ايٿن ٿو ٿئي ته اهي ڪلاڪار رڳو اڪرن جا ڪاروباري ڪاراوا نه پر خيالن، احساسن ۽ سوچن جا غيرمعمولي سفير آهن. هو هن سرشتيءَ جا اهڙا عظيم تحفا آهن، جن کي جيڪڏهن عجيب ڪائناتي اسرارن جا اهم شاهد ٻڌائجي ته وڌاءُ نه ٿيندو.

انهيءَ حوالي سان مان سمجهان ٿو ته هر پڙهيل ڳڙهيل شخص جي زندگيءَ ۾، ڪي نالا اهڙا ضرور هوندا آهن، جن کي هو پنهنجي روح جو ترجمان ۽ پنهنجن احساسن جو امين سمجهندو آهي. انهيءَ تسلسل ۾ مون آڏو منهنجي سموري تخليقي ۽ شعوري سگهه تي،جيڪي ٻه شخص بي انداز اثرانداز ٿيا آهن، انهن ۾ هڪ پٽائي ۽ ٻيو دوستووسڪي آهي. مون پنهنجي حياتيءَ ۾ نظم ۽ نثر ۾ جيترو هنن ٻنهي مهان هستين کي گهرو، گهٽ رخو، سُڇيت، سُشيل، حساس، مُدرڪ ۽ معتبر ڏٺو/ سمجهيو آهي، تيترو ٻيو ڪو نظر نه آيو.

روس جي عظيم ناول نگار دوستووسڪيءَ وٽ فن، ڏاهپ ۽ احساس جي 'ٽه مورتيءَ' جي جيڪا انتها آهي، ان کي ٽُڙ نموني بيان ڪرڻ،مون جهڙي معمولي شخص لاءِ ممڪن ئي نه ڪونهي. هو يوناني ديوتا ميداس وانگر جنهن لفظ، خيال، ڪردار ۽ سوچ کي پنهنجي عظيم فني ۽ فڪري پارس سان ڇُهي ٿو، سو سون ٻڌجيو وڃي. سون ٻه اهڙوءجيڪو زنده ڪردارن جي روپ ۾ نه رڳو چرير ڪري، ڳالهائي، ٻولهائي سگهي، پر وقت ۽ حالتن جي ٻه ڪشاڪت سان مٽس ڪوبه اثر پُڄي نه سگهي.

مون سواءِ ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ تحرير جي، دوستووسڪي جا سمورا ناول ۽ لکڻيون پڙهيون آهن. هو مون کي هر سِٽ ۾ هڪ عام انسان کان گهڻو مٿيرو شخص/

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فنڪار نظر آيو آهي. سنڌس حوالي سان اڄ يورپ ۾ لاتعداد ادارا ۽ ڪتاب انهيءَ لاءِ ناهن تہ هُن ڇا ۽ ڇو لکيو آهي؟ پر اهي رهگو گائيڊ ٿا ڪن تہ دوستووسڪيءَ کي پڙهڻ جو طريقو ڪهڙو آهي؟ سنڌس ڪردارن، منظرنگاريءَ ۽ جذبات نگاريءَ کي درست طريقي سان محسوس ڪرڻ جي واٽ ڪهڙي آهي؟

دوستووسڪيءَ لاءِ بنان ڪنهن دعويٰ جي، مان رهگو اهو چوندس تہ جيتريقدر مون سمجهيو آهي، تہ هو مون کي نہ رهگو ماضي پر حال ۽ آئيندي جو به هڪ اهڙو امر سرجٹهار لڳو آهي، جيڪو لفظ 'ڪلاسڪ' جو ٹُز اظهار آهي. بلڪل اهڙو ڪردار جنهن لاءِ ٻڌائي بادشاهہ چيو:

"وڪر سو وهاءِ جو پُٹي پُراٹو نہ ٹئي."

بيشڪ سنڌس وڪر سدائين تازو آهي. اهوئي سبب آهي جو آئون انهيءَ تازگيءَ ۽ ٹُزيٹي جو اهڙو مداح آهيان، جنهن کي اکر نٹا ملن،جو هن ذات جي صاحب جو ڪو مناسب تعارف پيش ڪري سگهي. بلڪ سنڌس ذات ۽ تخليق تہ وڏي ڳالهہ آهي،رهگو هن جي ناول جي ڪنهن صفحي جي هڪ سٹ ۾ آيل ڪنهن ڪردار جي ڪٹ ڪري،ان جي شدت، گهرائي ۽ وسعت ماپي سگهڻ ۽ مون لاءِ ممڪن ڪونہ آهي! دوستووسڪيءَ کي سمجهڻو آهي تہ دوستووسڪيءَ جي هر تحرير کي نہ چڑو پڑهيو وڃي، پر بار بار پڑهيو وڃي.

ـ سنڌيڪار

اُٹويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ جن ٹن روسي ليکڪن وڏو نانءُ ڪمايو ۽ اولهہ تي ادبي ڏاکو ڇمايو، تن جا نالا آهن: ٹالسٹاءِ، چيخوف ۽ دوستووسڪي. هنن منجهان ٻہ پويون نالو اهڙو آهي، جنهن اولهہ جي ادبي اوسر تي گهرو ۽ سڏو سنئون اثر ڪيو. توٹي جو طبيعت جي لحاظ کان هو هڪ باغي، بيمار، شين بابت حد درجي جو شڪي مزاج، عادي جُواري ۽ تکو شخص

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئو، پر لکت جي حساب سان هو اڻ لپ ادبي لياقت جو صاحب هئو. سندس ذهني اورچائي ۽ تخليقي ذات جا جلوا هُن جي ناولن جي تسلسل مان پَسي سگهجن ٿا. جيڪي سندس ناول 'ڏوهه ۽ سزا' (1866) کان شروع ٿي 'برادرز کرامزوف' (1880) تي پورا ٿين ٿا.

دوستووسڪيءَ پنهنجين انهن لکڻين ۾ خدا ۽ بندي جي وچ ۾ لاڳاپن جي حمايت ڪئي آهي. مٿين ناولن ۾ هن اظهار جو اهڙو ته اعليٰ ڏاڻءُ حاصل ڪيو آهي، جيڪو ڪيترن نقادن جي خيال ۾ ڪائنس پهرين ڪنهن به پئي ساهتڪار جي حصي ۾ ناهي آيو. پنهنجي تحريرن ۾ چٽي ڪردارنگاريءَ ۽ جذبن جي نفسيات بابت گهري ڄاڻ جي ڪري، هو دراصل ادب ۾ هڪ نئين واٽ جو بنيادڪار مجيو ٿو وڃي.

فيودور دوستووسڪيءَ جي ذات بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ کان پهريائين، اچو ته هن نندڙي واقعي تي نظر وجهون:

1849ع ۾ ڊسمبر جي هڪ ڏهاڙي، روس جي تخت گاهه پيٽرسبرگ جي سمائنو وسڪي چؤنڪ تي، ٻن قطارن ۾ ايڪويهه قيدي بيٺا آهن. چؤنڪ جي وچ ۾ موت جو تختو ڪڙو ڪيل آهي. جنهن تي شهر جو مُکي (Sheriff) هٿ ۾ ڪجهه ڪاڳر کنيو بيٺو آهي، جن منجهان هر هڪ جو نالو ونندي هيٺيان اکر ڏُهرائي ٿو:

"هن کي موت جي سزا ڏني ويئي آهي."

مُکي نالا کٽي جيئن ئي موت جي تختي تان هيٺ لٿو، ته سج پڻ ڊسمبر جي سرد ڇهڙاڻي موسم ۾، بادلن منجهان اوچتو پنهنجو مُنهن ڪڍيو. ايتري ۾ هڪ قيديءَ پُٽ پُٽ ڪندي، پنهنجي پرسان بيٺل ساٿيءَ کي چيو: "اهو اڻ ٽيٽو آهي ته هو اسان کي ماري ڇڏين." سندس ڳالهه جو جواب ڏيڻ لاءِ بڌندڙ همراه، ڪيس تيار ٽيل ڪفن جي پيٽين ڏانهن هڪ مختصر اشارو ڪيو، جيڪي موت جي تختي جي پر ۾، اڃان لٽن سان ڍڪيل هيون ۽ سندن انتظار ڪري رهيون هيون.

انهيءَ وچ ۾ مُکيءَ جي سربراهيءَ ۾ موت مار ڪارروائي جاري رهي ۽ ايڪويهن منجهان پهريان ٽي شخص، موت جي تختي ڏانهن نيا ويا، سندن هٿ پير ٻَڌي، ڪين چهري تي ٽوپ پڻ چاڙهيا ويا.

اهو منظر ڏسي، انهيءَ نوجوان جا سيئي آسرا ختم ٿي ويا، جنهن ٿورڙي جهٽ اڳ پنهنجي ساٿي قيديءَ سان پُٽڪو ڪيو هئو. ڇاڪاڻ جو ڪيس محسوس ٿيڻ لڳو هئو، ته سندس زندگيءَ جي بتي هاڻي پنجن منٽن ۾ اجهامڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري آهي. ذهن ۾ اهو سوچيندي هن گرجا گهر جي سونهري قبي ڏانهن نهاريو، جتان سج جي ڪرڻن جا اولڙا ٽي آيا ۽ پوءِ اوچتو هُن کي ايئن لڳو،جڻ ته اهي ڪرٽا اُنهيءَ هنڌ تان ٽا اچن،جتي پنجن منڻن کان پوءِ هو پاڻ ۾ موجود هوندو.

ها پر، انهيءَ کان اڳ جو گولي هٽندڙ سپاهين کي، پهرين ٽن قيدين تي گوليون چوڙڻ جو حڪم ملي، عام حالتن جي برخلاف، ڪجھ ڊگھي دير تائين سانت چانيل رهي. ايتري ۾ اڳ ۾ يُٽڪو ڪندڙ نوجوان،جنهن جي پري جي نظر خراب هئي، سو جيتوٽيڪ چٽي نموني سان آسپاس جي وارتا ته ڪونہ ٽي ڏسي سگھيو، پر ڪيس کي سؤنچو ڪنين ضرور پيو..... ٽوري جھٽ ڪانپوءِ ڏسڻ ۾ آيو،ته اوچتو پريان کي عملدار گھوڙو تيز ڊوڙائيندو ۽ هٿ ۾ اڇو رومال زور زور سان لوڏيندو، ڏوڪيندو اچي چؤنڪ ۾ ٽو پهچي ۽ زور زور سان هيٺيون حڪم نامو پڙهي ٽو:

"مون کي روس جي بادشاه زار جو حڪم آهي، ته هنن سيني قيدين کي ڏنل موت جي سزا، سائبيريا ۾ چئن سالن جي سخت پورهيي سان قيد جي سزا ۾ تبديل ڪئي وڃي. جڏهن ته هڪ قيديءَ کي صفا آزاد ڪيو وڃي."

انهيءَ موقعي تي ڪاٽُو ويھ درجا پوندڙ ٽڏ ۾، رڳو هڪ قميص پهريل اُهو شخص، جنهن کي ٻئي مرحلي ۾ بندوقن آڏو اڇي،پنهنجي سزا پوڳٽي هئي ۽ جنهن لاءِ زندگيءَ جي،مٽين ويهن منڻن کي وسارڻ بالڪل ناممڪن هئو. انهيءَ نوجوان شخص جو نالو فيودوردوستووسڪي هئو. جيتوٽيڪ ان وقت هن جي عمر چڙي اٺاويھ سال هئي، پر تڏهن ۾ ادبي حلقن ۾ سندس چگي سيڃاڻپ ٽيل هئي ۽ اها سيني کي پڪ هئي ته هڪ ڏينهن،هو سموري روسي تواريخ جو هڪ عظيم ناول نويس ٽي اُيرندو...

جيتري قدر دوستووسڪي جي ابتدائي ڏهاڙن جو تعلق آهي، ته1821ع جي ڳالھ آهي ته ماسڪو جي سينٽ ميري اسپتال جي عملي ۾، هڪ فوجي سرجن ۾ شامل هئو. ڪيس ميخائيل آندري وچ دوستووسڪيءَ جي نالي سان سڏيندا هٽا. سرجن سان گڏ اسپتال سان لاڳاپيل ننڍڙي فليٽ ۾،سندس سھٽي ۽ سڃاجهي زال ۾ گڏ رهندي هئي. جنهن کي 30 آڪٽوبر تي ٻيو نمبر پُٽ ڄائو. هن ٻار جو نانءُ ميخائيلو وچ فيودور رکيو ويو.

ٻالڪ جو پيءُ ڊاڪٽر صاحب،پنهنجي سِر هڪ عجيب شخص هئو، هو شراب جو هڪ پڪو موالي ته هئو ئي، پر پنهنجي ڪٽنب لاءِ بہ ڏاڍو شڪي مزاج ۽ سخت طبيعت وارو شخص هئو. ايتري قدر جو پنهنجي جوان نينگرين کي ۾ ڪڏهن اڪيلو ڇڏڻ بجاءِ، هر پاسي ساڻن گڏ ويندو هئو. هو ڪنهن سخت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گير نفسياتي مريض فوجي سارجنٽ مٿجر وانگر، پنهنجن چئن چوڪرن تي ب سدائين پيو حڪم هلائيندو هئو. ڪاوڙ ته هميشه ڪَنڀي تي چڙهيل هوندي هئس ۽ معمولي ڳالهه تي ب طيش ۾ اچي ويندو هئو، ظاهر آهي ته انهيءَ حالت ۾ ب ڪانئس ڏاڍو ڏکندا هئا.

ها، بس ٿورو ٽڪو سندس سهڻي ۽ ٽلهي زال جو مٿس ضابطو رهندو هئو. هوءَ نه چڑو سندس شراب نوشيءَ واري عادت تي نظر رکندي هئي، پر جڏهن هوش خطا ٿيندا هئس،ته ڪيس ٽڏو ڪري آپي ۾ پڻ آٽيندي هئي. هوءَ جڏهن ب گهر ۾ موجود هوندي هئي، ته اڪثر ڪري ب‍ارن کي سندس ڪاوڙ جو شڪار ٻڌائڻ کان بچائي وٺندي هئي.

ڊاڪٽر صاحب جي ب‍ين لڇڻن منجهان،سندس طبيعت ۾ ڪنجوسپائيءَ وارو نيچپڻو ڪجهه سرس هئو. ايتريقدر جو سورنهن سترنهن ورهين جي عمر تائين،هو پنهنجن پٽن کي،ڪيسي ۾ رکڻ لاءِ ٽَڪو ب نه ڏيندو هئو. پر ان هوندي ب هن نه رڳو 'ٽولا' جي علائقي ۾ ب‍نيءَ ٽڪرو ورتو هئو،پر جڏهن سندس ننڍڙو دوستووسڪي نون ورهين جو ٿيو، ته ڪيس هڪ چڱڙي اسڪول ۾ ب داخل ڪرايائين. هن ب‍نيءَ تي ڊاڪٽر صاحب جي گهرواري ۽ سندس ب‍ار، آرهڙ جي موڪلن وارا ڏينهن وڃي گذاريندا هئا. دراصل هيءَ ئي اها جڳهه هئي،جتي ننڍڙو دوستووسڪي، ب‍نيءَ تي ڪم ڪندڙ سندس پيءُ جي غلام هارين سان واسطيداريءَ ۾ آيو. هارين سان انهن لاڳاپن،اڳتي هلي سندس زندگيءَ تي ڏاڍا گهرا اثر ڇڏيا.

سال 1837ع ۾ دوستووسڪيءَ جي والده جو چالاٽو ٿيو. جنهن ڪانپوءِ هو پاڻ ۽ سندس وڏو ب‍اءُ،فوج جي انجنيئرنگ واري اسڪول جي لاءِ چونڊ ۾ وٺا. انهيءَ موقعي تي حيرت ب‍ري ڳالهه اها ٿي،جو دوستووسڪي ته چونڊجي ويو، پر سندس ب‍اءُ جيڪو وڌيڪ رُعبدار شخصيت جو مالڪ هئو، سو نه ڪُڇي سگهيو.

هوڏانهن زال جي مرتبي کان پوءِ ڊاڪٽر جي شخصيت ته صفا چڪناچُور ٿي ويئي. هو نه رڳو بدترين عادي شرابي بڻجي پيو،پر سندس سياڻ ب وڌيڪ ظالماٽو ٿي ويو. نتيجي ۾ پنهنجي ڊيوٽي ب چڱي طرح سرانجام نه ٿي ڏيئي سگهيو ۽ نيٽ نوڪريءَ تان استعفيٰ ڏيئي وڃي، پنهنجي ب‍نين تي رهي پيو. هتي هو پنهنجي غلامدار هارين مٽان ايترو ته وحشياٽو تشدد ڪندو هئو، جو ڪڏهن ڪڏهن ته سندس هٽان منجهائن ڪو مري ب پوندو هئو.

ب‍ئي طرف دوستووسڪي 1843ع ۾ فوج جي انجنيئري ڪاتي مان امتحان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاس ڪري،ڪميشن حاصل ڪئي ۽ اُتي ئي ڪيس ڊزائينر جي نوڪري ملي ويئي. توڻي جو ڪيس گذاري لاءِ سال ۾ سڄا سارا پنج هزار روبيل ملندا هئا، پر تڏهن به اتي سندس زندگي بي ڇَسي ئي گذرندي هئي. هُن پنهنجو پاڻ کي لاأباليِ طبيعت رکندڙ ماڻهن جي سنگت سان واڳي ڇڏيو هئو، تنهن ڪري مالي طور تي بهتر هوندي به سدائين تنگ دستيءَ ۾ رهيو. فيدور کي چڪري واري جوا (Billiards) کيڏڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هئو. جتي به سدائين پئسا ڳنگ ڳڻڻو ڪيو ويٺو هوندو هئو. سواءِ زندگيءَ جي پوين سالن جي، جڏهن ڪيس ناولن جي ڇپائيءَ مان چڱا خاصا ڏوکڙ ۽ مشهوري ملي، زندگي ۾ اڪثر ڪري هو هٿ چوٽ هٽڻ ڪري،سدائين ڪنڀل ڪاتو رهيو.

پنهنجي طبيعت ۾ اهڙي لاپرواهيءَ ۽ عجيب سپاءَ جي هوندي به،منجهس ڪا اجهل اڻ ٽُٽ ضرور هوندي هئي، جنهن سندس زندگيءَ کي تبديل پٽي ڪيو. انهيءَ تبديليءَ جي ڏاءَ هيٺ ڪيس ادب ڏانهن ڇڪ محسوس ٿي ۽ هُن بالزاڪ جي جڳ مشهور ناول "Eugine Grandet" جو ترجمو ڪرڻ شروع ڪيو. انهيءَ دوران ٿوري ئي وقت کان پوءِ،هو فوجي نوڪريءَ مان بيزار ٿي پيو ۽ پنهنجي پاءُ ميخائيل ڏانهن 1843ع جي آخر ۾ لکيل خط ۾ ڪيس ڏسيائين: "نوڪريءَ مان مون کي بٽالُن جهڙي ڪراهت ٿي اچي." تنهن ڪري ستت ئي انهيءَ نوڪريءَ تان تياڳ پتر ڏيئي،هميشہ لاءِ فوج کي خدا حافظ چيائين.

انهيءَ صورتحال بابت پنهنجي پاءُ کي ٻيو وضاحتي خط لکندي چيائين: "نوڪري ڇڏيندي مونکي ڪو پڇتاءُ ڪونهي، آڻون بالڪل پُراميد آهيان. جلد ئي مان اهڙو ناول مڪمل ڪرڻ وارو آهيان، جيڪو هڪ انتهائي منفرد تخليق هوندو."

دوستووسڪي جو خيال هئو ته هو ان ناول کي مشهور رسالي 'اوتيچيستوينيازاپيسڪي' ۾ قسطوار ڇپرائيندو. پر سال کان پوءِ به سندس اها خواهش پوري نٿي سگهي، ڇاڪاڻ جو رسالي جي انتظاميا مٿس زور ڀريو، ته هو ان ناول جي مسودي ۾ سندن مرضيءَ مطابق قيرڦار ڪري. پر هُن سندن هدايت تي عمل ڪرڻ بجاءِ، اهو ناول پنهنجي ذاتي خرچ تي ڇپرائڻ جو ارادو ڪيو. انهيءَ سلسلي ۾ هُن پنهنجي پاءُ ميخائيل ڏانهن لکيو:

"جيڪڏهن منهنجي هيءَ محنت سُريلي آهي، ته نہ رڳو اها امرتا پائيندي، پر اها منهنجي مشڪلاتن کي گهٽائي،مالي لحاظ کان پڻ فائدو ڏيندي. پر جي ايئن نہ ٿيو،ته پوءِ مون لاءِ ڪو ٻيو چارو نہ هوندو، سواءِ ان جي ته پنهنجو پاڻ کي ڦاهو ڏيئي ماريان."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيتوٽيڪ انهيءَ ڪتاب کيس وڏيڪ قرضي بٽائي ڇڏيو، پر دوستووسڪي پنهنجي دل نہ هاري. هن 1846ع ۾ پنهنجو مشهور ڪتاب "Poor folk" لکي ورتو. هيءُ ڪتاب جڏهن ان دؤر جي هڪ بهترين نقاد ۽ پڙهيو تہ ساراهيندي کيس لکيائين:

"توهان شين جي اصليت کي کوٽي ڪڍيو آهي ۽ هڪ ٽي ڏَڪ سان ڪيترين سچائين کي بيان ڪيو آهي، انهيءَ شاهڪار کي مناسب مانُ ڏيو. آئون اوهان کي گذارش ٿو ڪريان، تہ انهيءَ سان هميشہ سچا رهجو. اهوئي رستو آهي،جيڪو توهان کي عظيم ليکڪ بڻجڻ ۾ مدد ڪندو."

اها مٿين راءِ ڏينڊڙ نقاد، مشهور شخص بيلنسڪي آهي. پر سندس ساراهہ ۾ هو اڪيلو نہ هئو. رات وچ ۾ دوستو وسڪي ايڏي تہ شهرت ماٹي ۽ پڙهندڙن جي جيءَ ۾ جايون حاصل ڪيون، جو هن خط ۾ ياءُ کي لکيو: "آئون جتي ۽ وڃان ٿو، تہ هرڪو مون کي تعجب منجهان ٿو ڏسي."

پر جنهن طريقي سان کيس ايڏي مڃتا ملي هئي،سو طريقو سندس لاءِ لاياڻتو ثابت ڪونہ ٿيو. هن جي طبيعت ۾ مَڱي اچي ويئي ۽ عجيب طريقي سان پنهنجن مَداحن ۽ خيرخواهن تي، وڌيَ انتهائي سخت تنقيدون ڪيائين. انهيءَ صورتحال جو جيڪو لازمي نتيجو نڪرڻو هئوءسو نڪتو. سيني سوچڻ شروع ڪيو تہ هيءُ هڪ ٽرڙو نوجوان پاڻ کي سمجهي چا ٿو؟ تنهن ڪري هر ماڻهوءَ مٿس فقط هڪ ٽي طريقي سان جُهلون ڪرڻ شروع ڪيون ۽ سو طريقو اهو هئوءتہ هو سندس هر لفظ ۽ ڳالهہ جو مذاق اڏائڻ لڳا. انهيءَ جوابي ڪارروائي مٿس ايترو تہ اثر ڪيو،جو لڳ ڀڳ هر نقاد جو خيال آهي،تہ هو نفسياتي طور تي هلڪڙي چريائپ ۾ري پيڙا جو شڪار ٿي ويو۔ ۽ ڪيس نہ رهڳو شديد اڪيلائي محسوس ٿيڻ لڳي، پر هو جتي ۽ ويندو هئوءتہ نہ هوندي ۽ ڪيس پنهنجي بي عزتي ٿيندي محسوس ٿيندي هئي.

سو سندس ڪاوش "Poor Folk" جي ڪاميابيءَ کان پوءِ، مٿس ناڪاميءَ جي هڪ ڏُکي رات طاري ٿي ويئي. جيئن تہ هِن کان اڳ ۾ هُن جو اهم مقصد، قلم جي ذريعي پنهنجا قرض چاڻڻ هئو، پر هاڻي ايئن پٽي لڳو تہ دوستووسڪيءَ لاءِ ٻيهر ڪامياب حاصل ڪرڻ ممڪن ڪونہ هئو، ڇو تہ ادبي حلقن طرفان مٿس ٿيندڙ ڦٽڪار ۾ مسلسل اضافو ٿيندو رهيو.

هاڻي هڪ هيڏي وڏي ادبي حلقي مان لوڏجڻ کان پوءِ دوستووسڪيءَ لاءِ انهيءَ کان سواءِ ٻي ڪابہ واٽ ڪانہ هئي،تہ هو ڪنهن ٻئي پاسي مُنهن ڪري. سوهُن هڪ اهڙي ٽولي سان وڃي ياري ڳنڍي،جيڪو انهيءَ دؤر ۾ راءِ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزاديءَ تي،سرڪار طرفان مڙهيل اَنياءَ پريل پابندين خلاف جهيڙڻ ڪان سواءِ، غلام هارين جي آجپي لاءِ جدوجهد ڪري رهيو هئو. هنن پنهي لاڙن جو مٽس گهرو اثر ٿيو، پهريون هڪ اديب جي صورت ۾ ۽ ٻيو پٽس جي پنين تي غلام هارين مٽان ٽيندڙ ظلم بابت ٽيل تجربن کي ذهن ۾ رکڻ ڪري.

ان دؤر جي حڪومت جي،بهرحال اهڙن ٽولن جي ڇُرپُر تي ڪڙي نظر هئي ۽ هنن پنهنجا ايجنٽ،منجهن اول ئي داخل ڪري ڇڏيا هئا، هوڏانهن اهي 'مجاهد' وري ايترا تہ پورڙا هئا، جو کين آپيشاهيءَ واري حڪومت جي طاقت جو ڪو اندازو ئي نہ هئو. انهيءَ غلام هارين جي آجپي واري ڳجهي سرگرميءَ واري تحريڪ ۾،دوستووسڪي انقلاب آڻڻ واري سچي خواهش کٽي،ايترو تہ اڳتي وڌي ويو، جو نيٽ اختيارين جي نظر ۾ اچي ويو، جنهن ڪري 23- اپريل 1849ع ۾،ڪيس ننڍ ۾ سُتي گرفتار ڪيو ويو، ساٺس گڏ ويهہ ڇٽا ٻيا ب ٻڌا ويا، جن سيني کي آخرڪار 22- ڊسمبر تي،مٿي بيان ڪيل سيميونووسڪي ڇوٽڪ تي،گوليءَ سان اڏائڻ جي سزا ڏني ويئي.

پڪڙجڻ ڪان پوءِ ناتال واري ڏهاڙي، دوستووسڪيءَ کي سيني ساٺين سميت 'اومسڪ' جي بنديخاني ڏانهن نيو ويو، جتي ڇٽن سالن جي خوفناڪ تجربن،سندس ذهن تي جيڪي اثر ڇڏيا، تن کي هن پنهنجي هڪ پي مشهور تصنيف"The House of Dead" ۾ درج ڪيو آهي، جيڪا 1861ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي. جيل جي سزا کان پوءِ،ڪيس هڪ خاص مدي جي لاءِ جلاوطن ڪيو ويو، جيڪو عرصو هن 'سيمي پلاٽنسڪ' نالي شهر ۾ گهاريو.

انهيءَ کان پوءِ جيئڻ جي جستجو ۾، دوستووسڪي خانگي طور تي ٻيهر فوج ۾ داخل ٿيو (ياد رهي تہ جيل ۾ رهڻ ڪري هن دفعي فوج ۾ سندس اڳوٽن اعزازن ۽ عهدن کي ختم ڪيو ويو هئو.)،جتي ڪپتان جي اجازت سان هو هڪ خانگي ڪوارٽر ۾ رهڻ لڳو. هتي سائبيريا جي هڪ نائب سرڪاري وڪيل 'بئرن رئنگل' سان سندس ياري ٿي ويئي، هن همراه جي سنگت جي مُهابي سندس جلاوطنيءَ جي عذاب ۾ ڪي قدر گهٽتائي ضرور آئي. هتي هُن نہ رڳو "The House of Dead" لکڻ شروع ڪيو، پر هڪ عملدار جي جوءِ مادام ماريااسائيف سان سندس عشق جي ابتدا ٿي، سٽ ئي جڏهن محترم جي مرس پرلوڪ پڌاريو تہ پنهي جي شادي ب ٿي ويئي.

آخرڪار 1858ع ۾ سندس جلاوطنيءَ جا ڏهاڙا ب اچي پورا ٿيا ۽ ڪيس سينٽ پيٽرسبرگ ۾ واپس موٽڻ جي اجازت ملي. جتي ئي هُن "The House of Dead" کي مڪمل ڪيو، جيڪو پهرياٽين هڪ رسالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

'وريميا' ۾ قسطوار ڇپيو ۽ بعد ۾ هڪ ڪتابي شڪل ۾ پڌرو ٿيو.

انهيءَ وچ ۾ دوستووسڪيءَ جي زال ٽي بيءَ جي مرض وگهي ڏاڍي ناچاڪ ٿي پيئي، جنهن ڪري ڪيس علاج لاءِ سائيبيريا جي علائقي 'تويز' ڏانهن وڃڻو پيو. انهيءَ ڪري دوستووسڪي کي موقعو مليو ته هو زندگيءَ ۾ پهريون دفعو روس کان ٻاهر نڪري سگهي، سو 1822ع ۾ هو پئرس، لنڊن ۾ جينيوا مان ڇڪر هٽي آيو ۽ 1823ع ۾ روم کان پوءِ جرمني ۽ ڊينمارڪ جو ٻه دؤرو ڪري آيو.

هن دؤري ۾ پڻ دوستووسڪي ڏوکڙن جي معاملي ۾ ڏاڍو پريشان رهيو. سندس زال جي بيماريءَ جي خرچ جو بوجهو ته مٿس هيو ئي، پر سندس اڳ ڄائي پٽ پاشا جي سار سنيال ٻه ڪيس ٿيُ لهٽي هئي. انهن مڙني خرچن جي پورائي لاءِ، هن ٻيهر چڪري واري مشين (Roulette) تي شرط لڳائڻ واري جوا کيڏڻ ۾ سرگرمي ڏيکاري، چاڪاڻ ته هن راند ۾ هُن شروع ۾ خاصي مهارت حاصل ڪري ورتي هئي. سندس خيال هئو ته هو هاٿي ايترو ته ڇالاڪ ٿي چڪو آهي، جو ڪڏهن ٻه هارائي نٿو سگهي. اهو سوچي هن پهرين ڏينهن داءُ رکيو ته ڏهه هزار فرانڪ کٽي ورتائين، ٻئي ڏينهن تي ٽي هزار فرانڪ ٻيا ٻه هنيائين، پر ٽئين ڏينهن تي همراه نه رهيو ڪٽيل پيسا هارائي ويٺو، پر پنج هزار فرانڪ کيسي جا ٻه هارائي بوچڙ ڇنڊي اچي گهر پهتو.

1864ع وارو سال دوستووسڪيءَ لاءِ ڏاڍو اياڳو ثابت ٿيو، هن سال هڪ ٻئي پٽيان سندس گهرواريءَ، وڏي ياڻ ميخائيل ۽ 'وريميا' واري همدرد دوست ۽ جُهٽ يار اپولن گريگوريف جا مرتيا ٿيا. خير، پنهنجي شاديءَ جي پوئين اڻ وٽندڙ تجربي جو بوجهه گهٽائڻ لاءِ هُن پنهنجي هڪ ماسڪو جي رهاڪو سنگتياڻيءَ ۽ 63-1862ع وارين غيرملڪي مسافرين جي همسفر 'پائولن سسلوف' سان پي شادي ڪئي. پر ست ٽي دوستووسڪيءَ جي پهرين زال جي لاڏاڻي کان پوءِ هيءَ مائي ٻه ڪيس ڇڏي هلي ويئي. انهيءَ وچ ۾ هن پنهنجي لازوال ناول 'ڏوهه ۽ سزا' تي سخت محنت ڪرڻ شروع ڪئي ۽ انهيءَ سلسلي ۾ ڪنهن ٻه وياڪُلتا کان بچڻ لاءِ 'ويزبئدن' شهر جا وڻ وڃي وسايا. درحقيقت محترمه سسلوف جو ڪانئس جدا ٿيڻ جو وڏو سبب انهيءَ شهر ڏانهن فرار ٽي وڃڻ ٽي هئو.

هو ايڏا ويزبيدن ۾ ٽي هئو، جو سندس تخليق "Letters From un-derground" ڇپجي پڌري ٽي. پنهنجي زندگيءَ جي هن مايوسيءَ ۽ يريل عرصي بلڪ شديد نراسائيءَ واري دؤر ۾، سندس هن ڪتاب ٻه سنجيده نقادن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي منجهس موجود هڪ نئين فڪري ۽ ذهني اُپار ڏانهن ڌيان ڇڪرايو. جنهن ڪري ليکڪ جي آئيندي جي روشن هجڻ جا امڪان، ڪُجهه سرس محسوس ٿيڻ لڳا.

هوڏانهن دوستووسڪيءَ جو وڏو ياءُ مرهيات ميخائيل ۽ ويندي ويندي پٽياڻ قرضن جا ڪوٽ ڇڏي ويو. توڻي جو هيءُ همراه پاڻ ۽ 'آٽين ۽ چاڙهين' واري صورتحال ۾ هئو،پر تڏهن ۽ بنان ڪنهن قانوني ڏياءَ جي، هن اخلاقي ذميواري سمجهندي، پنهنجي ياءُ جا قرض ادا ڪرڻ شروع ڪيا. ذميوارين جي انهيءَ بار کيس ايڏا ۽ وڌيڪ نستو ڪري ڇڏيو.

هوڏانهن دوستووسڪيءَ جو لکڻ وارو سلسلو جاري رهيو. 1866ع ۾ "Crime and Punishment" قسطوار شايع ٿيو. جيتوٽيڪ هن ناول مان کيس ايترا ڏوکڙ ضرور آيا، جو جيڪڏهن مٽس قرضن جا انبار چڙهيل نہ هجن ها، تہ هو مالي طور تي پاڻ پرو ٿي وڃي ها، پر افسوس جو انهيءَ جي ابتڙ سندس مالي مشڪلاتون اهڙيون جون اهڙيون ئي رهيون. جيتري قدر مٿئين ڪتاب جو سوال آهي،تہ انهيءَ جو آڏرياءُ پورو سارو ٿيو، ڇو تہ ڪتاب منجهه موجود نفسياتي وارتائون ۽ ڪُجهه پهريون دفعو تخليقي نواڻ سان پيش ڪيل هئا. جن کي ڪن تہ سمجهيو ئي ڪونہ ۽ ٻين سائينءَ جي سنوارين تہ وري سمجهو ئي غلط توڻي جو ڪتاب منجهه موجود عظيم فڪري ۽ تخليقي سگهه جو ڪوبہ انڪار ڪري نہ سگهيو. پر اُهي سيئي خوبيون ليکڪ کي ڏوکڙ ڪمرائي نہ سگهيون، جن جي ڪيس ان وقت تمام گهڻي گهرج هئي.

دوستووسڪي جيئن تہ پنهنجو ناول 'ڏوهہ ۽ سزا' قسطن جي صورت ۾ لکي رهيو هئو، تنهن ڪري وچ وچ ۾ ان کي روڪيندي، هن هڪ نئون ڏڪهو ڪهاڻي نما ناوليٽ 'جوئاري' جي نالي سان لکي ورتو.

انهيءَ مسلسل ڪم ڪرڻ جي جنون جاءِ ڪي اگرا نتيجا ۽ نڪتا ۽ لاڳاتار اکين تي زور پوڻ ڪري،اُهي خراب ٿي پيون. انهيءَ ڪري هن هڪ نوجوان ڇوڪريءَ کي پاڻ وٽ اسٽينو گرافر ڪري رکيو، تہ جيئن هو سندس ڳالهين کي درج ڪندي رهي. هن ڇوڪريءَ جو نالو 'اينا سنڪتن' هئو.

سندس دوستووسڪيءَ سان 4- آڪٽوبر 1866ع تي پهرين ملاقات ٿي ۽ هڪ مهيني جئن ڏينهن کان پوءِ، يعني 8 نومبر تي ٻنهي جو مڱڻو ٿي ويو. سنت ٿي 1867ع ۾ ايسٽر جي سڳوري ڏڻ کان چند ڏينهن پهرين،سندن شادي ٿي، جنهن کان پوءِ هني مون لاءِ هو يورپ جي دؤري تي روانا ٿي ويا. هونئن تہ سندن ٻہ چار مهينا ٻاهر رهڻ جو خيال هئو، پر روس ڏانهن سندن واپسي چئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سالن کان پوءِ وڃي ٿي.

ائنا سان شادي دوستووسڪي جي زندگيءَ جو بهترين واقعو چئي سگهجي ٿو. جيتوٽيڪ تجربي جي گهٽتائيءَ ڪري، منڊ ۾ مڙسهس جي بي ترتيب زندگيءَ، قرضدارن جي پَٽ سَٽ ۽ مٽ مائٽن جي ڇسپائين سان منهن ڏيڻ ۾، ڪيس ڪجهه تڪليف ضرور ٿي، پر آخرڪار هوءَ مڙس جي لاءِ عملي زندگيءَ جا بهتر پهلو ۽ سوچيندي رهي.

هوءَ ڪتابن جي پبلشرس سان معاوضي بابت تفصيل طئ ڪرڻ سان گڏوگڏ، قرضدارن کي ٽوريون گهٽيون ادائگيون ڪندي، مُنهن ڏيندي آئي. مطلب ته جيترو سندس وَس ۾ هئو،هُن اهو سيڪجهه ڪيو. دوستووسڪيءَ ائنا سان يورپ ۾ جيڪي چار سال گذاريا، تن سالن ۾ هن پنهنجن جگ مشهور پنجن عظيم ناولن منجهانٿي اُتي ٿي لکي پورا ڪيا.جن جا نالا آهن:

1- The Idiot
2- The Eternal Husband
3- The Possessed.

انهن ناولن جي چپچڻ کان پوءِ، آهستي آهستي ائنا سيني قرضن کان جند ڇڏائي.بلڪ ايترو ناڻو پٺتي پڻ بچايو، جنهن مان هو چگي موچاري آرام ۾ري زندگي گهاري سگهن. انهيءَ جو نتيجو اهو ٿيو،جو زندگيءَ ۾ پهريون پيرو هن مهان ڪلاڪار کي سڪ نصيب ٿيو. جنهن ڪري هن کي اهو ۽ موقعو مليو،جو صحافتي حلقن ذريعي،روس جي آئيندي بابت پنهنجا تصور ڦهلائي سگهي. جيتوٽيڪ اهو سندس ذاتي ۽ خاص قسم جي حب الوطنيءَ جو اهڃاڻ هئو پر بهرحال سندس ڳالهيون، ماسڪو يونيورسٽيءَ جا شاگرد وڏي اتساه سان ٻڌندا هئا.

هاڻي هڪ طرف دوستووسڪيءَ لاءِ جڏهن خوشين جا در کلي پيا هئا ته ٻئي طرف سندس صحت خراب رهڻ لڳي. هونئن ته ڪيس ننڊپڻ کان ئي مرگهيءَ جا دؤرا پوندا هئا،پر جوانيءَ ۾ ته هڪ ٻي بيماريءَ وقفي وقفي سان ڪيس ڏاڍو لوڙايو. جڏهن ته هاڻي وري ٻنهي بيمارين گڏجي،ڪيس پنهنجو شڪار بڻايو. انهن بيمارين جي سختين سان جهيڙيندي، هن پنهنجي آخري (ڪن جي چواڻي سندس عظيم ترين تخليق) ناول 'دي برادرز ڪرامزوف' تي، 1879ع ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. هيءُ ناول پڻ 'رسڪي وستنڪ' نالي پرچي ۾، ساڳئي سال قسطوار شروع ٿيو ۽ ٻئي سال جي آخر تائين هلندو رهيو. 8- نومبر 1880ع تي مٿين ناول جي آخري قسط پرچي جي سهيڙيندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن موڪليندي، هن ڏانهس هڪ خط ۾ روانو ڪيو جنهن ۾ لکيائين:

"دعا ڪر تہ آئون توکان ڏار نہ ٿيان. مان چاهيان ٿو تہ ايڪا ويھ ورھيہ ٻيا ۽ زنده رهان ۽ لکندو رهان."

25- جنوري 1881ع ۾، هو ٻيهر سخت بيماري ٿي پيو، سندس حالت کي ڏسندي هڪ ماهر ڊاڪٽر گھرايو ويو، جنهن دوستووسڪيءَ جي ڪٽنب کي ٻڌايو،تہ ايندڙ رات،هن مهان ليکڪ جي لاءِ خطري ڀري رات هوندي. دوستووسڪيءَ اها سڄي رات جاڳندي گذاري، پر صبح ڏاري هن محسوس ڪيو،تہ هاٿي وڌيڪ زنده رهڻ محال آهي. سو اهو سوچيندي،هن پنهنجي گھرواريءَ کي، گھرائي ڪيس بائيبل جو'هٽ ڦاڙ پُٽ وارو نقل' پڙهڻ لاءِ چيو ۽ گڏوگڏ پادريءَ کي گھرائي،آخري پيرو پاڪ ڪلام جي تلاوت ٻڌڻ جي خواهش ڏيکاري. پادري سڳورو متائيس پاڪ آيتون پڙهي رهيو هئو ۽ رات جا ساڍا اٺ وڳا هئا، جو سالم هوش ۽ حواسن سان، هن پنهنجي جان حقيقي مالڪ جي حوالي ڪئي.

آخري بيماري کان هڪ ڏينهن اول هن پنهنجي ايڊيٽر کي لکيو هئو:


"مون کي ڏوکڻ جي ڏاڍي ضرورت آهي، مهرباني ڪري مون ڏانهن هزار روبيل موڪلي ڏي."

دوستووسڪيءَ جي مرتبي پڇاڻان،سندس تخليقون هڪٻئي پٺيان تڪڙيون تڪڙيون ڇپيون رهيون، جن مان سندس پونيرن کي ان دور ۾ پنجهتر هزار روبيل جي آمدني ٿي.

(جان ڪٽننگ جي ڪتاب
"100 Great Personalities of the Wrold" تان ورتل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



کارل مارکس هينرخ

جنم: 5 مئي 1818ع
لاڏاڻو: 14 مارچ 1883ع.

کارل مارکس دنيا جو اهو اڪيلو فلسفي آهي، جنهن جو نظريو ۽ ڪم رڳو لفظن ۽ ڪتابن جو ڪاڄ ٻڌجڻ بجاءِ، مادي وجود جي هڪ وسيع دنيا جو روپ اختيار ڪري چڪو آهي. دنيا جو شايد ئي ڪو ملڪ يا ڪنڊ سنڊس انقلابي شعور جي فڪر کان وانجهيل هجي. مارکس جي تعليم کي ڪنهن ڪهڑي انداز ۾ ورتو، هن مضمون ۾ اها ڳالهه بحث هيٺ آيل ڪونهي ۽ نه وري مختلف دؤرن ۾ رهندڙ سماجن جي اندر حيرت ناڪ تبديلين جو مطالعو ڪيل آهي، پر هتن چند ورقن ۾ انسانذات ۽ ان جي موجوده گهر، يعني هن ڌرتيءَ تي ٿيندڙ ڪلورن جو ڪو ترياق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گولھڻ لاءِ، دنيا جي هن حساس ۽ دلير انسان جي کيل کوشش جي کڻ کٽي وئي آهي. ٻين انسانن وانگر مارکس به هڪ انسان آهي، جيڪو فقط ۽ فقط حالتن جو آئينو آهي، تنهنڪري ڪيس مقدس سمجهڻ ۽ انساني ارتقائي تاريخ جي اڪيلي سورمي وارو خطاب ڏيڻ جي بدعت جو نه هو داعي، نه وڪيل ۽ نه وري تنقيدن کان مٿانهون آهي. بيشڪ مارکس تي زبردست تنقيدون ڪيون ويون آهن ۽ سندس ڪم ۽ تحريرن جي خلاف، ڪروڙين ڪاپيون مارکيٽ ۾ آيون، پر شايد ئي ڪو ايماندار نقاد هجي، جنهن سندس ڪنهن به تخليق تي "غير معياري" هڻڻ جو ٽپو هنيو هجي. مارکس هزارين اختلافن باوجود انساني تواريخ جو هڪ عظمت پريو ڪردار آهي ۽ سندس محنتون تاريخ جو روشن ترين باب - جنهن جي مطالعي کانسواءِ تواريخ، سماج ۽ انساني زندگيءَ جي ڪرب کي سمجهڻ ناممڪن آهي.

مارکس هڪ ڪائناتي ذهن رکندڙ انسان هيو، جنهن جي ذهن ۾ بغاوت، جدوجهد ۽ ڌاهڻ سان گڏ پريم، گڏيل ڪم ۽ ناهڻ جا جذبا زبردست پڻماني تائين موجود هيا. هو هڪ اهڙو حڪيم هيو، جنهن انساني زندگيءَ جي اڻ ڄاتل ناسور کي پرکي ورتو ۽ مرض جي سڃاڻپ ڪري درست دارون تجويز ڪيو. ڇا انهيءَ کان وڌيڪ کو ٻيو دارون آهي ته، مطلق سچائي ڪا به ناهي، سچايون ۽ انهن جا پڻمانا بدلجندڙ آهن، ۽ اڄ جي درست ڳالهه سياڻي لاءِ غير موزون به ٿي سگهي ٿي. تنهنڪري بقول سندس عقيده پرستي ۽ باطلپڻي جي خلاف هر دؤر جي جدوجهد هڪ نئين جدوجهد آهي، جنهن جا پڻمانا به نوان ماڻهو جوڙيندا. سندس انهيءَ فڪر جي سچائيءَ جي شاهدي سڄي دنيا ۾ موجود سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاهيندڙن جو تعداد ڏئي ٿو.
انهن چاهيندڙن مان هڪ نڪولائي ايوانوچ لاپن به آهي، جيڪو هن مضمون جو خالق ۽ روس جي سائنسي اڪيڈمي جي "مختلف نظامن جي مطالعي واري انسٽيٽيوٽ" جي فيلسوفياٿن ۽ سماجياتي مطالعن واري شعبي جو سربراه ۽ سوويت سماجياتي تنظيم جو نائب صدر آهي. جنهن جو تواريخ سان لاڳاپيل مشهور ڪتاب "نوجوان مارڪس" جي عنوان سان آهي، جيڪو 1968ع ۾ شايع ٿيو. سندس هيءَ مضمون 1982ع ۾ مارڪس جي سؤ سالہ ورسيءَ جي نسبت سان، گڏيل قومن طرفان مختلف شخصيتن جا خاڪا چپرائڻ جي سلسلي ۾ نڪتل "پيامي" ۾ شايع ٿيو.
ـ سنڌيڪار

"**زندگي** جي ڪنهن به ڪاروبار ۾ گهڙڻ کان پهريان چونڊ ڪرڻ واري مرحلي ۾، اسان جو انهيءَ ڳالهہ تي وڌيڪ زور هئڻ گهرجي، ته انهيءَ چونڊ جو مقصد خلق جي ڀلائي ۽ پنهنجي وجود جي تڪميل لاءِ ڪيئن ٿئي؟
جيڪڏهن اسين پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪا اهڙي راهہ اختيار ڪيون،
جنهن جو مقصد انسانيت جي گڏيل ڀلائيءَ لاءِ سوچڻ آهي، ته پوءِ دنيا جو ڪوبہ حربو اسان کي هارائي نٿو سگهي، چو ته اهي هڙئي قربانيون هر عام خاص جي ڀلي لاءِ آهن. اهائي راهہ آهي جنهن وسيلي اسان انتهائي معمولي ذاتي خوشين جي حاصلات جي سحر مان نڪري، ڪروڙين ماڻهن جي گهرن کي سرهو ٻٹائيندڙ آنند جو واس ونڊي سگهون ٿا."

اهي لفظ ڪارل مارڪس سترهن ورهين جي ننڍڙي وهيءَ ۾ چيا. جڏهن هو شاگرد هيو، ته ڪيس هڪ من پسند مضمون لکڻ جي دعوت ڏني وئي ته هن انهيءَ مضمون جي شروعات، متين جملي سان ڪئي. متس لکيل هن مضمون مان منجهس موجود فڪر جي آزادي ۽ مقصديت جي ڀليءَ پٽ سڌ پوي ٿي، جنهن واٽ تي هو مرڻ گهڙيءَ تائين مضبوطي سان هلندو رهيو.

ڪارل مارڪس جو جنم موجوده الهندي جرمنيءَ ۽ قديم پروشيا جي شهر ٽرائر ۾ 5 مئي 1818ع ڏاري ٿيو. سندن روشن خيال پيءُ، (جنهن پنهنجي لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڪالت جو ڌنڌو چونڊيو هيو) سندس تربيت ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ پنهنجي پٽ لاءِ ٻ قانون جو علم پرائڻ کي اهميت ڏني. آڪٽوبر 1835ع ۾ انهيءَ سلسلي ۾ نوجوان مارڪس بون يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيو، جتي علم فيلسوفيءَ ۾ ٻ سندس دلچسپي وڌندي وئي، تنهنڪري پيءُ جي اجازت سان قانون ۽ فيلسوفيءَ جو وڌيڪ مطالعو ڪرڻ خاطر، هن 1826ع ۾ برلن يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتي.

هڪ ٻئي استاد، جنهن جي نصيحتن ۽ صلاحن مارڪس جي رهنمائي ڪئي، تنهن جو نالو وان بيرن ويسٽ فالن هيو. جيڪو نہ فقط سندس والد جو ويجهو يار هيو پر مارڪس جي وفادار زال جيني جو پيءُ ٻ هيو، جنهن سان اڳتي هلي 1843ع ۾ سندس وهاڻ ٿيو. وان ويسٽ فالن ڪلاسيڪي يوناني ادب، فلسفي ۽ شيڪسپيئر جو مداح هجڻ سان گڏ، فرانس جي سماجي مفڪر ۽ اصلاح پسند سينٽ سائمن جو پوئلڳ هيو. اها حقيقت آهي تہ ڪيس مارڪس ڏاڍو وٽندو هيو، پر مارڪس ٻ ڪيس گهٽ ڪونہ سمجهندو هيو. انهيءَ جو اندازو هن مان لڳايو جو هن ڊاڪٽريت جي سند لاءِ لکيل پنهنجي مقالي "بقراط ۽ اپيڪيورس جي قدرتي فڪرن جي وچ ۾ فرق" جو انتساب ٻ سندس نالي ڪيو.

مارڪس جي انهيءَ ڪوجنا واري مقالي، جنهن ۾ مٿس هيگل جي فڪر جو اثر ۽ تصور پسنديءَ جي سوچ جي پکڙ آهي، تنهن ۾ هن فلسفي ۽ حقيقت جي وچ ۾ موجود ڳانڍاپي واري هئيت تي نظر وڌي آهي. جنهن جو تت اهو ٿو ٻيهي تہ، علم فلسفو حقيقي دنيا تي اثر ڇڏي ۽ انکي پنهنجي اصولن مطابق بدلائي ۽ ترتيب ڏئي ٿو، تہ خود فلسفو ٻ ڪن گڏيل اثرن جي ڪري جڙي ٿو ۽ اهڙي نموني هڪ دنياوي وٽ ڇڻي سگهجي ٿو.

اپريل 1814ع ۾ مارڪس کي فيلسوفيءَ ۾ ڊاڪٽريٽ جي سند ملي، جنهن ڪانپوءِ هن بون يونيورسٽي ۾ علم منطق تي ليڪچر ڏيڻ جو پروگرامر رٿيو. انهيءَ دور ۾ پروشيا جي حڪومت، هيگل جي نوجوان پوئلڳن کي "شر پسند شخص" سمجهندي هئي، تنهنڪري اهڙن سيني "هيگل پسند" ماڻهن کي تعليمي ادارن مان هڪالي ڪڍيو ويو. مارڪس ٻ انهيءَ جو شڪار ٿيو پر انهي زخم لڳڻ ڪانپوءِ، هڪدم عمل جي دنيا ۾ ڪڏي آيو ۽ "رائن زيتانگ" نالي هڪ اخبار ۾ مضمون لکڻ شروع ڪيائين، جيڪا اڳتي هلي سندس محنتن مهابي، سڃي جرمني ۾ آزاديءَ ۽ انسانيت پسنديءَ جو اهڃاڻ بڻجي وئي.

آڪٽوبر 1842ع ۾ جڏهن مارڪس ساڳي اخبار جو ايڊيٽر ٿيو، تہ ڪيس ڪيترن ئي منجهيل سماجي ۽ سياسي مسئلن تي مضمون لکڻا پيا ۽ سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترن ئي ننڍن پر اهم مسئلن ڏانهن ڌيان ويو. جن مان هڪڙو جرمن پارليامينٽ "رائين لاند تاگ" وٽ انهيءَ تاوان بابت بحث هيو، جنهن جو مقصد ڪڙمين ۽ ڪاڻيرن تي پابندي وجهڻي هئي، ته جيئن هو جهنگ مان ڪاڻيون نه ڪري سگهن. ان ڪانسواءِ اتي جي انگور پوکيندڙ هارين جي حالتن جو سماجي جائزو وٺڻ ڪانپوءِ، هو انهيءَ نتيجي تي پهتو ته رياست، خانگي مفادن تي پنهنجي مرضي کي مڙهي ڪونه ٿي سگهي. (جيئن هيگل ۽ سندس پوئلڳن ٿي چيو) ان جي ابتڙ خانگي مفاد رياست جي نڪ ۾ نوڙي وجهي ان کي جهڪائين ٿا.

مارچ 1843ع ۾ "رائين زيتونگ" اخبار تي بندش پوڻ سان ئي، سينسر جي ڪنڍچي کان بچيل سيني اخبارن جون اميدون اجهامي ويون، تنهنڪري مارڪس پنهنجي جدوجهد کي جاري رکڻ لاءِ ڪجھ نون ۽ اثرائتن طريقن جي ڳولا ۾ لڳي ويو. پنهنجن نظرياتي ورثن جي بقا ۽ پنهنجين سرگرمين کي برقرار رکڻ لاءِ، هن سڀ کان پهريان پڙهائڻ کي خدا حافظ چيو ۽ جيئن جيئن سندس مطالعي ۽ مشاهدي ۾ دلچسپي وڌندي وئي، تيئن تيئن هو هيگل جي تصوريت کان ڏور ٿيندو ويو. جيڪي خيال 1844ع ۾ سندس شايع ٿيل ڪتاب "هيگل جي ساڃي ڏر واري فڪر تي تنقيد جي باري ۾" جي صورت ۾ نتيجہ خيز انداز ۾، مادييت پسندي ڏانهن لاڙن جي شڪل ۾ واضح ٿي سامهون آيا.

1842ع جي اونهاري ۾ "ڪريوزناخ" شهر ۾ رهڻ دوران، مارڪس 600 ق م ڪانوئي فرانس جي انقلاب تائين، سڃيءَ تاريخ جو وسيع تجزيو ڪري ورتو، جنهن کان پوءِ هو انهيءَ نتيجي تي پهتو، ته سموري تاريخي عمل ۽ محرڪن جي ڪٽ، خانگي ملڪيت جي نموني ۾ ڦير گهير مان مرتب ٿئي ٿي. يعني انهيءَ طريقي سان ٻيو ڪجھ ٿيڻ بدران، رياست تي اصلوڪو غلبو ٿئي ٿو. تنهن ڪري ملڪ کي ماٺهن جي حقيقي فائدن جو ترجمان بڻائڻ لاءِ، ذاتي ملڪيت کي غير قانوني قرار ڏيڻو پوندو.

انهيءَ ڪم ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻئي طرف مارڪس انسانن جي جوهر بابت نظريا جوڙي رهيو هئو ۽ ٻڌائڻ لڳو ته، ڪنهن ٻ انسان، شخص يا ماٺهوءَ جو حقيقي جوهر، سندس سونهاريءَ، نسل يا جسماني بيهڪ ۽ سونهن سان نه، پر سماجي ڪردار ذريعي هجي ٿو.

آڪٽوبر 1842ع ۾ مارڪس پنهنجي گهر واري جينيءَ سان گڏ، پئرس ۾ لڏي وڃي ويٺو، ته جيئن هڪ ڪنو ٿي، سياسي اقتصاديات جو مطالعو ڪري سگهي. مسلسل مطالعي ۾ جنبجي وڃڻ کان پوءِ، ڪيس لڳو ته دنيا تي نظرياتي قانونن بجاءِ اقتصادي قانونن جي حڪمراني آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اپريل کان آگسٽ 1844ع تائين راتين جون راتيون بنان اک چنيٽ جي، هو لڳاتار جاڳندو ۽ پڙهندو رهيو. انهيءَ محنتي سفر دؤران هن پنهنجو زبردست مقالو "معاشي ۽ فيلسوفاڻا مسودا" لکي پورو ڪيو. جنهن ۾ سندس عالمي نظرين جا سيئي بنياد ۽ جزا موجود هئا. اهو سڄو ڪم، دنيا جي باري ۾ سندس معاشي ۽ سياسي نظريي جو ست ۽ سنجوڳ هئو.

ٻئي طرف آمدنيءَ جي ٽن ذريعن، يعني پگهار ۽ پونجي تي وياج ۽ ايراضيءَ تي ڊل جي نسبتي جائزي وٺڻ کانپوءِ، مارڪس اهو نتيجو ڪڍيو ته سندس دؤر جي معاشري جا گهڻا تضاد، سپ کان گهٽي محنت ۽ سرمايي جي هڪ ٻئي سان ڪشمڪش ۽ پورهيت جي ويڳاٽپ منجهان ڦٽي نڪرن ٿا.

مارڪس انهيءَ ويڳاٽائپ جي اقتصادي بنيادن تي زور ڏيندي چيو: "مزدور جيتري گهٽي دولت پيدا ٿو ڪري ته اها اوتري گهٽ سندس استعمال ۾ اچي ٿي. ۽ جيتري وڌيڪ هو قيمت يا صرفو تخليق ٿو ڪري ته اوتري پئماني تي سندس پنهنجي اهميت گهٽبي ٿي وڃي. ماٺهوءَ جي ملهه ۾ گهٽتائي، شين جي ملهه ۾ واڌ واري نسبت سان بدّل آهي.... مزدور جيڪا شئي جوڙي ٿو سا سندس هٿن مان نڪرندي ٿي، منڊيءَ جي پيداوار جو هڪ اڻ ڄاتل روپ ٿي ڪنهن اجنبي وٽ جي روپ ۾ ڏانهس موٽي ٿي. يعني هڪ اهڙي شئي جي شبيه اختيار ڪري ٿي وئي، جنهن جو پنهنجي تخليقڪار سان ڪو واسطو ئي ڪونهي. مارڪس پورهيي جي ويڳاٽپ کي هڪ وسيع معنيٰ ڏيندي، ته رڳو ڪم جي حد تائين محدود ڪيو، پر سياسي، روحاني ۽ سماجي زندگيءَ مان پڻ انهيءَ جي جهلڪ ڏيکاريڻ کان پوءِ اعلان ڪيو، ته هڪ نئون ۽ مناسب انساني سماج، انهن سڀني بي دخلين کي ختم ڪري ڇڏيندو ۽ اهڙي طرح انسان ۽ انسان، انسان ۽ فطرت، ۽ فردن ۽ اجتماعن جي وچ ۾ جاري ٽڪرائن کي ختم ڪرڻ جو باعث بڻبو. جنهن ڪري آخرڪار انسان پنهنجي هٿان هن محرومي ۽ بي دخليءَ واري عمل کي ختم ڪري، هڪ نئين، باترتيب ۽ جامع انسان کي جنم ڏيندو.

اهڙن نون خيالن جي نروار ٽيڻ کان پوءِ، مارڪس ڏاڍا ڏکيا ڏهاڙا ڏٺا. جنهن سبب سپ کان پهريائين کيس فرانس منجهان 1845ع ۾ لوڏي ڪڍيو ويو. جتان هو بريسلز وڃي رهيو، جتي سندس جگري يار اينگلز سان سندس پهرين ملاقات ٿي. اُتي ئي هن "جرمن نظريو" نالي ڪتاب لکي ورتو، جنهن ۾ هن منجهيل تصوف تي بدّل خيالن تي چٽي تنقيد ڪئي. انهيءَ ڪتاب ۾ مارڪس پنهنجي هڪ اهم ۽ نئين کوجنا کي پيش ڪيو. يعني هن اعلان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو ته سماجي ترقيءَ جو هر ڏاڪو، بنيادي طور تي مادي سامان جي پيداوار جي ڪنهن نه ڪنهن خاص طريقي ۾ لڪل آهي. اهڙي طرح سندس اهي خيال جن ۾ پيداواري قوتن جي جدليات ۽ پيداوار جي وچ ۾ ڏي وٺ جي ذريعي، تواريخ جي پنهنجي پاڻ ارتقا کان سواءِ، سماجي ۽ اقتصادي نظام ۽ هڪ ٻئي ٻنيان. اهم موڙ تي انهن ۾ ڦير گهير جا چٽ چٽيل آهن. سي خيال تواريخ جي مادیت پسند نظريي جا جديد بنياد بڌجي پيا ۽ زبردست اهميت اختيار ڪري ويا.

جيتوڻيڪ "ڪميونسٽ پڌرنامي" ۾ آيل مارڪس ۽ اينگلز جي بنيادي اصولن کي، 46-1848ع جي يورپي انقلاب جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو ويو، پر انهيءَ جو مطلب هرويرو اهو ب ڪونهي، ته ڪو انهن اصولن جي تشڪيل پوري ٿي چڪي هئي. انهيءَ جي ابتڙ حقيقت اها آهي ته، 1839ع ۾ لنڊن ۾ لڏي اچڻ ۽ هميشه لاءِ رهڻ ۽ آخري گهڙيءَ تائين اتي گذارڻ جو فيصلو ڪرڻ کان پوءِ، مارڪس جنهن معاملي تي وڌيڪ محنت ڪندو رهيو، سو قدر زائد وارو مسئلو هئو.... ته ان جي تخليق ٿيڻ جي عمل کي، ڪهڙي نموني سان واضح ڪري ٻڌايو ويڃي. يعني ڪيئن ٻڌائجي ته واڌو قدر، واڌو پيداوار ۽ نظريه قدر جي بنيادن تي ظاهر ٿئي ٿو. ٻين لفظن ۾ انهيءَ جي حوالي سان پورهيتن ۽ سرمائيدارن جي وچ ۾، هڪ ڪري مٽاسٽا واري روپ کي، ڪيئن بهتر نموني بيان ڪري ڏسي سگهجي.

انهيءَ مسئلي جي حل لاءِ مارڪس سمجهي چڪو هئو ته پورهيو هڪ اهڙي وٽ آهي، جيڪا ڪارخانيدار کي پورهيي منجهان تخليق ڪيل سامان جي ملهه جي پيٽ ۾ تمام گهٽ قيمت ملي ٿي. ڪوبه سرمائيدار ڪنهن ب پورهيت کي نوڪري ڏيندي، سندس پورهيي ڪرڻ جي سگهه کي خريدي ٿو ۽ پيداوار جي ذريعن جو مالڪ هجڻ ڪري، هو مزدور جي انهيءَ پورهيي واري سگهه کي اهڙي نموني استعمال ڪري ٿو، جو پورهيي مان پيدا ڪيل قدرن جي سندس پنهنجي ملهه کان وڌيڪ قيمتِ هجي. سادن لفظن ۾ ايئن چئجي ته، پورهيي جي سگهه قدر جي نظريي جي خلاف ورزي ڪرڻ کان سواءِ ئي، واڌو قدر جي حيثيت حاصل ڪري وڃي ٿي.

معاشيات جي ميدان ۾ ڪارل مارڪس جون ڪوجنائون وڏن ذللن ۽ تڪليفن کان پوءِ فائديمند ثابت ٿيون، پر پوءِ ب انهيءَ سلسلي جا هڙئي مسودا سندس حياتي ۾ ڇپجي نه سگهيا. 58-1857ع جي عظيم مسودي جي تياري ۽ 1867ع ۾ "سرمايو" جي پهرين پاڳي جي ڇپجڻ ۾، ڏهن سالن جو ڏڪهو وقفو آهي. ان کان پوءِ 1861ع کان 1865ع تائين هُن ب قيرقار ڪيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضخيم مقالا پڙ پيش ڪيا، جيڪي سندس باشعور سائنسي طريقئ ڪار جي نشاندهي ڪن ٿا. "سرمايو" جو پيو ۽ ٽيون پاڳو ترتيب وار 1885ع ۾ 1894ع ۾ ڇپجي پڌرو. ٽيو جيڪو ڪم اينگلز جهڙي سندس مونيي دوست ڪيو. پر چوٿون پاڳو ته موراڳو اينگلز جي مرتيي ڪان پوءِ مس وجي شايع ٿيو.

"سرمايو" مارڪس جي زندگيءَ جي عظيم ۽ زبردست ذهني ڪاوشن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ هن معاشي فڪر جي ماضيءَ واري تواريخ کي ذهن ۾ رکندي، حقيقتن جي وڏي انبار جو نظرياتي جائزو ورتو ۽ سماج جي سماجي اقتصادي بيهڪ ۽ سرمايي داراڻي نظام هيٺ پيداوار جي وچ ۾، مخصوص ڳانڍاپن جو تفصيلي جائزو ونندي ٻڌايو ته انقلابي تبديلن ذريعي هڪ نئين ترقي پسند نظام ڪان آگاهي ٿي سگهي ٿي.

مارڪس ڪن هنڌن تي ڪن خيالن جي باري ۾ گهٽ ڳالهايو آهي، يا ڪجهه ضروري قيرقار ب ڪئي آهي، پر ان جو مطلب هروپرو اهو ب ڪونهي ته هن انهن کي وساري ڇڏيو. مثلاً "سرمائي" ۽ ٻين ڪيترن جائزن ۾، هن ويڳاٽپ کي لڳاتار هڪ فلسفياڻي اصطلاح طور ڪم آندو آهي، تنهن ڪري عام طور تي "سرمايو" کي هڪ اهڙو ڪتاب چوڻ ڪيي، جنهن ۾ مارڪس ڇڙو معاشي تصور نه پر وشال فيلسوفياڻن خيالن، منطق ۽ انسان دوست تحريري متن کي درج ڪيو آهي. انهيءَ ڪتاب ئي انساني تاريخ جي مادیت پسند تشريح جو ڪوجنا هڪ طرف، ۽ ٻئي پاسي واڌو قدر کي تشڪيل ڪندي، سماجي فڪري انقلاب آڻي ڇڏيو ۽ آخرڪار سوشلزم کي هڪ خيالي نظريي جي اوندهه مان ڪڍي، هڪ مڪمل سائنس جي روپ سان سرفراز ڪيو.

انساني تواريخ جو هي جهونو جوڳي، پنهنجي حياتي جي پچاڻيءَ تائين، پنهنجي ڪرت ۾ بي حد سرگرم رهيو ۽ پنهنجو رخ تاريخي تسلسل ڏانهن موڙيندي، هن جو ڪجهه خاص ملڪن جي تواريخ (هندستان، اٽلي، برطانيه ۽ روس وغيره تي 1888ع کان 1882ع تائين ڇپيل ٻن هزارن جيترن صفحن) تي زبردست ڪم ڪيل آهي. تواريخ جي گودڙيءَ ۾ ويندڙ وهيءَ ويل، هٿ وجهڻ وارو مسئلو، جيتوڻيڪ اڃان هڪ ڳجهه آهي، پر سوويت سائنسدان بي اين ميڪوف جي اها ڳاله ڪافي وزنائتي آهي، ته مارڪس انهيءَ دور ۾ مختلف ملڪن جي متوازي تاريخ جي وچ ۾ لاڳاپن، جي مسئلي تي ويچار ڪري رهيو هيو.

ڪتاب "سرمائي" جي تحرير وقت، مارڪس جو ڌيان هڪ خاص قسم جي سماجي اقتصادي نظام جي اپياس ۾ لڳل هيو. جنهن ڪان پوءِ سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذهن هڪ ئي وقت مختلف ملڪن ۾ مروج نظامن جي هڪ ٻئي تي اثرن مان نڪتل مسئلن ۽ مجموعي طور تي انسانيت جي دائري ۾ ظاهر ٿيندڙ معاشي، سماجي، سياسي ۽ روحاني محرڪن جي گڏيل رخن ۽ تضادن تي ٽڪيل رهيو. جنهن ۾ گهٽائي سماج انتهائي اهميت لائق شعبن ۾، هڪ ئي وقت پلجن ۽ هڪ ٻئي تي اثرانداز نٿي سگهن، اهڙي خيال جي عالمي مسئلن تي کوجنا ڪندڙ مختلف محققن پڻ تصديق ڪئي آهي.


پر افسوس جو مارڪس پنهنجي انهيءَ آدرش کي عملي جامو پهرائي نه سگهيو، چاڪاڻ جو پنهنجي زال ۽ ڌيءَ جي جدائيءَ جي ڏک، سندس هينئڙو پروڙ ڪري ڇڏيو هيو ۽ سندس صلاحيتن کي زبردست جهٽڪو پهچي چڪو هيو. انهيءَ ئي ڏک پري ڪيفيت ۾، زندگي جي وسيع صحرا ۾ سورن سان سلهاڙيل هن امر انسان جو ڇالاٽو 1883ع تي ڪرسي تي ويٺي ٿي ويو.

انسانيت کي اذيت، استحصال، ڏاڍ ۽ مادي توڙي روحاني مسڪينيءَ کان چوٽڪاري ڏيارڻ لاءِ، سوين سالن کانوئي دنيا جي ڏاهن پنهنجي رت ۽ سوچن جو پليدان ڏنو آهي ۽ هڪ انصاف پسند معاشري کي برپا ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون آهن. تواريخ ۾ انهيءَ سلسلي ۾ لاتعداد دليريءَ سان پرپور خيال نروار ٿيا آهن، پر منجهائن چند خيال کا ڪاميابي حاصل ڪري سگهيا، ۽ ڪروڙين ماڻهن جو ڏيان ڇڪائيندي انساني تهذيب جي ارتقا جي چهري تي ڪي وٽندڙ مرڪون سجائڻ ۾ اثر انداز ٿيا آهن. ڪارل مارڪس جو نظريو انهن خيالن جي مجموعن ۾ زبردست اهميت رکي ٿو. اسان کي سڌ آهي ته سندس نظريو فيلسوفياڻن، سياسي توڙي معاشي تصورن کي پنهنجي گهيري ۾ آڻي ٿو ۽ ماڻهن کي هڪ اهڙي فڪر کان آگاه ڪري ٿو، جنهن منجهان اڻ لڀ خود شناسي ۽ نجات جا ستارا ٽمڪندي نظر اچن ٿا. جيڪي علم جي آڪاش تي اڳ ڪڏهن ۾ نظر نه آيا هئا.

مارڪس جو سڀ کان وڏو ڪم اهو آهي ته هن ترقي پذير انساني سوچ کي درپيش، بنيادي مسئلن جو جواب ڏنو. هن جرمن ڪلاسيڪي فيلسوفي، انگريزن جي سياسي معشيت ۽ فرانس جي تخليقي سوشلزم جو ست هڪ هنڌ ڪٺو ڪري، منجهس ترتيب پيدا ڪئي ۽ ان سان گڏ سيني رخن ۾ انتهائي باريڪ بيني سان چنڊ چاڻ ڪئي. هُن فڪر جي اندر ۾ بلڪل نئين جوڙجڪ ۾ گهٽين شين کي ڪٺو ڪندي، دنيا کي هڪ نئين فڪر کان آشنا ڪيو. جيڪو هاڻ عالمي سياسي سجاڳي جي صورت ۾، نئين انساني تاريخ ۾ هڪ منفرد سماجي ۽ ثقافتي عمل جي روپ ۾ ايري چڪو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



رچرڊ فرانسس برٽن

جم: 19 مارچ 1821ع
لاڏاٿو: 20 آڪٽوبر 1890ع

عام طرح سان ڏسڻ ۾ آيو آهي ته دنيا تي گهرا اثر ڇڏيندڙ ڏهانت جا، تي ذريعا هُجن ٿا. جن منجهان پهرين جو تعلق خدا داد صلاحيتن کي جنم ڏئي ٿو- ۽ کي انسان بي حد محنت ۽ جاکوڙ سان اعليٰ پَدَ کي پُهچن ٿا.
پر ڪڏهن ڪڏهن ايئن به محسوس ٿيو آهي،ته کي صاحب بنيادي طور تي،هڪ ذريعي منجهان سرفراز هجڻ جي باوجود، ٻين سرچشمن منجهان به سيراب ٿي پوندا آهن. جنهنکري اُهي تواريخ ۾،منفرد مقام حاصل ڪري وٺندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انگلينڊ جي سرزمين جو واسي سر رچرڊ فرانسس برٽن پڻ اهڙي قطار منجھ ڳڻجي ٿو، جنهن فطرت کان مليل بي مثال صلاحيتن جي زور تي، دُنيا منجھ جنم ته ورتو، پر حالتن جي حدت ۾ پچي ۽ محنت جا موتي هٿ ڪري، هُن پنهنجي شخصيت کي، صلاحيتن جي ڳُلدستي جي حيثيت ڏيئي چڏي. اهوئي ئي سبب آهي جو هو هڪ مُهم-جو، سفارتڪار، ٻوليءَ جو جاڻو، محقق، حڪمت عمليءَ جي ماهر، مترجم، جاسوس، سياستڪار، دانشور، نفسيات دان، ۽ قابل صلاحڪار سميت بيشمار خوبين جو مالڪ سمجھيو وڃي ٿو.

اها بعد جي ڳالھ آهي ته کو سندس جاکوڙ کي ڪهڙي طريقي سان ٿو ولي، پر بُنيادي طور تي سندس پهلودار ۽ متاثر ڪُن شخصيت جي مڃتا، نه رڳو انگريز دؤر جي سنڌ، پر انگلينڊ سميت دنيا ۾ ٿي چُڪي آهي.

عالمي سطح تي کيس هڪ سفارتڪار، عالم ۽ مهم-جو جي حيثيت ۾ سڃاتو وڃي ٿو، پر سنڌ ۾ انگريزن جي راڄ جي قيام ۽ سنڌي ماڻهن ۽ سندن حالتن بابت گهري ادراڪ جي ڪري، هُو سنڌ جي مڙني سڃاڻ حلقن ۾ سڃاڻپ رکي ٿو. هن مضمون جي ترجمي جي اهميت، انهيءَ پس منظر ۾ ئي ڳڻي سگهجي ٿي.

- سنڌيڪار

رچرڊ فرانسس بَرٽَن، جيڪو برطانيہ جو مشهور سفارتڪار، کوجي ۽ اويسر جي معاملن جو ماهر ٿي گذريو آهي، سو نه رڳو پهريون يورپي شخص هُئو، جنهن اهرام اوڀي مسلمانن جي مقدس شهرن، مڪي ۽ مديني ۾، حج ادا ڪندڙ قافلي جو رفيق بڻجي، ان موقعي جو احوال قلمبند ڪيو، پر 1853ع ڌاري ڪيل انهيءَ مسافري دؤران، هُن جيڪو ڪتاب لکي پورو ڪيو، تنهن ۾ عربن جي رهڻي ڪهڻيءَ ۽ ريتن رسمن جو پڻ تفصيلي ذڪر ڪيل آهي. جنهن ڪري هن ڪتاب کي، منفرد طرز جي قيمتي تواريخي دستاويز جي، حيثيت حاصل ٿيل آهي. مڪي ڈانهن سندس ڪيل انهيءَ مسافريءَ جي ڪري، کيس ايڈي ته مشهوري ملي، جو آفريقي کنڊ ۾، هُن جي هٿان ٿيل عجب جھڑين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دريافتن تي، ڪنهن گهٽو ڏيان ئي ڪونہ ڏنو.

برٽن پنهنجي ڏيل جي حساب سان ڪڙو تڙو، ۽ اهڙي حيرت پريي ڏول وارو شخص هُئو، جنهن جي شخصيت ۾، خانہ بدوشيءَ جي حالت ۾ ٽيل پرورش جي نتيجي ۾، پورالپ وڌيڪ واضح ۽ پڌري هُئي. سندس ابو ۽ امڙ 'ويسٽمر لئنڊ' جي 'شٽپ' علائقي جا رهاڪو ۽ جسماني طور تي سگهارا ماڻهو هٿا، پر سندس پادري ڏاڏو، عاليُ مرتبت ايبورد برٽن، آئرلئنڊ جي 'ٽئام' نالي اداري جو سربراه مقرر ڪيو ويو هُئو. هيءُ همراهہ انهيءَ علائقي سان ايترو تہ هِري ويو، جو هو ڪنهن آئرش ماڻهوءَ کان ب وڌيڪ مقامي شخص لڳندو هُئو. ساڳيون عادتون ۽ ارڪان 36ـ ريجمينٽ ۾،ليفٽيننٽ ڪرنل جي عُهدي تي رسيل، 'جوزف نيترول برٽن' يعني رچرڊ جي پيءُ ۾ ايجا ب سرسُ هُيون. ويتر آئرلئنڊ جي مقامي قبيلي 'مئڪ گريگر' منجهان شادي ڪرڻ کان پوءِ، معاملا ايجاب وڌيڪ مُنجهندا ويا. پر عجب آهي تہ سندن نينگر رچرڊ ۾، وڏڙن جي اُبتڙ، "شٽپ" جي علائقي جي وڏ ماڻهائپ واري ڪاب خاصيت ڪانہ هئي. هو آئرلئنڊ جي عوام جي حقن جو زبردست پرچارڪ هجڻ سان گڏ، ڏاڍو سنئوسائي ۽ 'ڪُٽ خلق' جو بهترين دوست هئو. ساڳئي وقت، هو 'مئڪ گريگرز' جي تواريخ ۾ بيحد دلچسپي رکڻ ڪري، انگريزن خلاف سندن ڪيل جنگي ڪارنامن سان لاڳاپيل داستان ياد ڪرڻ ۽ ٻڌائڻ ۾،وڏو فخر محسوس ڪندو هُئو. انگريزن ۽ آئرش قومن منجهان مطمئن ٽيڻ ڪري، هو هميشہ پنهنجي واڳنا "بوربن خون" سان ڪندي، قَسماقسميءَ دعويٰ ڪندو هُئو، تہ اهو تعلق فرانس جي شهنشاهہ لُوئي چوڏهين جي ڪنهن گهٽ ذات عورت سان،شاديءَ جي نتيجي ۾ پڌدا ٿيو هئو. يعني اُها مائي برٽن گهراڻي جي وڏڙي هئي.

جڏهن رچرڊ جو والد، نوڪريءَ جون ذميواريون پوريون ڪرڻ ۾ مصروف هُئو، تڏهن سندس والده، سڄي يورپ ۾ چاڪرِ چاڪرِ ڪندي ٿي وتي، خاص طور تي هِتان هُتان ٿي،وري وڃي فرانس يا اٽليءَ ۾ ٽِڪي پوندي هُئي. جيئن تہ ننڍڙو رچرڊ هر وقت ساٿس گڏ هوندو هُئو، تنهن ڪري انهن رولڙن جي ڪري، هو ب روايتي تعليم پرائي ڪونہ سگهيو. جيتوڻيڪ هڪٻئي پُٽيان ،ڪيس ڪيترائي اُستاد پاڙهڻ لاءِ مقرر ڪيا ويا، پر هو ڪائنہ سکڻ بدران، پنهنجي مُنهن پيو رندا روڙيندو هئو. درحقيقت ننڍپڻ ۾ ئي، هن سمجهي ورتو هئو، تہ منجهس مختلف ٻوليون سمجهڻ جي زبردست صلاحيت موجود هئي. اهوئي سبب آهي، جو ايجا مُجن جي ساول مس آئي هُئس، جو هو فرانسي، جرمن، اِٽالي ۽ اسپيني ٻوليون ڳالهائڻ ۾ پڙُ ٽي چڪو هئو. ياد رهي تہ پوءِ ب مٽين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پولين جي گرامر ۽ وياڪرڻ جي،ڪيس ڪابہ جاڻ ۽ دلچسپي ڪانہ هُئي، تنهن کان سواءِ سڄي عمر سندس طبعيت ۾،رولاڪيءَ ۽ گهر گُهما جو شوُنق پنهنجي عروج تي رهيو.

آڪٽوبر 1841ع ڌاري، جڏهن اٺويهن ورهين جو هُئو، تہ هو آڪسفورڊ جي 'ٽرينيٽي ڪاليج' ۾ داخل ٿيو. بلڪ چئُجي تہ ڪيس اُتي واڙيو ويو. چو تہ علم حاصل ڪرڻ جي روايتي طريقي سان،سندس ڪا پَوت ئي ڪانہ هُئي، مٽان وري سندس هم ڪلاسين اهڙي ڏک ٿي ڏني، جڏ تہ اُهي ڪنهن ٻئي سياري جي مخلوق هٿا. پنهنجي ڏوُل ۾ ڏگهو، نازڪ، سانورو ۽ منفرد، روشن ۽ چيندڙ اکيون رکندڙ رچرڊ، بظاهر خانہ بدوشن وانگر نظر ايندو هئو. جنهن ڪري ڪنهن ٻ 'روماني' (انڊو يورپي زبان ڳالهائيندڙ يورپ جو خانہ بدوش) لاءِ تہ هو رت جي رشتي وارو ٻاءُ ٿي لڳو، پر انهيءَ خاصيت، سندس هم ڪلاسين منجهہ، ڪانئس بُڇان کي جنم ٿي ڏنو. آڪسفورڊ ۾ رهندي، هن فوجين جهڙيون مُڇون رکرائيون، جنهن تي سندس هم جماعتين منجهان، هڪ جڙ ڏيارينڊڙ اعتراض واريو، نتيجي ۾ رچرڊ ڪيس دوبدو مقابلي (Duel) لاءِ للڪاريو. پر هيءُ معاملو وڏي وڃ ٿي ويو ۽ ايتريون تہ پَنڌيون ۽ فَشريون ٿيون، جو آخرڪار ڪيس اداري منجهان لوڏي ڪڍيو ويو. سراسري طوُر تي سندس آڪسفورڊ وارو دوُر،نهايت مختصر ۽ بدناموسيءَ پريل ئي رهيو. سندس پورالي طبعيت بابت، سڄي ڪاليج ۾ تبصري بازي ٿيندي هُئي. هو ٻ پنهنجي استاد آڏو گستاخي ڏيکاريندي، سندس ليڪچرن منجهان اهو چوندي اُٺندو هُئو تہ: هو پنهنجي مُنهن وڃي عربي سکڻ جي ڪوشش ڪندو. اهڙي صورتحال ۾، جڏهن هُن پنهنجي والدين آڏو آڪسفورڊ چڏي، لنڊن وڃي اُن دوُر جي مشهور استاد، 'فوربس' جي هٺ هيٺ، هندوستاني پولي سکڻ جي لاءِ زور ڀريو، تہ يونيورسٽي اختيارين لَک شڪرانا ڪيا. بهرحال مسٽر فوربس وٽ، هُن جنهن سرگرميءَ سان پوليءَ سکڻ ۾ مهارت ڏيکاري، تنهن سندس اُستاد کي ڏاڍو خوش ڪيو.

آڪٽوبر 1842ع ڌاري، برٽن انڊيا جا وٽ وسائڻ لاءِ، سامونڊي سفر شروع ڪيو، ڇاڪاڻ تہ ڪيس 'بامبي لائيٽ انفينٽري' جي ارڙهين ريجمينٽ ۾ ڪميشن ملي هُئي، جيڪا اُن وقت 'ايسٽ انڊيا ڪمپني' جي ماتحت هُئي. پر فوجي زندگيءَ ٻ،شاگرديءَ واري دوُر کان ڪي مٽيل نتيجا ڪونہ ڏنا. ڇاڪاڻ تہ هو ضابطي نالي ڪنهن ٻ شيءِ کان ونڊ ويندو هُئو. انهيءَ دوُران هو بڙودا ۾، ڪماندار جي زيردست آفيسر جي حيثيت ۾ ڊيوٽي ڪري رهيو هئو، جو ڪيس اوير جي زندگيءَ ۽ پولين جي مطالعي جو شاندار موقعو مليو. هن پيري هُن پاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان انهيءَ رُخ ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ، پڪو پھ ڪيو. ھاڻي ھُو پنھنجي ڪم ۾ ايترو ته محو ٿيو، جو ھو آفيسرن جي ميس ۾ ورلي نظر ايندو ھئو ۽ نه وري روايتي آفيسرن وانگر عيش آرام ۾ وقت گذاريندو ھئو. اُن جي ابتڙ، جيڪو به منٽُ ڪيس ملندو ھئو، سو ڏيھي زبانن سکڻ ۾ صرف ڪندو ھئو. انهيءَ مستقل مزاجيءَ جو نتيجو اھو نڪتو، جو ٿوري ئي وقت ۾ ھو عربي، فارسي، ھندي، گجراتي ۽ مرھٽي ٻولين ۾ حيرت جوڳي حد تائين، قابل ۽ پَڙُ ٿي پيو. ظاھر آھي ته ڪمپنيءَ سندس انھن صلاحيتن کي ميڻ ۾، ڪا به غفلت ڪانه ڏيکاري ۽ انهيءَ فوري طور تي محسوس ڪيو، ته ھيءُ نوجوان وڏي ڪم جو ٿي ٿر سگھي. اھو سوچي، ڪيس سنڊ، يعني سنڊوماٿريءَ جي ڪٽ ۽ پڙتال (Survey) واري مھم ۾، نائب (Assistant) مقرر ڪيو ويو. ھن مھم ۾، ھو مقامي ماڻھن منجھ ايترو ته رِلي ملي ساڻن ھڪ ٿي ويندو ھئو، جو ڪيترن ئي موقعن تي، بازارن ۾ گھمندي، سندس اعليٰ عملدار به ڪيس سچاڻي ڪونه سگھندا ھٿا. انهيءَ کان وڌيڪ اھو، ته ھُو پنھنجي برداشتيءَ کي بيوقوف بڻائڻ لاءِ، اھڙو روپ اختيار ڪيون ويٺو ھوندو ھئو، جو ھُو ڪيس ڏسندي ئي اچي پکڙيندو ھئو ۽ ڪيس بنا اجازت ُبرٽن صاحب جي ڪمري ۾ داخل ٿيڻ ُجي سزا طور تي، ٻاھر بينل محافظن جي حوالي ڪرڻ جا درڪا ڏيندو ھُئو!

بھرحال، برٽن پورا ست ورھيه، انتھائي سُچيتائيءَ سان، سنڊي مسلمانن جون ريتون رسمون پرکيندي، ساڻن رھيو ۽ ھڪ لحظي لاءِ به پاڻ کي منجھن سمائڻ، سندن طور طريقن ۽ ڳالھائڻ ٻولھائڻ جي انداز کان جدا ڪونه ڪيائين. مطلب ته ھو ڇڻ ته سندن ئي ھم وطن ٿي رھيو. مٽس ھر وقت مُھم-جوئي ڪرڻ جو شوُنق طاري رھندو ھئو. ايتريقدر جو سرڪاري رپورٽون ناھيندي، يا جڳ مشھور 'ايشيائِڪ سوسائٽي' لاءِ ڪم ڪندي ب، سندس اصل ڏيان، پنھنجي آئيندي بابت سوچڻ لاءِ اڻپيل رھندو ھئو. برٽن ۾ موجود ھڪ مُھم-جو شخص جي اندر، کوجنا لاءِ آتو وجود پڻ موجود ھئو. آخرڪار اُن وجود فيصلو ڪيو، ته بقول سندس: وچ عربستان جي نقشي ۾ موجود "انتھائي وڏو اڇو داغ" ھٽايو وڃي. انهيءَ سلسلي ۾ ھُن سائنسي اداري 'رايل جاگرافيڪل سوسائٽي' سان لکپڙھ دؤران، انهيءَ جاءِ کي 'وانجھيل علائقو' سڏيندي، ٻڌايو ته ھن آباديءَ ۾، جيئن ته اڄ تائين ڪنھن به گوري پير ڪونه رکيو ھئو، تنھن ڪري سندس صلاح مطابق ضرورت اھا ھئي، ته بنا دير جي انهيءَ 'غير حاضريءَ' کي ختم ڪجي.

ٿورڙي ئي وقت ۾ سوسائٽيءَ جي انتظاميه، وڏي ڇاھ سان، برٽن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ تجويز کي تسليم ڪري ورتو. چاڪاڻ ته سوسائٽيءَ وارن جي ڏيان ۾، هو پهريان ئي اچي چُڪو هئو، ۽ اُهي سنڌوماٽري جي رهاڪن بابت ڪيل سندس تحقيق جي اعليٰ معيار منجهان اڳ ئي متاثر ٿيل هئا. تنهن ڪري هنن فوراً ڪيس آگاهي ڏني، ته وچ عربستان ڏانهن،سندس انهيءَ رٽيل مهم جي سلسلي ۾، سوسائٽيءَ وارا سندس مُناسب مالي مدد لاءِ بالڪل تيار هُئا. ظاهر آهي ته اهو ڄاڻي، برٽن بيحد سرهو ٿيو ۽ فوراً پنهنجي مسافريءَ بابت جامع رٽابنديءَ ۾ لڳي ويو. آخرڪار هُن فيصلو ڪيو، ته پنهنجي ويس متائٽ واري فن (جنهن ڪيس سنڌ جي بازارن ۾ روپ بدلائڻ واري ڪم ۾ ڪاميابي ڏني هئي) جو سهارو ولي، هو حج جي سانگي سان پنڌ پوندڙ قافلي جو حصو بڻجي، عربستان جي مقدس شهرن تائين پهچي. ان کان پوءِ هُن طئ ڪيو، ته مڪي پهچڻ کان پوءِ، هُو پنهنجن وسيلن جي سهاري، وسيع ريگستان لتاڙي، نقشي ۾ آيل جاءِ تائين اڪيلو ۽ بنان ڪنهن مدد جي وڃي رَسي. ان هوندي به، هُن في الحال پاڻ کي، سنڌ ۽ منجهس رهندڙ ماڻهن تي رٽيل،چئن ڪتابن کي مڪمل ڪرڻ ۾ اربي ڇڏيو. هن رٽا سان سندس بيپناهه دلچسپيءَ جي نتيجي ۾، هو ست ئي ڪامياب ٿيو، جنهن ڪري منجهانئن ٻي ڪتاب 1851ع ۽ چوٿون 1852ع ۾ چپجي پڌرا ٿيا. پر افسوس جو انهن ڪتابن ۾ موجود، نئين نڪوري معلومات جو حيران ڪندڙ ذخيرو به، ڪو ڏيان ڇڪرائي نه سگهيو. هن صورتحال جو بنيادي سبب، سندس لکڻ جو بي ربط ۽ اڻگو انداز چئي سگهجي ٿو، پر گڏوگڏ پڙهندڙن ڪتاب ۾ موجود،سرڪار ۽ اختيارين جي خلاف مسلسل ۽ انتهائي ذل جلائيندڙ بحثابحثيءَ کان به ٽاهُ پٽي ڪاڏو، جنهن هروپرو ڪتاب جا صفحا ۽ سندن وقت پٽي زيان ڪيو.

نيٺ 1853ع ۾ برٽن مديني ۽ مڪي جي زيارت لاءِ نڪري پيو. هن ڀهروپ ڪرڻ ۾ ته ڪمال ڪري ئي ڇڏيو هُئو! پر گڏوگڏ عربي ٻولي ڳالهائڻ ۾ سندس مهارت به لاجواب هئي، پر پوءِ به انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي، ته سمورو سفر خطرن سان ڏٽيل هئو. جيئن ته ڪيس ڏينهن رات مسلمان پانڌيئڙن سان، گوڏو گوڏي ۾ ملائي ويهڻو پوندو هئو، تنهن ڪري هڪ گهڙيءَ لاءِ به، سندس غافل ٿيڻ مُمڪن ڪونه هُئو. ياد رهي ته عبادت کان اڳ، وضوءَ دؤران جيڪي اسلامي قائدا اختيار ڪرڻا پوندا آهن، يا ٻين فطري ضرورتن موجب، جيڪي پابنديون پوريون ڪرڻيون پونديون آهن، سي انتهائي سخت آهن. خاص ڪري حج جي مسافريءَ ۾ ته اهي ارڪان ادا ڪندي،وسوسي جي حد تائين احتياط ڪرڻو پوندو آهي. هنگڻ متڻ دؤران ڪاب غيرروايتي حرڪت ۽ ميرن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٽن سان ماني کائڻ جهڙا ڪم ٿي،آسپاس موجود ڪنهن ٻ شخص ۾، شڪ پئدا ٿي ڪري سگهيا. ۽ جيڪڏهن ڪوبه شڪ پَکَ ۾ تبديل ٿي پوي، ته پوءِ ڪنهن ٻ ٻهروپيءَ لاءِ،ٽڏي تي موت کان سواءِ ٻي ڪابه سزا ڪانهي. عام طؤر تي ايئن ٻ هُليل آهي ته برٽن، هڪ يا ٻن همسفرن جي اڳيان پڌرو ٻ ٿي پيو هئو، جنهن ڪري پنهنجي جان بچائڻ لاءِ، ڪيس سندن جان ٻ وڻٽي پئي هئي. پر غور ڪرڻ تي معلوم ٿيندو، ته انهيءَ ڪٽا جون پاڙون، بعد ۾ برٽن لاءِ ٿيندڙ، بي انتها ساراه سان پريل لفظي سارَ جي، ڏکهين مناجاتن ۾ لکل آهن. جو ته اهڙي قسم جو ڪوبه واقعو، سندس انهيءَ مسافريءَ سان لاڳاپيل ڪتاب، 'مڪي ۽ مديني ڏانهن حج جي مسافري' (Pilgrimage to the El-Medinah and Mecca) ۾ بهرحال درج ڪونه ٿيل آهي. بلڪ بعد ۾، ڪجڻ عرصي کان پوءِ، هُن هڪ هنڌ انتهائي لچاري انداز ۾ باسيو هئو ته، هن زندگيءَ ۾، ڪڏهن ٻ انساني جان ته ورتي هئي.

حج جي مسافري پنهنجي سِر هڪ وڏي ثابتي آهي، ته برٽن جي شخصيت ۾ ذهني طور تي ڦرٽي ۽ جسماني خيال کان جهجهو سهپ جو مادو موجود هئو. هُو مڪي جي سرزمين تي پير رکندڙ،پهريون انگريز هئو ۽ ظاهر آهي ته اُتي پهتي کان پوءِ، ڪيس ڪنهن وڏي جنگ ڪٽڻ جيتري خوشي ٿي هوندي. پر بدقسمتيءَ سان وچ عربستان جي ريگستان ۾، مقامي قبيلن جي وچ ۾ لڙايون ٿيڻ ڪري، هو مٽي بيان ڪيل 'خالي ماڳ' تائين نه پهچي سگهيو. بهرحال لاچار ٿي، ڪيس حج ڪري واپس الهندي ثقافت جي،اُها پوساتيندڙ زندگي گهارڻي پئي، جنهن کان سدائين ڪيس بي چيني محسوس ٿيندي هئي. ظاهر آهي ته اهڙي حالت ۾هو ڏاڍو بي دِلیو ٿي لڳو.

سُتت ٿي سندس زرخيز ذهن کي، يڪسانيت سان ڀرپور ماحول منجهان نڪرڻ جو هڪ موقعو تڏهن فراهم ٿيو، جڏهن هندوستاني حڪومت کي، سومالي لئنڊ ۾، وحشي قبيلن جي اُرهه زورائين،پريشان ڪرڻ شروع ڪيو. هنن قبيلن، ڳاڙهي سمنڊ جي، اهڙن بندرگاهن تي راتاها هٽڻ جو ڪُڏو ڪم ٿي ڪيو، جيڪي يورپ ۽ اوپر جي مُلکن جي وچ ۾ ٿيندڙ واپار جا، مک مرڪز هٿا. جڏهن اها خبر برٽن کي پيئي، ته هن رضاڪارانه طور تي، پنهنجون خدمتون آڇيندي، سومالي لئنڊ جي اندرين علاقن ڏانهن، هڪ مُهم- جو جماعت وٽي وڃڻ جي خواهش ڏيکاري، ته جيئن قبائلين جي انهيءَ ڏوهاري ذهنيت جي، اصل صورت جا ڪارڻ معلوم ڪيا وڃن. حڪومت هن تجويز تي، ٽڏي تي ئي عمل ڪندي، هڪ عملدار، نالي جي. ايڇ. اسپيڪي کي سندس ٻڪ نائب مقرر ڪندي،ڪيس ٻن جونيئر آفيسرن سميت، 1854ع ڏاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهم تي روانو ڪيو. هن سفر تي رڳو اُسهڻ جي دير هئي! مصيبتن وات ڦاڙي سندن انتظار پئي ڪيو. جيتوڻيڪ انهيءَ دؤر ۾، سُڌ سماءَ جا ڪي خاص ذريعا ته ڪونہ هئا، پر سومالين جي چهين حَس ڏاڍي تيز هئي، ڪين ڪن ڏارين جي اچڻ جا پَرون پئجي چُڪا هئا. ياد رهي ته هو ڏارين کان سخت نفرت ڪندا هئا. ظاهر آهي ته هن حالت ۾ ڪابہ وڪ، خطرن کان خالي ڪانہ هئي، تنهن ڪري اسپيڪي سيني کي، اڳ ئي 'احتياط ڪرڻ جو چئي چڏيو هئو. پئي طرف لفظ 'احتياط' ته برٽن کي چوَ چڙيون ڏيئي چڏيون. هُو پنهنجي نائب اڳواڻ سان پورو هڪ ڏينهن بحث جو چڪريون ڏيڻ کان پوءِ، جڏهن سندن سات ۾ مطمئن نہ ٿي سگهيو، ته رات ڏاري جو غائب ٿيو، ته پنهنجو بُج ہ ڪونہ چڏيائين. ڪنهن کي ڪوبہ پتو نہ پيو ته هو ويو ڪاڏي! پورا چار مهينا الوپ رهڻ کان پوءِ، هڪ ڏينهن هو اوچتو ئي ظاهر ٿيو. جيتوڻيڪ انهيءَ وچ ۾ سندس هڏپاڻيون نڪري آيون هيون، پر پوءِ ہ حوصلا بلند هئس. پهچڻ شرط، هن ڏنڊين آگريون ڏيارينڊ اعلان ڪيو، ته هو پنهنجي منهن، نہ رڳو صحرا کي اڪيلي سِر پار ڪري، سومالي لئنڊ جي راڄڌاني 'هراري' تائين پهتو هئو، پر اُتي ڏهن ڏينهن جي قيام دؤران، سندس ملاقات، وقت جي بادشاه سان ہ ٿي هئي. هن مهل تائين، ڪنهن ہ پهرين يورپيءَ طرفان، سرانجام ڏنل هن مُهم کي بيان ڪندي، برٽن اهو ہ ڏسيو ته، بعد ۾ پالن ۽ نيزن سان هٿياربند ويڙهاڪن جو هڪ جٿو، ڪيس ڊيڄارينڊو ۽ ڏمڪائينڊو واپس موڪلائي آيو، ۽ جڏهن مسافريءَ جي پُڇاڻيءَ تي، هو پنهنجي اُٺ تان لهي هيٺ ٿيو، ته اهي ويڙهاڪ پالا تاڻي، ڪيس چوڌار ورائي ويا ۽ تيستائين واپس ڪونہ وريا، جيستائين ڪين مُهم- جُو جٿي جي لڳل تنبوءَ منجهہ، ٻرندڙ باهہ جو دونهون نظر ڪونہ آيو.

مُنڊ ۾ ته اسپيڪي ۽ ٻين همسفرن سمجهيو، ته اهي برٽن مڙئي حوال ٿو ڪري، پر ڪين اُن مهل حيرت وکوڙي وئي، جڏهن هُن بادشاه جي طرفان ڏنل سوڪڙي سندن سامهون رکندي، ڪين بادشاه جي صحيءَ سان، اهو دستاويز ڏيکاريو، جنهن ۾ هن قبول ڪيو هئو ته، جيڪڏهن سومالين کي ڪجهہ رعايتون ڏنيون وڃن، ته هو بندرگاهن تان ڦرلٽ ڪرڻ چڏي ڏيندا. جيتوڻيڪ هراري ڏانهن ڪيل هي تن تنها مسافري، مڪي ۾ حج ڪرڻ کان وڌيڪ سڏلائتي حاصلات هئي، پر برٽن کي پوءِ ہ قرار ڪونہ آيو. هُو باقي ٽوليءَ تي زور پريندو رهيو، ته هو ہ ساڻن گڏجي، ٻيهر هراري ڏانهن هڪ سرڪاري وفد جي صورت ۾ هلن، ته جيئن بادشاه ۽ برٽن جي وچ ۾ ٽيل انتظامن جي پنهنجي سِر هلي تصديق وٺن. سُتت ئي سيني ڪٽي الله توهار ڪئي، پر ايجا ٽورو ئي اُڳتي وڌيا هوندا، ته مٽن وحشي قبائلين خوني حملو ڪري ڏنو. جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي نتيجي ۾، سندن هڪ جونيئر ٽ ٽڏي تي ٿي دم ڏنو، جڏهن ٽ اسپيڪيءَ کي ست گهاوَ رسيا ۽ برٽن کي پڻ جاڙيءَ وارو نيزو اچي لڳو.

بهرحال، هن مهم تان جڏهن واپسي ٽيس، ٽ برٽن کي معلوم ٿيو، ٽ ڪيس سماج ۾ موچاري ميتا ملي چُڪي آهي. چاڪاڻ جو سندس پَريُٽ، حج جي مسافريءَ وارو ڪتاب چپجي پڌرو ٿيو هئو، جنهن کي نقادن ڏاڍو ٿي ساراهيو. جڏهن ماٺهن کي سندس مونٽ جو پتو پيو، ٽ هُنن انٽرويوز ونڻ، ليڪچر ٻڌڻ، آٽوگراف ڏيڻ ۽ وارن جي جَڳَ حاصل ڪرڻ لاءِ برٽن جي ننڊ آرام فٽائي ڇڏيو. هُوڏانهن سندس طبيعت ۾ جيڪا زبردست آڪڙ هئي، تنهن تي هن اوچتي ميتا، جڙ ٽ ٽڏو ڇنبو وجهي ڇڏيو. چاڪاڻ ٽ عوام طرفان پيار جي اها پرٽ، هن لاءِ اندين حڪومت پاران فرضن جي مناسب ادائيگيءَ جي سلسلي ۾ مليل سرڪاري سَنَدُن جي پيٽ ۾، وڏيڪ محترم هئي.

برٽن، سومالي لئنڊ ۾ لڳل گهاون منجهان ڇُٽي، ڪَٽ تان مس اُٽيو هئو، ٽ ڪيس فوج طرفان ڪرائيميا واري لڙائيءَ ۾، 'جنرل بيسٽن' جي اڳواٽيءَ ۾ وڙهندڙ 'باشي بانائوڪس' نالي دستن سان گڏجڻ لاءِ گهرايو ويو. هتي پهچي ڪيس حيرت ٿي ٽ، هي همراه لڙائي ڪرڻ لاءِ محاذ تي وڃڻ بدران، هُٽ هَٽ تي رکي، 'داردا نيلز' (درؤ دانيال) جي جاءِ تي ڪانپ ڪڍيو وينا هٿا. انهيءَ موقعي تي اوچتو پرڏيهي وزارت طرفان، سندس ٻانهن گهري ويئي، ٽ جيئن هو سندن پاران رٽيل آفريقي ڪنڊ ڏانهن ويندڙ، هڪ مُهم- جُو جٽي جي سرواٽي ڪري سگهي. جنهن جو مقصد نيل نديءَ جي جاري ٽيڻ واري اصلي ماڳ جو پتو لڳائڻ هئو. ياد رهي ٽ مٽس اها ذميواري، انهيءَ ڪري ٻ رکي پٽي ويئي، جو پرڏيهي وزارت مسلسل سندس ڪارنامن کي، پنهنجي ڄاڻ ۾ رکندي پٽي آئي. برٽن لاءِ هيءَ آڇ ٽ پوڙهي کي ڪُنو چَڙڻ جي صلاح ڪرڻ جي برابر هُئي، سو هو ٽ وڏي زور شور سان تيارين ۾ لڳي ويو.

انهيءَ سلسلي ۾ سڀ کان اڳ، برٽن هڪ پيرو ٻيهر اسپيڪي کي هن مهم دؤران سندس نائبي ڪرڻ لاءِ چيو. جيتوٽيڪ سومالي لئنڊ واري مهم کان پوءِ، اسپيڪي، برٽن جي اَڻ ٽر ۽ ڏُکي طبعيت بابت، گهٽو ڪجهه ڄاڻي چُڪو هئو، پر جيئن ٽ وٽس پنهنجي اڳواڻ جي صلاحيتن لاءِ بي حد احترام ۽ ميتا هُئي، تنهنڪري هُن بهرحال رضامندي ڏيکاري. هيءَ مُهم سومالي لئنڊ واري مُسافريءَ جي پيٽ ۾، ٽ رڳو وڏي هئي، پر سڄي مسافريءَ دؤران، نيل درياءَ جو مصر کان خرطوم تائين سفر، هڪ نديڙي ٻيڙيءَ ذريعي طئ ٿيو. خرطوم ۾ نيل درياءَ جو ايٿوپيا کان ايندڙ نيرسُرو وهڪرو، اڇتي مصر ڏانهن وهندي، اچي رنگ ۾ تبديل ٿيو وڃي. خرطوم کان ڏاکڻين طرف هلندي، سندن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُشڪلاتن جي شروعات، درياءَ ۾ جاول ٻي انداز ساول جي ڇڪن ۽ پيش قدميءَ ۾ رڪاوٽون پيدا ڪندڙ، درياهي گاهه جي ويڑهن سان مُهاڏو انڪائڻ ذريعي ٿي. جن جي جارن ۽ ڦهليل وڇڙندڙ وَلين، درياهي سفر کي بيحد ڪٺن بڻائي ڇڏيو هئو. انهيءَ موقعي تي برٽن ۽ سندس ساٿين ٻيڙيون اُتي ٿي ڇڏي، درياءَ جي ٻيڪَ سان ڦهليل، وچ آفريڪا جي گهاٽن ٻيلن منجهان، خُشڪيءَ جو سفر شروع ڪيو. هن مسافريءَ ۾، برٽن کي پنهنجي ذاتي سوجهيءَ ۽ اندازي جو سهارو وٺڻو پيو، ڇاڪاڻ جو هن علاقي جو ڪوبه نقشو ٺهيل ڪونه هئو، انهيءَ ڪري تُرت ئي مسئلا ۽ مُشڪلاتون مٿن پرٽجي پيا. هيءَ علاقو ايترو ته مصيبت پريو هئو، جو قدم قدم تي ڏُبڻ ته هئي ئي، پر اُها ٻ جهنگلي گاهن ۽ پُوٽن سان ايتري ته ڳِلڪل هئي، جو سڄي جماعت کي هَڏ هٿي، سَڻي ڪُڻي، ساهه مُٺ ۾ ڪندي، زستو پئي ناهٽو پيو. هڪ طرف گڏ هلندڙ حمالي سُست، غيرذميوار ۽ پروسي کان واڌيهل هٿا، ته ٻئي طرف انگريز نسل جي مُهمر- جُو جڏي ڪي، قبائلين ۽ جهنگلي جانورن جي امڪاني حملي کان بچڻ لاءِ، مسلسل سُچيت رهڻو ٿي پيو. جڏهن ته آب وهوا وري ايتري ته گرميءَ ۽ ڳِهمر سان پريل هئي، جو ٽوررڙي ئي وقت ۾ هو ساٽا ٿي پئي ويا. بيشمار دفعا کين اُن وقت پناه لاءِ ڊوڙي ڳِلڪڻو ٿي پيو، جڏهن هاٽين جا وڏا ڏَڏ اوچتو ظاهر ٿئي ٿيا ۽ جهنگل منجه سندن رستي ۾ ايندڙ هر شيءِ کي لٽاڙيندي ۽ ڇٽيندي، وڻ ٻيجي واڻون ناهي ڏوڪيندا پئي پيا. هاٽين کان پاڻ بچائيندي، اڳتي اڃا ڪجه وکون ٿي ڪنيائون، ته خونخوار شينهن گجگوڙون ڪندي، مٽائڻ چڙهي ٿي آيا. اُنهن خونخوار جانورن منجهان جند ڇڏائيندي، هيٺ ٿي نهاريائون ته قسمين قسمين نانگ ڦوڪون ڏيندي، چَپي چَپي تي پئي چُريا.

اهڙيءَ خطرناڪ صورتحال ۾ ٻ، برٽن هار مڃڻ کان انڪار ڪيو. جيتوڻيڪ اسپيڪي ساٿس هر موڙ تي زبردست سهڪار ڪندو رهيو، پر باقي جونيئر پاڻ ۾ سَتُ نه ساهيندي، هلڻ کان ٻِڙڪ ڪڍي بيهي ٿي رهيا. انهيءَ هوندي ٻ برٽن کين ڳِيڪرون سِيکرون ڏيندي، ميڙ منٽون ڪندي ۽ ڏَڻا سڻا ڏيئي، پنهنجي شخصيت جي سگهه جي زور تي، نيٺ کين ايستائين ولي پهتو، جو هو سونهري ڪرڻن جي روشنيءَ ۾، 'البرٽ نيانڊ' جو خوبصورت نظارو پسي ٿي سگهيا. نيانڊ وٽ پهچندي ئي بي اعتباري ۽ خوشيءَ وچان هو ڪجه گهڙيون ته وڏي حسرت سان ڪيس گهوريندا رهيا ۽ پوءِ وهندڙ پاڻيءَ جي ڪپن تي وڏي سرور وچان ڪري پيا. منزل تي پهچندي هو ايترا ته سرها ٿيا، جو برٽن جي طرفان نيانڊ ۾ موجود بيشمار واڪُن جي موجودگيءَ بابت مليل ڄتائن ٻ، مٽن کو اثر ڪونه ڪيو ۽ وڃي پاڻ کي پاڻيءَ جي ير ۾ ڇڏيائون. ظاهر آهي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو هڪ تڪليف ده مسافريءَ کان پوءِ ئي ته ڪنهن فرحت پري جاءِ تي پهتا هٿا! سو سُڪون ۽ سُرهاڻ کان پاڻ کي ڇو پري رکن ها؟! اهڙي سرمستيءَ جي ڪيفيت ۾، هو شفاف پاڻيءَ منجهان مُنهن ڏوئڻ لاءِ گوڏن ڀر جهڪيا ئي مس هٿا، جو ڪين محسوس ٿيو ته بُندَ جهڙي ڪنهن شيءِ، ڪين ڳڙڪائڻ لاءِ ڪٽي ڳلئو هنيو. هيءُ منظر ڏسي، ڪائنس ڏُرڙيون نڪري ويون ۽ ڪٽي پنٽي پيرن تي زور ڏنائون. اصل ۾ مسئلو هي هئو، ته هن همراهن البرٽ ڏنڊ ڪي ئي اصل منزل سمجهيو هئو، ڇاڪاڻ جو برٽن اڪثر ڪري ڪين ٻڌائيندو هئو، ته نيل ندييءَ جي وهڪري جو اصل سرچشمو، ڪا اڻ ڄاتل ڏنڊ آهي. ظاهر آهي ته منزل جي انهيءَ حاصلات ڪين بودلو ڪري ڇڏيو هئو.

البرٽ ڏنڊ تي پهچڻ واري رات اچي جو برٽن کي بُخار ورتو، ته همراه صفا غش ٿي ويو. ساٿس اها ڪيفيت ڪئين ڏينهن هلي. نيٺ اسپيڪي جي ڪيل ڏينهن راتين جي ٽَهل ٽَڪور جي صدقي هوش ۾ ته آيو، پر بيماريءَ ڪيس ايترو ته نستو ڪري ڇڏيو هئو، جو برٽن سمجهي ورتو ته منجهس اڳتي مُسافريءَ جو ساهسُ ئي ڪانهي. وقت ۽ نڪرندو ٿي ويو ۽ اچي فيبروري 1858ع مٽان پهتي. تنهن-ڪري هُن اسپيڪي کي سڏي، پر ۾ ويهاريو ۽ هَٽڪندي ڪيس ضروري هدايتون ڏنائين. دراصل سندس جماعت جنهن ڏنڊ تائين پهتي هئي، سا اُها ڏنڊ ڪانه هئي، جنهن منجهان نيل جو جَرُ جاري ٿئي ٿيو. سندس ذهن انهيءَ نتيجي تي پهتو هئو ته، نيل جي وَهڻ جو اصل سرچشمو، ڏکڻ اوير جي ڪُنڊ تي اڃا اڳتي هئو. تنهن ڪان پوءِ تمام گهڻي محنت ۽ مٽا ڪُٽ ڪندي، هُن ڏسيل منزل تائين پهچڻ لاءِ هڪ رستو ڳولي ڪڍيو هئو، جنهن تي پنڌ پوڻ لاءِ هن اسپيڪي کي صلاح ٿي ڏني. برٽن جي گهري ادراڪ جو قائل هجڻ ڪري، اسپيڪي بهرحال سندس صلاح ورتي ۽ بيمار برٽن کي بستري تي پاسا ورائيندي ۽ ڪَهندي ڇڏي، هو سندس هدايتن موجب منزل ڏانهن تيستائين هلندو رهيو، جيستائين وڃي نيل جي وهڪرن کي ابتدا بخشيندڙ، 'وڪٽوريا نياترا' نالي ڏنڊ تائين ڪونه پهتو.

هن موقعي تي جڏهن اسپيڪي خوشيءَ جي خبر ڪٽي واپس پهتو، ته هن حاصلات جو سهرو ڪٽڻ لاءِ پنهنجي ڏاڍا ڏند ڇَڪَ ڏنا. ڇو ته برٽن جي خيال مطابق هن سڄي مهم پنڌيان، اصل ذهن سندس هئو ۽ اسپيڪي ته رڳو هن جي هدايتن تي هلندڙ، هڪ شاگرد جي حيثيت پٽي رکي. اهو سوچي هُن پنهنجي نيڪ نيت نائب تي ساٿس ڪپت ڪرڻ ۽ سندس محنتن تي ڏاڙيوالي ڪرڻ جا الزام هنيا، جنهن تي اسپيڪي به ڪاوڙ ۾ اچي ساٿس وڙهي پيو. منجهن ٽيندڙ انهيءَ ملهلي جي سبب، هن ڪڏهن به هڪ ٻئي کي معاف نه ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهرحال، بعد ۾ برٽن آفريقا جي اُلهندي ساموندبي ڪناري ڏانهن، هڪ نئين مُهم سَرِ ڪندي، مجموعي طور تي مُڪمل ميتا حاصل ڪئي. چاليهن ورهين جي عُمر تي پهچندي (1861ع) 'لارڊ روز بري' چواڻي: "هو ايترو مطالعو ڪري، سختيون سهي ۽ ڪامياب مُهم- جُو سرگرميون سرانجام ڏيئي چُڪو هئو، جو اڏ ڏزن قابل شخص به، سندس حاصلات جو مقابلو نه ڪري سگهيا." ساڻئي سال، هن 'ازابيل ارون ديل' نالي هڪ سگهڙ مائيءَ سان شادي ڪئي، جيڪا ساٿس ڏاڍي وفادار ۽ محبت ڪندڙ زال ثابت ٿي. شاديءَ کان سُڌت پوءِ، فوج کي الوداع چوندي، پرڏيهي وزارت ۾ مُلازمت شروع ڪيائين ۽ ڪيس 'فرنانڊيو' واري جاءِ تي قائونصلر مقرر ڪيو ويو. بعد ۾ 1871ع ڌاري ڪيس پهريائين سانتوس، برازيل ۽ دمشق ۾ ساڻئي عهدي تي ۽ آخر ۾ 'ٽرائيسٽ' منجهه رکيو ويو، جتي 1890ع ڌاري پنهنجي لاڏاڻي تائين ڪم ڪندو رهيو. نوڪريءَ دؤران ملندڙ واندڪائيءَ ۾، هُن ڪيترائي ٻيا ڪتاب لکي پورا ڪيا، پر منجهائنن ڪنهن جو به، ٿڪي ڏانهن ڪيل حج سان لاڳاپيل ڪتاب جيڏو چؤبول نٿي سگهيو. لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڪندي، هُن عربي ادب جو مشهور الف ليليٰ وارو داستاني ڪتاب "The Thousond nights and a night" جي نالي سان سورنهن جُلدن ۾ ترجمو ڪري ورتو، جيڪو اڄ تائين مستقل مزاجيءَ ۽ محنت جو هڪ شاندار ثبوت سمجهيو ٿو وڃي.

برٽن جي زندگيءَ جا آخرين ويه سال ڏاڍن ڏُکن ۾ ريا ثابت ٿيا. طبعيت ۾ ضابطي سان جائي جمر کان نفرت هُجڻ سبب، پرڏيهي وزارت جي عملدارن سان، سدائين سندس اٿبٽ رهي. جيڪي برٽن جي ڪنهن مشرقي حاڪم جهڙي رهٽي ڪهٽيءَ، پنهنجي ساڻي عملدارن سان سخت رويي، ورتاءَ ۾ تڪائپ ۽ اُڳهاڙپ ڏانهن چريائپ جي حد تائين لاڙي (جنهن جا اولڙا سندس لکت توڙي گفتگوءَ منجهه بالڪل واضح هٿا) تي، سدائينْ جَڪون ڪائيندا رهندا هٿا. دراصل برٽن پنهنجي وقت کان اڳ پئدا ٿيل شخص هئو. اها حقيقت آهي ته، جيڪڏهن سندس جَمُ، ايلزبيٿ پهرينءَ جي دؤر ۾ ٿئي ها، ته ڪيس 'ڊريڪ' ۽ 'ريلي' جهڙن، مٿيرن شخصن جي ٻرِ ۾ جاءِ ملي ها، جڏهن ته وڪٽوريائي دؤر ۾، ڪيس بچڑائيءَ ۽ بِڳاڙ جو راڪشس سمجهيو ويو. برٽن جي حياتيءَ ۾، فقط برٽن جي زال ئي مختلف نقابن پٽيان لکل، سندس اصل صورت پَسي سگهي ۽ سندس سورمائپ ۾ ويساه رکيائين. هُن برٽن جي شديد اُتساهه ۽ وڏاءَ سان پرپور جيون پتري لکي ۽ سندس ياد ۾، 'مور ٽلئڪ' جي علائقي ۾، برٽن جي قبر مٿان وڏي عربي طرز جي تنبوءَ جي شبيهه جهڙو، قيمتي پٿر ۽ سنگمرمر سان مقبرو جوڙايو.

(تان ورتل "100 Great Personalities of the Wrold")

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



فريڊرڪ نٽشي

جنم: 1844ع
لاڏاڻو: 1900ع

جيئن چنڊ، تارن، هوائن، دريائن ۽ لهرن جو ڪو مذهب يا فرقو ناهي هوندو، تيئن انسان ۽ انساني سماج بابت دل ۾ سچائي رکي سوچيندڙ شخص جو به، ڪو خاص گهر، فرقو يا حلقو ناهي هوندو. هو تہ اُڏيَ ، فطرت ۽ تجربن جي نتيجي ۾ مليل شعور جي روشنيءَ ۾، پنهنجي تحرير سان، دنيا جي روپ جي نئين انداز سان تصوير ڪشي ڪندو آهي. انهيءَ تصوير ڪشيءَ جو بنيادي مقصد حقيقتن کي کولي بيان ڪرڻ ۽ انسان ذات لاءِ ڪامل راهون نروار ڪرڻ هوندو آهي، تہ جيئن اها درست رُخ ۾ پيش قدمي ڪري ۽ غلط پاسي نہ لڙي سگهي.

اهوئي سبب آهي جو مون ابراهيم عليہ السلام کان وٺي ڏيارام گدومل تائين، مهاتما ٻڌ کان وٺي، سرمد شهيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين، محمد صلي الله عليه وسلم کان وٺي مارڪس تائين ۽ زردشت کان وٺي ڪافڪا تائين، هر شخص جو دل سان احترام ڪيو آهي. چاڪاڻ جو منهنجي آڏو اهي سڀ عظيم شخصيتون انساني روح جي راڙي کي ٻڌندڙ ڪن رکڻ سان گڏوگڏ، انهيءَ دلسوز ڪيفيت جو علاج ڪرڻ جي اهليت ۾ رکن ٿيون. انهيءَ ڪري ئي هي مڙئي عظيم انسان ڪنهن خاص گروهه جو ورثو نه، پر سڄي ڪائنات جي گڏيل ملڪيت ۽ انسان ذات جي لاءِ رهبر روشني آهن.

فريڊرڪ نٽشي کي پڙ ائون احترام وچان انهيءَ ڪري ڏسان ٿو، جو مون نه رڳو سندس ويچار ڏارائن کي پڙهيو آهي، پر سندس حياتيءَ جي پنڌ تي ۽ نگاه وڌل اٿم. جيڪو ۽ شخص سندس انهن ٻنهي پهلوئن کي ڏهني ايمانداريءَ سان پڙهندو، اُن کي آسانيءَ سان محسوس ٿيندو ته هو فڪري/ ذهني لحاظ کان، غير معمولي سطح جو صاحب هئو. نه رڳو ايترو پر پنهنجي اندر ۾، هو انسان جي عظمت جو هڪ بهترين مبلغ پڙ هئو. اهوئي سبب آهي جو هو سڄي عمر ڪائناتي قوتن کي مڙسيءَ سان للڪارينديءَ، اهو منصب انسان کي ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪندي، پنهنجي جان جو ٻليدان ۽ ڏئي ويٺو.

اسان جي سنڌ ۾ ۽ ٽي ڏهاڪا اڳ اُدريل اٽڪل ڪميونسٽن جي فوج، غير ضروري فتوائون جاري ڪري، علمي ماحول جي بقا ۽ سچائي.جي حاصلات وارين واٽن تي، ايترو ته تعصب جو زهر هاري چڏيو، جو سواءِ سندن مقرر ڪيل ڪتابن ۽ نظرين کي پڙهڻ جي، ٻيو سارو علم رجعت پسند عوام دشمن ۽ بور جوازي سوچ ٻڌجي ويو. انهيءَ هاڃيڪار روش اسان جي مجموعي شعوري اوسر کي ايڏو ته نقصان پهچايو، جنهن جو اسين اڄ ۽ ازالو نٿا ڪري سگهون. چاڪاڻ جو علمي سفر ۾ انهيءَ بدترين تعصب جو شڪار ٿيڻ ڪري، اسان جا دانشور، اديب ۽ عالم سڪڻ، پڙهڻ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر جھڙ بدران ڪرڻي باز طوطا ٻڌجي ويا. نتيجي ۾ هڪ ايماندار فنڪار/ ڪلاڪار واري بي رياعي جرئت ۽ سچائي وڃائي وينا. جنهن ڪري سندن زندگيءَ جو مقصد حقيقتن تائين پهچڻ جي جاکوڙ نه، پر ڪن گادين يا گادي نشينن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ وڃي رهيو.

فريدبرڪ نٽشي جيئن ته پاڻ هڪ باغي عالم ۽ فيلسوف آهي، تنهن ڪري هو بغاوت جو درس ڏيندي، ڪُنڊپٽي، تقليد ۽ جي حضوريءَ خلاف سڏ ڏئي ٿو. هو انسان جي صلاحيتن جو وڪيل ٻڌجي، هڪ فرد جي مڪمل آزاديءَ جو درس ڏيئي، ڪوڙ جي ڪُنگرن ۽ ڪوٽن تي ڪاهڻ جي دعوت ڏئي ٿو، تنهن ڪري ڪيس نه رڳو عزت جو صاحب، پر هڪ لائق ڏاهو پڻ ڳڻي سگهجي ٿو.

مون هيءُ مضمون سندس ابتدائي سُڃاڻ لاءِ ترجمو ڪيو آهي. اميد اٿم ته سنڌيءَ جا پڙهندڙ هن ڪاوش کان پوءِ، ڪيس مڪمل طور تي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا.

ـ سنڌيڪار

سچي انساني زندگيءَ ۾ ماڻهوءَ کي بهتر رخ ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ، ڪن ورڻن سان لاڳاپيل هجڻ جو احساس ۽ انساني برادريءَ ۾ خاص مقام حاصل رهيو آهي. جيستائين قدرن جو سوال آهي ته ثقافتي، مذهبي ۽ سياسي قدر، جيڪي ڪنهن به برادريءَ ۾ مُروج آهن ۽ خود برادري انهن تي پابند رهڻ اسان کان طلبي ٿي، سي هميشه پڪا پختا رهيا آهن. اڄوڪي دور ۾ اهي قدر ئي اسان جو ورثو آهن ۽ اسين انهن کي اختيار ڪندي، خوشي محسوس ڪريون ٿا. جيڪڏهن اسان انهن قدرن سان گڏجي نه هلنداسون، ته نه رڳو پاڻ کي سماج لاءِ هاڃيڪار بلڪ جڙ ته ڏوهاري سمجهنداسين.

ڪڏهن ڪڏهن اسان کي لڳندو آهي ته اسين صفا سَنڌيجي ۽ بيڪار ٿي چڪا آهيون، پر عام طور تي، اهڙي احساس جي هجڻ جي شعوري سڏ ڪانه هوندي اٿئون. هونئن به اسين هر لحاظ کان ايترا ته جامڙا ۽ رڌاڻي عقل جي ور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڙهيل آهيون، جو نہ رڳو مروج ۽ نالي ۾ مڃيل روايتي معيارن کي للڪارڻ جي جرئت نٿا ڪريون، پر پنهنجي ذاتي فائدي جي حاصلات لاءِ ئي جاکوڙ ڪرڻ وارين خواهشن ۾ قاتل هٿ ڪري، هر وقت فيصلي نہ ڪري سگهڻ جي ڪيفيت پڻ دماغ تي ڇانيل آهي- ڇاڪاڻ جو اسان کي پهريائين پنهنجي ذات جي سلامتيءَ جو اونو آهي. سو بهتر اهو آهي تہ حقيقتن کي ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ جي ڪوشش نہ ڪريون، ڇاڪاڻ جو انهيءَ سان ماڻهو وڌيڪ ڏکارو ۽ مونجهو ٿو ٿئي.

ان هوندي ب هڪ فرد جي حيثيت ۾ نسبتي طور، سنڌيڻ وارو سوال پوءِ ب پُنتي رهي ٿو. انهيءَ سوال جي جقيقت ڄاڻڻ جي همٽ هجڻ ۽ حقيقتن سان مهاڏو اٽڪائڻ واري جدوجهد جي حوالي سان، انساني فڪر جي تواريخ ۾، جرمن فيلسوف فريڊرڪ نٽشي جو نالو ب ڳڻي سگهجي ٿو. هو انهيءَ ڳالهه سان سهمت هئو تہ هر قسم جا سياسي ۽ مذهبي فرقا انسان ذات جي آزاد واڌ ۽ ويجهه جي لاءِ خطرناڪ آهن، تنهن ڪري هن سدائين اهڙي سڃي ٽڪسات کي ٽوڙڻ لاءِ جاکوڙيو. سندس آڏو ڪاب ريت يا رسم، ڏُر، سيا يا مڃيل نظريو، زندگيءَ جي ڪنهن ب پهلوءَ کان نہ ڇڙو تقدس کان وانجهيل، پر عزت لائق ب نہ هئو. انهيءَ ڪري ئي هن پنهنجي زبور جهڙي فصاحت سان پريل سگهاري نثر ۾، مٿين سيني شين جا ڇوڏا لاتا آهن.

نٽشي کي پاڻ بابت پيغمبر هٿ جو پکو ويساه هئو. سندس خيال مطابق هو تواريخ جو هڪ اهڙو منفرد رهبر هئو، جنهن کي پراڻا سيئي ويساه ميساري، انسان ذات کي هڪ نئين ۽ شاندار آئيندي کان آشنا ڪرائڻو هئو.

مان سمجهان ٿو تہ ڪيس حقيقتن جو اهڙو ڪوٽيندڙ سڏي سگهجي ٿو، جنهن جو پهريون ڪم انسان ذات کي سچائيءَ کان روشناس ڪرائي اهو طئ ڪرڻو هئو، تہ اصل انسان ڇا هئو؟ ڇا انسان سماجي مخلوق، عبادت گذار خلق يا ڪو اهڙو وجود هئو، جنهن پنهنجي فطرت ۾ سڻائيءَ ۽ خوبصورتيءَ جي ڳولا پئي ڪئي؟

نٽشي مطابق انسان ۾ ڪي ب اهڙيون شيون موجود نہ هيون، سندس خيال موجب سيني ماڻهن ۾ بنيادي جبلت 'سگهه جي حاصلات' (Will to Power) جي صورت ۾ موجود هئي. هڪ هيٺئين سطح جي ب ڪردار يا ريڍار جهڙي شخص لاءِ 'سگهه جي حاصلات' جو مطلب ٻئي مٿان برتري حاصل ڪرڻ آهي، تہ جيئن هو پنهنجي سلامتيءَ لاءِ ٻئي جي مٿان زندگيءَ جا ڪڙا شرط مڙهي سگهي، پر ڪنهن اعليٰ ۽ غير معمولي خوبين پريي شخص لاءِ اها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

'سگھ' دراصل هڪ اهڙي ضرورت هئي، جيڪا منجهس لڪل صلاحيتن کي اُجاگر ڪري ڪيس مُڪتي بخشي، تہ جيئن هو سچي معنيٰ ۾ ڪنهن بہ ٻئي شخص توڙي شئي جي ڳيجهي کان آزاد رهي سگهي.

اهڙن شخصن کي نٽشي "Super- men" (اعليٰ شخص) سڏيندي، کين زندگيءَ جا حقيقي وارث ڄاڻايو آهي، پر اهڙن شخصن جي خوبين جو تعين ڪندي، هن موجوده سماج جو ڳوڙهو جائزو پڻ ورتو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هو سمجهي ٿو تہ نٽپولين جهڙن عظيم اڳواڻن جي ناڪاميءَ جو سبب پڻ اهو هئو، جو انهيءَ دؤر جو سماج،غلامدار ذهنيت جي ماٺهن لاءِ ئي بهتر هئو- جيڪي بهادر ۽ لياقت مند شخصن کي برداشت نہ پئي ڪري سگهيا. انهيءَ سماج جا مذهبي ۽ سياسي ادارا،توڙي ثقافتي بنياد،'سنديپٽي' ڪمتريءَ ۽ هيٽائپ ۽ غلاميءَ ۽ نام نهاد 'امن پسنديءَ' تي ٻڌل سگھ جي ارادي جي سهاري تي بيٺل هٿا.

خود عيسائيت بہ ماٺهن منجھ انهيءَ ڪري مقبول هئي،ـ جو اُن کين روحن جا تصور ۽ آخرت واري زندگيءَ جا ڏڻا ڏئي، غريبن ۽ ضرورت مندن کي پڻ پنهنجي پَرِ ۾ لائق وٺ ڄاڻايو. ڄڏهن تہ غريب غُربي تي اها مهرباني ڪندي ہو، عيسائيت منجهائين 'بهتر ماٺهن' کي سندن وارث بڻائي ڇڏيو. انهيءَ کان سواءِ عيسائيت انسانن کي گناهه جي آگاهي ڏياري، ماٺهوءَ کي پنهنجو پاڻ سان جنگ ۾ ڏکي ڇڏيو.

جنهن ڪري سندس عمل ڪرڻ جي صلاحيت ڪمزور ٿي ۽ آخرڪار هو پادرين جو ڳيجهو ٻڌجي ويو. جن جي 'سگھ جي حاصلات' جو بنيادءعام انسانن جي استحصال مان مهيا ٿئي ٿو.

سو نٽشي جي آڏو عيسائيت سميت هڙئي مذهب هڪ قسم جا هٿڪرڙول ۽ ڏاوڻ آهن، جن کي هو مڪمل طور تي ردِ ٿو ڪري. هو اڇوڪي جديد رياست کي بہ 'ڪراڙي ڏائڻ' چئي چنڊ پٽي ٿو، ڇاڪاڻ جو اها بہ 'طاقت' کي ان عام ماٺهوءَ جي حوالي ڪرڻ تي زور ٿي ڀري، جنهن جو ساٿ ڪو واسطو ئي ڪونهي. هو جديد ثقافت کي پڻ ٽَڪي جو نٽو سمجهي، ڇاڪاڻ جو اها بيڇين حقيقتن تي پردو ٿي رکي. هوڏانهن جمهوريت ۽ سماجواد ٻئي سندس آڏو هڪجهڙيون شيون آهن، ڇو تہ اهي پڻ اڻ ڄاتل مُدي تائين 'سپر مئن' جي اوسر کي روڪي ڇڏيندا. نٽشي اخلاقيات کي بہ اهو چئي رد پئي ڪيو تہ: اها هڪ اهڙي سنگهر آهي، جيڪا ڪِين جهڙن حقير ماٺهن جي ايجاد آهي، تہ جيئن هو فطري اڳواڻن جي ايرڻ کي روڪي سگهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي آڏو ڪوبہ مطلق اخلاقي قانون آهي ئي نہ.

سڀ اخلاقي قدر نسبتي ۽ لاڳاپيل آهن، جو تہ جيڪا شئي هڪ ماڻهوءَ لاءِ چڱي هجي ٿي، سا ٻئي لاءِ خراب بہ ٿي سگهي ٿي. مجموعي طور تي فريڊرڪ نٽشي لاءِ اڃوڪي جديد زندگيءَ جا هڏُئي بنياد نہ رڳو بيڪار، پر انساني سماج جي درست اوسر لاءِ پڻ سخت هاڃيڪار آهن.

جڏهن اسين اهو ويچاريون ٿاتہ زندگي يا ان جا قائدا ۽ وهنوار اسان مان هر شخص ڪيئن نہ جهت ۾ قبول ڪري ٿو ويهي، تہ انهيءَ صورتحال ۾ نٽشي طرفان انهن قائدن کي نہ مڃڻ واري جرئت تي حيرت ٿئي ٿي! اهو معاملو جڏ تہ ڪنهن اهڙي شخص وانگر هئو، جيڪو ڪنهن گهر ۾ بيهي ڪُليو ڪُلايو چوي تہ: "هيءَ گهر مون کي نٽو وڻي." ۽ ايئن چوڻ کان پوءِ، فوراً ئي ان گهر جي ڇت کي پنهنجي مٿان هٽائي وجهي. هن قسم جي 'صفائيءَ' کي نٽشي پنهنجي لاءِ 'نئون گهر جوڙڻ' واري سلسلي جي ابتدائي ڪڙي ڄاڻائي ٿو. سماج تي اها ٽوڙ ڦوڙ ڪرڻ واري تنقيد 1876ع ۽ 1883ع جي وچ ۾ ڇپيل سندس هيٺين ڪتابن ۾ آيل آهي:

1- Thoughts out of Season.
2- Human All- too Human.
3- The Dawn of Day.
4- The Joyfull wisdom.

جيتوڻيڪ هن ڪتابن جي ڪري ڪيس گهڻوئي گهٽ وڌ ڳالهايو ويو، پر هڪ سنجيده سوچيءَ جي حيثيت ۾ سندس سُڃاڻپ بهرحال ضرور ٿي.

فيلسوفيءَ جي اتهاس ۾، نٽشي جي سڀ کان وڏي خاصيت اها آهي، تہ هن موجوده زندگيءَ ۽ ان جي معيارن جي آڏو وڏي واڪي 'نہ' جو آواز بلند ڪيو، پر ساڳئي وقت جنهن زندگيءَ جي تصور جي هن وڪالت پئي ڪئي، ان جي حمايت ۾ پڻ مڙس ماڻهو ٿي بيٺو، انهيءَ سلسلي ۾ هيٺين ڪتابن:

1- Thus spoke Zarathustra.
2- Beyond Good and Evil.
3- The Geneology of Morals.
4- The Antichrist.
5- Ecce Homo and Twilights of the Idols.

۾ هن انسان جي آئيندي بابت پنهنجا ويچار ڏنا آهن. جن مطابق ڪوبہ عام ماڻهو زندگيءَ جي روايتي معيارن موجب رهي سگهندو، پر سموري ڪائنات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي قالب ۾ اچي ويندي، جو اها 'اعليٰ شخصن' کي مڪمل آزادي فراهم ڪندي. انهيءَ بابت هن لکيو آهي:

"انسان جي منزل انسان ذات نہ پر 'اعليٰ شخص' آهي... منهنجي خواهش آهي تہ اهڙن انسانن کي اڳتي آڻيان، جيڪي پنهنجي معياري زندگيءَ جي لحاظ کان، سيني جنسن کان مٿيرا هجن."

نٽشي جي پنهنجي ذات کان هٽي ڪري، سندن تصور ۾ اهي 'اعليٰ شخص' ڪير ۽ ڪنهن جهڙا هئا؟ بقول سندس: "اهي شخص ذهني ۽ جسماني طور تي سگهارا هجن، پنهنجن "اعليٰ مفادن" جي حاصلات ۾ انا پرست هجن، جڏهن تہ رحم جو ذرو بہ سندس دل ۾ نہ هُجي، ڇاڪاڻ جو رحم ڪمزوري پيدا ڪندڙ جذبو آهي." هن آڏو اهي شخص "زندگيءَ جا بادشاھ هجڻ کپن نہ ڪي ٽڙيل وحشي."

درحقيقت اُهي شخص ئي بقول سندس، زندگيءَ جي هاڪاري رُخ جا علمبردار، فخر يريا، آزاد، سُرها ۽ تخليقي قدرن جا امين آهن، ڇاڪاڻ جو اهي شخص پنهنجو پاڻ تي ضابطا رکن ٿا. ممڪن آهي تہ اها ڳالھ بظاهر درست نہ لڳي، پر هو ايئن ڪندي حقيقت ۾ ذات جي موھ جا قيدي نٿا سڏي سگھجن. انهن کي تہ نيڪيءَ، بديءَ جي معيارن کان مٿانهون رهڻو آهي، بلڪ هو تہ پنهنجي ذات سان لاڳاپيل عمل ذريعي، نيڪيءَ ۽ بديءَ جا نوان معيار قائم ڪندا. هر اها شئي جنهن سندن سگھ ۾ واڌارو آڻيندي، مٿن بندش کي ختم پئي ڪيو ۽ کين باعمل بڻائڻ ۾ مدد ٿي ڪئي، سا 'چڱائي' چئبي. پر هر اُهو پهلو جنهن کين پنهنجي بل کان باهر، ڪنهن بي قوت تي ياڻڻ ۾ مدد ٿي ڪئي، پوءِ اهو خدا جو مقرر ڪيل تصور هجي يا اخلاقيات ۽ بيا قائدا چو نہ هجن، سي سڀ 'بديون' آهن. نٽشي چوي ٿو تہ، ڪوبہ خدا ڪونهي، پر هو پنهنجي سِر انسانن منجهان نوان ديوتا پيدا ڪندو.

نٽشي جي هن ويچارن جا هاڪاري پهلو ڳڻيندي، اسان کي روزاني زندگيءَ جا بيمشار دباءَ ذهن ۾ لازمي رکڻ کپن. جيڪي مستقل طور تي شخصيتن کي ڪمزور ڪندا ٿا رهن ۽ کين انهن وهڪرن ۾ وهائيندا ٿا وڃن، جيڪي اسان جي خواهش يا چونڊ مطابق ناهن. اصل ۾ نٽشي جي تبليغ جو بنيادي مقصد اهو هئو، تہ ماڻهوءَ جي ڪشش يا ڇڪ جو مرڪز واپس سندس ذات کي بڻايو وڃي، تہ جيئن هو حقيقي طور تي آزاد، تخليقي ۽ سُرهو رهي سگھي.

انهيءَ رخ ۾ هن پنهنجي سِر بيرحم ڏاهپ پريل همٿ جو مظاهرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندي، جديد زندگيءَ جي مڙني معيارن جو جائزو ورتو ۽ سندن چيرڦاڙ ڪئي. اها ب حقيقت آهي ت تواريخ ۾، اڳرين تي ڪٽپ جيترا ماڻهو ئي نٽشي جهڙي وات اختيار ڪري سگهيا آهن. چاڪاڻ جو اهو سڄو تسلسل ماڻهوءَ جي پنهنجي ذات کي ئي ڏاڍو ٽوڙي ڦوڙي ٿو، تڏهن ب سواءِ چند ماڻهن جي اهو ممڪن ب ڪونهي، ت هو نٽشي جي شاندار مشاهداتي ذهن جي همسري ڪري سگهن. پر ان هوندي ب اهو ياد ضرور رکڻ کپي ت انساني معاملن ۾ ايستائين ڪاب ترقي ماڻي نٿي سگهجي، جيستائين انسان 'مجيل ويساهن' کي هڪ زبردست للڪار ڪندي، کين رد يا قبول ڪرڻ لاءِ ڪي پڪا بنياد فراهم ڪري، پختائيءَ سان پنهنجي وجود جو حصو نٿو بڻائي ڇڏي.

نٽشي جي فڪري وات ڪيس شخصي طور تي ت پيڇي پوري ئي ڇڏيو، (ياد رهي ت نٽشي سڄي عمر نہ رڳو بيمار رهيو پر آخر ۾ ت ڪيس پاڳل خاني جو منهن پڻ ڏسڻو پيو. سنڌيڪار)

پر وسيع معنيٰ ۾ ت انسان ذات لاءِ ب وڏو ڏڇو پيدا ڪيو، چاڪاڻ جو هلندڙ صديءَ جي شروعات ۾ جرمنيءَ جي نوجوانن ڪيس ڏاڍي اتساه وچان پڙهيو. پر جيئن عام طور تي ٿيندو آهي، ت جڏهن عظيم مفڪر عوام جي پڪڙ ۾ اچي ويندو آهي ت، سندن خيال بچڑو روپ اختيار ڪري وڻندا آهن، تيئن عام ماڻهوءَ سندس تصورن کي پنهنجي سوچ مطابق وڻندي، نٽشي جي بهتر ڄاڻهين تي ڪَنُ ئي نہ ڏنو. ماڻهن کي فقط 'اعليٰ شخص' واري تصور شديد متاثر ڪيو. خاص ڪري شاهي جرمنيءَ جي ان ماحول ۾، جيڪو اڃ اونداهي دؤر جي سختيءَ ۾ پريل صورتحال جهڙو ٿي لڳو. جيتري قدر نٽشي طرفان اخلاقيات کي رد ڪرڻ وارو سوال هئو، ت انهيءَ سلسلي ۾ ماڻهن ب صفا لاهي پاهي ٻيهڙ لاءِ اڳ ئي هنبوچيون پئي هنيون. نوجوانن ۾ ت انهيءَ جو نتيجو اندران ئي اندران هڪ فضول قسم جي باغي سوچ ۽ پاڻ هُرتي انهيءَ احساس جي صورت ۾ نڪتو، ت هو جيڪو ڪجهه ڪرڻ گهرن ٿا، تنهن تي روڪ لاءِ جيڪڏهن حڪومت کو اُپاءُ نٿي وٺي، ت اهو خود بخود درست آهي.

جرمن سماج جي سوچ جي انهيءَ تسلسل ۾، پهرين مهاياري لڙائيءَ ۾ ذلت آميز هار کان پوءِ، جرمني ڏڪار ۾ ڦاٽل هئي، ملڪي حڪومت ڪمزور پارلياماني اڪثريت تي ٻڌل هئي ۽ منطقي طور تي عوام ۾ زندگيءَ کان ڪراهت پريل هئي. اهڙي دور ۾ ماڻهن ۾ اهو احساس پيدا ٿيو ت سماجي قدرن ۽ سياسي تنظيم ڪاريءَ جي لحاظ کان، ڪي نيون راهو اختيار ڪيون وڃن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ سلسلي ۾ ڪجھ سال اڳ ئي نٽشي طرفان ٿھوَر زمين هَرُ ڏيئي اهڙيءَ نموني تہ تيار ڪئي وئي، جو اُن ۾، رڳو هٽلر جھڙي ٻج ڇنڊ جي دير هئي! ٿوري ئي عرصي ۾ جرمنيءَ منجھ انتھائي هاڃيڪار فصل پچي راس ٿيو، جنھن تحت بي عقليءَ جي پاٽيءَ سان اهڙي جبلت جنم ورتو، جنھن نہ رڳو سمجھ ۾ دليل ڪي رد پئي ڪيو، بلڪ طاقت جي عبادت ۾ جمھوريت تي قٽڪار سان گڏوگڏ، انهيءَ ويساھ جڙ پکڙي، تہ ٻل يا طاقت (Vitality) ۽ تحرڪ پنھنجي سر ئي وڌيون برڪتون هيون. ۽ اھو تہ انھن ڪي لاڳو ڪرڻ لاءِ، هرويرو ڪنھن طريقہ ڪار يا واٽ جي ضرورت ۾ نہ هئي.

نٽشي جي 'اعليٰ شخص' جي مفادن ڪي پوري ڪندڙ دنيا واري تصور ڪشيءَ منجھ، آپيشاهيءَ جو ٻج موجود هئو، جنھن سڄي جرمن قوم ۾ ھڪ اهڙي رهبر جي هجڻ جي ضرورت ڪي شدت سان محسوس ڪرايو، جيڪو آپيشاهيءَ واري نظام جو سڀ کان وڏو داعي هجي- ۽ اهڙو شخص هٽلر جي صورت ۾ اڳ ئي پيدا ٿي چڪو هئو. جيڪو نراسائيءَ جو شڪار ٿيل ۽ دل لٽل جرمنن لاءِ اميد جو سھارو بڻجي پيو.

درحقيقت نٽشي جا فڪري ويچار ڪنھن سُريلي شاعر جو خواب هئا، پر جڏھن انھن ڪي عملي زندگيءَ تي لاڳو ڪيو ويو، تہ انھن اهڙو ٻُجھڙو روپ اختيار ڪيو، جيڪو هن ڪڏھن سوچيو ۽ نہ هوندو. نٽشي جو 'اعليٰ شخص' جنھن جو زندگيءَ ڏانھن رويو 'ھاڪاري' هئو، تنھن جو حقيقي وارث هٽلر بڻجي پيو، جنھن جي فطرت ۾ تباهيءَ ۽ بربادي ڦھلائڻ لاءِ ھڪ بي اختيار تڙپ موجود هئي. سو 'فطري اڳواڻ' لاءِ 'مڪمل آزاديءَ' واري لاڙي، آخرڪار جرمن قوم ڪي وڃي بدترين غلاميءَ ۾ جڪڑي قابو ڪيو. ڇاڪاڻ تہ نٽشي طرفان مروج قدرن تي شديد حملن، ان دؤر جي تھذيب جي سڄي جوڙجڪ ڪي ڦٽائي ڇڏيو ۽ ان ۾ پيدا ٿيل وِٿين مان 'جيڪو ڏاڍو سوگابو' وارو ٻُڃان ڏيارينڊڙ گنڊُ وهڻ لڳو.

ان کان سواءِ 'اعليٰ شخص' وارو فڪري تصور، جيڪو 'زندگيءَ جو بادشاھ' بڻجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو، سو پڻ ھڪ بهترين قسم جي اڪيلائيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجھ ۽ ناهي. بلڪ ھڪ خطرناڪ قسم جي غيرحقيقت پسنديءَ آهي. هتي اھو پڻ ياد رکڻ گھرجي تہ اڪيلائي بهرحال بهترين وَٽُ ناهي هوندي. سڄ تہ اھو آهي تہ اسان ڪي هر قسم جي ماڻھن سان، لازمي طور تي روحاني سڃائيءَ سميت ڳانڍاپي ۾ هڻڻ ڪپي، ڇاڪاڻ جو اها اسان جي انتھائي بنيادي ضرورتن جي ترجماني ڪري ٿي. اهي ڳانڍاپا ٽوڙڻ جي ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي نٽشي پنهنجي سِر ۾ چريو ٿي ڏيو.

فريڊرڪ نٽشي جو جنم 1844ع ۾ 'سيڪسوني' شهر ۾ ملڪ جي هڪ وڏي پادريءَ جي گهر ۾ ٿيو. هو پنهنجي پيءُ جو سڀ کان وڏو نينگر هئو. سندس امڙ ٻوٽي پيءُ پروٽيسٽنٽ فرقي سان لاڳاپيل پراٽي ڪٽنب جو اولاد هئا. گهر جو ماحول سڌريل، خاموشيءَ ۽ سخت قسم جو ڏرمي هئو. ننڍڙو فريڊرڪ نہ رڳو ڏاهو پر نازڪ طبيعت رکندڙ ٻار هئو، جيڪو وڏڙن جي هر حڪم جي اکر ۾ اکر تابعداري ڪندو هئو. ايتري قدر جو ماءُ جي واتان ٻڌل هڪ نصيحت، جنهن مطابق: 'ديني حڪم آهي تہ جڏهن ٻار اسڪول کان واپس موٽي، تہ ڪيس نہ ڪا تکڙ ڪرڻ ڪپي ۽ نہ وري ڪيس ڊوڙڻ ۽ ٽپڻ ڪڏڻ ڪپي.' ٻُڌي،هو هڪڙي ڏينهن اسڪول کان موٽندي، زبردست مينهن ۾ پيجندي ۽، سڄي واٽ صفا آهستي ۽ مانيٽائيءَ سان گهر موٽي آيو.

انهيءَ وچ ۾ نہ رڳو سندس والد جو لاڏاڻو ٿي ويو، پر سندس گهر ۾ هڪ ڪڪيءَ جو ۽ واڌارو ٿي ويو. والد جي چالاڻي کان پوءِ سندس ڪٽنب هڪ ڀر واري شهر لڏي ويو، جتي پنهنجي ماءُ، ڏاڏي ۽ ڦيٽين جي سڄي ڪهول ۾ عورتن جي وچ ۾ هو اڪيلو ڇوڪراٽو ٻار هئو. هتي هو چوڏهن سالن تائين اسڪول ۾ پڙهندو رهيو. جيتوڻيڪ هو پنهنجي ظاهري سياڻ ۾ ڊڄڻو ٻاز نظر پئي آيو، پر اصل ۾ هو هڪ اعليٰ قسم جي آدرشي طبيعت جو ٻار هئو. هو سمجهه سان ٿيو تہ شاعري سرجڻ سان گڏ، موسيقيءَ جون ڌنون ۽ ترتيب ڏيندو هئو. بقول سندس ٻارنهن سالن جي ننڍڙي وهيءَ ۾، منجهس 'خدا جي پرتاب' بابت واضح تصور موجود هئو. انهيءَ وچ ۾ شيطان وارو مسئلو ۽ سندس آڏو ٿي چڪو هئو. هن آڏو 'ٽي مورتيءَ' جي تصور هيٺ هڪ خداوند پيءُ، خداوند فرزند ۽ خداوند ابليس جي شڪل ۾ ويچار موجود هئو.

اصل ۾ اها سوچ مذهب بابت گهر ۾ مليل تعليم جي خلاف، ايندڙ انقلاب جو مُهڙيون قدم هئي. نٽشي پنهنجي زندگيءَ جا ايندڙ ڇهه سال هڪ بوربنگ اسڪول منجهه گذاريا. جتي انتهائي سختيءَ سان پاڙهيو ويندو هئو، تہ هڪ فرد کي برادريءَ يا ماڻهن لاءِ قربانيون ڏيڻ ڪپن. ان کان سواءِ هتي علم لُغت، لاطيني ۽ يوناني ٻوليون سيکاريو، شاگرد جي ذهني سگهه ۾ واڌارو پڻ آندو ويندو هئو. سو نوجوان نٽشي لاءِ گهر جي طرفان ذهن ۾ پيل عقيدي جي ڳڙي سوڙ کي هٽائي، وحدانيت جي لوهي لٽ هٽ ۾ ڪٽڻ جي ڪري، ڪيترائي شديد مسئلا اٿي پيا هوندا ۽ ڪيس ڏاڍو مونجهو ۽ ڪيو هوندائون، پر سندس شعور جي پابندين ۾ريل ارتقا ٿيڻ جي ڪري، جيڪو ردِ عمل پيدا ٿيو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن منجهس انفراديت جو شديد احساس پيدا ڪري، آزاديءَ جي لاءِ ۾ اوتري ٿي زبردست تڙپ پيدا ڪري ورتي. سو توڙي جو هن جي رفتار ڏيمي هئي، پر سندس طبيعت ۾ هڪ نئون انقلاب جنم وٺي رهيو هئو.

1848ع ۾ نٽشي دينيات جو علم پڙهڻ لاءِ بون يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتي، جتي آهستي آهستي هو ان ڳالهه سان سهمت ٿي ويو ته ڪيس ڪيترو به هاڃو ڇو نه رسي، يا اها ڪيتري به وڏي شيطان گيري ڇو نه سڏرائي، پر هاٿي هو آرام ۽ فرحت جي تلاش جي بدران سچ جي ڳولا ۾ جاکوڙيندو. سندس زندگيءَ جو مقصد ٿي اهو هوندو. بهرحال ليپزگ ۾ هن پنهنجي تعليم پوري ڪئي ۽ چوويهن سالن جي ننڍڙي عمر ۾ ڪيس سٽزرلينڊ جي بئسل يونيورسٽيءَ ۾ علم لُغات جو پروفيسر مقرر ڪيو ويو.

ليپزگ ۾ نٽشي ان دور جي مجيل قدرن خلاف، ڪلي جنگ شروع ڪري ڏني ۽ انهيءَ سلسلي ۾ زندگي جا شروعاتي ٽي ڪتاب لکي ورتا. انهن ڏينهن ۾ ٿي منجهس وڏندڙ روحاني اڪيلائيءَ جي احساس بابت ڪو خاص اتساه نه هئو. البت دوستيون رکڻ جي باري ۾ انتهائي جذباتي هجڻ ڪري، هن ڪجهه پائيدار دوست ته پيدا ڪري ورتا، پر ڏاهپ جي حوالي سان پنهنجي مُٺ ڪو شخص ڪيس ملي نه سگهيو.

مشهور موسيقار واگنر لاءِ هڪ طرف سندس دل ۾ بي حد احترام ته ضرور هئو، پر ڪيس هن جي موسيقيءَ ڏانهن لاڙي ۾ موجود، انسان پرستيءَ ڪان شديد چڙ هئي. انهيءَ وچ ۾ پروشيا ۽ فرانس جي وچ ۾ لڳل جنگ ۾ طبي خدمتون ڏيڻ جهڙي سخت ڪم، ڪيس صفا ناچاڪ ڪري وڌو. سندس ذات لاءِ اهو درحقيقت اصل زندگيءَ سان واسطيداريءَ ۾ اڇڻ جو هڪ ڊيڄاريندڙ تجربو هئو. بهرحال بئسل ۾ رهندي پورا ڏهه سال، هو سندس ذهن ۽ اکين تي خراب اثر چڏيندڙ بيماريءَ جي ور چڙهي ويو، نيٺ انهيءَ مرض ڪيس ايترو ته ساٿو ڪيو، جو مجبور ٿي هن کي پروفيسريءَ تان استعفيٰ ڏيڻي پئي.

پنهنجي زندگيءَ جي ايندڙ سالن ۾، جيئن ٿي هن پنهنجي نظرين کي ڪولي بيان ڪرڻ شروع ڪيو ته، اهو نٽشي جيڪو هو پاڻ هئو ۽ اهو نٽشي جيڪو هن ٽيڻ پئي گهريو، تن جي وچ ۾ فاصلو وڌندو ٿي رهيو. سندس خيالن منجهه دلسوز انتشار اصل ۾ تڏهن زور ورتو، جڏهن ڪنهن عورت جي سگ لاءِ هن هڪ دوست جي معرفت گهر ڪئي، پر ان مائيءَ صاف انڪار ڪري چڏيو.

توڙي جو عام طور تي هو مروج ريتن رسمن ۽ معيارن ڪان سخت باغي هئو، پر حقيقي زندگيءَ ۾ پاڻ کي ماڻ ۽ پيڻ جي اثرن ڪان آجو نه ڪري سگهيو. پنهنجن ڪتابن ۾ هو برابر رحم ۽ جذبي کي دل ۾ دٻائڻ جي سخت خلاف هئو، پر اصل فطرت ۾ هو هڪ اهڙو نفيس ڪٽن پريو شخص هئو، جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن عام پر سچي ديندار شخص جي راھ جو، ڪندو ٻڌڻ ۾ پسند نہ ڪندو ھئو. اُن هوندي ۾ پنهنجن سالمر حواسن سان سوجھيل سچائيءَ جي وڪالت ڪرڻ ۾ ھڪ بيرحم انسان تہ ھئو، پر دل جي نازڪ جذبن ۽ ذهن جي ثابت حقيقتن جي پرک هجڻ ڪري، سندس احساس ۽ سوچ سدائين ھڪ ٻئي سان ٽڪراءَ ۾ رهيا.

انهيءَ انتهائي حساس طبيعت ۽ زبردست ذهانت جي پاڻ ۾ مسلسل ٽڪراءَ ۾ رهڻ ڪري، هو هميشہ بيچين رهيو، جيڪا ڪيفيت آخري هلي سندس سهپ کان ٻاهر ٿي ويئي. جنهن ڪري نيٽ هو 3۔ جنوري 1889ع تي ڏهي پيو. ان صورتحال کان اڳين مهيني محسوس ايئن پئي ٿيو تہ منجهس موجود حاضر دماغيءَ کي ڏڪ لڳو آهي. ڇو تہ انهيءَ وچ ۾ مونجھ پريل ذهني انتشار واري صورتحال ۾ رهندي هُن ڪن ماڻهن کي خط لکيا، جن ۾ خواهش ظاهر ڪيائين، تہ سندس وَس هلي تہ جيڪر هو جرمنيءَ جي قيصر (بادشاھ) کي گوليءَ سان اڏائي ۽ ٻين کي صليب تي چاڑهي ڇڏي.

ان کان ٽيڪ ٻئي ڏينهن تي، شهر ۾ جڏهن هن هڪ ٽانگي واري کي بگيءَ ۾ جوٽيل گھوڙي کي لکڻ سان ڪُٽيندي ڏٺو، تہ هو تپرس وچان اڳتي وڌي، گھوڙي جي ڳچيءَ ۾ ڳراٽڙي وجهي بيهي رهيو. اهو منظر ڏسي دراصل ايئن لڳي رهيو هئو، تہ جڙ هڪ مصيبتن جو ماريل ٻئي همسفر کي پرچائي رهيو هجي. انهيءَ عمل کان پوءِ هو اچي جو روئڻ ۾ ڇٽڪيو، تہ بس ئي نہ ڪري! نيٽ روئندي روئندي بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيو.

جيتوڻيڪ هن گھٽنا جي مڪمل سمجھاڻي ڏيڻ ناممڪن ٿي لڳي، پر ممڪن آهي تہ انهيءَ مان 'اعليٰ شخص' جي بظاهر وڪالت ڪندڙ باهمت نڪشي جي ذات جو، اهو اصل پهلو نظراچي وڃي، جنهن کي هو تاحياتي لڪائيندو رهيو. بهرحال هر صورت ۾ سندس ذهني طور تي جهرڻ (Collapse) اڻ ٽر هئو. پر هڪ دفعو جو سندس ڪَل ٽڙي، تہ ٻيهر هو ڪڏهن ۽ سئو فيصد صحتياب نہ ٿي سگهيو، ۽ نہ وري کو وڌيڪ ڪتاب لکي سگهيو. اٽويهن مهينن تائين هو هڪ اهڙي مريض وانگر زنده رهيو، جنهن وٽ ٻين لاءِ بي حد گھرا جذبا ۽ نيڪ تمنائون هيون. انهيءَ ناچاڪيءَ دوران سندس سارسنيال پيٽس ۽ ماٽس ڪنديون رهيون.

آگسٽ 1900ع ۾ آخرڪار هن نمونيا جي مرض وگهيءَ هيءُ جهان ڇڏيو؛ ۽ جنم ورتل ڪکن ۾، اباڻي ڳوٺ جيءُ گرجا گھر واري مقام ۾، پنهنجن ڪرستان ابن ڏاڏن سان وڃي مليو. شايد انهن تائين رسندي، آخرڪار سندس من کي مڪمل شانتي ۽ آرام مليو هجي.

(جان ڪئننگ جي ڪتاب "100 Great Personalities of the Wrold" تان ورتل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



انتون پاولو وچ چيخوف

جم: 29 جنوري 1860ع
لاڏاڻو: 15 جولاءِ 1904ع

مختصر ڪهاڻي کيترءِ ناٽڪ نويسيءَ ۾، جيڪڏهن دنيا جي نقادن کي آڱرين تي ڳڻپ ۾ ايندڙ، چند ڪلاڪارن جي لسٽ ٻڌائڻ لاءِ چيو وڃي، تہ شايد روس جي جادوگر ليکڪ چيخوف کي، سڀني کان مٿاهون رکيو وڃي. چيخوف پنهنجي تحريرن ۾ ڪردار نگاريءَ پلاٽ تي زور ڏيڻ کان وڌيڪ، واقعن ءِ ڳالهين کي بيان ڪندي، نہ رڳو معمولي احساسن کي خصوصيت ٿو بخشي، پر پنهنجن فنپارن کي اهڙي تہ حيرتناڪ طريقي سان "اينٽي ڪلائيمڪس" ۾ ڪٽي ٿو وڃي، جو پڙهندڙ سندس تاثراتي شدت کان هرگز بچي نٿو سگهي. روس جي عظيم اديبن ٽالسٽائيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوستو وسڪيءَ وانگر. هو صورتحال ۽ احساس کي ڏگهو ڪرڻ بدران، انساني نفسيات جي مختلف روپن کي اڌڙ جملن، پراسرار خاموشي، چيندڙ طنز ۽ نفيس مزاح ۾ تبديل ڪندي، انتهائي مختصر انداز سان بيان ڪرڻ ۾ لاثاني حيثيت رکي ٿو.

نقادن آڏو چيخوف بنيادي طور تي اهڙو حقيقت پسند ساهتڪار آهي، جنهن جا ڪردار، عام روسي سماج ۾ هر هنڌ موجود نظر اچن ٿا. هن روسي ادب ۾ سائيڪو ڪن لافاني ڪهاڻيون ۽ ڪيترا ناٽڪ لکيا، جيڪي وقت گذرڻ سان گڏوگڏ وڌيڪ موهه پئدا ڪندا ٿا وڃن..عام طور تي چيو ويندو آهي، ته چيخوف جي لکڻين ۾ هر ڪائيندڙ نوعيت جي خاص سرگرمي ڪانهي، پر پنهنجي موضوع ۽ ڪردارن جي اندر هلندي هلندي، هو اهڙا ته واقعا ۽ موڙ پئدا ٿو ڪري، جو پڙهندڙ لاءِ سندس گهري اثر کان محفوظ رهڻ مشڪل ٿيو وڃي.

چيخوف هڪ غريب منيارڻيءَ جو پٽ هئو، ۽ ڏکين سُکين حالتن سان منهن ڏيئي محنت ڪندي، ڊاڪٽري پاس ڪيائين. پر ڪلينڪ هلائيندي، اصل ۾ هو پنهنجي تخليقي ڪم لاءِ مواد جمع ڪندو رهندو هئو. چيخوف تنگ دستيءَ جي ڪري، جسماني طور تي سدائين ناچاڪ رهندو هئو. پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو هو ماسڪو شهر ۾ رهيو. جتان هن ويهين صديءَ جي شروعات ۾ عالمي سطح تي شهرت حاصل ڪئي. چيخوف تي نهايت پيار منجهان لکيل هيءُ مضمون، روس جي ٻئي مهان ساهتڪار ميڪسم گورڪيءَ جو سرجيل آهي. جنهن هڪ چيخوف جي عام مداح جي حيثيت ۾، سندس زندگيءَ تي وٽندڙ نظر وڌي آهي. لفاظيءَ ۽ ڦوڙات اکرن جي گدلاڻ کان پاڪ هن تحرير ۾، جڏ ته دل جي دل سان لاڳاپي جو هڪ پوتر ۽ سادو اظهار ڪيل آهي.

- سنڌيڪار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن هڪ پيرو مون کي ڪوٺ ڏني، ته آئون سندس رهائش واري ڳوٺ 'ڪچڪ ڪوئي'، گهمڻ اچان. جتي ڪيس هڪ نندڙو ٻٽ جو ٽڪر ۽ ٻه ماڙ اڇو گهر آهي، جيڪو بعد ۾ هن مون کي ڏيکاريو، ۽ پنهنجي نندڙي جاگير جو سير ۽ ڪرايائين. مون کي ياد آهي، ته هو ڏاڍي جوش ۾ چئي رهيو هو:
"جيڪڏهن مون وٽ ڳڇ جيترا ڏوڪڙ هجن، ته جيڪر هتي هڪ روشن ۽ هوادار اسپتال جوڙايان، جيئن ڳوٺن جا بيمار اسڪول ماستر اُتي اچي آرام وٺن. ان کان سواءِ هڪ لائبريري ۽ بهترين نمونيي جي ٺهرايان، ۽ موسيقيءَ جا سٺ اوزار رکرائي، هڪ قلدار باغيچو ٺهرائي، پوءِ بيهي موسميات ۽ زراعت متعلق ليڪچر ڏيان.... ۽ بس ڳالهائيندو رهان- جهونا! آئون سمجهان ٿو ته ماسترن کي هر شئي جو پتو هجڻ کپي."

ڳالهائيندي ڳالهائيندي اوچتو هو خاموش ٿي ويو، ۽ اچي کنگهڻ ۾ ڇٽڪيو، پر کنگهندي ۽ مون ڏانهن نهاري مشڪندو رهيو. سندس پيار پري مشڪ ۾ بي پناه محبت پلٽا ٿي ڏٺا، جنهن اڳلي کي سندس گفتگو ڏيان سان ٻڌڻ تي مجبور ٿي ڪيو. هن وري سلسلو جوڙيندي پڇيو: "تون منهنجن انهن خوابن کي ٻڌي ڪَڪِ ٿو ٽئين چا؟ مون کي ته هِن موضوع تي ڳالهائڻ ۾ مزو ايندو آهي- ڪاش توکي روس جي چالاڪ، سُٻتين ۽ علم پرور استادن جي اهميت جي خبر هجي! روس ۾ اسان کي استادن لاءِ هڪ خاص قسم جو ماحول پيدا ڪرڻ کپي، ڇو ته اسين سمجهون ٿا ته، جيسيتائين عام ماڻهو گهڻ پاسائون شعور حاصل نٿا ڪن، تيستائين اسانجو وطن هڪ اهڙي غير معياري مصالحي ۽ پيلين سرن سان جڙيل گهر وانگر هوندو، جنهن ٺهڻ کان پوءِ ٽورڙي ئي عرصي ۾ اچي ڦهڪو ڪيو هجي. آئون سمجهان ٿو ته هڪ استاد کي اهڙو مڪمل فنڪار ۽ ڪلاڪار هجڻ کپي، جنهن کي لازميَ طور تي پنهنجي پيشي سان بيحد چاهه هجي. جڏهن ته اسان جا استاد اهڙا اڌ پڙهيل درويش آهن، جن کي جڏهن ٻار پڙهائڻ لاءِ ٻهراڙين ڏي موڪلجي ٿو، ته ڪنجهندا ۽ ڪُرڪندا ايئن ٿا وڃن، جڙ ته کين ڪوئي روس مان لوڏي ٿو ڪڍي. پر حقيقت ۾ هو ويچارا ۽ ته ڏاڍا ڏڙڙيل آهن، بکن ۾ پاڻ پيا ٽين، ۽ هر وقت مرڻ جو خطرو پيو مٿن لامارا ڏئي. انهيءَ جي برعڪس استاد ته ٻهراڙيءَ جو اهو شخص هٿ گهرجي، جيڪو هر سوال جو جواب فٽافٽ ڏئي، هارين نارين کي مطمئن ڪري سگهي، ۽ سندس نظرن ۾ پنهنجو مرتبو وڌرائي، ايترو بلند ڪري، جو ڪوبه ڏانهس آگر ڪٽي نه سگهي...."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اسان جي ملڪ ۾ ڪنهن ۾ ذميوار ماڻهوءَ کي پنهنجي عزت جي ڪا به پرواه ڪونهي. انهن ماڻهن ۾ پوليسوارا، دڪاندار، پادري، اسڪولن جا سرپرست، معززين ۽ اهڙا آفيسر، جن کي اسڪول جو انسپيڪٽر سڏيو ويندو آهي، سي سڀ شامل آهن. اسان جي اسڪولن جا انسپيڪٽر صاحب سمجهن ٿا، ته اسڪولن جي وڌاري ۽ ترقيءَ ۾ دلچسپي وٺڻ بدران، سندن ذميواري رڳو ليٽر ڪيڊ ۽ حڪم ناما جاري ڪرڻ آهي. اها ڪيڏي نه ناانصافي آهي! هاڻي ٻڌايو ته هي مسڪين، جن وٽ پائڻ لاءِ ليڙون آهن ۽ سيءَ ۾ پيا ڪنبن، سي دنل اسڪولن جي پوساٽيل ڪمرن ۾ پيا آهن. جتي جي گاسليٽي اسٽوين جي بانس، سندن صحت جو اهڙو ته ٻيڙو ٻوڙي چڏيو آهي، جو ٽيهن ورهين جي عمر تائين پهچندي، هو بيمارين جي ڳڻڻي ٻڌجيو وڃن ۽ سهڪي سهڪي، سندن جي سور ۽ سلهه جهڙين خطرناڪ بيمارين ۾ گهيرجيو وڃن. اها اسان سيني جي توهين آهي ته اسان جا استاد، سال مان نوَ مهينا سنياسين وانگر بنواس ۾ گذارينديء، ايڏي اڪيلائي جو شڪار رهن ٿا. سندن آسپاس ماڻهو ئي ڪونهي، جنهن سان ڳالهائي ٻولهائي سگهن، ۽ نه ڪو وٽن ڪتاب يا اهڙي ڪا ٻي وندر جي شئي آهي، جنهن سان روح ريجهائين. نتيجي ۾ هو طبيعتن منجهه صفا ڇسا ٻڌجيو ٿا وڃن. اُهر زهر ڪري اتفاق سان، جيڪڏهن هو ڪو ميل ميلاپ جو موقعو ڪڍي مجلس مچائين ٿا، ته ماڻهو ڪين مريض سمجهي، سندن ويجهو وڃڻ کان ڪترائين ٿا. اهي گندا لفظ استعمال ڪري ٽڳ ماڻهو سڄ پڄ ته خطرناڪ احمقپڻي جون سيئي حدون ٽپي وڃن ٿا..... اسان کي اهو سڀ ڪجهه پسي شرم کان ٻڏي مرڻ کپي، جو اسان اهڙن اتم ماڻهن، جيڪي انسان ذات جو عظيم سرمايو آهن، تن جو مذاق اڏائي ڪيڪارت ڪريون ٿا. اڻون ڪنهن استاد جي سامهون ايندو آهيان، ته مون کي ڏاڍي ادنگي ڪيفيت محسوس ٿيندي آهي. ڇو ته سندن فقيراڻا حال ۽ ذلت پري زندگي ڏسي، ڪنهن حد تائين، اڻون پنهنجي ذات کي به ان سڄي صورت حال لاءِ ذميوار محسوس ڪندو آهيان- سڄ پڄين ته اها حقيقت آهي!!"

جهٽ کن لاءِ هو چپ ٿي ويو ۽ پنهنجون ٻانهون ڪولي، هوريان چوڻ لڳو: "اسان جو روس ڪيڏو نه عجيب ۽ غريب ملڪ آهي!"

انهيءَ ڪيفيت ۾ رهندي اوچتو گهري غم جي چادر سندس اکڙين ۾ اونداهي اوتي چڏي، ۽ سندس عمدين اکين جي ڪنبن وٽ گهنجن جا جهڳٽا اچي بيٺا، جن سندس نگاهن کي وڌيڪ گهرو ٻڏائي چڏيو. انهيءَ کان پوءِ هو چوڌاري نهارينديء، پنهنجو پاڻ کي مسرور ڪندو رهيو، ۽ چيائين: "ڪيڏانهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وئين، اوري ته اڇ! مون هڪ لبرل اخبار ۾ تنهنجي خلاف هڪ ڏڳهو مضمون لکيو آهي، پر يار توکي ۽ تنهنجي خاموشيءَ کي جس هجي! اڇ ته ان جي بدلي ۾ توکي چانهه پيٺاريان...."

اڪثر ڪري ساٿس وقت انهيءَ نموني ئي گذرندو هيو. ڪڏهن ڏسندئو ته جوش، چڪ ۽ سچائي سان پيو تيز تيز ڳالهائيندو، ۽ وري ٿورڙيءَ دير کان پوءِ ئي، هو پنهنجو پاڻ ۽ پنهنجي لفظن تي بيٺوٿهڪ ڏيندو. پر پوءِ به سندس نفيس ۽ ڏاڪارن ٿهڪن منجهه، هڪ اهڙي ماٺهوءَ جو سڙو ترتيبيل شڪ نظر ايندو، جنهن کي لفظن ۽ خوابن جي قدر ۽ قيمت جو بهترين اندازو هجي. ان کان سواءِ سندس ٿهڪن منجهه، وٽندڙ نرماهٽ ۽ وجداني نزاڪت جا جلوا به ظاهر ظهور هوندا.

بهرحال حال حوال ڪندي، اسين چپ چپات ۾ گهر واپس پهتاسين. مون کي ياد آهي ته اهو هڪ تيز ۽ روشن ڏهاڙو هيو، ايتريقدر جو سج مان نڪرندڙ شعلن جي تيز لهرن جا آواز به ٻڌڻ ۾ ٿي آيا. پريان ماڻريءَ ۾ ڪتو، ڪنهن خوشي منجهان، زور زور سان ٻونڪي رهيو هيو، ته چيخوف مون کي ٻانهن کان جهلي ڪنگهندي چوڻ لڳو:

"جيتوڻيڪ اها ڏاڍي واهيات ۽ ڏک جهڙي ڳالهه آهي، پر پوءِ‌حقيقت آهي ته، هن جهان ۾ اهڙا سائينءَ جا سنواريا به اٿئي، جيڪي ڪتن سان پڻ ساڙ رکن ٿا...."

ايئن چوندي هو وري کل ۾ ويڙهجي ويو ۽ چوڻ لڳو:

"آئون اڄ جيڪو به ڳالهايان ٿو، تنهن مان ٻڌائپ جي بوءِ ٿي اچي. آئون ٻڌيو به ته ٿي ويو آهيان؟!"

اهڙي طرح بار بار وقفن کان پوءِ، آئون سندس واتان ڪيترين ڳالهيون ٻڌندو رهيس. مثال طور تي: "ڳالهه ٻڌ- ٿورڙي جهٽ پهرين هڪ استاد آيو آهي، ساٿس گڏ سندس زال به آهي، ويچاريءَ جي طبيعت ڏاڍي خراب آهي، ڇا تون سندن ڪا مدد ڪري سگهندين؟ مون ته ڪين ڪجهه دير لاءِ ترسايو آهي....."

يا وري چيائين:

"گوركي! هڪ استاد جيڪو ڏاڍو بيمار ۽ بستري داخل آهي، سندس خواهش آهي ته توسان ملاقات ڪري، ڇا تون ساٿس ملندين؟"

هڪ دفعو ٻيهر به چيائين :

"هڪ ماستر‌ياڻي ڪتابن موڪلڻ لاءِ لکيو آهي....."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن ڪڏهن اتفاق سان سندس اهو "استاد" مون کي وٺس ملي ويندو هيو. هو ايئن ئي هوندو هُئو عام طور تي جيئن ٻيا استاد هوندا آهن، يعني جنهن کي پنهنجي لاچاريءَ جو احساس هجي ۽ ڪرسيءَ جي هڪ ڪناري تي ويهي لفظ ڳولهيندي ۽ گهڙيندي، اهڙي نموني ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪري، تہ جيئن سندس اڻڄاڻ ويڙلن تي سندس علميت ۽ سيبتائپ جو گهٽي کان گهٽو اثر پئجي سگهي. يا وري ڪو اهڙو شخص، جيڪو اڳلي ماٺوءَ جي شهرت سبب، سندس سامهون ايندي بيماريءَ جي حد تائين شرميلو هجي، ۽ مسلسل ان ڪوشش ۾ هجي تہ ڪنهن بہ نموني، هو ٻين جي آڏو ڇسو نظر نہ اچي- اتي ويڙل نظر ايندو، ۽ اچڻ سان انتون پاولو وچ (چيخوف) تي سوالن جي ٻرمار لائي ڏيندو. ۽ ايئن محسوس ڪرائيندو، تہ هن اهي سوال ڪجهه سوچي نہ، پر اوچتو ئي پنهنجي ذهن متجهان پڇيا. ايئن ڪندي هن پنهنجو پاڻ کي ڏاڍو هوشيار ٿي ظاهر ڪيو.

جڏهن انتون پاولو وچ سندس سڄي ڏک ڪهاڻي، ڏاڍي غور سان ٻڌي پوري ڪندو، تہ پوءِ سندس غمزده اکڙين منجهه هڪ وٽندڙ مرڪ منور ٿيڻ لڳندي، ۽ سندس کاڏيءَ وٽ گهنج پئجي ويندا. آخرڪار هو پنهنجي مٺڙي، ڏيمي پرگهري آواز ۾ ڳالهائڻ شروع ڪندي، سهٽا سهٽا سادا، صاف ۽ زندگيءَ سان ٻريور لفظ استعمال ڪندو ويندو، جنهن ڪري سندس مهمان بالڪل آرام ۾ اچي ويندو ۽ چالاڪي ڇڏي ڏيندو. نتيجي ۾ هو نہ فقط هوشيار ٻڌجي پوندو، پر سندس شخصيت بہ دلچسپ ٿي ويندي...

مون کي هڪڙو ڏگهڙو سنهڙو استاد اڄ ياد آهي، جنهن جو زرد چهرو هڏياتون نڪتل، تاٽيل نڪ، ٻيہ کاڏيءَ ٻرجهڪندي نظر ٿي آيو، سو استاد چيخوف اڻڄاڻ ويڙل هيو، ۽ ڏانهس پنهنجي ڪارين اکين سان گهورينديءَ سُستيءَ مايوسيءَ وچان پاري آواز ۾ چوڻ لڳو:

"هيءَ جيڪا اسان جي هڙي حالت ٿئي ٿي، ان جو وڏي ۾ وڏو سبب اسان جي زندگي جو پڙهائڻ وارو عرصو آهي. جيو تہ هي پيريڊ اسان کي اهڙين تہ نفسياتي وارداتن ۾ ڌڪي ڦٽو ٿو ڪري، جو تر جيترو موقعو بہ نٿو ملي، تہ اسين دنيا ڏانهن معروضي سڃائين ذريعي ڏسي سگهون. دنيا اسان لاءِ اسان جي پنهنجي تصورن مطابق ئي تہ آهي...."

ايئن چوندي هن فيلوسفياڻي انداز سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندي، ڪنهن برف تي ترکي ڦڙهه ٿي پيل موالياءَ واڱر، جملو ڳالهائي هڪدم ڦاڻ ڪري بس ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مون کي اهو ته بڌاءِ ته توهان جي ضلعي ۾ اهو کهڙو ماستر آهي، جيڪو ٻارن کي ماري ٿو." چيخوف آهستگيءَ ۽ آرام سان کانئس پڇيو.

استاد هڪدم ڪرسيءَ تان ٽپو ڏيئي ايو ٽي ويو، ۽ عجيب غريب نموني سان پنهنجون ٻانهون هيٺ مٿي ڪرڻ لڳو.

"ڇا ڇيئه؟ آئون؟ ٻارن کي ڪُٽيندو آهيان؟ سوال ئي پيدا نٿو ٿئي!"

هو ڪاوڙ ۾ نڪ مان ڦوڪارا هڻڻ لڳو.

"خوامخواه پاڻ کي آڀي مان نه ڪيا!" انتون پاولو وچ مشڪندي، ڪيس ٺڏو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چيو: "مون توتي ته اهڙو الزام ڪونه هنيو! ها البته مون اخبار ۾ ايئن پڙهيو هيو، ته توهان جي ضلعي ۾ هڪ اهڙو استاد آهي، جيڪو ٻارن کي مار ڏئي ٿو....."

اهو ٻڌڻ کان پوءِ، استاد واپس ڪرسيءَ تي ويهي پنهنجو پگهرانپگهر ٽيل چهرو اُگهڻ لڳو ۽ سڪ جو ساه کڻندي، ذهن تي زور ڏيندي چوڻ لڳو:

"بالڪل درست! هڪ دفعو اهڙو واقعو ٿيو هيو؛ ۽ اهو به ميڪاروف ڪيو هيو. جيتوڻيڪ اهو هڪ دلچسپ واقعو آهي، پر ان جي ٿيٽ جا به ڪجهه سبب ضرور آهن. ميڪاروف شادي شده آهي ڪيس چار ٻچڙا آهن، سندس گهر واري به سدائين بيمار ٿي رهي. وري مٿان ڪيس پنهنجي پگهار يعني 20 روبل مان بچت ڪرڻ جي به پٽ پيل آهي..... جنهن اسڪول ۾ هو پاڙهي ٿو سو به هڪ ڪوليءَ وانگر آهي. اهڙي صورتحال ۾ ته جيڪر ملائڪ کي به ڪنهن معمولي غلطيءَ تي چنبو وهائي ڪڍجي، هي ته ٻاڪرا قر آهن! يقين ڪريو ته هي ڇوڙا ڏاڍا ڏنگا آهن!!"

مون کي حيرت ٿي ته ساڳيو ئي شخص، جيڪو ٿوري دير اڳ پنهنجن چوندڙ لفظن جي ذريعي چيخوف کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيو، سو اوچتو پنهنجي تاٽيل نڪ ۾ سوندڙ وجهي، تيز ۽ تکا لفظ ڳالهائڻ لڳو، ۽ پنهنجي سادي پر زبردست گفتگو ذريعي، زندگيءَ جي ياڳپٽي ۽ بدترين سچائين کي بيان ڪندي، روس جي ڳوٺاڻي زندگي جو نقشو ڇڻڻ لڳو....

انهيءَ استاد موڪلائڻ مهل، چيخوف جون نازڪ آڱريون جيڪي سندس خشڪ چمڙيءَ واري هٿ جو حصو هيون، پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ ورتيون، ۽ انتهائي عقيدت ۽ احترام منجهان چوڻ لڳو:

"آئون جڏهن توهان سان ملڻ ٿي آيس، ته منهنجي دل ۾ اهو احساس هيو، ته مان ڪنهن بالا عملدار سان ملڻ ٿي ويس. توهان ڏانهن اچڻ لاءِ تياري ڪندي، آئون پنهنجو پاڻ کي ٽُرڪيءَ جي ڪڪڙ وانگر، هر هر جاچي رهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيس، ته جيئن توهان تي اهو تاثر چڏي سگهان ته مون ۾ ب ڪي داڻا هيا. ۽ هاڻي جڏهن آئون اوهان کان موڪلائي رهيو آهيان، تڏهن مون کي ائين ٿو لڳي، ته جڻ ته آئون هڪ اهڙي دوست کان جدا پيو ٿيان: جيڪو منهنجي رگ رگ مان واقف آهي. اها ڪيڏي نه وڏي ڳالهه آهي، جو ڪو ماڻهو هر شئي کي چڱي طرح سمجهندو هجي. توهان جا لک لائق! هاڻي آئون اوهان کان موڪلائيندس. آئون پاڻ سان اهي قيمتي ويچار ڪٽي واپس ٽي رهيو آهيان، ته عظيم شخصيتون سادگيءَ جو مجسمو هونديون آهن. هو هر شئي چڱي طرح سمجهن ٿا، ۽ اسان مسڪين ماڻهن جي ڏاڍو ويجهڙا آهن. هو عام ماڻهن جي پيٽ ۾ وڌيڪ محبت ڪن ٿا. چڱو الله واهي! آئون اوهان کي زندگيءَ ۾ ساري نه سگهندس."

سندس نڪ ڦڙڪڻ لڳو، سندس چپن تي تبسم جا موتي پکڙجي ويا، ۽ هو چوڻ لڳو: "ٻرا ماڻهو ڏاڍا بدقسمت آهن. .... ٻلا وڃي ڪڏ جي تري ۾ پون!"

جڏهن هو واپس وڃڻ لڳو، ته اننون پاولو وچ جون نگاهون سندس پيڇو ڪنديون رهيون، ۽ پوءِ مشڪندي چيائين: "ان هوندي ب جو هو گهٽو وقت پڙهائي نه سگهندو، پر هو ڏاڍو پيارو ماڻهو آهي."

"اننون ڇو ٻلا ايئن ڇو؟ "مون پڇيو.

"مٽيون سڀ مصيبتون ڪيس ڇيري ڦاڙي ڇڏيندیون..... ۽ منجهائس ترت ئي جند ڇڏائيندیون." ٿوري جهت لئه خاموش رهڻ کان پوءِ، وري هو نرم آواز ۾ ڳالهائڻ لڳو:

"روس ۾ هڪ استاد آتشدان يا بخاري ٺاهيندو آهي، جيڪو سدائين پرندو ٿو رهي. يا ڪيس ڪنهن دائيءَ لئه هڪ اهڙي لٽ ڪٽي ڇڏجي، جنهن سان هو پارن کي سٽيندي ڪٽيندي رهندي آهي....."

مون کي ايئن ٿو محسوس ٿئي، ته اننون پاولو وچ جي موجودگيءَ ۾ هر شئي جڻ ته خودبخود وڌيڪ سادي، معنيٰ خيز ۽ سڏي صاف ٿيڻ ڇاهيندي هجي. مون کي ڪيترائي دفعا اهڙو مشاهدو ڪرڻ جو موقعو مليو. مثال طور تي، ڪئين ڪتابي اصطلاحن سان جهنجهيل معلومات جو مظاهرو ڪندي، فٽشني اکر ڪتب آڻيندا هئا، ۽ سندس آڏو شروع ۾ ماڻهو سڀ اهي معمولي ۽ حقير حرڪتون ڪندا هئا، جيڪي عام طور تي روسي ماڻهو ڪندا رهندا آهن، ته جيئن هو يورپي نظر اچڻ لڳن ۽ پاڻ سنواريندا رهن. سي سڀ فنڪاريون ايڏي ته جوش ۽ جذبي سان ڪندا هيا، جيڏي جوش سان شڪاري سمند جهاڳيندي سپن ۽ مڇين کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪندا آهن. جڏهن ته اننون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاولو وچ کي ميڙين جي ڏنڊن ۽ ڪڪڙن جي ڪنين سان ڪابہ دلچسپي ڪانہ هئي، ڇاڪاڻ جو اها سڄي ڪرت هڪ قسم جي هلڪڙائپ آهي. جنهن جي مصنوعي چمڪ (جيڪا ويڳاڻاپ سان پُر آهي) کي انهيءَ ڪري ماڻهو استعمال ڪندا آهن، جو پنهنجي "مسلط وجود" جي سخت جڪڙ، کين خول مان ٻاهر نڪرڻ ئي نٿي ڏئي. منهنجي سامهون جڏهن ہ اهڙو ڪو شخص انتون سان ملڻ آيو، تہ مون ڏٺو تہ سندس وڏي ۾ وڏي ڪوشش اها هوندي هئي، تہ هو اهو سڀ ڪجهہ ڪري، جنهن سان اهو شخص ڏيکاءُ واري جنهن ڏهڻ ۾ قاتل آهي تنهن منجهان آجو ٿئي، ۽ سندس ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ٻيائيءُ جي ڪري جيڪي تباهيون ۽ بربادیون سندس گفتگو ۾ شامل ٿي ويون آهن، تن کان چوٽڪارو حاصل ڪري سگهي ۽ سندس گفتگو جو اصل مطلب بيان ٿئي. انتون پاولو وچ پنهنجي سڄي زندگي، هڪ پوتر روح وانگر گذاري، پنهنجي اندر صاف هجڻ ڪري، هو هميشہ پنهنجي ذات جي جوهر مان ئي سڏو سنئون لڳندو هيو. تنهن ڪري ڪڏهن ہ اهڙن ماڻهن جي خواهش مطابق نہ هليو، جن جي ڪري اڻ سونهندڙ شيون اختيار ڪرڻ لاءِ زور ڀريو ويندو آهي. ۽ جيئن روسي عام طور تي ڪندا آهن، تيئن هن ڪڏهن ہ فضول ڳالهين تي وقت برباد نہ ڪيو. روسي لوڪ جيڪي پنهنجي دلين جي سڄي هجڻ ڪري، اهڙن معاملن تي ہ ڳالهائيندا، جن جي ڪا اهميت ڪونہ هوندي آهي. مثال طور تي کين حال ۾ پهرڻ لئہ تہ ڪو چگو ڪپڑو ئي نہ هوندو آهي، پر مستقبل ۾ بخمل ۽ ڪمخواب جا خواب ضرور لهندا آهن.

پنهنجي خوبصورت سادگيءَ جي ڪري، هو سڄي عمر سرلائي، حقيقت ۽ سچائي سان نہ فقط محبت ڪندو رهيو، پر شين کي آسان بڻائڻ لاءِ ہ جاکوڙيندو رهيو.

هڪ دفعي وٽس تي هيرن جواهرن سان جهنجهيل منڊمون آيون، جن جي ريشمي ڪپڑن جي سَر سر ۽ مفرح عطرن جي خوشبوءِ، ڪمري کي واس ڏيئي ڇڏيو. هو ڏاڍي ڪڙڪي سان اچي انٽون جي سامهون ويٺيون، ۽ ڪانئس سوال پڇندي، سياست ۾ پنهنجي اٽاه دلچسپي ظاهر ڪرڻ لڳيون: "انٽونِ پاولو وچ، توهان جي خيال ۾ جنگ ڪيئن ختم ٿيندي؟"

چيخوف ڪجهہ دير خاموش رهيو، پوءِ ڪنگهندي ڏڪاري، مٺڙي ۽ بي انتها نفيس آواز ۾ ورندي ڏنائين: "ظاهر آهي تہ امن جي ذريعي."

هنن وري پڇيو: "اهو تہ ٺيڪ آهي، پر جنگ ڪٽندو ڪير؟ يوناني يا ترڪ؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"آئون سمجهان ٿو ته وڏيڪ طاقتور ڏر جنگ ڪڻي ويندي."

"۽ اوهان جي خيال ۾ ڪهڙي ڏر وڏيڪ طاقتور آهي؟" سيني يڪ آواز ٿي پڇيو:

"جنهن ڏر کي ڪاڏ خوراڪ وڏيڪ آهي ۽ وڏيڪ تعليم يافته آهي."

ڇيخوف جواب ڏيندي چيو.

"ائي الا! هي ڪيڏو نه حاضر جواب آهي؟" منجهائٽن هڪ وراڻيو.

پر ان وچ ۾ هڪ ٻي خاتون سوال ڪري ويٺي: "توهان ڪهڙي ڏر کي ڪٽندي ڏسڻ چاهيندؤ؟

انٽون پاولووچ ڪيس انتهائي شفقت سان ڏٺو؛ ۽ پنهنجي سنهڙي منڙي ۽ پر تڪلف آواز پڇيو: "مون کي ته فروٽ واريون ٽڪيون وٽنديون آهن. ڇا توهان به ڪائڻ پسند ڪندؤ؟"

"ها ها ڇو نه!" خاتون ڏاڍي اتساه مان رڙ ڪندي چيو.

"اهي ڏاڍيون لذيذ ۽ ذائقيدار هونديون آهن." منجهائن ٻيءَ ٿوري اداسي سان ڪيس ٽيڪو ڏيندي چيو.

۽ پوءِ سيٺي ڏاڍي جوش ۽ ولولي سان فروٽ جي ٽڪين متعلق ڳالهائڻ؛ ۽ ان موضوع تي پنهنجي بهترين علم سميت بحث مباحثو ڪرڻ لڳيون. ظاهر ۾ ته اهو ٿي نظر آيو، ته جڏ ته يوناني ۽ ترڪ جنگ ۾ الجهي، پنهنجي ذهن کي مائوف ڪرڻ هنن اجايو ٿي سمجهيو. ڇو ته "ٽڪين واري مسئلي" کين ايتري ته دلچسپي مهيا ڪري ڏني هئي، جو هنن جو ٻئي پاسي ڏيان ئي ڪونه ٿي ويو.

"اسان توهان کي جلد ئي ڪوڙ ساريون اهڙيون ٽڪيون موڪلينداسين."

هنن مائين انٽون پاولووچ کي اکيون مچڪائيندي چيو: "اسان کي خوشي آهي ته پنهنجي وچ ۾ زبردست گفتگو ٿي."

جواب ۾ هو فقط نرميءَ سان ڪلندو رهيو.

"پيارا! هر ڪو پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ گهرندو آهي." هن مون ڏانهن ڏسندي بعد ۾ جواب ڏنو.

هڪ ٻئي دفعي وٽس هڪ نوجوان وڪيل صاحب آيو. هو سندس ڪمري ۾ بيهي پنهنجن گهنڊيدار وارن کي هٿن سان پوئتي اڇلائيندي، ڏاڍي اعتماد سان چئي رهيو هيو:

"توهان پنهنجي ڪتاب "Miscreant" ۾ مون کي هڪ انتهائي مشڪل مسئلي ۾ الجهائي ڇڏيو آهي. انٽون پاولووچ! جيڪڏهن ناول جي مکيه ڪردار (ڊينس گريگوريف) ۾ جڏهن هڪ خود ساخته ارادو ڏسان ٿو، جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بدیءَ جي حمايت ڪري ٿو، ته پوءِ منهنجو اهو فرض ٿو ٿئي ته، آئون ڪيس هڪدم جيل جو منهن ڏيکاريان، چو-ته ايئن ڪرڻ ۾ سماج جا مفاد برقرار رهي سگهن ٿا. پر ٻئي طرف هو جهنگلي ڏوهاري هوندي به پنهنجي عملن جي بابت شعور نٿو رکي، تنهن ڪري مون کي مٿس رحم ۽ اچي ٿو. جيڪڏهن آئون ڪيس هڪ اهڙي وٽ سمجهان، جيڪو بي عقلي جي بنيادن تي اهو سڀ ڪجهه ڪري ٿو، ۽ تنهن ڪري کيس معاف ڪرڻ ڪهي. پر معاشري کي آئون ڪيئن سمجهايان، ته هو پنڙيون نه اُکوڑيندو ۽ ريل کي ڪيرائڻ جي لاءِ ٻيهر ڪُڏو عمل نه ڪندو؟ منهنجو اهو مونجهارو آهي. هاڻي ٻڌايو ته ڇا ڪجي؟"

ايئن چئي هو خاموش ٿي ويو ۽ پنهنجو پاڻ کي ڪرسيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيائين، پر سندس نگاهن جو مرڪز ايان تائين انٽون پاولووچ ٿي هيو. سندس پوشاڪ بالڪل نئين نڪوري ٿي لڳي، جڏهن ته سندس قميص جا سيئي بٽڻ، اهڙي اعتماد ۽ احمق پڻي سان چمڪي رهيا هيا، جيئن ڪنهن نوجوان مذهبي ماڻهوءَ جي چهري ۾ ڪتل اکيون، پاڻي سان ڏوئڻ کان پوءِ چمڪنديون آهن.

"جيڪڏهن آئون مصنف هجان ها ته ڊينس کي آزاد ڪري ڇڏيان ها. انٽون پاولووچ افسوس گاڏڙ احساسن منجهان چيو.

"پر ڪهڙن بنيادن تي؟" نوجوان پڇيو.

"مون کيس چيو هجي ها: "ڊينس! جيئن ته تون ايان تائين هڪ باشعور ڏوهاري جي شڪل اختيار نه ڪري سگهيو آهين، تنهن ڪري وڃ جيئن وٽئي تيئن وڃي ڪر!"

هو نوجوان وڪيل ڪل ۾ اچي چنڪيو، پر جلد ئي پنهنجي اينگهجندڙ پيڙا تي قابو پائيندي چوڻ لڳو: "نه منهنجا مانائتا انٽون پاولووچ نه! جنهن مسئلي کي توهان بحث جو موضوع بڻايو آهي سو فقط سماج جي گڏيل مفادن کي نظر ۾ رکندي ئي حل ڪري سگهجي ٿو. جنهن لاءِ آئون ايئن چوندس ته سڄي معاشري جي جان ۽ ملڪيت جي حفاظت ۾ ئي سگهي. ڊينس بيشڪ هڪ جهنگلي آهي، پر بهرحال هو ڏوهاري ته آهي نه! ۽ ان ڳالهه ۾ ته تر جيترو ۽ شڪ نٿو ڪري سگهجي."

اوچتو انٽون پاولووچ کانئس پڇيو: "ڇا تون گرامو فون ٻڌندو آهين؟"

"اڙي هئ هئ! مون کي ته ڏاڍو وٺندو آهي! اها هڪ عاليشان ايجاد آهي."

نوجوان انتهائي جوش وچان جواب ڏنو.

"پر مون کي ته گرامو فون هڪ منٽ لاءِ به نه وٺندو آهي." انٽون پاولووچ انتهائي ڏکاري انداز سان چيو. "چو، ڇا لاءِ!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اهو ٺيڪ آهي ته گرامو فون ڳائي ۽ ڳالهائي ٿو، پر منجهس احساسن جي دز به ڪانهي، تنهن ڪري منجهائنس پرندڙ آواز ايڏو ته مٽل ۽ وانجها آهن، جو ڪا حد ئي ڪانهي. پر مون کي اهو ته ٻڌاءِ، ته توکي فوٽو گرافيءَ سان ڪو شوق آهي؟"

آخرڪار انهيءَ ڳالهه جي تصديق ٿي وئي، ته هي نوجوان فوٽوگرافي جو به قدردان هيو. چاڪاڻ جو هو ڏاڍي جوش ۽ خروش سان انهي فن متعلق ڳالهائڻ لڳو. جڏهن ته انهيءَ وچ ۾ "عاليشان ايجاد" يعني گرامو فون جو نالو به ان وچ ۾ ڪونه ڪنيائين. انهيءَ ڳالهه کي ڇيخوف سچيتائيءَ اختصار سان پرکيندو رهيو.

انهيءَ مهل به هڪ پيرو ڇيخوف جي روپ ۾ ٻيهر، مون لباس منجهه هڪ زنده دل ۽ دلچسپ شخص ڳولي لڌو، هڪ اهڙو شخص، جيڪو ڪنهن ننڍڙي ڦڙتيلي پونگڙي وانگر، پنهنجي جسم ۾ اڃا تائين زنده هيو.

بهرحال نوجوان کان موڪلائي، اٽنون پاولووچ واپس موٽي آيو، ۽ ڏاڍي اداسيءَ مان چوڻ لڳو: "اهو انهيءَ انصاف جي پٽيءَ تي هڪ ٽڪو آهي، جيڪو انصاف انسان جي تقدير مقرر ڪري ٿو؟ ٽورڙي جهٽ لئه خاموشيءَ کان پوءِ، هو وري چوڻ لڳو: "سرڪاري وڪيل هميشه مڃين ۽ خاص ڪري انهن جي اصل جائين کي هٽ ڪرڻ لاءِ ڏاڍا جتن ڪندا آهن."

مان اقرار ٿو ڪريان ته اٽنون کي بيهودگيءَ کي ننگو ڪرڻ جو بهترين ڏاڻ آهي. اهو فن فقط انهن ماڻهن وٽ هوندو آهي، جن وٽ زندگي جا معيار اتانها هوندا آهن. ۽ اهو سڀ ڪجهه تڏهن ئي پيدا ٿئي ٿو، جڏهن ڪو ماڻهو سونهن، سادگيءَ ۽ ترتيب ڪنهن خاص سٽاءَ ۾، هر انسان اندر ڏسڻ گهرندو آهي. حقيقت اها آهي ته، هو بيهودگيءَ کي ننگي ڪرڻ ۾، هڪ بيرحم ۽ انتهائي سخت انسان آهي. جڏهن ڪنهن ڪيس ٻڌايو، ته هڪ رسالي جو ايڊيٽر، جيڪو محبت ۽ ٻين سان همدرديءَ جي ڪري ڪافي مشهور هيو- تنهن هڪ ريلوي گارڊ کي بنان ڪنهن ڏوهه جي بيعزتو ڪيو، ۽ پنهنجي ملازمن سان اڪثر ڪري ايندڙ نموني سان پيش ايندو آهي، ته ڏک پري ڪل ڪلندي اٽنون پاولووچ چيو: "ظاهر آهي ته هو نواب صاحب ۽ رئيس آهي..... جيڪو قبر ۾ وڃي جاءِ ٽيو. پٽس سڄي زندگي ڪلٽر جوتا پائيندي گذاري، پر هو اصلي بهترين چمڙي جا بوٽ پائي ٿو؟" اهو سڀ چوندي جڏهن هن لفظ "رئيس" ورتو ته ايئن لڳو، ته جڻ ته سندس ذهن ۾ ان لفظ جو تصور، هڪ معمولي ۽ احمق ماڻهو وارو هيو. پوءِ هڪ صحافي جو تذڪرو ڪندي هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌايو ته هو هڪ انتهائي ڏاهو صحافي آهي، جنهن جي لکڻين منجهان عظمت پئي ٻکندي آهي ۽ سندس تحريرون انساني وقار جي نشاندهي ڪن ٿيون.... همراه ڳالهائيندو ايڏو مٺو آهي،جهڙي ماکيءَ جي لار. پرهو پنهنجي زال کي ٻين جي سامهون ٻ "بيوقوف" ڪري سڏيندو آهي، سندس نوڪر هڪ ٻوساٽيل ڪمري ۾ رهندا آهن، جتي آخرڪار ڪين سهڪي جي بيماري ٿي پوندي آهي..."

جيڪڏهن ڪانئس پڇبو ته "انٽون پاولووچ ڇا توهان فلاڻي ماڻهو کي سڃاڻندا آهيو؟"

"ها ها هو ڏاڍو ٻلو ماڻهو آهي. هو ڪنگهندي جواب ڏيندو ۽ وڌيڪ ٻ چوندو: "هو وڏو ڄاڻو آهي، سڀني ڪتابن ۾ منهن هوندو اٿس. مون ڪان ٻي ڪتاب پڙهڻ لاءِ وڻي ويو آهي ۽ وري مون انهن ڪتابن جي شڪل ٻ نه ڏٺي آهي. بس ٿورڙو غائب دماغ آهي، هڪڙي ڏينهن اوهان جي تعريف ڪندو ۽ ٻئي ڏينهن وري ڪنهن ٻئي کي ڏسيندو، ته توهان سندس مالڪياڻيءَ جي مڙس جا ڪارا ريشمي جورابا چورائي ويا هڻا."

سندس موجودگيءَ ۾ ڪنهن ذڪر ڪيو، ته: وڏن وڏن رسالن جا سنجيده، حصا ڏاڍا ڏکيا ۽ بي چسا آهن.

هڪدم وراٽيءَ ۾ انٽون پاولووچ بي انتها اعتماد سان صلاح ڏيندي، کيس جواب ڏنو: "پوءِ اهڙا مضمون اوهان ڪٽي نه پڙهندا ڪريو." اهو (عوام دشمن سان) تعاون ڪندڙ ادب آهي.... اهو ادب جيڪو مانوارا ڪراسنوف، چرنوف ۽ بيلوف (گاڙهو، ڪارو ۽ اڇو) وارا لکن ٿا. جن مان هڪڙو لکندو آهي، ٻيو ان تي تنقيد ڪندو آهي، ۽ ٽيون صاحب وري ٻنهي جي غير منطقي طريقئ ڪار منجه سٽاءُ ڪري، ڪم ٺاهي ڇڏيندو آهي، اهو ته جڙ ڪنهن ساکت جڙتو بوتي سان پتي راند کيڏڻ ٽيندو. پر حيرت ته اها آهي ته ليکڪ پنهنجو پاڻ کان اهو سوال ٿي نٿا ڪن، ته ماڻهو اهو سڀ ڪجهه چاهين ٿا يا نه."(1)

---

(1) بعد ۾ 1931ع ۾ گورڪيءَ لکيو ته: آڪٽوبر انقلاب کان پهرين بورزوا دانشورن، سياست دانن، سماجيات جي ماهرن ۽ صحافين پنهنجين تحريرن ۾ روسي ڪارڪن ۽ هاريءَ کي اڻ سڌريل شراب جو شوقين ۽ جاهل سڏيندي، مٽن الزام مڙهيو ته هو اهڙا شخص آهن، جن جو بنيادي ڪم نوڪري ڏيڻ ۽ چپ رهڻ آهي.... افسوس جو هيٺين ڪلاس جي ماڻهن جي صبر ۽ شڪر کي هٿن سٽن جا ليکڪ لکندي، پنهنجي اکين جي نظر وڃائي ويهن ٿا ۽ نه فقط سندن همدرد جذبا مري وڃن ٿا، پر پنهنجن ئي ماڻهن کي خوار ڪندي کين مزو ٿو اچي.

"پر اهڙو وقت ٻ آيو جو تاريخ پنهنجو فيصلو صادر ڪيو ته، شدت سان اڳتي وڌو، ۽ پوءِ اهي ماڻهو جن جو زندگي ڏانهن رويو ڏاڍو موڳو ۽ سست هيو تن پنهنجو پاڻ کي دنيا جي باعمل ترين مزدور طبقي جي روپ ۾ منتقل ڪيو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ دفعي ساٿس هڪ ٽلهي متاري، سهڻي سيبتي ۾ بهترين پوشاڪ اوڍيل مائي ملڻ آئي، مزو ته اهو ٿيو جو هن جي ڳالهائڻ جو نمونو، سود بود چيخوف جهڙو ئي هيو. "زندگي ايڏي ته ٻُسي آهي انٽون پاولووچ، ماٺو، آڪاش، سمنڊ ۾ ايتريقدر جو گل ۽ ايڏا ته گندا ٽي پيا آهن، جو دل کي ڪاب ڳالهه ڪونه ٽي وڻي، منهنجو هينڙو ۽ سڄو ڏينهن پيو ٽو ڏکي. ڇڙ ته مون کي ڪا بيماري ٽي پئي آهي....."

انٽون پاولووچ انتهائي قرتيءَ سان کيس وراٽيو: "بالڪل بالڪل! اها هڪ بيماري آهي، جنهن کي لاطيني زبان ۾ "مور بس شامر اننس" (Morbus Sham Inanis) چيو ويندو آهي."

شڪر جو کيس لاطيني زبان سمجهه ۾ نه ٽي آئي يا ممڪن آهي ته هن ڄاڻي واڻي نه سڪي هجي.

"نقاد اهڙيون ڳهيون آهن، جيڪي گهوڙن کي پنهنجي زمين کيڙڻ جي ڪم آڻين ٿا." هو اهو سڀ ڪجهه عقلمنديءَ سان ۽ پرپور مسرت سان چوندو آهي. "اهڙا گهوڙا جن جون مشڪون ايڏيون تاڻيل هونديون آهن، جيتريون ڪنهن سُرندي جون تارون. ۽ پوءِ اوچتو اهي ڳهيون هٽڪارينديون، دڙها هٽنديون، هيٺ فصل ۾ لهي، سڄو فصل ٻيلي ڇڏين ٽيون، جڏهن ته گهوڙن جي ڪل قرڪي ٽي ۽ هو پنهنجو پڇ زور زور سان لوڏڻ لڳن ٿا. مون کي ڏس، ته هڪ مڪ "يون يون" ڇا لاءِ ڪري ٽي؟ جڏهن ته اهو ممڪن آهي ته ان متعلق کيس ب خبر نه هجي. حقيقت ته اها آهي ته سندس فطرت ۾ بي آرامي آهي، ۽ اها سڄي يون يون ڪري، هوءَ پنهنجي "هڇ جو احساس" ڏياري ٽي، ته آئون زنده آهيان! اهو ب لڳيَ ٿو، ته هوءَ چوندي هجي، ته ڏسو مون کي خبر آهي ته يون يون ڪيئن ڪجي، دنيا ۾ اهڙي ڪاب شيءِ ڪانهي، جنهن لاءِ آئون يون يون نه ڪري سگهان. توکي ٻڌايان ٿو ته آئون پنهنجي ڪهاڻين تي ٽيل تبصرا گذريل پنجويهن سالن کان پڙهندو پيو اچان، پر مون کي انهن سڀني تبصرن مان هڪ ب ڪا ڪم جي ڳالهه ڪانه سجهي جنهن کي ياد ڪريان ۽ نه وري ڪنهن اهڙي صلاح جي ٽي خبر اٿم، جنهن کي قبول ڪريان. بس هڪ تبصري نگاري کي آئون ٿورڙي ٽڪيَ اهميت ڏيندو آهيان، جنهن جو نالو "شٻي سڪي" آهي. هن صاحب جي ب اها دعويٰ آهي، ته هڪ ڏينهن آئون شراب پيئندي، ڪنهن کڏ جي تري ۾ ڪري مرندس...."

سندس اداس سيلٽي اکين ۾ هميشه نفيس مسخري پئي ترندي آهي، پر کڏهن کڏهن اهي اکيون، بالڪل سرد، بيچين ۽ سخت بنجي ويندیون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙن موقعن تي سندس منڙي آواز ۾ پڻ سختيءَ جو تاثر شامل ٿي ويندو آهي، ۽ پوءِ اڻون محسوس ڪندو آهيان، تہ هن جو وڇڙو پوڄه پريو وجود، ڪنهن دشمن قوت جي خلاف همٿ ۽ مردانگي سان سينو ساهيون بيٺو آهي. ڪئين دفعا مون کي ايئن لڳو، جڏ تہ نااميديءَ جا پاڇا، سندس هلت چلت ۾ لهي آيا هجن، ۽ جڏ تہ ڪنهن سرد ۽ زبردست مايوسيءَ، منجهس اچي واسو ڪيو هجي. مثال طور تي هو چوندو هيو.

"روسي ماڻهو ۾ عجيب قسم جي مخلوق آهي، سندس طبيعت ڇاڻيءَ وانگر آهي، جنهن ۾ ڪابہ شيءِ بيهي نٿي سگهي. پنهنجي جواني ۾ جيڪا ۾ شئيءِ سامهون اچيس ٿي، ان کي بي صبري ۽ تڙ تڪڙ ۾ جاچي ۽ پرکي ويچي ٿو، ۽ ٿيهن ورهين تائين پهچندي، ڪجه فضول شين جي ڊير کان سواءِ منجهس پي ڪابہ شئي پٺتي نٿي بچي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو فضيلت پريل انسانن جهڙي زندگي گذارڻ گهري ٿو، تہ ڪيس محنت ڪرڻ جڳائي، پر ان محنت ۾ ڇاهہ ۽ مڪمل يقين هجڻ ضروري آهي. پر افسوس جو اسان کي اهو احساس ڪونهي، تہ پنهنجي ملڪ ۾ محنت ڪيئن ڪجي. هڪ معمار کي ڏسو جڙو ۾ ٽي چگيرڙا گهر جوڙڻ کان پوءِ، هو يا تہ پٽي راند ڪرڻ ويهي رهي ٿو، يا وري سڄي عمر ڪنهن ناٽڪ منڊليءَ جي گمنام اداڪار وانگر، پردي جي پٺيان گم ٿي وڃي ٿو. هڪ نظر ڪنهن ڊاڪٽر تي وجهو. هن همراه جي اسپتال جيئن ئي هلڻ لڳي ٿي، تہ هو سائنس سان پنهنجو سڄو سهنڊ ٽوڙي ڇڏي ٿو، ۽ سواءِ Novosti Terapii (شفا بخشيندڙ خبرون) پڙهڻ جي، ٻي ڪنهن ۾ شئي سان دلچسپي ڪونہ ٿو رکي. چاليهن سالن جي عمر تي پهچڻ کان پوءِ، ان مفروضي ۾ پختو ويساه رکي ڇڏي ٿو، تہ هر بيماري ٽڊ جي ڪري لڳي ٿي. اڻون ٻلجي ۾ ڪنهن هڪ اهڙي عملدار سان ڪونہ ملیو آهيان، جنهن کي پنهنجي ڪم جي اهميت جي ٽورڙي ۾ سُڌ هجي. هو بس ايترو قرب ڪندا آهن، تہ پنهنجو پاڻ کي ڪنهن تخت گاهہ يا وڏي شهر ۾ قيد ڪري، بالا عملدارن کي رپورٽن مٿان رپورٽون پيا موڪليندا. هڪ بهترين وڪيل، هڪ اڊ مقدمي ۾ تعريف جوڳي ڪارڪردگي ڏيکارڻ کان پوءِ، فرنو ٿي ويهي رهي ٿو، ۽ گهوڙن تي شرطون رکڻ کان سواءِ پيٽ چٽيو پڻ ٻڌجي پوي ٿو، جڏهن تہ باقي زندگي پاڻ هُرتو فن جو هڪ وڏو پارکو ٻڌجي رهي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن اداڪار کي ڏسندؤ تہ هو ۾ هڪ اڊ چگو ڪردار ادا ڪرڻ کان پوءِ، وڌيڪ محنت ڪرڻ کان نابري واربندي، ٽوپي ٽنڊ تي رکي پاڻ کي وڏو داناءُ سمجهي هلندو وتندو. سچ پچين تہ روس سُستن جي سر زمين آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جتي ماٺهو ڪائڻ پيئڻ جي معاملي ۾ وڏا هيڇي آهن، ۽ سندس بهترين شوق سج اڀري کان پوءِ ننڊ ڪرڻ ۽ ننڊ ۾ وڏا وڏا ڪونگهرا هڻڻ آهي. هو شاديون ان ڪري ڪن ٿا ته جيئن سندن زالون گهر کي ٺيڪ ٺاڪ رکن ۽ نوڪراڻيون انهيءَ لاءِ رکن ٿا، ته جيئن هو پنهنجي معتبرائپ ڏيکاري سگهن. سندن سوچڻ جو انداز ڪتڙن جهڙو آهي، ڪين پادر هٽو ته ڪٽون ڪندي رانيات ڪندا ۽ پوءِ پنهنجي ڏرن ۾ وڃي مرندا ۽ جي مٽائڻ هٽڙو قيرائيندا، ته آرام سان ڀُڻي پر سمهي، پنهنجا پير مٽي کٽي پڇ لوڏيندا رهندا."

جيتوڻيڪ انهن جملن منجهان هڪ سرد، افسوس جوڳي بيعزتي بکي ٽي، پر ان ايڏي ڏڪار هجڻ جي باوجود، جيڪڏهن سندس آڏو ڪو ماٺهو گارگند ڪيندو، ته هو بنان ڪنهن دير جي ان جي مخالفت ڪندو ۽ چوندو:

"چڏينس هي هاڻي ستر ۾ پهتو آهي." يا "اجا هي ٻار آهي ۽ بيوقوفيءَ وچان ايئن پيو ڪري."

مون چٽي طرح محسوس ڪيو، ته هو جڏهن ب ايئن ڳالهائيندو هيو، ته ڪيس ڪنهن ب قسم جو پڇتاءُ ڪوٺ هوندو هئو. جيسين ماٺهو ننڍو نيٽو هوندو آهي، تيستائين منجهس موجود بيهودگي اسان کي حيران ڪندي آهي، ۽ اها صفا ظاهر ظهور ب نه هوندي آهي، پر اها بچڑي بلا آهستي آهستي سوچ کي وکوڑي ٽي ۽ ان جي سليٽي دز، هوريان هوريان سندس دل ۽ دماغ ۾ زهر وانگر واسو ڪري وڃي ٽي. اهو سلسلو ايستائين جاري رهي ٿو، جيستائين هو انهيءَ برائيءَ جو گڙٻنگ موالي ٻڌجي پوي، ۽ انهيءَ ذلت جي ڪَٽُ سندس رگ رگ ۾ سمائجي نٽي وڃي. بس ايترو سو ضرور لڳندو آهي، ته ڪڏهن انهيءَ ماٺهو منجهه ب مٽيا هئي، جيڪا بهرحال ان مهل نظر ڪوٺ ايندي آهي.

ٿورو غور ڪبو ته نظر ايندو، ته منڊ کان ٽي پاولووچ بيهودگيءَ جي وسيع بحر ۾ لڙهندي ب، الميي سان پرپور طنز مزاح کي برقرار رکندو آيو آهي. بس ٿورڙي اها تڪليف ڪرڻي پوندي، ته سندس "ڪل پوگ وارين" ڪهاڻين کي ڪجهه غور سان پڙهڻو پوندو، ته جيئن ان ڳالهه جو احساس ٽي سگهي ته زندگيَ جا ڪيڏا ظالم ۽ شرمر جوڳا رخ، هن ڪهاڻيڪار ڪل پوگ وارن قصن ۽ حالتن ۾ فنڪاريءَ سان بيان ڪيا هيا.

هو ڪنٽارين چوڪرين وانگر ڏاڍو لڄارو هيو، تنهن ڪري ڪڏهن ب وڏي واڪي ڪليو ڪلايو ڪنهن جي ب خلاف نه ڳالهائيندو هيو. سندس هميشه هدايت هوندي هئي: "اجا وڌيڪ فهميدا ٿيو- چا ايئن ٿيڻ ممڪن ڪونهي!" ٻين جي خلاف دهل وڄائڻ کيس انهيءَ ڪري پسند نه هيو، جو هو سمجهندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيو، ته هر کو نيٺ پاڻ احساس ڏاري وڃي سيبتو بٹيو. انٽون پاولووچ سڃي عمر، بيهودگيءَ ۽ نجاست پريل شين کان نفرت ڪندي گذري. هن زندگيءَ جي ڏک پرين پهلوئن کي شاعرن واري اتم زبان ۾ ڪنيو، جنهن ۾ هڪ مزاح نگار جي سُٹري مسڪراهٽ پڻ شامل رهي. انهيءَ حقيقت جو سڀ کان وڏو ثبوت، سندس ڪهاڻين جي خصوصيت، يعني وٹندڙ بيهڪ جي اندر تيز ۽ سخت ڏوراپن ۽ ڏڪار جو هجڻ آهي.

مانائتا پڑهندڙ سندس شاهڪار A Daughter of Albion پڑهندي ٹهڪڑن ۾ ته وڃي ويندا پر کين زندگيءَ ڏانهن سنجيدگي ضرور نظر ايندي. آئون چيخوف جي سيني مزاحيه ڪهاڻين منجهان، هڪ انتهائي قيمتي، مٹي صاف شفاف ۽ حقيقي انساني دل جي جهلڪ پسندو آهيان، جنهن ۾ انهن انسانن لاءِ نراسائيءَ پري حسرت پريل هوندي آهي، جن جي عزت نفس جو ڏڃون اڏي چڪيون هونديون آهن، ۽ ظالم قوتن جي خلاف، ڪنهن جدوجهد ڪري سگهڻ بنان پيش پئجي ويندا آهن. جن جي زندگي غلاميءَ ۾ گذري ٹي، جن جو دين، ايمان سبزي جي شوروي جي هڪ پيالي هوندي آهي. جنهن تي هو طاقتور ٹيڻ گهرندو آهي، ۽ جنهن کي بيحيا ڏاڍي کان، خوف کائڻ جي عادت پيل هوندي آهي.

کانئس پهرين اسان کي هڪ به اهڙو اديب نظر ڪونه ٹو اچي، جنهن زندگي جي حقارتن کي ايڏي سرت ۽ سمجھ سان ڄاڻي، انسان ذات کي هڪ اهڙي سچائيءَ سان آشنا ڪرايو هجي، جيڪا وچين طبقي لاءِ انتهائي شرم ۽ ندامت جوڳي هجي.

ڪميٹائپ ۽ خسيس پٹي سان کيس شديد نفرت هئي، تنهن ڪري هن سڃي عمر ان جي خلاف جدوجهد ڪرڻ سان گڏوگڏ، مٹس ٹنڪار وڌي. پنهنجي غير جانبدار قلم ذريعي، ان کي ننگو ڪري، بيهودگيءَ تي هنڌائتا حملا ڪري، اتان به کيس دربدر ڪيو، جتي اها اشرافت ۽ سادگيءَ جا ويس پايو، ڏاڍي فرحت ۽ ديده دليريءَ سان ڏاکو ڄمايون وينئي هئي. انهيءَ جدوجهد جي سزا کيس اها ملي، ته هن عظيم شاعر ۽ شخص جو خاڪي جسم، هڪ مڇي ڏوئيندڙ غليظ وٹگن ۾ ماسکو پهتو.

اها گندي وٹگن اڄ به مون کي ان خسيس پٹي جي مغرور فتح جي نشاني محسوس ٹيندي آهي، جيڪا پنهنجي بدترين دشمن جي موت تي، مسرت حاصل ڪندي هوندي. ان ڪميٹائپ جي هڪ بي جهلڪ، اسان جي پيلي صحافت جي موقعي پرست ڏک مان به نظر ايندي آهي جنهن ڪوڙ، پرم ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيکاءَ لئہ سندس "ياد" ۾ پنا کارا کيا. اها پريس جنهن جي انهيءَ سڃي کار گذاريءَ مان، مون کي ان بدبودار ڪميٽائپ جي ڏپ ايندي آهي، جنهن اندر ئي اندر ۾ پنهنجي هن بدترين دشمن جي موت تي وڏا شادمانا کيا هوندا.

چيخوف جون تحريرون پڙهندي، خزان جا اهي پچاڙڪا ڏينهن ياد اچي وڃن ٿا، جڏهن هوا بالڪل شفاف ٿي پوندي آهي، چٽيل وڻ بي انتها آرام سان اڀ سان سينو ساهيو بيٺا هوندا آهن، گهر هڪ ٻئي سان مليا پيا هوندا آهن ۽ ويچارا ماٺهو اجهاڻل ۽ ويران ٿي پوندا آهن. هر شئي شديد اجنبي، اڪيلي، پنڊپهڻ ۽ اگهي ٿي ويندي آهي، ڏورانهن فاصلا نيرا ۽ لامڪان بٽجي، پيلي آسمان سان ملي هڪ ٿي ويندا آهن، ۽ ڳڙيل برف کي ڪنهن اڃ جميل گچڪڻ ۾ ڳهي ڇڏيندا آهن. پر ڪلاڪار جو من خزان جي سڃ جي روشنيءَ وانگر، ڦهليل ڏگهن راهن تي چمڪي پوندو آهي، ۽ ور وڪڙ گهٽيون، گندا ۽ ڳٽيل گهر، جن ۾ رحم جوڳا معمولي ماٺهو پنهنجون زندگيون بوريت ۽ اجائپ ۾ سڙا ساه ڪٽي گذارين ٿا۔ جنهن ڪري سندن گهر بي مقصديت ۽ نندائڻي هُل جو مرڪز بٽجيو پون۔ سي سڀ ماٺهو ۽ ماڳ سندس سوچن جي ساگر ۾ سمائجي امر ٿي پون ٿا. ڪٽي کا محبوبہ ڪنهن نندڙي سليٽي ڪُٽي وانگر گهبرايل آهي، پر پوءِ بہ هوءَ پنهنجي پريميءَ سان بنان ڪنهن فرق جي، غلاميءَ جي حد تائين محبت ڪري ٿي. سا محبوبا پنهنجي ڳل تي پاڻ ڏڪ هٽي ٿي، پر پوءِ بہ منجهس ايترو ساهس بہ ڪونهي، تہ کا رڙ واڪو ڪري سگهي. سندس پر ۾ The Three Sisters واري اباڻڪي "وانگا" بيٺي آهي، جيڪا پڻ محبت ۽ خدمت ڪرڻ جا جذبا رکندي، پنهنجي ياءُ جي بيهودي زال جي هر قسم جي ٻانهپ ڪرڻ لئہ تيار آهي. سندس پينرن جي اجڙيل زندگي، هن جي اکين آڏو آهي. جنهن تي سواءِ روئڻ ۽ رڙڻ جي، هوءَ ڪجهہ بہ نٿي ڪري سگهي. ان ڪري جو منجهس هڪ بہ اڏول ۽ زنده احتجاجي لفظ پيدا نٿي سگهيو آهي، جنهن سان هوءَ ڪميٽائپ جي خلاف جهاد ڪري سگهي.

هوڏانهن هو ڏسو تہ The Cherry Orchard جا ٻارن وانگر مطلبي ۽ پوڙهن وانگر ڦلهڙا پراڻا مالڪ، ۽ نير وهائيندڙ "ريني وسڪايا" نظر ايندا. جيڪي شراب جا بکيا، ڏکن جا ستايل، پنهنجي آس پاس جي حالتن کان بيخبر آهن، ۽ جن جي سمجهہ ۾ ڪا ڳالهہ نٿي اچي. اهڙا مفت خور، جيڪي پنهنجي رت چوسيندڙن کي پڃي نٿا سگهن ۽ جن کي حقيقت ۾ تہ ڪڏهوکو مري ڪپي وڃڻ گهربو هيو، سي سڀ ۽ هو فضول شاگرد "ترو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فيموف" انتهائي فصاحت سان، ڪم ڪرڻ لاءِ تلقين ڪندي، اڳيان اچي بيهن ٿا- ۽ اجايو پنهنجو وقت زيان ڪري، بي فائدي تنقيد ڪري ڪيس تنگ ڪن ٿا. جيڪا ويچارن، لاچارن ۽ مسڪينن لاءِ اٽڪ ڪم ڪندي رهي ٿي.

"ورشينن" جيڪو The Three Sisters جو مکيہ ڪردار آهي، ايندڙ ٽن صدين ۾ پلئہ پوندڙ آرامده زندگيءَ جا خواب لهندي، پنهنجي چوڌاري هر شئي پور پور ٽيندي ڪوٺ ٿو ڏسي، ۽ نہ وري اها سڌ ٻو رکي، ته "سوليوني" بوريت ۽ واهياتپڻي کان تنگ ٿي، ويچاري نواب "توسن باخ" کي راه گناه مارڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو.

چيخوف کي پڙهندي، غلامن جي انهن ڏکين قطارن تي پيار اچي ٿو، ۽ انهن جي آوراگي، سستي ۽ دنياوي آرام لئہ سندن هيچ تي پڻ عجيب اڌما اٿن ٿا، جيڪي پڙهندڙ ڏسي ۽ محسوس ڪري سگهي ٿو. هي اهي مزدور آهن، جن کي زندگيءَ جا منجهائيندڙ خوف ورايون بيٺا آهن، جيڪي اذيت پريل پيڙائن مان گذرندي، هوائن کي سمجهہ ۾ نہ اچڻ جوڳي، بک بک سان پري چڏين ٿا. اهو سڀ محسوس ڪندي، ته حال ۾ هنن لاءِ ڪابہ جڳهہ ڪونهي بچي.....

اوچتو ئي ڪڏهن وري خبر ٿي پوي، ته ميڙاڪن منجهان بندوقون ايبون ٽيون ٽين. هي سڄو ڪٽراگ. "ايوانوف ترپيليف" جي هٿان ٿئي ٿو، جيڪو نحوست مان جند ڇڏائڻ لاءِ، اهو ڪيلو ۽ واحد رستو ڳولي لهي ٿو.

منجهائن ڪيترائي اهڙا آهن جيڪي، ايندڙ ٻن سؤ سالن اندر هڪ عاليشان زندگيءَ جا خواب لهندا ئي رهن ٿا، پر منجهن هڪ بہ اهڙو ڪونهي، جيڪو حقيقت پسند ٿي، هڪڙو سادو سوال ڪرڻ جي ڪوشش ڪري سگهي ته: جيڪڏهن سڀ ڪو ويهي خواب لهندو، ته آخر ڪير آهي جيڪو ان عاليشان زندگيءَ واري ڳالهہ کي، حقيقت جي دنيا ۾ آڻي وجهڻ ۾ ڪامياب ٿئي؟

پر ان صورتحال ۾ بہ سندس تحريرن منجهان، هڪ ڏاهو ۽ عظيم انسان جهاتيون پائيندي نظرايندو. جيڪو انهن جٽن ۽ ڇسن ماٺهن وٽان لنگهندي، مٽن هڪ سمجهہ پري نظر وجهندي، هنن سيني اجڙيل ڇهرن، (جيڪي سندس ئي هم وطن ماٺهن جا آهن) کي جاچيندو، اداس مرڪ مرڪندو، نرم پر ڏورابي پريل آواز ۾ چوندو ويندو:

"ارِي ماٺهوئڙؤ! توهان ڪيڏي نہ بي چسي زندگي ٿا گذاريو!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر پوءِ بہ آساني سان، سندس چهري تي ناميديءَ ۽ ڏک جو لکيرون، ۽ سندس دل اندر اداس آواز (جيڪي نفاست ۽ امرتا جو مظهر هوندا آهن) ايرندي ضرور محسوس ٿيندا.

هوڏانهن جنگ جا منظر ته ڏسو! پنجن ڏينهن کان ڪو ماٿهو محاذ تي بخار ۾ ٻرڪي ٿو، پر آرام ڪرڻ جي ڪا سوچ بہ ڪانهي.سليٽي رنگ پريل مينهن، ڏرتيءَ کي گهميل منٽيءَ جا ته ڏيئي ڇڏيا آهن. "فورٽ انو" جون توبون لڳاتار گجي، گولا وسائي رهيون آهن. رات ٿيندي ئي سرچ لائيٽ جون ڊگهيون ڇيڙيون، ڪڪرن کي چٽڻ لڳن ٿيون ۽ هڪ مڪروه منظر سامهون آهي- ۽ اهو سڀ ڪجهه ڏائڻ جنگ جو بدنما چهرو ئي ته ڏيکاري ٿو! مون چيخوف کي چگي طرح پڙهيو آهي. مون کي يقين آهي، ته جيڪڏهن هو جنگ کان ڏهه سال اڳ نه مري ها، ته جنگ ضرور ڪيس ماري ڇڏي ها، ڇو ته انسان جي انسان کان ايڏي شديد نفرت، ڪيس قطعي جيئڻ نه ڏئي ها.

مون کي سندس ڪفن دفن وارو سڄو مرحلو ياد آهي. سندس تابوت جيڪو ماسڪو ۾ هڪ سائي وڻگن، جنهن جي در تي "سپ" جا اکر لکيل هٽا ۾ پهتو، ته اتان وارن "نازڪ پاڻهو" ان جو استقبال ڪيو. ڪجهه ماٿهو، جيڪي هن عظيم ڪلاڪار جي تابوت جو ديدار ڪرڻ لاءِ اسٽيشن تي پهتا هيا، سي سڀ پُل ۾ منچوريا مان تازو تازو پهتل جنرل ڪيلر جي تابوت پويان لڳي پيا، ماتمي جلوس سان هلندي کين حيرت ٿي ٿي، ته چيخوف جي جنازي سان فوجي ڏن وڄائڻ جي ڇا ڪهڙي ضرورت هئي! اها خبر جڏهن کن برڙائي قسم جي ٺهڪبازن کي پئي، ته هو پل ۾ ڪنهن ٻئي جنازي جي ڪڍ ٿي هليا، ته وٺي ڪل جا ڪوڪرا لائي ڏنائون. مون کي چگي طرح ياد آهي، ته سندس تابوت پٽيان ڪي سؤ کن ماٿهو هيا، جن منجه بہ اهڙا قانوندان صاحب بہ هيا، جن جي پيرن ۾ جرڪندڙ بوٽ ۽ ڪچي ۾ اهڙيون ٽايون ٻڌل هيون، جيڪي اڪثر شادمانن ۾ پائبيون آهن. ايئن ٿي لڳو، جڙ ته هو گهوٽ ٻڌجي آيا هٽا. ائون سندن پٽيان ٿي هليس، ۽ سندن ڳالهيون بہ ٻڌندو ٿي آيس. منجهائن هڪ جنهن جو نالو "وي اي مڪلاڪوف" هيو، سو ڪتن جي هوشيارپ تي، پنهنجا خيال پيش ڪري رهيو هيو، ۽ ٻيو جنهن کي آئون سڃاڻي ڪونه ٿي سگهيس، سو پنهنجي اونهاري واري حويليءَ بابت ٻڌاڪون هڻڻ ۽ ان جي چوڌاري خوبصورت ماحول جي متعلق ٻڌ هٿي رهيو هيو. هڪ ٻي خاتون، جنهن کي پيلي رنگ جي پوشاڪ اوڍيل هئي، ۽ سڄ جي روشني کان بچڻ لاءِ زري دار ڪناريءَ لڳل ڇٽي جهليو ٻيٺي هئي، سا هڪ ڪراڙيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جي عنيڪ هڪ ڪاري ڏور ۾ لڙڪيل هئي، ڪي چئي رهي هئي:

"چا ٻڌايانءِ هو ايڏو ته پيارو ۽ حاضر جواب هيو جو....."

۽ پوڙهيءَ خوامخواه ڪنگهڻ شروع ڪري ڏنو.

سندس مرتبي وارو ڏينهن ڏاڍو گرم هيو، ۽ منڍيءَ واريون هوائون ٽي لڳيون. هن نندڙي قافلي جي اڳواڻي، هڪ ٽلهي متاري گهوڙي تي ويٺل ڏنڊي مشٽنڊي پوليسواري ٽي ڪئي. پر سچ پچو، ته اتي جيڪو ڪجهه به ٽي وهيو واپريو، سو سڀ هن عظيم قلمڪار جي توهين، بي عزتي ۽ سخت نامناسب ٽي لڳو. اهو سڀ پسندي مون کي ياد ٿو اچي ته:

"اي- ايس سوورن" کي هڪ خط ۾ چيخوف لکيو:

"مان نٿو سمجهان، ته انهيءَ کان وڌيڪ ڪا بي بچڑي ڳالهه ٽي سگهي ٽي، ته زندگيءَ کي غير شاعراڻي نموني گذاريندي، معمولي ۽ عام رواجي انداز اختيار ڪجي. چو ته ايئن ڪرڻ سان، نه فقط هر شئي سست ۽ بي چسي ٽي، پوي ٽي، پر سڄي زندگيءَ جي خوبصورتي پڻ ختم ٽي وڃي ٽي." اهي ڳالهيون بالڪل هڪ روسي ماڻهوءَ جي خاص موڊ جي نشاندهي ڪن ٿيون، پر ساڳيا معيار چيخوف سان لاڳو نٿا ڪري سگهجن. روس، جتي تمام گهٽيون دلچسپ ڳالهيون آهن، پر ماڻهن کي محنت سان جڙ ته ويڙ آهي، تنهنڪري هر ڪو ڪم ڪان لنوائيندي نظر ايندو. روسي ماڻهو توانائي ۽ طاقت جا معترف ته آهن، پر ان جي اهميت ۽ يقين جهڙوڪر پرايو ئي ڪونه اٿن. تنهن ڪري اهڙا ڪلاڪار، جيڪي قرٽيلا ۽ سرگرم رهن ٿا، مثال طور تي "جيڪ لنڊن" جهڙن ادبن لاءِ روس ۾ رهڻ ڏاڍو مشڪل آهي. جيڪ لنڊن جنهن جا ڪتاب اسان وٽ مشهور ته ڏاڍا آهن، پر اهي ڪڏهن به اسان جي ارادي کي اتساه ڏيڻي ڪونه سگهيا آهن. بس رڳو روسي ماڻهن جي تصورن ۾ ڪجهه طلاطم ئي آڻي سگهيا آهن. پر ان معاملي ۾ چيخوف جڙ ته روسي آهي ئي ڪونه، ڪيس نندپڻ کان ئي زندگي گهارڻ لئه زبردست جدوجهد ڪرڻي پئي ۽ دال روٽي ڪمائڻ لاءِ، ڪيس بي چسا ۽ ڪَکِ ڪندڙ معمولي ڪم به ڪرڻا پيا. هن کي اها جنگ ته فقط پنهنجي لاءِ، پر پين ڪيترن لاءِ به ڪرڻي پئي، ۽ ايئن هن پنهنجي جواني‌ءَ جو بهترين حصو، انهيءَ معمولي ۽ بي مزي مقصد ۾ برباد ڪري ڇڏيو. اهو سڀ ڪجهه سمجهندي حيرت ٽي وڃي، ته هو پنهنجي طبيعت ۾ مزاح کي ڪيئن برقرار رکي سگهيو! هن زندگيءَ کي فقط معمولي آرام ۽ ٿورڙي ڪاڌي جي تلاش ۾ ختم ڪري ڇڏيو!! سڀ صعوبتون ۽ ناٽڪ، ڪيس فقط ان لئه رچائڻا پيا، ته جيئن هو عام ماڻهو واري زندگي گهاري سگهي!؟ اهڙا موقعا، يعني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واندڪائيءَ جا وقت، فقط ڪيس تڏهن ئي ميسر ٿي ٿيا، جڏهن هو انهن سچائين کي نظر ۾ رکندي ۽ زندگيءَ جون زيادتيون ڏسندي، ڪي حقيقتون قلم ۽ ڪاغذ ذريعي جوڙڻ جي جستجو ڪندو هيو!.

مون کي زندگيءَ ۾ هڪ به اهڙو ماڻهو ڪونہ ملیو، جيڪو انٽون پاولووچ وانگر محنت ۽ ڪم کي، ثقافت جي جڙ ۾، اهم ترين عنصر سمجهندو هجي. اهي احساس سندس نندن نندن عملن ۾ بکيا ٿي. گهرو استعمال ۾ ايندڙ شين جي نفيس چونڊ ۽ چونڊيل هر شيءِ ۾ جڙ ٿ سندس ساهہ پيل هيو، ۽ پنهنجي ان چونڊي ۽ ميڙي جي باري ۾، سڏو سنئون رهندي، هن انهن شين جي پٺيان لڪل انساني تخليقي عمل کان، ڪڏهن به انڪار نہ ڪيو. هو نيون عمارتون ٺهندي، باغ لڳندي ۽ زمين کي سنوٽ ۾ ايندي ڏسي، ايڏو ٿ گد گد ٿيندو هيو، جيڏو ڪو شاعر شاعري ڪندي ٿيندو هجي. هو ڏاڍي اتساه سان ميوبدار وڻن کي وڌندي ڏسندو هيو ۽ ڪيترين ولیون ٿ هو پاڻ پنهنجن هٿن سان پوکيندو هيو. "اتڪو" جي شهر ۾ گهر ٺهرائيندي، انهيءَ بابت جيڪي سندس ويچار ۽ دلچسپيون سلهاڙيل هيون، تن متعلق هو چوندو هيو:

"جيڪڏهن هرڪو ماڻهو ايترو ڪجهہ عقل، جيترو وٽس آهي، سو استعمال ڪندي، ڪيس مليل پٽ جي ٽڪر تي ڏيان ڏئي، ٿ دنيا جيڪر ڪيڏي نہ خوبصورت ٿي پوي!."

انهيءَ دور ۾ آئون ڏاڍي جوش وچان پنهنجو ڊرامو "ويسيلي بسليئيف" لکي رهيو هيس. جڏهن آئون ساٺس مليس، ٿ مون ان جو پٺيون ٽڪرو، (جنهن ۾ ويسيليءَ جي وڏاءِ واري انداز ۾ خود ڪلامي هئي) سندس آڏو رکيو:

"جيڪڏهن مون ۾ وڊيڪ ٻل هجي!
ٿ آئون پنهنجي گرم ساهن سان جميل برف کي پگهاريان،
سڄي دنيا جو ڇڪر هٽي زمين جي انچ انچ کي کيڙيان،
وڏن شهرن ۽ قصبن کي هڪ هڪ ڪري گهمان
دل کي وٽندڙ گهرن جا گهر ٽاهيان ۽ باغيچا سجايان،
سڄي ڏرتي اهڙي من موهٽيءَ وانگر ٿي پوي،
جنهن کي ڪنڌار ٻڌائي، آئون پنهنجين ٻانهن ۾ ٻيکوڙيان
پنهنجي ڇاتي سان لڳائي، زمين سڄيءَ کي ڪنهي ڪٽان
۽ خدا جي سامهون ڪٽي،
پنهنجي ڏٽيءَ کي التجا ڪريان
ٿ اي اسان جا پالڻهار هڪ نظر ڏرتيءَ تي ٿ وجهہ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏس تہ مون کيس ڪيڏو سندر بڻايو آهي!!
تڏ ان کي جيئن بهشت ۾ پٽر اڇلجي
ايئن زمين تي اڇلي ڦٽي ڪيو
پر مون ان کي هڪ قيمتي هيرو بڻائي چڏيو!
هڪ نظر ڏانهنس وجهہ پنهنجي دل کي خوشين سان ڀري چڏ!
ڏس تہ سهي هوءَ سج جي لالاڻ ۾ پنهنجي سبز رنگ سان ڪيئن ٽي چمڪي!
ان محبوب ڏرتيءَ کي توڏانهن اريندي، مون کي ڏاڍي خوشي ٿئي ها،
"پر افسوس جو آئون ايئن ڪري نٿو سگهان. ڇو جو مون کي پنهنجي ڏرتي ڏاڍي پياري آهي."

ڇيخوف ان خود ڪلاميءَ واري گيت کي پسند ڪندي، ۽ ڪنگهندي ٿورڙو گهبرائجي ويو، ۽ مون کي ۽ ڊاڪٽر "اي، اين اليڪسن" کي چوڻ لڳو:
"واه واه!!"

"..... زبردست..... سچو انسان ايئن ئي هجڻ کپي. دنيا جي هڙني فيلسوفين جو بنيادي نقطو ان هڪ ڳالهہ ۾ لکل آهي. ماڻهوءَ ئي ڏرتيءَ کي رهڻ لائق بڻايو آهي، ۽ هو ئي ان کي اهڙي چڱي جاءِ بڻائيندو جتي آرام سان رهي سگهجي،....." ۽ پوءِ پنهنجي ڪنڌ کي ڏوڻيندي، ڏاڍي اتساه مان چيائين: "مون کي يقين آهي تہ انسان ايئن ضرور ڪندو!"

تنهن کان پوءِ فورن ئي هن مون کي مٿيون "ويسيلي وارو ڪلام،" ٻيهر پڙهڻ جو حڪم ڪيو ۽ پاڻ در کان ٻاهر، ڏور خلائن ڏانهن نهارينديءَ غور سان ٻڌندو رهيو ۽ پوءِ چيائين:
"پويون ٻہ سٽون بي فائدي آهن، انهن منجهان انڪار ۽ بغاوت جي بوءِ ٿي اچي ۽ اجايون پڙ لڳن ٿيون."

هو پنهنجين تحريرن جي باري ۾، اڪثر ڪري گهٽ ئي ڳالهائيندو هيو ۽ آئون ٻہ ساڻئي پيماني جي حجاب ۽ معصوميت سان (جيڪو ۽ جڏهن ٻہ هو ليئو ٽالسٽاءِ جي باري ۾ ذڪر ڪندو هيو تہ سندس چهري تي تري ايندو هئو.) ڪيس وراڻيون ڏيندو هيس. اڪثر ڪري هو جڏهن ٻہ ترنگ ۾ ايندو هيو، ۽ ڪل پوڳ ڪندي، ڪنهن ڪهاڻيءَ جو تت ٻڌائيندو هيو، تہ ڪنهن نہ ڪنهن مزاحيہ قصي کي ٻہ بيان ڪندو ويندو هيو. مثال طور:

"مون چيو تہ آئون هڪ اهڙي ماسترياڻيءَ جي متعلق ڪهاڻي پيو لکان، جيڪا منڪر هجڻ سان گڏوگڏ ڏاروڻ جي چتي پوٽلگ آهي، جيڪا ماڻهن جي ناهيل وهمن، وسوسن ۽ احمقپڻي تي مبني ڳالهين جي خلاف، جدوجهد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ گهري ٿي. هوءَ اڌ رات جو حمام ڏانهن ويندي آهي، ته جيئن ڪاري پلي‌ءَ کي ڪاڙهي، پنهنجي سيني جي ڪنبي کي سونهن پريو بڻائي سگهي، ته جيئن منجهس ڪشش پيدا ٿئي، ۽ هوءَ مردن ۾ پنهنجي لاءِ محبت پيدا ڪري سگهي. توکي خبر آهي....."

هو پنهنجي ناتڪن کي دل وندرائيندڙ ڊراما سڏيندو هيو، ۽ انهيءَ ڳالهه تي سندس پکو پختو ويساه هيو، ته سندس سيني ڊرامن جي لکڻ جو بنيادي مقصد، وندر جو سامان پيدا ڪرڻ ئي هيو. بيشڪ جڏهن "سوا موروزف" چوندو هيو ته: "چيخوف جا ڊراما پيو ڪجهه نه پر ڳاتل چهچٽو يا مرڪندڙ مسخري وارا ڊراما هيا." ته اهي سڀ ڳالهيون اصل ۾، خود چيخوف جي پنهنجن خيالن جو ورجاءُ هيون.

پر ادب ۾ مجموعي طور تي هو خاص ڌيان ڏيندو هيو، ۽ انهيءَ ڏس ۾ نون لکارين، مثال طور: "تي بي- لازاريو سکي،" "اين اوليگر" ۽ ٻين ڪيترن سيکڙات اديبن جا ڊگها ڊگها مسودا، انتهائي باريڪ بينيءَ، صبر ۽ ڌيرج سان پڙهندو هيو. هو سدائين چوندو هيو:

"اسان کي تمام گهڻن اديبن جي ضرورت آهي، اڄان تائين ادب اسان جي زندگي ۾ بلڪل نئين شئي آهي، ناروي کي ته ڏسو! جتي هر ٻه سو چوڏهن ماڻهن پٺيان، هڪ اديب آهي ۽ هتي ڏهن لکن پٺيان، اسان وٽ مس هڪڙو لکاري ڏسڻ ۾ اچي ٿو."

سندس بيماري جنهن کي وهم جي بيماريءَ جو نالو ڏئي سگهجي ٿو، يا ان کي حيواني جنون ٻه چئي ٿو سگهجي. جڏهن ٻه هو ان بيماريءَ جي ڪيفيت ۾ هوندو هيو، ۽ شديد تنقيد ڪرڻ شروع ڪندو هيو، ته اهڙي موقعي تي ساٿس پڄڻ ڪنهن جي ٻه وس جي ڳالهه قطعي نه هئي.

هڪ ڏينهن هو صوفي تي آهليو پيو هيو، ۽ هٿن ۾ ٿرمامينٽر کي جهٽي رهيو هو، هن چيو:

"مرڻ ڪارڻ زنده رهڻ ڪا حيرت جهڙي ڳالهه ڪانهي، پر حيرت جوڳي ڳالهه اها آهي، ته ماڻهوءَ کي پڪ هجي، ته مان پنهنجي وقت کان اڳ مري ويندس. اهڙي سچائي جي آڳاهي وڏو ڏڇو آهي..."

ٻئي موقعي تي هو کليل دريءَ وٽان ويهي، ڏور خلائن ڏانهن نهاري رهيو هيو ۽ سمنڊ جي لهرن تي ٻڪي گهري نظر وڌائين. اوچتو مون ڏانهن ڏاڍي چڙ مان ڏسندي چوڻ لڳو:

"اسان سڀي سمي جي انتظار ڪرڻ جي، پاڻ ۾ پٽ وجهي ڇڏي آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بس سوچيندا آهيون ته سڀا فصل لهن، کو دل گهريو محبوب ملي پوي، اک چنپ ۾ امير ٻڌجي ويون ۽ جلد ۾ پوليس جا وڏا عملدار ٻڌجي ويون! ان جي ابتڙ مون ماٺهن منجهه تمام گهٽ ۽ بلڪ نه جي برابر ڏاهي ٿيڻ جي تمنا ڏٺي آهي. اسين دل کي خيالي پلاءُ کارائيندا آهيون ته: ٿئون بادشاه ايندو ته سڀائي ٿي پوندي، ۽ ٻن صدين کان پوءِ ماحول وهوا جو لڳو پيو هوندو، ۽ هڪ به اهڙو ماٺهو نظر نه ايندو، جيڪو سؤلي وقت آڻڻ جي لئه، جستجو ڪري، ان کي سياڻي پنهنجين اکين سان ڏسڻ لئه پراميد هجي. مطلب ته زندگي هر ڏينهن گذرڻ کان پوءِ وڌيڪ منجهيل۽ شديد ٿيندي، پنهنجي جابر فطرت جي مطابق روان دوان آهي، جڏهن ته ماٺهو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ ڇسا ٿيندا ويڃن ۽ گهٽي کان گهٽي تعداد ۾ زندگيءَ سان ناتو چنندي پري ٿيندا پيا ويڃن...."

ٿورڙي جهٽ جي خاموشيءَ کان پوءِ، ٻيهر پنهنجي پيشاني تي گهنج آڻيندي، هو سلسلي کي جاري رکندي، جتان جملو ڇڏيو هئائين اتان چوڻ لڳو:

"بلڪل ايئن جيئن، چٽيل ۽ ڪچليل ماٺهو ۽ پينو، مذهبي جلوس ۾ شامل هوندا آهن،" جيئن ته پيشي جي لحاظ کان هو ڊاڪٽر هيو، تنهن ڪري هو عام مريض جي پيٽ ۾ وڌيڪ اذيت ۾ هوندو هيو، ڇو ته عام مريض رڳو تڪليف محسوس ڪندو آهي، جڏهن ته هڪ ڊاڪٽر، محسوس ڪرڻ سان گڏوگڏ، مرض جا تباه ڪن اثر به ڄاڻندو آهي. اهوئي نڪتو آهي، جنهن ڪري موت وڌيڪ جلدي حملي آور ٿئي ٿو. ڇيخوف جڏهن کلندو هيو، ته سندس اکيون ڏاڍيون وڻڻ لڳنديون هيون. سندس اکين ۾ زناني فضيلت کان سواءِ، نرماهٽ ۽ چاهت سمويل هوندي هئي. سندس تقريباً بي آواز ٽهڪ، هڪ خاص قسم جي ڪشش سان ڀرپور هوندا هيا. هو کلندي ڏاڍو ڀرپور لطف ماڻيندو هيو. مون کي ٻيو ڪو به اهڙو ماٺهو نٿو سجهي، جنهن جو کلڻ ايڏو روحانيت سان ڀرپور هجي. مون کي ياد آهي، ته بيهوده ڳالهين ڇيخوف کي ڪڏهن به فرحت نه ڏني.

هڪ دفعي پنهنجي وٽندڙ همدرديءَ ۾ري کل کلندي، هن چيو: "توکي خبر آهي ته ٽالسٽاءِ تنهنجي متعلق پورالو ڇو آهي؟ ڇو ته هو توسان حسد رکي ٿو. کيس ٻڌ آهي ته "سولر زهتسکي" ڪائنس وڌيڪ توکي چاهي ٿو. هن کي توکان مڙئي ڪجهه ڪٺ آهي، اجهو ڪاله جي ڳالهه آهي، ڇيائين ٿي ته: مون کي خبر ناهي ته ڇو، پر مان سمجهان ٿو، ته مان ۽ گورکي ڪڏهن به هڪٻئي جي ويجهو اچي نٿا سگهون. سولر جو ساٽس گڏ گهمڻ مون کي بلڪل نٿو وڻي، ان ماٺهوءَ مان سولر کي نقصان پهچندو. گورکي ڏاڍو ڇالاڪ ماٺهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، هو هڪ اهڙي دينيات جي شاگرد وانگر آهي، جنهن کي زور بار ڪري الاهي علم حاصل ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي، پر سندس دل ۾ سچي دنيا تي ڪاوڙ آهي. گورڪيءَ کي جاسوسن ۽ چاڙڻن وارو روح آهي، هو الائي ڪٿان "ڪنعان" جي سرزمين تي لٿو آهي. جتي هر شيءِ کي لُوهه ڪري پيو نهاري ۽ جاچي: ايئن ٿو لڳي، ته پنهنجي خاص خدا کي هتان جي جاسوسي ڪري وڃي ٻڌائيندو. سندس شيطان خدا، ڪنهن جهنگل يا درياه جو جن آهي، جنهن کان اسان جون مايون ڏجندیون آهن." اهو سڀ ٻڌائيندي چيخوف اچي جو ڪل ۾ چٽڪيو ته بس ئي نه ڪري! ڪوڪرا ڪري پيٽ تي هٿ ڏيو وري کلي، ۽ هر هر پيو ڳوڙها اڳهي. ان وچ ۾ چيائين:

"هون ڪيس.چيو ته گورڪي پلو ماڻهو آهي." پر تالسٽاءِ وراڻيو، "نه نه، مون کي نه ٻڌاءِ! سندس نڪ ته ڇڙ بدڪ جي چهنب آهي، اهڙا بيسرا نڪ فقط بددماغ ۽ نياڳن ماڻهن جا هوندا آهن. ڪيس ڪا عورت ته مورڳو پسند ئي نٿي ڪري. ڇو ته عورتن جي حس ڪتن وانگر تيز هوندي آهي، اهي ماڻهن کي جهٽ هٿ ڪري وٺندیون آهن. سولرجي روپ ۾ اڃڪلهه هن هڪ قيمتي شيءِ هٿ ڪئي آهي، سا اها ته، هو هڪ غير دلچسپ پيار ڪري رهيو آهي. فقط ان ڪاميابيءَ جي ڪري ڪيس ڏاهو سڏي سگهجي ٿو. البت دُرست ٿي سگهي ٿو ته، جنهن ماڻهوءَ سان ڪوبه پيار ڪري سگهي ٿو ان ماڻهو ۾ ٻيون وڏيون خاصيتون به ٿي سگهن ٿيون...."

جهٽ لئه خاموش ٿي چيخوف پنهنجو بيان جاري رکيو ۽ پڇيائين:

"ٻيڪ آهي تالسٽاءِ جي باري ۾ ڳالهائيندو هيو، ته هڪ سمجه ۾ اچڻ جوڳي مرڪ، سندس چپن تي پٽي ترندي هئي. سندس آواز جهيڻو ۽ شرميلو ٿي ويندو هيو، ڇڙ ته ڪنهن نفيس ۽ ڳجهي شئي لاءِ ڳالهائيندو هجي، جيڪا ٿورڙي بي احتياطيءَ ڪري ڪائنس ڀڄي پور نه ٿي پوي.

هو سدائين ان ڳالهه کي رد ڪندو رهندو هيو، ته ڪو تالسٽاءِ زيادتيون ٿو ڪري. فقط انهيءَ لاءِ ته جيئن پير مرد جي طرفان ڳالهايل عجيب غريب، متضاد جملن تي، ٽيڪا ٽپڻي نه ڪري سگهجي. هڪ دفعي سولر زهستڪي کي يقين ڏيارينديِ چيائين: "توکي تالسٽاءِ سان قرب سان پيش اچڻ کپي، هو تنهنجي لئه ڏاڍا سٺا لفظ ڳالهائيندو آهي، ۽ تمام گهٽو ذڪر ڪندو آهي."

جڏهن ته سولر جي لئه چيخوف هڪ پيري مون کي چيو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سولر ڏاڍو عقلمند نوجوان آهي."

- حقيقت ۾ تہ اهي خيال، يعني چيخوف جا ويچار، سؤ فيصد درست هيا.

مون کي ياد آهي تہ هڪ دفعي تالسٽاءِ چيخوف جيٰ ڪهاڻي The Darling جي تعريف ڪندي چيو: "اها ڪنهن ڪنواري ڪنيا جي هٿ سان اٽيل، زريءَ جي پرت وانگر آهي. پراڻن ڏينهن ۾ عورتن جا زريدار ڪپڑا ٺاهيندڙ ڪاريگر هوندا هيا، جيڪي ساڻگئي ٿي طريقي سان، پنهنجي خوشحاليءَ سان پريور خيالن جي اُٽت ۾ ڪندا هيا. هو پنهنجي پسند جا بهترين سپنا اُڻندا هيا، جڏهن تہ سندس زري نج پيار جي آرزوئن ۾ مڙهيل هوندي هئي." جڏهن تالسٽاءِ اهو سڀ ڪجهہ چئي رهيو هيو، تہ جذبات وچان سندس اکين ۾ ڳوڙها ترندي نظر ٿي آيا.

پر ان ڏينهن چيخوف کي بخار هيو، تنهن ڪري ڪنڌ لاڙيون ويٺو هيو. سندس ڳڻن تي رنگن جي نظر ايندڙ ڇڻن کي، نهايت احتياط سان سندس چهري تي ڪُپيل چشمو لڪائي رهيو هيو. هو پهريائين تہ بلڪل خاموش هيو، پر آخرڪار خاموشي ٽوڙيندي نهايت نرمي ۽ عجيب غريب نموني چيائين: "تہ نہ تالسٽاءِ ايئن نہ چيو هوندو، ضرور چپائيءَ جي غلطي ٿي وئي هوندي."

بهرحال چيخوف جي باري ۾ الائي تہ ڪيترو لکي سگهجي ٿو، پر ان لئہ جامع ۽ خاص بيان جي ضرورت آهي- جيڪو فن مون کي ڪونہ ٿو اچي. هن جي لئہ ايئن لکيو ويجي، جيئن هن The Steppe جهڙو شاهڪار لکيو هيو. خوشبودار ۽ ڪليل هوائن ۾، خاص روسي طرز جي دلگير ڪندڙ، ۽ فڪري گهرائيون رکندڙ اها ڪهاڻي، هر ڪنهن جي دلپسند تحرير چئي سگهجي ٿي.

چيخوف کي ياد ڪرڻ ڪنهن لاءِ ۽ اعزاز کان گهٽ ڪونهي. ايئن ڪندي، جڏ تہ زندگيءَ کي ڪا معنيٰ ملندي محسوس ٿئي ٿي، ۽ خوشي جڏ تہ اوچتو اسان جي در جي ڪڙي کي اچي کڙڪائي ٿي.

مثال طور سندس هي سٽون پڙهو: "ماڻهو زندگيءَ جو محور آهي. ۽ جيڪڏهن سندس علتون ڏسٽيون آهن، تہ سندس ڪوتاهين تي نظر وجهو. اسين سڀ پنهنجي هم دؤر مخلوق جي پيار جا پياسا آهيون، تنهنڪري ياد رکو تہ جڏهن ڪو بکيو هجي، تہ ان لئہ اڌ پڪل ڪو مانيءَ جو ٽڪر ۽ مٺڙي لذت رکي ٿو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ايڈٿ لوئيزا ڪاويل

جم: 4 ڊسمبر 1865ع
لاڏاڻو: 12 آڪٽوبر 1915ع

جيئن ڪنهن سر سبز ٻنيءَ لاءِ هوا، پاڻي، روشنيءَ انساني محنت لازمي شيون آهن. تيئن قومن جي ترقيءَ بقا لاءِ سچائي، سادگي، محبت ۽ قرباني پڻ اڻ-ٽر گهرجون آهن. اهوئي سبب آهي جو باوقار قومون هر دؤر ۾ اهڙا عظيم ۽ سورهيه وجود پيدا ڪنديون رهنديون آهن، جيڪي مٽيون خوبيون ڪٽي، اتهاس جي آئيني ۾ پنهنجو مناسب ڪردار ادا ڪندي،عظمتن جون منزلون طئ ڪنديون، پنهنجي قومي وجود کي زنده رکنديون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. انگلستان جي انسان دوست ۽ آدرشي عورت ايلٽ لوئيزا ڪاويل جو نالو، پڻ اهڙين امر شخصيتن ۾ ڳڻجي سگهجي ٿو. جن پنهنجي سادگيءَ ۽ سچائيءَ سان پريور لازوال ڪردار ذريعي، انساني ضمير جي شفاف چادر تي پنهنجو پوتر وجود تسليم ڪرائي ورتو.

بظاهر هڪ عام نرس، پر مهانتا جي لحاظ کان هڪ غير معمولي نانءُ. درحقيقت ان آفاقي راهه جو راهي آهي، جنهن واٽ تي حضرت مسيح جا قدم نقش ٿيل نظر اچن ٿا. ڪاويل سموري زندگي انسانذات جي خدمت ۽ تربيت ۾ صرف ڪئي ۽ انهيءَ پير تي پوئين گهڙيءَ تائين پختي بيٺي رهي. ايتريقدر جو جڏهن ڪيس موت جي گمنام وادين ڏانهن اماٽ لاءِ تيار ڪيو ويو، تہ به هن نهايت سکون ۽ سادگيءَ سان هي آخري لفظ چيا: "رڳو حب الوطني کا وڏي ڳالهه ڪونهي، بلڪ اهو ضروري آهي تہ مون وٽ پڻهنجن دشمنن سميت، ڪنهن به انسان لاءِ ڪروڌ ۽ نفرت نہ هٿ ڪپي."

ڪردار جي ڪٽ ۽ سورهيائپ جي سونهن رڳو اسان وانگر نلهين ڳالهين، واڪ‌ڙواڪڙ ۽ پاڻ پڏاءَ سان نہ، پر عمل، سوچ ۽ شعور جي تُز پٽي ۽ خيالن کي جرئت سان پيش ڪرڻ جي صلاحيت سان ٿي سگهندي آهي. سچ پچ تہ انهيءَ لحاظ کان، انساني تواريخ ۾ هڪ عورت ڪردار جي روپ ۾، جن چند مهان مائين مون کي متاثر ڪيو آهي، انهن ۾ انگلستان جي هيءَ امر ڏيءَ، ايلٽ ڪاويل به آهي. جنهن پنهنجي جان جو بليدان ڏيئي فاشي سوچ، انسان دشمن قوتن ۽ ڪروڌي جذبن کي شڪست ڏيئي، نفيءَ مٽان اثبات جي سرسي، ايڏي تہ فهم ۽ فضيلت سان ڪري ڏيکاري، جو سندس دشمنن آڏو به اڙدوءَ جو هيئيون شعر فخر سان پڙهجي، تہ کو وڌاءُ نہ هونلو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪيا بي مُروت خلق هئي سب جمع هين بسمل ڪي پاس،
قاتل ميرا تنها رهيا، ڪوئي نهين قاتل ڪي پاس."
- سنڊيڪار

12- آڪٽوبر اڳاري جي ڏينهن سج اچاڪَني مَس ڪڍي هئي. ٽڏ ۾ انگلستان جي ٽڏ ڪان ڪجھ مڙوئي سوائي هئي، پر بهرحال لنڊن ۽ بروسيلز جي شهرن ۾ ڪافي هڪ جھڙايون آهن. مثال طور لنڊن وانگر هتي ۾ ڪوهيڙي جي ڏنڊ ڦھلجڻ ڪري ماحول سليٽي لڳو پيو هئو، هوا منجهان دونهي جي بوءِ ٽي آئي ۽ هر طرف هُل ۽ گوڙ متل هئو. اُن هوندي ۾ لنڊن ۽ بروسيلز جي وچ ۾ هڪ تفاوت اهو هئو، ته بروسيلز "نازي" هڇارن سان پريل ۽ سنڊن قبضي هيٺ آيل داڀي جو شڪار ٿيل، خاموش ۽ ڏڪارو شهر هئو. اوچتو انهيءَ شهر ۾ نازي فوج جي هڪ اڏي ۽ شهر جي لاڳاپيل حصي، شائرِيڪ جي "ڪرنيشنل"، نالي جاءِ تي ميخدار هيلميٽن سان سٽيل جرمن سپاهين جون ۾ ڪارون، جڏهن اچي ٻيهن ٿيون، ته هر ڪو ان کي عام رواجي ڀَالھ سمجهي نظر انداز ٿو ڪري. پوءِ انهن گاڏين منجھ سوار ٽيل ۾ قيدي ٻاهر اچن ٿا. منجهائن هڪڙو 35 ورهين جو "فلپي باق" نالي بيلجمي عمارت ساز آهي ۽ پي- اٿونجاھ سالن جي ايڊٽ ڪاويل نالي انگريزياڻي نرس آهي.

هتان ٻنهي ڇڻن کي "ڪرنيشنل" جي انتظامي عمارتن وٽان گذاري، کين گوليءَ سان اُڏائڻ لاءِ جڏهن اڳتي ڪليل ميدان ۾ آندو ويو، ته انهيءَ مهل تيزيءَ سان سج اُبري رهيو هئو. ٻنهي جون اکيون ڪپڙي جي پٽين سان، سُڪ ٻڌيون ويون ۽ سنڊن جنگهون ٻانهون وري چمڙي جي پٽيءَ سان، سوگهيون ڪيون ويون. پر انهيءَ کان اڳ جو منجهائن انگريز عورت کي قابو ڪري جڪڙيو وڃي، هُوءَ ٽورڙو جُھڪي ۽ ۾ ڏگهيون تاڇٽيون ڪيي ورتائين (جيڪي هن جرمن ڪمانڊر کان گهري ورتيون هيون) ۽ پنهنجي اسڪرٽ کي ناهي، مُرن جي چوڌاري ويڙهي ڇڏيائين. ايٽن ڪرڻ مان سندس مقصد اهو هئو ته جڏهن کيس فائرنگ اسڪواڊ آڏو آڻي، موت جي وادي‌ءَ ڏانهن موڪليو وڃي، ته ۾ سندس بي حرمتي نه ٿئي.... ٽورڙي دير کان پوءِ جڏهن رائيفلن جي منهن مان گوليون ڇٽيون، ته هڪٻئي کان پنجن والن جي وٽيءَ تي، ٻئي ڇٽا ابدي نند ۾ ستل نظر آيا.

هن سڃي داستان جي سورمي ۽ امر ڪردار ايڊٽ لوئزا ڪاويل 4- ڊسمبر 1865ع تي نار فوڪ صوبي جي سوارڊيسٽن نالي ڳوٺڙي ۾، اتان جي پادريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مانواري فريدرڪ ڪاويل جي گهر جائي. هيءُ ڳوٺڑو ان خوشحال ۽ پرامن دؤر جو هڪ سڪيو ستابو ڳوٺڑو هئو. انهيءَ دؤر ۾ هڪ پاسي 'ڪرائيمئن واري لڑائي' (The Crimean war) پوري ٽي چڪي هئي، تہ ٻئي طرف آمريڪا ۾ ٻہ خون خرابو ختم ٽي ويو هئو. جڏهن تہ شانائتي راڻي وڪٽوريا،پنهنجي ملڪ کي بي مثال سُک ۽ امن سان هلائي رهي هئي ۽ سندس سلطنت دنيا جي هڪ عظيم طاقت بڻيل هئي. اهڙي ماحول ۾ فريدرڪ ڪاويل پنهنجي وڏي ڪٽنب جي تعليم، ڪين گهر ۾ ذاتي طور تي ٽيوشن ڏيندي پئي ڪئي. پر ايڊٽ، جنهن ۾ ٻين جي پيٽ ۾،ڪجهہ سمجهہ جا ڪٽا سرس هٿا ۽ محنتي ٻ وڌيڪ هئي، تنهن کي هڪ سڻي اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو. هن پڻ انهيءَ خاص مهرباڻيءَ کي ضايع نہ ڪيو ۽ ڏنل سڪيا کي سَڪارتو ٻڌايو. جيتوڻيڪ پڑهائي ۾ هوءَ سيني مضمونن ۾ هوشيار هُئي، پرفرينچ ٻولي (جنهن جو لهجو سڄي عمر تائين سڌاري نہ سگهي) سکڻ ۾ ٻہ ڪامياب ٽي. هِن ٻوليءَ سان ڪيس بيحد پيار هئو. انهيءَ ڪري جڏهن "لارل ڪورٽ پينٽر بورڊ اسڪول" مان پاس ٽي نڪتي، تہ ڪيس وڏي شوق سان بروسيلز جي هڪ وڪيل جي گهر ۾،ٻارن جي آيا مقرر ڪيو ويو. جتي آخرڪار ڪيس باقي دنيا ڏسڻ، ننڍڙي ڳوٺ مان نڪرڻ ۽ ٻيون ٻوليون ڳالهائڻ جو موقعو مليو. جيئن ٽي ڪيس مٽين نوڪريءَ جي پڪ ٽي،تہ هوءَ اتساهہ وچان فورن اچي بيلجيم پهتي، جتي ڪيس نهايت دلپسند ماحول نصيب ٽيو. هتي "فرانسُئا" نالي ڪٽنب، جنهن وٽ ڪيس روزگار مليو، سو ڏاڍو ڪلمڪ ۽ خوش باش طبيعت وارو خاندان هئو. جڏهن تہ بروسيلز جو شهري ماحول پڻ هن لاءِ،هڪ چُنو تي (Challenge) ۽ سرهائي بخش هئو. مٽين ڏميواري ڪٽڻ کان پوءِ فورن ٽي فرانسئا ڪٽنب جي ٻارن جي هُن ڏاڍي سڻي تعليم ۽ تربيت ڪئي. جيڪا اڳاهہ بروسيلز ۾ اٺوهين صديءَ ۾ ڪا معمولي ڳالهہ نہ هئي، جڏهن تہ ٻارن ٻ سندن ڳالهيون دل لائي ٽي سکيون ۽ مائيٽي انداز ۾ سندس سبق ٽي ورجايا، بلڪ سندس هدايتن مطابق ڪنهن ٻ قيمت تي ڪوڙ ڳالهائڻ کان پرهيز پئي ڪئي.

انهيءَ ڪٽنب سان ڪجهہ سال گذارڻ کان پوءِ 1895ع ۾، مس ڪاويل پنهنجي وطن واپس آئي، تہ جيئن پنهنجي بيمار پيءُ ۽ پوڙهي ماءُ جي خدمت ڪري سگهي. ڳوٺ پهچڻ کان پوءِ والدين جي دل جي حضور وچان ڪيل سندس پرگهور، اهڙو تہ جادوئي اثر ڏيکاريو، جو چند مهينن ۾ ٽي مسٽر ڪاويل نؤ بنو ٽي گهمڻ لڳو ۽ ڪيس واپس بروسيلز وڃڻ جي اجازت ڏنائين. پر ان وچ ۾ هتي انگلينڈ ۾ اچي، هن ٻارن کي پڑهائڻ ڇڏي هڪ ٻي ڪِرت شروع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، جنهن مان ڪيس فرحت پئي آئي. جيتوڻيڪ ان مهل هوءَ ٽيهن ورهين جي ٿي ويئي هئي، پر ته به 'وائيٽ چيپل روڊ' تي لنڊن اسپتال ۾ عارضي بنيادن تي، شاگرد نرس جي حيثيت ۾ وڃي داخل ٿي. جتي هن سڻن نمبرن سان امتحان پاس ڪيو ۽ ستت ئي ڪيس مدي جي بخار واري وبا ۾ ورتل مريضن جي علاج لاءِ، انچارج نرس مقرر ڪيو ويو. انهيءَ درجي تان جلد ۾ ترقي ڪندي، هوءَ لنڊن اسپتال جي ممڪ نرس (Matron) مقرر ٿي. ٿوري ئي مدي ۾ هن خاموش، پرعزم ۽ نرم وارن واري مائيءَ جي صلاحيتن جي چوطرف واه واه ٿيڻ لڳي. سندس ڪنهن سائي نرس اقرار ڪندي هڪ هنڌ لکيو: "مس ڪاويل جي پيٽ ۾ ٻيون عورتون ڏاڍيون نِبل ۽ ٽڪل ٿيون لڳن....."

اڳتي هلي 1907ع ۾ ايڊٽ جي فرانسئا ڪٽنب سان لاڳاپن،ڪيس موتائي وري بروسيلز آندو. هاڻي هوءَ ٻائيتاليهن ورهين جي هڪ تجربيڪار نرس هئي. انهيءَ ڪري ئي بيلجيم جي سرجن 'انتوني ڊيپيج' ڪيس 149- "روڊي لا ڪلچر" وٽ،پنهنجي ڪلينڪ ۾ نوڪريءَ جي آڇ ڏني، ڇاڪاڻ جو سندس ملڪ ۾ سگهڙ نرسن جي ڏاڍي کوٽ هئي. جيئن ته هن مس ڪاويل جي ڏاڍي ساراهه ٻڌي هئي، ازانسواءِ انگريز نرسن جي جڳ مشهور معيار جو به پتو هئس، تنهن ڪري هُن ڪيس نه رڳو پاڻ وٽ اچڻ جي آڇ ڪئي، پر ٻين نرسن جي تربيت جي ذميواري پڻ مٿس رکي.

انهيءَ آڇ کي قبول ڪندي هوءَ جڏهن بروسيلز پهتي، ته نه رڳو چند ڪلاڪن جي اندر ئي مريضن جي پرگهور لهڻ شروع ڪيائين، پر نرسن جي تربيت پڻ ڪرڻ لڳي. ٿورڙي ئي عرصي ۾ سندس ڪم جي تعريف ڏيهان ڏيهه مشهور ٿي ويئي. نتيجي ۾ انگلينڊ، هالينڊ، فرانس، سئزرلئنڊ ۽ جرمنيءَ جون قابل نرسون پڻ وٽس پهچي ويون ۽ بيلجيم جي نوجوان نرسن جي تربيت ڪرڻ لڳيون. انهيءَ سلسلي ۾ اڳتي هلي هن مجيوءته جيڪڏهن ساٺس ٻيون تربيت ورتل نرسون ساڻ نه ڏين ها، ته هوءَ بيلجم جي ننڍين نينڊين اڻ پڙهيل ۽ جاهلين نرسن جي جوڳي تربيت نه ڪري سگهي ها. جن مان ڪي ته رڳو سترنهن سالن جون مَسَ هيون. جڏهن ته سندن ماهاني پگهار 10 پاؤنڊن کان به گهٽ هئي. پر سندن استاد نرس، يعني مس ڪاويل،منجهن ڪم لاءِ اهڙو اتساهه پريو، جو هو اُتي رهڻ لاءِ راضي ٿي ويون، بلڪ ٻيون به ٽولن جي صورت ۾ اچي ساڻن گڏ ٿيون. هڪ ڳالهه جنهن انهن نينگرين جي دل موهي ورتي، سا اها هئي ته مس ڪاويل،سندن سماجي مرتبي جو ڏاڍو خيال رکندي هئي. ان جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نتيجو اهو نڪتو تہ جيڪڏهن ڪا نرس،ڪنهن خانگي گهر ۾ ٻہ نوڪري ڪندي هئي، تہ ان کي ڪنڊب جو فرد سمجهيو ويندو هئو، ڪيس ڪاڊي جي ٽيبل تي گڏ پاڻ سان ويهاريو ويندو هئو ۽ ڪيس ردّڻي يا مريض جي ڪمري تائين محدود نہ ڪبو هئو. بلڪ تربيتي مرڪز يعني (The Clinque) ۾ پڻ نوجوان نرسن سان ڊاڪٽرن ۽ مريضن جو سياڻ شانائتو هئو. انهيءَ سان گڏوگڏ ٻئي طرف نرسن تي سندس اهو ٻہ زور هئو، تہ مريض ڪيترو ٻہ ضدي يا چيڙاڪ ڇو نہ هجي، پر سندس مڪمل پرگهور لڏي وڃي.

توڻي جو شاگرد ۽ عملو سندس ساراه ڪندو هئو، پر منجهائن ڪيترائي ڪيس ڳڻيير ۽ ڳوڙهو سمجهندا هئا. هوءَ تہ سڄو ڏينهن رڳو پنهنجي ڪم ۽ نرسن جي معيار جي بهتريءَ ۽ تعليمي معيار جي واڌاري لاءِ پئي سوچيندي هئي. "استاد نرس" هوندي ٻہ، نہ رڳو پاڻ سخت ڪم ڪار ڪندي هئي، پر شام جو جڏهن سبق پورا ٿيندا هئا، تہ سمورن مريضن وٽان آخري چڪر ٻہ هڻي ايندي هئي. بعد ۾ پنهنجي روح جي راحت لاءِ نفاست سان اچي پيانو وڄائيندي هئي. سندس ذاتي آرام لاءِ فقط اهو ئي شغل هئو.

1914ع ڌاري نرسنگ جي تعليم ڏيڻ سان گڏوگڏ، هوءَ عملي طرح سان ٻہ انهيءَ پيشي سان لاڳاپيل رهي. سرجن جي نائب جي حيثيت ۾ بروسيلز جي اسپتالن ۾ سندس طلب تمام گهڻي وڌي ويئي. انهيءَ سلسلي ۾ جڏهن ڪيس نرسنگ جي شعبي ۾ ماهر ٽٻجڻ جي صلاح ڏني ويئي، تہ هن انهيءَ صلاح کي اهو چئي نظرانداز ڪيو، تہ هن شعبي ۾ لازمي آهي تہ نرس هر بيماريءَ سان واسطيداريءَ ۾ اچي. ڇو تہ هر نرس کي گهرجي تہ هوءَ پنهنجي سموري صلاحيت، جذبي ۽ محنت کي فقط هڪ رخ ۾ خدمت ڪرڻ لاءِ وقف ڪري. ۽ هن نہ رڳو ايئن ڪري ڏيکاريو، پر پنهنجين شاگرد نرسن جي ٻہ اهڙي تربيت ڪئي، سندن خدمت جو دائرو نشئي ماٺهن جي پرگهور لهڻ کان وٺي، ويامبل عورتن جي سارسنبال لهڻ تائين ڦهليل رهيو. سڄ پڄ تہ هن پنهنجي سڃائيءَ سان هن پيشي کي ايترو تہ مرتبي وارو بڻايو، جو انهيءَ پيشي سان لاڳاپيل ماٺهن پنهنجي سموري سگهہ سان، ايترو ڪجهہ ڪيو جيترو ان دؤر ۾ ممڪن هئو.

جولاءِ ۾ جڏهن سندس عمر 48 ورهيہ ٿي ويئي هئي ۽ هوءَ پنهنجي عمر کان وڌيڪ ڪراڙي پئي نظر آئي، تہ مس ڪاويل آخري پيرو اباڻي وطن پنهنجي ڪنڊب سان ملڻ آئي. جتي اڃا ڪيس ٿي هفتا مس گذريا هئا، جو انگلينڊ ۽ جرمنيءَ وچ ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي شروع ٿي ويئي. جيتوڻيڪ هڪ انگريزياڻيءَ جي حيثيت ۾ هوءَ پنهنجي ملڪ ۾ رهي، هڪ نرس طور پنهنجا فرض ادا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري پئي سگهي، پر تہ بہ خدمت ۾ ذميواريءَ جي خيال کان هن فورن بروسيلز واپس وڃڻ جو فيصلو ڪيو. چاڪاڻ جو سندس نرس دوستن کي هن جي ضرورت هئي ۾ هن کين دوکو ڏيڻ نہ پئي گهريو. اهو سوچي جڏهن بروسيلز پهتي، تہ اُهي نرسون کيس ڏسي ڏاڍيون سرهيون ٿيون. هتي پهچندي سندس پهريون ڪم اهو هئو، تہ هن جرمن نرسن کي عزت سان واپس پهچائڻ لاءِ، سندن وطن واپسيءَ جو بندوبست ڪيو ۾ کين پاڻ وڃي جرمنيءَ روانو ڪرڻ لاءِ حفاظت سان اسٽيشن تي ڇڏي آئي. هوءَ پنهنجين انهن معصوم ۽بالڪين جي جرمنيءَ واپسيءَ تي ڏاڍي ڏکاري هئي، جيڪي سندن لاءِ دشمن ملڪ ۾، اوچتو ئي ڏاڍي نفرت سان ڏٺيون پئي ويون ۾ کين بہ ڏاڍو ڊپ ۽ هراس پئي ٿيو. ريلوائي اسٽيشن تي الوداع ڪندي، هن کين ڏاڍيون آٽتون ڏٺيون ۾ جنگ جي خاتمي کان پوءِ ساڻن ٻيهر ملڻ جا واعدا پڻ ڪيائين.

12۔ آگسٽ تي مس ڪاويل انگريزي اخبار "دي ٽائيمس" ڏانهن خط لکي، جنگ ۾ ڏکي ٽيندڙ انگريز سپاهين جي پرگهور لهڻ جي آڇ ڪئي ۾ انهيءَ سلسلي ۾، ٻي بہ هر ممڪن مدد ڪرڻ جي اپيل ڪئي. سندس انهيءَ اپيل جي نتيجي ۾ سڄي دنيا جي لاتعداد ماڻهن، دل جي سچائيءَ سان هن جي بي حد سهائتا ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ هوءَ اسپتال کي چوويهہ ڪلاڪ کولي رکڻ ۾ ڪاميابَ ٿي ۾ اُتي طبي سهولتون فراهم ٿيڻ لڳيون. پر اڃا اسپتال شروع مس ٿي هئي ۾ جنگ کي لڳي هڪ مهينو بہ نہ ٿيو هئو، جو جرمن فوجن بروسيلز تي قبضو ڪري ورتو. انهيءَ صورتحال ۾ ڪيس سلامتيءَ سان هالينڊ اچي رهڻ جي آڇ ٿي. پر سندس ساٿياڻين ۾ مس ڪاويل انهيءَ آڇ کي اهو چئي رد ڪيو، تہ هو ڪنهن خاص فرقي يا قوم جون مخالف نہ، پر سڄي انسانيت جون خدمتگار هيون، سندن لاءِ فرينچ، جرمن، انگريز يا بيلجمي ماڻهوءَ جي خدمت ڪرڻ ساڳي ڳالهہ هئي. انهيءَ ڳالهہ جي سچائي انهيءَ مان ثابت ٿي، جو سيپٽمبر جي وچ ڌاري سندن اسپتال ۾، جرمن فوجين جي ٽهل ٽڪور پڻ ٿي رهي هئي.

هوڏانهن جنگ جيئن پوءِ تيئن اينگهندي ٿي ويئي ۾ بروسيلز جنگ جو مرڪز ٿي ويو. جرمن حڪمران قيصر جو خيال هئو تہ هو سياري کان اڳ فتحمند ٿي وڃي. انهيءَ ڪري هو پنهنجي پروگرام تي تيزيءَ سان عمل ڪندو رهيو، نتيجي ۾ اولهہ يورپ ۾ جنگ تيز تر ٿيندي ويئي.

پر جرمن جرنيلن جي غلطين جي ڪري، اوچتو "مارن" جي جاءِ تي جرمنيءَ جي پيش قدمي رڪجي ويئي، جنهن ڪري جرمن فوج کي ڪجهہ ميل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوئتي هنٽو پيو ۽ لڙائي هڪ خونخوار لُڙاتيل ۽ محدود رخ ۾ زور ونڊي ويئي. وڏيڪ حياتيون ضايع ٽيڻ لڳيون. پراڻن قبرستان ۾ نوان صليب کڙا ٽيڻ لڳا. جن ۾ ڪي انگريز صليب هٿاءِ تہ ڪي جرمن ۽ ڪي وري فرانسي. منجهائن هر صليب تي ڏار ڏار ڪتبا هٿا ۽ هر ڪتبي هڪ نئين الميي جي نشاندهي ٿي ڪئي. انهيءَ صورتحال ۾ جڏهن جرمن فوجون پنهنجي منصوبي بنديءَ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيون، تہ بدتر ظلم ڪرڻ تي لهي آيون. هنن بروسيلز کان ويهن ميلن جي فاصلي تي "لووين" جي يونيورسٽيءَ واري علاقي کي،ٻاهيون ڏئي ڇڏيون ۽ رهواسين کي ناحق خون ڪرڻ لڳيون. جيتوٽيڪ ان وقت هر ماڻهوءَ تي هيبت طاري هئي، پر ايڊٽ ڪاويل اهڙي ڪنهن بہ ڳالهہ کي قبول نہ ڪيو. هُن ڪنهن دوست ڏانهن خط لکندي چيو: "آئون رڳو پنهنجو پاڻ کان پڇي سگهان ٿي، تہ هي معصوم انسان کهڙي ڏوهہ ۾ ماريا پيا وڃن....؟" سندس انهيءَ بي خوفيءَ تي جڏهن کيس چتاءُ ڏنو ويو، تہ هوءَ هن لڙائيءَ جي باري ۾ اهڙا "ڏاهپ کان واڌيهيل" ۽ "وقت جي تقاضا کان هٽيل" رايا نہ ڏئي، تہ هن وراڻيو: "اهڙي وقت ۾ جڏهن دلين تي دهشت راڄ ڪرڻ لڳي ۽ طاقت هر شئي مٿان حاوي ٿي وڃي، تہ انسان تي نَڪهي سياٽ جو مظاهرو ڪرڻ کان وڏيڪ ٻيون ذميواريون بہ عائد ٿين ٿيون."

هلندي هلندي جنگ ۾ هاڻي اهڙي صورتحال ٿي چڪي هئي، جو ڪوبہ ڏڪي اسپتال ڏانهن نہ پئي آيو. جرمنيءَ وارن پنهنجا زخمي واپس وطن پئي موڪليا ۽ اتحادي بروسيلز ۾ داخل نہ پئي ٿي سگهيا. هاڻي فقط ڪجهہ بيلجمي شهري مريض ٿي وڃي بچيا هئا. ان وقت جرمن گورنر هڪ حڪم بہ جاري ڪري ڇڏيو هئو، تہ 18 سالن جا يا اُن کان وڏا مرد مريض، جڏهن بہ اسپتال مان فارغ ڪيا ويندا، تہ کين لازمي طور تي فوجي پوليس کي اطلاع ڏيڻو پوندو. جنهن جو مطلب اهو هئو تہ کانئن جبري پورهيو ورتو ويندو. ايڊٽ ڪاويل انهيءَ حڪم نامي جي پيڇڪڙيءَ جو فيصلو ايئن ڪيو، تہ هن فارغ ٿيندڙ هر مريض کي هدايت نامو ڏيڻ شروع ڪيو تہ: "جيڪڏهن اوهان کان ليپي سگهي تہ فوجي پوليس ٽاڻي تي اطلاع ڏيو، نہ تہ مادام ايڪس جي گهر تي حاضر ٿيو."

ٻئي طرف پنهنجين هفتيوار رپورٽن ۾ هوءَ سچائيءَ سان بيان ڪندي رهي، تہ هوءَ ماڻهن کي فوجي پوليس ٽاڻي تي پهچڻ جو اطلاع ڏئي ٿي. جرمن فوجين لاءِ البت اها عجيب ڳالهہ هئي، جو منجهائن آڳرين تي ڳڻجي سگهندڙ ماڻهن کي ئي ٽاڻي جو رستو هٿ پئي آيو.

انهيءَ وچ ۾ فرانسي سرحد تي "مونس" جي شهر ويجهو بيلجم جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهزادي‌ءَ "ڊي ڪروئي" پنهنجي حويليءَ کي اسپتال ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. پهريائين ته ان اسپتال ۾، جنگ ۾ زخميل، جرمن سپاهي داخل ٿيندا هئا، پر جڏهن جنگ اوپرين پاسي، يعني "مارن" جي طرف زور ورتو، ته پوءِ اڪثر ڪري انگريز ۽ فرانسي ڏڪيل سپاهي پڻ اچڻ لڳا. انهيءَ صورتحال ۾ هڪ نوجوان ماسترياڻيءَ "لوئز ٽوليز" جي مدد سان، شهزادي‌ءَ رٽابندي جوڙي ته اتحادي سپاهين کي، ڳجهي طريقي سان ملڪ پار ڪرائي، هالينڊ پهچايو ويو، ته جيئن هُو اتان آساني سان انگلينڊ پهچي سگهن. هيءُ هڪ نهايت خطرناڪ ڪم هئو، جنهن جي ڪري ڪَڙي سزا ملي پئي سگهي. بهرحال جلد ئي ٻنهي ڇڻين محسوس ڪيو، ته وقت اچي ويو آهي، جو اهو ڪارنامو سرانجام ڏجي. انهيءَ سلسلي ۾ شهزادي صاحبه، مس ڪاويل کان مدد طلب ڪندي، کانئس پڇرايو: "ڇا اهو ممڪن هئو ته هوءَ ڪجهه ڏينهن لاءِ پاڻ وٽ انهن فوجين کي ترسائي پناه ڏئي، جتان پوءِ هو ڇڻن يا پنجن ڇڻن جي ٽولين جي صورت ۾، ڊَچ سرحد وٽ، "ٽرن هائوٽ" جي جاءِ تي پهچي سگهن؟ جتان منزل تي پهچڻ سندن لاءِ عين ممڪن هئو." ايڊٿ ڪاويل هڪ لحظي وجائڻ بنان انهيءَ ڪَالهه تي رضامند ٿي. توڙي جو اهڙي لاپرواهيءَ ڪرڻ سان هن سخت سزا لائق ڏوهه ۾ شامل ٿيڻ تي، سندس ڪيترين ساٿياڻين سخت صدمي جو اظهار پڻ ڪيو.

ٽورڙي ئي عرصي ۾ هيءَ رٽابندي ڏاڍي ڪامياب ثابت ٿي. مريضن جي روپ ۾ اتحادي سپاهي، پهريائين ڏينهن ٻن لاءِ (بعضي ته هفتن لاءِ به) وٽس اچي رهندا هئا، جتان پوءِ اڪثر ڪري مس ڪاويل پنهنجي سرِ، ڪين انهن مقرر جاين تائين پهچائيندي هئي، جتان ڪان راهبن جي معرفت ڪين "ٽرن هائوٽ" واري منزل تي پڇڙو هوندو هئو. اهو ڪاروبار پروگرام مطابق هلندو رهيو، پر انهيءَ سال مئي مهيني ڌاري مس ڪاويل کي، پڪ ٿي ويئي هئي ته جرمن فوج وارا، سندس انهيءَ ڪارگذاريءَ کان واقف ٿي چڪا آهن. اهو ڄاڻندي به، هن بهرحال انهيءَ سلسلي کي جاري رکڻ جو عزم ڪيو. ۽ اهو پڻ سوچي ڇڏيو ته جيڪڏهن اوچتو ڪنهن ڏينهن، جرمن فوج سندس اسپتال تي ڇاپو هنيو، ته هوءَ اتحادي سپاهين کي ڪٽي نه ڪٽي لڪائي ڇڏيندي. اهو ڄاڻندي جرمن فوج جڏ ته هڪ ڇتاءَ طور تي، پنهنجي ڳجهي جاسوسي اداري جو مَڪ مرڪز بروسيلز ۾ قائم ڪيو، جنهن جا ڇهه هزار ڪارندا هر هنڌ ڦهلجي ويا. سندن پهچ ۾ ڪارخانا، اسپتالون ۽ خانگي توڙي سرڪاري ادارا اچي پئي ويا. جيتوڻيڪ جرمن فوجي مس ڪاويل جي سکيا گهر، يعني "روڊي لا ڪلچر" واري جاءِ تي، ٽيندڙ عجيب چُرپر تي حيران ته هئا، پر ڪين کا اهڙي ٿوس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معلومات ڪونہ هئي جنهن جي بنياد تي هو ڪو شڪ ڪري سگهن.

آخرڪار 5- آگسٽ 1915ع تي سندن توقع مطابق مس ڪاويل کي هن جي نائب سسٽر "ول ڪنز" سميت گرفتار ڪيو ويو. هن گرفتاريءَ جو بنياد انگلينڊ واپس پهتل ڪنهن بيوقوف سپاهيءَ طرفان، ٽورن جي ميتا سان پريل اسپتال ۾ پهتل اهو خط هئو، جيڪو تلاشيءَ دوران جرمن پوليس کي هٿ آيو. پُڇا ڳاڇا دؤران،حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهائيندي،جاسوس پوليس جي آفيسر کيس چيو: "توکي پنهنجي سر اهو ڏوهه قبول ڪرڻ کپي، چاڪاڻ جو اهڙن ٻن سپاهين جون اسان وٽ اڳ ئي مڪمل رپورٽون پيل آهن، جن کي تو پڃائڻ جي ڪوشش ڪئي....." جيئن ته عورتن کان ڏار ڏار پڇائون ڪيون ويون، تنهن ڪري معلوم اهو ٿيو ته سسٽرولڪنز مسلسل هر شيءِ کان انڪار ڪندي رهي، نتيجي ۾ خود سندس لاءِ حيرت جوڳي ڳالهه اها ٿي جو کيس آزاد ڪيو ويو، جڏهن ته ٻئي طرف مس ڪاويل جنهن پنهنجي مٿين ڪارڪردگيءَ کي لڪائڻ جي ڪا خاص ڪوشش نه ڪئي، تنهن کي آخرڪار جهليو ويو.

انهيءَ وچ ۾ جرمن فوج پنهنجن جاسوسن جي رپورٽن (جيڪي فرار ٽينڈڙ اتحادي سپاهين ۾ ٻ موجود هٿا) ۽ ڪجهه مس ڪاويل طرفان باسيل ڏوهن جي نتيجي ۾، سڄي بيلجيم منجهان گرفتاريون مڪمل ڪري ورتيون. جيئن ته مس ڪاويل جرمن فوجين جي ذهنل انهيءَ تاثر جي مڪمل گهيري ۾ اچي چڪي هئي (ته ٻين ڪيترن ماٿهن فلاٽيون فلاٽيون ڳالهيون ڏُسي ڪين مڪمل معلومات فراهم ڪئي هئي) تنهن ڪري هن پڻ انتهائي خسيس ڳالهين کان وٺي اهم معاملن تائين، پنهنجي ملوٽ هجڻ جي مڪمل تصديق ڪئي ۽ ذهنل بيان جي آخر ۾ چيو:

"منهنجا بيان جيڪي هاڻي مون آڏو فرانسي ترجمي سميت پڙهيا ويا آهن، تن جو ذرو ذرو سچ تي ٻڌل آهي. اهي آڻون مفصل ۽ مڪمل طور تي سمجهان ٿي، جيڪڏهن ضرورت پئي ته انهن کي ٽربيونل آڏو پڻ ورجائيندس."

صحي ۽ شاهدي طرفان ايڊٽ ڪاويل.

جيتوڻيڪ ڏوهن جي اها باس،مايوسيءَ بدران فخر ۾ري توکل وچان کيل هئي، پر سندس ڪورٽ مارشل ٿيڻ کان پوءِ،اختيارين طرفان مقرر ڪيل هن جي وڪيل چيو: "پنهنجي ڪيل باس جي نتيجي ۾،هُن بچاءَ کي ناممڪن بڻائي ڇڏيو هئو."

هن ڪيس ۾ ترت سماعت کان پوءِ، جرمن فوجي عدالت طرفان ذهنل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سزائن جي جيڪا آخري لسٽ پڌري ڪئي ويئي، تنهن ۾ ايڊٽ ڪاويل سان گڏ شهزادي ڊي ڪرائي، لوئيز ٽولينز ۽ بيلجيم جو نوجوان عمارت ساز فلپي باق به شامل هئا. باق نه رڳو سپاهين کي پجائڻ واري معاملي جو مجرم ڄاڻايو ويو هئو، پر هن تي الزام هئو ته هن غداريءَ سان پريور پمفليٽ پڻ ورهايا هئا. هن سزا ڪاڏل لسٽ ۾ ڪل پنجٽيه ڄڻا شامل هئا.

هيءُ مقدمو 7- آڪٽوبر تي شروع ٿيو ۽ جڏهن ڏينهن ٻن کان پوءِ فيصلو ڏن ويو،ته بروسيلز ۾ موجود آمريڪي وزير لنڊن ۾ مقرر پنهنجي سفير کي لکيو:

"..... توٽي جو جرمن فريادي وڪيل مس ڪاويل جي اقرار جي نتيجي ۾،مٽس ۽ ساٿس شامل ٻين اٺن ڄڻن لاءِ،موت جي سزا تجويز ڪئي آهي، پر پوءِ به مون کي ڪجھ اميد آهي ته عدالت اهڙي سخت سزا نه ڏيندي."

پر هو غلط ثابت ٿيو. گرفتار ڪيل پنجٽيه ڄڻن مان اٺن کي آزاد ڪيو ويو. پنجويهن کي ڏگهيون سزائون ڏنيون ويون، جڏهن ته فلپي باق ۽ ايڊٽ ڪاويل کي گوليءَ سان اُڏائڻ جي سزا ٻڌائي ويئي.

هوڏانهن جرمن عدالت،آمريڪي وزير سميت،ٻين ڪيترن ئي ماڻهن طرفان ڏنل،رحم جي درخواست کي رد ڪندي (توٽي جو چند ماڻهن کان سواءِ ڪو انهيءَ ڳالھ تي ويساه ڪرڻ لاءِ ئي تيار نه هئو،ته فقط اتحادي فوجين کي واپس وطن پهچائڻ جي الزام ۾،ڪوبہ دشمن ڪيترو به ظالم ڇو نه هجي، ڪنهن هڪ عورت ۽ سو به نرس کي موت جي سزا ڏيندو، انهيءَ جي باوجود ته مٽس جاسوسيءَ جو الزام به نه هجي)، پنهنجو حڪم صادر ڪيو، جنهن تي 12- آڪٽوبر صبح جو ساجهر عمل ڪيو ويو. پنهنجي موت کان چند گهڙيون پهرين، جڏهن مرڻ کان پوءِ اوگهڙ ڊڪيل رهڻجي خيال کان، مس ڪاويل به چار ٽاچڻيون گهُري،پنهنجي اسڪرٽ کي ٽوپيو هئو، تڏهن خاموشيءَ سان "ٽرنيشنل" عمارت جي راهداريءَ مان گذرندي ۽ فائرنگ اسڪواڊ جي سامهون ٽيندي، هن پنهنجو مناجاتي ڪتاب کوليءَ،منجهس هيٺيون آخري سٽون لکيون هيون:

"آمي، آئون 12- آڪٽوبر 1915ع تي صبح جو ستين وڳين مري ويس. پنهنجي امڙ لاءِ اُڪير وچان- ايڊٽ ڪاويل."

ايڊٽ ڪاويل جي شهادت،ڪيترن ئي ماڻهن لاءِ غير ضروري هئي، چاڪاڻ جو سندن خيال مطابق اهڙي تفصيل سان پنهنجا ڏوھ باسڻ جي ڪا به ضرورت نه هئي. پر انهيءَ هوندي به،هن سڃي سانحي جو هڪ غير معمولي نتيجو ٻيو به هئو. جيڪو آمريڪي اديب اون وسٽر جي بقول اهو هئو ته:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"جڏهن ڪاويل انگلنڊ لاءِ پنهنجي جان جو ٻليدان ڏنو تہ ان کان پوءِ آمريڪا جا جنگ ۾ شامل نہ ٿيڻ جا امڪان بالڪل ختم ٿي چڪا هئا." هن ظلم کان پوءِ آمريڪي عوام جو رويو هيبت ۽ ڪاوڙ وچان سپ ضابطا ٽوڙي ويو، توڙي جو صدر ولسن جنگ ۾ شامل ٿيڻ کان گهڻو ئي لنوايو، پر دباءُ ايترو وڌي ويو جو ڪيس ميدان ۾ نيٺ لهڻو پيو. جنهن جو نتيجو آخر اهو نڪتو،جو اتحادين جي سوپ يقيني ٻڌجي ويئي.

ڪاويل جي موت کان پوءِ ڪيترائي بحث شروع ٿي ويا تہ، هن بهادر عورت، جنهن موت جي سزا ملڻ وقت هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ ڪا فڪرمندي نہ ڏيکاري هئي ۽ نہ ئي موت جي منهن ۾ وڃڻ مهل ڪو لوڏو ڪاڏو هئو، تنهن هڙڳا خواري ۽ريل اقرار آخر ڇو ڪيا؟ انهيءَ سلسلي ۾ سندس شاگرد نرس "جئڪولين وان ٽل" جا هيئيان ويچار شايد درست هجن:

"نرسنگ جي پيشي ۾ جيڪي خوفناڪ حالتون آهن، ايڈٿ ڪاويل تن جو عملي مظاهرو،انهيءَ طريقي کان سواءِ،ٻئي ڪهڙي بهتر طريقي سان ڪري ٻئي سگهي؟ ان دؤر جي ضرورتن ۽ مشڪلاتن کي،هوءَ ٻئي ڪهڙي نموني سان نروار ڪري ۽ سرانجام ڏيئي ٻئي سگهي؟ سچ پچ تہ سندس موت سان ئي ،ڪيس منزل جي حاصلات ٿي ٻئي سگهي. سندس منزل اها هئي تہ نرسنگ جي پيشي جي ذريعي انسانيت جي خدمت ڪئي وڃي."

(هي مضمون John Canning جي ترتيبيل ڪتاب 100 Great Lives of Modern Times جي صفحي 285 کان 291 تائين ترجمو ڪيو ويو.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



رچرڊ واگنر

جنم: 31 جولاءِ 1841ع
لاڏاٽو: 11 اپريل 1918ع

دنيا ۾ جيڪي به شيون سداحيات ۽ امر رهنديون، اُنهن ۾ سي چهاءَ به ڳڻپ ۾ اچن ٿا، جيڪي ڪنهن فنڪار جي هٿن ذريعي ساز، قلم يا ڪاغذ تي، ذهن ۽ احساس جي ڪائنات جون اڻ ڳڻيون خوبصورتيون منتقل ڪن ٿا. حقيقت ۾ ته انهن ڪاوشن جي مهابي، زندگي سهڻ جوڳي ۽ سرشٽي سونهن پري محسوس ٿئي ٿي.

ويجهي ماضيءَ ۾ يورپ ۽ خاص ڪري جرمنيءَ، انساني تواريخ جي سونهن جي سفر ۾، جيڪي عزت پريا مسافر پيدا ڪيا آهن، انهن ۾ رچرڊ واگنر کي ياد نه ڪرڻ وڏي زيادتي ٿيندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رچرڊ واگنر راگ ودیا ۽ ناٽڪنگريءَ جو اهو لازوال ڪردار آهي، جنهن نفيس فن جي تواريخ ۾ بي انتها عزت ۽ مرتبو ڪمايو آهي. اهوئي سبب آهي جو يورپ جو ٽئينر توڙي موسيقي، سندس نالي کان سواءِ اڌوري آهي. جيتوٽيڪ ڪيس جرمنيءَ جي قومپرست ذهن ۾ ڳٽيو وڃي ٿو، تنهنکري هو ڪيترن تضادن جو به شڪار ٿيو آهي، پر پوءِ به ڪوبه نقاد سندس فني عظمت تي آڱر ڪونه ٿو کڻي سگهي.

هيءُ مختصر مضمون جاپاني محقق "ماماروواتانبي" جو آهي، جنهن کي جرمن هوليءَ جي موسيقارن ۽ فنڪارن سان خاص دلچسپي رهي آهي. جيتوٽيڪ هن مضمون ۾ سندس انداز ڪجهه اشاراتي ۽ تسلسل جي خوبصورت معيار تي پورو لهندي نظر نٿو اچي، پر پوءِ به مضمون پنهنجي مقصد کي بيان ڪرڻ ۾ ڪا ڪمي ناهي ڏيکاري.هونئن به دنيا ۾ اڃڪلهه مضمون نگاري ۾ سڀ ڪجهه نٿو لکجي. ڪيترون شيون پڙهندڙ جي ذهني سطح جي ڪري، مخصوص معنائن ۾ به هلي ٿيون وڃن، جنهن سبب تسلسل پڻ خودبخود ذهن اندر جڙي وڃي ٿو.

ـ سنڌيڪار

ڪئين ماڻهو سندس شاندار موسيقي کان متاثر ٿي هن جي زندگي کي سمجهڻ گهرن ٿا، ڪيترن لاءِ سندس دلچسپ ۽ پراسرار زندگي ڪشش جو باعث هئي، تہ ڪجهه ماڻهن لاءِ سندس زندگيءَ جي اصليت ڄاڻڻ ضروري هئي. منجهائن جهجهي تعداد ۾ اهڙا به آهن، جيڪي سندس عيب انهيءَ ڪري به اڳهاڙڻ ويهي رهندا آهن، تہ جيئن هو ڪنهن مصور وانگر خرابين کي نروار ڪري، سچائين کي ڳولي سگهن. مون به جڏهن مٿس قلم کنيو تہ منهنجو مقصد به تقريباً اهوئي هئو.

منهنجي خيال ۾ تہ ڪنهن به بئي موسيقار جي زندگي ايتري ڦهليل ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاٽيل ڪونهي، جيتري تارن سان ڪيڏنڙ هن شخص جي آهي. اهڙي طرح ٻيو فنڪار واڳنر وانگر انسان دوست، انساني برابري ۾ يقين رکندڙ ۽ ڪڏهن بي رحمر ٻ نہ رهيو هوندو.

جيتوڻيڪ سندس زندگي موسيقي وانگر ڏاڍي گهڻ رخي هئي پر تنهن هوندي ٻ واڳنر جي زندگي جي باري ۾ مشاهدن دوران، مون کي آهستي آهستي اهو احساس ٿيڻ لڳو، ۽ هو پنهنجي تاٽيل زندگي جي ڪري غير معمولي انسان ناهي. هن جون اهي خوبيون درحقيقت جنهن شئي کي لکايون ٻيئيون آهن، سا سندس عظيم فن جي تخليق جي سچائي آهي، جنهن لاءِ هو ڪنهن ٻ سؤديبازيءَ جي لاءِ تيار نظر نہ ٿو اچي. واڳنر اصل ۾ اهو ئي سپ ڪجهه هيو. پر هن پنهنجي زندگي کي انهيءَ رخ تي ڇو نہ آندو ۽ لنوائڻ وارو رستو ڇو اختيار ڪيو؟ هن پنهنجي محسن سان دغا ڇو ڪئي؟ هن بويريا جي نوجوان بادشاه لڊوگ ٻئي جي محبتن جو ناجائز فائدو ڇو ورتو؟ انهن سيني سوالن جو هڪ ئي جواب اهو آهي، ۽ سندس زندگي جو وڏو مقصد فنڪاراڻي تخليق ڪرڻ هيو ۽ هن زندگي جو هر فيصلو انهي آڌار تي ڪيو. باقي ٻين سيني ڳالهين (جن ۾ سندس متاهين طبقي جا اخلاقي ضابطا ٻ شامل آهن) جي وٽس ٻئي درجي جي حيثيت حاصل آهي.

انهيءَ ڳالهه ۾ تر جيترو ٻ شڪ ڪونهي تہ ڪيس پنهنجي موسيقي جي اهميت جو اندازو هيو. جنهن ڪري ئي هن پنهنجي فن جي باري ۾ ذاتي ڪتاب ڇپرائڻ جي همٽ ڪئي ۽ نتيجي ۾ قرضدار ٿي ويو، ڇاڪاڻ تہ ڇپائيندڙن سندس مسودن کي ڇاپڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هئو.

واڳنر وچولي طبقي جي اخلاقي پابندين جي خلاف ورزي، پنهنجي خود اعتماديءَ جي آڌار تي نہ، پر پنهنجي آزاد تخليقي خواهشن جي بنياد تي ڪئي. وقت سان گڏ پنهنجي موسيقي تي سندس اعتماد وڌندو ويو، جنهنڪري هن سوچيو تہ شاهوڪار طبقو ضرور سندس مالي مدد ڪندو، تہ جيئن هو پنهنجي تخليق کي جاري رکي سگهي. مٿس قرضن جو بار ان لاءِ نہ وڌيو، جو ڪيس پڪ هئي تہ سندس ڊراما ڪامياب ٿيندا ۽ هو سڄو قرض لاهي ڇڏيندو. پر ڳالهه درحقيقت اها هئي تہ هو مالي امداد ڪان سواءِ، ڪڏهن ٻ اهي ڊرام پيش نہ ڪري سگهيو. بيشڪ سندس سوچڻ جو اهو انداز ڪنهن حد تائين غلط هيو، ڇو تہ جيڪڏهن تنهن دور ۾ اڄ واڳنر معاوضي جو طريقو لاڳو هجي ها، تہ اهڙي صورتحال ۾ هو شايد مالي پريشانين کان بچي وڃي ها.

ٻئي شخص جي زال سان پيار ڪرڻ جو معاملو ٻ درحقيقت سندس تخليق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي جذبي جو ئي نتيجو هو. بيشڪ مينا (سندس زال) سان سندس شادي ناڪام ٿي، پر اصل ۾ هو پنهنجي زال جي چوڻ موجب، وچٽري زندگي گهارڻ ۾ ناڪام رهيو. اتي ب حقيقت ۾ سندس تخليق جو جذبو رڪاوٽ بڻيل رهيو.

واگنر جي تخليقي نظريي مطابق ته رڳو ڊرامائي لکڻ سان ڳالهه ختم نه ٿي ٿي وڃي، پر ان جو پيش ڪرڻ ب ضروري هيو. ليڪن انهيءَ راه تي زبردست رندڪون هيون، جنهن ڪري ڪيس وڏ گهراٽا معيار اختيار ڪرٽا پيا. انهيءَ صورتحال کي اسين خود غرضي ب چئي سگهون ٿا. حيرت اها آهي جو ان هوندي ب هن پنهنجا ڊراما اسٽيج ڪرڻ ٿي گهريا! فلاسافر نٽشي، واگنر کي پڙهڻ کانپوءِ، منجهس موجود فنون لطيفه جي هڪ خاص رويي جي نشاندهي ڪئي. ٽامس ڪين ب ايئن ٿي ڪيو. ٻئي طرف تازو ڪجهه جاپاني اديبن لکيو آهي ته، واگنر ۾ اهڙي ڪاب خاصيت ڪونه هئي. تنهنڪري منهنجي راءِ مطابق اسان سندس مٿي ذڪر ڪيل رويي کي قبول ڪندي، ئي هن جي فن جي صحيح وضاحت ڪري سگهون ٿا. مان واگنر جي انهن خوبين تي ڏگهو بحث نه ڪندس، جن جي بنياد تي ڪيس هڪ مٿاهين درجي جو جٽ سمجهيو ويو آهي. جن مان ڪجهه هي آهن: ننڍي هوندي سندس فنون لطيفه جي تربيت، ناٽڪ نگاريءَ ۾ بي ترتيب شاعراٽا خيال، ڏسجڻ واري فن جي معاملي ۾ وٽس فرق ڪرڻ جي ڪوٽ، جرمن فيلسوف شوپنهار جي تصورات بابت سندس ان جي خيالن جي مٿيچرائپ ۽ فن ۽ لکتن ۾ نظرياتي آوارگي وغيره.

واگنر جي آرٽ ۽ فنون لطيفه جي وچ ۾ ڳانڊاپي جي مثبت/ هاڪاري پهلوئن تي بحث ڪرڻ وڌيڪ ڪارائتو ٿيندو. هتي اسان کي اهو ب ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته منجهس فنون لطيفه جو شوق، اٽويهين صدي جي موسيقارن جو هڪ حصو هئو ۽ اهائي سندس وڏي خوبي هئي. منجهائن ڪيترن ئي موسيقيءَ جي اٽپوري تربيت حاصل ڪئي هئي ۽ ڪين موسيقي ڪان سواءِ ٻين هنرن (خاص طور تي ادب ۽ ٿيٽر) جو شوق هيو. جڏهن ته موسيقي جو فن هنن پنهنجي زندگي ۾ تمام دير سان سکيو هئو. مثال طور دبير، شومان ۽ لورزنگ ان معاملي ۾ پراٽن موسيقارن کان مختلف هيا.

واگنر ب درحقيقت ان معاملي ۾ جرمن موسيقيءَ جي رومانوي ماهرن جي پوئلڳي ڪئي هئي. پر "براهمن" يا "رچرڊ اسٽراس" جهڙن پوئين دور جي موسيقارن ۾ اهو رجحان ختم ٿي چڪو هئو.

واگنر رڳو ان ڪري هڪ ڪامياب فنڪار بڻيو، جو هن گهٽن رخن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان پنهنجي فنون لطيفہ جي شوق کي ضابطي ۾ رکيو. موسيقيءَ جي هيٺ مٿاهين ۽ سازن جي استعمال جي معاملي ۾ سندس کوششون اڄ ب پنهنجي اهميت رکن ٿيون. درامن جي سلسلي ۾، ب هن وڏي مهارت جو مظاهرو کيو، تنهنکري سندس درامي "گوتر دائمورنگ" جو شمار، تواريخي درامن ۾ ٿيندو آهي. هکڙو سوال واگنر جي ٻوليءَ بابت ب اٿي ٿو. جيئن ته مان جرمن ناهيان تنهن کري کوب مخصوص فيصلو نٿو کري سگهان. پوءِ ب ٿامس مين جي چوڻ مطابق ته، سندس لکڻين جي کيترن ئي حصن مان سندس زبردست ذهانت جي سڌ ٿي پوي. واگنر جي موسيقي مان شاعريءَ کي ڌار کرڻ ب ڇگو نہ ٿيندو. فني ماهر جي حيثيت سان ان جون کاميابيون، فنون لطيفہ کان بلکل ڌار آهن. فنون لطيفہ ڏانهن دلچسپي کيس هک وسيع ۽ نج تخليق تي، راضي کيو. سچ ته اهو آهي ته "انڊي نانگ کان مور نہ ڊڄي" واري چوٽي، سندس خوبين تي سو پيرا سچ ٿي ثابت ٿئي.

اهڙي ريت جيکڏهن هو موسيقي ۽ درامن جي معاملي ۾ پيش ور ماڻهن جي سطح کان ڌار نظر ٿو اچي، ته اهو ب ان جي فنون لطيفہ جي شوق جو کارنامو آهي. اها ڳالهہ جي صحيح ناهي ته پوءِ مصوري جي پوري کم بابت سندس غير معمولي نظريو کهڙي طرح نروار ٿو ٿئي؟ واگنر کهڙي طرح انهن جرمن کهاڻين مان مدد ورتي جن کي گوئٽي پڻ رد کري ڇڏيو؟ کيس ذهن ۾ رکو پنهنجي کوشش کي پيش کرڻ لاءِ، هک سُر جي خواهش ڇو پيدا ٿي؟ انهن جي بي باک خيالن کي، هن پنهنجي تخليقي ساڃاهہ ۽ عملي صلاحيتن سان امر بڻائي ڇڏيو.

پنهنجي انهيءَ ڇوٽ تي پهتل ڇاهہ جي کري ئي، واگنر جي حياتي کل جوڳي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. سندس حياتي درامو نہ پر هک انشائيہ هئي. ڇا قدرت کي سندس تخليقي صلاحيتن تي اها حيراني نہ هئي، ته ياڳ ساڻس ساٺ ڏينديءَ گهٽجي ويو؟ کيس جڏهن ب پٿسي ڏوکڙ جو مسئلو درپيش آيو ته سندس کنهن نہ کنهن گهڻ گهري، هن جي دل کولي مدد ڪئي. ايتري قدر جو پنهنجي ناٽکن جي لاءِ، هک ٿيٽر جي تعمير جي سندس خواهش نيٺ وڃي پوري ٿي. سندس درامن جي مقبوليت اڄ ب انهيءَ کري، آهي جو وٽس ڏک ۽ خوشي گڏوگڏ هلن ٿا.

فن جي موضوع تي واگنر جيکي ب مضمون ۽ ڪتابڙا لکيا آهن،انهن سيني ۾ فنون لطيفہ سان سندس دلچسپي ۽ طبعيت ۾ اُڻ تڻ جي اظهار کان سواءِ، زبردست ساڃاهہ، غلط فيصلن سان گڏوگڏ هلندي نظر اچي ٿي. سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن مضمونن جي اصل مقصد، حقيقت ۾ ته مصنف جي تخليقي سگھ تيز بٹائي ڇڏي.

واگنر جي فڪر منجهان سامي نسل جي خلاف جيڪا شدت پيدا ٿئي ٿي، ان کي بيشڪ نندي سگھجي ٿو، پر پوءِ به ايئن چئي سگھجي ٿو ته انهن تصورن جي پس منظر کان هٽي ڪري، اها سڄي صورتحال تنهن وقت جي عام جذبن جو نتيجو هئي. ايتريقدر جو ڪيس پاڻ تي به اهو شڪ هو ته ڪٽي منجهس يهودي رت ته گردش نٿي ڪري!

واگنر جي نج جرمن موسيقيءَ جي باري ۾ گھٹو ڪجھ چيو ويو آهي. مان انهيءَ نقطئ نظر کي مڪمل طور سان واکاڻي ڪونه ٿو سگھان، پر مان پنهنجي حد تائين، رڳو سندس موسيقيءَ جي انساني پهلوءَ کي اجاگر ڪري سگھان ٿو. جنهن ۾ سيني حد بندين کي اورانگھڻ جي اڻاھ صلاحيت آهي ۽ اها سڄي انسانذات جي لاءِ زبردست ڪشش رکي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



لينن ولاديمير ايليچ اوليانوف

جنم: 22 اپريل 1870ع
لاڏاڻو: 12 جنوري 1924ع

جڏهن ڪنهن شخص جو ذڪر ڪندي، ڪيس خداترس، رحمدل ۽ انسان دوست سڏيو ويندو آهي تہ ان ماڻهوءَ کي نہ ڏسندي ہ، سندس لاءِ عقيدت ۽ احترام جا جذبا پلٽا ڏئي ٻاهر ايندا آهن. جديد سوويت يونين جو نظرياتي آبو ۽ انسانيت جو عظيم محسن "ولاديميئر ايلييچ لينن" پڻ ڪجھ اهڙي طبيعت جو شخص هيو. ٻاهران سنجيده، باوقار ۽ سخت شخصيت جو تاثر رکندڙ هيءُ محبتي ماڻهو، نہ رڳو ذهن جي دنيا جو پرومييٿيوس ۽ اسپارٽڪس، پر حساس ۽ شاعراڻي دل رکندڙ، نفيس جذبن سان ڀريور مهان مُنش ہ هيو. تنهنڪري ئي لينن جي ذاتي زندگيءَ ۾ ساٿس واسطي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دار هر شخص، سندس ورتاءَ جي تعريف ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نه سگهيو آهي. چاڪاڻ جو هن جي شخصيت لچڪدار ۽ همہ پهلو هئي. هڪ طرف هو سياسي مسئلن ۾ اسٽالن جهڙي سخت ماٿهو سان ساٿ ۾ هيو، تہ ٻئي طرف گوركيءَ جهڙي، پكين جي پرڙن جهڙن نفيس جذبن جي امين سان بہ سندس الفت هئي. جرمن ڪلاسيڪي فكر جي خشكين كان آگاهي هڪ پاسي تہ، مايا ڪووسكي ۽ دوستووسكيءَ كانوٽي فلابيئر، رينان ۽ والٽيئر تائين پهچ ٻي طرف- وارين خاصيتن كيس پنهنجي دور جي عظيم ترين شخصيت بٽائي ڇڏيو.

لينن جي شخصيت سان ناانصافي ايئن ٿي، جو نہ رڳو سرمايہ دار دنيا جي بگهڙن ۽ واڳن سندس تاثر كي توڙي مروڙي پيش كيو، پر خود سوويت يونين ۾ ويٺل حكمرانن بہ، سدائين لينن كي هڪ قالبن ۾ پيل شخص ڄاڻايو. جنهن جو هر قدم زندگيءَ جي ميكانكيت واري طريقۂ كار سان واڳيل ۽ تخليقي ۽ انساني قرب پرين پهلوئن كان تقريبن وانجهيل ٿي لڳو. هنن كڏهن بہ لينن كي فقط اشتراكي سياستدان ۽ كميونسٽ انقلابي كان هيٺ لاهي، هڪ عام انسان اليانوف يا ولاديمير ايليئيچ واري روپ ۾ پيش ڪرڻ ۾ ڪو خاص اتساه نہ ڏيكاريو. جنهن جي نتيجي ۾ عام طور تي لينن بابت رحم دل حساس ۽ كلمك طبيعت ركندڙ ماٿهوءَ وارو تاثر، كو گهٽو ڦهلجي نہ سگهيو. پر اڄ جڏهن سوويت يونين ۾ انقلاب جي ڪائناتي اجساسن وارا رُخ وڌيڪ روشن ٿيا آهن، ماٿهوءَ جي روين ۾ بهترين ماٿهپي تي وڌيڪ زور ڏنو ٿو وڃي، تہ لينن هڪ نئين روپ ۾ نكري نروار ٿيو آهي، جيكو لينن جمال نقويءَ واري لينن كان گهٽو مختلف آهي. هي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو لينن آهي، جيڪو زندگيءَ جي بيهودگين خلاف جدوجهد ڪندي، انساني سياءَ جي فضيلتن جي جام مان سرفراز ٿيندي نظر اچي ٿو. جيڪو بيماريءَ توڙي چاڪائيءَ وارين حالتن ۾ زنده رهندي، روزاني زندگيءَ مان مسڪراهٽن ۽ سُڻاين جا گل، نفاستن ۽ نزاڪتن سان چونڊي ڪٺڻ جي صلاحيت رکي ٿو ۽ هڪ لائق محبت، انسان جي ڏِک ڏئي ٿو.

لينن جو جنمُ وولگانديءَ جي ڪناري قائم شهر 'سمبرسڪ' ۾ ٿيو. سندس جنم تعليم ڪاتي جي هڪ اهڙي آفيسر جي گهر ۾ ٿيو، جتي انسانن جي خدمت کي عبادت سمجهيو ويندو هئو. لينن انهيءَ اصول کي زندگيءَ جي آخري گهڑيءَ تائين اختيار ڪيو. 1887ع ۾ سندس وڏي ڀاءُ اليگزينڊر کي "زار" کي قتل ڪرڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪري ڦاسي ڏني وئي. انهيءَ واقعي لينن جي زندگي تبديل ڪري ڇڏي ۽ هو ويهين صديءَ جو سڀ کان وڏو سياسي حڪمت عمليءَ جو ماهر، نظريه دان ۽ انقلابي اڳواڻ بڻجي ويو.

لينن بابت هيءُ مختصر مضمون، روس جي هڪ سُهٽي شاعر "سيموئيل ماگرشاڪ" جو لکيل آهي، جنهن مٿي بيان ڪيل هڪ عام لينن جي مختلف پهلوئن تي روشني وڌي آهي ۽ ڪيس ڪنهن هوساتيل سياسي شخصيت بڻائڻ بدران، هڪ عام حساس انسان جي روپ ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ـ سنڌيڪار

هيءُ انهيءَ وقت جي ڳالهه آهي، جڏهن آڻون بيمار ٿي ماسڪو جي هڪ اسپتال ۾ داخل ٿيو هيس. منهنجي داخلا واري ڏينهن ڪنهن ٻڌايو، ته هن اسپتال ۾ هڪ اهڙي نرس به ڪم ڪئي، جنهن بيماريءَ جي حالت ۾ لينن جي پٽ پرگهور لڌي هئي. پر اها اسپتال ايڏي ته وڏي هئي، جو ان نرس کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳولڻ صفا سهنجو ٻ ن هيو.

خير سان ڏينهن ڏريو، رات جا ڏهه وڄي چڪا ۽ چوڏاري چُپ چاپ لڳي پئي هئي. سيئي بتيون وسامي چڪيون هيون، رڳو ڪمرن جي ٻاهران ورانڊن جي ويران رستي جي آخري ڇيڙي تي (جتي نرسن جي ويهڻ جي جڳهه هئي) سندن لئمپون ٽي ٻريون.

ان رات مون کي نند ڪونه ٿي آئي ۽ آئون انهن ورانڊن مان رلندو وڃي نرسن جي ويهڻ واري جاءِ تي پهتس. ۽ پوءِ منجهائٽن ٻي هڪڙيءَ سان حال احوال ڪرڻ لڳس. توهان کي اعتبار ايندو، ته جنهن نرس سان آئون ڳالهه ٻولهه ۾ محو ٿي ويس، سا اهائي هئي، جنهن بيمار لينڊ جي سارسنيال لڏي هئي ۽ ڇڇ راتيون سندس ٽهل ٽڪور ڪئي هئي!! پهريائين ماسکو جي ويجهو گورڪيءَ نالي ڳوٺ ۾ هڪ مهيني تائين ۽ بعد ۾ ٻن مهينن جو عرصو ڪريملن ۾ هوءَ لينن سان سندس پرگهور لهڻ لاءِ گڏ رهي.

جيتوڻيڪ انهيءَ نرس جي عمر پنجاه ورهيه ڪن هئي، پر هوءَ چڱي خاصي ننڍي ٿي لڳي، جڏهن ته سندس شخصيت مان برجستائي ۽ پنهنجو پاڻ تي مڪمل ضابطي جي جهلڪ واضح نظر ٿي آئي. ننڍيرڙي پر مضبوط قدبت واري هيءَ عورت، مٿي سان ڪپڙي جي ٻدل رومال ۾ بلڪل سياويڪ ٿي لڳي ۽ سندس مترنم آواز ۽ مخصوص اصطلاحي انداز، سندس ڪنهن خاص صوبي سان وابستگي کي ظاهر ٿي ڪيو. وولگا جي ڪناري هڪ ننڍڙي ۽ سندر ڳوٺ جي ڪنهن هاري جي گهر ۾ ڄاول، هن مائيءَ جو نالو "ماريا ميڪارونا پيترا شيوا" هيو.

ڳالهين ڪندي منهنجي پڇڻ تي هن ٻڌايو، ته 29 مئي 1922ع واري ڏينهن ڪيس موڪل هئي. هن پنهنجي گهر ۾ ڪپڙا ڌوئي سڪائڻ لاءِ تار تي ٽنگيا هيا، ته اوچتو سندس اسپتال جي ننڍي نرس اچي سندس گهر پهتي. نرس جي هٿ ۾ ڊاڪٽر، ڪوز هيونيڪوف جو خط هيو، جنهن ۾ چيل هيو ته هوءَ هڪدم انهيءَ نرس سان گڏجي، اسپتال پهچي ۽ هڪ مريض جي سارسنيال اچي لهي. ماريا وڏيڪ ٻڌايو: "آئون جلدي اسپتال ۾ ڊاڪٽر ڪوزهينڪوف جي آفيس ۾ پهتيس، جنهن سان مان چڱي خاصي هُجتي ٻ هيس. تن ڏينهن ۾ ن رڳو آئون جواڻ جماڻ هيس، پر منهنجي ڪم ڪار مان هرڪو مطمئن هوندو هيو. بهرحال ڊاڪٽر مونکي چيو ته پاڻکي هڪ اهڙي جاءِ تي هلڻو آهي، جتي ڪنهن مريض جو هڪ معمولي آپريشن ڪنداسين. جڏهن مون گهربل سيئي اوزار ڪٺا ڪيا ۽ رواني ٽيڻ جي تياري ۾ هئس، ته ڊاڪٽر "ڪوز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هينڪوف" مون کان پڇيو: "توکي خبر آهي ته اسان جو مريض ڪير آهي؟" مون وراڻيو: "نه مون کي ته ڪا سڌ ڪانهي." "ته پوءِ ٻڌي ڇڏ ته اسان جو مريض ولاديمير لينن آهي." ڊاڪٽر اهي لفظ چئي بس ڪئي هوندي ته اسان جي گاڏي زوڪاٽ ڪري اڳتي وڌي.

زندگيءَ جو هيءُ يادگار ۽ مختصر سفر ڏاڍو دلچسپ رهيو، رستي جي پاسن کان بيئل وٽن منجهه رسيل ميوي جي خوشبوءِ ۽ منظرن ڏاڍو من موهيندڙ نظارو پيش ٿي ڪيو. ڊاڪٽر هونيڪوف مون کان ان ٻهراڙيءَ واريءَ علائقي بابت پڇيو ۽ پوءِ پاڻ ئي ٻڌايو، ته انهن ڳوٺن جا نالا "زار سيانو ۽ گوئيوو" هئا. انهيءَ کان سواءِ هن ٻڌايو ته آپريشن لاءِ جنهن هنڌ پاڻ کي پهچڻو هئو، تنهن کي "گورڪيءَ" جي نالي سان سڏيندا هئا. سفر جي پڄاڻيءَ تي، اسان جي ڪار هڪ ننڍڙي ٻه ماڙ گهر جي آڏو اچي بيٺي. جتي ڏاڪٽيون چڙهي مٿين ماڙيءَ تي پهتاسين. اتي "ندهيزدا ڪانسٽينٽينووا" ۽ "ماريا الينچنيا" نالي ٻن عورتن اسان جو انتظار پئي ڪيو. مون پنهنجي ڪوٽي لاهي رکڻ کان پوءِ، ڪائٽن سگريءَ جي پيڪا ڪئي، ته جيئن پنهنجن اوزارن کي گرم پاڻيءَ ۾ ڏوئي سگهان ۽ پوءِ ٻڌايل ڪمري ڏانهن اوزار کڻي رواني ٿيس.

اڃان مون ڪمري جو در مس کوليو هئو ۽ بستري تي ستل شخص کي ٻه ڏسي نه سگهي هئس، جو "صبح جو سلام" جا اکر ڪنين پيم. بعد ۾ خبر پيسيم ته منهنجي مريض، يعني لينن ٻين کان پهرين ڪين سلام ڪرڻ واري پنهنجي عادت کي، زندگيءَ جي نيم بٽائي ڇڏيو هئو. هو نه رڳو پنهنجن ڊاڪٽرن، نرسن ۽ سپاهين پر محافظن کي ٻه پهريائين پاڻ سلام ڪندو هئو.

هونئن ته لينن جون تصويرون ڏسڻ کان پوءِ مون تي تاثر ويڻل هئو، ته سندس وار ڪارا هوندا، پر ساڻس مڪا ميلو ٿيڻ کان پوءِ محسوس ٿيو ته اصل ۾ سندس وار سونهري رنگ جا هئا. جڏهن ته سامهون اچڻ کان پوءِ سندس ڪلها ٻه ڪافي ويڪرا لڳم. منهن تي پکڙيل سادن تاثرن سان گڏ، سندس متو ٻه وڏو هئو. جڏهن ته اڌ بند ٿيل سندس ناسي اکيون هميشه تيز ۽ چيپيندڙ لڳنديون هيون. جڏهن وچ ڪمري ۾ پهتيس ته هن وهاڻي تان کنڊ کڻي مون ڏانهن ڏٺو. منهنجي پويان ستت ڊاڪٽر صاحب پهچي ويو ۽ پوءِ اسان پنهنجو ڪم شروع ڪري ڏنو. مون آپريشن دوران لينن کي وڏي همٿ ۽ دل گردي وارو ڏٺو، هن آپريشن هلندي هڪ ڀيرو ٻه ڪا معمولي ڪنجه ۽ ڪُوڪ ڪانه ڪئي ۽ نه وري سور ۾ ورتل هجڻ جو تاثر ڏنو. ڪجه وقت پنهنجو ڪم پورو ڪرڻ کان پوءِ، ڊاڪٽر "ندهيزدا ڪانسٽنٽينووا" سان گالهاين ۽ مون کان پڇيو، ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن ڪجهه ڏينهن لاءِ مون کي انهيءَ ساڻ ڳئي جاءِ تي رهڻو پوي، تہ تڪليف ٿيندي ڇا؟ مون انهيءَ جي جواب ۾ ڪين پنهنجي طرفان ڪابہ نهڪر نہ ڏيڪاري، پر ڪائنس اجازت گهريم تہ ڪنهن خاص ڪم لاءِ، مون کي پنهنجي گهر نيائو موڪلڻ ڏنو ويو.

بهرحال انهيءَ گهر ۾ ئي مون کي ٻئي هنڌ تي هڪ ڪمرو رهڻ لاءِ ڏنو ويو، پر پهرين رات مون کي منهنجي مريض کان پرتي رکيو ويو. جڏهن صبح ٿيو تہ ندهيڙدا ڪانسٽينٽينووا ۽ ماريا الينيچنا سان ڳالهائيندي، انهيءَ مسئلي تي مون پنهنجي ناپسنديدگيءَ جو اظهار ڪيو. مون ڪين ٻڌايو تہ رات واري ڊيوٽي ڪندڙ نرس لاءِ اهو قطعي مناسب ڪونهي، تہ ڪيس پنهنجي مريض کان پرتي رکيو وڃي ۽ اهڙي هلت کا چگي ڳالهہ ڪانهي. نوجوان ۽ جذباتي هجڻ ڪري، مون ڪانسٽينٽينووا ندهيڙدا ۽ ماريا الينيچنا کي جيڪو ڪجهه چيو، انهيءَ جي تہ تہ جي مٿي جهلڪ ڏني ٿمر. پر حقيقت اها ۾ آهي تہ سندن لاءِ اهو وڏو مسئلو هيو، تہ لينن جي سارسنيال لهڻ لاءِ هڪ نوجوان نرس تي اعتماد ڪري ڇڏين. ان هوندي ۾ منهنجو ڪروڌي ۽ جذباتي مؤقف نظر انداز نہ ڪيو ويو ۽ نتيجي ۾ ٻئي ڏينهن مون کي لينن جي ۾ واري ڪمري ۾ رهايو ويو، جتي مون لاءِ صوفي تائيپ کا شئي رکي وئي هئي، جنهن جي چوندڙ مون پاڻ ئي ڪئي هئي، ڇاڪاڻ تہ ان تي سمهي سگهڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هيو، تنهن ڪري ننڊ ۾ وڃڻ جا امڪان گهٽ ٿي لڳا. روم ۾ اچڻ کان پوءِ ڪمري جو دروازو ٿورو کولي ڇڏيوسين، تہ جيئن ضرورت پوڻ تي رات جو لينن مون کي سڏ ڪري تہ اهو ٻڌي سگهجي. مون کي ياد آهي تہ هو اڪثر ڪري فقط آهستگيءَ سان هڪ لفظ يعني مون کي سڏيندي "لسترا" جو اچارينڊو هيو.

لينن کي منهنجي آرام جو ڏاڍو خيال هوندو هيو، تنهن ڪري اڪثر ڪري مون کان منهنجي ڪمري جي ماحول ۽ سمهڻ جي بندوبست بابت پڇندو رهندو هيو، ڇاڪاڻ جو بيماري کي بستري تان اٿي پنهنجي سير انهيءَ ڪمري جو جائزو وٺڻ سندس لاءِ ممڪن ڪونہ هيو. بيماريءَ دوران ولاديميئر ايليئيچ کي ڏاڍي تڪليف ۽ هٿڪ رهي هئي، جڏهن ڊاڪٽر ڪيس شين جا نالا وٺڻ يا لکڻ لاءِ چوندا هيا، تہ هو ايئن ڪري ڪونہ سگهندو هيو، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن تہ سندس جنگهون ۽ ٻانهون بہ مفلوج ٿي ويندیون هيون، جنهن کي اڌرنگي جا هلڪا دورا بہ چئي سگهجي ٿو. هڪ دفعي تہ انهيءَ دؤري دوران هو غش ٿي پئي ٿي ڪري پيو ۽ پاڻ کي زخمي ڪري وڌائين. انهيءَ واقعي تي خود ڪُرڪندي لينن مذاق ۾ چوندو هيو تہ، "اڄوڪو هيٺ ڪريو ٿوروئي هيس!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون ته ٻن ڪرسين جي وچ ۾ ويهڻ ٿي گهريو...

جڏهن ڏينهن ٿيندو هيو ته لينن تازي ۽ صاف هوا کڻڻ لاءِ ٻاهر چڪر هٽائڻ تي زور پريندو هيو. سندس خيال موجب هو بلڪل ٺيڪ ٺاڪ هيو ۽ منهنجي مدد کانسواءِ ئي، ڪلاڪن جا ڪلاڪ پنهنجا ڪم پاڻ ڪري پئي سگهيو. ڏينهن جو انهن چڪرن هٽن دوران، آڻون سندس لاءِ جهنگلي گلن جون ٽاريون پٽي آڻيندي هيس. تنهن سال سوسن ۾ ڏاڍي سرهائي آئي هئي ۽ خوشبوءِ جي هُڪاءَ سان موسم من-پسند لڳي پئي هئي. . جيئن ته لينن ڏگها ڏگها ساهه کڻي، انهن کي روح اندر جذب ڪري پئي سگهيو، تنهنڪري منهنجا آندل گل کيس ڏاڍا وٺندا هئا.

هو هڪ اهڙو ڏاهو مريض هيو، جيڪو هميشه پنهنجي ڊاڪٽرن جي هدايت تي عمل ڪندو هيو. مون کي چڱي طرح ياد آهي ته هڪ ڀيري اسان فيصلو ڪيو، ته سندس ڪمري مان ڪتابن کي ڪڍيو وڃي. انهيءَ بيماريءَ ۾ جيتوڻيڪ هو پڙهي نه پئي سگهيو، پر پوءِ به سندس ڪمرو ڪتابن سان ٽُپ ٽيو پيو هيو. ولاديميئر ايليئيچ ڪتابن کي پنهنجي ڪمري مان ڪهندو ڏسي، ڏاڍو ڏُکاريو ٿيو هوندو، پر تڏهن به هن انهيءَ سلسلي ۾ پنهنجي وات مان لفظ به نه ڪڍيو، ڇاڪاڻ جو کيس پنهنجن ڊاڪٽرن ۾ ڏاڍي عزت هئي.

مون کي فقط هڪ دفعو ياد آهي، جڏهن لينن کا ڳالهه ميڙ کان سنئون سڌو انڪار ڪيو هيو، سا اها ته، جڏهن کيس پنهنجي نندڙي ڪمري مان نڪري، هڪ وڏي فرحت بخش ڪمري ۾ منتقل ٿيڻ لاءِ چيو ويو، (جنهن ۾ انهيءَ وقت ندهيزدا ڪانسٽنٽيووا رهندي هئي) ته هن انڪار ڪيو هو. انهيءَ ڳالهه تي لينن صفا اٽنر ٿي بيٺو ۽ انهيءَ نندي ڪمري ۾ ئي رهيو، جنهن مٿيضه ڪيترائي وڻ وڏي درين تائين پهچي چڪا هيا. جيڪي رات جو هوا لڳڻ سان درين کي ڇُهندي، ڏاڍا بي سُرا آواز پيدا ڪندا هيا. ۽ اُهي آزاد وڏا وڻ، اهڙي طرح اسانکي ڪلاڪن جا ڪلاڪ جاڳائي رکندا هئا.

لينن جي کاڌ خوراڪ جي باري ۾ پسند ڏاڍي سادي هئي. کيس خاص ڪري ڪڪڙ جو پٽڙو پٽ ڏاڍو وٺندو هيو، جنهن کي واپرائڻ جي پهريائين ته ڊاڪٽر فرسٽر کيس اجازت نه ڏني، پر منهنجن تمام گهڻن ايلازن ۽ گذارشن کانپوءِ، مَس وڃي هن انهيءَ پٽ کارائڻ تي رضامندي ڏيکاري.

ولاديميئرلينن کي انهيءَ ڳالهه تي ڏاڍي بيزاري ٿيندي هئي، ته سندس لاءِ هيترا سارا ٻاهريان ڊاڪٽر گهرايا ويا هئا، جو جو کيس سُڌ هئي ته انهيءَ سان سوويت عوام مان هر ماڻهوءَ تي، ضرور ٽَڪي پئسي جو بار پوندو. تنهنڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکثر ڪري هو چوندو هيو، "اڙي جرمن ڊاڪٽرؤ! مون کي ستّ آهي تہ توهان ڏاڍا مهانگا آهيو."

ٻئي موقعي تي جڏهن هڪ ٻيو جرمن اعصابي ماهر ۽ ٽئراپسٽ، ڊاڪٽر ڪليمپرر، ڊاڪٽر فرسٽر سان گڏ آيو،تہ لينن کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ چيائين، "هي نئون جرمن هتي ڪهڙي جَڪَ پيو هٽي؟ الما ن جا پنهنجا ڊاڪٽر ڪٽي آهن؟ هي بہ جرمن ڊاڪٽر ڇو گهرايا اٿئون؟ مون کي تہ هڪڙي ئي اعصابي ڊاڪٽر جي آمد سمجھ ۾ نٽي اچي تہ وري هي ٻيو... ڇا ٿوهان نٽا سمجھو تہ هن ٻئي ڊاڪٽر جي ڪا ضرورت ڪانهي؟" پر مون لينن سانّ مذاق خاطر ڪيس چٹي ڏنو: "پر پوءِ بہ ڏسو نہ توهان ڪيئن نہ ڪيس پنهنجي زبان ڏيکاري؟" "ها نہ!" لينن ڪلندي وراٹيو: "هائو تون دُرست آهين، واقعي مون ڪائٽن پنهنجي زبان تپاسائي."

لينن ڏاڍو سادو شخص هئو،ڪيس آرام ۽ ٽُٽ ٽانگر واري مصنوعيت ڪان چڙ هئي. اڳتي هلي جڏهن اسان هڪ ويڪري گهر ۾ رهڻ لڳاسين، تہ هو بار بار چوندو هيو، تہ اهو گهر ڏاڍو وڏو ۽ تمام گهٹو سينگاريل هيو، جنهن ڪري هو اڪثر ڪري شڪايت ڀريو رهندو هيو. پر شڪر آهي جو اسان کي اتي گهٹو عرصو رهڻو نہ پيو، ڇاڪاڻ جو اسان جي اتي رهڻ کان سگهو ئي پوءِ، ڊاڪٽرن کيس بستري تان اُٺڻ جي اجازت ڏني.

هڪڙي ڏينهن آئون صبح جو ساجهر ستين ڌاري نند کان سجاڳ ٿيس ۽ پنهنجو بسترو ويڑهڻ ۾ محو هيس، جو اوچتو دروازو ڪليو ۽ ڪو نفيس آواز ڪن تي پيو. پٺتي ڪنڌ ورائي ڏسان تہ در جي چائنٽ تي ولاديميئرلينن چادر ويڑهيو، ڪنهن پوت وارو روپ وٹيون بيٹو آهي. هن هميشہ وانگر پهرين مون کي سلام ڪري چيو: "صبح جو سلام." "اجوکو صبح ڇا ٹي ڀانئين ڪيڏو نہ وٹندڙ آهي!" ان کان پوءِ هن ڪلندي چيو، "مهرباني ڪري مونکي پنهنجا ڪپڑا تہ آڻي ڏيو." مون کيس اهو ٻڌائيندي تہ، اڃا ساجهر آهي، کيس نند مان سجاڳ نہ ٹيڻ نہ ڪيندو هئو، کيس واپس وڃڻ جي صلاح ڏني،تہ هن ٻڌو اڻ ٻڌو ڪندي چيو: "جيڪڏهن مون کي اها خبر هجي ها تہ منهنجا ڪپڑا ڪٹي پيا آهن، تہ آئون اڃا سوير اٿان ها."

کيس سڏائين سوير اٿڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ جي ڏاڍي اُڻ تُڻ هوندي هئي. آئون هڪدم ماريا الينيچينا ڏانهن وٹي دوڙيس ۽ کيس ٻڌايم تہ لينن نند مان اٿيو آهي ۽ کيس فورن ڪپڑا گهرجن. اهو ٻڌڻ سان ئي ماريا پڃندي مون سان واپس ڪمري ۾ آئي، جتي لينن چادر ويڑهيو بيٹوهيو. لينن کي انهيءَ حالت ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسندي ماريا رڙ ڪندي ڪيس چيو، "وولوديا تون سوير چو اٿيو آهين؟" ايٽن چوڻ سِٺ ئي، سندس لينن تي ٻيهر نظر پئي ته اچي ٿهڪن ۾ پيئي.

پوءِ هوءَ ڪنهن ٻئي پاسي هلي وئي ۽ اتان پنهنجي اڌميري پراڻي هڪ اهڙي قميص کڻي آئي، جهڙيون عام طور تي هاري پائيندا آهن. ڪيس اٿي ٻيهڻ جي ايتري ته هُرڪُر هئي، جو اسان کي هر شئي تڙتڪڙ ۾ مهيا ڪرڻي پئي، ڇاڪاڻ جو اسان کي سڌ هئي، ته هوڪيڙن کي حاصل ڪرڻ کان سواءِ، هڪ پل ٻه نه ويهندو. ماريا الينيچنا کي سندس طبيعت جي پوري خبر هئي، تنهن ڪري هن ساٿس بحث ڪرڻ فضول سمجهيو، جيستائين هو هنڌ ۾ هئو، تيستائين ته هو اسان جي ضابطي ۾ هيو، پر هاٿي هو جڏهن اُٿڻ ۽ هلڻ جهڙو ٿيو ته اسان جو مٿس ڪوبه زور هلڻ ناممڪن هئو. ايتري-قدر جو بستري تي ستل هوندي، آڻون روزانو جگ مان پاڻي هاري، پر ۾ رکيل گينڊيءَ ۾ سندس منهن ڌڪارينديءَ هئس، ايٽن ٻه هن ڪرڻ نه ڏنو. هو اٿڻ سان سڌو وڃي منهن ڌوئڻ واري گينڊيءَ مٿان ٻيٽو ۽ ٽونٽيءَ مان ٻُڪ ۾ پاڻي پرينديو، منهن تي شَپ شَپ ڪندو رهيو.

لينن اڪثر ڪري بيماريءَ جي عرصي دوران مليل گهر ۽ انهيءَ ۾ موجود سهوليتن جي وڏي واکي تعريف ڪندي چوندو هيو: "ڪيڏي ته زبردست جڳهه آهي!" ۽ پوءِ بار بار ورجائيندي وڌيڪ سارهه ۾ چوندو هئو، "هي گهر انتهائي مڪمل ۽ بهترين آهي."

ولاديميئر ايليچ کي هڪ پيري گهٽو ڪري ته يورال جي علائقي جو ٿهيل ڪو لوهي شبيهه وارو تحفو مليو، جنهن جي مٿان ڪا عبارت لکيل هئي، پر انهيءَ لکت ۾ هڪ هنڌ هجي جي غلطي هئي، جنهن کي جڏهن به لينن ڏسندو هيو، ته ڪيس بيزاري ٿيندي هئي. مون کي هڪ ٻيو واقعو به ياد اچي ٿو، جڏهن لينن ڏاڍو ڏکارو لڳو. مسئلو اهو هيو ته گورڪي واري انهيءَ گهر ۾ خوبصورت گلاسن سان سجيل هڪ ميز هوندي هئي، اوچتو هڪڙي ڏينهن سڀ گلاس پڄي پيا ۽ ماحول ڪافي بُسو ٿي پيو. انهيءَ ڳالهه لينن کي ڏاڍو نراس ڪيو ۽ هو ڏڳها ڏڳها ساهه ڪڍندو، هي وٺندڙ سڙون اچارينديو رهيو، "هو پراڻو ۽ پيارو روشن گهر ٿي تو لاءِ آهي!"

ٻئي دفعي اونهاري ۾ گهر ۾ نئون فرش هنيو ويو. فرش ۾ اوستا ڪجه آليون سرون هٽي هليا ته ويا، پر آلاڻ جي ڪري، اُهي جلد ٿي پٽبيون ۽ پڄندیون پُرنديون ويون، جن جي ڪري ۽ ٽُٽڻ ڪري، شام ڌاري ۽ رات جو به ڏاڍا خوف پريا ٽکاوَ ٿيندا رهياء ايٽن ٿي محسوس ٿيوءجڻ ته ڪي توبون پيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڻن. انهيءَ ڳالھ ولاديميئر ايلييچ کي ڏاڍو رنج ۽ غصو ڏياريو. بعد ۾ پتو پيو ته فرش هٽڻ لاءِ روسي ٽنيٽ (گلو) واپرايو ويو آهي..."

هڪ دفعي ڪنهن تکي ڏينهن جي سمي جڏهن اڃا ڪيس رڳو گھمڻ ڦرڻ جي ٽوري اجازت مليل هئيتہ هن فيصلو ڪيو ته هو پنهنجي نئين ڄاول ياٽتي "اونگا ميترسونا" کي ڏسڻ ويندو. سندس پاءُ دميتري ايلييچ،جنهن جو اهو ساڻيو گھر هيو، جتي لينن وڏي گھر ۾ رهڻ کان اڳ رهندو هيو. جيڪو ٽورڙو پريرو هيو، پر هن وٽن وڃڻ جو پڪو فيصلو ڪيو ۽ چوڻ لڳو، "مون کي منهنجو ڪوٽ جلدي ڏيو." سندس انهيءَ طلب جي جواب ۾ ڪنهن وراٽيو: "مون کي اوهان جي ڪوٽ بابت ڪابہ سُڌ ڪونهي." اهو ٻڌڻ کان پوءِ لينن سختيءَ سان وراٽيو، "ها ها، توهان کي خبر ڇو هوندي؟" آخرڪار هن کو ڪپڑو ڳولي لڌو،(جيڪا حقيقت ۾ ماريا ايليڪيچيا جي زناني ٽوپي هئي) ۽ ان کي مٿي تي رکي هلڻ لڳو. اسان کيس گھٽيون منٽون ميڙون ڪندي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي سون، پر هو ڪونہ مڙيو. اڪثر ڪري کيس پنهنجو وهاڻو ايو رکڻ جي عادت هئي، جنهن ڪري هو بستري ۾ اڌ ليٽيل رهندو هيو ۽ ذهن ۾ نوان خواب سرجيندو رهندو هيو.

ٻيو پيرو مون کيس ڪريملن ۾ ڊسمبر 1922ع ۽ جنوري 1923ع ۾ ڏٺو. هن پيري ۾ مون کي ڊاڪٽر ڪوز هينيڪوف جو نياپو پهتو، تہ آئون ڪريملن وڃي لينن جي پرگھور لهان. جڏهن آئون اتي پهتيس تہ لينن کي بستري ۾ ستل ڏٺم، جتي سندس سڄو هٿ ۽ ٻانهن اڌرنگي ۾ ورتل هئي، پر تڏهن ۾ سندس ڳالهائڻ ۾ ساڻگي ڪرائپ هئي. مون کي ڏاڍي اداسيءَ مان نهاريندي هُن چيو، "ڏس آئون ٻيهر ڪِري پيو آهيان."

بهرحال لينن جي سارسنبال لاءِ مون کي سندس ۾ وارو ڪمرو مليو، جتي گھنٽي ۾ لڳل هئي. گھنٽيءَ جو بٽڻ، لينن جي بستري تي لڳل هيو، تہ جيڪڏهن ڪيس ڪنهن شئي جي گھرج ٿئي، تہ مون کي سڏي وٺي. آئون انهيءَ گھنٽيءَ کي پنهنجي وهاڻي هيٺان يا پنهنجي بستري لڳ رکيل ميز جي خاني ۾ رکي ڇڏيندي هيس، تہ جيئن ٻيو ڪوبہ ان جو آواز نہ ٻڌي سگھي. ڇو تہ خود لينن جون ٻي اهڙيون هدايتون مليل هيون.

لينن جي ڪمري ۾ گڏيل فارمن جي موضوع تي (جيڪو ان دور ۾ سندس پسنديده عنوان هيو) ڏاڍا ڪتاب رکيل هئا. مهيني کان پوءِ ڊاڪٽرن کيس پڙهڻ ۽ سيڪريٽريءَ کي هدايتون ڏيڻ جي اجازت ڏني (جاڪاڻ تہ سندس طبيعت ڪافي سڌري چڪي هئي)،تہ مون تي اها ڊيوٽي هنئي وٺي، تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو ڏسان ته مختلف ماڻهو مقرر ڪيل ٽائيم کان وڌيڪ ته اتي ڪونه ٽا ويهن ۽ ڊاڪٽر جي هدايتن جي پيڇڪڑي ته ڪونه ٽي ٽئي. پوءِ جڏهن آئون هدايتن موجب پنهنجا فرض ادا ڪندي هيس، ته هو ڪاوڙ ۾ ڪڏهن ڪڏهن چئي ڏيندو هيو، ته ڊاڪٽر ڇا ٻ چون پر ڪڏهن ٻ ڪيس سوچڻ کان باز نٿا رکي سگهن. درحقيقت اهوئي ڪم هيو، جيڪو هو سدائين ڪندو رهندو هيو، بظاهر ته هو بستري تي سمهيل نظر ايندو، پر حقيقت ۾ سندس دماغ ڏور ڪنهن هنڌ معاملا سلجهائڻ ۾ لڳو پيو هوندو هئو.

ڪو وقت اهڙو ٻ آيو جو هو رات جو سمهي نه سگهندو هيو. ڊاڪٽر ڪيس آرام ڪرائڻ لاءِ جتن ڪندا هيا. ڪيس تسليون ڏيندي، پروفيسر ڪرامر چوندو هيو: "ولاديمير ايلييچ سائين، خوش رهو. اسان تي اعتماد ڪيو، جيئن آنن مان ٻچا ڦٽي نڪرڻ ۾ ڪجھ عرصو لڳي ويندو آهي، تيئن ٽورڙي وقت ۾ ئي اسان توهان کي بيماريءَ مان ڇاڪائي ۾ آڻينداسين ۽ توهان ٺيڪ ٿي ويندؤ!"

پر لينن کي اهي تسليون ڪونه وٺنديون هيون، هو هميشہ سوچيندو رهندو هيو. هو ڏور خلائن جي ويرانين ۾ نهاريندي لڳندو هيو، ته جڏ ته ڪو حساب حل پيو ڪندو هجي. سندس انهيءَ عادت کري، هو ڪنهن جي.ٿو ٻڌي!! اها سندس عادت هئي ته جيڪڏهن هڪ پيرو هن ڪجھ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، ته جيستائين ان کي پورو نہ ڪندو تيستائين بس نہ ڪندو.

هُو جڏهن ٻ ڪا ضرورت محسوس ڪندو هُئو، ته مون کي سڏرائي وٺندو هُئو. اهڙيطرح سان ٻہ مهينا پيهر ٻ آئون سندس پرگهور لهندي رهيس، پر ساٺس اهو عرصو ٻ اک چنپ ۾ گُذري ويو.

ٻئي مهيني جي آخر ڌاري سندس طبيعت ڪافي سڌري وئي. انهيءَ دوران آئون ڏاڍو ٽڪجي پئي هيس، تنهن ڪري رات جي ڊيوٽي کان پوءِ واپس موٽي ويندي هيس. ماريا الينيچنا انهيءَ ڳالھ کي محسوس ڪندي "پهرين ماسڪو اسپتال" ۾ وئي ۽ هڪ اهڙي نرس کي وٺي آئي، جنهن آڳ لينن جي تيمارداري ڪئي هئي، جنهن ٽي اڇي مون کان ڊيوٽي ورتي، تنهن کان پوءِ آئون واپس پنهنجي گهر پهتس. مون پنهنجي زندگي ۾ ڪيترائي نازڪ مريض ڏٺا آهن، پر ڪنهن کي ٻ لينن جيڏو حساس، بردبار ۽ دلير نہ ڏٺو. هو پنهنجي نرسن جو هميشہ ٽورائتو لڳندو هيو ۽ سندس آرام لاءِ جيڪا ٻ ڇڪي ڳالھ ڪبي هئي، تنهن جي ساراہ ڪندو هيو. هو نرسنگ واري ڪم جي ڪنهن زبردست جسماني مشقت واري ڪم سان پيٽ ڪندي، اڪثر چوندو هيو: "جسماني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پورهيو ڪندڙ پورهيت کي، زبردست بار کي هِتان کان هُتي پهچائڻو هوندو آهي نہ! پر توهان کي ته مون کي هوڏانهن هوڏانهن منتقل ڪرڻو ٿو پوي، خيال رکڻو ٿو پوي. ڇا اهو بہ ايڏو ئي ڏکيو ڪم ڪونهي."

انهيءَ کان پوءِ ماريا مئڪارووِنا چپ ٿي وئي. ٻاهر سُهائي جي مهل هئي ۽ آهستي آهستي صبح ٿي رهيو هيو. وارڊ کان ٻاهر لڳل نندڙيون بتيون هڪٻئي پٽيان ٻرندیون ويون، جو جو مريض نند مان جاڳندا ٿي ويا، ۽ کين نرسن جي مدد جي ضرورت هئي.

(اپريل 1928ع ۾ لکيو ويو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



فرانز کافکا

جنم: 3 جولاءِ 1883ع
لاڏاٽو: 3 جون 1924ع

فرانز کافکا اڄ کان تقريبن هڪ سؤ چوراسي سال پهرين 3 جولاءِ 1883ع ڏاري چيڪوسلاويڪيه جي شهر پراگ ۾ جائو ۽ جون 1924ع تي سلهه وگهيءَ سندس لاڏاٽو ٿيو. سندس جنم ۽ موت تائين جيڪي به تصويرون ۽ پورٽريٽ موجود آهن، انهن مان هن جو تاثر هڪ ننڍي نيٽي ۽ سدا بهار شخص وارو ملي ٿو. جيئن ڪجهه اديب سدائين جوان رهندا آهن، تيئن کو ادب ۽ تحريرون به اهڙيون هونديون آهن، جيڪي پنهنجي جنم کان وٺي، وقت گذرڻ سان هميشه سونهن ۾ريون ٿينديون ويندیون آهن. اهڙي طرح هڪ صدي يا ڪجهه وقت کان پوءِ، اسين اڄ به مسلسل سندن شخصيت جو پيچو ڪندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهندا آهيون.

"بنديخانو"، "آزمائش" ۽ "محل" کافڪا جون اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جن جي متعلق اسان کي پوري جاڻ آهي. هي اهڙيون تخليقون آهن، جيڪي مستقبل جي آگاهي ڏيندیون رهن ٿيون. کافڪا جون گهڻيون تخليقون سندس موت کان پوءِ ڇپيون. پر جڏهن اهي لافاني شاهڪار خلق جي اکين اڳيان آ بيا تہ علم دوستن هتان گهٽ ۾ گهٽ پوئين اڌ صدي ۾، لاتعداد دفعا کيس "ڪجھ جو علم رکندڙ" ۽ "الله واري" جهڙا خطاب ڏنا ويا.

پر حقيقت اها آهي تہ کافڪا جو قد نلهن خطابن ۽ تعريفن کان گهڻو مٿي آهي. سندس تحريرن ۾ انساني ڪرب، زندگي جي ذلتن ۽ اندر جي اپٽار کي، ايڏي تہ گهري ۽ شديد انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي، جو بعضي تہ ايئن ٿو لڳي، تہ جڻ تہ هو اسان جي رازن جي چوري ڪندي اهي شيون لکت ۾ اسان جي اکين آڏو آڻي ٿو رکي، جيڪي خبر ناهي تہ لاشعور ۽ تحت الشعور جي پاتال ۾ ڇهڻيل ۽ لڪل هيون. جن تي شعور ۽ آگهي جي روشني پوندي ئي انڌيرو هٽجيو وڃي. ۽ دل بار بار انهن خيالن کي پڙهڻ تي زور وجهي.

سندس شخصيت جي مٿان لکيل هيءُ تاثر فرانس جي مشهور اديب موريس نادو جو آهي، جيڪو جگ مشهور رسالي La Quinzaine litteraire جو 1966ع کان وٺي ناشر ۽ چيف ايڊيٽر رهيو ۽ Letters Nowells جهڙي ادبي مخزن جو 1923ع کان روح روان رهيو.

سنڌيڪار

جيڪڏهن هو پراڳ جو رهواسي نہ هجي ها، تہ ڪجھ بہ نہ بڻجي سگهي ها. پراڳ ئي اهڙو شهر هيو، جتي هن جو جنم، موت ۽ قبر موجود آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ ڳالهه جو مڙئي خير آهي، تہ هو يهودي يا جرمن هيو، (حالانڪ سندس لکتون جرمن ادب جو اٽڪ يا ڳو آهن) اصل ۾ اهم ڳالهه آهي تہ هو پراگ جي پيدائش هيو. جيڪڏهن ڳالهه انصاف جي ڪجي تہ هو نہ چيڪ هيو ۽ نہ ئي يهودي يا جرمن- پر جي مسئلو "هجڻ" جو ئي آهي، تہ پوءِ هو انهن ٻنهي ورٽن جو امين هيو. هو جرمنيءَ جي حڪومت هيٺ پراگ شهر ۾ رهندڙ اهڙي يهودي ٽورائيءَ جو ڀاتي هيو، جيڪا انهيءَ شهر ۾ رهندي، پنهنجن ٻارن کي تعليم پرائمري لاءِ جمنازيم (جرمن اسڪول) ۾ موڪليندي هئي.

هڪڙي نگاهه سندس هم عصر عالمن تي تہ وجهو! 'جاروسلاف هازيڪ' جيڪو ڪٽر چيڪ ٿي رهيو، 'فرانز ورفيل' جنهن جي آسٽريائي هجڻ تي ڪنهن کي به شڪ ڪونهي ۽ 'ميڪس براڊ' جيڪو هڪ سرگرم يهودي ٿي گذريو آهي، تن جي زندگيءَ تي نظر وجهڻ کان پوءِ محسوس ايئن ٿو ٿئي، تہ هو هڙئي پنهنجي سچاڻپ ڪنهن نہ ڪنهن برادريءَ سان ڪرائڻ تي ڳنڍ ڏيو ٻيٺا هئا. جيتوڻيڪ آخري ڏينهن ۾ پنهنجي اندر ۾ موجود يهوديت کي اٿوروو محسوس ڪندي، ڪافڪا عبراني زبان سکڻ ۾ جنبي ويو، پر تڏهن به انهيءَ ۾ تر جيترو به شڪ ڪونهي، تہ هو بذات خود هڪ مڪمل برداريءَ کان گهٽ نہ هيو. سندس جرمن زبان جو لهجو ڪڏهن پوئتي پيل ٻهراڙين جي ماڻهن وانگر هوندو هيو، تہ ڪڏهن زبردست عبور ۽ گهرائيءَ سان جرمنيءَ ۾ ڳالهائيندي، هو جڻ تہ گوئٽي جو ويجهو يار لڳندو هيو.

انهيءَ سُڌ هوندي به جو ڪافڪا ۽ ويانا يا برلن وارن جي "اظهاريت پسندي" ۾ ڪابه مشابهت ڪونہ هئي، تہ پوءِ سوال پيدا ٿئي ٿو تہ اُهي ڪهڙا ادبي اثر هيا، جنهن سندس وجود جي بيهڪ مضبوط ڪرڻ ۾ مدد ڏني؟ انهيءَ جو جواب ۽ اثر به شخص، يعني هڪ فرانس جو فلابيئر ۽ ٻيو انگلينڊ جو چارلس ڊڪنس آهن، جن جي هن جي شخصيت تي گهري ڇاپ آهي.

ميڪس براڊ جيڪو سندس هڪ وفادار دوست هيو (جنهن جي وفاداري غداريءَ تي وڃي پوري ٿي جنهن مان ڪافڪا کي موت کان پوءِ مشهوري ملي) تنهن سان ملڻ کان پوءِ، ڪافڪا کيس هڪ ناول لکڻ ۾ مدد ڪرڻ جي خواهش ڏيکاري، پر اها آڇ سود مند ثابت ڪونہ ٿي سگهي. پر تڏهن به هن دل نہ هاريندي، پنهنجي سر به ڪتاب "هڪ جدوجهد جو قصو" (1905) ۽ "هڪ ڳوٺاڻي وهڻ جي تياري." (1907) لکي ورتا. انهيءَ وچ ۾ هن "قانون" جي علم ۾ ڊاڪٽريٽ جي سند به حاصل ڪري ورتي، تنهن ڪري کيس هڪ ويمو ڪنڊڙ ڪمپنيءَ ۾ اهم ۽ ذميواريءَ پري نوڪري به ملي. ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي باوجود سندس تصنيفن ۾ ڪا ڪسر پنٽي ڪونہ ٻچي ۽ اڄ ب اهي ڪافڪا جي منفرد انداز جي جهلڪ طور ڄاتيون وڃن ٿيون.

بهرحال هن جڏهن ب لکيو ت ٻن ڳالهين جو گهٽو ڏيان رکيو، جن منجهان پهرين وقت جي موجودگي ۽ پي آسپاس جي ماحول جي بهتري- شايد انهيءَ ڪري سندس مرتبي کان پوءِ هن جي اڪثر ٽيڪاٽپٽي ڪندڙن، سندس زندگيءَ جي ڪيل ڪي آتما وديائي (Metaphysical) قرار ڏنو، پر پوءِ ب سندس سچاڻپ غير طبعي ڪونہ هئي. هڪ اهڙي شخص جي زندگي جو وهنوار، جنهن جي اندر ۾ هڪ اهڙي ڪائنات لڪل آهي (جنهن کي هو سرِ عام ٻڌائي نٿو سگهي)، سو ن رڳو پنهنجي اباڻڪي گهر جي سارسنيال جو بار سر تي کنيو پيو گهمي، پر ڪيس ويمي جي ڪاروبار سان ب منهن ڏيڻو آهي. جڏهن ت پنهنجي شوق کي فقط تڏهن ٿو پورو ڪري سگهي، جڏهن سڄو لوڪ ننڊ ۾ اگهور ۾ ستل هوندو هيو. ۽ وڏي ڳالھ ت ان ٽورڙيءِ وقت ۾ ب هو ننڍيون ننڍيون ڳالهيون جن جون ڪڙيون گهڙيءَ گهڙيءَ ٽٽي ٽيون پون ۽ اک چنبي ۾ جڪڙ جي سگهندڙ ڪا چرپر ۽ انتهائي اهم پر تيزيءَ سان بدلجندڙ صورتحال کي، هو نهايت ئي ڏاهپ سان سوجهي وئي ٿو. اهي شيون اسان کي ڪافڪا جي ڊائري ۾ درج ٿيل مختلف ترڪيبن ۾ ملن ٿيون، جن ۾ وقت جي گهٽتائيءَ تي بيزاري ب ظاهر ڪيل آهي، ت انهيءَ ڳالھ جي ڄاڻ ب شامل آهي، ت جيڪو ڪم ڪيس سونپيو ويو آهي سو هو مڪمل نٿو ڪري سگهي. انهيءَ کان سواءِ ساٹس گڏ هلندڙ خوفناڪ مٽي جو سور ۽ شديد يڪسانيت پڻ موجود آهي. سندس پهريون ڪتاب "مراقبو" ب تڏهن ويجي (1912) ڇپجي سگهيو، جڏهن ميڪس براڊ ساٹس موڪلن گذارڻ کان پوءِ مٽس ڇپائڻ لاءِ زور بار وڌو.

1912ع جو سال ڪافڪا لاءِ ڏاڍو اهم هيو. جنوري ۾ هن "گم ٿيل شخص" جي سري سان پنهنجي ڪتاب جا پهريان باب لکي ورتا، جنهن کي پوءِ "آمريڪا" جو نالو ڏنو ويو. آگسٽ ۾ ميڪس براڊ سان رهندي مستقبل ۾ ٽينڊڙ مگينديءَ، فيلس بوئر سان سندس ڏيٹ ويٹ ٿي. 22 ۽ 23 سيپٽمبر جي وچ واري رات ۾ هڪساهيءَ ۾ هن پنهنجو ڪتاب "فيصلو" لکي پورو ڪيو ۽ نومبر ۽ ڊسمبر ڏاري، هن هڪ ٻيو شاهڪار "دل جي دنيا" لکي ورتو. "گم ٿيل شخص" واري ڪتاب ۾ هن اها حقيقت ميڙي، ت غير ارادي طور تي انهيءَ ڪتاب ۾ ڊڪنز جي خيالن جو ورجاءُ نظر ايندو. هن جو ڪتاب "مگيندي" درحقيقت اُنهن 500 خطن جو مجموعو آهي جيڪي هن انهيءَ عورت ڏانهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکيا، جنهن سان سندس وهڻڻ ڪرڻ جو خيال هيو، پر آخرڪار هو پاڻ کي شاديءَ لاءِ آماده نه ڪري سگهيو، نيٺ رُساءَ پرچاءَ ۾ ها، نه ڪرڻ کان پوءِ، 1917ع ۾ سندس مڱڻو همیشه جي لاءِ ٽٽي ويو. هن ڪتاب ۾ هڪ اڇرج پري نفسياتي صورتحال نظر اڇي ٿي، جنهن ۾ هو انجام ڪندي ۽ ٽوڙيندي هڪ عجيب ڪيفيت جو شڪار ٿيل لڳي ٿو.

رات وچ ۾ ڪتاب "فيصلو" لکڻ کان پوءِ خوشيءَ مان ٽڙندي هن لکيو آهي: "خوفناڪ دباءَ ۽ لطف ۾ رهندي منهنجي آڏو ڪهاڻي ايئن اُڀجندي وئي، جڏ ته آئون پاڻيءَ جي مٿان هلندو پيو وڃان. هر ڳالهه کي ڪيئن بيان ٿو ڪري سگهجي، ڪيئن ته هر شئي ۽ هر عجيب تصور لاءِ هڪ عظمت پري آڇ منتظر هجي ٿي، جنهن ۾ اهي ٻڌندا فنا ٿيندا پيا وڃن ۽ وري ايري زنده پيا ٿين.... اهوئي اڪيلو طريقو آهي جنهن سان ڪا تحرير جنم وٺي ٿي. اهڙي سپردگي ۽ تن ۽ من جي ڪشادگيءَ کي ساڻ ڪري، نوجوان فلابيئر جي آواز کي ٻڌي ٿو سگهجي، جو ته هن پنهنجي خطن ۾ به اهڙائي لفظ استعمال ڪيا آهن."

حقيقت ته اها آهي ته لکڻ وارو عمل خدائي ۽ شيطاني ٻنهي طريقن سان ٿي سگهي ٿو. ڪافڪا اندر جي پاتال ۾ وڃي گنهگاريءَ وارين سرگرمين ۾ سلهاڙيل راڪاسن کي، اڪين آڏو آڻڻ جي وڪالت ٿو ڪري. فن جي باري ۾ پنهنجي هڪ تحرير "هڪ شاديءَ جي نسبت" ۾ هن لکيو آهي ته فن بابت هر فنڪار جو رايو وٽس مختلف هوندو آهي. فلابيئر وانگي هو انهيءَ ڳالهه کان باخبر هيو، ته "فن زندگي نه پر ڪا اهڙي جڳهه آهي جتي اونداهي پولار ۾ سواءِ ڪنهن اڳواڻ جاڻ جي، روشنيءَ جي ڪرڻن کي قابو ڪري سگهجي ٿو." انهن ترورن مان انهيءَ "سچائي" جو انڪشاف ممڪن ٿي پوندو آهي، جنهن جي چوڌاري ان يوَ ڪان ته متان سچائي پاڻ کي ساڙي نه وڃهي، حفاظت ڪندي فن پنهنجيا پر پکيڙي اڏامندو وتندو آهي. جو ته جيڪڏهن سچائي پاڻ کي اڪارتو پسمر ڪري وجهندي، ته بنا ڪنهن ڪارج جي ختم ٿي ويندي، جڏهن ته گهرج انهيءَ شيءِ جي آهي ته سچائيءَ جي اندر لڪل قوتن کي سجاگ ڪيو وڃي ۽ ڪيس انهيءَ خول مان ڪڍي ٻاهر ڪجي، جنهن اندر هن پنهنجي جوهر کي ويڙهي لڪائي رکيو آهي."

ڪافڪا جي سؤ سال جنم ڏڻ تي ملهايل جشن جي موقعي تي جن ويچارن جو اظهار ڪيو ويو، تن مان ته ايئن ٿو لڳي ته ڇڙو هڪ اديب جي روپ ۾، ڪافڪا جي حيثيت سندس لکيل ڪهاڻي "آزمائش" جي هڪ

www.sindhsalamat.com - books.sindhsalamat.com

مصنف جيتري مس ٽي وڃي بيهي. ڪهڙي خبر ته هي پهلو سندس شخصيت متعلق اڳين تصورن جي پيٽ ۾ وڌيڪ صحيح هجي. "مئڪس برادِ جي تصور وارو ڪافڪا، جيڪو فقط رهبانيت تائين محدود آهي، هڪ صوفي لا ڪوفي ڪافڪا، جيڪو ڪنهن وقت شادي لاءِ هڪ اٽٽيو اميدوار هيو، آندري برٽن وارو ڪافڪا جيڪو "پيانڪ مزاح" تي عمل ڪندي نظر اچي ٿو ۽ ڪامو جو ڪافڪا، جيڪو هر وقت "بيهودگيءَ" جو پر چارڪ آهي. انهن کان سواءِ سندس شخصيت جا ٻيا رخ ب آهن. جن مان هڪ اهڙو ب آهي جنهن بابت 1945ع ۾ هڪ اخبار، ڪافي سنجيدگيءَ وچان اهو سوال رکيو هيو ته: ڪيس ناس ڇو نه ڪيو وڃي، ڇو ته هو زندگي بخشيندڙ ۽ ٻين ڪيترن ڪارج پرين شين کان نوجوانن جي ذهان کي هٽائڻ جي ڪوشش پيو ڪري. اخبارن جي "انهيءَ عالمانه راءِ" جي درستگي جو مثال، سندس هڪ مشهور جملي مان ب ملي ٿو، جيڪو هن پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو هيو: "هر اها شيءِ جيڪا ادب نٿي سڏجي مون کي بيزار ٿي ڪري وجهي ۽ مان ان کان نفرت ٿو ڪريان." سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته آخر هو ڪهڙي قسم جو اديب هيو؟ انهيءَ جو جواب فرانس جا نقاد موريس بلانڪو ۽ ژان استارو نيسڪي ڏيندي چون ٿا، ته تفاوت انهيءَ حقيقت منجهه تاڪيل آهي، ته پنهنجي ناولن جو موضوع ڪافڪا پنهنجي سِر آهي. سندس خلقيل ڪردار ايتري حد تائين ڪافڪا جي شخصيت جا مٿيل روپ آهن، جو انهن جي نالن جا پهريان ڪر ئي سندس سچائپ لاءِ ڪافي آهن.

ڪافڪا نه فقط پنهنجي چوڌاري موجود سچائين کي چٽو ڏسي ٿو، پر پنهنجي اندر ۾ ب سندس نگاهه گهري ۽ واضح آهي. ايتريقدر جو روزاني زندگيءَ ۾ نيون جنم وٺندڙ سچايون ب کانئس ڳجهيون ڪونهن. ۽ دراصل اهي وضاحتون ئي اسان کي خوفزده ٿيون ڪن، چاڪاڻ جو پنهنجي اکين جي ذريعي جنهن دنيا کي نئين رخ سان سيکاريو ۽ پڙهايو آهي، سا اصل ۾ ڪافڪا جي پنهنجي منفرد دنيا ئي آهي.

جيئن سندس تحريرن جي باري ۾ هرڪو پنهنجي منهن راءِ ڏئي ٿو، اڄ سؤ سالن کان مٿي عرصو گذرڻ کان پوءِ، ڪافڪا جي شخصيت بابت ب صورتحال ساڳي آهي. سندس هڪ روپ، جنهن ۾ هو سلهه جڙ هڪ سينيٽوريم ۾ پنهنجي خطائن جي ڪري بيماريءَ کان تباهه ٿي چڪو آهي. جيڪو حياتيءَ جي راهن تي هلندي ڪنهن ڪاميابيءَ جي جهلڪ پسڻ بدران ۽ زنده رهڻ واري خواهش ۾ ڪامياب ٿيڻ بجاءِ، سلهه وگهيءَ موت ڏانهن سري هيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن ته بيماري بچڑائيءَ جي علامت ٻڌجي مٽس ٽهڪ ڏئي رهي آهي، جنهن کي هن پنهنجي قلم سان ختم ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. پر وري ٻئي هنڌ ٻيون "خبرون" ٻڌڻ ۾ آهن. جن موجب هو هڪ سگهارو نوجوان آهي، جنهن پنهنجي ناول "آزمائش" جو پهريون باب پڙهندي، دوستن کي کلائي کلائي اڌ مئو ڪري ڇڏيو هيو. ڪافڪا جي لکڻين ۾ مايوسيءَ جي بنيادي عنصر طور تي موجود هجڻ جو اقرار ڪندي، سندس هڪ دوست چيو آهي: "ڪافڪا وٽ پنهنجي بچاءَ لاءِ ڪجھ هٿيار موجود هيا ۽ اهي آهن چرچو ۽ يوگ". هو "اميديت جي آخري فتح" جي دعويٰ ڪندي، ڪڏهن ٻ ڪا هنڌ يا هڪ محسوس نه ڪندو هيو. منجهس زبردست ادبي مسيحائي سگھ موجود هئي. مذهبي تشريحن کي پري هٽائيندي ڪافڪا پنهنجي دوستن کي، ڪنهن اهڙي شڪتيءَ جو تاثر ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيو، جنهن موجب ڪيس رحم جي ڪا به ضرورت ڪانهي. بلڪ هن کي ته ڪنهن اهڙي وٽ جي گهرج آهي، جيڪا اسين انهن ماڻهن جي لاءِ هٽ ڪريون ٿا، جيڪي پنهنجي ۽ ٻين جي بچڑائيءَ جو جائزو وٺي سگھڻ جي جرئت رکن ٿا. نه رڳو ايترو پر ان کي شڪست فاش ڏيڻ لاءِ ٻرپور جدوجهد ٻ ڪن ٿا.

ڪافڪا جي 1910ع ۾ لکيل ڊائريءَ جي هڪ ورق ۾ لکيل آهي ته: آڻون پنهنجي جسم ۽ ان سان لاڳاپيل آئيندي مان مايوس ٿي انتهائي فيصلہ ڪن انداز ۾ لکان ٿيو: "جڏهن مايوسي پنهنجو پاڻ کي ايڏي پڪ ۽ يقين سان پيش ڪري ٿي۽ پاڻ سان واڳيل هر شئي سان انهيءَ جي حيثيت ايتري ته جڙيل آهي، جيئن ڪنهن سپاهيءَ سان۔ جيڪو پوئتي هٽڻ کان پوءِ پنهنجو پاڻ کي ذرا ذرا ڪري ٽو وجهي. ته پوءِ اها حقيقي مايوسي هڪدم ۽ هميشہ لاءِ پنهنجي منزل حاصل ڪري وٺي ٿي." (هتي اها ڳالھ ثابت ٿي وئي ته فقط پهريون جملو ٿي درست هيو).

هُن هڪ ٻ ٽ لکيو هيو: "ادب جي ذريعي ملندڙ راحت ڏاڍي عجيب ۽ پراسرار هوندي آهي." ڇا ان جو سبب اهو آهي ته "چڑو ادب" ئي اُها وٽ آهي، جيڪا پنهنجي پاڻ کان کا مدد نٿي گهري، جيڪا هڪ هنڌ بس ڪري بيهي نٿي رهي. ڇا ادب هڪ راند سان گڏوگڏ نااميديءَ جو ٻيو نالو آهي؟ اتي ڪافڪا جي هڪ ٻئي دوست جا خيال ٻ پيش ڪنداسين. جنهن جي بقول: اها مايوسي پيدا ڪندڙ راند ڪافڪا جي موت جو اڪيلو ۽ بنيادي سبب هئي.

بهرحال عجيب ڳالھ آهي جو لکڻين جو ذريعي پنهنجو پاڻ کي تباھ ڪرڻ جي ڪنهن شخص جي ڪوشش، اڳتي هلي اسان لاءِ هڪ سگهاري تعمير جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روپ اختيار ڪري وئي ٿي، ۽ پنهنجي اٽپوريل هجڻ جي باوجود ڪيڏي نہ مضبوط آهي! پر پوءِ ٻ اهي مونجهارا آخر تائين جاري رهيا، ايستائين جو ٻنڻ مهينن جي اندر ئي بيماريءَ هڪ اهڙي جسم کي چٽي ڦٽو ڪيو، جنهن اڳتي هلي ڏسڻ جي سگهہ ٻ وڃائي چڏي. انهيءَ هوندي ٻ ڪافڪا جڏهن پنهنجي نوجوان سنگتياڻيءَ 'دورادائمان' جي هٿن ۾ آخري پساه ڪنيا، تہ هو انتهائي پرسڪون هيو. مرڻ کان ڪافي ڏينهن اڳ، هن مئڪس برادِ کي پنهنجي مسودن کي ساڙڻ جي هدايت ڪئي. برادِ ايئن ڪرڻ وارو ئي هيو، پر 3 جون 1924ع تي جڏهن ڪافڪا دنيا ۾ باقي نہ رهيو هيو، تہ هن ڪافڪا جي لکڻين کي پوئتي بچائي رکڻ جو فيصلو ڪيو. جو تہ ڪينس اهو احساس ٿيڻ لڳو هيو، تہ فرانز ڪافڪا هڪ نئين دنگ ۾ اُپري رهيو آهي. ۽ اهوئي اهڙو فيصلو هيو، جو هو بعد ۾ پڙهندڙن جي بيشمار نسلن لاءِ دنيا ۾ موٽي آيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ولاديمير مياڪووسڪي

جنم: 19 جولاءِ 1893ع
لاڏاڻو: 14 اپريل 1930ع

اسپيوتنڪ جي ايڊيٽر پاران:

ولاديمير مياڪووسڪي (1893ع- 1930ع) ويهين صديءَ جو پهريون شاعر هئو، جنهن پنهنجي لازوال ذات کي سوشلسٽ انقلاب لاءِ اربي ڇڏيو. هن پنهنجي فهميدي، پرجوش ۽ اثرائتي شاعريءَ کي، گهڻين تائين آڻي، ڪيس انساني سگهه جو اُتم اظهار بڻايو. هو هميشه پاڻ کي 'سرواڻ عوام کي اُپارينڊر ۽ واڪا ڪنڊر' سڏيندو هئو ۽ انهيءَ تصوّر هيٺ هو ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪندو رهيو. جيتوڻيڪ مياڪووسڪيءَ بابت اهو تصور بالڪل دُرست آهي، پر پوءِ به ان منجهه سندس شخصيت جو مڪمل تاثر ملڻ مشڪل آهي. مياڪووسڪي هڪ اوڪو، متضاد ۽ رسمن رواجن کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿانهون ڪردار هئو. پنهنجي جواني‌۽ جي ڏهاڙن ۾ هو ريڪايت (Cubism) ۽ آئيندي پرستيءَ جي اثر هيٺ رهيو، جن جي پُٺيان ويهين صديءَ جي جديديت واري جمالياتي ذوق سان پريل فئشني نعري: 'پراڻي فن جا ڪنڊاڪٽو ۽ اُن کي اسان جي آڪٻوٽ مان اڇلائي ڦٽو ڪريو' جي طاقت سمايل هئي. پر جلد ئي هن پنهنجي انهيءَ چُڪ کي محسوس ڪري ورتو ۽ باقي سڄي حياتي عشقيه شاعر رهيو. پوءِ اڳتي هلي، جڏهن ڪن سببن جي ڪري، هن جاڻي واڻي پنهنجي عاشقاڻي شاعريءَ کي پاسيرو رکي، سياسي شاعريءَ کي اهميت ڏني، تہ نتيجي ۾ پچاڑيءَ ۾، هو هڪ اهڙو شاعر وڃي بچيو، جيڪو چاهڻ جي باوجود پنهنجي اندر جي اُڪمن کي بيان ڪرڻ کان وانجهيل رهيو.

سندس ذاتي زندگي، هنُ جي تخليقن جي پيٽ ۾ ڪا گهٽ ڏُکي ڪانهي. "للیا" ۽ "اوسپ برڪ" سان سندس واسطيدارين، ڳلا سان پريور افواهن کي جنم ڏنو، جيڪي اڄ تائين جاري آهن. ايئن ئي هن شاعر جي 'اڪيلي محبت'، يعني للیا برڪ واري قصي ۾ محسوس ٿيندو. بهرحال، سندس زندگيءَ ۾ ٻيون عورتون بہ شامل آهن، جن مان هڪڙي اداڪارا 'ويرونيڪا پولونسڪايا' (جنم- 1908ع) آهي. جيڪا سندس آخري ندوري سال ۾، هن جي سيني کان ويجهي سنگتياڻي رهي.

1938ع ۾ لکيل ويرونيڪا جون يادگيريون آهن، جيڪي مايڪووسڪي ميوزم جي دستاويزن ۾ هٿيڪيون ڪيل آهن، اهي ويجهڙائي ۾ ظاهر ٿيون ۽ نقادن ۽ ليکڪن جي هڪ ننڍڙي رسالي 'ووپروسي جرنل' ۾ ڇپيون آهن.

- ايڊيٽر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي حياتيءَ جو انتهائي ڏکين ۽ خوشين ڀريو سال

13- مئي 1929ع تي ريس ڪورس گرائونڊ ماسڪو ۾ منهنجي ملاقات ماياڪووسڪيءَ سان ٿي. اسان جي ڏيٺ ويٺ 'اوسڪ برڪ'(1) جي معرفت ٿي هئي. جنهن سان منهنجي واقفيت اُن وقت ٿي، جڏهن للبا برڪ جي هدايتن هيٺ ٿهندڙ هڪ فلم ۾ مون ڪوڪردار ادا ٿي ڪيو. جڏهن ماياڪووسڪي اسان کان موڪلائي هليو ويو تہ اوسڪ برڪ چيو: "ولوديا جي حيرت پريي وجود کي تہ ڏسو، آهي پاري ماڻهو پر ٽنگون ڏاڍيون ننڍيون اٿس."

بلڪل پهرين نظر ۾، ماياڪووسڪي پنهنجي اڇي ڪوٽ ۽ هيٺ سُرڪيل ٽوپي ڪنبو، لٽ کي هٽ ۾ ڦيرائيندي، ڏاڍو ڪل جوڳو لڳو. مون ڏانهس ٻيهر ڏيان، سندس بي مثال بلند آواز ۽ ڳالهائڻ جي ادا کي ڏسڻ کان پوءِ ڏنو. سندس متعلق انهيءَ تصور اُپرڻ کان پوءِ، مون کي ساٿس ورتاءُ اختيار ڪرڻ ۾ ڏاڍي دقت ٿي ۽ سوچڻ لڳيس تہ هن ماڻهو سان ڪيئن پيش اچجي. جنهن پوءِ "ڪاتائيف"، "اوليشا"- "پلنياڪ" (جگ مشهور سوويت لکاري- ايڊيٽر) ۽ ماسڪو آرٽ ٿيٽر جو اداڪار "يانشن"، جيڪو اُن وقت منهنجو مڙس ٻ هئو، سي سڀ مون ڏانهن آيا ۽ اسان سڀني گڏجي اُها شام ڪاتائيف جي گهر گهارڻ جو فيصلو ڪيو.

خبر ناهي تہ ڇو اُتي اسانِ ٻنهي هڪٻئي لاءِ يڪدم پنهنجائپ محسوس ڪئي ۽ منهنجا حوصلا وڌندا ويا. بهرحال اُنهيءَ شام کي مجموعي طور تي، هڪ ڪامياب شام چئي سگهان ٿي. اُتي ئي ماياڪووسڪيءَ مون کان پڇيو هو: "تون پاڻ ۾ ڪهڙي نموني مختلف تبديليون آڻي ٿي وڃين؟ اڄ صبح ريس گرائونڊ ۾ تہ چيڀڙي ڪنيا پئي لڳينءَ ۽ هاڻي- ڏاڍي خوبصورت..."

هن گڏجاڻيءَ کان پوءِ اسان سُياڻي لاءِ ٻيهر ملڻ جو فيصلو ڪيوسين.

پئي ڏينهن ملاقات کان پوءِ، ٻاهر چڪر چاڙيءَ تي نڪري وياسون. هو مون کي گڏريل ڏينهن واري ماياڪووسڪيءَ، (جيڪو ٻين ليکڪن جي وچ ۾ اُبهروءبڙواتي ۽ ڪنڀاڳي پئي لڳو)، کان بلڪل مَٽيل نظر آيو. هُن منهنجي طبيعت کي سمجهندي، حيرت ۾ وجهڻ تائين نزاڪت ۽ نرميءَ جو مظاهرو ڪندي، فقط عام دلچسپيءَ جي شين بابت ڳالهايو. هُن مون کان ٿيٽر بابت احوال ورتو ۽ لنگهندڙ واٽهڙن ڏانهن ڏيان ڇڪائيندي، ٻين مُلکن بابت ڳالهيون ٻولهيون ڪيون. گهٽيءَ ۾ ڪيل مختصر گفتگو مان ئي مون سندس

---

(1) للبابرڪ ماياڪووسڪيءَ جي محبوبا هئي، جيڪا ساٿس گڏ رهندي هئي ۽ اوسپ برڪ للبا جو مائٽ هو، جيڪو هڪ فنڪار هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچيتائيءَ سان پرپور طبيعت ۽ فنڪاراڻي ذهن جو اندازو ڪري ورتو.

ساٿس گڏ گهمندي، مون پاڻ کي پابندين کان واڌيل ۽ سرور ۾ پريل محسوس ڪيو. ان وقت منهنجي دل جهومڻ لڳي ۽ مون مڪمل بي خوديءَ ۽ مدهوشيءَ ۾ وکوڙجندي، چاٽي ورتو ته هو آساني‌ءَ سان منهنجي زندگيءَ ۾ داخل ٿي سگهي ٿو- هاڻي ته 'واهه ڏٺي تنهنجي وس' وارو معاملو پئي لڳو.

گهمندي ۽ چڪر هڻندي، هن مون کي، پنهنجي جڳهه تي هلڻ جي دعوت ڏني. مون کي اول ئي سُڌ آهي ته سندس فليٽ، 'گيندريڪوو پيريولوڪ' واري علاقي ۾ آهي، جو ته هڪ پيري جڏهن هو ڪنهن باهرين ملڪ ويل هئو ته آئون ساٿس گڏ رهندڙ عورت لليابرڪ وٽ گهمڻ ويئي هيس. مون کي اهو ٻڌي ڏاڍي حيرت ٿي هُئي ته ڪيس ليبانڪا گهٽيءَ ۾،هڪ مطالعي جو ڪمرو ب هئو.

جڏهن آئون ليبانڪا واري گهر ۾ وڃي گهمڻ ويس، ته پنهنجي گهر ۾ نه فقط هُن مون کي پنهنجا ڪتاب ڏيکاريا، پر پنهنجو ڪلام ب ٻڌايو. جڏهن ساٿس اُٺ ويهه سرس ٿي، ته مون ڏٺو ته مايڪووسڪيءَ جو آواز آهي ته ڏاڍو ڳرو، پر ڪيس اُن تي عُبور حاصل آهي. هو پنهنجي شاعري زبردست جذباتي ڏانو سان، ڏاڍي جوش وچان پڙهندو هئو، جڏهن ته سندس مزاحيه مڪالما ڪل يوگ سان پريل هٿا. مون محسوس ڪيو ته هو نه رڳو هڪ ذڪر جي لائق شاعر هئو، پر هڪ هوشيار اداڪار ب هئو. تنهن ڪري ئي مون کي سندس گُڻن ۽ سندرتا صفا موهي وڌو هئو.

اُتي ويٺي اوچتو مون ڏانهس هڪ پيرو گهوري ڏٺو- آئون سندس شخصيت کان ايترو ته متاثر ٿي پيس، جو ان ڪيفيت کي بيان ڪرڻ لاءِ مون وٽ لفظ ئي ڪونهن. مان سمجهان ٿي ته مايڪووسڪي منهنجي ان زبردست اُتساهه کي محسوس ڪيو هوندو. تنهن ڪري ان صورتحال کان خوش ٿيندي، هُن ڪمري جو چڪر هڻندي، پنهنجي هڪ جهلڪ آئيني ۾ ڏٺي ۽ مون کان پڇيو: "ويرونيڪا وتولدونا تو کي منهنجو ڪلام وٺي ٿو؟"

منهنجي هائوڪار ڪرڻ تي، هُن مون کي پنهنجين ٻانهن ۾ جڪڙي ورتو، پر منهنجي اعتراض واڙڻ تي ڪيس ڏاڍو عجب ٿيو ۽ ٻارن وانگر چَپَ ڪيي ڏڪارو ٿيندي چيائين: "ٺيڪ آهي، پنهنجا پير اوري ڪر، اڳتي آئون پنهنجي هوش ۾ رهندس. تون ڪيڏي ته من موهڻي آهين!"

پوءِ منهنجو سندس ليبانڪا واري گهر ۾ اڇڻ روز جو معمول ٿي ويو. هڪڙي ڏينهن ليبانڪا واري چؤنڪ جي پرياڻ،هُو مون واري گهر مونسان ملڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ اچي رهيو هئو، جو سيني واڌڻ کي حيرت ۾ وجهندي، هو اُتي گهڻيءَ ۾ ئي 'مزوڪا' ناچ ڪرڻ ۾ شروع ٿي ويو. هو جيڪو جسماني طور تي ڳورو ۽ بي ڊولو هوندي به پنهنجي سر نچي رهيو هو ۽ متان وري ڪمال اهو ته سندس قدم به تال ميل ۾ هلڪا هلڪا ٿي پئي چُريا. ايئن ڪندي هن ڇڻ ته سنسار جو هڪ وٽندڙ نظارو ٿي پيش ڪيو.

سندس طبيعت ۾ نواڻ پسندي به ڏاڍي هُئي، مون کي ڪوٺ ٿو سُجهي ته هو ڪڏهن به مون کي ساڳيو ۽ سانتيڪو نظر آيو هُجي. سدائين يا ته زندگيءَ جي رنگينيءَ ۾ پيو ترڻندو، اُيامندو ۽ هل گپاڙا ڪرڻ کان سواءِ شادماني ۽ اٽلپ سندرتا سان پرجي ڪلام جا بند پيو اُچاريندو. يا ته پنهنجي آواز ۾ گيت ڳائيندو ۽ يا وري ڪلاڪن جا ڪلاڪ پاڻ کي يڪساهيءَ اُداسيءَ ۽ صدمي جي ڪيفيت ۾ رکندو هئو.

ناڪن واري موسم ۾، هڪ شام جو آئون ٻين ڪافي اداڪارن سان گڏ ڪاڪيشيا مان واپس پئي آيس. جيئن ته ريل ۾ اسان مسافري سخت تختن واري ڊبي ۾ ٿي ڪئي، تنهن ڪري ماسڪو تائين پهچندي، اسان کي ايترو ته ٿڪ ٿيو، جو تڙ ڪرڻ کان سواءِ، هلڻ کان هلاڪ هئاسين. مون کي توقع هئي ته منهنجي ماءُ مونسان اسٽيشن تي ملڻ ايندي، آئون انهيءَ خيال ۾ بيٺي هُيس جو ڪنهن رڙ ڪئي، "نور. هو ڏس توسان ڪير پيو ملڻ اچي."

آڏ ٻاهر راهداريءَ ۾ نڪري ويس ۽ اهو ڏسي منهنجي حيرانيءَ جي حد نه رهي، جو منهنجي سامهون ٻہ ڳاڙها گُلاب جا گُل هٿن ۾ ڪنيو، ماياڪووسڪي بيٺو هئو. هو ان مهل ايڏو ته خوبصورت ۽ شانائتو ٿي لڳو، جو مون کي پنهنجي گدلي حالت تي لڄ ٿي آئي. خبر پئي ته ماياڪووسڪي منهنجي ماءُ کي فون ڪئي هئي ۽ مون سان ملڻ بابت پڇيو هئو ۽ پوءِ هُن اها ذميواري پاڻ تي کنئي. هُن مون کي ڏسيو ته سندس اها خواهش هُئي ته، مون کي هڪ وڏو گلاب جي گلن سان پريل گلدستو پيش ڪري، پر ڪيس اهو پئو، ٿي ٿيو ته ايئن ڪندي، هو ڪنهن اهڙي اسڪولي ٻار وانگر لڳندو، جيڪو ڪنهن سان عشق ۾ اڙيل هُجي. جيڪا ڳالهه سندس وزن ۽ جسم کي ذهن ۾ رکندي، ڇڳي نٽي لڳي. تنهن ڪري هُن ٻہ گلاب پيش ڪرڻ کي مناسب سمجهيو.

ٻئي پيري هڪڙي سرديءَ واري ڏهاڙي، هو مون کي پنهنجي ڪار ۾ 'پينٽروووسڪو رازو موووز ڪوئي' وٺي ويو. انهيءَ ڏينهن سخت سردي هئي ۽ اسين پاري ۾ جمي ويا هئاسين، پوءِ به ڪار مان لهي برف جي ڍڳن تي ٽينگ ٽپا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينڊي قلابازيون ڏيندا رهياسين. هو ان وقت ڏاڍو مسرور ٿي لڳو، اُن موقعي تي لٽ کٽي هُن هڪ برفاني دُٻي ۾ دل ۽ اُن ۾ ڪُتل تير جو نشان ٺاهيو ۽ پرسان ۾ اکر 'نورا- وولوديا' لکي ڇڏيا. ۽ پوءِ ڪار ۾ واپس موٽندي، هُن پهريون ڀيرو مونسان پيار جو اظهار ڪيو.

شروع ۾ مون کي ماياکووسڪي جي 'برڪس' خاندان سان لاڳاپن جي ڪابه ڪُڙڪ ڪونه هئي، ڇو ته سندس خاندان ايڏو ته ويجهو ۽ گهرو هئو، جو مون کي پڪ سان اها به سڌ نه پئجي سگهي ته للليا جو مُڙس ڪير هئو.

هڪڙي ڏينهن برڪس ڪٽنب لينن گراد ويل هئو، ته آئون 'گيندريڪوويپير بويوڪ' ماياکووسڪيءَ جي جاءِ تي پهتيس، انهيءَ ڏينهن يانشن پٽ ماسڪو کان باهر ويل هئو، تنهن ڪري ولاديمير زور ڀريو ته آئون اُها رات وٽس ئي ٽڪي پوان.

"پر جيڪڏهن صُبح ساجهر للليا اچي ٽڪاءُ ڪري ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ ۽ هوءَ مون کي هتي ڏسي ڇا سوچيندي؟" مون کانئس پڇيو.

"بس هوءَ ايترو ئي چوندي ته: "تون نوروچڪاسان پيو رهين، تنهنجي پسند واه جي آهي!" هن وراڻيو.

پوءِ مون سندس آواز مان اهڙي اُداسي پرکي ورتي، جنهن مان للليا جي ان بي پرواهيءَ واري رويي جي پڪ پئي ٿي. مون کي اهو محسوس ڪري ڏاڍو صدمو پهتو ته هو ايڏا به ساڻس پيار ڪري ٿو. مون کي احساس ٿيو ته معاملو ايئن به ڪونه هئو، جيئن مون ٿي سمجهيو. ماياکووسڪيءَ جو للليا سان ان ڪري به سلوڪ بهتر هئو، جو بهرحال هوءَ سندس 'پهرين محبت' هئي. جيڪا هاڻي سندس لاءِ فقط ماضيءَ جو هڪ ورق وڃي رهي هئي.

هُن پنهنجي هڪ باهرين دوري جي واپسيءَ تي پاڻ سان ڪار به آندي هئي، جيڪا پوءِ جڻ ته للليا لاءِ مخصوص ٿي وئي. پر هوءَ ساڻس نديڙين نديڙين ڳالهين تي اٽڪي بيٺي هوندي هئي ۽ سندس جذبن جي توهين ڪندي، ۽ مٽس ڪانئس بي پرواه ٿي وڃڻ جهڙا الزام هڻندي رهندي هئي.

ماياکووسڪيءَ مون کي ٻڌايو ته ڪيس للليا سان بيحد محبت هئي. ايتري قدر جو به پيرا ته هن للليا جي ڪري پاڻ کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي، بلڪ هڪ پيري ته هن ريوالور کي دل تي رکي فائر به ڪري ڇڏيو، پر گولي نه ڇُٽي سگهي.

مون کي ايئن ٿي لڳو ته للليا انهيءَ پريم ڪٿا کي ڪا اهميت ڏيڻ بدران، مون واري معاملي سميت، هميشه سرپرستيءَ وارو رويو اختيار ڪيو. پر حقيقت ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي صورتحال کافي اڳ هئي، هاڻي کو جيڪڏهن ماياکووسڪيءَ جي پاڇي کان ب ٽي لنگهيو ته ڪيس فڪر ٽي ٽيو. سندس اها خواهش هئي ته هوءَ ٽي ماياکووسڪي جي پهرين ۽ آخري محبت سڏجي.

منهنجي ڪاڪيشيا کان واپسيءَ مهل، اسٽيشن تي ماياکووسڪيءَ سان ملڻ کان پوءِ، مون کي محسوس ٽيو ته هو منهنجي عشق ۾ ننهن کان چوٽيءَ تائين ٻُڏو پيو هئو. اُن کان پوءِ، اسان جون ٽڪريون مُلاقاتون ٽيندیون رهيون ۽ مون تي سندس سحر طاري ٽيندو ويو. اسين انتها جي حد تائين خوشيءَ ۾ ٻُڏندي، ورلي ٽي ڪنهن ٻي شئي جي باري ۾ سوچيندا هئاسين.

پرسُتت ٽي ماياکووسڪيءَ جي طبيعت بگڙجندي وئي، هو ڪنهن شئي جي باري فڪرمند رهڻ لڳو، جنهنجو ڇيهه ويجي اهو ٽيو، جو هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ خاموشيءَ جي ڪُن ۾ ڪريل رهڻ لڳو. مون جڏهن ب سندس ان روش ۽ ويراڻيءَ جا سبب معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ هُن انهيءَ کي چرچن پوڳن ۾ لنوائي ڇڏيو. هُن ڪڏهن ب انهن مونجهارن ۽ مسئلن ۾ مونکي ڀاڳي ڀائيوار ڪونہ ڪيو. ايئن مشڪل ٽي ٽيو هوندو، تہ هُن انهن پريشانين بابت ڪا ٻڙڪ ٻاهر ڪيي هُجي.

اڳ ۾ منهنجي مڙس لاءِ هن وٽ ڪافي سمجهدار رويو هوندو هئو، پر پوءِ هو اُن جي خلاف ب حسد ۾ ٻرجي ويو. هُن هر شئي ۾ ڪانہ ڪا وڌ ڪيڻ شروع ڪئي ۽ سُوٽل ۽ اُداس رهڻ لڳو. مون ڪيس ان حالت مان ٻاهر ڪيڻ لاءِ گهڻائي ڦاها ڪاڍا. بعضي ته هو ڏکن جي وِرڪَ جلديءَ ۾ ڇنڊبي، وري خوش طبع ۽ ڪلمک ٽي پوندو هئو ۽ پوءِ پنهنجي چوڌاري هر شيءِ ٻڌندو ڏاهيندو پنهنجي بيهودي ٽُلهي آواز جي گونج ۾ گُم ڪندو ويندو هئو.

اسين اڪثر ڪري ميڙاڪن ۾ ٽي ملندا هئاسين، ڇاڪاڻ جو منهنجو مڙس يانشن ماياکووسڪيءَ سان سُهٽي ورتاءُ ڪرڻ جي باوجود، اسان جي متعلق شڪي ٽي پيو هئو.

يانشن کي ماياکووسڪيءَ جي ساڻ مان سُرور ته پهچندو هئو، پر پوءِ ب منهنجي ساڻس اڪيلائيءَ ۾ ڪٽي وڃڻ تي ڪيس ايڏا تائين اعتراض هئو. تنهنڪري مون ماياکووسڪيءَ سان ڳُجهيون ملاقاتون ڪرڻ کي ٽي ترجيح ڏني، جنهنڪري اسان جون ڪچهريون ڏاڍيون مختصر هوندیون هيون.

انهيءَ کان سواءِ مون کي ماسکو جي نائٽ ڪلب ۾ 'اسان جي ننڍيڻ جا سال' واري نائٽ ڪلب ۾ ب هڪ رول ڏنو ويو هئو. جيڪا ماسکو جي فني نائٽ ڪلب ۾، اُن وقت مون جهڙي نئين اداڪارا لاءِ تمام وڏي ڳالهہ هُئي، جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري آڻون پنهنجي ڪم ۾ ب رُڌل رهيس.

پهرين ت هو مون لاءِ نيڪ نيتيءُ سان خوش هوندو هئو ۽ قصا ناهيندو هئو ت،ڪهڙي نموني هُو منهنجي ناٽڪ واري پهرين رات اچي، ٽيندڙ شو ۾ شريڪ ٽيندو هُئو. انهيءَ ڪانسواءِ اهو ب ت، هو منهنجي هر ڪيل ڪان پوءِ، هڪ 'ڳجهي معترف' جي نالي سان گُل ب موڪلينڊو هئو. پر ڪُجهه ٿي ڏهاڙن ڪان پوءِ ناٽڪ ۾ منهنجي ايڏي دلچسپي ڏسي، هو اُداس ۽ پريشان رهڻ لڳو. منهنجي رول پڙهڻ ڪان پوءِ، هُن چيو ت ناٽڪ ن فقط ٻيانڪ، پر ورجاءُ هئو. پوءِ هُن درامي ڪي وڌيڪ پڙهڻ چڏي ڏنو ۽ فيصلو ڪيو ت هو اهو ناٽڪ ڪونہ ڏسندو ۽ ڪنهن ب صورت ۾ ناٽڪ منڊليءَ ڪونہ ويندو. بهرحال انهيءَ جو آخري نتيجو اهو ڪيو ويو ت، مونکي اداڪارا ٽيٽ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي ۽ منهنجي لاءِ ان ۾ ئي بهتري هُئي ت ٽئيٽر ڪي چڏي ڏيان.

اهڙي صورتحال ۾ اسان جا ناتا ڏينهون ڏينهن خراب ٽيندا ويا. مون ڪي اها پڪ ٿي وئي ت زندگي، انهيءَ صورتحال ۾ گذارڻ ناممڪن هُئي. هاڻي وقت اچي ويو هئو ت آڻون ڪو فيصلو ڪري ونان ۽ مون لاءِ وڌيڪ ايئن پاڻ ڪي گهلڻ ممڪن ڪونهي، پر اڄ ب مون ڪي پتو ڪونهي ت يانشن ڪان اُن وقت طلاق جي گهُر ڪرڻ ايڏو ڏکيو ڇو پئي لڳو. ايئن ب ڪونہ هئو ت ڪو مون ڪي پنهنجي مُڙس ڪان جُدا ٽيٽ جو ڪو ڏک هئو، ڇاڪاڻ جو اُسان جو روزاني زندگيءَ جو وهنوار ئي هڪجهئي ڪان گهڻو مختلف هو.

منهنجي شادي سترهن ورهين جي عُمر ۾ ٿي هُئي ۽ منهنجي مڙس ۽ منهنجا تعلقات دوستاڻا هجڻ ڪان سواءِ ٻيوڪجهه ب نہ هئا. يانشن مون ڪي هڪ ننڍڙي نينگري سمجهندي، منهنجي زندگيءَ توڙي مشغوليت ۾ ڪابہ دلچسپي ڪونہ وٺندو هئو ۽ نہ وري ڪو مون ڪي سندس زندگيءَ ۽ هن جي متعلق ڪا دلچسپي هئي.

جڏهن ت مايا ڪووسڪيءَ جو معاملو ٿي ٻيو هئو. اسان جا ناتا رشتا اصلي ۽ سنجيده بنيادن تي بيٺل هئا. مون محسوس ٿي ڪيو ت هُن مون منجهه انسانيت سان ڀرپور جذبن سميت دلچسپي ٿي ورتي ۽ مون ڪي ڪارائتو انسان بڻائڻ لاءِ ڏاڍي جستجو پئي ڪئي.

اُن وقت جڏهن منهنجي عمر 22 ورهيہ هُئي، مان پنهنجي عمر ڪي پٺتي رکندي، سندس پسند جو لالچ جي حد تائين خيال رکيو. مون ڪي سندس سوچن ڪي پروڙڻ سان بيحد دلچسپي هُئي. سندس تخليقن ۽ ڪم بابت اصل خبط ڪنيو بيٺو هوندو هئو ۽ اهو ب صحيح آهي ت، مون ڪي سندس طبيعت جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اونداهن پهلوئن ۾ مون بابت زيادتيءَ تي بَدَل روين بابت، ڏاڍا خوف خطرا هوندا هئا.

ماياڪووسڪيءَ جا اهي آشڪيل ته آئون يانشن کي طلاق ڏيئي، ٽيئٽر کي خدا حافظ چئي، ساٿس وهانءَ ڪريان، بلڪل اوچتو 1930ع جي مُنڊ ۾ سامهون آيا. پر آئون سندس زال بڻجڻ وارو پنهنجو ڪيل فيصلو، (جيڪو هڪدم اختيار ڪرڻ لاءِ تيار نه هُيس)، ڪانئن لڪائيندي رهيس.

هڪ پيري هُن چيو: "بهرحال اهڙو ڏينهن اوس ته ايندو! مون کي انهيءَ جو يقين هجڻ گهرجي يا نه؟ مون کي جيڪو ڪجهه ضرور ڪرڻو آهي، تنهن بابت منصوبہ بندي نه ڪرڻ ڪيئن؟!"

مون وراڻيو "ها ها بلڪل توکي رٿابندي ڪرڻ ڪيئن."

اهو 'رٿڻ ۽ ڪرڻ' وارو فقرو، پوءِ اسانَ لاءِ جڏ ته تڪيہ ڪلام بڻجي پيو. اسين جڏهن بہ ۾ ماٿهن جي ميڙاڪي ۾ هوندا هئاسين ۽ هو پاڻ کي ڪمتر محسوس ڪندو هئو، ته اهي اکر وري وري ورجائيندو هئو. آئون 'رٿڻ ۽ ڪرڻ' واري معاملي ۾، ڪيس وٽندڙ وراڻيون ڏيندي هيس. سندس اهو 'رٿڻ ۽ ڪرڻ' وارو خواب سگهوئي عمل ۾ آيو، جڏهن هن ماسڪو جي فني ٽيئٽر جي پرينءَ ۾، ليڪن لاءِ نهيل فليٽ لاءِ درخواست ڏني. جو ته اسان اُتي رهڻ جو فيصلو ڪيو هيوسين.

مون کي اها پڪ آهي ته سندس غمگين طبيعت ۽ آخرڪار المناڪ موت جي ذميواري، اسان جي لاڳاپن تي بڻي اچي. اسان جي وچ ۾ ٽيندڙ معمولي جهڙپون، تنهن پاري وزن جو البت هڪ حصو هيون، جنهن انهيءَ وقت ڪيس صفا چٽي رکيو هئو.

منهنجو خيال آهي ته انهيءَ سال جي شروعات، سندس ڪُجهه ڪمن ۾ ناڪاميءَ سان ٿي. ايتري حد تائين، جو سندس لافاني نظم At the Top of my voice جنهن کي بي پناهہ ڪاميابي حاصل ٿيڻ ڪپي ها، تنهن جو به اُن مهل تائين ڪو قدر نه ڪيو ويو.

جن ماٿهن جي راءِ کي هو اهميت ڏيندو هئو، تن جي طرفان ٽڏائپ ۽ ٻين ناڪامين ڪيس صفا نهوڙي رکيو. ڪيس اهو پتو هئو ته بدنيتيءَ تي مُبني تنقيد ۽ گارين جي ريلي کي ڪيئن ٻنجو ڏجي ۽ شرمناڪ ناڪامين آڏو ڪيئن سينو ساهجي. انهيءَ سڄي صورتحال آهستي آهستي منجهيل جدوجهد لاءِ نئون ذائقو ۽ سگهہ پيدا ڪري ورتي. پر جڏهن به سندس تخليق ڏانهن بي حسي ۽ ڪن لاتار اختيار ڪئي وئي، ته هو جڏ ته زخمجي ٿي پيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت سان گڏ سندس صحت ۾ تباه ٿيندي وئي ۽ پوءِ هو سڄي ڏهاڙي ۽ ٽن ڏينهن جي عرصي تائين ۾ بيزاريءَ ۽ بيقراريءَ جو شڪار ٿيندو رهيو، شايد ان جو سبب وت کان وڌيڪ لوڙڻ هئو.

اُنهيءَ کان سواءِ هڪ ٻيو مسئلو ۾ هئو، سو اهو ته: ٻن شاهڪار نظمن يعني Lenin ۽ Okay جو خالق ۽ انقلاب جي ڏهين سالگره جو افتتاح ڪندڙ، ٽن سالن کان پوءِ سمجهي ويو ته 'مُلڪ پنج سالا ترقياتي منصوبه بندي رٿا تحت' هڪ نئين ۽ ذميواريءَ ڀرئي سفر جي شروعات ڪري رهيو هئو ۽ هڪ راهبر ۽ هڪ لوڪ اُپارينڊر چگي شخص جي حيثيت ۾، سندس زندگيءَ جو مقصد اهو هئو ته هو ماٺهن کي ٻُڌائي، ته ڏکئي وقت ۾ ڪهڙن ماٺهن قربانيون ڏيئي، مستقبل جي راهن کي روشن ڪيو.

انهيءَ وقت اها ڳالهه ڏاڍي آسان هُئي ته، هو هڪ عوامي تحريڪ جي نمائيندي ۽ سوشلزم جي مبلغ واري پنهنجي حيثيت کي ختم ڪري ڇڏي. پر ماياڪووسڪيءَ ايئن قطعي نه ڪيو.

هُن پنهنجي نقادن جي انيڪ راين جا جواب، هيئين سٽن ۾ ڏيندي، کين پنهنجي مؤقف کي تبديل ڪرڻ جي صلاح ڏني:

"هڪ هنڌ ڪُپي بيهڻ کان بهتر آهي ته محبتن جي سنگ سنگ هلجي.
جو ته ايئن وڌيڪ فرحت بخش ۽ سودمند آهي
پر منهنجو ارادو پختو آهي
۽ منهنجو گيت پينگهي ۾ نپجڻ کان اڳ ئي گهٽيو ويو آهي".

(جيڪي گيت ساڻس هميشه ساڻ هوندا هئا، سي سندس ذهن تي هڪ فالتو بوجھ هئا. سندس ڪلام جنهن ۾ هن پنهنجو اندر کولي رکيو هئو، تنهن ۾ موجود اُڇل نقادن ۾ هرويرو جي بحثن کي اجنم ڏنو).

*

منهنجو يقين آهي ته اسان جا لاڳاپا ڪجھ اهڙن ڪَکن وانگر هئا، جيڪي هُن پنهنجي هٿ ۾ سوگها جهلي رکيا هئا.

ان وقت ذهني ڏيوالپڻي جي شڪار ٿيل ڪجھ ماٺهن جو خيال هئو ته عورتن سان لاڳپن جي معاملي ۾، ماياڪووسڪي صفا لٽو پٽو هئو ۽ انهيءَ سلسلي ۾ سندس ڪردار ڪنهن بدمعاش کان گهٽ هرگز نه هئو.

اهڙيءَ طرح ٿي مون کي ياد ٿو پوي، ته جڏهن اسان جي هڪ ٻئي سان ميل ملاقات شروع ٿي، ته منهنجي ڪيترن 'خيرخواهن' مون سان ڳالهائيندي، مون کي يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي ته، هو مغرور، بُرو ۽ چرياڻ آهي. پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئون انهيءَ سڃيءَ ڪرت کي بيهودگي ٿي سمجهان.

مون کي ڪو اهڙو ٻيو شخص ڪونہ ٿو سُجهي، جنهن جو عورتن سان ورتاءُ ماياڪووسڪيءَ جيترو چڱو هُجي. آئون اهو چوندي هرگز نہ گهبرائيندس، تہ ماياڪووسڪيءَ جي ذهن ۾ رومانوي لاڙا هئا. ان جو مطلب اهو ناهي تہ هن جي ذهن ۾ ڪو عورت جو هڪ خاص تصور سرجيو ۽ هو فقط ان تصور کي ٿي پريم ڪندو رهيو.

ماياڪووسڪيءَ کڏهن ب منهنجي ڪا شئي مثلاً مُدبي، رومال يا هٿن جا دستانا پاڻ وٽ رکي ۽ ٻيهر ملڻ جو انجام وڻڻ کان سواءِ مون کي ڪونہ ڇڏيو.

هڪ ڀيري هُن مون کي هڪ ڳڇيءَ ۾ پائڻ وارو رومال تحفي ۾ ڏنو ۽ پوءِ اُن کي قاڙي ٻہ ٽڪر ڪري، هڪ مون کي اوڍڻ لاءِ ڏنو ۽ ٻئي ٽڪر کي لبيانڪا ۾ پيل، پنهنجي لئمپ مٿان اهو چوندي ٽنگي ڇڏيو تہ، ڪيس هميشہ منهنجي موجودگيءَ جو احساس ٿيندو.

هڪ ڀيري اسين وقت گذارڻ لاءِ، پتي راند پئي ڪئي، جنهن ۾ مون هارايو. اسان شرط رکي هئي تہ جيڪڏهن ماياڪووسڪي ڪٽندو تہ آئون ڪيس شراب پيئڻ جو گلاسن وارو هڪ سيٽ ڏينديس. جڏهن هُن واقعي ٿي ڪٽي ورتو، تہ مون کيس هڪ درجن گلاس ڏنا. پر پوءِ خبر پئي تہ اهي گلاس تاڪڻان هٿا ۽ هڪ ٻئي پٽيان ڀڄندا ويا، تان جو فقط ٻہ گلاس وڃي بچيا. ماياڪووسڪيءَ کي وهم ورائي ويو هئو، هن انهن گلاسن کي اسان جي دوستيءَ جون نشانيون سمجهي سانڍي رکيو ۽ چيو تہ، انهن ٻن گلاسن مان جي هڪڙو وڌيڪ ڀڄي پيو، تہ معنيٰ اسان مان ڪنهن هڪ جا لاهہ نڪتا. تنهنڪري ’هو انهن گلاسن کي ڏاڍي احتياط سان استعمال ڪندي‘ پاڻ ڏوئيندو ۽ اُڳهندو هئو. هڪڙي رات ’لُبيانڪا‘ ۾ هن مون کي چيو: ”توکي خبر آهي تہ آئون توکي ڪيڏو چاهيان ٿو! منهنجو خيال هئو تہ تو متعلق پنهنجا ويچار شاعريءَ جي ذريعي ظاهر ڪريان. پر مون محبت بابت ايتري تہ شاعري ڪئي آهي، جو لڳي ٿو تہ جيڪو ڪُجهہ چوڻ چاهيان ٿو، سو اول ئي، اُن ۾ بيان ڪري چُڪو آهيان.“

پوءِ هُن پنهنجي گيتن ڀريل شاعري پڙهڻ شروع ڪئي. پر الائجي ڇو چُپ ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو، ”جڏ ڪنهن جاءِ جا، هو جا ٿا سمجهن تہ ماياڪووسڪيءَ وٽ بس هڪ ئي انداز آهي ۽ هو رڳو نعري بازي ڪري ٿو ۽ اشتهاري شاعر آهي. مان چند ۽ عورت ٻنهي تي شاعري ڪري سگهان ٿو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا آئون ڪرڻ ۾ گهران ٿو. پر ايئن ڪرڻ هاڻي ته ڏاڍو ڏکيو آهي. ڇو جو ايڏا اهو وقت ڪونہ آيو آهي ۽ ايڏا کي قرض ۽ رُکاوٽون ۾ين شين جي پيٽ ۾ وڌيڪ اهميت طلب آهن. پر جلدئي مون لاءِ محبت بابت لکڻ اڻٽر هوندو."

ان کان پوءِ هُن پنهنجي شعر At the top of my voice مان ڪُجھ ٽڪرا پڙهڻ شروع ڪيا:

"مون سان پيار ڪرين ٿي؟ يا نٿي ڪرين؟!

مون ته پنهنجا هٿ نپوڙي اُنهن مان هر آگر پٽي ڦٽي ڪئي آهي..."

جڏهن هُن اهو شعر پورو ڪيو، ته مون کي ٻڌايائين ته: "اهو تو لاءِ چيو اٿم."

آئون پنهنجي ٽيئٽر ۾ مصروف هُجڻ ڪري، گهٽا ڏينهن ولاديمير سان ڪونہ ملي سگهيس ۽ مليس ٻ ٽي ته تڙتڪڙ ۾. منهنجو رول ٻ ڪافي ڏکيو هئو، تنهنڪري منهنجو اُتي گهڻو وقت لڳي پئي ويو ۽ آئون جهڙي صفا واڻي هيس. سواءِ پنهنجي ڪم جي ڪيڏانهن ڏيان ئي نہ پئي ويو، جڏهن ته ولاديمير منهنجي جُدائيءَ ڪري پريشان ٿي رهيو هئو. انڪري سندس اهو مطالبو زور ونڊندو ويو، ته آئون ٽيئٽر ۽ يانشن ٻنهي مان جند ڇڏايان.

سندس انهيءَ ڳالھ مون لاءِ وڌيڪ مشڪلاڻون پئدا ڪري وڌيون . آئون ڪانئس وڌيڪ پاسو ڪرڻ لڳيس. ايئن هڪ پيري، مون کيس ٻُڌايو مان ريهرسل تي پٽي وڃان، جڏهن ته حقيقت ۾ ڪنهن ٻئي ماڻهو سان کيل ڏسڻ ويٺي هُيس.

جڏهن کيس اها خبر پٽي ته هُن مون کي ۽ منهنجي مڙس کي سرڪس ڏسڻ جي دعوت ڏني. جتي اُنهيءَ رات 1905ع واري گونگي ناٽڪ جي ريهرسل پٽي ٿي. اسين مٿي باڪس جي سيٽن تي وينا هئاسين، جتي مايا ڪووسڪي. پنهنجي حواسن ۾ ڪونہ پٽي لڳو. اوچتو هو ٽپ ڏيئي اُتي بيٺو ۽ يانشن ڏانهن مخاطب ٿي ڪيس چوڻ لڳو: "ميخائيل ميخائلو وچ، آئون نورا سان ٻ ٽي لفظ ڳالهائڻ چاهيان ٿو. جيڪڏهن اسين ڪُجھ وقت لاءِ ٻاهر هليا وڃون ته تون دل ۾ ته نہ ڪندين؟"

مون کي حيرت ٿي، جو يانشن بنا ڪنهن ڪنڌاڳ ڪرڻ جي، پويان وڃي ريهرسل ڏسڻ بيهي رهيو ۽ اسين 'لُبيانڪا' هليا وياسين. جتي هن مون کي ٻُڌايو ته هو اِنهيءَ ڪوڙ جي ڪاروبار مان تنگ اچي چُڪو آهي ۽ منهنجي ڪالهوڪي ڪوڙ کي، هو معاف نٿو ڪري سگهي. تنهنڪري هاڻي سڄو معاملو ئي ختم ٿيڻ ڪپي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُن منهنجي مُنڊي ۽ اسڪارف واپس ڪندي ٻُڌايو، ته صُبح جو شراب وارن ٻن گلاسن مان هڪ ٻڌي پيو هئو ۽ اهو به ڇيائين ته انهيءَ ڪري جيڪي ڪُجهه هاٿي ٿي رهيو آهي، ايئن ئي ٿيڻو هئو. انهيءَ کان پوءِ پُنٽي بچيل باقي هڪ گلاس کي به ڦهڪو ڪري پيٽ تي هٿي پور پور ڪري ڇڏيائين. هن مون کي ڪافي بيعزت ڪيو. اهو سڀ ڏسي ۽ ٻُڌي آئون روئڻ ۾ اچي ڇڪيس. مون کي روئيندي ڏسي ولاديمير پاڻ ئي منهنجي ويجهو آيو ۽ آخرڪار اسين وري پرچي وياسين.

پر اهو عارضي صلح جلدئي پڇاڻيءَ کي پهتو. ٻئي ڏينهن وري هڪ ٻئي سان وڙهي پياسون ۽ هڪٻئي کي اُديڙيندا ۽ ڏکائيندا رهياسون.

انهيءَ سڄي صورتحال کي ڏسي، مون کي لڳو ته اسان ڄا رشتا آخري نقطي تي اچي پهتا آهن. تنهن ڪري مون ڪيس چيو، ته مون کي اڪيلو ڇڏي. ۽ بعد ۾ اسين هڪ مختصر ڳالهه ٻولهه کان پوءِ، 11- اپريل تي هڪٻئي کان ڌار ٿي وياسين.

12- اپريل تي، مون کي ڏينهن واري کيل ۾ ڪم ڪرڻو هئو. پر جيئن ئي وقفو ٿيو ته مون کي ٻُڌايو ويو ته، منهنجي فون آيل آهي. فون تي مايڪووسڪي ڏاڍو جذباتي ٿي ڳالهائي رهيو هئو.

هُن مون کي ٻُڌايو ته هو اُن وقت ٽيبل تي ويٺل هُئو ۽ سندس آڏو فقط مس ڪيٽي، لئمپ ۽ ڪتاب پيل هئا، اهڙيءَ حالت ۾ سندس خيال هئو ته مون کان سواءِ ٻيو ڪوبه سندس مدد نٿو ڪري سگهي. ۽ اهو به ته، جيڪڏهن آئون اُتي ويندس ته انهن سيني شين کي معنيٰ ملي پوندي. پر جي نه ويندس، ته ڪنهن به شئي جي ڪا حيثيت ئي ڪانه ٿي ٿهي، هر شيءِ فضول ۽ بڪواس هئي.

مون کيس اهو چئي ٽڏو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته آئون پڻ ڪانئس جدا رهي نٿي سگهان ۽ اسان کي ملڻ ڪپندو هئو-۽ اهو به ته آئون به ساڻس ملڻ لاءِ آتي آهيان، جيئن ئي کيل پورو ٿيندو، ته ايڈانهن هلي ايندس.

مايڪووسڪيءَ چيو ته: "الائجي ڇو نورا، مون حڪومت ڏانهن لکيل خط ۾ تنهنجو نالو به درج ڪيو آهي. مون کيس ٻُڌايو آهي ته تون به اسان جي ڪُٽنب جي ياتي آهين. مان سمجهان ٿو، ته تون انهيءَ ڳالهه کي دل ۾ نه ڪندين!"

مون کي تنهن مهل ڪا ڳالهه به پلئه ڪانه پئي، جو انهيءَ وقت تائين هُن ڪڏهن به مون سان آپڪهات ڪرڻ واري ڳالهه ڪانه ڪيي هُئي. بهرحال مون کي پنهنجي ڪُٽنب جو ياتي ڪٽائڻ واري سندس سوال جي جواب ۾ ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وراٹيو: "خدا جاڻي، مان نٿي سمجهان تہ تون چا بابت پيو ڳالهائين، پر مون کي کو اعتراض ڪونهي. مونکي ڪٿي بہ رکڻ ۽ تذکرو ڪرڻ چاهين تہ توکي اجازت آهي..."(1)

*

کيل ختم ٿيڻ کان پوءِ آئون سندس گهر پهتيس.

مون کيس، ساٿس شادي ڪرڻ جي پڪ ڏيندي، التجا ڪئي تہ هو پريشان نہ ٿئي. چو تہ انهيءَ مهل تائين ايئن ڪرڻ لاءِ آئون پاڻ کي ذهني طور تي تيار ڪري چُڪي هيس. پر پوءِ بہ مون کيس چيو تہ، اها ڳالهہ يانشن کي ڪنهن نہ ڪنهن 'نموني' سان پُڌائجي.

انهيءَ کان پوءِ، مون کانئس هڪ ٻيو وعدو بہ ورتو، تہ هو ڊاڪٽر سان ملندو ۽ کانئس پنهنجي دماغ جي ڪمزوريءَ متعلق کي علاج بہ ونندو. ۽ مون کيس موڪلن جا ٻڌي ڏينهن، موڪلن واري گهر ۾ گذارڻ لاءِ چُني ڏيڻ جي بہ گذارش ڪئي.

مون کي ياد آهي تہ اُهي ٻہ ڏينهن، يعني 13 ۽ 14- اپريل جا ڏهاڙا بہ مون سندس ڊائريءَ ۾ نوٽ ڪري ڇڏيا.

پر پوءِ بہ مايا‌ڪووسڪي مون سان سهمت اڳندي بہ، سهمت ڪونہ ٿيو. هو ان مهل ڏاڍو اطمينان بلڪ سرور ۾ ٿي لڳو.

13- اپريل جي شام تائين اسين ايستائين نہ ملي سگهياسين، جيستائين هُن مون کي رات جي مانيءَ تي سڏايو ۽ 14 تاريخ تي ريس ڪورس ۾ هلڻ جي نيندِ ڏنائين. مون کيس پُڌايو تہ آئون ريس ڪورس ۾ يانشن ۽ ٿيٽر جي ٻين اداڪارن سان گڏ پئي وڃان، چو جو اڳ ئي اسان اهڙو پروگرام طئي ڪري ڇڏيو هئو. اُنهيءَ کان سواءِ مون اسان ٻنهي جي وچ ٿيل معاهدي جي پوئواري ڪرڻ لاءِ بہ مٿس زور پريو. جنهن تحت هُن کي نہ اُتي اچڻو هئو ۽ نہ وري اسان ٻنهي کي هڪ ٻئي سان ملڻو هئو.

انهيءَ شام جو آئون يانشن کي ساڻ ڪري، ڪاتائيف وٽ ويس، جتي مايا‌ڪووسڪي نشي ۾ ڊُٽ ۽ ڏڪارو ٻٽيو اڳي ئي ويٺو هئو.

اسين هڪ ٻئي کان لاتعلق ٻڌجي اچي ميز تي ويٺاسون ۽ هڪ ٻئي کي

---

(1) پنهنجي مؤت کان پهرين سندس لکيل خط جي متن ۾ هڪ سٽ هيئن آهي: 'ڪامريڊ سرڪار،

منهنجي ڪُٽنب ۾ لليابرڪ، منهنجي ماءُ، پيترون ۽ ويرونيڪا وتولد زونا پولنسڪايا شامل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٽاچري نظر سان تهارڻ لڳاسين. انهيءَ رات اُتي ڪافي مهمان آيل هئا. يانشن ڪي ته هر معاملي جي خبر هئي ۽ هُن ڪنهن خواري ۽ بدناميءَ جو انتظار ٿي ڪيو.

اُن وچ ۾ اسان ٻنهي ولاديمير جي نوٽ بوڪ تي هڪ ٻئي لاءِ مذمتي ۽ گندي زبان ۾ ڪُجهه ڳالهيون لکڻ شروع ڪيون، جن مان ڪجهه ته بلڪل غير ضروري ۽ پڌرو احمقپڻو ٿي لڳيون.

پوءِ مايا‌ڪووسڪي اُتان اُتي هڪ ٻئي ڪمري ۾ وڃي ويٺو ۽ شراب پيئڻ ۾ جُنبي ويو. آئون سندس پُنيان ويس ۽ سندس پر ۾ ويهندي، سندس مٿي ڪي زور ڏيڻ لڳيس. هُن مون ڪي چيو: "پنهنجا ڪراهت پريا پير ڪٽي، منهنجي نظرن کان هٽي وڃ." ۽ پوءِ هن اهو به اعلان ڪيو، ته هو ان گهڙيءَ ۽ انهيءَ جڳهه تي يانشن ڪي اسان جي واسطيدارين بابت سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيندو. هو انهيءَ مهل زبردست غصي ۾ هوندي بدشد ڳالهائي رهيو هئو. پر جلدئي مون محسوس ڪيو ته مون ۾ سندس انهيءَ بيعزتي پريي رويي جي ڪري، ڪا چڙ پئدا نٿي ٿي. ڇو ته مون ڏٺو ته آئون هڪ اهڙي ماٺهوءَ سان پئي ڳالهايان، جيڪو انتهائي بيحال ۽ بيمار آهي، جنهن ڪري وڌيڪ ڪافي احمقپڻي جي توقع رکي پئي سگهجي. مون سمجهيو ته هو اُن وقت اهڙي ڪيفيت ۾ هئو، جو پنهنجي مرتبي ڪي نظر انداز ڪندي، آرام سان ڪا وڏي خواري ڪرائي ٿي سگهيو.

جيتوٽيڪ اُن مهل آئون ڏاڍي نرم ۽ رحمدل ٿي وئي هُيس ۽ مون گهٽي ڪوشش ڪئي ته ڪيس پرسُڪون بڻايان، پر انهيءَ سڄي ورتاءُ منجهس وڌيڪ چڙ پئدا ڪري، ڪيس آپي مان ٻاهر ٿي ڪڍيو.

ڏسندي ڏسندي اوچتو هُن ريوالور ٻاهر ڪڍيو ۽ چيو ته هو پاڻ کي ماري ڇڏيندو. ٿوري جهٽ کان بعد ريوالور جو مُنهن مون ڏانهن ڪري هن مون کي ٻ قتل ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني. اهو سڀ ڏسڻ کان پوءِ مون محسوس ڪيو ته منهنجي موجودگي فقط سندس ڪاوڙ ۾ اضافو ئي آڻيندي، تنهنڪري اُتان اُتي هلي ويس.

پر هو منهنجي پُنيان هال ۾ آيو ۽ اوچتو مون تي هڪ ڊگهي نظر وجهڻ کان پوءِ چيائين: "آئون پنهنجو هٿ سندس مٿي تي رکان". ۽ پوءِ چيائين: "تون ايجا ٻ سُني ڇوڪري آهين".

*

14- اپريل تي صُبح جو هو ٽئڪسيءَ ۾ مون وٽ پهتو، هو ڏاڍو هراسيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي لڳو. بهرحال اهو ڏهاڙو قوم بهار جو هڪ روشن ڏهاڙو هئو. انهيءَ موسم کي نظر ۾ رکندي، مون چيو: "واه جو ڏينهن آهي! سچ ڏانهن ڏس. مون کي ڪجهه به نه ٻُڌائجانءِ، چو ته مان سمجهان ٿي، ته اڄا تنهنجي ذهن ۾ فضول خيال موجود آهي. هر ڳالهه تي منّي وجهي ڇڏ، هر مسئلو وساري... مون سان وعدو ڪندين؟"

جواب ۾ هُن وراڻيو: "مون کي سچ نٿو نظر اچي، هن مهل مون وٽ ته ان جي ٽڪي جي به اهميت ڪانهي. مون هاڻي احمقپڻو ڇڏي ڏنو آهي. هاڻي مون کي پتو پيو آهي ته آڻون پنهنجي ماءُ جي ڪري ايئن نٿو ڪري سگهان. چو ته اُهائي اڪيلي ته آهي جنهن کي منهنجو ڪو خيال آهي. اُٺ هل ته وڌيڪ منهنجي گهر ٿا هلي ڳالهايون."

مون کيس ڏسيو ته: "سادي ڏهين وڳي منهنجي هڪ اهم ريهرسل ٿيندي ۽ مون کي اُتي پوري وقت تي پهچڻو آهي." پر هُن ٻُڌو اڻ ٻُڌو ڪري، مون کي هلڻ لاءِ زور ڀريو.

بهرحال اسين 'لبيانڪا' پهتاسين، جتي هُن ٽئڪسي ڊرائيور کي هيٺ انتظار ڪرڻ لاءِ چيو. کيس منهنجي طرفان ٻيهر وقت جي اهميت جتائڻ تي ڏاڍو صدمو پهتل هئو، تنهن ڪري هو وري چڙي پيو ۽ چيائين: "وري ٿيٽر جون ڳالهيون! مان چوان ٿو آڻون انهيءَ کان نفرت ٿو ڪريان. جهنم جي تري ۾ وڃي پئي تنهنجو ٿيٽر، مان وڌيڪ برداشت نٿو ڪري سگهان. مان توکي اوڏانهن وڃڻ نه ڏيندس، تون هن ڪمري مان ٻاهر نه ويندينءَ."

پوءِ هو اُٿيو ۽ در کي تالو هٽي، ڪُنجي پنهنجي کيسي ۾ وجهي چڏيائين. هو ان مهل ايڏو ته پُريل ٿي لڳو، جو کانئس ٽوپيءِ ڪوٽ لاهڻ ئي وسري ويو هئو. مون کي ياد آهي ته اُن مهل آڻون صوفي تي ويٺي هُيس ۽ هو اڇي منهنجي پيرن وٽ ويهي روئڻ لڳو. مون سندس ڪوٽ ۽ ٽوپي لاهي رکي، سندس وارن ۾ هٿ ڦيرائيندي، کيس آرام پهچائڻ جون هڙئي ڪوششون ڪيون.

اُتان اٿڻ کان پوءِ، هو ڪمري ۾ ٽڪرّيون ۽ وڏيون وڏيون برانگهون پرڻ لڳو، جو ايئن پئي لڳو جڻ ته هو دوڙي رهيو هئو. هُن مطالبو ڪيو ته هن گهرّيءَ کان وٺي يانشن کي ٻُڌائڻ کان سواءِ ئي، مان هن ڪمري ۾ رهي پوان، چو ته فليٽ ملڻ جو وڌيڪ انتظار ڪرڻ اجايو هئو. هن مون کي چيو ته مان هڪدم ٿيٽر وڃڻ بند ڪريان ۽ خاص ڪري اُنهيءَ ڏهاڙي ته اُتي وڃڻ جو خيال به دل ۾ نه آڻيان. هو پاڻهي ٿيٽر ۾ ويندو ۽ سيني کي ٻڌائي ايندو ته هاڻي ڪنهن کي به منهنجي انتظار ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. ٿيٽر مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان سواءِ ۽ جيئن اڳي هلندو هئو، تيئن هلي ويندو ۽ اهو ۽ تہ هو خود يانشن سان ڳالهائيندو. مون کي يانشن کي ٻيهر ڏسڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي.

هن مون کي اهو ۽ ٻڌايو تہ هو مون کي اتي جو اتي ڪمري ۾ بند ڪري ٻاهر ويندو ۽ ٽئينٽر ۾ سڀ مسئلا حل ڪري، ساٺس رهڻ لاءِ منهنجون جيڪي ۽ ضرورت جون شيون هونديون، سڀ سڀ خريد ڪري واپس ايندو ۽ هر اُها شئي مُيسر ڪري ڏيندو، جيڪا مون وٽ گهر ۾ موجود هئي. بقول سندس مون کي ٽيئٽر چڏڻ جي ڪري، ڪنهن ۽ فڪر ڪرڻ جي ضرورت ڪونهي. منهنجي سڄي زندگيءَ جي انتهائي سنجيدن پهلوئن کان وٺي، معمولي لاڙن تائين، هر شئي سندس مون بابت مستقل خبرداري ۽ سار جو اهم حصو ٻڌيل رهندي.

سندس اهو ۽ چوڻ هئو، تہ مون کي اسان جي وچ ۾ عمرين جي فرق کي ليکي ۾ نہ آڻڻ ڪيو، ڇو تہ سندس لاءِ وري نوجوان ۽ سرهو ٽيڻ معمولي ڳالهہ هئي. جڏهن تہ مون کي اها سڌ هئي، تہ آئون ڪڏهن ۽ ايئن نٽي ٽي سگهان. هُن اها ڳالهہ تسليم ڪئي تہ ڪالهہ شام جيڪو ڪُجهہ ٽيو هيو، انتهائي برو ٽيو هيو ۽ آئينده ايئن ڪڏهن ۽ نہ ٽيندو.

ان جي جواب ۾، مون ۽ ڪيس ٻڌايو تہ، هو مون کي ڏاڍو پيارو هئو ۽ آئون ساٺس گڏ رهڻ لاءِ تيار هُيس. پر مان اهو سڀ ڪجهہ يانشن کي گوش گذار ڪرڻ کان سواءِ نٽي ڪري سگهيس. هڪ انسان جي حيثيت ۾، آئون پنهنجي مُرس کي پسند ۽ سندس عزت ٽي ڪريان، تنهنڪري ساٺس ايڏي زيادتي نٽي ڪري سگهيس.

ان کان سواءِ مان نہ تہ ٽئينٽر چڏي سگهنديس ۽ نہ وري ڪا اهڙي ڳالهہ ڪري سگهنديس. آخر هو اها ڳالهہ ڇو نہ سمجهي سگهيو، تہ جيڪڏهن مان پنهنجي ڪم کي ڦٽو ڪري، ٽئينٽر چڏي ڏيان، تہ منهنجي زندگيءَ ۾ جيڪو هيڏو سارو خال رهجي ويندو، سو دُنيا جي ڪابہ شئي پُر نٽي ڪري سگهي. انهيءَ سان نہ فقط مون لاءِ مُشڪلاتون وڌنديون، پر وڏي ڳالهہ تہ خود هُن لاءِ ۽ مسئلا پيدا ٽيندا.

انهيءَ ڪري ئي مون لاءِ ٽئينٽر تي وڃڻ ضروري هئو. ان کان علاوه اها منهنجي نوڪري ۽ هئي. جڏهن آئون پنهنجي اها ڊيوٽي ڪري پالهي ٽينديس، تہ سڌو گهر وڃي يانشن کي پنهنجو فيصلو ٻُڌائيندس ۽ ساڳي ڏينهن شام جو سندس گهر ۾ اچي رهنديس.

پر مايا ڪووسڪي منهنجي انهيءَ راءِ سان سهمت ڪونہ ٽيو، هو مسلسل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر شيءِ تڪرّ ۾ ٽڏي تي طئي ڪرڻ لاءِ زور پريندو رهيو. وري به مون کيس پڌايو، ته مان انهيءَ طريقي سان سڀ ڪُجھ نٽي ڪري سگھان.

منهنجي انهيءَ گذارش کان پوءِ هُن هڪدم مون کان پڇيو: "انهيءَ جو مطلب ته تون ريهرسل ڪرڻ ضروري ويندينءَ؟"

"ها، آءٌ ويندس."

"۽ تون يانشن سان به ضرور ملندينءَ؟"

"ها بلڪل ضرور."

"ته پوءِ ٺيڪ آهي هلي وڃ، مان چوان ٿو هڪدم ٽري وڃ."

مون ڪانئس پُڇيو، "پلا اڄ وري توسان مان ملي سگھان ٿي؟"

"مون کي ڪا سُڌ ڪانهي."

"چڱو پلا گھٽ ۾ گھٽ پنجين وڳي ڌاري تون مون کي مُنڊي ته ڏيندين نه؟"

"ها ها ڏينڊس- ضرور ڏينڊس." هُن وراڻيو.

هُن هڪ ٻيرو ٻيهر ڪمري ۾ تيز تيز هلڻ شروع ڪيو ۽ ڊيسڪ تي وڃي پهتو. جتان مون کا پني جي ڪڙ ڪڙ ٻُڌي، پر ڪُجھ به ڏسڻ کان قاصر رهيس، جو هو منهنجي نظرن ۽ پريان ٽيندڙ وارتا جي وچ ۾ ديوار ٻُجي ٻيٺو رهيو.

*

اڄ مون کي ايئن ٿو سمجھ ۾ اچي، ته هُن ڪئلينڈر جا 13 ۽ 14- اپريل وارين تاريخن جا پنا ڦاڙي ڦٽي ڪيا هوندا.

پوءِ هُن خانو کولي ۽ وري بند ڪيو ۽ ڪمري ۾ چؤڌاري چڪر هٽندو رهيو. مون ڪانئس پڇيو، "چا تون مونکي دروازي تائين ڇڏڻ لاءِ به نه هلندين؟"

هو مُنهنجي ويجھو آيو ۽ اچي مون کي چميائين. سندس آواز ڏاڍو ٽڏو ۽ نرم ٿي چڪو هئو.

"نه مُنهنجي پالڪي، تون پاڻ ئي هلي وڃ... منهنجو ڪو خيال نه ڪر..." هو مشڪڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو "مان توکي پاٿهئي گھُرائيندس. چا تو وٽ ٽئڪسي لاءِ ڏوڪڙ آهن؟"

"نه مون وٽ ته ڪونهن." مون وراڻيو.

اهو ٻڌندي هُن مون کي ويھ روپيل ڏنا. اُٺڻ مهل مون ڪانئس وري پڇيو، "تون مون کي فون ته ڪندين نه؟"

"بلڪل، مان توکي ضرور فون ڪندس."

انهيءَ جواب ڪانپوءِ مان اُٺي هلڻ لڳيس ۽ اڃا مھڙ واري دروازي ڏانهن ٻه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي وڪون ٿي ڪنيون هوندم جو ڪو ٽڪاءُ ٻُڌڻ ۾ آيو. مُنهنجي ته پيرن هيٺان ڌرتي نڪري ويئي. آئون هال ۾ بي مقصد هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندي رهيس ۽ حوصلا ايترا خطا ٿي ويا، جُو دروازو به نه کولي سگهيس.

بعد ۾ جڏهن آئون خوش قسمتيءَ سان، اندر ڪمري ۾ داخل ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿيس، ته مون کي محسوس ٿيو ته وقت گذري چُڪو هئو. حالانڪ مان ايترو ته جلدي واپس ٿي هُيس جو گوليءَ جي دونهين جي ڌڙ به مون کي اُتي ڏسڻ ۾ آئي هئي.

مون ڏٺو ته مايا ڪووسڪي هيٺ فراسيءَ تي پاڻهون ڦهلائي ڪري پيو آهي ۽ سندس سيني تي رت جو هڪ ڇُنڊو ظاهر ٿي رهيو آهي.

مون کي ياد آهي ته آئون ڊوڙي سندس پير ۾ وڃي ويٺيس ۽ مُسلسل "تو ڇا ڪري ڇڏيو؟ هي ڪهڙو ويل ڪيئي؟" جا لفظ اُچاريندي رهيس.

سندس اکيون پٽيل هيون ۽ هو سڏو مون ڏانهن نهاريندي،پنهنجي ڪنڌ کي متي کڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئو.

مون کي محسوس ٿيو ته هو ڪُجهه چوڻ ٿو گهري، پر ايئن ڪري نه سگهيو، جو سندس اکين منجهان زندگيءَ جي لاٽ اُجهامي چُڪي هئي.

سندس مُنهن ۽ ڳچي صفا سرخ ٿي ويئي هئي.

-۽ پوءِ سندس مغز هيٺ پٽ سان وڃي لڳو ۽ رنگ ڇڏائجي ويس.

ان وچ ۾ ماٺهو ڊوڙندا آيا. ڪنهن فون ٿي ڪئي، ته ڪنهن ائمبولنس جي پائدان تي ٽپو ڏنو ۽ پوءِ مون ڏانهن واپس ڏاڪڻ ڏانهن وڌي لوهه پاتي.

ڏاڪڻ منجهه ٿي ڪنهن مون کي چيو: "ڏاڍي دير ٿي ويئي- مايا ڪووسڪي گُذاري چُڪو آهي."

انهيءَ سان گڏ ٿي منهنجي زندگيءَ جو زبردست ڏکن پريو ۽ خوشين پريو سال پنهنجي خاتمي کي پهتو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ليون ٽراٽسڪي

جنم: 7 نومبر 1879ع
لاڌاڻو: 20 آگسٽ 1940ع

ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو رڳو ديس دروهين يا ڌارين ويرين هٿان ئي شهادت جو جام نوش نه ڪندو آهي، پر ايئن ب ٿيو آهي ته، پنهنجن مان ڪو همراه ئي اهو ڪم ڪري ڇڏيندو آهي، جنهن جي ڌاربي مان توقع هوندي آهي. ڪميونسٽ تاريخ ۾ پڻ ڪي اهڙا "شهيد" آهن جيڪي ذلتن، ملامتن ۽ انتقامن جو فقط انهيءَ ڪري ب شڪار رهيا، جو منجهن جبر آڏو "نه" چوڻ ۽ ضد، هٺ ۽ ڏاڍ آڏو ڪنڊ نه جُهڪائڻ جي شڪتي هئي. جرمنيءَ جي روز الڪسمبرگ، اٽليءَ جو انتونيو گرامچي ۽ روس جو ليوبرونسٽين ٽراٽسڪي ب اُنهن انقلاب جي راهه ۾ گهايل ماڻهن ۾ شماري سگهجن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نواڻ پسندي ۽ اظهار جي آزاديءَ جو علم بلند ڪندي توڙي جو روس ۾ مختلف دؤر سُهائي ڪٽي آيا آهن، پر تڏهن به ايان تائين اهو مڪمل فيصلو نٿي سگهيو آهي ته روس جي پارٽيءَ جي شروعاتي دور ۾ اختلافن جي ذميواري ڪنهن تي ٿي اچي، پوءِ به عام طور تي اسٽالن جي طبيعت ۾ هَٺ ۽ هوڈ جا ڪافي ثبوت ملي رهيا آهن.

ٽراٽسڪيءَ جي متعلق فيصلي لاءِ تواريخ ايجا وقت وٺندي، پر ايترو سو ٿيڻ شروع ٿيو آهي، جو سندس ياد ۾ روس جي اندر اداڙا قائم ٿي رهيا آهن. اڳ ۾ سندس نالو وٺڻ معنيٰ ڪاريهر تي پير پوڻ، واري جيڪا ڪيفيت هئي، سا باقي نه رهي آهي. ٽراٽسڪي ٻُرو هيو يا پلو، اهو فيصلو ته روس ۽ دنيا جا دانشور ڪندا، پر اها ڳالهه ضرور نظر اچي ٿي ته هو هڪ انقلابي شعلو، هڪ تحريڪ ۽ هڪ اعليٰ ذهن جو مالڪ هيو- جنهن سوويت انقلاب جي هر مرحلي تي ڏاڍي گهٽ لينن جيترو اهم ڪردار ادا ڪيو. لينن هر جڳهه تي ٻُردبار، ٺهرم پريو ۽ ڳرو ٿو لڳي، جڏهن ته ٽراٽسڪي ڪُجهه وڌيڪ جذباتي، فيصلہ ڪُن ۽ مؤقف تي پُختو بيهڻ وارو، يعني انقلابي لڇڪ ڪان وانجهو ٿو لڳي. پر پوءِ به سُرخ فوج جي بانيڪار؛ پرڏيهي وزارت جي بنياد وجهندڙ ڪميسار ۽ "پراودا" جي روح روان واري سندس حيثيت ڪي نظر انداز نه ڪندي، خود لينن هڪ دفعي چيو هُيو: "اسٽالن ۾ وڌيڪ جهنگلي پڻو ۽ ٽراٽسڪيءَ ۾ وڌيڪ حساسيت آهي".

هن مضمون ۾ دُنيا جي مظلوم عوام جي هن عظيم دوست جي اُنهيءَ ڪردار تي نظر وڌي ويئي آهي، جيڪو هن انقلاب وارن ڏاڙن ۾ ادا ڪيو. مضمون ۾ ٽراٽسڪيءَ متان تنقيد به ٿيل آهي، ته سندس تعريف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

به ڪئي وئي آهي. جيڪو طريقو ئي سچي ڪٽ جي لاءِ اهم ۽ مُناسب طريقو آهي. اسان اڪثر ڪري هر شئي ۾ تڪڙبازي ڪندا آهيون، ڪنهن کي چُمي مٽي تي رکندا آهيون ۽ ڪنهن کي بي سبب تڪڙ ۾ دل تان لاهي ڦٽو ڪندا آهيون. انهيءَ ڪري فردن، انقلاب ۽ خود پنهنجي ذرتيءَ جي حالتن ڏانهن به انهيءَ اُبهرائيءَ واري ڪيفيت جي ڪري،عذاب جو شڪار آهيون. ڪاڪا اسان جي جن اشتراڪي دوستن،انساني فطرت جي هزارين سالن تي پکڙيل ڪناين کي،25 سالن ۾ ڦيرائڻ جي ڪوشش ڪئي، اُن جا نتيجا اسان جي سامهون آهن. اڄ سنڌ ۾ به "تڪڙ" ڪنيو ويئي آهي،ايئن نه ٿئي جو تاريخ اسان مٿان ڪو ٻيو فيصلو ڏيئي وجهي! هر شئي جي تجزيي مهل ٺورڙو ايماندار ٿيڻ ضروري آهي، جيئن هيءُ مضمون ٻڌائي ٿو.

ـ سنڌيڪار

"ليوبروفسٽين" (ٽراٽسڪيءَ) جو جنم، "ييلزاويتگارد اُزيد" جي ننڍڙي ڳوٺ "يانووڪا" ۾، هڪ خرساني آباد ڪار جي گهرو روسي ڪئلينڊر موجب26 آڪٽوبر 1879ع ۾ ٿيو. سندس ڪٽنب مالي لحاظ کان مڃي مانيءَ لائق،هڪ عزت يرئي گهراڻي واري حيثيت رکندو هيو. ٽراٽسڪيءَ پنهنجي ابتدائي ۽ ثانوي تعليم نڪولائيو جي شهر منجهه پرائي. پنهنجي ڪٽنب منجهان هُن جي سڀ کان گهٽي ويجهڙائي پنهنجي انقلابي ٻيٽ 'اولگا' سان هئي. جيڪا بعد ۾ هڪ ٻئي سوويت انقلابي مُهندار 'ڪامينيف' جي گهر واري بڻي.

1897ع ۾ جڏهن هو اڃا شاگرد هُيو تہ "ڏکڻ روس جي ورڪرس ليگ" ۾ شموليت ڪيائين ۽ ليگ جي اوڊيسا واري مرڪز ۽ نڪولائيو گروپ جي وچ ۾ رابطي جو ڪم ڪندو رهيو. 1898ع ۾ گرفتار ٿيو ۽ لاڳاتار ٻن سالن تائين نڪولائيو، خيرسين ۽ اوڊيسا جي جيلن ۾ رهيو، بعد ۾ ڪيس سائبيريا ڏانهن جلاوطن ڪيو ويو. اليگزينڊرا سوڪووسڪايا سان سندس شادي پڻ ماسڪو جي "بُترسڪايا ٽرانزٽ" نالي جيل خاني ۾ ٿي. ڪائنس ست سال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي اليگزينڊرا نہ رڳو هن جي زندگيءَ جي ساٿياڻي هئي، پر سياسي طور تي ۽ سندس انقلابي نظرين سان سهمت هئي. سائبيريا جي علائقي 'ارکوسک' ۾ جلاوطنيءَ جي ڏاڻن ۾ ۽ هوءَ ئي ٽراٽسکيءَ جي همسفر رهي.....

1902ع ۾ ٽراٽسکي کوڙي نالي سان ٺهيل پاسپورٽ سان، جڏهن جلاوطنيءَ جي زندگيءَ مان ڀڄي نڪتو ته ان وقت کيس ۽ نياٽيون جاول هُيون. جن مان ہيءَ جي عُمر ته ڇڙا چار مهينا هُئي. انهيءَ موقعي جو ذکر ڪندي، هُن هڪ هنڌ لکيو هُيو: "پاسپورٽ ٻي ٽراٽسکي وارو نالو مون پاڻ لکيو، جيڪو درحقيقت اوديسا واري جيل جي هڪ جمعدار جو نالو هُيو." مُلڪ مان فرار ٿيڻ کان پوءِ هُو سڌو 'وي آنا' پُهتو جتان کان لنڊن روانو ٿيو.

انهيءَ سفر بابت يادگيرين ۾ هُن لکيو: "آڪٽوبر 1902ع ۾، پَن ڇَڏڻ جي موسم ۾ لنڊن آيس. شهر پهچندي ئي، مون هڪ ڏيئي هڪ بگي بيهاري ۽ اُنهيءَ کي پني ٽُکريءَ تي لکيل پتي ڏانهن هلڻ لاءِ چيم- اهو پتو ہٿي ڪنهن نہ پر "ولاديمير ايليئچ لينن" جي فليٽ جو هُيو.

1903ع ڌاري روس جي سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي ٽيل ہين ڪانگريس ۾، ٽراٽسکي "سائبيريا جي سوشل ڊيموڪريٽڪ ليگ" جي نمائندگي ڪئي. انهيءَ ڪانگريس ۾ تنظيم جا قائدا ۽ پروگرام ترتيبيو ويو. "پارٽيءَ جو مُمبر ڪنهن کي تسليم ڪيو وڃي؟" واري سوال تي سندس لينن سان اختلاف ٿيا. لينن جو خيال هُيو ته: پارٽي مُمبر کي تنظيمي ڪم ۾ انتهائي سرگرم ڪردار ادا ڪرڻ کپي، پر سندس مخالف لڏي جو ويچار هيو ته: جيڪو ہ ماٿهو ڪنهن نہ ڪنهن نموني سان پارٽيءَ جي سهائتا ۽ مدد ڪري، تنهن کي پارٽيءَ جي ميمبر ٿيڻ جو مڪمل حق هجڻ گهرجي. انهيءَ سلسلي ۾ جن ماٿهن لينن جي مؤقف جي حمايت ٿي ڪئي ۽ انهيءَ نقطي تي راءِ شماري ڪرڻ کان پوءِ کين اڪثريت حاصل ٿي. تن کي 'بالشويڪ' جي نالي سان سڏيو ويو ۽ جن ٽراٽسکيءَ جي طريقءِ ڪار جي پُٺيرائي پٹي ڪئي، تن کي 'مينشويڪ' ڪوٺيو ويو. اهڙي نموني ٽراٽسکي 'مينشويڪ' بٹجي ويو ۽ ڪانگريس کان سُڌت پوءِ قائم ڪيل هڪ اهڙي مرڪز ۾ وڃي شامل ٿيو، جن جو مقصد 'بالشويڪس' جي خلاف جدوجهد ڪرڻ هُيو.

آخرڪار 1904ع ۾ پاروس [اليگزينڊر پاروس جرمني ۽ روس جي سوشل ڊيموڪريٽڪ تحريڪ جو اهم رُڪن هُيو] سان گڏ ٽراٽسکيءَ 'مينشويڪن' کي چڏي "دائمي انقلاب" [اهو نظريو خاص طور تي لينن جي هر مُلڪ ۾ ڌار انقلاب واري ڳالهه جي مُنافي هُيو.] واري راه اختيار ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1905ع ڌاري جڏهن روس ۾ پهريون انقلاب ظاهر ٿيوتہ ٽراٽسڪي وطن واپس آيو ۽ اڇي سينٽ پيٽرسبرگ جي ورڪرس تنظيم جي سوويت ۾ شامل ٿيو، جلدئي مشهور ڪميونسٽ اڳواڻ ڪُرستاليوف نوسار جي گرفتاريءَ کان پوءِ اُن جو چيئرمن بڻجي ويو. پر ڊسمبر ۾ ئي ٽراٽسڪي پنهنجي سِر ۾ گرفتار ٿي ويو ۽ سزا طوُر ڪيس "طوبولسڪ گوبرني" جلاوطن ڪيو ويو. پر انهيءَ کان اڳ جو ڪيس انهيءَ جڳهه تائين پهچايو وڃي،هو هڪ دفعو ٻيهر رفو چڪر ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿيو- روس جي "سوشلسٽ ڊيموڪريٽڪ لٹبر پارٽيءَ" جي لندن ۾ ٿيل پنجين ڪانگريس (جيڪا 1907ع ۾ ٿي) ۾، ٽراٽسڪي بالشويڪن ۽ مينشويڪن، ٻنهي سان اسهمت "مرڪزي" گروپ جي اڳواڻي سنياڻي- 1908ع ڌاري ڪامريڊ "لوفي" پراودا جي نانءَ سان هڪ اخبار جاري ڪئي{جنهن "پراودا" جو لينن بُنياد وڌو ۽ 1912ع ۾ جاري ڪئي،سا پي هُئي- ايڊيٽر} تن ڏينهن ۾ "ڪامينيف" هڪ اَسڪل ڪوشش ڪئي، تہ ٽراٽسڪيءَ کي لينن ۽ بالشويڪن جو همدرد بڻائي، پر انهيءَ دؤر ۾ هو لينن جو ڪٽر مخالف هوندو هُيو- ايتري قدر جو هو اڪثر ڪري، لينن کي "روسي پورهيت طبقي جي تحريڪ جي پسماندگيءَ جو ڏنڊياز استحصالي" سڏيندو هُيو.

انهيءَ دور کي ياد ڪندي "ڪامينيف"، پندرنهن سال پوءِ،يعني آڪٽوبر 1924ع ۾ "لييننزم بمقابلي ٽراٽسڪي ازم" واري موضوع تي بحث ڪندي ٽراٽسڪيءَ تي هيئيان الزام هنيا:

1903ع واري پي R.S.D.L.P ڪانگريس ٿيڻ کان اڳ،ٽراٽسڪي لينن جي ڪيبل اخبار 'اسڪرا' ۾ ڪم ڪندو هُيو، جتي ٻنهي جي وچ ۾ اهي گهرائيون ايتريون تہ وڌيون جو ڪيس "لينن جو سونڊو" ٻڌيو ويو. پر لينن ڪيس مرڪزي ڪاميٽي تي ڪٽڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. انهيءَ کان پوءِ ئي ٽراٽسڪيءَ مينشويڪ گروپ وڃي ناهيو ۽ لينن جي خلاف هڪ سياسي چوپڙي ٻ لڪي، جنهن ۾ هُن لينن جي سڃي پاليسيءَ کي "اقتدار جي بُک" جو نالو ڏينديءڪيس "آمريت جو اميدوار" جو خطاب ڏنو.

پر اهو سيڪڇه بعد جي ڳالهه آهي. اسين سلسلو انوقت کان شروع ٿا ڪيون جڏهن پهرين مهاياري لڙائي لڳي ۽ ٽراٽسڪي لينن سان گڏ 1915ع ۾ 'زمروالد' ۾ ٿيل جنگ مخالف ڪانفرنس ۾ هڪ نمائيندي جي حيثيت سان شامل ٿيو. ٻئي دفعي يعني 1916ع ۾ ڪيس "خطرناڪ شرپسند" سڏيندي، فرانس جي سرڪار اسپين ۾ ڏکي ڇڏيو، جتي "مئبرڊ" ۾ گرفتار ڪرڻ کان پوءِ، ڪيس مُلڪ نيڪالي ڏني وئي. جنوري 1917ع ۾ هو پنهنجي ڪُٽنب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سميت (پنهنجي تڪليف ڏيندڙ سياسي زندگيءَ جي باوجود، اُنهن ڏينهن ۾ ٽراٽسڪيءَ هڪ پي انقلابي ساٿياڻي نتاليا سيدووا سان وهانءُ رچايو، جنهن مان ڪيس ۾ پُٽڑا جاوا) نيويارڪ ڏانهن اُسهيو.

انهيءَ وچ ۾ فيبروري 1917ع ۾ روس منجهه بورزوا جمهوري انقلاب آيو ۽ "اليگزينڊر ڪيرنسڪي" جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ عارضي حُڪومت ٺاهي وئي. انهيءَ تبديليءَ زار شاهيءَ جو هميشه لاءِ خاتمو آڻي ڇڏيو. ٽراٽسڪي انهيءَ تڪڙي تبديليءَ جو ٻُڌي هڪدم وطن موٽي آيو. پنهنجي ڏرتيءَ تي پهچڻ کان پهرين ئي هو "هيليفيڪس" (ڪئناڊا) ۾ گرفتار ڪيو ويو، پر پيٽروگراد سوويت جي دٻاءَ ۾ اچي، عارضي حُڪومت مُداخلت ڪري کيس آزاد ڪرايو- جتان مٿي جي پهرين ڏهاڙن ۾ هو "پيٽروگراد" ۾ پهتو.

ٽراٽسڪيءَ هتي پهچڻ سان پهريون ڪم ڪڏيل سوشل ڊيموڪريٽن جي ضلعي تنظيم ۾ شامل ٿيڻ سان ڪيو. اها تنظيم 1913ع ۾ انهيءَ مقصد لاءِ ٺاهي وئي هئي ته بالشويڪن ۽ مينشويڪن وچ ۾ راضي نامو ڪرائجي. هُن انهيءَ صورتحال ۾ انقلابي جوش ۾ ٺهڪندڙ روس تي گهري نظر وڌي ۽ آگسٽ 1917ع واري R.S.D.L.P جي ڇهين ڪانگريس (جنهن ۾ اتفاق سان لينن شريڪ ڪونه ٿي سگهيو هُيو) ۾ ٽراٽسڪي وضاحت ڪندي چيو، ته هُن لاڳاتار لينن جي مُخالفت انهيءَ ڪري ٿي ڪئي جو سندس (ٽراٽسڪيءَ جو) خيال هيو ته لينن مخالف طريقي ڪار سان، وڏيڪ عوامي مدد حاصل ٿي پئي سگهي- لينن ۽ سندس چوڏاري مڙيل ماڻهن بابت راءِ ڏيندي، هُن لکيو: "ماڻهن هٿان انقلاب آڻڻ واري سڳه بابت کيس (لينن کي) پختو يقين هُيو، پر پنهنجي پارٽيءَ جي اندر واري صورتحال لاءِ کيس ڪاگهٽي پڪ ڪانه هُئي".

سالن پُجاڻان "پارٽي هيڊڪوارٽرس جي ترجمانن" جيڪي انتهائي اهم مرحلي، يعني هٿيار بند جدوجهد جا سخت مُخالف هئا، تن پنهنجو وارو ونندي ٽراٽسڪيءَ تي هيٺيان الزام هنيا: "ٽراٽسڪي پارٽيءَ ۾ ٿي انهي ڪري آيو هُيو ته جيئن هو پارٽيءَ جي نظريي، يعني بالشوازم کي اختيار ڪرڻ بدران، سڄي تنظيم کي ٽراٽسڪي ازم ۾ ٻوڙي ڇڏي".

آڪٽوبر انقلاب ڪان هڪ مهينو اڳ، ٽراٽسڪي پيٽرو گراد سوويت جو چيئرمن چونڊجي آيو. 1- آڪٽوبر تي پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ هٿيار بند جدوجهد اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جڏهن ته ٻئي ڏينهن تي ڪاميٽيءَ جي ميمبرن اهو چئي انهيءَ فيصلي جي مخالفت ڪئي ته: "اهم سوال اهو آهي ته ڇا راجڌانيءَ جي مزدورن ۽ سپاهين جا جذبا ۽ اُنهن جون سوچون اهو تسليم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن ٽيون ته سندن ڇو ٽڪارو دوبدو جنگ ۾ آهي؟ جڏهن ته جائزو وٺڻ کان پوءِ محسوس ته انهيءَ جي اُبتڙ پيو ٿئي!" ٻئي طرف ٽراٽسڪي ويڑهه جي مخالفت ڪرڻ بدران 16- آڪٽوبر تي پيٽروگراد سان لاڳاپيل انقلابي فوجي ڪميٽي ناهڻ ۾ سڀ کان وڌيڪ چستي ڏيکاري- انهيءَ ڪميٽيءَ ئي عارضي حڪومت جي طرفان،شهر ۾ متعين ٽيل گٽريزن جي 3/2 حصي کي محاذ تي موڪلڻ واري فيصلي تي، عمل درآمد ڪرڻ کان انڪار ڪندي چيو: "اهو فيصلو ڪيوسون ته اسين عارضي حڪومت جي انهيءَ حُڪمنامي تي نظر رکون. انهيءَ طريقي سان روايتيَ ٻڌي قانوني سگهه جي زور تي،پيٽروگراد گٽريزن جي بغاوت ڪرڻ وارن امڪانن کي هميشه لاءِ ختم ڪيو ويو. اهو هڪ ايڏو وڏو قدم هُيو، جو اُن جي پيٺ ۾ 25 آڪٽوبر واري يلغار رڳو رسمي حيثيت ٿي رکي."

پوءِ.ٽراٽسڪيءَ بقول سندس، انهيءَ رسمي جدوجهد- جنهن جي اڳواڻي لينن ٿي ڪئي، تنهن ۾ به حصو ورتو- 25- آڪٽوبر 1917ع واري تواريخي رات ۾ ٽراٽسڪيءَ جي ساٿ جو وچورءسندس ئي لفظن ۾ اجهو اوهانجي سامهون آهي:

"جيئن شڪست جو بي وس تاثر ٿئي ٿو، تيئن اسان جي تڪڙي فتح جو به سلسلو ڪُجهه اهڙي قسم جو آهي. اسان لاءِ اهم شئي اها آهي ته هي واقعن جو جيڪو سلسلو شروع ٿيو آهي، تنهن تان پنهنجو ڌيان نه هٽايون ۽ هر ڪاميابيءَ کان پوءِ به اهو محسوس ڪريون، ته اڃان ته جڏ ڪجهه به حاصل ڪرڻ ٿيو اٿئون ۽ نه وري کنهن به ڳالهه جي پڪ اٿئون. انهيءَ کان سواءِ هر اهم ڪاميابيءَ کان پنج منٽ پهرين،اهڙي ته ڦڙتيءَ، تيزيءَ سگهَ جو مظاهرو ڪريون، جهڙو هٿيار بند عمل کان پنج منٽ اڳ ڪيوسين- جيڪو ئي درحقيقت لينن جي طريقهٔ ڪار جي عڪاسي ٿو ڪري."

ٻئي هنڌ لکي ٿو: "کنهن همراه سَمولنيءَ جي فرش (اُها عمارت جتان انقلابي جدوجهد لاءِ هدايتون جاري ٿيڻ ڪيون ويون) تي به ڪمبل وڇائي سيراندیءَ کان به وهاٽا رکيا. جن تي لينن ۽ آئون هڪٻئي جي ٻر ۾ ليٽي پياسون ته جيئن ٻڌي گهڙيون ٽَڪ پٽي وٺون. ڪو پيغام پهچائيندڙ شهر مان آيو، جتي "انتونوف اوسي ينڪو" جي ڪمان ۾ زار جي سياري واري محل جو گهيرو جاري رهيو. جتي ناهوڪي خون خرابي سان پُڄاڻي ٿي."

"گذريل رات کان مُسلسل اوجاگي ڪري ٽڪ ٿيڻ لازمي هُيو- ولاديميراييليچ چگو خاصو ٽڪل ٿي لڳو. پوءِ به مُشڪندي پنهنجي مٿي تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٽ ڦيرائيندي هُن مون کي چيو: "اندر گرائوند رهڻ کان پوءِ ايئن اوچتو حڪومت ۾ اچڻ ڪيڏو نہ جلدي ٿيو آهي! اقتدار ۾ اچڻ بابت تقريباً ذاتي مُشاهدن کان پوءِ هُن موجوده معاملن تي ڳالهائڻ شروع ڪيو."

25- آڪٽوبر (7- نومبر) تي سُرخ سپاهين ۽ انقلابي جٿن اسٽيٽ بئنڪ، ريلوي اسٽيشن، پوسٽ آفيسن، تارگهرن ۽ وزارتي عمارتن تي قبضو ڪري ورتو. ساڳي شام تي سڄي روس جي ڪارڪنن ۽ سپاهين جي هي ڪانگريس سڏائي وئي، جنهن 26- آڪٽوبر تي صبح جو ساڳهُر پنجين وڳين اقتدار جي سوويتن کي منتقليءَ جي منظور ڏني. ساڳي ڪانگريس امن ۽ زمينن بابت فيصلن جو اعلان ڪندي، پهرين سوويت انقلابي حڪومت "ڪائونسل آف پيپلز ڪميساريت (ڪميساريت مان مراد تقريباً وزارتي ڪابينہ جهڙي روسي حُڪومتي اداري جي هوندي آهي) لينن جي اڳواڻي ۾ قائم ڪئي.

هيءَ سرڪار مڪمل طور تي بالشويڪن جي هُئي،جنهن کي ٻيون ڏُريون (مينشويڪ، بُند ۽ ساڄي ڏُر جا سوشلسٽ انقلابي) "فوجي سازش" جو نالو ڏيندي ڪانگريس مان نڪري ويون.

ٻئي طرف بالشويڪ ڏُر جي اندر انتهائي زبردست تضاد ايري آيا. 4- نومبر تي ذميوار ڪارڪنن جي هڪ چڱي خاصي انگ، جن جو مرڪزي ڪاميٽي ۽ 'وزيرن جي عوامي ڪائونسل' سان تعلق هُيو، تن مختلف پارٽين تي مُبني هڪ نمائيندہ حڪومت جي تشڪيل جي تجويز آڏو رکي. انهيءَ تجويز کان انڪار سندن خيال ۾ فقط هڪ ئي راہ پوئتي پئي ڇڏي، سا اها تہ: انهيءَ جو مطلب سياسي دهشت جي ذريعي، رڳو بالشويڪن جي حڪومت جو قائم ٿيڻ هيو.

پر هن ڀيري بہ ٽراٽسڪيءَ لينن جي حمايت ٿي ڪئي، پاڻ بعد ۾ تہ هُن ڪليو ڪلايو ايماندارييءَ سان پنهنجي بالشويڪ هُجڻ جو اقرار ڪندي چيو: "اشتراڪي تنظيمن کي بالشويڪ سڏڻ جو مقصد ڪهڙو آهي؟ "انهيءَ جو مقصد هڪڙوئي آهي، تہ جڏهن اُهي فيصلہ ڪُن مرحلي ۾ داخل ٿين، يعني آڪٽوبر انقلابي پيريڊ جهڙيون مٿن حالتون اچن، تہ منجهن ايتري سگهہ سرجيل هجي، تہ اُهي انهيءَ مرحلي کي مُنهن ڏيڻ جيتري اهليت رکندیون هُجن"، هو جواب ڏيندي چوي ٿو.

لينن جي خيالن سان ٽراٽسڪيءَ جي سچائيءَ جي خبر،سندن هڪ جوانيءَ جي دوست جي يادگيرين ۾ آيل هڪ مثال مان ٿئي ٿي. جنهن اوڀاسا جي جيل ۾ ساٿس نظربنديءَ جا ڏينهن گهاريا هٿ ۽ بعد ۾ ساٿس اختلاف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندي آمريڪا هليو ويو. هُن ٽراٽسڪيءَ لاءِ انتهائي منفي انداز ۾ لکندي چيو: "جڏهن ٽراٽسڪيءَ کي هڪ يهوديءَ جي حيثيت ۾ يهودي برادريءَ پيغام موڪليو ته، هو بالشويڪن کي گذارش ڪري ته فئبروريءَ ۾ آيل انقلاب کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪن (جاڪاڻ جو انهيءَ انقلاب کان پوءِ پهريون پيرو يهودين کي روس جو شهري تسليم ڪيو ويو هُيو)، ته پيغام پهچندي ئي هو ڪاوڙ ۾ ٻاڙهو ٿي ويو ۽ کين انتهائي حقارت سان چوائي موڪليائين، ته هو يهودي نه پر بين الاقواميت پسند هيو".

روس جي پارٽي ۽ رياست ان وقت اهڙي صورتحال ۾ گهيريل هئي، جو ان دؤر ۾ هڪ عام پڙهيل ٻڙهيل ماڻهوءَ جي به وڏي اهميت هئي. هن پهرين سوويت سرڪار ۾ اُڻندي ئي ٽراٽسڪيءَ کي پرڏيهي لاڳاپن جي وزارت سونهي ويئي. 14- مارچ 1918ع کان فوجي معاملن جي وزارت ۽ 6- اپريل 1918ع تي ڪيس ساموندبي مُعاملن جي وزارتن جا قلمدان به ڏنا ويا.

تواريخدانن پکن پُختن ثبوتن سان ٽراٽسڪيءَ کي سُرخ فوج جي بانيڪارن مان تسليم ڪيو آهي. روسي گهرو لڙائيءَ جي ظلم ۽رئي دؤر ۾ انهيءَ اداري کي انتهائي تيزيءَ، سختيءَ ۽ بيحد جبري انداز ۾ تيار ڪيو ويو. هتي اُنهن مان ڪجهه ٽڪرا هيٺ پيش ڪجن ٿا، جيڪي اگسٽ 1919ع ۾ "پارٽي ڪارڪنن لاءِ هدايتن" جي نالي ۾ جاري ڪيا ويا.

فقري نمبر 4 ۾ چيو ويو هُيو ته: مُنافعي خورن جي خلاف هڪدم نئين فورس کي تشڪيل ۾ آندو وڃي...

فقرو نمبر 6 ٻڌائي ٿو ته: هر ڪميسار (وزير جي برابر عُهدو جيڪو انقلابي حڪومت جي ميمبرن کي ان دؤر ۾ ڏنو ويو هُيو- مترجم) کي ٻن سبن جي ڪري، پنهنجي ماتحت عملدارن جي خانداني پس منظر جي پوري خبر لازمي رکڻي آهي. انهن مان پهريون ڪارڻ اهو آهي ته: ڪمانڊر جي ڪنهن مُعرڪي ۾ مري وڃڻ کان پوءِ، هڪدم سندس ڪُٽنب جي پرڳهور لڏي وڃي ۽ ٻيو ته: ڪنهن به عملدار جي غداري ڪرڻ جي صورت ۾ هڪدم سندن گهر وارن کي گرفتار ڪري سگهجي...

اڻين فقري ۾ آيل آهي ته: اسپيشل ڪاتي کي لازمي طؤر تي سرسري عدالتن ۽ سياسي ڪاتي سان تعارف برقرار رکڻو آهي... ته جيئن ڏوهن جون ڏڏي تي سزائون ٻُڌائي خاتمو ڪيو وڃي.

1919ع جي خزان جي مُند ۾ ٽيل پارٽيءَ جي اڻين ڪانگريس ۾، ٽراٽسڪيءَ طرفان فوج جي لاءِ ڏنل "آهني ضابطي" واري نظريي جي فوجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حزب اختلاف طرفان مخالفت ڪئي وئي، جنهن ڪي بهرحال لينن جي حمايت حاصل ڪرڻ ٿي سگهي.

ٽراٽسڪيءَ انهيءَ مسئلي بابت انهيءَ مهل ئي لکيو هيو، جڏهن اسٽالن سان سندس تڪرار شروع ٿي چُڪو هيو. 1932ع ۾ شڪاگو ڊيلي نيوز کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ ٽراٽسڪيءَ چيو ته: 1918ع کان 1920ع تائين هلندڙ گهرو لڙائيءَ ۾ لينن جي مشورن سان ٺهيل فوجي طريقئہ ڪار جي،اسٽالن ۽ "ووروشيلوف" سختيءَ سان مخالفت ڪئي هئي. پر اها حقيقت آهي ته ٽراٽسڪيءَ جا نہ رڳو اسٽالن سان اختلاف ٿي پيا، پر هڪ اهم نُڪتي- "روس جي انتظاميہ جي تنظيم واري مهم" جي اهم ترين مسئلي تي لينن سان بہ سندس اختلاف ٿيا.

لينن جو خيال سندس تصنيفن ۾ "سوويت حڪومت جا فوري مسئلا" جي عنوان تحت،جيڪو اپريل 1918ع ۾ شايع ٿيو، تنهن ۾ ڏنل آهي. جنهن موجب: پرولتاريہ ۽ غريب هارين جي ٺهيل حڪومت جو پهريون قدم اهو آهي ته هڪ پيچيده ۽ نازڪ سسٹم يا نون تنظيمي لاڳاپن جي جوڙجڪ لاءِ مثبت ۽ تعميري ڪم ڪيا وڃن..." اهو سڀ ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو؟ انهيءَ جو جواب ڏيندي لينن چيو آهي: "تڏهن، جڏهن آبادي، جي گهٽائي آزادانہ تخليقي ڪم ۾ جُنبي ويندي. اسان کي انتظامي طريقن کي طاقت ذريعي دٻائڻ وارن قدمن مٿان اهميت ڏيئي اڳ ۾ رکڻ کپي." "اسان کي ڪم جي مختلف حصن ۾ ورهاست (Peice Work) وارو سوال ضرور اُتارڻ گهرجي ۽ پيداوار جي مُناسبت سان پگهارون مقرر ڪرڻ کپن."

ٻئي طرف ٽراٽسڪيءَ جو مؤقف 1920ع ۾ لکيل سندس ڪتاب "دهشتگردي ۽ اشتراڪيت" ۾ هيٺين طرح ڏنل آهي: "لازميت ۽ رياستي دٻاءُ، جيڪي عام طور تي تواريخي روايتن کان تمام پري آهن، سي هن سلسلي ۾ ايندڙ ڪافي وقت تائين انتهائي اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا." اهو ضروري آهي ته هڪ دفعو ۽ هميشہ لاءِ اها ڳالهہ محسوس ڪجي،تہ مزدورن جي ڊيوٽيءَ واري اصول جي جڳهہ، مزدورن جي طرفان رضاڪارانہ پورهيي واري ڳالهہ والاري آهي. جهڙي طرح پئداوار جي ذريعن کي رياست جي ملڪيت قرار ڏيئي، اسان هميشہ لاءِ بنيادي طور تي سرمايہ داري ملڪيت جو خاتمو آڻي ڇڏيو آهي."

"جيڪڏهن اهو درست آهي، تہ دٻاءُ تحت ٽيندڙ مزدوري هر حالت ۾ هر دور ۾ بي فائدي رهي آهي، تہ پوءِ اسان جي سڄي ترقي ٻُڌي ختم ٿي ويندي. ڇاڪاڻ جو سوشلسٹ واٽ اختيار ڪرڻ لاءِ اسان وٽ حاڪماڻي ۽ اختياري انتظام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(Authouritarian Managment) ذريعي معاشي ذريعن ۽ وسيلن تي ضابطي ۽ لٻر فورس جي ملکي پٹماني تي،مرڪزيت تي مُبني ورهاست کان سواءِ ٻئي ڪنهن طريقي سان ممڪن ناهي." پيداوار جي ذريعن کي سماج جي ملڪيت بٹائيندي، انهيءَ سان مزدورن جي بورزوا آزاديءَ جي بي ربط تصور سان گڏائڻ کان سواءِ،مزدور طبقي ۾ مڪمل ٽوڙ ڦوڙ ۽ معاشي ڏڪيڙ جي ٻيو ڪهڙو نتيجو حاصل ٿي ٿو سگهي؟ هو ٿا چون ته زور بار سان ڪرايل مزدوري هميشہ بي فائدي رهي آهي. آئون انهيءَ تي احتجاج ڪندي، انهيءَ کي لازماً هڪ معمولي ۽ ڪِلَ جوڳي لبرل بدگماني سڏيندس."

لينن جي خيال موجب: "ٽريڊ يونينون ڪميونزم جو هڪ اڻ ٽُٽ حصو آهن ۽ رهنديون ۽ مزدور طبقي جي انتظامي سرچشمي جو ڪم ڏينديون". جڏهن ته ٽراٽسڪي مطابق: "ٽريڊ يونينون اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ پاڻ ۾ جابرانہ خاصيتون پٹدا ڪري وجهن ٿيون، جيڪي نہ رڳو صنعتي مزدور جي حقن جي وڪالت ڪن ٿيون، پر خود صنعتن جي مُفادن جي ٻ نگراني ڪرڻ شروع ڪري ڏين ٿيون. آخر ڪار اهي انجمنون انقلابي دباءَ جون چٹمپين بٹجي ٿيون پون."

انهيءَ سموري عرصي ۾ ٽراٽسڪيءَ جون رپورٹون ۽ تقريرون "لٻر ڊيوٽي" "مزدور طبقي جي فوجن جو پايو" "پورهيت بندي" ۽ "پورهيت سبق" جهڙن ڪهڙن اصطلاحن سان پريل آهن. لازمي آهي ته اهڙين فوجن جي نگهباني‌ءَ لاءِ، هڪ ڪارائتي ڪامورڪي ڊانچي جي ضرورت پوندي. انهيءَ موضوع تي ماهرن جو خيال آهي، ته اهڙي منظم طريقءِ ڪار واري ڊانچي جو ابو ٻيو ڪونہ پر ٽراٽسڪي آهي. جنهن "فوجي سوشلزم" (ٽراٽسڪائي تصور) جي وڪالت ٿي ڪئي. ٻين لفظن ۾ ته انهيءَ طريقہ ڪار تحت سڄي ملڪ کي فوجي بيرڪن جي هڪ وڏي سلسلي ۾ تبديل ڪرڻ ٿيو، جتي هر ماڻهوءَ جي ڪم ڪار ۽ رهڻ جو انداز فوجي اصولن تحت نظم ۽ ضبط ۾ هيو. ٽراٽسڪيءَ پنهنجو پاڻ کي انهيءَ سڄي حڪمت عمليءَ جو باني ٿي سمجهيو، جيڪو سندس تحريرن مان ظاهر آهي. هڪ هنڌ هُن لکيو آهي: "بي ترتيب ڪميسارين ۽ مرڪزي ڪاتن جي شڪل ۾ اسان جيڪي ادار ناهيا آهن ۽ ناهيون پيا، سي در حقيقت عارضي ۽ نقصانڪار نہ پر لازمي آهن. جن کي اسين انتظامي ۽ معاشي سوويت نوڪر شاهي سڏيون ٿا. جنهن کان سواءِ رياست جو وجود برقرار رکڻ ممڪن ئي ناهي." اهي ڳالهيون 1920ع ۾ لکيون ويون، جنهن کان پوءِ کيس "نوڪر شاهيءَ جو وڏيرڙو" ڪري سڏيو ويو. تقريباً ڏهن سال يعني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1929ع ۾ سوويت يونين مان سندس نيڪاليءَ کان بلڪل پوءِ هُن لکيو: "سوويت يونين ۾ پٺتي باقي وڃي پارٽي ۽ رياست جي گڏيل بيوروڪريسي جي آمريت رهي آهي، جنهن جو تقريباً مٿاهين طبقي سان تعلق آهي. جيڪڏهن پارٽيءَ هڪدم پارٽي ۽ رياستي سُڌارا ڪونہ آندا، تہ ڪيس لازمي طور تي ٽرميڊائي [ٽرميڊورين انهيءَ انارڪسٽ گروپ جي مئنيجر کي چيو ويندو آهي جنهن 1794ع ۾ رابسپئري ۽ يعقوبين جي جمهوري حڪومتن کي فرانس ۾ داهڻ ۾ حصو ورتو هجي] فاشي ظالمانہ آمريت جو مُنهن ڏسڻو پوندو.

1921ع ۾ شروع ٿيل پارٽيءَ جي ڏهين ڪانگريس ۾ "معاشي پاليسي" جيڪا لينن جي خواهش مطابق رٿيل هئي ۽ پارٽيءَ ڏني هئي، سا ٽراٽسڪيءَ پنهنجي تصورن سان پيٽائيندي،سڃي جي سڃي اختيار نٿي ڪري سگهيو. انهيءَ موقعي تي لينن چيو: "ڪير ٿو چئي ۽ ايئن ڪهڙن بنيادن تي ممڪن آهي تہ دُنيا جو عظيم ۽ فاتح انقلاب، فقط ئي فقط انقلابي طريقو لاڳو ڪري؟ اهڙي ڪا بہ ڳالھ ڪانهي."

هو ايجا بہ وڌيڪ چوي ٿو: "اهو ضروري ناهي تہ اسين سنئون سڌو ڪميونزم جي حاصلات جي لاءِ جدوجهد ڪريون. در حقيقت اسان کي پنهنجي تحريڪ جا بُنياد هاريءَ جي ذاتي اُتساھ ٽي رکڻ کپن."

"توهان سڀ ڏٺن ۾ لڳي وڃو! توهان کي سرمائيدارن سان بہ گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. مُلڪي ۽ غير مُلڪي سرمايہ دار- جن ۾ رعايت يافتہ ۽ پٽي دار سڀ شامل آهن. اهي سَوَنِ سيڪڙن جي حساب سان توهان منجهان مُنافعا نپوڙي ڪيندا ۽ پاڻ کي وڌيڪ شاهوڪار بڻائيندا ۽ اهو سڀ ڪجھ توهان جي پرسان ڪم ڪندي حاصل ڪندا. پر کين ڇڏيو، جو تہ انهيءَ وچ ۾ توهان کائڻ معاشيات کي هلائڻ جو ڍنگ سکي پوندا ۽ جڏهن توهان ايئن ڪندؤ،تہ پوءِ ٽي توهان جي هٿان ڪنهن ڪميونسٽ رياست جو قيام ممڪن ٿي سگهندو."

اهو سڃو پروگرام "پورهيت فوج بندي" واري ٽراٽسڪيءَ جي تصور کان تمام گهڻو مختلف ۽ پري هُيو.

هتي اهو نقطو ايري ٿو اچي، تہ انهيءَ وچ ۾ جوزف اسٽالن ڇا ٿي ڪيو ۽ سندس ڪهڙي پوزيشن هئي؟ اسٽالن جيڪو غير متوقع طور تي ڪريملن جي گنبذ تان زبردست سگھ سان هيٺ لٿو، تنهن جي ٽراٽسڪيءَ سان رساکشيءَ کي، هزارين نہ تہ سوين رسالن ۽ اخبارن، ڪافي عرصو پاڻ کي شھ سُرخين سان سنواريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"صنعتي واڌ وارو مسئلو جيڪو پنج سالہ رٽاجو خاص حصو هيو، سوئي اسان جي ڪاپي ڊُر يعني منهنجي، اسٽالن ۽ سندس حمايتي ٽولي جي وچ ۾ اختلافن جو بنيادي ڪارڻ هُيو. فيبروري 1928ع تائين اسٽالن جي انهيءَ ڏڙي جي سلسليءِ ٽراٽسڪيءَ جو مؤقف هئو: اهو لازمي سمجهو ته هن جدوجهد ۾ هارين جو پاسو ڪٽندي، ڪيس صنعتڪاريءَ جي مفادن ۾ قربان ڪرڻ کان انڪار ڪيو ويجي. ان کان سواءِ نوڪر شاهيءَ جي رٽابندي تي اسٽالن ٽئولبازي ڪندي چيو: اسانجو دارومدار مينهن تي آهي نه ڪي رٽابنديءَ تي. 1925ع ۾ مون هڪ ڪتاب: "سرمايہ داريءَ ڏانهن يا سماجواد طرف" جي عنوان سان ڇپرايو. جنهن ۾ اهو ٻُڌايو ويو هيو ته جيڪڏهن مُناسب راهنمائي ڪجي ته صنعت هر سال 20 سيڪڙو وڌيڪ اُپت ڏيئي سگهي ٿي. "مولوٽوف" ۽ اسٽالن انهن انگن اکرن کي خام خيالي ڄاڻائيندي، پارٽيءَ جي ڪاپي ڊُر مٽان "عظيم صنعتڪاري" ڪرڻ جو الزام لڳايو. (1932)

ان کان اڳ ٽراٽسڪي چيو: "زمين کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جو مڪمل قَلُ، اسان کي تڏهن محسوس ٿيندو، جڏهن اسين زرعي اوزارن ۾ ترقي ڪرڻ سان گڏوگڏ زراعتي پوک ۾ به اڳيرا ٿيندا سون. ٻين لفظن ۾ ته انهيءَ منزل تي پهچڻ لاءِ اسان کي ڪجهہ سال انتظار ڪرڻو پوندو ۽ اهائي منزل آهي جنهن طرف اسان وڌي رهيا آهيون". (1926)

"ٽراٽسڪيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ مخالف ڏر اسٽالن جي خلاف صنعتڪار رٽابنديءَ واري اصول ۽ وڌيڪ تيز معاشي ترقي جي مخالفت ڪرڻ ۽ "ڪُلاڪن" جي خلاف باهہ ٻارڻ ۽ اشتراڪيت سوپ جي ڪري جدوجهد ڪئي. 1930ع کان وٺي مُخالف ڏر پنج سالہ رٽا تيار ڪرڻ تي زور ڏيندي رهي آهي، جنهن جا بنيادي عنصر هُن خود ترتيبيا. اسٽالن جي ڏڙي جي مخالفت ڪندي ڪاپي ڊُر وارن، سڄي سوويت يونين جي معاشي ترقيءَ جا نظرياتي بنياد ۽ ڪنهن حد تائين تنظيمي مسئلا پڻ حل ڪيا. اڳ 1937ع ۾ اسٽالن "مولوٽوف" "ووروشليوف" ۽ ٻين جي مدد سان منهنجي خلاف جنگ ۾ چيو هُيو: "اسان کي ليون ٽراٽسڪيءَ جي ايتري ضرورت آهي، جيتري ڪنهن مُڙهڪ کي گراموفون جي." (1932)

"سوويت يونين جي ترقيءَ جي بعد واري زوالي دؤر ۾، مجموعي طؤر تي خبر ٿي پوي ته حڪمران ڊُر جي نوڪر شاهيءَ ۾ زنگجي وڃڻ جا بنيادي سياسي محرڪ، عوام جو انقلابي ٽرٽلي مان گذرڻ کان پوءِ، گهرو لڙائيءَ ۾ اڇڻ ڪري ٽڪجي پوڻ هُيو. تنهن ڪري نئين معاشي پاليسيءَ ڏانهن منتقلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي حقيقت ۾ پهرين معاشي سوچ هُئي. جيتوڻيڪ راشن پاڻي جام پئدا ٿيو پئي،پر پوءِ ۽ اهو گهٽي عرصي تائين هر ڪنهن لاءِ مُهيا نٿي ٿي سگهيو. جنس تي بدّل معاشيات جي طريقي کي لاڳو ڪرڻ جي ڪري،نه رهڳو لاڳو قيمت جي ڪٽ واري مسئلي مُنهن ڪڍيو، پر بنيادي راشن بندي ۽ واڌو مزدور کي ڪارخانن مان ڪڍيڻو ۽ پئجي ويو. نتيجي ۾ ڏگهي مدت تائين اسان جي معاشي ڪاميابيءَ سان گڏوگڏ بيروزگاري ۽ وڌندي وئي."

"هتي اسان کي اها ڳالهه هڪ گهڙيءَ لاءِ ۽ ناهي وسارڻي ته رياست ۽ پارٽيءَ جي طاقت کي وڌائڻ تڏهن ئي ممڪن هُيو، جڏهن بيروزگاري برقرار ٿي رهي ۽ سالن جا سال رزرو فوج جا سپاهي ٻُکون ڪاٽڻ کان پوءِ ۽ هڪ پرولتاري مشين آپريٽر کان ٿي ڏنا."

"ڪارخانن ۾ جيڪي ۽ تنقيدي رويا رکندڙ ڪارڪن هُياءاُنهن مان هڪڙن جي ته چُڻي ڪرائڻ اهم انقلابي فريضو ٿي پيو ۽ ٻين کي استالیني نوڪر شاهيءَ جو ڪارگر پرزو بڻايو ويو." (1931ع)


1929ع ۾ ٽراٽسڪيءَ کي مُلڪ بدر ڪندي ۽ 1932ع جي مُنڊ ۾ سندس شهريت منسوخ ڪندي، استالن پنهنجي پاليسين ۾ هڪ تڪڙي ڦير گهير ڪئي.

سندس طور طريقن ۾ جيڪي ٽراٽسڪيءَ سان بنيادي اختلاف هيا، سي ختم ٿيندا ويا ۽ انتهائي ٻيانڪ ظُلمن سان هُن گڏيل عمل (Collectivi Sation) کي متعارف ڪرايو. سڄي مُلڪ جي اندر زيادتين ۽ خوف جي لهر چانئجي ويئي. سزا يافته ماڻهن جي "مزدور فوج" ملڪ ۾ "اشتراڪيت جا عظيم منصوبا" ٺاهڻ شروع ڪيا. رياست جي طاقتور مشنري هڪ ماڻهوءَ جي خدمت گذار ٻانهي ٿي پئي -۽ اهو ماڻهو هيو استالن.

اهو سڀ ڏسندي وولڪو گونوف جي انهيءَ ڳالهه جي خلاف ڪڏهن ۽ نڙو ٿي سگهجي، ته ٻن مري ويلن دشمنن، يعني ٽراٽسڪي ۽ استالن جي جنگ، رهڳو خيالن جي جدل نه پر ۽ نظريا هٿا، جن جي پرورش انهيءَ ڪري ڪئي وئي هئي ته جيئن لينني نظريي جي جڳهه والاري سگهجي.

(اسپوتنڪ جي ڪنهن پرچي تان کنيل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



البرٽ آئنسٽائن

جنم: 14 مارچ 1879ع
لاڏاڻو: 18 اپريل 1955ع

انسان ذات جي تواريخ ۾ عام طور تي بيشمار هستيون اهڙيون ٿي گذريون آهن، جن کنهن نه کنهن بهتر رُخ ۾ انسان جي راهنمائي ڪئي آهي. پر منجهائٽن ذاتي ڪردار ۽ گهڻ رُخي طبعيت جي حوالي سان، تمام گهٽ عظمت جا صاحب پئدا ٿيا آهن. البرٽ آئنسٽائن اهڙن ئي اُتم هستين منجهان آهي، جن نه رڳو عبادت جي حد تائين خدا جي مخلوق سان پيار ڪيو، پر پنهنجي ذهانت کي به ڪائنات کان مليل امانت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهي، عام جي پلي لاءِ استعمال ڪيو. نہ رڳو ايترو، پر پنهنجي سماجي حيثيت کي پڻ وڏ ماٺهاٽ بدران، درويشيءَ ۽ فُقر سان سلهاڙي رکيو. اهوئي سبب آهي جو آئنسٽائن هڪ ذهين سائنسدان، قابل اُستاد ۽ کوجيءَ سان گڏوگڏ، هڪ عظيم انسان جي حيثيت سان پڻ اتهاس جي صفحن تي ياد ڪيو ويجي ٿو. هلندڙ صديءَ ۾، هڪ فرد جي حيثيت ۾، جيڪا سُجاٽپ ۽ محبت ڪيس حاصل ٿي آهي، اُها دُنيا ۾ ڪنهن به ٻئي شخص جي حصي ۾ نہ اچي سگهي آهي.

آئنسٽائن جو اضافت وارو نظريو، هڪ طرف طبعيات ۽ سائنس جي دُنيا جو، اڄ ڈينهن تائين سڀ کان وڌيڪ مقبول موضوع آهي، تہ ٻئي پاسي سماجي علمن ۽ فيلسوفياٽي دائري ۾ ب، اُن جي هڪ حد تائين فيصلہ ڪُن حيثيت آهي. هن رُخ ۾ آئنسٽائن عقلي پرک ۽ زمان توڙي مڪان (Space and Time) جي حد بندين کان مٿانهون ٿي، احساسن کي وارتائن سان لاڳاپي، منجهائن پلٹ پوندڙ نتيجن جي بُنياد تي، حقيقتون نروار ڪيون آهن. اضافت جو نظريو مختصر طور تي بيان ڪرڻ لاءِ، مثال اهو ڈيئي ٿو سگهجي، تہ جيڪڏهن اوهان پنهنجي دل گهُريي دوست سان گڏ آهيو، تہ هڪ ڪلاڪ سيڪنڊن ۾ گذرندي محسوس ٿيندو، پر بنديخاني ۾ بور زندگي گذاريندي، ڈينهن ۽ سال پيو پاسندو. شين، حالتن ۽ واقعن سان اهو نسبتي لاڳاپو، آئنسٽائن کي دُنيا جي عظيم دماغن جي قطار ۾ آڻي بيهاري ٿو. سندس انهيءَ غيرمعمولي علمي حيثيت تي بهرحال ڪنهن به ڏُر کي ڪو به اعتراض ڪونهي.

ـ سنڌيڪار

1919ع ۾ نومبر مهيني جي پهرين هفتي ۾ انگلنڈ وارا، هڪ سال اڳ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ختم ٿيل پهرين مهاڀاري لڙائيءَ جي خاتمي،جي سالگره ملهائڻ جون تياريون ڪري رهيا هُئا. انساني تواريخ جي خونخوار جنگ ختم ٿي چُڪي هئي ۽ سال پُڄاڻان، دُنيا پنهنجي عام رواجي ڪار وهنوار ڏانهن موٽني آئي هُئي. ماڻهن ته جيتوڻيڪ محسوس ٿي ڪيو ته حالتون بدلجي چُڪيون آهن، پر زنده رهڻ لاءِ ماحول، جهڙوڪ نوجوانن جو سياڻ (ڪن نقادن ته موسم ۾ پڻ تبديليءَ جا اشارا ٿي ڏنا) ۽ شايد بُري طرح بگڙجي چُڪو هئو. ان هوندي ۽ ايجاڪي وکر بچيا هُئا، جن جي ڪري ماڻهو شڪرانا ڪري پئي سگهيو. انهيءَ ڪري ٿي لنڊن جي سڄي پريس، هن سالگره جي موقعي تي خاص اشاعتون، اداريا، مضمون ۽ وڏيون سُرخيون هٽي اخبارون ۽ رسالا ڪڍيا. لڳو ايئن پئي ته هي موقعو، ماڻهن جي ذهنن تي ايترو ته حاوي ٿي چُڪو هُئو، جو هُنن ٻي ڪنهن ۽ ڳالهه تي ڌيان ئي نه پئي ڏريو.

اهڙي سرگرم ماحول ۾، 7- نومبر 1919ع وارو ڏينهن،مختلف اخبارن جي مٿان هڪ سُرخي ڪٽي ظاهر ٿيو. روزاني "سنڊي ٽائيمز" مُهڙين صُفحي تي وڏن اکرن سان،هڪ زبردست سُرخي هنئي ته: "سائنس جي دُنيا ۾ انقلاب- نيوٽن جي تصورن کي رد ڪيو ويو." انهيءَ کان پوءِ تفصيلن ۾ ڳڏريل شامر ڏاري،انگلئنڊ جي مشهور سائنسي اداري "رايل سوسائٽي" جي ٿيل گڏجاڻيءَ جو ذڪر ڪيو. جنهن ۾ گينيا ڏانهن موڪليل مُهم-جُو ٽيم جو ذڪر ڪندي، سج گرهڻ بابت پُڏائيندي ڪجهه نتيجا ڪڍيا ويا هُئا. وڏي ڳالهه ته هن مُهم ۾ ڪيل مُشاهدا، انتهائي اطمينان بخش قرار ڏنا ويا. جن بابت مختلف تفصيل ڏيندي، اخبار،سوسائٽيءَ جي صدر جا چيل جُملا ڇاپيا، جنهن چيو: "هن مهم ذريعي فقط هڪ ڏورانهين ۽ لڪل اُپيٽ جي دريافت ئي نه ٿي آهي، بلڪ سائنس جي هڪ وڏي ڪنڊ جي ۽ حاصلات ٿي آهي. مان سمجهان ٿو ته نيوٽن جي ڪشش ثقل واري قانون جي نروار ٿيڻ کان پوءِ، انهيءَ سلسلي جي دُنيا ۾ هيءَ عظيم ترين دريافت آهي."

اصل ۾ هن مهم ۾ سج گرهڻ دؤران، ستارن جي گردش جي مشاهدي، آئنسٽائن جي اُن 'اضافتي نظريي' (Theory of Relativity) جي سچائيءَ جي تصديق ڪري ڇڏي هُئي، جيڪا تيز رفتار ڇُرپر واري حيرت پريي خيال جي رُخ ۾، هڪ نئين پيش قدمي هُئي- ۽ هن حاصلات جي مُهابي ئي اڏ واضح ٿيل،طبعيات جي علم جي،مختلف شاخن کي، جامع روپ حاصل پئي ٿيو.هاڻي نيوٽن جا پُراڻا نظريا، انتهائي بلند درجي واري رفتار ۽ روشنيءَ سان مطابقت رکندڙ (روشنيءَ جي رفتار 186000 ميل في سيڪنڊ آهي) شين سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واسطيداريءَ ۾ ايندي، اَڻ پورا ٿي لڳا. جيتوٽيڪ زندگيءَ جي عام رواجي وارتائن ۾ نيوٽن جا اُهي ساڳيا قائدا اڄ ب پورائتا ۽ مُناسب آهن. مثال طور آئنسٽائن ڄاڻي ورتو هُئو، ته ڪنهن ب قسم جي جوڙجڪ رکندڙ ۽ وقت جي سار رکندڙ ڪو ب اهڙو گهڙيال، جيڪو سيڪنڊ ۾ 161000 ميلن جو فاصلو ڪٽي سگهڻ جي قوت رکي ٿو، سو ڪنهن ب ڏرتيءَ تي بيٺل گهڙيال جي مُقابلي ۾ ٻيٽو وقت ماپيندو. اهو فقط اها رفتار (Speed) ڏيکاريندو، جو ته وقت پاڻ ب تکو ٿي چُڪو هوندو آهي، رفتارن جي انهيءَ فرق جو اثر نہ رڳو وقت (Time) تي پئي پيو، پر مايي (Mass) ۽ طرف ۾ ب تبديلي ٿي آئي. جنهن ڪري خلا ۾ سفر ڪندڙ ماڻهوءَ جو وزن ۽ ڊيگهه گهٽجي ٿي ويا.

آئنسٽائن، انهن مڙني صورتحالن جو علم، عقل جي استعمال ۽ علم حساب جي ذريعي حاصل ڪيو هُئو. منجهائنس ڪاب تبديلي سواءِ مرڪيوري سياري جي مدار ۾ موجود نراليڻ جي، (جيڪو ب هنن نظرين ۾ واضح هُئو) ٻڌي ڪنهن هنڌ ڏني ڪانہ ويئي هُئي. آئنسٽائن جي هن خيال جي ڪا تڪڙي تصديق ٿيڻ، يعني شين جي روشنيءَ جي رفتار سان لاڳاپيل تبديليءَ منجهان اخذ ٿيندڙ نتيجن جي فوري حاصلات، مشڪل پئي لڳي. پر عام سوچ اها هُئي ته جيڪڏهن سج وٽان گذرندي، روشنيءَ ۾ ايندڙ موڙ (Bend) جو جائزو وٺڻ مُمڪن ٿئي، ته پوءِ انهيءَ نظريي بابت، ڪا واضح راءِ جوڙي ٿي سگهجي. 1919ع ۾ ٿيل سج گرهڻ، اصل ۾ اهڙو موقعو فراهم ڪري ڏنو. انهيءَ سلسلي ۾ سائنسدانن جون ٻہ ٽوليون گينيا جي نار، يعني الهندي آفريقا ۽ اُترين برازيل ڏانهن موڪليون ويون، جاڪاڻ ته اُتي مُڪمل سج گرهڻ ٿيڻ جا امڪان هُتا.

ويڪرائي ڪاڪ جي هنن علائقن ۾ چنڊ، سِجَ ۽ زمينَ جي وچ ۾ اچي، مڪمل طور تي سج گرهڻ پئي ڪئي. ساڳئي وقت سج ڪيترن ئي روشن ستارن جي جهرمٽ منجهه اچي بيٺو، پوءِ جيئن ئي اوندهه ٿي، ته ستارن جي روشني اچي سج جي مٿاڇري جي ويجهو لنگهي. ان مهل سائنسدانن تصويرون چڪيون ۽ وري ٻيون تصويرون، لنڊن جي سائنسي مرڪز ۾ ويٺل ماهرن، بنان سج گرهڻ جي، ستارن جي عام صورتحال ۾ ورتيون.

سج گرهڻ دؤران ورتل مختلف تصويرن جي پيٽ، آئنسٽائن جي نظريي کي مُڪمل طور تي ثابت ڪري ڇڏيو. تصويرن ۾ آيل ستارن جا عڪس ايئن ٿي ٿيڻ، جيئن آئنسٽائن اڳ بيان ڪري چُڪو هُئو. هاڻي اضافتي نظريي جي سچائيءَ جي باري ۾ ترَ جي ب گنجائش ڪانہ هئي. ان جي باوجود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائنسدانن جي مشهور "رايل سوسائٽي" جي صدر صاف لفظن ۾ چيو: "بهرحال اڄا تائين ڪوبه شخص واضح انداز ۾، آئنسٽائن جي اضافتي نظريي بابت، ڪا وضاحت نه ڏيئي سگهيو آهي."

حقيقت ۾ اها آهي ته ڪو به سائنسدان ايئن نه ڪري سگهيو. منجهائن ڪيترائي پنهنجي خاص تحقيقي مٿدان ۾، هن نظريي جي نتيجي ۾ پٺدا ٽيندڙ صورتحال کان واقف هٿا. ان جي باوجود کين هن نظريي جي ٿوڙي ئي معنيٰ سمجھ ۾ نٿي آئي. پر اها حقيقت آهي ته ٿورڙي ئي وقت اندر، دُنيا جي هر طبعيات دان جي آڏو، "آئنسٽائن" ۽ "اضافت" جا لفظ، جڙ ته لازمي بڻجي چُڪا هٿا. آئنسٽائن جي پنهنجي طبيعت ۾، گهڻ ۾ گهڻ هڪ شاندار پهلو موجود هُئو ۽ اهو هُئو، اڻ جاتل ۽ اڻ ڄاڻ ساڻ پري طبيعت، ذهانت ۽ بناوٽ کان پاڪ زندگي، جنهن سندس نظريي کي ۽ امرتا بخشي ڇڏي.

آئنسٽائن جو ڄنم 14- مارچ 1879ع ۾ "وزٽمبرگ" جي "الم" شهر ۾ ٿيو. پر هُو اڄا هڪ سال جو ئي هُئو، ته سندس پيءُ ماءُ لڏي اچي ميونخ شهر ۾ وينا. هتي اچي سندس والد پنهنجي ۽ائ سان گڏجي، بجليءَ سان لاڳاپيل ڪيميائي مواد جي تياريءَ لاءِ، ننڍو ڪارخانو هنيو. جنهن جو واپار وارو پاسو آئنسٽائن جو والد ۽ پٺداواري ذميواري چاچهس سنياليندو هُئو. گهر جو باقي ڪٽنب شهر ٻاهران هڪ گهر ۾ ويجي ويئو. سائنس جي دُنيا ۾ آئنسٽائن جي آمد، سندس چاچي جي شاندار ذهن جي ڪري ۽ موسيقيءَ ڏانهن لاڙو ماءُ جي مُهابي ٿيو، جيڪا پاڻ به هڪ موسيقار هُئي. هونئن سندس ڪُٽنب يهودي هئو، پر جيئن ته آسپاس ڪوبه يهودي اسڪول ڪونه هُئو، تنهن ڪري هن جي تعليم هڪ ڪٿولڪ اداري ۾ شروع ٿي. اهوئي سبب آهي جو مٽس ٻنهي مذهبن جا اثر پيا ۽ شايد ان ڪري ئي، هُو سڄي عمر ڪنهن به قسم جي رنگ، ذات، مذهب ۽ ٻي ڪنهن خاص مت پيد جو بدترين دشمن رهيو. هُن جو منڊ کان ئي سائنس سان چاهه رهيو، ڇاڪاڻ جو هُو لاطيني يا يوناني ٻوليون سکڻ کي وقت جو زيان سمجهندو هُئو. سائنس ۾ به چاچي جي معرفت، هُو علم حساب ڏانهن وڌيڪ لڙي پيو ۽ پوءِ ڪائنس الجبرا جا ڏُکيا ڏُکيا مسئلا سکڻ لڳو. ايتري قدر جو چاچهس آئنسٽائن کي جيڪي جانورن جون آڪاٽيون ٻڌائيندو هُئو، تن جي شروعات به هن طرح سان ڪندو هُئو: "هاڻي پاڻ جنهن جانور جو شڪار ڪنداسين، تنهن کي في الحال X جو نانءُ ٿا ڏيون..."

آئنسٽائن جڏهن پنڌرنهن سالن جو ٿيو، ته سندس والد کي ڪاروبار ۾ گهاٽو پيو. جنهن جي نتيجي ۾ هو ڪارخانو بند ڪري، پاڻ آزمائڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الليءَ جي ڏاکٽين شهر "ميلان" ڏانهن هليو ويو. جيئن ته ان دؤر ۾ ڪنهن به پڙهيل شخص لاءِ، جرمنيءَ ۾ خاص اسڪول، "جمنازيم" جي سند لازمي هوندي هئي، تنهن ڪري والدين ڪيس "لوئٽ بولڊ جمنازيم" ۾ تعليم پوري ڪرڻ جي هدايت ڪئي. پر ميونخ جي سخت ٺڊ ۾، الليءَ جي روشن ڏهاڙن جو تصور ڪندي، آئنسٽائن پاڻ تي ضابطو نه رکي سگهيو، ۽ والدين جي سخت منع ڪرڻ جي باوجود، هُو ساڻن گڏ هليو آيو. الليءَ ۾ پهچي ڪيس معلوم ٿيو ته سندس والد کي ٽوٽي پوڻ کان پوءِ، سندس ڏيوالو نڪري چُڪو آهي، تنهن ڪري هُو ڪيس وڌيڪ پڙهائي ۾ نٿو سگهي. ٻئي طرف پنهنجي جذباتي طبعيت ڪري، هُو "جمنازيم" واري سند کان ۾ محروم ٿيو. سو پي ڪا واهه نه ڏسي، هُن ڪنهن اهڙي هُنري اداري جي ڳولا شروع ڪئي، جيڪو ڪيس سائنسدان ٿيڻ ۾ مدد ڪري. ٽورڙي ئي عرصي ۾ هُو جڏهن لڏو ڪٽي سُٽزرلئنڊ جي شهر زيورچ ۾ پهتا، ته ڪيس پنهنجي مقصد جي حاصلات لاءِ، زيورچ جو "پوليٽيڪنڪ ادارو" ملي ويو.

هن اداري جي سڄي يورپ ۾ هاڪ هُئي ۽ پري پري کان ڪَهي ماڻهو هتي علم پرائڻ ايندا هئا. ان اداري ۾، هنگريءَ جي هڪ چوڪري "ملیوا ماريٽش" به هئي، جنهن فزڪس ۾ سندس دلچسپيءَ ۾ ياڳي پائيواري ڪئي. مٽن ايترو ته خبط هُئو، جو پيا جڏهن هاسٽلن ۾ وڃي سمهي پوندا هئا، ته هي ٻئي جڳا پوءِ به تجربن ۾ رُڌل هوندا هُئا. اڳتي هلي منجهن ايتري ته گهرائپ ٿي، جو ڪجهه هفتن پڄاڻان، هر ڪنهن کي پڪ ٿي، ته هو هميشه لاءِ هڪ ٻئي جا ٿي ويندا.

هن اداري مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ، اهو ڏسي آئنسٽائن کي حيرت ٿي، ته ڪنهن به اداري ڪيس سندس دل گهُريي ڪم لاءِ ڪا آڇ ڪانه ٿي ڪئي. آخرڪار وڏي جاکوڙ کان پوءِ، هُن "بيرن" شهر ۾، "پٽنٽ آفيس" ۾، هڪ نوڪري حاصل ڪري ورتي. ان دؤران، ڪيس سُٽزرلئنڊ سان ايترو پريم ٿيو، جو هُو جرمن پاسپورٽ رد ڪرائي، "سوئس" شهري ٻڌجي ويو. ٽئين سر پنهنجو پاڻ ڪي جائتو ڪرڻ لاءِ، هُن فورن 'مِلوا' سان شادي ۽ ڪري ورتي، پر ٽوري ٿي عرصي ڪانپوءِ، ڪيس محسوس ٿيو ته تجربي گاهه کان ٻاهر رهندي، سندن طبعيت ۾ وڏو فرق هُئو. آئنسٽائن جيڪو پاڻ گهڻ رُخو، توڪلي ۽ درويش صفت شخص هُئو، تنهن جي ٻيٽ ۾ مائي ڏاڍي اُتاولي، شڪي مزاج ۽ رَک رَکاو واري عورت ٿي لڳي. پر سُٽت ئي ڪين هڪ ٻئي پٽيان ٻه نينگر ٿيا، جن سان ٻنهي زال مڙس کي ڏاڍي دل هئي، تنهن ڪري سندن شادي بهرحال برقرار رهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئنسٽائن کي جيڪا نوڪري ملي، سا نہ رڳو ڪيس ڏوکڙ جام ڏيندي هئي، پر ڪيس پين تجربن لاءِ وقت بہ جهجهو مهيا ڪندي هئي. انهيءَ موقعي جو فائدو وٺندي، هُن 1905ع ۾ روشنيءَ جي پڌاوار ۽ منجهس ايندڙ تبديلين جو جائزو ۽ چُرندڙ پُرندڙ شين جي برقي حرڪيات (Electro- Dynamics) بابت تفصيلي مضمون ڇپايا. پر هن تحقيق جو دنيا تي گهڻو اثر ڪونہ پيو. ڇاڪاڻ جو هر ڪنهن اهو پڻي سوچيو، تہ ڪنهن بہ اداري جو ڪو عملدار، تحقيق ۾ ڪهڙا ڦاڙڪا ماري سگهي؟! آخرڪار وڏي جاکوڙ ڪانپوءِ، تحقيق سان لاڳاپيل ادارن محسوس ڪيو، تہ هن قابل نوجوان کي، نوڪريءَ جي جهنجهٽ ۾ تڙپائڻ بدران، ڪنهن اداري ۾ جونيئر پروفيسر مقرر ڪيو وڃي. پر عام طور جيئن ڪامورڪن حلقن ۾ ڳهل گينداڙ ٿيندي آهي، سا هتي بہ ٿي- ۽ چئن سالن کان پوءِ مس وڃي آئنسٽائن کي زيورچ يونيورسٽيءَ ۾ جاءِ ملي.

هتان جو ماحول ڏاڍو مختلف هُئو. آئنسٽائن کي پگهار تہ پُراڻي نوڪريءَ جيتري پڻي ملي، پر هتي رهڻ لاءِ ڪيس روايتي داهو رکڻو ٿي پيو. يعني پلا سُوٽ ڪوٽ، ٽهندڙ جوراب، ۽ خوبصورت ٽاءِ پاڻ، اُتان جي جڻ تہ سماجي مجبوري هُئي. سندس زال ان مصنوعي ماحول ۾، جڻ تہ بيپناهہ سُکون ٿي محسوس ڪيو، پر انهيءَ ٽاهہ ٿُوهہ تي ايندڙ خرچ، وٽن ڏوکڙن جي ڪوٽ پڌدا ڪري ورتي. اُنهن ڏينهن جو ذڪر ڪندي آئنسٽائن لکيو آهي: "تجربيگاهہ اندر تہ مون خلا جي هر طرف ڌار گهڙيال پڻي لڳايو، تہ جيئن وقت جو تفاوت معلوم ٿئي، پر گهر جي ڪمري ۾ گهڙيال هٽڻ لاءِ، مون وٽ ڏوکڙ بالڪل ڪونہ هُئا."

اڳتي هلي 1911ع ۾ 'پراگ' ۾، ڪيس وڏيڪ پگهار سان پروفيسري ملي. هتي جيئن تہ وڏي تعداد ۾ يهودي رهندا هئا، تنهن ڪري ڪيس ساڻن واسطيداريءَ ۾ اچڻو پيو، جنهن ڪري هُو سندن مسئلن کان بہ گهرائيءَ سان آگاهہ ٿيو. ايستائين يهودين ڏانهن جرمنيءَ جو رويو، اهڙو تہ خراب ٿي چُڪو هُئو، جو ڪوبہ سمجهدار شخص، حالتن منجهان، ايندڙ ٽيهن سالن کان پوءِ جرمنيءَ جي يهودين تي، ڪڙڪندڙ قيامت جا اندازا، لڳائي پڻي سگهيو. اهڙي صورتحال ۾، سندس پُراڻي سوئس پوليٽيڪنڪ اداري منجهان، ڪيس بهتر پگهار جي بُنياد تي پڑهائڻ جي آڇ ٿي، تہ هُو پاڻ ۽ پراگ ۾ صفا بيزار ٿي ويل سندس زال 'ملوا' کي بہ زيورچ هلڻ ۾ بهتري نظر آئي. سو سُتت ٿي هُو ٽپڙ ٻڌي روانا ٿي ويا.

هوڏانهن آئنسٽائن پنهنجا مضمون ڇپائڻ جو سلسلو جاري رکيو، جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري،سگھوئي ڪيس عالمي سطح جي شخصيت جو درجو ملڻ لڳو. هُن زيورچ جي پوليٽيڪنڪ اداري ۾،اڃا ٻہ سال ئي گذاريا هٿا، تہ ڪيس هڪ اهڙي آڇ ملي، جيڪا شايد ئي ڪو سائنسدان ٿُڏي سگھي! يعني ڪيس برلن ۾ "پُروشيا جي شاهي سائنسي اڪيڊمي" جي ميمبري ۽ "قيصر ولهلم انسٽيٽيوٽ برلن" جي ڊائريڪٽريءَ لاءِ سڏايو ويو. هتي رهڻ ڪيل پگھار ئي گھٽي نہ ملي ها، پر ڪم لاءِ وڌيڪ وقت ٻ حاصل ٿيس ها. سو اهو ڳٽيندي آئنسٽائن تہ هائوڪار ڪئي، پر سندس زال اهو سوچي، تہ هُوءَ برلن سان ڪڍهن ٻ پاڻ کي ويجهو نہ رکي سگھندي۔ ساٿس هلڻ کان انڪار ڪيو. آخرڪار ٻئي ڇٽا ان نتيجي تي پهتا، تہ هُو هڪٻئي سان وڌيڪ گڏ هلي نٿا سگھن. تنهن ڪري هُنن شاديءَ جا ٻندڻ توڙي، رستا جُدا ڪيا. 'مِلوا' پنهنجن ٻنهي پُٽن سان زيورچ ۾ رهي ۽ آئنسٽائن برلن اچي پهتو.

برلن ۾ پاڻ سان،ڪيس سندس پري جي سوٽ، ايلسا آئنسٽائن ملي، جيڪا انهيءَ شهر ۾ بيوهہ واري زندگي گذارينڊي هُئي. هُوءَ دوستاڻي طبعيت رکندڙ ڪلمڪُ عورت هئي، تنهن ڪري ڪيس پنهنجي پورالي مائٽ آئنسٽائن سان ملي،ڏاڍي خوشي ۽ حيرت ٿي. بهرحال هُن آئنسٽائن جي ڏاڍي خدمت ڪئي، جنهن جي جواب ۾،آئنسٽائن هڪ سال کان پوءِ،ڪيس شاديءَ جو تحفو ڏنو.

1913ع کان وٺي1933ع تائين،مسلسل ويهہ سال، هُو برلن ۾ پنهنجي اضافتي نظريي تي محنتون ڪندو رهيو. ان جو ڏاڪي ٻ ڏاڪي جائزو وٺندي، حسابي مونجهارن تي قابو پائيندي، اُنهن سيني رُڪاوٽن کي هٽائڻ ۾ لڳي ويو، جيڪي هِن نظريي تي ڪم ڪندي،طبعيات ۽ رياضي جي ماهرن لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪري چُڪيون هيون. انهيءَ ڏس ۾ هلندي هلندي،هُو E=mc2 واري مساوات جوڙڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، جنهن جي بُنياد تي اڳتي هلي ائٽمي بم ايجاد ٿيو. هن مساوات تحت معلوم ٿيو،تہ ٽوڙڻ مايي منجهان، بيپناهہ توانائي حاصل ٿي سگھي ٿي. انهيءَ مساوات،سج جي روشنيءَ پُنيان لڪل سببن کي ٻ کولي رکيو. آئنسٽائن ثابت ڪيو،تہ سج ٻَري ڪونہ ٿو، جو تہ جيڪڏهن اهو عام خيال موجب ٻَري ها، تہ پوءِ منجهانئس جيڪا توانائي نڪري ٿي، اُها ايتري آهي، جو سج تہ ڪڏهوڪو ختم ٿي ڇُڪو هُجي ها! اُن جي ابتڙ هُن ڏسيو،تہ متين فارمولا جي روشنيءَ ۾، جيڪي ائٽمي رد عمل جنم وٺن ٿا، تن جي بُنياد تي، ٽوڙڻ مايي منجهان، بيحد روشني ۽ گرمي پيدا ٿي سگھي ٿي ۽ سج ۾ پڻ اهو عمل موجود آهي.

جيتوڻيڪ آئنسٽائن هڪ طرف پنهنجي ڪم ۾ رُڌل هُئو، پر ٻئي طرف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس جرمنيءَ ۾ وڌندڙ فوجي قوت تي ڪابه خوشي نه پئي ٿي، جيڪا پهرين مهاياري لڙائيءَ جي نتيجي ۾ اُپرندي ٿي رهي. هُن ڪيترن ئي اهڙن دستاويزن تي صحيون ڪرڻ کان انڪار ڪيو، جن ۾ "جرمنيءَ جي ثقافت ۽ فوجي تيارين کي هڪ ٻئي لاءِ لازمي جاڙايل هُئو". ڪيس جنگ جي جاري رهڻ ۾ ڪا دلچسپي ڪانه هئي، پر اختيارين جي نظر منجهان،هو فقط پنهنجي 'سوئس شهريت" جي ڪري، 'غداريءَ' جي ٽپيءَ کان بچي ويو. انهيءَ صورتحال ۾ مهاياري جنگ کان پوءِ، ان وقت ڏاڍو دلچسپ ماحول پڌا ڪري ورتو، جڏهن آئنسٽائن جي وارثيءَ تي،مختلف مُلڪ هڪ ٻئي سان هيرا هُدرا ڏيڻ لڳا. چاڪاڻ ته سندس نظرين،اُن مهل دُنيا جا واڃ وڃائي چڏيا هٿا. هن سلسلي ۾ پڌا ٿيل عجيب صورتحال جي جهلڪ،پريس ڏانهن جاري ڪيل،سندس هن ڏنگي قڏي ۽ خاص قسم جي خط منجهان بلڪل واضح آهي:

"اڄ جڏهن جرمنيءَ ۾ اضافتي نظريو،عام پڙهندڙ جي دلچسپيءَ جو موضوع بڻيو آهي ۽ ماڻهن کي ڳاڙهه سمجهه ۾ اچي چُڪي آهي، ته مون کي ڇڪي جرمني سائنسدان بڻايو پيو وڃي، انگلئنڊ ۾ مون کي سوئٽزرلنڊ جو يهودي سمجهيو پيو وڃي. پر سُياڻي جيڪڏهن ڪنهن ڪراهت پري عمل ڪري،آئون نفرت جوڳو ڪردار بڻجان ٿو، ته پوءِ وري اهي دعوائون تبديل ٿي هيئن ٿيندیون، ته مان جرمنيءَ وارن لاءِ،'سوئس يهودي' بڻجي ويندس ۽ انگريز مون کي جرمن چوڻ لڳندا..."

1922ع ۾،آئنسٽائن پڪي پُختي طرح ان راءِ جو ٿي ويو،ته سائنس اصل ۾ مذهب آهي ۽ فيلسوفي هاڻي مختلف سائنسن ۾ ورهائجي، پنهنجي اساسي حيثيت منجهان نڪري وڌيڪ عام ٿي چُڪي آهي. ساڳئي سال "ليگ آف نيشنس" طرفان،ڪيس دانشوراڻي تعاون جي سلسلي ۾،قائم ڪيل ڪميشن ۾ ڪنيو ويو. پر سال کان پوءِ هُن اهو چئي استعفيٰ ڏني ته: "هيءُ ادارو نه ڪا وڏي ساک پَٽِ ٿو رکي ۽ نه وٽس سگهه آهي،جو اُهو پنهنجا مقصد پورا ڪري سگهي."

سگهوئي هن محسوس ڪيو ته هُن جي پسند جي جڳهه جرمني، ڪنهن به يهودي لاءِ ڪا محفوظ جاءِ ڪانهي. اهو سوچيندي،دل من هٽندي،ٽيٽ 1933ع ۾ وڏين مجبورين وچان، سڄي دنيا منجهان ايندڙ مختلف آڇن جي وچان، آمريڪا جي رياست نيوجرسيءَ جي پرنسٽن يونيورسٽيءَ طرفان آڇيل، "انسٽيٽيوٽ آف ايڊوانسڊ اسٽڊيز" جي سربراهي قبول ڪندي، هُن پنهنجي زال سان گڏ، جرمنيءَ کي هميشه لاءِ چڏيو. پر آمريڪا پهچندي،آئنسٽائن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽورڙي ئي عرصي ۾، يعني 1936ع ۾ زال ايلسا جي لاڏاڻي جي صورت ۾ صدمو ڪٽيو. جيڪا پنهنجي محبوب جرمنيءَ کي ڇڏي، آمريڪا جي حالتن ۾ پاڻ کي سمائي نه سگهي ۽ الله کي وڃي پرتي. ان ڪانپوءِ اندران ڀُهربل دنيا جو هيءَ مهان ۽ نيڪ صفت ڏاهو، مسلسل پرنسٽن ۾ رهيو. جتي هُو ڪليل دل سان هر ڪنهن لاءِ پاڻ اربيندو هُئو. هُو چوندو هُئو: "ڪوبہ شخص مون وٽ ڏير سان ٽو پهچي، تہ مان ڇا لاءِ دل ۾ ڪندس؟ ڇا مون وٽ ايتري صلاحيت ڪانهي، تہ پنهنجن پرابلمس کي، هتان جي پيٽ ۾ رڳو گهر ۾ وڌيڪ توجه ڏيئي سگهان؟ هتي...." هُو ڏندن ۾ ڇپاڙيل پنهنجي پينسل ڏيکاريندي، اڪثر چوندو هُئو: "هيءَ منهنجي تجربيگاهہ آهي."

نيٽ 1955ع ۾، آمريڪا سميت، هن صدي‌ءَ ۾، دُنيا جو عظيم ترين انسان، پرنسٽن ۾ ئي پنهنجا پساهہ پورا ڪري، پرينءَ کي وڃي پهتو.

(ڄاڻ ڪٽنگ جي ڪتاب Hundred Great Modern lives تان ورتل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



وليم سمرسٽ ماهم

جنم: 25 جنوري 1874ع
لاڏاڻو: 16 ڊسمبر 1965ع

انگلينڊ جي عظيم مدبر ۽ مفڪر سَرونسٽن چرچل، پنهنجي جيون پتريءَ ۾ هڪ هنڌ لکيو هئو: "اڪيلا وڻ جڏهن به اسرندا آهن تہ زمين ۾ بي حد مضبوط ڪُتل هوندا آهن... ۽ پيءُ ماءُ جي پيار کان محروم شخص، اڪثر ڪري بي مثال انسان بڻجي ويندا آهن. جيڪڏهن اهي جوانيءَ جي خطرن مان پار پڄي ويا، تہ منجهن آزادي ۽ سوچ جي سگهہ ايتري تہ تيزيءَ سان نکري نروار ٿي بيهندي آهي، جو کين اوائلي زندگيءَ ۾ پهتل سموري نقصان جو ازالو ٿي ويندو آهي."

منهنجو ذاتي مشاهدو آهي تہ اديب ۽ ادب دوست شخصن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي زندگي، بلڪل چرچل جي مٿين خيالن جو تعبير هوندي آهي. مان سمجهان ٿو ته هاروتڙ جون محرومين، سماجي ذلتون ۽ ڪمتريون ڪنهن به حساس انسان جي لاشعور ۾ اهڙو ته گهرو ڪري ٿيون ويهن، جو سموري زندگي نه رڳو انهن مان مڪتي ملڻ مشڪل آهي، بلڪ جڙ ته باقي حياتي انهن احساسن جي چُڀڪي کي مائو ڪرڻ ۾ گذريو وڃي. اها چُڀڪي ۽ ان کي شانت ڪرڻ لاءِ ٽينڊڙ جدوجهد درحقيقت محرڪ آهي، سموري ادبي تخليقي عمل جي.

دنيا جي غيرمعمولي ادبي علمي شخصيتن وانگر، انگلينڊ جي نامياري ناٽڪ نويس، اديب ۽ سماج سڌارڪ وليم سمرسٽ ماهم جي زندگيءَ جو وچور پڙ محرومين، بندشن ۽ ذهني ڪرب جي خلاف ٽينڊڙ جدوجهد جو هڪ اهڙو داستان آهي، جنهن پنهنجي جوهر منجهان لافاني تحرير جا بيشمار چند ڪڙا ڪري، انساني اڏمن احساسن، خوابن، تمنائن ۽ خيالن کي نوان رنگ بخشيا ۽ نيون معنائون ڏنيون.

جديد انگريزي ادب ۾ محنت، مشاهدي، مطالعي، تلخيقي عمل ۽ انسان دوستيءَ سان گڏوگڏ فنڪاراڻي نفاست جا نفيس ۽ حَسين جهاءَ محسوس ڪرڻا آهن، ته پوءِ سمرسٽ ماهم کي پڙهجي. سندس لکڻين ۾ ايڏي ته مڏرتا، سادگي ۽ گهرائي آهي، جو هڪ دفعو انهن منجهان فيضياب ٿيڻ کان پوءِ، اهي هميشہ لاءِ ذهن جي تختيءَ تي اُڪريو وڃن.

مون کي ياد آهي ته اڄ کان لڳ ڀڳ پندرنهن سال اڳ، مون ماهم جي ڪهاڻين جي مجموعي مان ڪجهه ڪهاڻيون پڙهيون هيون. جن مان کي اڄ به وسري نه سگهيون آهن. خاص ڪري هڪ ڪهاڻي "A Man with the Scar" ۽ ڏور اوير ايشيا جي پس منظر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تجسس ۽ احساساتي شدت سان پريل پيون ٻه ڪيترين آڪاٽيون، جڏهن ٻه منهنجي يادگيريءَ جي اسڪرين تي اپرنديون آهن، تہ منهنجي اندر مان بي اختيار ماهم جي لاءِ نيڪ تمنائون نڪرنديون آهن.

وليم سمرسٽ ماهم پنهنجي سوچ جي لحاظ کان هڪ عالمي ۽ گهڻ رُخي سوچ جو مالڪ ليکڪ هئو. تنهن ڪري سندس آدرش ۽ سپنا ٻه سموري انسان ذات جي ملڪيت هئا. اهوئي سبب آهي جو هن جي لکڻين جا موضوع رڳو انگلينڊ تائين نہ، پر دنيا جي ڪيترن ئي ٻين پاسن تائين ٻه ڦهليل آهن. هو ڪنهن جينئس وانگر پنهنجي فطرت ۾ ئي ادب ۽ احساس جا انڊلئي رنگ ڪٽي پيدا ٿيو هئو. پر انهن خوبين کي برقرار رکڻ لاءِ هن اٿاهہ محنت ڪئي، سڄي دنيا گهُميو ۽ انساني اندر ۾ بار بار جهاتيون پائي، هڪ ايماندار فنڪار واري بي تعصبي برقرار رکي. قلم کي هن امانت ۽ خيالن کي فطرت جو حسين تحفو سمجهي قبول ڪيو ۽ سڄي زندگيءَ ۾ هن ڪڏهن ٻه انهن ٻنهي شين کي، خواهش جي اڏيءَ تي قتل نہ ڪيو.

سنڌ واسين ۽ خاص طور تي سنڌي اديبن لاءِ ماهم جو مطالعو انهيءَ لاءِ ٻه ضروري آهي، تہ جيئن کين ڪُوهہ ۾ ويهي ٽان ٽان ڪندڙ ڏيڏر ٻڌجڻ. بدران، خوشبو ٻڌجي هوا ۾ ڦهلجڻ جو موقعو ملي.

ـ سنڌيڪار

ادب جي دنيا ۾ تمام گهٽ مثال آهن تہ ڪوبہ ليکڪ هڪ ئي وقت ٻن صنفن ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهيو هجي. خاص طور تي انگريزي ادب ۾ اهڙا تخليقڪار آڱرين تي ڳڻڻ جيترا مس هوندا. اٽويهين صديءَ جي پوئين اڌ کان وٺي، رڳو ٽي اديب يعني آسڪروائيلڈ، سَمرسٽ ماهم ۽ جي- بي پريسلي اهڙا ڪلاڪار آهن، جن ٻئي نثر سان گڏوگڏ ناٽڪ ٻه ڪمال جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکيا آهن.

سمرسٽ ماهم پنهنجي ٿهيءَ جو انتهائي منفرد ليکڪ ٿي گذريو آهي. لکڻين ۾ هو پنهنجن ڪردارن جي چونڊ ۾، نهايت ڪامياب ۽ بيانيہ خاصيت ۽ لاجواب مزاح ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي، جڏهن ته ظرافت سان ڀرپور سندس سماجي مزاح نگاري، جڏ ته ان دور جي حالتن جو بهترين اولڙو هجڻ سان گڏوگڏ، معيار ۾ سندس سهيوگي ليکڪن کان ڪنهن به رخ ۾ گهٽ نه هئي.

سمرسٽ ماهم جو جنم 25 جنوري 1874ع تي پئرس جي برطانيائي سفارتخاني منجهه مقرر سالسٽر، مسٽر رابرٽ ماهم جي گهر ۾ ٿيو، جنهن جو هو ڇهون پُٽ هو. سندس نالو 'ڪرسٽنڊوليم سمرسٽ' رکيو ويو. نينگر ايجا اٽن ورهين جو مس هئو، جو سندس والده جو ڇالاٽو ٿيو. انهيءَ قصي جو ذڪر ڪندي 80 سالن کان پوءِ هن ساروٽيون لکندي ميڇيو، ته ڪيس ننڍپڻ جو ڏکل اهو زخم ڪڏهن به پرجي نه سگهيو. پنهنجي زال جي لاڏاڻي کان پوءِ ٿورڙي ئي عرصي ۾ مسٽر رابرٽ ماهم پڻ ڪينسر جي مرض وگهيءَ راهه رباني ورتي.

مسٽر رابرٽ جي ڇهن نينگرن مان به جڏا ته ننڍپڻ ۾ ئي وڃي مالڪ کي پرتا، پر جيڪي چار زنده رهيا، تن مان سڀني کان وڏي، يعني چارلس پنهنجي پيءُ جو ڏندو سنياليو، ٻيو نمبر فريڊرڪ پڙهائيءَ لاءِ ڪئمبرج روانو ٿيو، (هيءُ همراه اڳتي هلي لارڊ چانسلر جي عهدي کي رسيو ۽ بعد ۾ اميراٽو اعزاز وٺي 'وائڪائونٽ ماهم آف هارٽ فيلڊ' جي نانءَ سان مشهور ٿيو) منجهائن ٽئين نمبر، مسٽر هينريءَ وڃي آڪسفورڊ يونيورسٽي وسائي. جڏهن ته سڀني کان ننڍو ڏهن سالن جو يتيم وليم، بي گهر ٿي پيو ۽ پنهنجي چاچي عزت ماب هينري ماهم، ڪينٽ جي نوابشاهيءَ واري علائقي، وسٽبل جي پادريءَ سڳوري جي سنيال هيٺ آيو.

مانواري پادري صاحب ۽ سندس گهر واريءَ کي ٻار ٻچو ڪونہ هئو ۽ هو پاڻ به ڪراڙا ٿي چڪا هئا. تنهن ڪري ڪين ٻار پالڻ جو ڪو ڏاڻو به ڪونہ هئو. پادري صاحب جي آسڻان تي نہ رڳو ڪلڻ جو آواز قسمتي ٻڌڻ ۾ ايندو هئو، پر پڙهڻ جي حوالي سان به، سواءِ مقدس بائيبل جي ٻي هر شئي منع قرار ڏنل هئي.

اهڙي ماحول ۾ ظاهر آهي ته ننڍڙو وليم اڪيلائيءَ ۽ اداسيءَ سان سنگت رکي وڏو ٿيو. سندس چاچي جي لاءِ هُو هڪ ٻنڌ ۽ سُست ٻار هئو. جڏهن ته اصل ۾ سندس صحت ننڍي هوندي کان ئي خراب رهندي پئي آئي. مٽان مصيبت اها ته ڳالهائڻ ۾ هَيڪڙ جي ڪري منجهس فطري لڄ پيدا ٿي پيئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن کي ب چاچي سڳوريَ هروپرو جي اداسيءَ ۽ طبيعت ۾ گهنڊپائيءَ جو لقب ڏيئي چڏيو.هئو.

پادري صاحب جي گهرو حالتن ۽ پئرس واري اباڻي گهر جي ڪري پريل ماحول ۾ ڏينهن رات جو تفاوت هئو، جتي ننڍڙي وليم پنهنجي زندگيءَ جا مُهڙيان ڏهه سندر سال گذاريا. اڳتي هلي هو جڏهن 'ڪنگس اسڪول ڪئنٽربري' ۾ داخل ٿيو، تڏهن ب ڪيس ڪا سُرهائي ڪونه ملي. منجهس هيڪڙ جي بيماري هئڻ ڪري، ڪيس هم ڪلاس ٽوٽا ب ڏادا هٽندا هئا. توٽي جو سندس انهيءَ خاميءَ کي قدرتي اوڻائي سمجهندي، گهٽ ۾ گهٽ وڏن ماڻهن کي حياءُ ٽيڻ کپي ها ۽ ساٿس همدردي ۽ محبت سان پيش اچن ها، پر ان جي ابتڙ وليم ڏاڻهن استادن جو رويو ب شاگردن کان مٽيل نه هئو.

جيڪڏهن ماهم ۾ اها پت پت ڪرڻ واري خامي نه هجي ها، ته هو پنهنجن ۾ وڏن پائرن وانگر قانون جي تعليم وڃي پرائي ها، پر هاڻي سندس نگران چاچي جو خيال هئو ته ڪيس آڪسفورڊ وڃي مذهبي علم حاصل ڪرڻ کان پوءِ واپس پادري ٽيڻ کپي. پر ٻئي طرف ماهم ب پڪو پهه ڪيو هئو ته هن پيري پادري چاچي جي حڪم عدولي ضرور ڪبي.

انهيءَ دؤر ۾ اميراڻن گهراڻن ۾ جڙ ته اها روايت پُڄي ويئي هئي ته اسڪول مان فارغ ٽيڻ کان هڪ سال پوءِ، هو پنهنجن ٻارن کي ڪنهن ٻاهرين ملڪ تعليم پرائڻ لاءِ موڪلينداهئا. ماهم ب فيصلو ڪيو هئو ته هو پڻ پنهنجي چاچي کي ايلاز منٽ ڪندو ته ڪيس ب ٻاهر موڪليو وڃي.

اهو سوچي هن جڏهن پادري چاچي آڏو اها گذارش رکي، ته حيرت ناڪ طريقي سان هن سندس انهيءَ خواهش سان سهمتي ڏيکاري ۽ ڪيس جرمنيءَ جي 'هيدلبرگ يونيورسٽيءَ' ۾، هڪ سال لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ جي اجازت ڏنائين. آخرڪار جرمنيءَ ۾ ماهم کي اهو قرار آيو، جنهن جي سندس چاچي جي گهر توڙي ڪئنٽربريءَ ۾ سخت اٽاٽ هئي. ڇو ته هتي هن جا دوست سندس هَيڪ تي چٽرون ڪرڻ بدران، ڪيس فن، شاعريءَ ۽ ناٽڪ بابت ڪتاب پڙهائيندا هئا ۽ ساٿس دوستاڻا بحث ب ڪندا هئا.

عام طور تي ڏٺو ويو آهي ته جن ب ماڻهن کي هيڪ هوندي آهي، سي لڄ کان پنهنجي ذات جا قيدي ٿي پوندا آهن، ماهم ب انهيءَ صورت حال مان گذري چڪو هئو، پر انهيءَ داخليت جي جهلڪ منجهس بيپناه مشاهداتي قوت کي جنم ڏنو، جيڪا خوبي سندس سيني لکڻين مان جهاتي پائيندي نظر ايندي. هيدلبرگ ۾ پڙهائيءَ دوران ٽيندڙ مختلف تجربن، ڪيس ڪلاڪار بڻجڻ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُتساهيو ۽ جرمنيءَ جي ٻين شهرن توڙي اتليءَ ۽ سوئٽزرلينڊ جي مختصر دورن، منجهس فني خوبصورتي پوکي ڇڏي، جيڪا سڄي عمر سندس ذات جو حصي بڻجي ويهن جي لکڻين تي بي انداز اثرانداز ٿي.

ماهر کي پتو هئو ته سندس چاچو کيس ليکڪ ٿيڻ جي اجازت کڏهن ب نه ڏيندو، سو هن ب مذهبي عالم ٿيڻ کان انڪار ڪندي، وچ واري واٽ ورتي- سا هُئي علم طب جو مطالعو. آخرڪار ارڙهن ورهين جي عمر ۾ هو 'سينٽ ٽامس اسڪول آف ميڊيسن' جو دائمي شاگرد بڻيو. جنهن جو مطلب اهو ٿيو ته جيڪڏهن هو پاس ٿيڻ نه گهري، ته ايئن ڪري ب پئي سگهيو. پنهنجي زندگيءَ جي انهيءَ دور بابت ڳالهائيندي هن چيو:

"آئون پنهنجي شاگردي‌ءَ وارا سيئي سال بورڊنگ هائوس ۾ رهيس، جتي هفتي ۾ ارڙهن شلنگ في ڏيڻي پوندي هئي. جڏهن ته منهنجي هفتي جو ڪُل بل، ٽيهن شلنگن کان مٿي نه هوندو هئو. جڏهن ته مون کي گهران چوڏهن پائونڊ مهيني ۾ ملندا هئا. تنهن ڪري منهنجو گذر سفر ڏاڍو سؤلو ٿيندو هئو."

علم طب پڙهندي ب هو پنهنجي لاءِ چونڊيل پيشي، يعني ليکڪ ٿيڻ واري ڳالهه لاءِ ب تياري ڪندو رهيو. انهيءَ سلسلي ۾ هو انگريزي ۽ ٻئي يورپي ادب جو مفصل مطالعو ڪندي، پنهنجا نوٽ بوڪ پنهنجي ڪهاڻين لاءِ مختلف ڪردارن جي تشڪيل ڏيڻ نقلن، ٽوٽڪن ۽ ٻئي سٽاءَ درج ڪندي پري ڇڏيندو هئو.

طبي ڪاليج ۾ جڏهن پڙهائي جو ٻيو سال پورو ٿيو، ته ماهر کي سينٽ ٽامس اسپتال ۾ ٻاهرين مريضن (Out Patients)جي شعبي ۾ ڪلارڪ مقرر ڪيو ويو. جنهن کان پوءِ لڳي ٿو ته علم طب ۾ ب دراصل سندس اندر ۾ ويٺل ناول نگار ۽ ناٽڪ نويس جي دلچسپي هئي. جيڪو انهن مريضن منجهان زندگيءَ جو اصلوڪيون جهلڪيون يعني پيڙا، خوف، نااميدي، اميد ۽ همٽ حاصل ڪري رهيو هو. هن پنهنجي سِر اها ڳالهه جاتي پئي يا نه، پر اها حقيقٽ آهي ته اتي رهندي، هُنو پنهنجي آئيندي جي تخليقي عمل لاءِ، اهي تجربا گڏ ڪري رهيو هئو، جيڪي ڪيس انهيءَ ڏس ۾ ڪار پريا ٿي لڳا.

هيءُ ئي اهو دور هئو، جو هن پنهنجي پهرين ناول 'لزا آف لئمبيٽ' تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ جڏهن ٽيويهن سالن جي عمر ۾ هو طبي تعليم جي آخري سال ۾ پهتو ته اهو ڪتاب ڇپجي پڌرو ٿيو. انهيءَ سان گڏوگڏ 'رايل ڪاليج آف سرجنس ائنڊ فزيشنز' منجهه ڪيس هڪ مستند ڊاڪٽر جي سند ب حاصل ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماهر جي ناول 'لزا' جي کا غير معمولي پذيرائي ته ڪونہ ٿي، البت ڪيس ايترو داد ضرور مليو، جو هو سڀ ڪرڪسا ختم ڪري، هڪ نئو ٿي لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڪرڻ لاءِ سنجيدگيءَ سان سوچي سگهي. جيتوڻيڪ سندس پائر ۽ دوست ڪيس اُبهري قسم جو ماڻهو سمجهندا هئا، پر هن کين آگاه ڪيو ته سندس مڪمل طور تي لکڻ ذريعي زندگي گهارڻ جو ڪوبہ پروگرام نہ هئو. بلڪ ڪيس والد صاحب جي جاگير منجهان ايڪا تائين هر سال 120 پائونڊ حصي ۾ پئي آيا.

پڙهائيءَ منجهان واندو ٿيڻ کان پوءِ سندس ذهن ۾ پهريون خيال سير سفر جو اُٽيو. انهيءَ سلسلي ۾ سڄي اسپين ۽ اتاليءَ جو چڪر بہ هٺندو رهيو ۽ پاڻ بابت مشاهدو ڪندي اهي سڀ يادگيريون محفوظ ڪندو ويو، جيڪي سندس تخليقن جو بنياد بڻجڻيون هيون. گهمندي گهمندي هو جڏهن پئرس پهتو ته هن ڪجهه وقت لاءِ اتي قيام ڪرڻ مناسب سمجهيو. انهيءَ سلسلي ۾ هو فنڪارن ۽ ليکڪن جي هڪ گروپ سان رهڻ لڳو ۽ ڪرايي تي ورتل فليٽ ۾ سندس پارٽنر جيرالڊ ڪيلي بڻيو. جيڪو بعد ۾ فرانس جي عظيم ادبي اداري 'رايل اڪيڊميءَ' جو صدر مقرر ٿيو.

انهيءَ دوران ماهر پابندي سان لکندو رهيو ته پر انهيءَ ڪرت منجهان ڪيس ڪي گهٽا ڏوڪڙ پلئہ نہ پيا. 1897ع کان وٺي 1908ع تائين جيڪو عرصو هو پئرس ۾ رهيو، ته لکڻين مان سندس آمدني سراسري طور تي هر سال 100 پائونڊن کان مٿي نہ ٿي سگهي.

پر ست ٿي 1908ع ۾ سڄي صورتحال تبديل ٿي ويئي، ماهر جي عمر ارڙهن سال هئي جو هن پنهنجو پهريون ناٽڪ لکيو. پر هن ناٽڪ جي گهڻ رخي موضوع ڪري، اهو محدود اوائلي وڪٽوريائي مندليءَ ۾ اسٽيج ڪرڻ مشڪل ٿي پيو. انهيءَ وچ ۾ سڄا سارا يارنهن سال گذري ويا، تان جو هن پنهنجو ٻيو ناٽڪ "A man of Honour" لکي پورو ڪيو.

هيءُ ناٽڪ 'اسٽيج سوسائٽي' طرفان بہ دفعا ڏيکاريو ويو. انهيءَ کان پوءِ ٻيا چار سال گذري ويا جو هن پنهنجو نئون ناٽڪ "Lady Fredrick" لکي ورتو ۽ ان کي مشهور ناٽڪ مندليءَ 'ڪورٽ ٿيئٽر' وارن ڏانهن ڏياري موڪليو. خوشقسمتيءَ سان نہ رڳو اهو ناٽڪ انهي مندليءَ جي انتظاميہ قبول ڪيو، پر آڪٽوبر 1907ع ۾ انهي کي پيش بہ ڪيو ويو.

هن ناٽڪ کي نقادن ۽ عوام بنهي شديد جوش ۽ خروش سان قبول ڪيو، نتيجي ۾ ماهر جي رات پيٽ ۾ زبردست مشهوري ٿي ويئي. انهيءَ ڪاميابيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڙ ته سندس لئه ٻين ڪاميابين جا دروازا کولي ڇڏيا. جنهن جو ڦل اهو مليو، جو ماهر انگلينڊ جو بهترين ناٽڪ نويس ٽي ايريو-ءِ 1908ع ۾ لنڊن جي چئن ناٽڪ منڊلين ۾ هڪ ئي وقت سندس ناٽڪ پيش ٿيندا رهيا. جيتوٽيڪ پيش ٿيندڙ ناٽڪن ۾:

"Jack Straw"
"Mrs Dot"
"The Exploser"

جي عنوان سان ٽي ناٽڪ ٻ شامل هٿا. پر جيڪا قبوليت Lady Fredrick کي ملي، اها ٻين تحريرن جي حصي ۾ ڪو نه آئي. پر ان هوندي ٻ انهن سڀني ناٽڪن ماهر کي ايترو ته آسودو ڪري ڇڏيو جو هو نه رهڳو پنهنجي پسند جا ڪم ڪري پئي سگهيو پر مرضيءَ مطابق گهُمي گهُتي ٻ پئي سگهيو.

انهيءَ وچ ۾ پهرين مهاياري لڙائيءَ کان اڳ، ماهر پنج ٻيا ڪامياب ناٽڪ لکي ورتا، توڻي جو انهيءَ ناٽڪ کي ڏسڻ لاءِ سنجيده شوقين نظر آيا، جن کي انهن ناٽڪن ۾ ڪا غير معمولي شئي ٻ نظر ڪونه ٽي آئي، پر انهي هوندي ٻ ماهر هڪ شئي کي جيئرو ضرور ڪيو-ءِ اها هئي انگلينڊ جي ناٽڪ منڊلين ۾ روايتي مزاحيه ڊنگ جي ٻيهر واپسي.

1912ع ۾ ماهر پنهنجي ٽن جيون ڪٿائي ناولن منجهه پهريون ناول "Of Human Bondage" لکڻ شروع ڪيو. انهيءَ ناول جاپروف هن بيلجم ۾ 1914ع جي سرءُ ڏاري ان وقت ڏٺي ورتا، جڏهن جرمن فوجون پنهنجي حملن جي شروعات ڪري چڪيون هيون. آخرڪار ان ناول کي 1915ع ۾ جڏهن ڇاپي پيش ڪيو ويو ته انهيءَ محدود ڪامياب حاصل ڪئي، پر ست ٽي جڏهن سندس ڪتاب "The moon and Six-pence" بازار ۾ آيو، ته انهيءَ جو شاندار سواڳت ٿيو ۽ اهو ڪتاب هٿوڻ هٿ وڪامي ويو.

1914ع ۾ جڏهن ماهر جي عمر چاليهه سال ٽي ويئي هئي ته جنگ هلندي، هو فرانس ۾ 'ريڊڪراس' ۾ راضاڪار طور پرتي ٿيو، جتي پهرائين درائيوري ڪيائين ۽ پوءِ دريسر جون خدمتون سرانجام ڏنائين. بهرحال ڪجهه مهينن کان پوءِ جاسوسي ڪاتي طرفان کيس ڪم ڪرڻ جي آڇ ٽي. جيڪا ماهر فورن قبول ڪئي ۽ سي کان پهرائين سئٽزرلينڊ ۾ جاسوس مقرر ٿيو.

(چون ٿا ته اتي ٽيل تجربن جي نتيجي ۾ ٽي، اڳتي هلي ماهر انگريزي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ادب جي جاسوسي ڪهاڻين جي بهترين ڳنڍڪي Ashenden کي جنم ڏنو. بهرحال هن معاملي جي حقيقت تي ڪجهه شڪ موجود آهن.

جنهن کان پوءِ آمريڪا ڏانهن موڪليل هڪ 'اطلاعاتي مشن' سان گڏ ويو. ٻئي دفعي هڪ ڳجهي مهم تي ڏاڪٽين پئسفڪ ۾ آخر ۾ هڪ دلچسپ مهم تي روس پڻ ويو، ته جيئن روسي حڪومت کي جرمنيءَ خلاف جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ تي راضي ڪري سگهجي.

روس ڏانهن انهيءَ مسافريءَ ڪيس جسماني طور تي ڏاڍو جهوري وڌو، جڏهن هو واپس انگلينڊ موٽيو ته ڪيس ٽي بي ٽي چڪي هئي. انهي بيماريءَ منجهان تندرست ٿيڻ لاءِ،ماهر کي جڏهن اسڪاٽلينڊ جي 'نوربيڪ' شهر جي 'آسٽرسينيٽوريم' منجهه موڪليو ويو، ته اتي رهندي هن پنهنجي زندگيءَ جو بهترين وندر پريو ناول "Home and Beauty" لکيو ۽ فرانسيسي مصور پال گاگن جي عجب پريي جيون تي منبي ڪهاڻي "The Moon and Sixpence" لکڻ لاءِ رڃابندي ڪئي.

1916ع ۾ ماهر مشهور ڊاڪٽر برنادو جي ڏيءُ 'سائري' سان شادي ڪئي، سندس گهر واري ان دؤر ۾ فرانس توڙي انگلينڊ جي گهر سينگار (Interior decorater) جي سڀ کان مهان ماهر هئي، پر ماهر جو ساٿس نباهه نه ٿي سگهيو ۽ نيٺ ڪيس 1927ع ۾ طلاق ڏنائين. ڪيترن ماڻهن جو خيال آهي ته اها جدائي انگريزي ادب جو عروج ثابت ٿي، پر ماهر جي ذهن تي انهي گهرو اٿٻٽ جا ڏاڍا اڳرا اثر پيا،جن کي متائڻ لاءِ هو سير سفر تي نڪري ويو.

جڏهن ناربيڪ جي ٽي بي اسپتال مان ڪيس فارغ ڪيو ويو،ته هو آمريڪا کان ٽيندو واپس پئسفڪ موٽي آيو. سندس انهيءَ مسافريءَ جو بنيادي مقصد پنهنجي ناول 'گاگن' جي لاءِ مواد ڪٺو ڪرڻ هئو. جيڪو ڪيس حاصل ٽيو ۽ هن جلد ٻي اها تحرير مڪمل ڪئي، جيڪا 1919ع ۾ ڇپجي پڌاري ٿي.

1921ع کان وٺي 1931ع تائين هو مسلسل مسافريءَ ۾ رهيو. ڇاڪاڻ جو هيبل برگ ۾ پڙهائيءَ واري دؤرکان وٺي، هاڻي رلڻ پنڻ سندس رگ رگ ۾ رڇي چڪو هو. تڏهن ٻ اهو ڏاهڪو سندس زندگيءَ جو سڀ کان وڌيڪ قلدائڪ حصو چئي سگهجي ٿو. ڇو ته انهيءَ عرصي ۾ هن ٽي شاندار مزاحيه ناٽڪ يعني:

"The Circle"

"The Constant wife"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"The Bread Winner"

لکي ورتا. جن جي مهابي هو جديد انگريز ناٽڪ نويسن جي پهرين صف ۾ شامل ٿي ويو. نہ رڳو ايترو پر انهيءَ دؤر ۾ ماهم پرڏيهه ۾ گذارين گهڙيل جي پس منظر ۾، پنهنجي بي مثال ڪهاڻين جو ڳٽڪو، پهرين جوڙ جو سفر نامو "The gentleman in the parlour" خاڪن تي ٻڌل هڪ مجموعو On a Chinese sercrecen ۽ سيني ڪان اعليٰ تخليق جو روپ سندس بهترين ناول "Cakes and Ale" جيڪو زندگيءَ جي مُهڙين حصي يعني 'وسٽبل' ۾ گذاريل گهڙين تي ٻڌل هئو، سو پٽ لکي پورو ڪيو.

1928ع ۾ فرانس ۾ 'نيس' جي شهر ۾ 'مونٽي ڪارلو' جي وچ تي 'ڪيپ آف فران' واري جاءِ تي هن آفريڪي طرز جو ڳوٺاٽو محل (Villa) خريد ڪيو. جيڪو ٿي سندس مستقل گهر بٽيو. هيءَ جاءِ بعد ۾ نہ چڙو. خانگي لحاظ کان دنيا جي عمدين تصويرن ڳڏ ڪرڻ جو مرڪز بٽي، پر ماهم جي مداحن ۽ ادبين جي لاءِ ٽيرٿ ۽ ياترا جو آستانو پڻ بٽجي ويئي. ماهم 'مارسڪ ولا' نالي هن جڳهه تي مسلسل ڪونہ رهيو. چاڪاڻ جو هو هر سال دنيا جي ڪنهن نہ ڪنهن حصي جي سفر تي نڪري ويندو هئو، جو تہ انهيءَ دؤر ۾ سندس فن جي شهرت تہ ڏينهان ڏيهه ٿي پر ڏوکڙن جي آمد نہ بيحساب ٿيڻ لڳي هئس.

انهيءَ دوران پي مهاياري جنگ ۾ جڏهن جرمنيءَ فرانس تي قبضو ڪيو تہ ماهم (جيڪو پنهنجي جاسوسي ڪهاڻين جي ڪتاب "Ashenden" جي ڪري گوئبلز جي 'گهربل ماڻهن' واري لسٽ ۾ مٿين نمبر تي هئو) انگلينڊ موٽي آيو. جتي سڌ سماءُ واري انگريز وزير 'ونسٽن چرچل' ڪيس پرويٽگندا ۽ خير سگاليءَ واري مهم تي آمريڪا وڃڻ جي گذارش ڪئي، تہ جيئن آمريڪا به جنگ ۾ شامل ٿي وڃي. ماهم کي آمريڪا پهتي ٿورڙا ڏينهن ٿيا هٿا جو ان جنگ ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو، پر هو تيستائين اتي ئي رهيو جيستائين لڙائي جو خاتمو نہ ٿيو.

1946ع ۾ هو ڏاکڻين فرانس پهتو ۽ پنهنجي ڊٽل ۽ پُريل گهر جي مرامت ڪرڻ ۾ لڳي ويو. انهيءَ وچ ۾ 1946ع کان وٺي1950ع تائين هن پنهنجا آخري ٽي ناول مڪمل ڪري ورتا، جن منجهان "The Razor's Edge" جو شمار سندس عظيم ترين تخليق جي حيثيت ۾ ٿئي ٿو. انهيءَ کان پوءِ جا ڏهه سال ماهم مضمونن لکڻ تي صرف ڪيا، جن منجهان اڪثر ادبي ۽ تنقيدي مضمون هٿا. 1958ع ۾ مضمونن جي مجموعي جي شڪل ۾ سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخري ڪتاب "Points of view" ڇپجي پڌرو ٿيو.

1950ع جي ڏهاڪي جي پهرين اڌ ۾، هن پنج سئو پائونڊن جي انعام وارو هڪ سالياٽو ايوارڊ قائم ڪيو. جيڪو ڪنهن به اڻڄاڻ انگريز ليکڪ کي ملٽو هئو جنهن جي عمر ٽيهن کان ننڍي هجي، پر انهيءَ دوران هو ڪو عمدو ڪتاب لکي ڏيکاري چڪو هجي. هن انعام جي حاصل ڪندڙ لاءِ هُن شرط رکيو هو ته ڪٽنڊڙ همراه هڙئي پٽسا سير سفر ڪرڻ تي خرچ ڪندو، ڇاڪاڻ ته سندس خيال ۾ ڪنهن به ليکڪ جي تجربن جي وسعت لاءِ، اها ئي بهترين واٽ هئي.

پنهنجي زندگيءَ جي پوين ٻن ڏهاڪن ۾ ماهر پاڻ به خوب گهميو ڦريو. آخرڪار جڏهن هو نوي سالن جو ٿي چڪو هئو، ته سندس ذهني ۽ جسماني سگهن جواب ڏيئي ڇڏيو ۽ نيٽ ڊسمبر 1925ع ۾ هو فرانس ۾ گذاري ويو. سندس هڏڑيون هن جي پراڻي ۽ ننڍپڻ جي ڪٽنٽربري واري اسڪول جي ميدان ۾ پوريون ويون.

(جان ڪٽننگ جي ڪتاب
"100 Great Personalities of the Wrold" تان ورتل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



چي گويرا

جنم: 14 جون 1928ع
لاڏاڻو: 9 آڪٽوبر 1967ع

مقصد جي حاصلات ۽ چڱائيءَ جي سوچ جي لاءِ، ڪنهن جون ڏينهن ڏيڍ پهريون شرط آهي. جيڪو به 'انقلابي' ذهن "تيريون ميريون" ڪندي، اهو ٿو سمجهي ته رڳو ڍانڍن ڊهڻ ۽ حوالن ذريعي هو ڪاميابي ماڻي سگهندو، سو دراصل سچي عوام ۽ پاڻ کي نپٽ دوکي ۾ ٿو رکي- ڊاڪٽر ارنيسٽو چي گويرا انقلابي جدوجهد جو اهڙو باعمل ۽ باڪردار سورمو آهي، جنهن متين ڀاڪ کي سمجهندي، انتهائي سادگيءَ، سچائيءَ ۽ دليريءَ سان، مظلوم ماڻهن پاران جدوجهد ڪئي ۽ ڪيوبا منجهه ڪاسترو جي ساٿ سان، هو سُهائي آٽڻ ۾ ڪامياب ٿيو. جنهن کان پوءِ ڪيوبا منجهان وزارت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙو "مزيدار" قلمدان چڏي، هو سامراج سان مهاڏو اٽڪائڻ ۽ دنيا مان گيجهپي جو خاتمو آڻڻ لاءِ، بوليويا جي انقلابي جدوجهد ۾ شامل ٿي ويو- پر ڪُجهه سندس نامناسب تجزين، ڪُجهه دوستن جي بيوفائين ۽ معروضي حالتن جي سختين کان سواءِ،سڄيءَ دنيا جي سرمايه دارن جي ڪراهت آميز عملن ڪري،هو آخرڪار شهيد ٿي ويو.

جيتوڻيڪ فوجي حڪمت عمليءَ ۽ جنگي هُنر جي علم ۾ چي گويرا جو منفرد انداز آهي ۽ هو گوريلا جنگ جي ميدان ۾ نامور ماهرن "سُن زو"، "ڪلازوٽز" ۽ مائوزي دونگ جي آڏو به پنهنجي انفراديت ميايون بيٺو آهي . سندس ويڙهه جي انداز،دنيا ۾ انقلابي جدوجهد لاءِ،ڪرنگهي جي هڏيءَ واري حيثيت اختيار ڪئي آهي،پر پوءِ به ايئن ضرور چيو وڃي ٿو،ته ڄڻي جي شخصيت ۾ اِدراڪ، مَنطق ۽ سَهپ جي پيٽ ۾ احتجاج، ڪاوڙ ۽ اَرڏائي. وڌيڪ هئي. هُن ڪائنر دشمن جي هيرا ڦيرين کي ايئن نه سمجهيو، جيئن سندس دوست ۽ همسفر ڪاسترو ٿي چاتو. نتيجي ۾ چي جهڙو ڪارائتو انسان، تمام ٿورڙي عرصي ۾، اسان کان جدا ٿي ويو.

پوءِ به چي جو موت،انقلابي جدوجهد لاءِ وڏي سانحي هجڻ جي باوجود، عزم، محبت ۽ وقار جو هڪ بيمثال نمونو آهي، جنهن سان دنيا جي ڪروڙين انسانن کي اُتساهه حاصل ٿيو آهي. آڻون سمجهان ٿو ته انساني تاريخ ۾ ورلي ئي ڪنهن ٻي شخصيت نوجوانن جي دِلين تي ايڏو اثر چڏيو هوندو، جيترو ۽ جهڙو چي گويرا. هو اڄ به سڄي دنيا جي نوجوانن جو پسنديده هيرو آهي- اهڙا نوجوان جيڪي ناانصافيءَ ۽ جبر جي خلاف هٿ ۾ هٿيارن کڻڻ جي جرئت رکن ٿا ۽ جيڪي مصلحتن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهن ۽ ڏي وَڻَ جي عمل کان چڙندي، "سنئين سڌي سوڻي جي ٻيڙي ٻڏي کوڙي جي" وارو نعرو بلند ڪن ٿا.

بهرحال چي جو موت،جيڪو هڪ مڪمل انقلابيءَ جو موت آهي، سو قرباني ۽ دليريءَ جو سبق پاڙهڻ کانسواءِ،اسان کي فڪر جي ڪوٽ ۾ ڏئي ٿو. سا اها تہ: پنهنجي هٿن ۾ هٿيار ڪٽڻ کان پهرين،عام ماڻهوءَ جي ذهن کي چُرپر ۾ آڻڻ لاءِ، لفظن ۽ آدرشن ۾ ايڏي سگهہ ۽ سنترتا کي سمايو، جو اهي خود هٿيار ٻڌجي پون- عوام جون ٻانهون بندوق جي شڪل وٺن ۽ سندن نگاهون آتشي گولا بنجي،دشمن جي جگر ۾ ڇَنگ ڪرڻ لڳن. يعني ڪنهن ۾ انقلاب ۽ تحريڪ لاءِ ضروري آهي تہ ماڻهن جي اڪثريت تحرڪ ۾ هجي. جيڪڏهن بوليويا ۾ ايئن ٿئي ها- تہ اڄ چي ۾ اسان کان جدا ڪونہ ٿئي ها. جتي چي جو جذبو تہ هڪ پوري ڪائنات هيو، پر اُتان جا ماڻهو ايترا اهل ۾ نہ هُيا، جو انهن جذبن کي ٽلهو سمجهي سگهن.

هيءُ مضمون،جنهن ۾ چي جي آخري ڏهاڙن ۽ سندس مؤت بابت ڪجهہ ڳالهيون ڪيل آهن، تنهن ۾ سرمائيدار دنيا جي منهن تان نقاب لاهي،ڪين اگهاڙو ڪندي، چي کي بي يارو مددگار پڪڙي مارڻ واري سچائي کي نروار ڪيو ويو آهي، سو ڪيوبا جي سرڪاري رسالي "ڪيوبا انٽرنيشنل" جي سڀٽمبر واري پرچي تان کنيو ويو آهي.

- سنڌيڪار

7- آڪٽوبر 1968 تي 'لاهيگئيرا' نالي وستي، جنهن کي زوالجندڙ چانڊوڪي رات جي جهيڙي روشنيءَ وڌيڪ پاڇائون ٻٽائي ڇڏيو هيو، ڏانهن ويندي، "چي" کي اها سُڌ ئي ڪانہ هئي، تہ هو اصل ۾ موت ڏانهن وڌي رهيو آهي. موت- جنهن کان نہ هُو ڊڄندو هيو ۽ نہ وري ڪيس هروپرو مرڻ جو ڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شؤنق ئي هيو، چو جو هڪ سچي ويڑهوءَ جي حيثيت ۾، سندس آڏو موت جي اهميت ڪنهن ب عام رواجي ڪم يا ڪرت جيتري مس هئي. جڏهن گوئٽي مالا مان ڪيس پنهنجي ويڑهو يارن سائرا مئيسنرا، جوليو رابرٽو، سيسرسن والي ۽ ايل جو پتو،جي موت جو اطلاع پهتو ته هُن چيو: "هن اڙانگي انقلابي ڪاروبار ۽ لاطيني آمريڪا کي ڏوڏيندڙ طبقاتي جدوجهد واري دؤر ۾، موت ته هڪڙو معمولي حادثو بڻجي چڪو آهي." سالن پُجاڻان پنهنجي مٽان طاري ڪيل انقلابي جدوجهد لاءِ اڳين منزل تي روانو ٿيندي، هينئين ۾ هُرندڙ ڪيوبا جي سرزمين کي خداحافظ چوندي، هن پنهنجي ابي امان کي هڪ پتر ۾ لکيو: "منهنجو هيءُ سفر آخري ب ٿي سگهي ٿو. مون کي جدوجهد جو هروپرو ڪو خبط ب ڪونہ ڪنيون بيئو آهي، پر جا ڪيان جو اها منهنجي جو ڪائتي پيشي جي ڪسوٽي آهي. جيڪڏهن آئون وري واپس نہ وران،ته منهنجي طرفان هڪ زور دار ياڪر قبول ڪجو.

هڪ دفعي Tri- continental نالي رسالي ڏانهن موڪليل جڳ جاتل پيغام ۾، هُن ڪُليو ڪُلايو پنهنجي دڳهي ۽ اونهي مقصد جو ٻيهر اعلان ڪندي چيو: "موت جتي ب اسان کي مليو، ته آئون اُنهيءَ جي آجيان ڪندس، ايستائين جيستائين اسان جو جنگي نعرو ڪجه ٻڌندڙ ٻين ڪنن تائين پهچي ۽ ڪي ٻيا هٿ، اسان جي هٿيارن کي پنهنجي هٿن ۾ کڻي وٺن ۽ ڪي ٻيا عوام دوست ايترو تيار ٿي وڃن، جو ماڻهي گيتن کي مشين گنن جي گونج ۽ جنگ جي نون سوپ يرين گيتن جي آواز ۾ لٽي ڇڏين" - سچ ته اهو آهي ته چي لاءِ مؤت جي ان کان وڌيڪ، ڪا حيثيت هئي ب ڪونہ.

"چي" جيڪو اڄ هڪ زبردست تاريخي ڪردار بڻجي چُڪو آهي،تنهن لاءِ گهٽو ڪجه لکيو ويو آهي. هُو- جيڪو پنهنجن گهٽگهرن لاءِ اُتساه يريو تصور آهي، سو دشمن لاءِ هڪ زبردست خطرو هيو، تنهن ڪري ئي ته هُنن ڪيس انتهائي ذلت آميز طريقي سان ماري ڇڏيو! جڏهن ته ٻئي پاسي، هُو اُنهن بيشمار ماڻهن لاءِ احترام ۽ محبت جي لائق شخص آهي، جيڪي ڪيس اسان جي دؤر جو "بهترين انقلابي اڇاڻ" تسليم ڪن ٿا.

سندس قاتلن پهريائين ته پنهنجي ڏوهه تي پڙدو وجهڻ جي گهٽي ڪوشش ڪئي. ڪرنل "جو ڪُٽن زينتينوانا يا" پنهنجي هيڊڪوارٽر مان اعلان ڪيو ته گويرا 'والي گراندي' شهر کان پنجٽيه ڪلوميٽر پري،'لا هيگئيرا' نالي ڳوٺ ٻاهران فوج سان هڪ خوني مقابلي ۾ ماريو ويو، هُن وڌيڪ تفصيل ڄاڻائيندي چيو .: "اهو معرڪو لاڳاتار ڇهن ڪلاڪن تائين هليو ۽ چي گويرا نهائينءَ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦڙن ۾ گوليون کائڻ کان پوءِ پنهنجي جدوجهد جي شروعات ۾ ئي مري ويو.“

انهيءَ حادثي کان ڪجھ ڪلاڪ پوءِ، بوليويا جي هٿياربند فوجن جي ڪمانڊر انچيف پڊرو ڪيو ”: ”ارجنٽينا ۾ جاول، ڪيوبائي شخص، ’چي گويرا‘ جي موت سان گڏ سندس اڳواڻيءَ ۾ مارچ ڪان هلندڙ گوريلا تحريڪ جو خاتمو ٿي چڪو آهي. هن باغين جي طرفان شروع ڪيل وحشيپڻي تي ٻڌل، انهيءَ مهم جوئيءَ جو، ان کانسواءِ ٻيو ڪوبہ نتيجو نڪرڻو نہ هيو.“ جڏهن ته بوليويا جي محتاج صدر، ٻرينتوس، فخر سان دعويٰ ڪئي . : ”اسان جي خلاف گوريلا جنگ ختم ٿي چڪي آهي“. ٻئي ڏينهن تي حڪمرانن جي نمائندن جي بيانن جي ڌُمر لڳي پئي هئي. جن مان اڪثر همراهن جون ڳالهيون نشرياتي ادارن جي اعلان کان متضاد هيون.

سچُ نيٺ آهستي آهستي ظاهر ٿيندو ويو.

18 آڪٽوبر تي ’فيدل ڪاسترو‘ هوانا جي انقلابي چوڪ تي، ڏکويل ماٺهن جي اجتماع کي خطاب ڪيو. هُن عوام کي چي جي جنگھ ۾ گولي لڳڻ سان زخمجڻ ۽ سندس رائفل ۾ گولي ڦاسڻ کان پوءِ ناڪاره ٿي، دشمن هٿان پڪڙجڻ سميت هر ڳالھ کان آگاھ ڪيو. هُن چيو: ”پنهنجي بي ضمير دشمن جي هٿن ۾ سندس زندگيءَ جا آخري ڪلاڪ، هُن لاءِ ڏاڍا عذاب ۽ريا هوندا، پر يقين ڪريو ته انهيءَ صورتحال کي بهتر طريقي سان منهن ڏيڻ لاءِ ’چي‘ کان وڌيڪ مُڙس ڪنهن ماءُ نہ جڻيو هوندو.“

’ايل شورو‘ واري هنڌ ٿي ٽيل لڙائيءَ مان جيڪي ڪيوبائي سپاهي پنهنجي بهادريءَ ۽ مقامي ماٺهن جي مدد سان گهيرو ٽوڙڻ ۾ ڪامياب ٿيا، ۽ ’لي‘ جي سرحد تي پهچڻ کان پوءِ هُنن ”منيلا“ (گوريلن لاءِ هوانا جو ڳجهو نالو) ڏانهن سفر شروع ڪيو هيو، تن بعد ۾ اٽين آڪٽوبر واري لڙائيءَ بابت حوال ڏنا ۽ مضمون لکيا۔ انهيءَ صورتحال بابت، انهن صحافين وٽان بہ تفصيل ملن ٿا، جيڪي هُنن زبردست محنتن ۽ مُشڪلاتن مان گذرڻ کان پوءِ، لاڳاپيل علاقي ۾ پهچي، اکين ڏٺن شاهدن (مقامي ماٺهن) وٽان هٽ ڪيا.

سُرخ شعلو هُيو هو ماٺهو

هڪ فرنچ صحافي، جنهن ’لاهيگئيرا‘ (جتي چي پنهنجي زندگيءَ جو آخري گهڙيون گهاريون) ۾ اُتان جي هڪ اُستادياڻيءَ سان ڳالھ ٻولھ ڪئي، تنهن لکيو آهي: ”ٻئي ڏينهن يعني سومر جي صبح تي، چي گويرا اسڪول ۾ پڙهائيندڙ انهيءَ ماستر ياڻيءَ سان ڳالهائڻ گهريو۔ هوءَ ٽي اڪيلي مائي هئي، جنهن سان ’چي‘ ڳالهائڻ پسند ڪيو ۽ ڳالهايو... جوليا ڪورنس نالي انهيءَ مائيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻُڌايو . : "پهريائين ته آئون هن وحشي ماڻهوءَ (جيئن ڪيس ٻڌايو ويو هيو) سان ملڻ ڪان ڏاڍي ٿي ڇرڪيس... پر جڏهن ساڻس مليس، ته هو مون کي ڏاڍو مهربان شخص لڳو. هن جون اکڙيون فضيلت ۽ ٻاجهه سان پُر ته ضرور هيون، پر پوءِ به منجهائن اُلا نڪرندي نظر آيا." ڇي ساڻس ڳالهائيندي بورڊ تي لکيل اکر ڏاڪڻ اشارو ڪندي، مذاق ۾ انهن اکرن منجهه هِجي جي غلطين ڏانهن سندس ڌيان ڏيارينديِ چيو: "توکي پتو آهي ته ڪيوبا ۾ هتان جهڙا اسڪول بالڪل ناهن؟ هي ته جڙ ڪڌيون ۽ هُريون آهن، پهراڙيءَ جي پورهيتن جا ٻار هتي ڪيئن ٿا پڙهن؟ هتي پڙهائي ڏوڙ ٿيندي هوندي!" ماسترياڻيءَ مون کي ٻڌايو: "مون ساڻس ڳالهائيندي پنهنجيون اکيون جهڪائي ڇڏيون، ڇاڪاڻ جو مون ۾ سندس گهور کي ڏسڻ جي سگهه ڪانه هئي. منجهند ڌاري ڇي ٻيهر ڪيس ملڻ لاءِ نياپو موڪليو، پر هُن وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. انهيءَ صورتحال بابت هُن فرينچ صحافيءَ کي ٻڌايو: "مون کي سُڌ ڪانهي ته مون ساڻس ملڻ کان ڇو لهرايو، پر مون کي پنهنجي انهيءَ چُڪ تي اڄ ڏاڍو پڇتاءُ آهي..."

جيتوڻيڪ 'ڇي' کي اها پڪ هُئي ته سندس ساٿين سان وڌا ڪيس ٿيا هوندا، پر تڏهن به زخمي ٿيڻ مهل، ڪيس اُنهن بابت ڪابه سُڌ ڪانه هئي، تنهنڪري ئي هُن ماسترياڻيءَ سان ڳالهائڻ ٿي گهريو. جن ماڻهن کانئس پُڇا ڳاڇا ڪئي، تن سان هُو منجهس دشمنن لاءِ موجود سموري توهين اختيار ڪندي پيش آيو. بعد ۾ جن ماڻهن جا 'لاهيگُئراجي' ڏوهه ۾ هٿ ٻُڌل هيا، تن عوام جي آڏو پنهنجي انهيءَ سورهيائيءَ جو، نڪ جي پڪائي سان جواب ڏيندي، ايترو خيال به نه ڪيو، ته سندن اُهي ڳالهيون، "چي جي جنگ ۾ مرڻ" واري هٿ ٽوڪيي سرڪاري مؤقف جي بالڪل اُبتڙ هُيون.

ڊومينڪن پادري 'رابرٽ شلر' جنهن کي جڏهن 'لا هيگُئرا' واري سانحي جو پتو پيو ته هو تقريبن ٽين وڳي اُتي پهتو هُيو، تنهن جي هٿان سپ ثابتيون ڪُجهه ئي وقت کان پوءِ خلق آڏو آيون. هن لکيو آهي: "... پر هُن ته ڪيس اول ئي ماري ڇڏيو هُيو". پوءِ آئون اسڪول ۾ اندر ويس، جتي هر طرف رتُ ئي رت نظر آيو". پنهنجي انهيءَ بيحياييءَ سان پر پور ڏوهه کي لڪائڻ لاءِ، اختياريءَ وارن "چي" جي مؤت جي خاموش گواهه، يعني اُنهيءَ اسڪول جي عمارت کي ئي مورڳو ڏاهڻ جو حڪم ڏنو.

اڄ تائين مليل معلومات مان خبر پئي ٿي، ته انقلاب جي هن عظيم راهنما 'چي گويرا' جي قاتل جو نالو 'ماريو تيران' نالي هڪ نان ڪميشنڊ آفيسر هُيو. جنهن بندوق جي زبردست ڏماڪن سان، اُنهيءَ انسان جي زندگيءَ جو ڏيئو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُجهائي چڏيو، جنهن پنهنجي انقلابي جنگي اعلان سان،ڪيوبا جي اوير ڪان وٽي بوليويا جي ٽيپلانو تائين، هر ماڻهوءَ جي سيني ۾ انصاف ۽ محبت جا ڏيئا ٻاريا هئا۔ بهرحال مارڻ کان پوءِ چي گويرا جي اسٽريچر تي رکيل گرم جسم کي، هن حادثي کان ڪجهه ڪلاڪ پوءِ والي گرانڊي ۾ آيل هيلي ڪاپٽر سان ٻڌي ڪنيو ويو.

"هر جڳهه تي موجود چي"

ڪو عام ڳوٺ هجي، ڪنهن جهنگ مان وَرَ وَڪڙ ڪندڙ ندي‌ءَ جو پيٽ هُجي يا ڪنهن پراڻي ڪارخاني ۾ ويجو. يا وري ڪنهن ڳوٺاڻي مزدور ۽ وٽن جهڙي وڻ کان پوءِ،تہ هو توهان کي ٻڌائيندو، تہ چي يا تہ اُتان چڪر چاڙي ڪيو آهي يا ساٿس مليو آهي. جتي هر ڪو شخص ڪنهن جبل جي چوٽي‌ءَ تي چڙهي ڪنهن ڏرڙ، وادي‌ءَ، دَرياهه، شهر 'مُسيڪيور' يا ڪرن ۾ گهيريل گراندي نالي وسندي وٽ بيهي چوندو تہ: "هي‌ءَ ئي اُها جڳهه آهي، جتان چي ڪي تاريخي حيثيت حاصل ٿي ۽ سا ۾ اهڙي تاريخي حيثيت،جو هُن وقت جي مٿان مهرون هڻي چڏيون." اهي حقير ماڻهو ۽ معمولي جڳهون،جن کي دنيا جي نقشي تي ڪا اهميت نہ ملي ها، سي اسان جي يادگيري‌ءَ ۽ دنيا جي توجهه جو مرڪز، فقط چي جي نالي سان وابستگيءَ ۽ سندس هتيا جهڙي پاپ جي ڪري،ٻڌجي ويون آهن. جنهن هڪ مثالي ڪردار جي بنيادي سگهه ٻڌجڻ ۾،اهم ڪردار ادا ڪيو.

اهي ڳالهيون اڄ ۾ وقت جي سيني حدن کي اورانگهيندڙيون، لاڳاتار جيئن پوءِ تيئن چي جي شخصيت کي ايارينديون ويون آهن، جو تہ سندس موجودگي اڄان ۾ حقيقي ٿي لڳي. مختلف شين جي پيٽ توڙي ڏند ڪٿائي اُنهن ڪردارن جي وچ ۾ مقابلو، جيڪي عظمتن جي آڪاس کي چهنديءانهي‌ءَ لاءِ تخليق ڪيون ويون آهن تہ جيئن، انهي‌ءَ منجهان ڪنهن حقيقي سورمن جي ڪا تصوراتي پر اهڙي جهلڪ ملي سگهي، جنهن ۾ هو زندگي‌ءَ ۽ موت جي معيارن کي اورانگهندي وڌيڪ اُتم لڳي. تن سيني ۾ چي کان وڌيڪ ڪنهن ۾ ٻئي جي حيثيت ڪونهي، چي جي آخري منزل،ست هزار ماڻهن تي ٻڌل والي گراندي جو شهر،اڳ جهڙو ئي شانت، داب پريل ڳوٺ آهي.جتي جا چؤنڪ، شهره‌هال، اوڪيون چاڙهيون، ور وڪڙ- گهٽيون،جن ۾ پٽرائيون چتيون لڳل آهن ۽ اُتان جون اسپتالون 'سينوردي مالٽا اسپتال' (جيڪا ڳوٺ جي بانيڪار درويش جي نالي پويان آهي)جتي چي جي لاش کي آندو ويو هُيوءسُي سي جيئن جو تيئن موجود آهن. 9- آڪٽوبر 1967ع ۾ انهي‌ءَ جڳهه جي تاريخي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيثيت ٿي وئي ۽ "تنهن ڏينهن کان وٺي هڪ اهڙو مقبرو بڻجي چُڪي آهي، جنهن کي هر ڪو ڏسڻ ٿو گهري"، هڪڙي پوڙهيءَ هن سال جي شروعات ۾ اسپتال اندر ويندي مون کي اهي لفظ چيا.

هتان جا ڳوٺاڻا، ٻاهران آيل اجنبي ماڻهن بابت، پنهنجي شڪ جو اظهار، ڪانئن سندن اچڻ جي مقصد ۽ سندن حيثيت متعلق سوال ڪري ڪندا آهن. خاص ڪري جڏهن ڪو ڪانئن 'چي' لاءِ سوال ڪري پچندو آهي، تہ سندن وَهم وڌيڪ وڌي ويندا آهن. پر سندن بظاهر خاموشيءَ پٺيان، تواريخي حيثيت جو احساس ڪنن ۾ ٻُرڻ لڳندو آهي ۽ عجيب برجستائيءَ جو احساس ٿيڻ لڳندو آهي. و قت گذرڻ سان گڏوگڏ، ڪُجه اهڙي نموني جي ڪهاڻي ٻڌو تہ 'والي گراندي' نالي شهر ۾ هڪ سڙڪ آهي، جنهن کي هر ڪو "اڳينسٽوچي گويرا شاهراه" سڏيندو آهي، توڙي جوشهري انتظاميہ، ڪيترائي دفعا انهيءَ جو نالو بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر ماڻهو انهيءَ کي اڃان مٿي بيان ڪيل نالي سان ئي سڏين ٿا.

اها ڏاڍي حيرت ڀري ۽ اعتبار کان هٽيل ڳالهه ٿي لڳي، تہ 'والي گراندي' ۾ جي جو تصويرون ٻہ آهن. پر حقيقت اها آهي تہ اشتهار هجي يا رسالي ۽ اخبار جو ڪو ٽڪرو، ڪٿان نہ ڪٿان سندس تصويرإبنان ڪنهن سياسي وابستگيءَ جي، توهان کي ڳوٺ جي هر گهر، هر جڳهه تي چنبڙيل نظر ايندي.

هڪڙي ڪُراڙي پنهنجي يادگيرين مان ٻُڌايو: "اسان ننڍڙن ستارن وانگر چمڪندڙ اکين سان گويرا کي ڏٺو هُيو. سندس اکيون جيڪي ويڪريون ۽ ڪليل هُيون، پر هو بنان ڪنهن بوٽ ۽ جورابي جي، زخمن کان چور ٿي پيل هُيو..."

هڪڙي ٻئي، موسم هٽان سٽيل ڳوناٽي مزدور جذباتي آواز ۾ ٻُڌايو: "گوريلن اسان وٽ هڪ اهڙي آدرشي انسان کي آندو، جهڙو اسان اڳ ڪڏهن ٻہ ڪونہ ڏٺو، جنهن پنهنجي آدرش لئہ سر گهوريو هجي..." 'والي گراندي' جي ٻئي هڪ مائيٽي طبيعت واري شخص، ماٽ ٿوڙيندي چيو: "توهان آساني‌ءَ سان اُهو ڄاڻي ٿا سگهو، تہ هو (گوريلا) ايماندار شخص هُيا... مرڻ کان پوءِ ٻہ هو ايئن ٿي لڳو، جڻ تہ اڃا ٻہ جيئرو هجي- هو اسٽريچر تي پيل تہ ضرور هُيو، پر سندس ڪليل اکيون اسان ڏانهن نهارينديءَ زندگيءَ سان پرپور ٿي لڳيون..."

لاپاز جا ٿو چئين؟

1987ع ۾ ٻہ 'والي گراندي' جو شهر يادگيرين جا خزانا ڪنيون ٻيئو آهي. هر سومر تي، شهر جون عورتون "چي جي پريمر پريي روح" لاءِ ميڙ ٻتيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاري هڪ اهڙي احترام ۽ پريي شخص کي ياد ڪنديون آهن، جنهن پنهنجي جياتيءَ کي غريبن لاءِ قربان ڪري ڇڏيو. کين ايڏان تائين سمجھ ۾ نہ ٿو اچي تہ آخر ڪيس ڇو ماريو ويو؟ جيڪڏهن هو زخمي هُيو ۽ ايڏان کيس قتل نہ ڪيو ويو هُيو،تہ 'والي گراندي' ۾ زنده ڇو نہ آندو ويو؟ 'برميجو' 1971ع ۾ لکيو هُيو: "اڄ تائين والي گراندي جي فضائن ۾،معمول کان وڌيڪ خاموشي ۽ ڏک موجود آهي." ويهن سالن کان پوءِ والي گراندي‌ءَ جي پرامن گهٽين ۾،هڪ مقامي باشندي جي چوڻ موجب: "هر پٿر ۽ راهن جي مٽيءَ منجھ، محبوب گوريلن‌ءِ سندس سرواڻ جي وجود جي هڏڙين جو حصو آهي، تن جي مهڪ ايڏان تائين محسوس ٿئي ٿي."

بوليويا جي گادي لاپاز ۾ ب، چي جو تصور ڪيس وساري ڇڏڻ ۽ وقت جي ويرن تي ياري ٿي چڪو آهي. جتي جي ماٹھن وٽ سندس يادگيرين جا اولڙا اڄ ب تازا آهن- ڇو تہ اها جڙ تہ سندن عادت بڻجي چڪي آهي. هو سندس ياد ۾ ايڏا تہ ہڏل آهن،جو جيڪڏهن توهان ساٹن ڳالهائيندا، تہ هو ممڪن آهي تہ توهان کي 'تانيا' ضلعي جي مونٽيڪلو علاقي ۾ ب وٹي وڃن،جتي گوريلا اچي رهيا هُيا. 'لاراگتريز' جي نالي سان رهندڙ 'تمارا بُنڪي' نالي مائي، جنهن ننڍائوزو جي علاقي ۾، گوريلن جي آمد جي تيارين جي سلسلي ۾، زبردست سرگرميءَ سان حصو ورتو هُيو، اُتي 'تانيا' آمريڪي عورتن جي آزاديءَ ۽ عليحدگيءَ لاءِ ڪيل جدوجهد بابت،انتهائي خوبصورت شيون لکي ورتيون هُيون.

لاپاز ۾ ٿي مختلف جڳهن تي تانيا ويندي رهي ، جنهن ۾ تعليم جي وزارت، لوڪ ورثي جو تحقيقي مرڪز، قومي لائبريري، ازابيل جو ڪليسائي بادشاهي چونڪ، 'مونجي ڪئمپيرو' نالي ڪيل گهر، لانازا بازار- هي اهڙيون جڳهيون هيون،جتي اڪثريت سان تانيا رابطا ڪندي هئي ۽ "مرسي" نالي رابطو ڪندڙ، جيڪو هوانا مان اهي مختصر هدايتون ڪٹي ايندو هيو، جيڪي هن نوجوان انقلابي عورت لاءِ 'چي' انتهائي ڏکيي ۽ جانفشاني پريل مهم جي پورائي لاءِ ٿي موڪليون،اُسان پڙ اتي ملندي هئي.

تانيا، 1967ع ۾ "جوڪويئن" جي اڳواڻيءَ ۾ ڪمانڊر ويواڪونا جي جانثار دستي سان هڪ معرڪي ۾ شهيد ٿي وئي، جيڪو ڪيترين ٿي "سائرامسرا" لڙاين جو سورمو ڳڻيو ويندو هيو.

لاپاز جون ڳليون گهمندي توهان پتين تي ڪي ڪُرچيل اکر ب ڏسندا، جن ۾ اها دعويٰ ڪيل آهي تہ: "ايڪا چي زنده آهي". تنهن کان سواءِ "آندريس"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يونيورسٽيءَ جي پت تي،چي جو هڪ گوريلا ويڙهوءَ جو روپ پڻ زبردست نمونو اُکريل آهي.

"ڪوپا ڪبانا" هوٽل،جتي "ننڪا هوزو" وڃڻ کان پهرين،چي ترسيل هيو، تنهن جو ڏس ته هر ماڻهو آسانيءَ سان ڏيئي سگهندو. هوڏانهن "ريوشينو" ۽ "اپولينا"، ڪوارٽرن جي جهونين گهٽين ۾، پڇيون لڳل نو آباديات دؤر جي جڳهن، محلن ۽ بالڪونين کان سواءِ رنگين وليون لڳل جاين منجهان،هر ڪو "آلاسيٽس ميلي" بابت پُڌائيندو. جيڪو هر سال 24 جنوري تي "ايڪيڪو" جي مان ۾ (جيڪو ڪولمبيا جو طرفدار ساحر، ياڳ جو ڏٽي ۽ ايمارا نسل جي ماڻهن لاءِ جهجهائيءَ جو نشان آهي) لڳندو آهي. انهيءَ ميليءَ ۾ بوليويا جا سيئي هٽ جو هُنر ڪندڙ ماڻهو پنهنجا شاهڪار ڪٽي ايندا آهن. جتان هرڪو پنهنجي گهُرج ۽ مرضيءَ مطابق،ڪجهه نه ڪجهه وٺندو ويندو آهي. جن مان ڪيترين شيون اهڙيون هونديون آهن، جيڪي ٻسل ۽ زندگيءَ جي اُهڃاڻ طور سياتيون وڃن ٿيون. بلڪ ٻڻن شين لاءِ اهي به تاثر آهن ته انهن جي هجڻ سان اميدون ٻه پوريون ٿين ٿيون- انهيءَ ميڙي ۾، هر سال هزارن جي تعداد ۾ توهان کي ڪاٺ جي ٽُڪرن تي نفاست سان اُکريل، 'چي' جي تصويرن وارا فنپارا ملندا. انهيءَ سلسلي ۾ لاپاز جو هڪ پروفيسر، ڪجهه ريتن جي وضاحت ڪندي چوي ٿو: "چي ماڻهن جي هٿن جي هُنر ذريعي ناهيل ننڍين تصويرن منجهه، ڪنهن اهڙي اُهڃاڻ طور موجود آهي، جنهن منجهان اميدن ۽ آسن جي ساڀيا ٿيڻ جي جهلڪ پڌري ٿئي ٿي".

هڪ ٻئي شاگرد مون کي ٻڌايو ته هر، ائين آڪٽوبر تي انهن گوريلن جي ياد ۾ هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪئي ويندي آهي،جيڪي جدوجهد دؤران ڪاڙخاني جي اندر وڙهندي، يا اسڪولن يونيورسٽيءَ ۾ لڙندي، بوليويائي ماڻهن سان يڪجهتيءَ جي ڏوهه ۾، يا وري پارليامنٽ جي اندر خاص طور تي "سائلز سٹازو" حڪومت جي ڏينهن ۾، مهاڏو اٽڪائيندي ماريا ويا هُيا. هوڏانهن لاپاز جي پراڻي ريلوي اسٽيشن جي هڪ پت تي،اوهان کي چي جي هڪ تصوير ٽهيل نظر ايندي، جنهن جي هيٺيان لکيل آهي: "جدوجهد اڃان جاري آهي!" ڪنهن کي به خبرناهي، ته اهو ڪنهن جي هٿان ٿيو ۽ نه وري ڪڏهن يا ڪيئن ٿيو بابت کو ڄاڻي ٿو- سڀني کي اها سُڌ آهي، ته ڪافي وقت کان وٺي اها تصوير اتي اُکريل آهي ۽ جيڪا هاڻي سدائين اتي اُکريل رهندي.

هن شهر ۾، چي 4- نومبر 1966ع تي ""ايلڊولفو مينا گوترالينز" جي نقلي نالي سان داخل ٿيو، ته جيئن پنهنجي اصلي ڪم (يعني گوريلا جٿي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تربيت لاءِ تياري ڪرڻ ۽ جيئن اهو انقلابي جدوجهد جو اهم ترين عنصر بڻجي سامراج جي خلاف مهاڏو اٽڪائي) جي شروعات ڪري سگهي. هن رستي تي سندس قدم ڏاڍي خوشي ۽ اتساه سان اُٽيا هُيا. ڪيس سُڌ هٿي ۽ سندس جدوجهد ڏاڍي ٽڪائيندڙ ۽ دڳهي آهي-۽ ممڪن آهي ۽ هو پنهنجي سر انهيءَ جي ساڀيا ٽيندي نہ ڏسي سگهي، پر هو پنهنجي جدوجهد جي سوڀائتي ٽيڻ بابت ايڏو ۽ پراعتماد هيو، جو هن ڪڏهن هڪ گهڙيءَ لاءِ ب ڪنهن شڪ جو اظهار ڪونہ ڪيو هيو. سندس ڊائري،جيڪا ڪافي ماڻهن جي خيالن ۾ سندس زندگيءَ جي اڪيلائيءَ ۽ ناڪامين جو اولڙو آهي. تنهن ۾ درحقيقت ثابت قدميءَ ۽ سچائي جي جهلڪ اچي ٿي. جنهن مان سيني نتيجن کي سمجهندي، هن تاريخ جي هن للڪار جو وراڪو ڏنو آهي. جيتوڻيڪ اها زبردست للڪار، هڪ اهڙو ذمو هُئي، جنهن ۾ موت ۽ جڻ ڪو معمولي حادثو ٿي لڳو.

”نانڪا هُئازو جي طرف ڇي جو آخري سفر“

ڇي جي آخري منزل ڏسڻ لاءِ، لاپاز مان ”ڪوچا بامبا“ ويندي،توهان کي ساڳيو ئي رستو وٺڻو آهي،جنهن رستي سان 5۔ نومبر 1966ع تي ڪمانڊر ڇي گويرا نڪتو هيو. هن رستي جا نظارا ايڏا ۽ اثر وڌيندڙ ۽ زبردست آهن،جو انهن جون اُتاهيون ۽ يخ پارو پوندڙ ريگستاني وسعتون، ماڻهوءَ کي پنهنجي اندر ۾ گم ڪريو ڇڏين۔ ”ايوايو“، ”پاتاڪميا“، ”سيسايسا“ جا شهر پوئتي ڇڏيندي، ماڻهو ”ڪو چابامبا“ پهچي ويندو، جيڪو ”سانتا ڪروز“ وانگر گوريلن لاءِ ساهي پڻڻ لاءِ هڪ منزل آهي. هن ئي جڳهہ تان باقي بچي ويل گوريلا چلياءَ جي سرحد تي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿيا هيا.انهيءَ ڪانسواءِ ”مرسي“ سان تانيا هتي ملي،جنهن پنهنجي تحريرن ۾ نوجوان گوريلن وٽ،هن شهر لاءِ اُتساه جو ذڪر ڪيو آهي. خاص طور تي ڪوچامبا جي عظيم سورميءَ جو مجسمو هن شهر ۾ ڏسڻ جي شئي آهي، جنهن اسپيني قابضن جي خلاف جدوجهد ڪئي هئي. ڇي پنجين نومبر واري رات، ڪوچامبا ۾ ترسيو ۽ ٻئي ڏينهن صُبح جو ساجهر ننڪا هُئا زور شهر طرف نڪري ويو. جڏهن ۽ ستين نومبر جي ڊائريءَ ۾ هُن لکيو آهي: ”اڄ ڪان نئين مرحلي جي شروعات ٿي آهي. سڄي ڏينهن جي مسافريءَ کان پوءِ رات جو ٻنيءَ ۾ پهتاسون، سڄو سفر آرام سان گذريو. ڪوچامبا ۽ پچونگو مان لنگهندي اسان پنهنجو پاڻ کي، سهڻي نموني ماڻهن کان لڪائڻ ۾ ڪامياب ٿياسون. اسان اهو سفر جيپ ذريعي ڪيو ۽ مختلف هنڌن تي رابطا ب ڪندا رهياسون“. انهن جڏبن مان هُن جي منزل جو يقين بلڪل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واضح آهي.

ڪجھ مهينا اڳ بوليويا جي مشهور فلمساز "جورج سٽنس" چيو هيو: "جنهن قسم جو آزاد بوليويا چي پٽي گهريو، تنهن کان هاڻي اهو ملڪ ڪافي منجي چڪو آهي. جڏهن نانڪا هُٽا زو جي گهاتن جهنگلن ۾ چي پنهنجو ديرو هنيو، تہ اُن وقت مُلڪ ۾ ڪافي پورڙائپ هئي. پر ان جي پيٺ ۾ اڄ سماجي تجربا وڌيا آهن، مزور ۽ هاري وڌيڪ سياسي شعور رکن ٿا. ٿلهي ليکي ايئن چئي ٿو سگهجي، تہ اڄ جو بوليو يائي عوام اهو ڪجھ وڌيڪ سڃاڻتو سمجهي ٿو، جنهن جي حاصلات لاءِ چي سندن پاران جدوجهد ٿي ڪئي... ۽ اها اُپريل سُجاڳي،سچ پچ تہ بوليويا ۾ هن عظيم گوريلا ليدر جي ڏنل خون ۽ پنهنجي آدرشن ۽ تصورن لاءِ ڏنل قرباني جي ڪري آهي".

اها عام سجاڳي، جنهن لاءِ سڃنيس ڳالهايو آهي،سا نہ رڳو بوليويا پر سڄي آمريڪا جي اندر محسوس ڪري سگهجي ٿي. بلڪ حقيقت تہ اها آهي تہ چي پنهنجي رت جي ريج سان "ريوگراندي" کان وٽي "پٽناگونيا" جي پٽيءَ تائين،عظيم تر آمريڪي وطن جي تصور جي راھ ۾ پهريون قدم پريو آهي. جنهن جو اندازو گذريل 20 سالن ۾، هن علائقي اندر ٽيندڙ سياسي واقعن جي جائزي وٽ مان آسانيءَ سان ٿي سگهي ٿو. نڪارا گوا جي انقلابين، جن بندوق جي نال مان فتح حاصل ڪئي ۽ عوام جي سنگدل دشمنن جي خلاف مسلسل جدوجهد جاري رکي ۽ آمريڪي کنڊ جي ڏاکڻي خوني حصي ۾ جنگ ڪئي، تنهن مان ايئن ٿو لڳي تہ چي جي ڳالھ "سرلن ڪنن" پُڌي ورتي آهي. سندس مرڻ پُڄاڻان ڪيترن ئي هٿن هٿيار سنياليا ۽ اها سنت تيستائين جاري رهندي، جيستائين اسان لاءِ ڪنهن فضيلت پريءِ دنيا جي تخليق عمل ۾ ڪونہ ٿي اچي.

چي اڄ بہ انهن ماڻهن جي دلين ۾ زنده آهي، جن کيس جنوري 1959ع جي هڪ ڏهاڙي،ڳوڙهي زيتوني سائي رنگ جي وردين ۽ ڏاڙهيءَ واري روپ ۾ "هوانا" ۾ پهچندي ڏٺو هيو. هو انهن ڏهنن ۾ بہ امرتا پائي چڪو آهي،جن عزت ۽ اُڪير وچان، رضاڪاراٹن بنيادن تي ڪم ۾ حصو ورتو ۽ ڪارخانا کوليا. سندس عاشق ماڻهو، ملڪ اندر ڪنهن جڳھ تي ڳالهائيندا هجن، يا ڪنهن عالمي اداري جي پليٽفارم تان، هو سدائين چي لاءِ ڳوڙهن پريل هوندي بہ اهو واعدو ڪندي کيس ياد ڪندا آهن تہ: "چي جي فڪر کي اختيار ڪبو" ۽ حقيقت اها آهي تہ اهي ٻول،ڪنهن معمولي نعري کان وڌيڪ حيثيت اختيار ڪري چڪا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعر "نڪولس جولين" چواڻي، چي اڄ هر جڳهه جيئرو آهي- اهڙن جذبن جو اظهار، سندس هنن ٻولن ۾ آهي،جيڪي هُن گوريلا ويڙهه جي عظيم ليڊر جي موت واري خبر ٻُڌڻ کان پوءِ، جوش ۽ ڪاوڙ وچان تپرس ۾ ايندي شعر جي لڙيءَ ۾ پويا هيا:

"تون هر جاءِ آهين-
هڪ هندوستانيءَ منجهه، جيڪو گهيرتن ۽ تامي ۾ ڳهريل آهي.
هڪ ڪاري جي من اندر،جيڪو غصي پريل گوڙ ۾ گم آهي-
هر تيل مزدور ۽ ڪيميائي ڪارڪن جي اندر تون آهين-
ڪيلن جي فصل ۾ موجود تياڳنا ۽ الوپ ٽيڻ منجهه تنهنجو جلوو آهي
پناهه گاهن جي وسيع ميدانن ۽ مشاڇرن ۾ تون آهين
ڪنڊ، لوڻ ۽ ڪافيءَ جي وڻن ۾ تنهنجي جهلڪ آهي
تون پنهنجي مؤت کان پوءِ ٽِميل رت منجهان ،
هڪ چرپر پريل مجسمو ٿي ويو آهين.
تون اڄ ب زنده آهين-توڙي جو تنهنجي دشمنن ايٽن نٽي گهريو-
اسان جا اڳواڻ چي- اسان جا يار چي- تون امر آهين."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سارتر جين پال

جم: 21 جون 1905ع
لاڏاڻو: 1980ع

وجوديت يا موجوديت (*Existentialism*) کي اهڙو نئون فڪري لاڙو ڪونهي، جنهن کي سارتر فيلسوفيءَ جي تواريخ ۾ متعارف ڪرايو. ڇاڪاڻ جو ذات يا داخلي ڪيفيتن کي سوجهيءَ جو مرڪز بڻائڻ وارن جون پاڙون، قديم يونان جي سقراط، ڊايوجينس ۽ روم جي پاسڪل جي فڪري روين ۾ ڪتل آهن. بلڪ هن موضوع کي فيلسوفاڻي انداز ۾ پيش ڪرڻ جو اعزاز به ڊينمارڪ جي سورين ڪيرڪيگارد کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاصل آهي. کانئس پوءِ کارل جئسپرز، گئبريل مارسل، مارٽن هائيديگر ۽ دوستووسڪي پڻ هن راھ جا ڳٽپ جوڳا پانڌيئڙا آهن.

فرانس جو جين پال سارتر، منجهانئن انهيءَ ڪري منفرد آهي، جو روزاني زندگيءَ جي عذاب پرين واقعن ۽ بوريت سان پُرحالتن کي، پنهنجي بحث جو موضوع بٽائيندي، هُن جيڪا وجودي فڪر کي ترتيب ڏني آهي، اُن کي هن معاشرتي جوڙجڪ سان ڳنڍيو آهي. اهوئي سبب آهي جو الجيريا جي جنگ ۾ فرانس جي روين جي مذمت هجي، يا ٻي مهاياري لڙائيءَ دوران جرمنيءَ خلاف مزاحمتي جنگ ۽ سوشلسٽ واٽ جي طرفداري- هُن ڪنهن به مرحلي تي سماج کان لاتعلقي اختيار نه ڪئي.

"سارتر آڏو هڪ اهڙي ڪائنات، جيڪا انساني موجودگيءَ کان بي خبر آهي، تنهن ۾ ڪوبه وجود کابه حيثيت نٿو رکي. پنهنجو پاڻ کي حيثيت ڏيارڻ ۽ معنيٰ بخشڻ جو فقط هڪ ئي طريقو آهي. سُو اهو ته غيرموجود آزاديءَ کان، مڪمل آزاديءَ جي حاصلات لاءِ جاکوڙ جي. تنهن ڪري انسان جي آزادي، سندس ذات جي غيرموجود گيءَ ۾ ئي ممڪن آهي. آزاديءَ جي انتها "نہ" چوڻ منجهه لڪل آهي، جيڪا انسان کان ڪوبه کسي نٿو سگهي. بقول سندس اها ناهڪاري شڪتي ئي دراصل سچي وجود جي هُجڻ جو بنياد بڻجي ٿي. جيڪا خاصيت انسان کان سواءِ ٻئي ڪنهن وٽ موجود ڪانهي." سارتر جي فيلسوفيءَ ۾ انهن پيچيدگين جي ڪري پڙهندڙ لاءِ ضروري آهي ته اهو نہ رڳو سڀوسنئون ڪيس پڙهي، پر بار بار پڙهي.

- سنڌيڪار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سارتر جو جنم فرانس جي شهر پئرس ۾ ٿيو. سندس نالو فڪري واٽ ۾ جوديت (Existentialism) سان گڏوگڏ ورتو ويندو آهي. سارتر انتهائي منفرد ۽ غيرمعمولي مفڪر هئو، جنهن وٽ ادب ۽ فيلسوفيءَ ۾ هڪ ئي وقت پنهنجي سوچ کي ظاهر ڪرڻ جو ڏاڍو حاصل هئو. هو ڪنهن به اڀيل ڏاهي جي حيثيت ۾، هڪ بيمثال فيلسوف هئو. تنهن ڪري ڪسبي فيلسوف واري حيثيت اختيار ڪري ڪنهن به علمي اداري ۾ پاڙهڻ بدران، هُن پنهنجن خيالن کي، نظرياتي ڪتابن ۽ ناولن توڙي ناٽڪن جي ذريعي سلسلي سان لاڳاپي، هڪ ليکڪ جي روپ ۾. سڄي دنيا ۾ نانءُ ڪمايو. 1964ع ۾ ڪيس ادب جو نوبل پرائيز ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو، پر هن اهو انعام وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

پنهنجي اعليٰ تعليم جي سلسلي ۾، پهريائين فرانس ۾ 'لي هاور' جي مشهور درسگاهه 'ليس' ۾ پڙهڻ کان پوءِ، جلدئي 1933ع ۾ هو ظاهريت (Phenomenology)(1) جو علم حاصل ڪرڻ لاءِ جرمنيءَ روانو ٿيو. اهوئي سبب آهي جو جرمنيءَ جي ظاهريت جا وڏا نالا، هسرل ۽ هائيڊيگر، سندس وجودي تحريرن تي چانيل آهن. جيتوڻيڪ مٿس ٻين فيلسوفن، جهڙوڪ هيگل، ڪيرڪيگارد ۽ ڪانٽ جو اثر به واضح آهي. ظاهريت پسندن جي سڄي سلسلي ڏانهن سندس گهڻي دلچسپي، انهيءَ ڪري هئي جو هن ڄاتو پئي ته، انهن مفڪرن ۾ اهو عزم هئو، ته اُهي انساني شعور جي دنيا ۾ زبردست ڦهلاءُ بابت وضاحتون پيش ڪندا. ڇو ته ايئن ڪندي، هنن ظاهريت کي نه رڳو هاسيڪار آسپاس موجود هر شئي سان ٽي سلهاڙيو، پر انهيءَ جي مستقبل لاءِ زبردست انداز ۾ نين معنائن کان آگاهي ٽي ڏني. جنهن جي ڪري انساني وجود، پهريون ۽ سڀ کان مهڙين "دنيا ۾ موجود وٽ" (etre-au-monde) جي روپ ۾ پيش ڪيو ويو هئو. جنهن جو مطلب اهو ٿيو ته اسان جي آسپاس موجود کا انتهائي معمولي شئي به، بنيادي فيلسوفياٽي سوچ جو اڻ ٽُٽ حصو ٽي پئي سگهي. سارتر پنهنجي انهيءَ سرگرم جذبي بابت ڪافي لکيو آهي، جيڪو نه رڳو مٿس پر ٻين فرانسي مفڪرن، جهڙوڪ 'مرلو پونٽي' ۽ 'سمون، دي بيووئار' تي به اثرانداز ٿيو. جن ظاهريت طرفان ملندڙ جلون جي اولڙن

---

(1)هڪ نظريو، جنهن موجب انساني ڄاڻ اُنهن نظارن تائين محدود آهي، جيڪي اسان جي حواسن ذريعي شعور جو حصو بڻجن ٿا. ظاهريت انهن نظارن جي وچ ۾ترتيب ۽ فرق پڻ کي واضح ڪري ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منجهان "هر شئي کي فيلسوفاٽي اک سان ڏسڻ، "پوءِ ٻلي ته اُهو گهٽيءَ ۾ ٻرندڙن گئس جي گولي جو جوهر چو نه هجي،" واري ڳالهه کي وزن ڏنو. فرانس جي هنن فيلسوفن پاران "گئس جي گولن" کي، فيلسوفيءَ جي مسئلن ۾ بحث هيٺ آڻڻ واري مرتبي" تائين آڻڻ جو نتيجو اهو نڪتو، جو فيلسوفي، پنهنجي علمي بحثن منجهان نڪري، گهٽين ۾ نروار ٿي ٻيٺي.

عام طرح سان سارتر جون هڙئي تخليقون آڇي جي فيلسوفيءَ سان لاڳاپيل آهن. انهيءَ سلسلي ۾ هُن جي دعويٰ: "وجود، جوهر جي ٻ جڙ آهي." مثال طور پيش ڪري ٿي سگهجي. هو چوي ٿو: "انساني فطرت" نالي ڪنهن شئي جو اڳ ۾ وجود ڪونهي، جيڪا اهو طئ ڪري سگهي، ته انسان کي ڪيئن هلڻ ڇلڻ ۽ ورتاءُ ڪرڻ ڪهي، اُن جي اُبتڙ، روزاني زندگيءَ ۾ انسان جا عمل ۽ چونڊ ئي انسان جي سڃاڻپ پُڌا ٿي ڪري. سارتر چوي ٿو ته انسان سڀ کان پهرين وجود رکي ٿو ۽ پنهنجي وضاحت بعد ۾ ڏئي ٿو.

سارتر انهيءَ ڳالهه جو اقرار ٿو ڪري، ته اسين هڪ ٽهيل ٽڪيل دنيا ۾ رهون ٿا. پر انسان جي آزادي، حالتن ڏانهن انسان جن روين منجهان طئ ٿئي ٿي. اهو انسان تي ڇڏيل آهي ته هڪ طرف انسان پنهنجو پاڻ کي، حالتن جي وهڪري تي ڇڏي ڏيون، ۽ جيڪا شئي، جيئن آهي، تيئن قبول ڪندي، پنهنجو پاڻ کي دنيا ۾ موجود ٻين بيجان شين منجهان هڪ شئي بڻائي ڇڏيون. يا وري پنهنجو پاڻ کي عام وٺُ کان مٿي سمجهندي، امڪانن جي نين چوڻين تي چڙهڻ جي چونڊ ڪريون ۽ اهڙي طرح پنهنجي وجود جي ڪارج لاءِ، هڪ وسيع جهان جوڙيون. جيڪا ٻ چونڊ ڪريون ٿا، سوئي انسان آهيون، ۽ چونڊ ڪرڻ واري خاصيت هميشه انسان وٽ موجود آهي. "اسين اهو ڪجهه ئي آهيون، جيڪو ڪجهه پنهنجي وجود کي موڙ ڏيون ٿا." سارتر پنهنجي "وجوديت ۽ انسانيت" (1947ع) نالي مضمون ۾ چيو آهي.

اها ڳالهه درحقيقت سارتر جي دعويٰ: "انسان کي آزاد هجڻ جي سزا مليل آهي." منجهان نڪري ٿي. اهوئي سبب آهي جو سندس آڏو بي شعور يا سماجي طبقو پڻ، ماڻهوءَ کي مليل بنيادي ذميواريءَ ۾ آڇپي کان محروم نٿو ڪري سگهي. مثال طور، توٽي جو انسان کي پنهنجي طبقي، جنس، زبان يا علاقي جي خبر نه هجي، جتان جا اسين آهيون، پر ان هوندي ٻ انهن جي ڪارج بابت اسين فيصلو فورن ڪري ٿا سگهون. ٻين لفظن ۾، انسان کي هروقت اها آزادي حاصل آهي، ته مستقبل ۾ ٿيندڙ امڪانن جي روشنيءَ ۾، پنهنجي دنيا کي معنائون ڏيئي، ۽ وري اُنهن ۾ تبديليون ٻ ڪري سگهون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ ۾ ڪا حيرت جي ڳالھ ڪانھي، تہ ٽيھن جي ڏھاڪي ۾ ڇپيل سارتر جا فيلسوفاڻا ڪتاب (خيال 1936ع، خيال جي نفسيات 1940ع) خيال (Imàgination) جي ڪٽ ۽ تجزيي لاءِ وقف ڪيل ھئا. سندس انھن ڪتابن ۾ بنيادي طور تي اھو دليل ڏنو ويو آھي تہ: شعور دنيا جي موجود روپ کي رد ٽو ڪري، ۽ پنھنجي منھن دنيا جو ھڪ نئون روپ جوڙي ٽو. ھتي اسان کي سارتر جي انھيءَ طئ ٽيل موجوداتي لاڳاپي (ontological con-viction) جا ٻج ملن ٿا، جن مطابق انسان پنھنجي ذات ۾ آزاد آھي، ڇو تہ وٽس ناھڪار ڪرڻ جي گنجائش آھي. يعني وٽس اھا سگھ آھي تہ شيون جيئن آھن، تيئن نہ ميجيندي اُنھن کي رد ڪري ۽ جيئن ناھن، تيئن انھن کي پيش ڪرڻ جي جسارت ڪري.

اھا واڳنا توھان کي سارتر جي ھڪ ٻئي پُٽيان آيل ڪتابن ۾ ملندي. خاص ڪري 1943ع ۾ ڇپيل ھن جي اٽاھ ۽ زبردست ڪتاب "وجود ۽ عدم وجود" (Being and Nothingness) ۾ اھڙي خيال کي ھٽي نظر ايندي. ھن تحرير ۾ ئي سارتر بنيادي وجودياتي مونجھاري کي ڳولي لڏو، جنھن مطابق: انساني شعور دنيا جي ٻين شين ۽ ماڻھن سان ھاڪاري انداز ۾ ڪيئن لاڳاپجي ٽو سگھي، جڏھن ان جي پنھنجي وجود جي خاصيت..... (Being for itself) واري آزادي پنھنجي وجود کان ماورا ڪري بيان ڪئي ٽي وڃي. سارتر وٽ وجود اھڙين ٻن آزادين جي وچ ۾، اٽ ڇڪي جدل جي روپ ۾ بيان ڪيو ويو آھي، جيڪي پنھنجي وس جي مڪمل آزاديءَ جا امڪان ٻئي جي بربادي ۾ ڏسن ٿيون.

پر اھڙي صورتحال ۾ اخلاقي يا سياسي لاڳاپو ڪيئن ممڪن ٿي سگھي ٽو؟ اھو سوال سارتر جي ناولن (نازيا ۽ آجپي ڏانھن رستو) ۽ ناٽڪن (بندراھ، التونا کي ڏنل سزا، مکيون، مانواري وئيشيا، شيطان ۽ سنو مالڪ) ۾ مسلسل بحث ھيٺ آندا ويا آھن. اھي ساڳيا مسئلا ٻين مھاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ واري سندس اُنھن تخليقي خزاني منجھ موجود آھن، جيڪي مارڪسزم ۾ سارتر جي وڌندڙ دلچسپيءَ واري مرحلي دوران وجود ۾ آيا. ياد رھي تہ مارڪسزم ۾ سندس دلچسپي ان زماني کان ئي ھئي، جڏھن سارتر "ادب ڇا آھي؟" (1947ع) لکيو ھئو. ھن ڪتاب ۾ سارتر "واڳيل لکڻيون" (Commited Literature) وارو متضاد سوال ٻہ ڪڙو ڪيو ھئو. سارتر طرفان فرد جي آزاديءَ سان لاڳاپيل پنھنجي وجودي دعويٰ کي، مارڪسزم جي گڏيل انقلاب واري راھ سان سلھاڙڻ جي جستجو، 1960ع ۾ ڇپيل سندس ڪتاب "جدلياتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عقل جو تنقيدي جائزو" (جنهن جو ٻيو حصو سندس مرتيي پچاڻان 1985ع ۾ ڇپيو) ۾ بلڪل واضح نظر ايندي. حقيقت ۾ ته مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ واري فرانسي ڏاهن جي حلقي تي، وجودي ۽ مارڪسي سوچ بابت بحث ڇانيل رهيو. جنهن جا مُک اولڙا، فرانس جي ڪاپي ڏر طرفان نڪرندڙ پرچي "Les, Temps, Modernes" ۾ ڇپيل ڪالمن منجهان نظر اچن ٿا. هيءُ پرچو سارتر، بيئووئار ۽ پونٽي گڏجي ڪڍندا هئا.

لڳي ٿو ته پنهنجي آخري تحريرن ۾ سارتر خيال جي سگهن سان ٻيهر دلچسپي پٽڌا ڪري ورتي هئي. هن پنهنجا جامع ڪتاب اُنهن تخليقي جوهر جي وجودياتي بحران جي مطالعي لاءِ صرف ڪيا، جيڪو فرانس جا مشهور ليکڪ ملارمي، گينيٽ ۽ فلابيئر محسوس ڪري چُڪا هئا. ايتريقدر جو بعد ۾ ته 1964ع ۾ هن "لفظ" (words) جي عنوان سان، پنهنجي ٻاروتڻ جي هڪ خيالي مسافريءَ تي مُبني جيون پتري ٻ لکي ورتي. ان هوندي ٻ ياد رهي ته سارتر جي 'خيال' ڏانهن واپسي، سندس سياسي دلچسپيءَ تي اثرانداز نٿي سگهي. 1980ع ۾ پنهنجي لاڏاڻي تائين، هو 'ڍانچي وادين' (Structuralists) نفسياتي تحليل بازن (Psycho-analysts) مارڪسي نظريي دانن سان جنگ جوٽيون آيو. پر سڀ کان وڌيڪ ملامت پري لڙائي، سارتر فرانس جي ساڃي ڏر جي 'بورزوا' سان جاري رکي. هونئن جيڪڏهن سندس فڪر جو ستُ ڳولڻ جي ڪوشش ڪبي، ته محسوس ٿيندو ته سارتر جي گهٽي جاکوڙ، سچ جي ڳولاڻ ذهانت جي آزاديءَ سان بيپناهه اڻپنا جي بلي رهي، جنهن هميشه 'پڪ' نالي ڪنهن ٻ شئي سان ناهه ڪرڻ کان انڪار ڪيو.

Western Philosophy and Philosophers
Edited by: J.O urmsan and Jonathan Ree.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



گئبريل گارشيا مارکئيز

جنم: 1927ع

موجوده دؤر ۾ ادب جي دنيا ۾ جن غير معمولي تخليقڪارن پنهنجي قلم، فڪر ۽ ذات جي حوالي سان زنده هوندي ئي امرتا ماڻي آهي، ڪولمبيا جي مارکئيز، اُنهن ۾ سيني کان مٿاهين جاءِ والاري ٿو. هُن پنهنجي لکڻين جي سحر ۾ نه رڳو يورپ جي اعليٰ درجي جي نقادن کي جکڙي ڇڏيو آهي، پر لاطيني آمريڪا سميت ٽين دنيا جي ادب سان واجبي دلچسپي رکندڙ ماڻهوءَ کي به هُن پنهنجو مداح بڻائي ڇڏيو آهي.

گارشيا مارکئيز هڪ ادیب هُجڻ سان گڏوگڏ، سماج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ع ڪائنات ڏانهن هڪ ذميوار شخص، ترقي پسند مفڪر، ع عمليت پسند دانشور جي ب حيثيت رکي ٿو. انهن سيني خوبين گڏجي ڪيل هڪ شخص کان مٿاهون بٽائي اداري جي حيثيت ڏئي چڏي آهي. هي مضمون دراصل سندس گهٽي رُخي شخصيت تي هڪ مختصر نظرئي ڪٽي ٿو سگهجي.

ـ سنڌيڪار

سياست ع ادب جي ب- واڻي تي بيٺل گٽبريل گارشيا مارڪئيز کي گذريل هفتي جي هڪ ڏهاڙي، صُبح ڏاران، جڏهن هڪ فون ڪال آئي، ته پهرين اکر سان گڏ ٿي، گٽبريل گارشيا مارڪئيز، فون ڪندڙ جو آواز سُڃاڻي ورتو. هيءُ اُنهي ساڳي شخص جو آواز هُئو، جنهن جي زال کي باندي بٽائڻ وارو سڄو داستان ٻُڌڻ کان پوءِ نوبل انعام يافته گارشيا مارڪئيز، رپورٽن تي مُبني هڪ ڪتاب لکڻ تي مجبور ٿي ويو هُئو. هن ڪتاب ۾ ڪولمبيا اندر نشي جي سوداگرن جي خوب لاڪ لاڙل آهي. فقط ڪُجهه ڪلاڪ اڳ "باندي بٽائڻ جي خبر" (News of kidnapping) نالي ڪتاب جا آخري پروف ڏسي، چپائيندڙ جي حوالي ڪرڻ کان پوءِ وٽس هيءَ نئين ڪال آيل هُئي. فون تي ڳالهائيندڙ، گارشيا کي هڪ ٻين ب اغوا جي خبر ڏيندي ٻڌايو ته ڪولمبيا جي اڳوڻي صدر سيزر گاويريا جي ڌيءُ کي پڻ باندي بٽايو ويو آهي. ڪيس باندي بٽائيندڙن، اخبارن ڏانهن هڪ خط ذريعي، فقط هڪ مطالبو اڳيان رکيو آهي. سو اهو ته: گارشيا مارڪئيز کي ڪولمبيا جو صدر بڻايو وڃي. خط ۾ لکيل آهي: "گابو (مارڪئيز جو نالو) اسان پنهنجي وات ۾ ڪنديو ڏيئي، توکي ٻڌايون ٿا، ته اي مانوارا شخص! پنهنجي ماتر پوميءَ کي بچاءِ!"

خبر ٻڌڻ کان پوءِ، مارڪئيز فون سان چنبڙي پيو ع پنهنجي هنڌ ۾ اُٿي ويهي رهيو. ڪيس پنهنجو پاڻ تي اچرج اچڻ لڳو ع هُن سوچيو: "مان ته چڙ پنهنجن ڪتابن جي ڪردارن واري زندگي پيو گذاريان. اهو سچ آهي ته هن خبر ذريعي منجهيل ماحول واري لاطيني آمريڪا جي، سڀ کان وڌيڪ سگهاري ادبي شخصيت، مارڪئيز کي چڙ ته زندگيءَ جي اهل ڪندڙ پهلوءَ کان، آگاهي ملي رهي هُئي. جهڙي قسم جا تصوراتي نظارا "ايڪانت جا سؤ سال" ع "پريي مُڙس جا پچاڙڪا ڏينهن" جهڙن ڪتابن ۾ گارشيا پڌرا ڪيا آهن، تهڙي قسم جي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ دُنيا بہ لڳي ٿي. جتي سياست ۾ لکٹيون هڪ ٻئي سان سلهاڙيل آهن. جتي الميو ۾ مزاح گڏ هُجن ٿيون ۽ جتي سچائي افساني جي پيٽ ۾ وڌيڪ سگهاري ۽ جبر ڪندڙ هُجي ٿي. باندي بٹائيندڙن جي مٹين گُذارش، جيڪا باقي دُنيا آڏو بظاهر اڻ ٿيٽي يا نامناسب ٿي لڳي، سا ڪولمبيا اندر هرويڑ ايڏي ناممڪن بہ ناهي، ڇو تہ اُتي گارشيا کي قومي خزاني جي حيثيت حاصل آهي. مٹيون واقعو ڇڻو ٻڌائي ٿو تہ اُٺهتر سالن جي عُمر ۾ بہ، گارشيا ڪيترو سگهارو آهي ۽ اهو بہ تہ هڪ ئي وقت هو پنهنجي تخليقي ذات ۽ ڪاپي ڈُر جي سياست کي، ڪيتري نہ بهتريءَ سان رچائي ٿو. بعد ۾ جڏهن قومہ ريڊيو ۽ ٽيليويزن کوليا، تہ کين خبر پئي تہ گارشيا باندي بٹائيندڙن جي درخواست تہ پنوسٹ ئي رد ڪري ڇڏي، پر پوءِ بہ کين هُن هڪ ڪڙي صلاح اها ڏني تہ: "پنهنجن هٹيارن کي زمين ۾ دفن ڪري ڇڏيو، چهرن تان نقاب لاهيو ۽ دُنيا ۾ ظاهر ٿي، پنهنجن تصورن جو پرچار ڪريو... پر اها سڄي ڪارروائي، آئيني دائري اندر ٽيڪ ڪپي." ٿورن لفظن ۾، جڏ تہ کين حقيقت پسند ٽيڪ جي تلقين ڪيل هُئي.

گارشيا جي پريور ۽ وشال هيءَ صلاح، جيڪا هميشہ سندس هينڈن ۾ هُرندي ٿي رهي، سا درحقيقت سندس عُمر واري پهلوءَ کي پوئتي ڦٽو ٿي ڪري. ياد رهي تہ ڪولمبيا جي هڪ ٽيليگراف آپريٽر جي پَٽ گارشيا، گذريل ٽيهن سالن کان، پنهنجي "جادوئي حقيقت پسنديءَ" سان، لاطيني آمريڪا جي اندر جو آواز بلند ڪيو آهي. هُن جي ڏاڻءَ ۾ خيال ۽ حقيقت جو اهڙو تہ لاشعوري سُندر سنگم ڪيل آهي، جو اهو ڪنهن پادريءَ لاءِ پورٹتا جي حد تائين فطري ٻڌجي وڃي ٿو. جيڪو جڏهن چاڪليٽ جي بوتل پيئندي مسرور هُجي، يا جنهن وقت سڄو شهر بي خوابيءَ جي وبا ۾ ورتل هُجي، تہ بنهي حالتن ۾ هُو هوائن کان هلڪو ٿي، ماحول ۾ ترندو رهي. گارشيا جو ڪتاب "ايڪانت ۾ سؤ سال" جيڪو 1967ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو، تنهن جون ٽيهن کان وڌيڪ ٻولين ۾، ٻہ ڪروڙ ڪاپيون وڪامي چُڪيون آهن. هن اتهاسڪ تخليق ئي ڪيس، 1982ع ۾ ادب جو نوبل انعام ڏيارڻ کان سواءِ دُنيا جي ڪُنڊ ڪڇ ۾ سندس مداح پيدا ڪيا. ايتري قدر جو لبناني پبلشر 'رياض الرئيس' جي چوڻ موجب: "عرب دُنيا ۾، گارشيا مارڪئيز سيني کان وڌيڪ مقبول ليکڪ آهي. جيتوٽيڪ سندس لکٹين ۾ استعماريت جي خلاف مؤقف، ڪيس وڌيڪ مقبوليت بخشي ٿو، پر سندس ناولن ۾ سپنن جي اُٽت ۽ انقلاب جي موجود تڙپ اُتساهہ پيدا ڪري، ڪشش جو بنيادي سبب مهيا ڪري ٿي. رياض الرئيس ٻيهر چوي ٿو: "عرب پڙهندڙن جو خيال آهي، تہ گارشيا درحقيقت سندن ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچن جي نمائيندگي ڪري ٿو."

پر گارشيا جا خواب هاڻي نتيجا ۾ ماڻي رهيا آهن. سندس تخليق جي وهندڙ واهڙ منجهان، جيڪي موتي تازو سرجيا آهن، تن ۾ سحر انگيزي گهٽ ۽ حقيقت پسندي وڌيڪ آهي. تازو 'نيوز ويڪ' سان ڪيل گالهه ٻولهه ۾، گارشيا چيو ته، هُن پنهنجي بُنيادي فڪر تان ٿيڙ ڪونه ڪاڏو آهي، پر تبديل ٿيندڙ حالتن تي نظر رکندي، هو حقيقتن کي تسليم ڪرڻ سکيو آهي. هن دؤر ۾ پنهنجي مداحن جو "گابو" (گارشيا جو پيار وچان مشهور ٿيل نالو) جيڪڏهن ڪنهن ساموندي جهاز ۾ لڳل پينگهه ۾ وڃي، آسيس وٽي ۽ پنهنجي معاوضن تي گڏارو ڪندي، يادگيريون رهڙڻ شروع ڪري، تڏهن ۽ هُو ڪيس ڪجهه نه چوندا. پر هُن آرام ڪرڻ کان انڪار ڪندي، گڏريل مهيني ٽي، پنهنجي غير ادبي ڪتاب (باندي بٽائڻ جي خبر) مُڪمل ڪرڻ سان گڏوگڏ، هڪ زبردست فلم (ميٽراوڊپس) لکي پوري ڪئي، جنهن جو مهورت، ايندڙ مهيني 'ڪئنز' (فرانس) ۾ ٿي رهيو آهي. انهيءَ کان سواءِ، هن هڪ پاسي پيار جي موضوع تي لکجندڙ ٽن ناولن تي ڪم شروع ڪيو، ته ٻئي طرف صحافت تي هڪ ورڪشاپ ڪوٺرائڻ سميت، ڪيوبا ۾ ٺهندڙ پنهنجي فلمي اداري جي نگراني ڪيائين. هو ڪولمبيائي فوج جي اهڙن اڳوڻن جنرلن سان مليو، جيڪي ماضيءَ ۾ سندس دُشمن هٿا انهيءَ کانسواءِ مختلف مُلڪن جي سربراهن سان ملاقات ڪري، هلندڙ سياسي ڏڇن کي حل ڪرڻ جي سلسلي ۾ ساڻن ويچار وٺبيائين.

سوال هي آهي ته هن راج ڪويءَ کي، آخر ڪهڙي گالهه ايتري سرگرميءَ تي اُتساهي ٿي؟ انهي سوال جو اڌرو جواب اهڙ ٿيندو ته، ننڍي قد پر مضبوط جسم، بُجر مُڇن ۽ (بقول ڪنهن ليکڪ) چٽيل نڪ وارو گارشيا، دراصل خيالن، لفظن ۽ تصورن سان ڏاڍيل شخص آهي، جيڪي بار بار سندس ذهن منجهان نڪري، دنيا ۾ عمل جو روپ ٽا وٺن. تنهن ڪري هُو چُپ ڪري ويهي نٿو سگهي. بقول سندس: "جيڪڏهن مان خاموش ٿيان ته مري ويندس."

پر گارشيا جي توانائي سندس من ۾ ٻاروتڻ کان موجود عدم سلامتيءَ جي احساس سان گڏجي، مسلسل وڌندي رهي ٿي. زندگيءَ جي ابتدائي دؤر ۾ هُو هڪ اهڙي رولو ٻار واري بظاهر بي ربط هلت وچائي ويٺو، جيڪو پنهنجي اندر ۾ عام رواجي طبيعت رکندڙ هڪ ڪنوگرگو هُئو. پر اچوڪي روپ ۾ ڪيس، هر هنڌ پنهنجو پاڻ کي ضابطي ۾ رکڻو ٿو پوي. پوءِ چو نه هُو ڪنهن مُلڪ جي صدر سان ڪَن ۾ سُر ٻاڌ ڪري رهيو هُجي، يا پنهنجن دوستن جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌس باري ۾ ڪيس تاثر ٻڌائيندا رهيا آهن. گارشيا جي هڪ دوست جو چوڻ آهي: "گابو جي باري ۾ ڪابه راءِ ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. هو سڀ حق ۽ واسطا پاڻ وٽ محفوظ ٿو رکي. سنڌس چوڻ آهي ته، جيڪو به سنڌس باري ۾ اڻ وٽندڙ ڳالهيون ڪندو، تنهن کي دوستيءَ تان ئي هٽ کٽڻ جو جوکو پوڳٽو پوندو." بهرحال گارشيا پاڻ تي ته وس هلائي سگهي ٿو، پر وقت جي ويرتي قابو نٿو پائي سگهي. جيئن ئي وقت گذري ٿو ته گارشيا پاڻ تي طاري ڪيل بن وهمن جي پورائي لاءِ، ايڏا به وڌيڪ تکو ۽ سرگرم ٿيو وڃي. سي ٻئي وهم آهن. داستان گوئيءَ جي فن جي بقا لاءِ جاکوڙڻ ۽ پنهنجن قدرن ۽ روايتن کي محفوظ ڪرڻ.

انهيءَ کان سواءِ گارشيا وٽ ايڏا به هڪ اعليٰ مقصد موجود آهي. جنهن جو بنياد آهي ته، باهمي اختلافن ۾ وکوڙيل لاطيني آمريڪا جي مُلکن کي، هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي، منجهن سياسي، سماجي ۽ ثقافتي يڪجهتي پيدا ڪئي وڃي. دراصل اهو خواب سمن بوليوار نالي، اٺويهين صديءَ جي لاطيني آمريڪا کي متحد ڏسندڙ هڪ ليڊر جو آهي، جنهن جي زندگيءَ جي آخري دردناڪ ڏهاڙن کي، گارشيا پنهنجي ناول "مونجهارن ۾ قائل جنرل" (1990ع) منجهه چٽيو آهي. گارشيا پاڻ به چوي ٿو: "مون لاءِ بُنيادي نُڪتو بوليوار جو نظريو: يعني لاطيني آمريڪا کي متحد ڏسڻ آهي. اهوئي اهڙو مقصد آهي، جنهن لاءِ مان پنهنجي زندگي قربان ڪري سگهان ٿو. جيتوڻيڪ اهو سنڌس پراڻو سپنو آهي، پر 'گابو' سمجهي ٿو ته، هن علائقي جي سياست ۾ مروج پورالي سوچ جا اثر (انقلاب) ۽ ادب (جادوئي حقيقت پسندي) وڌيڪ عرصي لاءِ مناسب نٿا ٿي سگهن. هن کي اندازو آهي ته لاطيني آمريڪا، جيڪا هاڻي فوجي آمريتن کان به وڌيڪ منجهائيندڙ دؤر جي حوالي ٿي چڪي آهي؛ يعني جڏهن اصل واڳون فوجي ٽوپين بدران، نشي ۽ پئسن سان پريل ننڍين پيٽين (Brief Cases) جي قابو ۾ اچي چڪيون آهن. تڏهن وڌيڪ رومانوي ٽيڻ جي گنجائش بلڪل به ڪانهي. سياست جي حوالي سان تبديلي، فقط قانوني حدن اندر رهندي، شهري سماج اڏڻ سان ئي مُمڪن آهي. جڏهن ته ثقافتي طور تي ڪامياب ٽيڻ لاءِ حقيقت پسندي جي پرپور آجيان ڪرڻي پوندي. گارشيا مارڪئيز پنهنجي بُزرگيءَ جي پچاڙڪن ڏينهن ۾ ديوانگيءَ سان انهن ٻنهي محاذن تي لڙي رهيو آهي.

بهرحال اِها حقيقت آهي، ته گارشيا جي اندر "بوليوارائي خوابن" جي تڪميل جي تمنا، سنڌس سياست کي وڌيڪ منجهائيندڙ ۽ متضاد بڻائي چڏيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. هُو چاهي ٿو تہ، اهڙي لاطيني آمريڪا هُجي، جيڪا يڪمشت ٿي، استعماريت (هتي هن لفظ مان مطلب يونائيٽڊ اسٽيٽس آف آمريڪا ورتو وڃي) جي خلاف للڪار ٻڌجي پوي. جيئن هُو پاڻ چوي ٿو: "اسان جو اهم ترين مسئلو، سُجاٽپ جي ڳولا آهي، جيڪا پاڻ کي ايجا تائين ملي نہ سگهي آهي." ياد رهي تہ سندس ويچارن مطابق ڪيوبا انهيءَ بحران کان ٻاهر آهي. چون ٿا تہ، پنهنجي جواني ۾، گارشيا رسيد ڪنڊاڪٽر ڪميونسٽ رهيو آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ ڳالهہ جو هُو پنهنجي سر انڪاري آهي، پر 1959ع جي فدل ڪاسترو واري انقلاب کان هو ايترو تہ متاثر ٿيو هُئو، جو فورن تنهن دؤر ۾ نيويارڪ ۾ سرگرم انقلابي خابرو اداري "پرينسا لاطينا" ۾ وڃي شامل ٿيو. جيتوڻيڪ جواني‌ءَ وارين سندس خواهشن مٿان وقت جو هلڪو ڪوهيڙو ڇانئجي ڇُڪو آهي، پر ساٽس مطالعي ۾ حصيداري ڪندڙ، مڃيون ڦاسائڻ ۾ پائيوار رهندڙ ۽ آڏي‌ءَ رات ڏاري "بُل فائيٽنگ" جو مظاهرو ڏسڻ جي شوقين ۽ پراڻي انقلابي، فدل ڪاسترو سان، سندس ياري مٽو مٽي تي آهي. گارشيا مارڪئيز ورجائي چوي ٿو تہ، ڪاسترو جي دوستي ۽ سندس مهربانيون (جن ۾ ڪاسترو حُڪومت طرفان هوانا ۾ سندس بلي ڪيل وڏو بنگلو ۽ ڊرائيور سميت مهيا ڪيل مرسڊيز ڪار شامل آهن) هُن جي انصاف پسري چوند تي اثر انداز نٿا ٿي سگهن.

"نقادن جو خيال آهي تہ، 'گابو' جي سياست تي اڃ بہ "جادوئي حقيقت پسندي" جا اولڙا پيل آهن. مثال طور، جتي بہ ڪيوبا جو ذڪر ايندو، تہ گارشيا پاڻ بہ چوندي نظر ايندو: "ڪيوبا جي معاملي ۾ آڻون سندن طرفدار آهيان، ڇو تہ مُنهنجو ڪيوبا لاءِ هميشہ هاڪاري تصور رهيو آهي." گارشيا ڪيوبا ۾ نظر ايندڙ اڻ وٽندڙ حالتن، سياسي مخالفن تي ظلم، معاشي بدحالي، بلڪ تازو ڪيوبا طرفان ٻيڙين (Brothers to Rescue) جي ڪيرايل جهازن وارن معاملن تان بہ اک ترڪائي، انهن مسئلن تي ڳالهائڻ کان هترُ ڪندو آهي. هن آخري واقعي تي تبصرو ڪندي هُن چيو: "هي هڪ افسوس جوڳو معاملو آهي، ڪوبہ شخص گهٽ ۾ گهٽ ڪاستروءَ جهڙي ماڻهو کان اها اُميد نٿو رکي سگهي." ڪاستروءَ تي وڌيڪ ٽيڪا ٽپڻي‌ءَ کان لنوائيندي، هُن 'نيوز ويڪ' کي ڏسيو: "مان پنهنجا ذريعا ختم نٿو ڪرڻ گهران." پر ياد رهي تہ استعماريت تي هو پوءِ بہ ڦٽڪار ڪندي نٿو گهٽائي. توهان هن موضوع تي ڪانئس جيترو چاهيو ڳالهرائي ٿا سگهو.

اهڙا انتهاپسند خيال رکندي بہ گارشيا مارڪئيز، نظرياتي سرحدن کي پار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ کان ڪڏهن ب نٽو گهبرائي. درحقيقت انهيءَ خوبيءَ ئي ڪيس، عمليت پسنديءَ ۾ اڳتي ڪري چڏيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ڪولمبيا جو انٽليءَ ۾ سفير، گارشيا جو پراٽو دوست ۽ هاٿي ڪاسترو جو سخت مخالف، "پلينيو اپوليو مينڊوزا" چوي ٿو: "منجهس ايتري ته زبردست چترائي آهي، جو انهيءَ جي ڪري، هُو مختلف ماڻهن سان هڪ ئي وقت پاڻ کي سئي وهنوار ۾ رکي سگهي ٿو، اها خوبي ڪيس سودمند شخص بٽائڻ ۾ مدد ٿي ڪري." جيتوٽيڪ ڪيوبا جي معاملي ۾، هُو ڪاسترو بابت لنوائي ٿو، پر جمهوري عمل کي موقعو ڏيڻ بابت، هُن پنهنجن خيالن کي واضح ڪندي، سياسي آزادين جي گهر ڪئي آهي. تنهن کان سواءِ حُڪومت مخالف ليکڪن کي، ڪيوبائي جيلن منجهان ڪيرائڻ لاءِ ب، هُن ڪوششون ورتيون آهن. جن منجهان خاص طور تي، "نور برتو فيونٽيز" نالي ڪيوبائي قيدي ادیب جي آزاديءَ ۽ 1994ع ۾ ميامي (آمريڪا) ۾ سندس رهائش لاءِ، محفوظ مُسافريءَ جي سلسلي ۾ سندس ادا ڪيل ڪردار کي نظر انداز نٽو ڪري سگهجي. اها بي ڳالهه آهي ته فيوتيز گذريل مهيني پنهنجي لکيل هڪ مضمون ۾، گارشياکي "آمر جو سنيهو آٽيندڙ" جي نالي سان ياد ڪيو آهي.

ميڪسيڪو جتي گارشيا کي هاٿي رهندي ڇهه مهينا گُذري چڪا آهن، اُتي نه چاهيندي ب، مٽائنس (هاٿي بي عزتو ڪري لاٽل) اڳوٽي لبرل سوچ رکندڙ ۽ سڌارا چاهيندڙ صدر 'ڪارلوس سالیناس دي گورتاري' جو اعتماد ٽي ويو. انهيءَ پس منظر ۾، جڏهن ڪانئس ميڪسيڪو ۾ 'زاپاتيستا' هاري باغين جي تحريڪ هلائيندڙ اڳواڻ ۽ گارشيا جي زبردست مداح "مارڪوس" لاءِ، حُڪومت طرفان ڪنهن امڪاني پيغام بابت پڇيو ويو، ته هُن تبصرو ڪندڇيو هُئو: "هاٿي پراٽي نموني جي انقلابن جو دؤر ختم ٿي چُڪو آهي، تنهن ڪري باغين جي لاءِ بهتر اهو ٿيندو ته هُو پنهنجا ٻيڑا پاڻ جوڙڻ جي ڪوشش ڪن ۽ پنهنجا اُفق پڻ پاڻ ئي تلاش ڪن." جهوني ادیب طرفان اهڙو اڻڪو جواب ملڻ ڪانپوءِ، مارڪوس کو وقت ته جهنگل ۾ پنهنجي پناه گاهه ۾ آروڪيون وينو رهيو.

گارشيا مارڪئيز جي سياسي اڻسر بابت، ٻيون ب ڪيتريون واضح نشانيون آهن. مثال طور، آمريڪا تي پنهنجي ايذائيندڙ تنقيد جي ڪري، ڪيس ڪيترائي ورهيه ويزا نه ملي سگهي، پر پوءِ ب تازو جڏهن هُو آمريڪا آيو ته سندس دؤل تبديل ٿيل هُئو. جڏهن هڪ رپورٽر کانئس پڇيو ته ڇا اهو دُرست آهي، ته آمريڪا جا مُفاد، سدائين لاطيني آمريڪا جي سچي پچي ثقافتي ترقيءَ جي راهه ۾ رُڪاوٽ بڻيا رهندا؟ ته هُن ٺٺولي ڪندي چيو: "زماني جاپنهنجا رنگ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. دُنيا ترقيءَ سان گڏ متبي رهي ٿي." 'گابو' کي 1994ع ۾ بل ڪلنٽن سان ماني کائڻ جو موقعو مليو. جتي ملاقات کان پوءِ، صدر جي ڄاڻ جي دائري ۾ ڪيترائي معلومات لاءِ سندس مستقل دلچسپيءَ وارين خوبين بابت، سارا جا ڏُک پريندو موٽيو. (پر صدر ڪلنٽن جي سڃاڻائپ سندس انا کي ڪو جھٽڪو نہ ڏنو، ڇاڪاڻ جو ملاقات ۾ صدر جي ڏيءَ چيليسا کيس ڏسيو ته هو سندس پسنديده ليکڪ هُئو.) ڪولمبيا ۾ پڻ گارشيا پُراڻين بندشن کي ٽوڙي ڇڏيو آهي. اپريل جي مُنڊ ۾، هُن کيس پندرنهن ساڻاگ جلاوطن ڪندڙ جنرلن جي گروهه منجهان، پن ڇٽن سان ملاقات ڪئي. فوج بابت سندس من ۾، ڏکار پريي سوچ جي پس منظر کي ذهن ۾ رکندي، گارشيا جي ذوستن سمجهيو پئي، ته فوجي جنرلن سان سندس گڏجاڻيءَ ۾ ڏاڍي ڏکي صورتحال پئدا ٿي هوندي. پر گارشيا انهيءَ گڏجاڻيءَ تي پاڻ کي ڏاڍو سُرخرو پئي سمجهيو، ڇو ته هن انهيءَ موقعي کي، نئين حقيقت پسنديءَ سان پئي پيٽيو. انهيءَ ڏس ۾ هُن رسالي "ڪامبيو 16" جي ڪولمبيائي ايڊيشن ۾ لکيو: "مان اختيار جي مختلف روپن کان، فقط لکڻ جي حد تائين نہ، زندگيءَ ۾ ب تمام گھٹي موهنا رکان ٿو. اختيار سان مُنهنجي واسطيداري، جڏ ته منهنجي هڪ انسان واري فطرت جو اڻ ٽٽ حصو آهي."

هونئن ب گارشيا وٽ، گھٹو موه سياست لاءِ نہ پر، طاقت يا اختيار لاءِ آهي. سندس ناول ظالمن، پاڻ هُرتڙن ۽ فولادي عزم رکندڙ، اجيت ويڙهو ڪردارن سا ڏٽيل آهن. ايتري قدر جو پنهنجي تازي ڪتاب "باندي بٹائڻ جي خبر" ۾ نشي جي واپارين جي تنظيم "ميديلن" جي اڳوڻي سربراه، "پابلو ايسڪوبار" لاءِ گارشيا ڏاڍي الفت ڏيکاري آهي. هن لکيو آهي: "ڪولمبيا جي تواريخ ۾، عام راءِ متاثر ڪرڻ لاءِ ڪوب شخص پنهنجي صلاحيتن جو، ايترو زبردست مظاهرو نہ ڪري سگھيو هُئو، جيترو هُن ڪري ڏيکاريو. ڪنهن ب شخص وٽ، هُن جيتري بدعُنوانيءَ ڪرڻ جي اٽاه سگھ ڪانہ هُئي. طاقت لاءِ ايڏي ڪشش جو اندازو، گارشيا طرفان ڪلنٽن، سالينوس، ڪاسترو ۽ مترن سميت بي پناه اختيار رکندڙ شخصيتن منجهان، تمام گھٹو متاثر ٿيڻ جي صورت ۾ آسانيءَ سان لڳائي ٿو سگھجي. ايتريقدر جو هُو ته پنهنجي طاقت جي سحر ۾ ب، جڪڙجي ڇُڪو آهي. ڪيس اندازو آهي ته، سندس ذات جو داٻو، هُن جي دلچسپ شخصيت جي ڪري نہ، پر شُهرت جي اثر جي طُفيل آهي. جنهن ڳالهه جو اظهار ڪندي، هُو چوي ٿو: "جيڪڏهن توهان جا ايڏا گھٹا ڪتاب نہ وڪامن، ته جيڪر ماڻهو اوهان کي ليکين ئي ڪونہ. جنهن شخص

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي شهرت آهي، تنهن جو هڪ خاص ڪردار پڻ آهي... چاڪاڻ ته ماڻهو ڪيس ٻُڌن ٿا ۽ سندس چگي ساک پَت پڻ هُجي ٿي."

گارشيا مارڪئيز، لالچ جي حد تائين طاقت جو حصول چاهي ٿو، پر لڳي ايئن پيو ته، طاقت لاءِ وٺس ايڏي ڪشش جو بُنيادي سبب، پنهنجي "بوليورائي خواب" جي تڪميل ۾ لکل آهي. سندس خيال ۾، لاطيني آمريڪا جي اتحاد جو راز روايتي سياست ۾ نه، پر پاڻ مرادو اُسريل، هڪ وسيع ثقافت منجهه موجود آهي. انهيءَ ڏس ۾ داستان گوئيءَ جو فن ڪا اجائي وٺُ ناهي. هن جو چوڻ آهي، ته جيڪڏهن لکندڙ پنهنجي علائقي جي حقيقتن کي پڏرو ڪن، ته کين نه رڳو من موهيندڙ آکاڻين کان آگاهي ٿيندي، پر هُو اهڙن مسئلن کي به نروار ڪري سگهندا، جن تي زبردست محنت ڪرڻ جي ضرورت آهي.

گارشيا جي آڏو حقيقت پسند ٿيڻ رڳو عوامي خدمت ئي ناهي، پر حقيقت ۾ اهو ته تخليقي نواڻ پاڻڻ لاءِ، هڪ بهتر سلسلو به آهي. سندس هڪ دوست جو خيال آهي: "هُو پنهنجو پاڻ کي للڪاريندو رهندو آهي. مان سمجهان ٿوته گارشيا هاڻي انهيءَ نقطئ نظر تي اچي بيٺو آهي، جوهُو سوچي ٿو ته: "جيئن ته جادوئي حقيقت پسنديءَ ذريعي مون پنهنجي سُڃاڻپ ڪرائي ورتي آهي، انهيءَ کان وڌيڪ مان ٻيو ڇا ڪريان. انهيءَ حاصلات جي ڪري هاڻي منهنجو تخليقي عمل ڪڏهن به ماڻو نٿو ٿي سگهي!"

اهوئي سبب آهي جو صحافت ڏانهن مسلسل سندس موٽ، هڪ بهتر جواب ٿي سگهي ٿو. جيتوڻيڪ گارشيا مارڪئيز، اتهاس ۾ پنهنجن ناولن جي ڪري ياد ڪيو ويندو، پر هُن جي لاءِ صحافت به ادب جيتري اهميت رکي ٿي. 1950ع جي ڏهاڪي ۾، جڏهن هُو 'بگوٽا' منجهان نڪرندڙ روزاني اخبار "ايل- ايسپيڪٽادور" ۾، خاطوءَ جي حيثيت۾ نوڪري ڪندو هُئو، ته پنهنجين رپورٽن منجهه هو لاڳاپيل معاملي بابت، ذري پُرزي جي خبر به درج ڪندو هُئو. ساڳيوطريقو هُن "باندي بٽائڻ جي خبر" نالي، پنهنجي تازي ڪتاب ۾ اختيار ڪيو آهي. هُن انهيءَ رٽا لاءِ، هڪ سال جو مدو مقرر ڪيو هُئو، پرڪم ڪندي اها ٿي سال وٺي ويئي. هيءُ ڪتاب سندس 49 سالن جي ڪم ڪار ۾، سيني کان ڏکهي ۽ سڏي سٽين رپورٽ تي ٻڌل آهي. تنهن ۾ تفصيلوار انهن نون اغوا جي واردات جا تفصيل ڏنل آهن، جن منجهان فقط هڪ ۾ صحافي ملوث آهن. اهي واردات 91 ۽ 1990ع ۾ تڏهن ٿيون‌جڏهن نشي جي وڏي سمگلر 'پُبلو ائسڪو بار' پنهنجي مطالبن جي مڃتا لاءِ حُڪومت کي جهڪائي وڌو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪتاب جي ڪاميابيءَ سان وڪامجڻ جي باري ۾، گارشيا اڪثر ڪري ڳالهائيندي نظر ايندو آهي. بقول سندس، هن ڪتاب ۾، واقعا ايترا ته غير معمولي طرح سان بيان ٿيل آهن، جو ڪيس هيءُ ڪتاب پنهنجن ٻين سيني ناولن جي پيٽ ۾ اهم ٿو لڳي. پر گذريل هفتي جي اچرج جوڳي صورتحال (جنهن جو تفصيل مضمون جي منڊ ۾ ڏنل آهي) کان پوءِ، انهيءَ سلسلي ۾، وڌيڪ ڪير بحثا بحثي ڪري ٿو سگهي؟ ڪتاب جي ڪولمبيائي چاپيندڙ جو چوڻ آهي، ته جيئن ته هيءُ ڪتاب مُلڪ جي سڀ کان وڏي مسئلي تي، دُنيا جي بهترين ليکڪ جي ذهن مان سرجي نڪتو آهي، تنهن ڪري ماٺهو وڏي پئماني تي ڪتاب خريد ڪندا. پر ايندڙ سال جي شروع ۾، ايندڙ انگريزي ايڊيشن بابت، ڪابه اڳڪٿي نٿي ڪري سگهجي. سندس دوست سيني ڳالهين کي پاسي رکندي، مُلڪي ثقافت جي بهتر انداز ۾ نمائيندگي ڪرڻ تي، ڪيس واڪاڻين ٿا. گارشيا جو ويجهو دوست ۽ ميڪسيڪو جي ٽيليوزن تي ڪم ڪندڙ صحافي "ايڊگمينيوا بارا" چوي ٿو: "هڪ دفعو ٻيهر، گارشيا هڪ اهڙي تخليق اسان کي ڏني آهي، جنهن کي پڙهندي تجسس منجهانس، دل تڪڙ ۾ ٻيو صفحو ورائڻ تي زور ٿي ڏئي."

پر ورق نہ رڳو ڪتاب جا، پر گارشياجي زندگيءَ جا به اُٿلندا ٿا رهن. جيئن ئي سندس ڪتاب مارڪيٽ ۾ پهچندو، ته هڪ هفتي کان پوءِ فرانس جي شهر 'ڪينز' ۾، هُن جي لکيل ڪهاڻيءَ تي ٻڌل، هڪ فلم "Oedipus the mayor" فلمي ميلي ۾ پيش ڪئي ويندي. هيءَ فلم، جيڪا ڪولمبيا جي ئي هڪ هدايتڪار "جارجي علي ٽريانا" تيار ڪئي آهي، تنهن ۾ "سو فوڪليس" جي مشهور المي قصي کي، ڪولمبيا جي هڪ قديم شهر جي نسبت سان، ٻيهر ٻڌايو ويو آهي. زبردست تشدد سان ڀرپور هن فلم ۾، ڪوبه هيرو ڪونهي. چاڪاڻ ته فلم ۾ هڪ پادريءَ جو ڪردار به اهڙو آهي، جنهن ۾ هو هڪ نوجوان گوريلي کان بندوق جي زور تي ڏوهه باسرائي ٿو. جيتوڻيڪ فلمي حوالي سان، گارشيا مارڪئيز جا اڳيان سڀ تجربا نُڪ ناڪام ثابت ٿيا آهن، پر هن فلم ۾ بهترين هدايتن،فلم ناهڻ جي لاجواب هُنر ۽ ڪامياب اداڪارن جي صلاحيتن جي مُناسب استعمال سبب، هن ٻيري فلم جي ڪامياب ٿيڻ جا سُٺا امڪان آهن. ياد رهي ته، فلم ۾ "اوڊيپس" جو ڪردار، ڪيوبا جي زبردست فنڪار ۽ فلم "اسٽرابيري اينڊ چاڪليٽ" جي هيري، 'جارجي پروگوريا" ادا ڪيو آهي. فلم جي هدايتڪار، 45 ورهين جي 'ٽريانا' جو خيال آهي، ته هيءَ فلم، فلمي دُنيا ۾ زبردست اُپار ڪٽي، لاطيني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آمريڪا کي جنگ ۾ اها حيثيت مُهيا ڪندي، جيڪا ڪيس گارشيا واري ٿهيءَ جي مُهابي، ادبي دُنيا ۾ حاصل آهي. هُو چوي ٿو: "فلمي ڪيتر ۾، اسين هالي ووڊ يا يورپ جي ذريعي نہ، پر پنهنجي محنتن ۽ صلاحيتن جي ذريعي سُجاٽپ چاهيون ٿا."

فلمون ٺاهڻ، گارشيا جي زندگيءَ جي معمول جو اڻ ٽٻ حصو آهي. انهيءَ ڏس ۾، هو انا ۾ ٻارنهن سال اڳ پنهنجي قائم ڪيل اداري، "انسٽيٽيوٽ آف لئٽن آمريڪن فلمز" ۾، فلمز لاءِ مسودا لکڻ جي فن تي ٽيندڙ سيمينارن ۾، سال ۾ هو ڪٽين دفعا وڃي پڙهائيندو ۽ سيکاريندو آهي. هن اداري جو مقصد اهو آهي تہ، علائقي جا اڻ ڏُريا فلم ٺاهيندڙ، هڪ جاءِ تي گڏ ٿي، پنهنجن ڪاوشن ۾ واڌارو آڻين. انهيءَ سوچ جاهاڻي نتيجا ٻ پڌرا ٽيڻ لڳا آهن. مثال طور: "اوڊيپس دي ميئر" جي پروڊيوسر 'جارجي سانچيز' سميت ڪيترا ٻيا ماڻهو، هن اداري جا گريجوئيٽ آهن. نج اداراتي سرمايي ٿي هلندڙ هن اداري جي مالي مدد لاءِ، گارشيا، آمريڪا، جاپان ۽ يورپ منجهان ڪانئس انٽرويو ڪندڙ ٽيليوزن وارن کان، ڳالهہ ٻولهہ جي فيي، پنجاهہ هزار ڊالر طلب ڪندو آهي. جيڪي پئسا گڏ ڪري، هُو سڌو سنئون هن ڪيوبائي اداري کي موڪلي ڏيندو آهي.

پر گارشيا انهن سيني کان وڌيڪ، نئون ۽ عزم رکندڙ ٻيو ادارو، "School with out walls" (ٻتين بنان اسڪول) گذريل سال قائم ڪيو آهي. جتي لاطيني آمريڪا جي سيکڙاڻ صحافين کي، تربيت ڏني ويندي آهي. اسپيني ڳالهائيندڙ آمريڪي صحافين جي تربيت لاءِ ڪم ڪندڙ هيءُ ادارو، جن صحافين کي پاڻ وٽ گهرائيندو آهي، تن جي عمر اڪثر ڪري ٽيهن ورهين کان گهٽ هوندي آهي. ڇاڪاڻ جو انهيءَ عُمر ۾، هُو اڃا تائين روايتي صحافتي جهڳڙا بازيءَ جو شڪار نہ ٿيا هوندا آهن. سندن تربيت دؤران، ڪين اهڙن سيمينارن ۾ ويهاريو ويندو آهي، جتي جيڪي معاملا ۽ موضوع بحث هيٺ آندا ويندا آهن، سي عام طور تي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ڪونہ پاڙهيا ۽ سيکاريا ويندا آهن. انهن موضوعن ۾، داستان گوئي ۽ اخلاقيات وغيره، اچي وڃن ٿا. هن معاملي تي ڳالهائيندي گارشيا مارڪئيز چوي ٿو: "اسان جا ڇوڪرا رابطائي ۽ اطلاعاتي ادارن منجهان رڳو رٽا هٿي ايئن ٿا پاس ٿي نڪرن، جيئن انجنيريءَ ۽ ڊاڪٽريءَ جا شاگرد هوندا آهن. ڪين اخبار هلائڻ، يا جاري ڪرڻ جي ڪا خبر ڪانہ هوندي آهي. تنهن ڪري هتي اچي، ڪين عملي سکيا پڻ ملي ٿي." فقط هن سال انهيءَ اداري 24 ورڪشاپ ڪرايا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، جن ۾ ٻارنهن نامياڑن عالمن ۽ صحافين شرڪت ڪئي. ڪين گارشيا پاڻ درخواست ڪري گهرايو. سيمينار ۾ شريڪ ٿيندڙن منجهه "انسوسيئيٽڊ پريس" جو خاطو ۽ لبنان ۾ ڊگهي عرصي تائين باندي رهي، مشهوري ماٿيندڙ "ٽيري انڊرسن" ۽ شامل آهي. ياد رهي ته ڪيس خطرناڪ رپورٽنگ ڪرڻ جي پاداش ۾، بند جا ڏينهن ڏسڻا پيا. پر چئن سيمينازن ۾، گارشيا پاڻ مُڪ مهمان جو ڪردار ادا ڪيو.

جيتوڻيڪ اهي ورڪشاپ ڏسڻ ۾ سادڙا نظر ايندا آهن، پر انهن جي ذريعي گهرا پيغام پهچايا ٿا وڃن. جن جو بنيادي مطلب اهو هوندو آهي ته: لاطيني آمريڪا ۾ تبديليون، جڙ ڪان (Redical) اچڻ کپن، پر ايئن ڪرڻ کان اڳ، ضروري آهي ته، اداري سازيءَ جي، انتهائي ڪٺن مرحلي کي طئ ڪجي. هڪ دفعي گهرايل ورڪشاپ کي خطاب ڪندي، گارشيا جي ويجهي سنگتيءَ ۽ مئڪسيڪو ۾ جمهوريت جي پختگيءَ لاءِ، بنيادي ڪم ڪندڙ مئڪسيڪو جي مشهور ليکڪ، "ڪارلوس فوئنتيس" چيو: "ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن سلسلي جي ابتدا، مارڪوس وانگر جهنگل ۾ بيهي للڪارڻ سان ٻ ڪري سگهجي ٿي. پر هن دؤر ۾ تڪميل فقط، وڏن نظرين جي سهاري ئي نڀي ٿي سگهي. مُڪمل ڪاميابيءَ جي لاءِ، اسان کي عمل ذريعي ئي پنهنجي قابليت کي ثابت ڪرڻو پوندو." ڪنهن شخصيتن جو خيال آهي ته، گارشيا اهو ادارو، انتهائي مُناسب وقت تي جوڙيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ مئڪسيڪو جي ڇاول ۽ هاڻي "دي نيو يارڪر" ۾ ڪم ڪندڙ صحافيءَ ۽ دانشور "الماگوئلرمو پوريتو" چوي ٿو: "هن سمي جڏهن آمريت جو داٻو ختم ٿيو آهي، تڏهن ماڻهو سمجهن ٿا، ته ڪنهن ٻ مهذب سماج اڏڻ لاءِ، جن لوازمات جي ضرورت آهي، سي موجود ڪونهن. انهيءَ ڪري صحافت جيئن ته هڪ اهم جُز آهي، تنهن ڪري هن رُخ ۾ پيش قدمي لازمي طور تي ٿيڻ کپي."

نيوز ويڪ سان لاڳاپيل عيوضين، جڏهن هن اداري جي عمارت "ڪارتاجينا" ۾ مُلاقات ڪئي، ته هُو نوآبادياتي دؤر جي سهڻي نموني سان مرمت ڪيل عمارت جي هڪ ڪمري ۾ ميز جي پويان ويٺل هُئو، جتي سندس آسپاس 12 نوجوان صحافي پڙهي رهيا هُئا. جيتوڻيڪ هڪ طرف سڄي هفتي کان ونڊي، سندس ڪتاب ڇاپيندڙ اداري جو مالڪ، ڪتاب ۾ آخري دُرستگين لاءِ ڪيس ليلائي رهيو هئو، ته ٻئي طرف سندس فلمي ٽيمر مئڪسيڪو ۾ سندس اوسيئڙو ٿي ڪيو، ته جيئن سندس موجودگيءَ ۾ آخري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڊيٽنگ ٽي سگهي. هوڏانهن ڪيوبا، ڪولمبيا ۽ ميڪسيڪو ۾ هلندڙ سياسي بُحران پڻ، سندس توجهه جا طلب گار ٿي لڳا. پر هو هتي فرنو ٽيو ڊاڙو ٽڪاءُ ڪري رهيو هُئو ۽ ٽن ڏينهن کان جاري ورڪشاپ جي آخري مرحلي تي، هڪ اهڙي بحث ۾ مصروف هُئو، جنهن ۾ هر ڪنهن کي پنهنجي ڪُلي راءِ رکڻ جي آزادي مليل هُئي. انهيءَ محفل ۾، گارشيا مختلف صحافين جي پيش ڪيل تحريرن جو تنقيدي جائزو وٺڻ کان پوءِ، نهايت لچاري انداز ۾ شڪايت ڪئي، ته سندس ڪتاب "باندي بٹجڻ جي خبر" منجهان پيش ڪيل هڪ ٽڪري تي، ويٺلن منجهان ڪنهن به نه ڳالهايو. گارشيا جي انهيءَ شڪايت کان پوءِ، ويٺل صحافين لڇ کي پاسي رکندي، مٺس سوالن جو مينهن وسائي ڇڏيو. جواب ۾ گارشيا مارڪئيز، نهايت باوقار، سُلجهيل انداز ۽ عالماڻي طريقي سان کين مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳو رهيو. جڏهن ڪانئس انهيءَ سلسلي ۾ پڇيو ويو، ته هُن وراڻيو: "ٽئين ٽهيءَ سان مُنهنجن لاڳاپن جي، مون آڏو وڏي اهميت آهي. انهيءَ سان مون ۾ ڏيرج اڇي ٽو ۽ صلاحن تي عمل ڪرڻ لاءِ ويچارڻ جو موقعو ملي ٿو." سچ ته اهو آهي ته، اهڙي محفل ۾ ويهندي، گئبريل گارشيا مارڪئيز کي، اڄ به ڪُجهه ڪلاڪ سحر پريي ماحول ۾ ويهڻ جو موقعو نصيب ٿئي ٿو.

(نيوز ويڪ 6 مئي 1996ع جي پرچي تان ورتل.
مرتب: بروڪ لارمر، ٽمر پٹجيٽ ۽ ڊيوڊ اسڪريبرگ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي کتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نسُل" نالي کتاب لکي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ جي کوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ جٽيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، پَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪاڪُو، پاڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "**پڙهندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (**پَنَ**) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن کو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري **پَنَ** جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ٻِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙهَا، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا **پَنَ** بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي

سگھن ٿا. ٻين لفظن ۾ **پَنَ** کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي ته **پَنَ** جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي ته ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي ٻ ٿِين. اهڙي حالت ۾ **پَنَ** پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. **پَنَن** پاران ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو ٻ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو ته پلي ڪمائي، رُڳو **پَنَن** سان اُن جو ڪو ٻ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٽائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ جاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن ٻ رُڪاوٽ کي نہ ميجن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ ٻرِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ ٻرِ جڻ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَٽي، هي بَمر- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رڦ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڀاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڪو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڀاڻڻ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽلَ گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڏ وڏ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا پاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

پڙهندڙ نَسُل ـ پَ نَ The Reading Generation

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي پوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پٽ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو ته تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي پوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي پوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ نايابورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آساني سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو سات نيائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book